
اسپارٹیکس

ہاورڈ فاسٹ

پرویز



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

عظيم رومي سلطنت جي خلاف غلامن جي
عظيم بغاوت تي مشتمل هڪ شاهڪار ناول

اسپارٽيڪس

(ناول)

Spartacus

Howard Fast

هاورڊ فاسٽ

پيرويز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدر آباد سنڌ.
1998ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سؤ ارڙهن

چپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڈو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

چپيندڙ الڪادر پرنٽنگ پريس ڪراچي.
ڪمپيوٽر ۾ بشير جمالي
پهريون ايڊيشن آگسٽ 1998ع

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

Spartacus (Novel) Written By HOWARD FAST. Translated by PARWEZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition August

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اربنا

پنهنجي پياري دوست منگهن لال شرما کي هي ڪتاب
ارپيندي دلي سڪون پيو محسوس ڪريان، جنهن منهنجي
ٻڏندڙ ٻيڑيءَ کي سهارو ڏيئي ڪناري تي پهچائڻ ۾
منهنجي وڏي مدد ڪئي ـــ

پروبز

پنهنجي پاران

زندگي فقط هڪڙو پيرو ملي ٿي. زندگي ڪيئن گذارجي؟! اهو هڪ اهم سوال آهي. دٻ ميڊيا جي ڪري دنيا هينئر ٻنهه سوڙهي ٿي پئي آهي. لنڊن هجي يا ٽوڪيو، نيويارڪ هجي يا پيڪنگ، لاهور هجي يا دريا جي پچاڙ ۾ جهنگيسر جو تڙ، پر دٻ دنيا کي ايترو ته سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي، جو ائين ٿو لڳي ته جڻ اسان، سمورن کنڊن جا ماڻهو ڪنهن هڪڙي ٿي وڏي پائپ ۾ رهيا پيا هُجون ۽ صبح کان شام تائين ٽيندڙ هر چُرپر جي اسان کي خبر پئجيو وڃي ٿي. تنهن ڪري هِن کان اڳ ۾ جن به ماڻهن پنهنجي زندگي حالتن جي وهڪري جي حوالي ڪرڻ بدران پنهنجي ڍنگ سان گذاري ۽ بهادري، جرئت، علم، عقل ۽ ڏاهپ سان حالتن کي بدلائي پنهنجي مُطيع ڪيو ۽ پنهنجي پويان سندن ناهيل زندگي گذارڻ جي گس جا سنگِ ميل ڇڏيا، اُهي ۽ اُهي ماڻهو جيڪي اڄ به ساڳئي طريقي سان حالتن جي وهڪري ۾ وهڻ بدران حالتن سان مقابلو ڪندي نظر اچن ٿا، سي سمورا ماڻهو اسان جي سامهون آهن. هائي اِهو اسان تي منحصر آهي ته اسين پنهنجي زندگي ڪهڙي ڍنگ سان گذارڻ چاهيون ٿا. اڳ ۾ ڪنهن شخصيت طرفان ڏسيل طريقہ حيات جيان، موجوده ڪنهن اڳواڻ طرفان ڏسيل واٽ تي هلندي يا مرڳو پنهنجي الڳ جوڙيل واٽ تي هلندي. ڇو ته ڪلهوڪي ڏسيل واٽ ۾ اڄ نئين دؤر جي تقاضائن مطابق ڪن شين جا واڌارا ڪرڻ ۽ ڪي شيون خارج ڪرڻ ضروري ٿيو پوي ٿو. ڪيئن به هجي، بهرحال، زندگي گذارڻي پوي ٿي ۽ زندگي گذريو وڃي ٿي.

ڇا زندگي رڳو پنهنجي لاءِ ٿي گذارجي؟ ها گذاري سگهجي ٿي. اهو ڪو ڏوهہ ڪونهي. پر ڇا فقط اِهائي زندگي آهي جيڪا پنهنجو پاڻ لاءِ ٿي گذارجي؟! ڪنهن اردوءَ جي شاعر ڇا ته خوب چيو آهي:

'جو ڪسي ڪے ڪام نہ آئے وہ زندگي ڪيا ہے

جن ماڻهن پنهنجون زندگيون، پاڻ مان نڪري، ٻين کان گذاريون، سي ماڻهو، پنهنجي جيئري ته جيئرا رهيا پر موت به کين ماري نه سگهيو آهي ۽ جُڳن پڇاڻان اڄ به اُهي ماڻهو ياد ڪندڙن جي دلين ۽ زبان تي پنهنجي قول ۽ فعل سان نروار ۽ پڌرا ٿيا موجود ٻيٺا آهن. موسيٰ کان مارڪس تائين، سڪندر کان هٽلر تائين، ماڻو کان فاضل راهو تائين سيني عظيم ماڻهن زندگي گهاريو جو هڪڙو پيچرو ٺاهيو ۽ ان تي هلي جهجن ماڻهن جي پلي خاطر پنهنجون زندگيون گذاري ڇڏيون. جن ماڻهن گهٽن ماڻهن جي پلي جي ڀَالهه ڪئي ۽ جن ماڻهن انهن جي مخالفت ڪئي، ٻنهي ترين کي تاريخ پنهنجي ورقن ۾ جاءِ ڏني آهي. **اسپارٽيڪس** به تاريخ جو حصو آهي.

روءِ زمين تي جڏهن کان ذاتي ملڪيت جو تصور قائم ٿيو آهي تڏهن کان وٺي ڏاڍي ۽ هيٺي جي وچ ۾ زور آزمائي شروع ٿي آهي، ۽ اها زور آزمائي اڄ سوڌو جاري آهي. ڪڏهن مَٽِ ماڻيءَ تي ته ڪڏهن ماڻي مَٽَ تي، پر اِهو جهيڙو شروع کان وٺي اڄ تائين جيئن جو تيئن جاري آهي. ها البت انهي جهيڙي جي شڪل مختلف جاگرافيائي حالتن، مختلف ماحولياتي اثرن ۽ مختلف ادوارن ۾ مختلف جاين تي مختلف نموني جي هوندي آهي. **اسپارٽيڪس** به اِنهيءَ ئي جهيڙي جو هڪڙو ڪردار آهي.

اڳوٽي زماني ۾ رڳو فرد يا ڪٽنب (مرد توڙي عورتون) غلام هوندا هٿا. انهن غلامن جو اولاد پڻ غلام ٻڌبو هو. جهنگلي ماحول ۾ جهنگلي قبيلا رهندا هٿا. سڄي ڪار وهنوار جو دارو مدار طاقت تي هوندو هو. "جيڪو ڏاڍو سو گابو" جي اصول تحت ڏاڍا ڪمزورن کي غلاميءَ جا طوق ڳچين ۾ پايو، مس زنده رهڻ جيتري وِري (راشن) تي ڪانئن جبري پورهيو ڪرائيندا هٿا، ڪائيون ڪوٽرائيندا هٿا، زمينون آباد ڪرائيندا هٿا، پاڻيءَ جا جهاز هڪلرائيندا هٿا. آکاڙن ۾ کين ڪتن جيان ويڙهائيندا هٿا، وٽانئن پنهنجون جنسي خواهشون پوريون ڪرائيندا هٿا ۽ ٻيون به گهٽيون عقوبتون ٽيندیون هيون هيٺن ۽ غلامن سان.

اسپارٽيڪس به اهڙي ئي ماحول جي پيداوار هو.

پر چا اِهي ڀَالهيون رڳو پراڻي زماني جون آهن؟ چا اڄ جو معاشرو اهڙين غير انساني ۽ غير اخلاقي بدعتن کان آجو آهي؟ چا اڄ جو ڪمپيوٽر

اڄ وارو زمانو ايائي هزار سال اڳ واري وحشتن، بربريتن، ظلمن ۽ ڏاياڻين کان پاڪ آهي؟

آ دعويٰ سان چوان ٿو تہ ايائي هزار سال اڳ جنهن روم ۾ غلامن سان جيڪي ڏاياڻيون ٿينديون هُيون ۽ جن جو ذڪر اسپارٽيڪس ناول ۾ آهي، سي اڄ واري سڌريل (Civilized) دؤر ۾ بہ سنڌ ۾ موجود آهن ۽ انهن ۾ ڪو گهٽو فرق ڪونهي. جيڪڏهن ڪو فرق آهي تہ اِهو تہ اڄ پاڻ اڳوٽي کان وڌيڪ مصيبتن ۽ وحشتن ۾ واڌارو ٿيو آهي. اڳي رڳو فرد غلام هٿا ۽ هينئر تہ طبقا، قومون ۽ سڄا سارا ملڪ جا ملڪ غلام آهن. ڇا سنڌ جو هاري طبقو وڏيرن ۽ جاگيردارن وٽ غلام ناهي؟ ڇا خرڪارن وٽ مسڪين پورهيت غلام ناهن؟ ڇا ميرن ۽ پيرن جي گهرن ۾ ڪم ڪندڙ شيدي خادم ۽ خادمائون نسل در نسل انهن وٽ غلام ڪونهن؟ ڇا حويلين جي مکيہ گيٽ تي بينل شيدي ۽ بناڻ دربان حويلين اندر رهندڙ ديرن (جن تان بظاهر نر پکي پيو هڪلبو آهي) جون ڪي بہ خواهشون پوريون نہ ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهن ٿا؟ ڇا ڪنهن گلاب جي ٽڙندڙ مُکڙي جهڙي نازڪ ناريءَ سان گينگ ريپ (اجتماعي لڇالت) جو وجود ختم ٿي ويو آهي؟ ڇا روزانو ڪاروڪاريءَ جي اڏيءَ تي نازڪ نارين ڪونہ ڪُسي رهيون آهن؟ ڇا وڏن ماڻهن جي حويلين پرسان سندن اجهي ۾ وينل جهوپڙين جي قطار هڪ نجي چڪلي ۽ روپ ڪونهي، جنهن ۾ رهندڙ نوجوان عورتن کي اُهي "وڏا ماڻهو" پنهنجي معزز مهمانن اڳيان پيش ڪندا آهن؟ ڇا اڄ جا ٽاٽا آڪاڙا بٽيل ڪونهن، جتي وڏيرا بچون ڪري غريبن جون ڪلون لاهراٽيندا آهن؟ ڇا سنڌ ۾ بہ دنيا جي گهٽن حصن وانگر لؤنڊي بازي اوتري عروج تي ڪونهي جيتري ايائي هزار سال اڳ روم ۾ هئي؟ ڇا سرنديءَ وارا اڄ بہ چار چار شاديون ۽ اڻ ڳڻيون سُرتيون ڪونہ ٿا رکن؟ ڇا مجموعي طرح سنڌي قوم پنجاب وٽ غلامُ ۽ پناهگير حملہ آورن وٽ يرغمال ڪونهي؟ ڇا پاڪستان هڪ ملڪ جي حيثيت ۾ آمريڪا وٽ غلام ڪونهي؟

اهڙي طرح توهان پنهنجي گهر، پاڙي ۽ ڳوٺ ۾ غور ڪري ڏسو تہ توهان کي هر اُها شيءِ نظر ايندي، جنهنجو ذڪر غلاميءَ جي دؤر ۾ ڪيو وڃي ٿو ۽ جنهنجو ذڪر اسپارٽيڪس ناول ۾ آهي.

اهوئي سبب آهي جو مون اسپارٽيڪس ناول جو ترجمو ڪيو، ته جيئن سنڌ واسين کي اِها جاڻ ملي سگهي ته اسين سنڌي ايڪيهين صديءَ جي چانئٽ تي پير رکندي به اڃائي هزار سال اڳ واري غلاميءَ جي دؤر واري زندگي ڀيا گذاريون. بلڪ اُن کان به بدترين زندگي ڀيا گذاريون. ڇو ته اُن دؤر ۾ ته اسپارٽيڪس هو جنهن غلامن کي گڏ ڪري آقائن خلاف جنگ جوئي هئي، پر اسان وٽ ته ڪوبه اسپارٽيڪس نظر ڪونه ٿو اچي.

مون ڪيترن سال اڳ محترم شاهه محمد مريءَ جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيل اسپارٽيڪس ناول پڙهيو هو. پوءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل اسپارٽيڪس به پڙهيم. اسپارٽيڪس ناول تي ٺهيل فلم جي وڊيو ڪيسٽ هٿ ڪري ڪيترائي ڀيرا ڏٺم. اهڙي طرح ڪيترن سالن تائين آءٌ اسپارٽيڪس جو مطالعو ڪندو رهيس. مون شروع ۾ ئي طئي ڪري ڇڏيو هو ته اسپارٽيڪس کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندس. جيئن شاهه محمد مري صاحب لکيو آهي ته هي ناول 1960ع تائين دنيا جي بياسي بولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي ۽ هن ناول دنيا ۾ وڪري جا رڪارڊ به ٽوڙي ڇڏيا آهن. سو مون به سوچيو ته سنڌيءَ ۾ ترجمي جو اعزاز آءٌ حاصل ڪريان. مون ترجمو ته ڪيو آهي پر آءٌ لفظن جي پنهنجي اصلي سگهه ۽ مفهوم کي پربور قوت سان پيش ڪري سگهيو آهيان يا نه. اِن باري ۾ جاڻو دوستن جي راءِ جو انتظار رهندو.

پرويز

معرفت سنڌ ميڊيڪل اسٽور
ميرپور بٹورو، ٺٽو، سنڌ.
1- جولاءِ 1998ع

باب پهريون

روم جهڙي لافاني شهر کان ڪي قدر ننڍي، پر خوبصورتيءَ ۾ هڪجهڙي شهر 'ڪاپوا' ڏانهن ويندڙ رستو. مارچ جي شروعات ۾ ئي بيهر عام سفر لاءِ کولي ڇڏيو ويو هو. پر ائين به ڪونه هو ته ڪو رستو کلڻ سان ئي آمدرفت جي رش لڳي ويئي هجي. گذريل ڇٽن سالن کان ملڪ جو اهڙو ڪهڙو رستو هو جنهن کي ماڻهن جي خير وَ خوبيءَ سان هلچل يا اڇ وڇ نصيب ٿي هجي، يا جنهن کي روم جو رستو چئي پيو سگهجي. ڇوته جتي ڪٽي ٽوري گهٽي گڙبڙ ته ٿيندي رهندي هئي ۽ اهو ڇوڙ غلط نه ٿيندو ته روم کان ڪاپوا ويندڙ رستو ته گڙبڙ کان بنهه مشهور ٿي چڪو هو. هيءَ چوٽي بلڪل درست هئي ته جيئن ئي رستن تي اڇ وڇ ٿي ته روم جي رؤنق ئي نرالي ٿيو ٿي ويئي، پر جيڪڏهن رستن تي بدامني هجي ته پوءِ شهر به ويران لڳندو هو.

شهر ۾ اطلاع ڏنو ويو هو ته ڪمن ڪارين وارا ماڻهو ڪاپوا ڏانهن ته پلي وڃن پر سير ۽ تفريح ڪرڻ وارن ماڻهن کي اڃا في الحال اوڏانهن نه وڃڻ گهرجي. پوءِ جڏهن حالتون ٺيڪ ٿي ويون ۽ اِتاليءَ جي سرزمين تي خوبصورت بهار اڇي واسو ڪيو، تڏهن سموريون پابنديون هٽايون ويون ۽ اهڙي طرح ڪاپوا جا حسين منظر ۽ دلڪش عمارتون رومين کي هڪ پيرو وري پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرڻ لڳيون.

آسپاس جي انتهائي خوبصورت علائقن کان سواءِ جن ماڻهن کي بهترين ۽ مهانگو عطر واپرائڻ جو شوق هوندو هو، سي ڪاپوا وڃي دلپسند عطر سستي اگهه ۾ حاصل ڪري سگهيا ٿي. هتي عطر ناهڻ جا وڏا وڏا ڪارخانا هوندا هٿا جن جو دنيا ۾ ڪو ثاني ڪونه هوندو هو. سڄي دنيا مان نايات تيل ۽ عرق ساموندي رستي ڪاپوا پهچندو هو. عطر، گلاب جو مصري تيل، شيبا جي گلِ سوسن جو عرق گُلِ لال، وهيل مڇيءَ جي آنڊن مان حاصل ڪيل تيل، ليمي ۽ نارنگيءَ جون ڪلون، نازبوءَ جا پن ۽ صندل وغيره. هتي روم جي پيٽ ۾ اڌ قيمت ڪان به گهٽ اگهه ۾ عطر

ملي سگھندو ھو. ان کانسواءِ عطر جي وڏندڙ مقبوليت جي پيش نظر ھر مرد توڙي عورت کاپوا جو ھڪڙو چکر ته ضرور لڳائيندو ھو.

[2]

رستو مارچ ۾ ڪلي ويو ھو. ٻن مھينن کان پوءِ يعني مئي جي وچ ڌاري ڪائيس ڪراسس، سندس پيءُ ھيلينا ۽ اُن جي ساھيڙي ڪلاڊيا مارئيس کاپوا ۾ ھفتو ڪن پنھنجي مائٽن ۾ رھڻ لاءِ روانا ٿي چڪا ھئا. ھو ھڪ صاف، شفاف ۽ ٺڏيءَ صبح جو روم مان نڪتا ھئا. ھو ٽيئي نوجوان ھئا. سندن اڪيون سفر دوران پيش ايندڙ يقيني ڀالھين جي تصور کان چمڪي رھيون ھُيون. ڪائيس ڪراسس اٽڪل پنجويھ سالن جو نوجوان ھو، جنھن جا وار ڪارا، گھاٽا ۽ ڊگھا ھئا ۽ ھُو شاندار آرڪائن مان اعليٰ نسل جو پٽي لڳو. ھُو ھڪ خوبصورت سفيد عربي گھوڙي تي سوار ھو، جيڪو ڪيس پٽس چار سال اڳ سالگره جي موقعي تي وٺي ڏنو ھو. ٻئي چوڪريون ڪليل ڏولين ۾ ويٺل ھُيون، جن کي چار چار غلام ڪٽيو پٽي ھليا، جيڪي ٻنھ تيز رفتار ھئا ۽ سڌي سنئين گس تان بنان ساھي پٽڻ جي ڏھ ميل يڪساھيءَ ھلي سگھيا ٿي. ھن پنج ڏينھن پنڌ ۾ گذاريا. ھن کاپوا تائين پھچڻ کان اڳ رات ڪنھن مٽ مائٽ وٽ يا ڪنھن ٻھراڙيءَ جي بنگلي ۾ يا ڪنھن خوبصورت ھنڌ تي خيما کوڙي بسر ڪرڻ جو منصوبو ٺاھيو ھو. ھن کي سفر شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي خبر ھئي ته رستي تي صليب جا نشان ھوندا. پر اُھي صليب کي ايترا گھٽا ھوندا سو سندن تصور ۾ ۾ ڪونہ ھو. چو ته اُھي انتھائي تڪليف پھچائيندڙ نشان ھئا. اصل ۾ چوڪرين اھڙا ته تفصيلي بيان ٻڌا ھئا جو ھو ڪافي پرجوش ٿي ڏنيون، باقي ڪائيس کي ته اھڙين شين کان بنھ خوشي پٽي ٿي. ھن کي پنھنجي قوت برداشت تي فخر ھو جو کيس اھڙا وحشتناڪ منظر ڪا گھٽي تڪليف ڪونہ پھچائيندا ھئا. بھرحال، ڪائيس چوڪرين کي دليل ڏنو ته "صليب تي چڙھڻ کان وري ۾ صليب ڏسڻ وڌيڪ بھتر آھي."

"اسان کي صليب ڏانھن نھارڻ بدران سڌو سامھون ڏسڻ گھرجي." ھيلينا چيو، جيڪا ڪلاڊيا کان وري ۾ ھشاش بشاش پٽي ڏٺي. ڪلاڊيا توڙي جو ڳوري چمڙي واري ھئي پر سندس سفر ۾ دلچسپي نہ ھجڻ ڪري سندس ھيڊاڻ ڇانيل چھري ۽ اکين مان ٽڪاوٽ پٽي ٻَکي. ھوءَ پريل ۽ خوبصورت جسم واري ٺاھوڪڙي چوڪري ھئي پر ڪائيس کي ھوءَ بيوقوف لڳندي ھئي. ھُو حيران ھو ته آخر سندس پيءُ ھن ۾ ڪھڙي خوبي ڏٺي ھئي. اِھو ھڪ اھڙو مسئلو ھو جنھن کي ھُن سفر دوران حل ڪرڻ ٿي چاھيو. ھُن پھريائين ۾ ڪيترائي پيرا پيٽس جي ساھيڙيءَ

سان ناجائز تعلقات رکڻ جو عزم ڪيو هو پر رڳو ڪلاڊيا جي عدم دلچسپيءَ جي ڪري ڳالهه اُتي جو اُتي رهجيو ٿي ويئي. اِها بيزاري رڳو ڪائيس لاءِ ڪانه هئي، پر اِها سندس عام عادت هئي. هوءَ بنهه بور لڳندي هئي ۽ ڪائيس کي يقين هو تہ اِها سندس بيزاري ئي ڪائيس کي گناهگار ٿيڻ کان بچائي رکندي پئي آئي. سندس پيڻ وري بنهه ٻي شيءِ هئي. هوءَ جهڙس ڏگهي، خوش ۽ خوبصورت هئي. ڪاپوا جي اِن سفر جو منصوبو ٺاهڻ وقت ڪيس اميد هئي تہ شايد اُن مسئلي جو ڪو حل نڪري اچي. تنهن ڪري ڪائيس کي سفر دوران پيش ايندڙ واقعن جو انتظار هو.

روم کان ڪجهه ئي ميل پريان صليب جا نشان شروع ٿي ويا هئا. هڪڙي واريءَ ۽ پٿرن سان پريل ويران جاءِ تي، جيڪا ڪجهه ايڪڙن تي پکڙيل هئي، ڪين پهريون صليب جو نشان ڏسڻ ۾ آيو. اُن صليب جي سپ کان پهريائين نشاندهي سفر جي ڪائي انچارج ڪئي. صليب صنوبر جي تازي ڪاٺ مان ٺاهيل هو ۽ زمين جي سطح کان گهٽو مٿي هو، تنهن ڪري بنهه واضح طور ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ اُن تي ٽنگيل اگهاڙو لاش مس ٿي ڏسڻ ۾ آيو. ڪائيس پنهنجو گهوڙو ڊوڙائي صليب ڏانهن وئي ويو ۽ هيلينا ڏولي ڪٹندڙ غلامن کي اوڏانهن هلڻ لاءِ حڪم ڪيو.

جڏهن هو صليب وٽ پهتا تڏهن هيلينا جي ڏولي‌ءَ واري غلام آهستگيءَ سان عرض ڪيو "سائڻ! ڇا اوهان اسان کي ٿوري دير ساهي پَڻ جي اجازت ڏينديون؟" اهو غلام هسپانوي هو ۽ آڏي اُبتي رومي زبان ۾ ڏاڍو احتياط ڪندو هو. "ها، بلڪل." هيلينا چيو. هوءَ فقط 23 سالن جي هئي پر پنهنجي خاندان جي سمورين عورتن وانگر ارادي جي پڪي هئي ۽ هوءَ جانورن تي اجايو ظلم برداشت ڪانه ڪندي هئي، پوءِ چاهي اُهي غلام هجن يا چوپايا. ڏولي‌ءَ وارن آهستي آهستي ڏولي زمين تي رکي ۽ اُن جي چوڌاريءَ پلٽي ماري ويهي رهيا.

صليب جي سامهون ڪجهه والن جي پنڌ تي هڪ ماڻهو مُوڙي تي ويٺو هو، جنهن جي مٿان چانوَ ڪيل هئي.. هُو هڪ بنهه ٽلهو ۽ يارويس قسم جو ماڻهو هو. سندس پيٽ اجايو وڌيل هو. سندس پراڻا ۽ ميرا ڪپڑا، گندا ٿُنهن ۽ سندس ڏين وانگر وڌندڙ ڏاڙهي بلڪل نمايان هئي، سندس يار ويسي ۽ پيشہ ور سياستدانن جي آساني‌ءَ سان چاڙهيل چهرن تي مختلف نقابن وانگر هئي ۽ پهرين نظر ۾ ئي اندازو ٿي ٿي ويو تہ هن ڪيترن سالن تائين وارڊ، سينيٽ ۽ فورم وارن جي خاڪ شوري ڪئي آهي ۽ هتي اچڻ کان اڳ ڪنهن گهر ۾ هُو محض هڪ تڏي خاطر پينو فقير بنجي ويندو هو. هُنجو آواز ڏاڍو جاندار هو ۽ ائين ٿي لڳو جڻ هُو ميلي جي ٻاهران وڏي آواز ۾ پڙهو ڏيندو هجي. هُن پنهنجي وڌيل پيٽ ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ، "معزز شريف زاده ۽ شريف زادين! اوهان منهنجي اڻي نہ ٻيهڻ جي گستاخي معاف

ڪجو، باقي دل ۾ اوهان جي لاءِ ساڳيو احترام آهي. ائين ٿو لڳي ته اوهان صبح جو سوير نڪتا آهيو. ها، سفر لاءِ اهوئي وقت صحيح آهي. چا ڪاپوا ڏي پيا وڃو؟"

"ها، ڪاپوا پيا وڃون." ڪائيس جواب ڏنو.

"بيشڪ ڪاپوا هڪ دلڪش، خوبصورت، عمدو ۽ انمول شهر آهي. چا اوهان پنهنجي عزيزن سان ملڻ پيا وڃو؟"

"ها." ڪائيس جواب ڏنو، سندس روبيو دوستاڻو هو، چوڪرين مسڪرايو پئي. هو هڪ عظيم مداري هو. اُن وقت سندس سمورو وقار ختم ٿي چڪو هو. هِن نوجوانن لاءِ مداري ٿي وڃڻ ئي بهتر هو. ڪائيس تسليم ڪيو ته هن سموريءَ روئيداد جو ڪارڻ پٽسو آهي، پر پوءِ به هن دل ۾ نه ڪيو. اُن جو هڪڙو سبب ته هي هو ته سندس سمورين وقتي ضرورتن ۽ خواهشن لاءِ پٽسي جي ڪوٽ ڪانه هئي، ٻيو ته هُن پنهنجي دولتمنديءَ سان چوڪرين کي مرعوب ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ اهڙو موقعو انهيءَ غريب ٽلهي ڪانسواءِ ٻيو ڪٽي به هٿ ڪونه اچي ها.

"تون ته هڪ سونهون، قِصرِ ۽ سزا ۽ انصاف جون ڳالهيون ٻڌائڻ وارو ٿو لڳين." ڪائيس ٽلهي ماڻهوءَ کي چيو. چوڪرين جون اکيون سندس بلڪل مٿان صليب تي لٽڪيل لاش تي ڪُٽيون پيون هيون. هو اُن جو ڪاڙهي ۾ سڙيل ڪنڌ ۽ پکين جو چيريل ڦاڙيل اگهاڙو بدن ڏاڍي وحشت سان ڏسي رهيون هيون. اُن جي چوڌاريءَ ڪانگ ڏاڍي تيزيءَ سان ڦري سندس جائزو وٺي رهيا هئا. مکين جا ميڙ لڳا پيا هئا. هُو اهڙي طرح لٽڪي رهيو هو جو سندن بدن ٽورو صليب کان ٻاهر نڪري آيو هو. ائين ٿي لڳو جڻ ڪِري پوندو، مسلسل چريو پريو پئي. هڪ مُردي جي عجيب مضحڪ خيز چرپر. سندس مٿو اڃيان لڙڪيل هو ۽ سندس ڏڳها ۽ مٽيءَ هاڻا وار سندس چهري جي سموري نفرت کي لڪايو ٻيٺا هئا.

ڪائيس ٽلهي ماڻهوءَ کي هڪ سِڪو ڏنو جنهن وري موٽ ۾ ڪوڙ ساري خوشامند ڪيس. ڏولي ڪٽندڙ غلام نگاهون هيٺ ڪريو ماڻ ۾ وينا هئا. انهن صليب ڏانهن ٻنهه ڪونه ٿي نهاريو. هو ڏايا تيز ۽ خوب سڪيا ورتل هئا.

"ائين چيو وڃي ته هي هڪ مثال آهي،" ٽلهي ماڻهوءَ لاش ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "منهنجي سانڀ، اِن کي انساني يا غير انسانيءَ جي حيثيت ۾ نه ڏسو. روم ڏي ٿو ۽ روم وٺي ٿو ۽ سزا ٽوري يا گهٽي ڪيل ڏوهه مطابق هوندي آهي. هي هڪڙو جسم آهي، جيڪو ايندڙن کي پاڻ طرف ڇڪي ٿو. هتان کان ڪاپوا تائين اوهان کي خبر آهي ته ڪيترا لاش ٽنگيل آهن؟"

انهن کي خبر هُئي پر پوءِ به هو اُن ٽلهي کان ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. اُن مسخري ٽلهي شخص جي ڳالهه وزندار هئي. جنهن هُن کي اهو ڪجهه ٻڌايو هو جيڪو ڇئي

نہ پئي سگھجيو. اِها خود اُن ڳالھ جي ثابتي ھئي تہ ھيءَ ڪا اھڙي ڳالھ ڪانہ ھئي جيڪا چئي نہ سگھجي. بلڪ عام ۽ فطري ڳالھ ھئي. ھُو انھن کي صحيح انگ اکر بہ ٻڌائي پئي سگھيو. "ڇھ ھزار چار سؤ ٻاھتر." ھن چيو.

ڏولي بردارن مان کي ھمراھ تہ بنھ ڏکي ويا! ھن آرام ڪونہ پئي ڪيو، پر منجھن چڪتائ ھئي. جيڪڏھن کو مٽن توجھہ ڏي ھا تہ ھُو اُن ڳالھہ کي محسوس ڪري سگھي ھا، پر ڪنھن بہ مٽن توجھہ ڪونہ ڏنو.

"ڇھہ ھزار چار سؤ ٻاھتر!" ٽلھي شخص دھرايو. ڪائيس سائس اتفاق ڪيو. تڏھن ٽلھي شخص ڪيس اوڀيل چادر مان ھڪ لکڻ ڪڍي صليب ڏانھن اشارو ڪندي چيو: "ھُو محض جرم جو ھڪ نشان آھي." ڪلاڊيا طنز واري انداز ۾ ڪلي.

"بھرحال ھيءَ ڳالھ بنھہ دلچسپ ۽ اھم آھي. دليل جي ڳالھ بي آھي. دليل روم آھي ۽ روم مُدَلِل آھي." ھن کي پھاڪا ڏيڻ جو ڏاڍو شوق ھو.

"ڇا ھي اسپارٽيڪس آھي؟" ڪلاڊيا بيوقوفائي انداز ۾ چيو. پر ٽلھي شخص کيس ٽڏيءَ دل سان ٻڌو. جنھن نموني ۾ ھو پنھنجا چپ چٽي رھيو ھو، تنھن مان اندازو ٿيو ٿي تہ سندس روپو جذبات سان پريل ھو. ڪائيس سوچيو تہ "ھي ٻڌو لالچي درندو آھي."

"ھي اسپارٽيڪس ڪٽي آھي!"

"ان جو تہ لاش بہ ڪونہ ھٿ آيو ھو." ڪائيس بي صبريءَ مان چيو.

"ان جو لاش تہ ٻوٽيون ٻوٽيون ڪيو ويو ھو." ٽلھي شخصي پنھنجي اھميت جتائيندي چيو "منھنجا ٻچا، ان جو لاش ٽکر ٽکر ڪيو ويو ھو. اھڙي وحشتناڪ سوچن سان حواس زخمي ٿيو پون ٿا، پر حقيقت تہ اِھا ئي آھي."

ڪلاڊيا سجي ڏکي ويئي، پر سندس ڏکڻ بہ ڏاڍو وٺيو پئي ۽ ڪائيس تہ سندس اکين ۾ اھڙي چمڪ ڏٺي، جيڪا ھن کان اڳ ۾ ھُن ڪڍھن بہ ڪانہ ڏٺي ھئي. ڪائيس کي ياد آيو تہ ھڪڙي پيري پٽس کيس چيو ھو تہ "سطحي فيصلن ڪرڻ کان محتاط رھج." ۽ چاڪاڻ تہ پٽس عورتن جو اندازو لڳائڻ بدران ٻين وڏن معاملن تي سوچيندو ھو، تنھن ڪري سندس ڳالھ صحيح ھئي. ڪلاڊيا ھاڻي جنھن نموني ۾ اُن ٽلھي شخص کي ڏسي رھي ھئي، اھڙي طرح تہ ھُن ڪڍھن ڪائيس کي بہ ڪونہ ڏٺو ھو ۽ ٽلھو شخص مسلسل ڳالھائي رھيو ھو "ھيءَ ھڪڙي سنئين سببتي حقيقت آھي، ۽ ھاڻي ھو چون ٿا تہ اسپارٽيڪس جو وجود ئي ڪونہ ھو. ھونھ! ڇا منھنجو وجود آھي؟ ڇا اوھان جو وجود آھي؟ ڇا ھتان کان ڪاپوا تائين رستي جي ڪناري تي ڇھ ھزار چار سؤ ٻاھتر لاش صليبن تي ٽنگيا پيا آھن يا نہ؟ ڇا

اُهي حقيقتون آهن يا نہ؟ بيشڪ اهي حقيقتون آهن ۽ مون کي هڪ وڏيڪ سوال ڪرڻ ڏيو. هي ٻلا هيترا بيشمار ڇو؟ سزا جي هڪڙي نشاني ٿي ڪوڙ هوندي آهي ته پوءِ هي ڇهه هزار چار سؤ ٻاهتر ڇو؟"

"اهي رذيل ڪتا لائق ئي ايتري جا هئا." هيلينا اطمينان سان ورندي ڏني.

"واقعي؟" ٽلهي شخص شاهاڻي انداز ۾ پيرون تائي چيو. هو هڪ زماني ساز ماڻهو هو. اِها ڳالهه هُن انهن کي جتائي چڏي هئي. جيتوڻيڪ هو مان مرتبي ۾ هن شخص کان وڏيڪ هئا، پر عمر ۾ ته ننڍا هئا. تنهن ڪري متاثر ته انهن کي ئي ٿيڻو هو. "شايد اُهي ايتري جا ئي لائق هئا. پر هڪڙي ڳالهه آهي ته ايترو گوشت ذبح ڇو ڪجي جيترو ڪائي نہ سگهجي؟ اِن ڳالهه جي اهميت به آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو. اِن سان قيمتن جو توازن برقرار رهي ٿو. شين کي استحڪام نصيب ٿئي ٿو ۽ سڀ کان وڏيڪ ان جي اهميت هيءَ ته ملڪيت جي منجهيل معاملن جو نبيرو ٿي وڃي ٿو. اسان وٽ ته انهيءَ عمل جو اهوئي توريل تڪيل جواب ۽ جواز آهي. هاڻي رڳو هِن کي ئي ڏسو." هُن پنهنجي لڪ سان صليب ڏانهن اشارو ڪيو "هِن کي چگي طرح ڏسو. هي گال نسل جو هڪ اهم ترين شخص آهي، بنهه اهم. هيءُ شخص اسپارٽيڪس جو ساڃو هٿ هو ۽ مون هِن کي مرندي ڏٺو آهي. صليب تي مرندي هن کي چار ڏينهن لڳا. هڪ سانَ وانگر بنهه طاقتور شخص، اوهان اهڙي قوت ۽ سهپ جو تصور به نٿا ڪري سگهو. هُو بنهه هڪ شريف النفس انسان آهي ۽ مون تي ڏاڍو مهربان به، چاڪاڻ ته حيران ڪندڙ تعداد ۾ ماڻهو هن کي ڏسڻ ايندا آهن. ائين ته ڪونهي جو آءٌ انهن کان باقاعده في ونان ٿو، پر پوءِ به ماڻهو ڏيئي ويندا آهن، شرط اهو آهي ته موٽ ۾ اوهان به ڪجهه ماڻهن کي ڏيو. آءٌ انهن کي معلومات ڏيان ٿو. اوهان حيران ٿيندا ته ماڻهو اسپارٽيڪس جي باري ۾ بنهه عجيب ۽ اڻاتيون خبرون ڪندا آهن. اوهان هن عورت کي ئي ڏسو جيڪا مون کان سوال ٿي ڪري ته ڇا اسپارٽيڪس اهوئي آهي؟ اوهان معزز ماڻهو ڏاڍي محفوظ زندگي گذاريو ٿا، نہ ته جيڪر ڇوڪري! اوهان کي خبر هجي ها ته اسپارٽيڪس کي ائين ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو هو جو سندس رڳو هڪڙو وار، صرف هڪ ٻوٽي به ڪٽي ملي ڪانه ٿي سگهي. هِن شخص کان مختلف انداز ۾... هي ته زنده پڪڑيو ويو هو ۽ هن کي تمام ٿورا ڇَهڪَ ڏنا ويا هئا. هتان ڏسو. "پنهنجي لڪ سان هن لاش جي هڪ پاسان آيل هڪ ڊگهو چير ڏيکاريو." اهڙا بيشمار چير، مگر سڀ جا سڀ يا ته سامهون ۽ يا ته پاسن کان، پر پٺيان کوبہ نما ..... ته پڻ لڄ مران، جي هونس پٽ ۾ ـ (شاهه). اوهان مسڪين ماڻهن جي عظيم ميڙن جي باري ۾ اهڙا تفصيل ٻڌڻ پسند ته ڪونہ ڪندا، پر آءٌ اوهان کي حقيقت ٻڌايان ٿو."

ڏولي کڻندڙن جي اکين ۾ هلکي چمڪ پيدا ٿي ۽ هو غور سان هڏڻ لڳا.
"۽ هي به هڏايان ٿو ته انهن جهڙا بهترين سپاهي اڄ ڏينهن تائين اٽليءَ جي سرزمين تي ڪونه ڏٺا ويا. ٽورڙو رڄ جو تصور ڪريو ۽ پوءِ اسان جي هن دوست تي نگاهه وجهو. هن کي صليب تي مرڻ ۾ چار ڏينهن لڳا. ايا به جيڪڏهن هن کي چهڪ ڏيئي رت وهڻ نه ڏنو وڃي ها ته جيڪر هڪ به ڏينهن وڌيڪ ٿي سگهيا ٿي، هينئر ته ممڪن آهي ته اوهان کي خبر نه هجي، پر جڏهن اوهان هن کي صليب تي چاڙهيندا تڏهن اوهان کي خبر پوندي ته يا ته چهڪ ڏيئي هن جو رت وهڻ ڏنو وڃي، نه ته ٻيءَ صورت ۾ هي ساموندي مڇيءَ وانگر سُڄي ڌهل ٿي پوندا. جيڪڏهن صحيح طريقي سان سندن رت وهڻ ڏنو وڃي ته پوءِ اهي صحيح نموني ۾ سکيو وڃن ۽ هڪ مهيني تائين بنا سڙڻ جي ائين ٽنگيا پيا هوندا آهن. البت ٽوري گهٽي بدبوءِ ٿئي ٿي. هيءَ ته هئي ظالمانه ڪاروائي. اهو نيڪ آهي. هُو بي چيو هو، هنيلو هو پر هُو هاراڻي ويو. هتي لٽڪندي پهرئين ڏينهن هُن هر ان ماڻهوءَ کي گاريون پئي ڏنيون، جيڪو کيس ڏسڻ ٿي آيو. بنهه ڪچيون گاريون، جيڪي آءُ عورتن جي سامهون ڏهرائي به نه ٿو سگهان. هُو نيچ نسل جو ماڻهو آهي ۽ غلام ته وري به غلام ٿيئي ٿو. ليڪن آءُ سنڊس مَنو ڪونه آهيان. هينئر به ۽ اوڏيءَ مهل به، آءُ کيس چوندو رهيس ته تنهنجي بدقسمتي منهنجي بدقسمتي آهي ۽ جيتوڻيڪ تنهنجو موت اذيت ناڪ آهي پر منهنجي ته زندگي اذيت ناڪ آهي ۽ جيستائين آءُ تمام گهٽا پٽسه گڏ ڪري نه وٺان تيستائين تون ائين گاريون بڪندو رهجانءِ. پر هُو انهن ڳالهين سان ذرو به متاثر ڪونه ٿيو. پئي ڏينهن شام جو هن ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو. هو ٽڏو ٿي ويو ۽ سيٺجي ويو. خبر اٿوَ ته سنڊس آخري لفظ ڪهڙا هئا؟"

"ڪهڙا هئا؟" ڪلاڊيا پڇيو.

اهي لفظ هي هئا ته "آءُ واپس ايندس، پر اڪيلو نه، لکن جي تعداد ۾."

"ان جو مطلب ڇا هو؟" ڪائيس حيران ٿي پڇيو.

"سائين، اِها ته مون کي به خبر ڪانهي ۽ اِن کان وڌيڪ هُن ڪجهه چيو به ڪونه. مون پئي ڏينهن کيس چوريو پر هُن هڪ لفظ به نه ڳالهايو ۽ رڳو مون کي رت هاڻين ڳاڙهين اکين سان گهوريندو رهيو. مون کي ائين پئي ڏنائين جڏ مون کي قتل ڪرڻ چاهيندو هُجي. پر هاڻي ته هُو ڪنهن کي به قتل ڪرڻ جي حيثيت ۾ ڪونه هو. بهرحال، محترما" هُن ٻيهر ڪلاڊيا کي مخاطب ڪري چيو "هو اسپارٽيڪس ڪونه هو پر اُن جي جان نثارن مان هڪ هو. هُو هڪ بهادر انسان هو. اسپارٽيڪس جهڙو ته نه پر پوءِ به تمام گهٽو سخت جان هو. اسپارٽيڪس ته بي انتها طاقتور، بهادر ۽ سخت جان شخص هو. اوهان هن رستي تي سائس ملاقات ڪرڻ پسند ڪونه

ڪنديون ۽ نہ ئي هُو ملي سگھندو جو تہ مري ڳري سڙي ويو آهي. چگو، ايا وڌيڪ اوهان کي ڪهڙي معلومات گهرجي؟"

"منهنجي خيال ۾ اسان گهٽو ڪجهہ ٻڌو آهي. هاڻي اسان کي هلڻ ڏيو." ڪائيس چيو.

[3]

انهن ڏينهن ۾ روم هڪ دل وانگر هوندو هو، جيڪا رومي شاهراهن وسيلي پنهنجو رت سموريءَ دنيا تائين پهچائيندي هئي. هي ڪا قوم هزار سالن تائين ہ ڪوشش ڪري ها تہ ہ هڪ اهڙي ٽرڊ ڪلاس سڙڪ ناهي ڪانہ سگهي ها جيڪا سندن وڏن وڏن شهرن کي پاڻ ۾ ملائي سگهي ها. روم جو معاملو ٻئي قسم جو هو. سينيٽ حڪم ڏينندو هو تہ "اسان جي لاءِ رستو تيار ڪيو وڃي." بس حڪم جي دير هوندي هئي. انجنيئر نقشا ناهيندا هئا ۽ ٺيڪيدار ۽ ماهر ڪم شروع ڪري ڏيندا هئا. مزور اُن رستي کي تيرانگر سڌو ناهي ونندا هئا. جيڪڏهن سامهون کو جبل آيو تہ اُن جو وجود ئي ختم ڪيو ويندو هو. اونهي وادين ۽ درياٽن تي پليون ناهيون ويندیون هُيون. روم جي اڳيان ڪابہ شيءِ رڪاوٽ بنجي نہ سگهي. هيءَ شاهراهہ، جنهن تان هي ٽي نوجوان روم کان ڏکڻ ۾ ڪاپوا شهر ڏانهن وڃي رهيا هئا، اهڙي شاهراه هئي جنهن تي هرندڙ جبل جو ڦلهير ۽ بجري وڇائي ويئي هئي ۽ جنهن جي مٿين سطح پٿر جي جوڙيل هئي. دنگ تائين ساڳئي نموني ۾ ڪم ٿيل هو. جڏهن بہ رومي ڪو رستو ناهيندا هئا تہ سال ہن لاءِ نہ پر صدين لاءِ ناهيندا هئا. هي رستو انسان جي ترقي، رومين جي اهليت ۽ سندن پائيدار نظم و ضبط جو اعليٰ نمونو هو. هيءَ تعمير اُن ڳالهہ جي وضاحت ڪندي هئي تہ رومن نظام سموري انسان ذات جي بنايل نظامن کان بهترين هو يعني انصاف، تربيت ۽ ذهانت وارو نظام ۽ رستي تان سفر ڪندڙن کي مٿين حقيقت جو ايتريقدر تہ يقين ٿي ويندو هو جو هو اُن متعلق وڌيڪ سوچيندا ئي ڪونہ هئا.

مثال طور پنڌ جو رڳو اندازو ڪونہ لڳايو ويندو هو پر ماپيل فاصلي تي ميل جو پٿر لڳائي اُن تي هر اهو اطلاع ڄاڻايو ويندو هو، جنهن جي هڪ مسافر کي ضرورت پئجي سگهي ٿي. هر پنجن ميلن جي فاصلي تي هڪ پبلڪ گهر ۽ هڪ اصطبل تعمير ٿيل هو، جتي ڪاڏي پيتي، گاهہ پاڻيءَ ۽ رهائش جو انتظام هوندو هو.

جتي جتي زمين ڊَسَڙ ۽ ڏٻڻ هئي، اُتي ٽلها ناهي رستي کي زمين کان ڏهہ ڏهہ، پندرهن پندرهن فوٽ مٿي ڪنيو ويندو هو.

هيءَ سڙڪ بنهہ مضبوط هئي ۽ اُن تي روم جي پائيداريءَ جا سمورا عنصر

روان دوان هئا. هن رستي تي سپاهي مارچ ڪندا ٿيهن ٿيهن ميلن جو فاصلو روزانو طئي ڪندا هئا. مال گاڏين جي ڊوڙ پئي پوندي هئي جن تي رياست جو سامان ڪڻڪ، جَوَن جو شراب، لوهه، ڪاٺ، گاربر، ڪپڙو، پشم، تيل، ميوا، پنير ۽ سڪل گوشت سٽيل هوندو هو. هن رستي تي سڄي دنيا مان آيل ماڻهو لطف اندوز ٿيندا هئا. ان کان سواءِ مقامي واپاري ۽ سير و تفريح ڪندڙ ماڻهو ۽ غلامن جا قافلا پڻ جام پيا ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

[4]

ڪائيس جي اندازي جي برخلاف صبح جي پهر ۾ گرمي تمام گهٽي ٿي ويئي ۽ هر چند گهڙين کان پوءِ لاشن جي بدبوءِ اچيو ٿي ويئي، جيڪا هاڻي بنهه سهپ کان ٻاهر ٿي چڪي هئي. چوڪرين پنهنجا رومال عطر مان ٻوڙي مسلسل پنهنجي نڪن تي رکي چڏيا هئا، پر پوءِ به رستي تان اوچتو ايندڙ ڏپ کي روڪڻ ۾ ڪين ناڪامي پئي ٿي. چوڪرين جو ته بنهه هنيو پئي ڪچو ٿيو پر ڪائيس به ٿوري ٿوري دير بعد پنڌيان ترسي رستي جي پر ۾ اُلٽي ٿي ڪئي. اهڙيءَ صورتحال خوبصورت صبح کي مُرڳو تباهه ڪري چڏيو هو. خوش قسمتيءَ سان اُن سراءِ جي آسپاس اڌ ميل پنڌ ۾ ڪوبه صليب لڳل ڪونه هو، جتي هو منجهند جي ماني کائڻ لاءِ ترسيا هئا. جيتوڻيڪ سندن بک مري چڪي هئي. هن سراءِ کي يوناني طرز تي تعمير ڪيو ويو هو. هيءَ هڪ ماڙ عمارت هئي، جنهن جو شاندار وراندو هو، جنهن ۾ ميزون سجايل هيون. صنوبر جي مزيدار خوشبو ۽ ماني کائيندڙ ماڻهن جي پڻ پڻ واري گفتگو ۽ موسقيءَ جو مدر آواز پئي آيو.

"ڪهڙي نه پرمسرت ۽ شاندار جاءِ آهي!" ڪلاديا ڳالهايو. ڪائيس هڪ خالي ميز هٿ ڪئي ۽ شاهاڻي نموني ۾ ڪاڌي جو آرڊر ڏيڻ لڳو. سُٽت ئي هڪ شفاف، عنبرين، خشڪ ۽ تازدگي عطا ڪندڙ شراب سندن سامهون رکيو ويو ۽ جيئن ئي هنن ڏُڪ پريو تيئن سندن بک جاڳي پيئي.

هو عمارت جي پوئين حصي ۾ وينا هئا، جيڪو عام ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ کان الڳ هو ۽ جتي سپاهي ۽ غير ملڪي ماڻهو ماني کائيندا هئا. اها جاءِ چانوَ واري ۽ ٺڏي هئي ۽ سندس بيهڪ مان ائين ٿي لڳو ته هتي فقط منصب دار ۽ امير طبقي جا ماڻهو ئي ويهي سگهيا ٿي. اوڏي مهل به اتي ڪيترائي وڏا واپاري، صنعتڪار، ڪميشن ايجنٽ ۽ غلامن جا سوداگر بينل هئا. اتي موجود عهديدار امير طبقي جي طور طريقن جو نقل ڪري رهيا هئا ۽ سندن روايتي گوڙ ڪرڻ واري عادت کي گهٽائي رهيا هئا ۽ هاڻي هو گهٽي قدر ناخوشگوار ڪونه رهيا هئا.

ڪائيس ٽاندن تي پڪل پڪيءَ ۽ ٽڏي سنگتڙي جو آربر ڏنو هو ۽ ڪاڏو اڇڻ تائين هُن ٽيٽر جي ان برامي بابت پڻي ڳالهايو جيڪو ان وقت هلڻ وارو هو. اهو برامو ڪل پوڳ وارو هڪ بيڪار برامو هو جيڪو بن بيسمار برامن وانگر يونان جو نقل هو. ڪهاڻي جو تعلق هڪ اهڙي بدصورت ۽ بدڪردار عورت سان هو، جنهن ديوتائن سان هڪ معاهدو ڪيو هو، جنهن تحت هوءَ پنهنجي مڙس جي دل ڪڍي ڪين ڏيندي ۽ ديوتا ان جي عيوض وري ڪيس هڪ ڏينهن لاءِ حسين بنائي ڇڏيندا. سندس مڙس وري ديوتائن منجهان هڪڙي جي حسين زال سان قتل هو. انهيءَ مُنجهيل برامي جو وچور پلاندَ جي جذبي تي ٻڌل هو. اِهي هيلينا جا تاثرات هئا. مگر ڪائيس هي چئي احتجاج پڻي ڪيو ته برامي جي سطحي هجڻ جي باوجود منجهس گهڻا دلچسپ منظر پڻ آهن.

"مون کي اهو برامو ڏاڍو وڻيو آهي." ڪلاڊيا سادگيءَ سان چيو.

"منهنجي خيال ۾ اسان کي هِن ڳالهه سان وڌيڪ دلچسپي هجڻ گهرجي ته هڪ برامي جو پيغام ڪهڙو آهي، بجاءِ اُن جي ته ليڪڪ ان کي پيش ڪيئن ٿو ڪري." ڪائيس مسڪرائيندي چيو. "جيستائين منهنجو تعلق آهي ته آءٌ ٽيٽر ۾ ان لاءِ ويندو آهيان ته ان ۾ عقل ۽ هوش جو ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي زندگي ۽ موت جو برامو ڏسڻ جي خواهش آهي ته پوءِ هُو آڪاڙي ۾ وڃي سانديل پهلوانن کي ڏسي ته هو هڪٻئي کي ڪيئن ٽا چيرين ٽاڙين."

"اوهان خراب ۽ گندين لڪڻين کي معاف ڪري رهيا آهيو." هيلينا احتجاج ڪيو.

"هرگز نه، منهنجي خيال ۾ ٽيٽر جي لڪڻيءَ جي معيار جي اهڙي اهميت ڪانهي. هڪ ڏولي ڪٽندڙ غلام کان به سستي اڳهه تي هڪ يوناني اديب خريد ڪري سگهجي ٿو ۽ آءٌ انهن ماڻهن مان ڪونه آهيان جيڪي يونانين کي پوڄين ٿا."

جڏهن ڪائيس پنهنجو جملو پورو ڪيو ته هُن ميز جي ٻئي پاسي و ٽ هڪ شخص کي بينل ڏٺو. واپاري طبقي جي هن شخص کي ٻئي ڪنهن هنڌ ويهڻ جي جاءِ ڪانه ٿي ملي تنهن ڪري هُو اتي ويهڻ جو آرزومند هو. "مون کي صرف ٻه ٽي گراهڪ ماني ڪائڻي آهي سو جيڪڏهن اوهان کي مداخلت خراب نه لڳي ته آءٌ ويهي رهان." هُو هڪ قدآور، صحتمند ۽ جاڻو جوان هو. سندس قيمتي ڪپڙن مان لڳو ٿي ته هُو ڪافي مالدار آهي. "منهنجو نالو ڳائيس مارڪوس آهي." هُن چيو.

"توهان پلي ويهو." هيلينا چيو. ڪائيس پنهنجو ۽ چوڪرين جو تعارف ڪرايو.

"آءٌ اوهان جي خاندان سان ڪجهه واپار ڪرڻ پنهنجي لاءِ پلا پاڻ

سمجهندس." آيل همراهه خواهش ظاهر ڪئي.

"واپار؟"

"جي ها، جانورن جو واپار. آءٌ هڪ ولايتي ڪباب ٺاهڻ وارو آهيان. منهنجو هڪ ڪارخانو روم ۾ آهي ۽ هڪ ٽارا سينا ۾، جتان هينئر آءٌ اچان پيو. جيڪڏهن اوهان کڏهن ولايتي ڪباب کاڌا آهن ته سمجهو ته اهي منهنجا ٺاهيل هئا."

"بلڪل،" ڪائيس هي سوچي مسڪرائي ڏنو ته "هُو منهنجي اعليٰ ظرفي کان نفرت ڪري ٿو پر پوءِ به ڪيس هتي ويهڻ ۾ خوشي پئي محسوس ٿئي. هي ماڻهو وڏا سوئر آهن!"

"ها سوئر جو ڪاروبار!" واپاريءَ اهڙيءَ طرح چيو جڙ هُن ڪائيس جي دل جي ڳالهه ٻڌي ورتي هئي.

"اسان کي توهان سان ملڻ جي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. اسين توهان جي دوستائي خواهش بابا تائين پهچائي چڏينداسين." هيلينا چيو ۽ هُن واپاريءَ ڏانهن نهاري ڏاڍي گهري ۽ منڙي انداز ۾ مسڪرائي ڏنو. واپاريءَ به ڏانهس اهڙي انداز ۾ نهاريو جڙ ڪيس چوڻ چاهيندو هجي ته "تون هڪ عورت آهين، منهنجي پياري! توڙي اشراف طبقي مان هُجين يا نه." ڪائيس کي ائين محسوس ٿيو جڙ اجنبي واپاري سندس پيڙ کي چوي پيو ته "جانئڙي! تون مون سان گڏ سمهندينءَ يا نه؟" هو ٻئي هڪٻئي کي ڏسي مسڪرائي رهيا هئا. اوڏيءَ مهل ڪائيس کي پيٽس لاءِ شديد نفرت ٿي پيئي. هُن چاهيو ته ڪيس اتي جو اتي ماري چڏيان.

"آءٌ اوهان جي هلندڙ گفتگو ۾ رڪاوٽ نٿو ٿيڻ چاهيان، اوهان يلي پنهنجي ڳالهه ٻولهه جاري رکو." واپاري چيو.

"اسان هڪ بيڪار برامي متعلق پئي ڳالهايو." ڪائيس چيو. تنهن مهل ماني اچي ويئي ۽ هو ماني کائڻ لڳي ويا. اوچتو ڪلاڊيا پڪل پڪيءَ جو ٽڪر وات ۾ وجهندي رُڪجي ويئي ۽ چوڻ لڳي، "اوهان کي لاشن ڏاڍو تنگ ڪيو هوندو!"

"لاشن؟"

"ها ٽياس تي ٽنگيل لاشن."

"پريشان؟"

"ها، ايڏي وڏي مقدار ۾ تازو گوشت ضايع ٿي وڃڻ جي ڪري." ڪلاڊيا آهستگيءَ سان چيو. رڳو آهستگيءَ سان پر عقل سان نه. ۽ پوءِ پنهنجو پڪيءَ وارو ٽڪرو کائڻ لڳي. ڪائيس کي زبردستيءَ پنهنجي ڪِل روڪڻي پيئي. ۽ واپاري سڄو ڳاڙهو پيلو ٿي ويو. پر ڪلاڊيا پنهنجي حرڪت کان بي خبر کائڻ ۾ لڳي رهي. فقط

هيلينا واپاريءَ ۾ آيل هڪ غير معمولي سختيءَ کي محسوس ڪري ورتو هو.

"پريشان لفظ صحيح ڪونهي. البت مون کي شين جو خواه مخواهه ضايع ٿيڻ ۽ سڻو ڪونه ٿو لڳي." واپاريءَ چيو.

"ضايع ڪرڻ جو مطلب؟" ڪلاڊيا ٽڏي سنگٽڙي جون قاريون الڳ ڪري هڪڙي قار پنهنجي چپن ۾ رکندي پڇيو. ڪلاڊيا کي ڪن ماڻهن تي رحم ايندو هو ته ڪن تي ڪاوڙ. ڪو بنهه غير معمولي ماڻهو ئي سندس اکين ۾ اکيون وجهي ڏسي سگهندو هو.

"هو اسپارٽيڪس جا ماڻهو هٿ ۽ بنهه چگي طرح ساڏيل هٿا!" مارڪوس واپاريءَ سمجهائيندي چيو "انهن کي تمام سڻو ڪارايو پياريو ويو هو. سمجهو ته انهن مان هر هڪ ڏيڍ سؤ پائونڊ ٽيندو. مصالح پريل ڪڙڻ وانگر انهن جا سايا چهه هزار ماڻهو ٽنگيا پيا آهن. پين لفظن ۾ هي نوَ سؤ هزار پائونڊ بنهه تازو تازو گوشت آهي."

"اڙي نه. هِن جو اِهو مقصد ڪونه هو." هيلينا سوچيو. سندس بدن ڪنهن متوقع خوشي کان هوشيار ٿي ويو. پر ڪلاڊيا، جيڪا سنگٽڙو ڪائي رهي هئي، کي خبر هئي ته اُن جو اِهوئي مطلب هو. ڏڍن ڪائيس پڇيو.

"اوهان پيشڪش ڇو ڪانه ڪئي؟"

"مون انهن سان ڳالهايو آهي!"

"ته پوءِ ڇا هو نڏا وڪڻن؟"

"مون هڪ ملين جو چوڏون حصو خريد ڪري ورتو آهي." سوداگر چيو.

اُن جو مطلب ڇا آهي؟ ڪائيس حيران هو. هُو اسان کي صدمو پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هُو پنهنجي ادنگيءَ فحش طريقي سان ڪلاڊيا جي ڳالهه جو جواب ڏيئي رهيو آهي. هيلينا بهرحال سچي ڳالهه سمجهي ورتي هئي.

"انسانن جو؟" ڪلاڊيا پڇا ڪيو.

"اوزارن جو." ڪبابن ناهڻ واري جامع انداز ۾ وراڻيو. "اُن تعريف لائق نوجوان فلاسفر سائيسيرو جي لفظن ۾ اُڻ مُلهيا اوزار. مون انهن کي ڏڪندڙ ٻاهه تي رکيو، منجهائن تيمو بنايو ۽ ان ۾ سوئر ۽ لوڻ ملايو. هائي اهو مصر تائين ويندو ۽ قيمت ۾ چگي خاصي ملندي."

"منهنجي خيال ۾ هي هڪڙو واهيات مذاق آهي." ڪائيس گوڙ ڪيو. هُو بنهه ننڍو هو ۽ واپاريءَ جي تلخيءَ جو مقابلو ڪرڻ هن لاءِ ڏکيو هو.

"آءٌ يوگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪونه پيو ڪريان." واپاريءَ چيو.

"نوجوان عورت هڪڙو سوال پڇيو هو ۽ مون کيس جواب ڏنو. مون غلامن جي هڪ ملين پائونڊن جو چوٽون حصو خريد ڪيو آهي ته جيئن ڪين ڪباب بنايو وڃي."

"هي هڪ خوفناڪ ترين ۽ بنهه نفرت جوڳو عمل آهي جنهن جي باري ۾ مون پهريون پيرو ٻڌو آهي." هيلينا چيو "اوهان جو فطري وحشي پڻ هڪ بدنما انداز ۾ ظاهر ٿيو آهي، محترما"

واپاري اٿي بيٺو ۽ سيني کي ڏسندي چيائين "مون کي معاف ڪجو، پر اوهان ٽورو پنهنجي چاچي سلئيس کان به پڇي ڏسو. هُن به سودو ڪيو هو ۽ خوب نفعو ڪمايو هو." ائين چئي هو هليو ويو.

ڪلاڊيا آرام سان سنگتڑو ڪائيندي رهي. هوءَ صرف ايترو چوڻ لاءِ ڪائڻ کي روڪي سگهي ته "هُو ڪيتريقدر عجيب شخص نڪتو!"

"ان کان پوءِ به هُو سچ ڳالهائي رهيو هو." هيلينا چيو.

"ڇا؟"

"پڪ سان هُن سچ پٽي ڳالهايو. توهان کي ايتريقدر حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"اهو هڪڙو واحيات ڪوڙ هو، جيڪو هُن رڳو اسان کي ٻڌائڻ لاءِ گهڙيو هو." ڪلاڊيا رڙ ڪري چيو.

"اسان ۾ فرق رڳو هيءُ آهي ته جيڪو شخص سچ ڳالهائي ٿو اُن جي مون کي خبر پئجيو وڃي ٿي." هيلينا چيو. ڪلاڊيا سڃي هَڃي ويئي. هوءَ اٿي ۽ معذرت ڪري آرام ڪرڻ واري ڪمري ڏانهن ڏاڍي شان سان وڃڻ لڳي. هيلينا دل ئي دل ۾ مُرڪي پيئي. ڪائيس چيو.

"توکي به ڪنهن ڳالهه کان صدمو پهچي ٿو يا نه؟"

"نه ڪو." هيلينا چيو.

"پر گهٽ ۾ گهٽ آءٌ ته ٻيهر ڪڏهن به ڪباب ڪونه ڪائيندس."

"مون ته پهرين به ڪڏهن ڪونه کاڌو آهي." هيلينا چيو.

[5]

ساڃي شام جو جڏهن اُهي اُن رستي تان وڃي رهيا هئا، ته ڪين هڪ شامي عطر وارو مليو، جنهن جو نالو موزيل شابال هو. ڏاڍي محنت سان ناهيل سندس گهنڊيدار ڏاڙهي خوشبودار تيل لڳائڻ ڪري چمڪي رهي هئي. سندس تمام يلو ۽

ڏگهو چوغو سفيد گهوڙي جي ٻنهي پاسن کان لڙکي رهيو هو. سندس آڱرين ۾ پيل بيش بها مُنڊين جي چمڪ کان اکيون پورجيو ٿي ويون. هُن جي پٺيان هارهن مصري غلام ۽ ٻُدو پنهنجي مٿن تي ڳرا هڙوٽا کڻيو ڊوڙندا اچي رهيا هئا. ڪائيس ان دولتمند سوداگر سان هڪ طرفي گفتگو ڪندو رهيو. شابال ڪنهن به رومي۽ سان ملي فخر محسوس ڪندو هو. هُو روم جي رهاڪن جي حد کان وڌيڪ واکاڻ ڪندو هو. سمورن رومين جي، پر خاص ڪري انهن ماڻهن جي، جن جو مان ۽ مرتبو مٽاهون هوندو هو، ڪائيس وانگر.

ڪي اهڙا به مشرقي ماڻهو هئا، جن کي رومين جون ڪجهه ڳالهيون سمجهه ۾ ڪونه ايندیون هُيون. مثال طور: جنهن آزادي۽ سان رومين جون عورتون گهمنديون هُيون. پر شابال انهن ماڻهن مان ڪونه هو. جيڪڏهن توهان ڪنهن رومي۽ کان ڪجهه معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته اهو توهان کي پٽر جي بت وانگر ڪجهه به ڪونه ٻڌائيندو. رستي جي ڪناري سان ٽياس تي ٽنگيل لاش اِن ڳالهه جو ثبوت هئا ۽ سندس غلامن سبق سيکارينڊڙ ٽياسن کي ڏسي جيڪو سبق سکيو هو، تنهن کان هُو بنهه خوش هو.

"سائين اوهان کي يقين ٿي ڪونه ايندو، پر منهنجي ملڪ ۾ اهڙا ڪيترائي ماڻهو هئا جن کي پڪي خاطري هئي ته روم اسپارٽيڪس جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪندو. ۽ اسان وٽ به غلامن ننڍيون ننڍيون بغاوتون ڪيون هُيون. جن کي اسان سختي۽ سان دٻائي ڇڏيو. مون ماڻهن کي چيو هو ته روم متعلق توهان کي گهٽي خبر ڪانهي. توهان روم کي اڳوٽي پيماني سان ماپيو ٿا، پر روم هينئر ڏرتي۽ تي هڪ نئين شيءِ آهي. آڻ انهن کي ڪيئن ٻڌايان ها ته روم ڇا آهي؟ مثال طور آڻ انهن کي چوان ها Grevitas ته انهن کي ڪهڙي خبر ته اِهو ڇا آهي؟ واقعي انهن سيني ماڻهن کي اِن شيءِ جي خبر ناهي جن روم کي پاڻ نه ڏٺو آهي يا جيڪي روم جي ماڻهن سان پاڻ نه مليا آهن. Gravitas معنيٰ شاندار ماڻهو، اُهي ماڻهو جن ۾ احساسِ ذميواري هجي، جن ۾ سنجيدگي هجي ۽ جن جا عزائم سنجيده هجن. Lavitas جي اسان کي خبر آهي ته اِها اسان جي تباهي آهي. اسان معاملن کي معمولي اهميت ڏيون ٿا ۽ تڪڙي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ بيتاب رهون ٿا. پر روم جا ماڻهو انهن شين جي پٺيان پيڇن ڪونه ٿا. هو نيڪي ۽ پارسائي۽ جا طالبو هوندا آهن. محنت، ضابطي، ڪفايت شعاري ۽ رحمدلي۽ جا طالبو هوندا آهن. منهنجي راءِ ۾ ته اهي ئي انمول لفظ "روم" آهن. روم جي شاهراهن ۾ روم جي حڪمراني۽ جي پرامن رهڻ جو اِهوئي راز آهي. پر انهن ڳالهين جي ڪهڙي طرح وضاحت ڪجي. سائين منهنجا! جيستائين منهنجو تعلق آهي ته آڻ ته انهن سزايافته لاشن کي ڏسي ڏاڍو مطمئن آهيان.

چو تہ آءٕ روم جي معاملات کي معمولي انداز ۾ ڪونہ ڏسندو آهيان. هيءٕ سزا بنهہ کيل ڏوهہ جي لائق آهي. اِهوئي تہ روم جو انصاف آهي. اسپارٽيڪس بدنصيب هو، جنهن انهن سمورين ڳالهين کي نظرانداز ڪيو ۽ انهن جي سامهون ٽيو جيڪي تمام بهترين هُيون.

هُن تباهي مچائي ڏني. قتل ۽ غارتگري ۽ بدنظمي پکيڙي ڇڏي. روم تہ نظم و ضبط جو نالو آهي، تنهن ڪري روم کيس مسترد ڪري ڇڏيو....." شابال پنهنجي تکڙي مگر عجيب دہاءٕ واري لاطيني زبان ۾ چيو. ڪائيس ہڏندو رهيو ہڏندو رهيو، پر نيٺ بيزار ٿي پيو. جڏهن تہ شامي سوداگر جهُڪي جهُڪي هيلينا ۽ ڪلاڊيا کي خوشبودار هارن جو هڪ هڪ تحفو پيش ڪري رهيو هو. سوداگر هن جي خاندان سان پنهنجي ممڪن واپار جي سفارش ڪئي ۽ پوءِ موڪلائي روانو ٿيو.

"رب منهنجا! تنهنجو شڪر آهي!" ڪائيس ٻڏ ٻڏ ڪئي.

"يا الله!" هيلينا مسڪرائي ڏنو.

[6]

انهيءٕ ٽپهريءٕ جو ايپين شاهراهہ کي ڇڏي هُن هڪڙي مختصر سڙڪ تي مُڙي هڪ بنگلي وٽ ترسڻ چاهيو ٿي چاڪاڻ تہ رات ڪين اتيئي ترسڻي هئي. اوچتو هڪ اهڙو واقعو پيش آيو جنهن سفر جي هڪجهڙائي ختم ڪري ڇڏي. رستي تي گشت ڪندڙ فوج جو هڪ دستو ساهي پٽي رهيو هو. سپاهي تنبوءَ جي چانوَ ۾ هڪٻئي جي پاسي ۾ وينا هئا ۽ شراب پي رهيا هئا. سندن بدن لوهہ جهڙا هئا ۽ چهرا سخت ۽ ڪهرا. سندن ڏند هيدا ۽ گندا هئا ۽ پگهر ۾ ہڏل پتلونن ۽ جيڪيٽن مان ايندڙ ڏپ ان ڳالهہ جي شاهد هئي تہ سڙڪ تي ٽياسن تي ٽنگيل لاش سندن ئي تازو ڪارنامو آهي.

جيئن ئي ڪائيس ۽ چوڪريون انهن کي ڏسڻ لاءِ ترسيا تہ انهن جو اڳواڻ باهر نڪري آيو. سندس هڪ هٿ ۾ شراب جو پيالو هو ۽ هُو ٻئي هٿ کي ڪائيس جي آڇيان لاءِ لوڏي رهيو هو. هُو ڏاڍي ذوق شوق سان هٿ لوڏي رهيو هو چو تہ ڪائيس سان گڏ ۾ چوڪريون پڻ هُيون. هُو ڪائيس کي اڳ ۾ سڃاڻندو هو. سندس نالو سيلس ڪونيٽئس بروٽاس هو. هُو تمام بهادر ۽ سهڻو جوان هو، تنهن ڪري پيشورانہ طور تي هي ڪم ڪندو هو. هيلينا کي ۾ هُو پهريائين سڃاڻندو هو ۽ هاڻي ڪيس ڪلاڊيا سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي هُئي. جڏهن هُو هن ڪان پنهنجي جوان سپاهين جي باري ۾ سندن خيالات پڇي رهيو هو تڏهن سندس انداز بلڪل پيشورانہ هو.

"هي هڪ گوڙ ڪرڻ وارن ۽ ڏوندڙ قسم جي ماڻهن جو ميڙ آهي." ڪائيس پنهنجو خيال ظاهر ڪيو.

"اهو ته ٺيڪ آهي پر هي آهن سڀ ماڻهو." بروٽاس مسڪرائيندي چيو.

"جيڪڏهن هڙا ماڻهو مون سان گڏ هجن ته پوءِ مون کي ڪنهن به قسم جو ڊپ ڪونه ٿئي." ڪلاڊيا خيال ظاهر ڪيو.

"۽ هي اوهان جا غلام آهن ۽ اوهان سان گڏ گڏ هلندا." بروٽاس شجاعت سان چيو. پر ڪائيس هڪدم سوال ڪيو ته "ڪيستائين؟ اسين ته اڄ رات ولاسلاريا ۾ ترسنداسين، جيڪا هتان به ميل پري آهي."

"ٺيڪ آهي ته پوءِ اوهان کي انهن ٻن ميلن تائين ڪنهن به قسم جو فڪر نه ڪرڻ گهرجي." پوءِ هُن هيلينا کي چيو ته "چا ڪڏهن اوهان ڪنهن نوجي گارڊ آف آنر سان گڏ هليا آهيو."

"آءٌ نه ته هاڻي ايتريقدر اهم آهيان ۽ نه ڪڏهن هُيس." هيلينا چيو.

"اهو ته اوهان مون کان پڇو ته اوهان منهنجي لاءِ ڪيتريقدر اهم آهيو. اوهان مون کي هڪ پيرو موقعو ته ڏيو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه آءٌ انهن کي اوهان جي قدمن ۾ جهڪائي ٿو ڇڏيان، ائين سمجهو ته هي دستو ئي اوهان جو آهي." نوجوان آفيسر چيو.

"دنيا ۾ هي آخري شيون هونديون جيڪي آءٌ پنهنجن قدمن ۾ جهڪائڻ چاهيندیس." هيلينا احتجاج ڪندي چيو.

آفيسر شراب ختم ڪيو ۽ پيالو درٻان غلام ڏانهن اڇلايائين ۽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ لٽڪيل چانديءَ جي سيٽي وڄايائين. فضا ۾ هڪ پراسراريت ڇانئجي ويئي. اُن جي نتيجي ۾ فوجي دستي پنهنجو شراب ڏوڪ ڪري پي ڇڏيو. پنهنجا هٿيار سنياليا ۽ لوهي ٽوپلا پاتا ۽ جلدي جلدي قطار ۾ بيهي رهيا. هن حيران ڪندڙ انداز ۾ ضابطي جو مظاهرو ڪيو، جوڪرين تاڙيون وڄايون ۽ ڪائيس پنهنجي دوست جي اِن واهيات حرڪت تي ناراض ٿي لڳو، پر پوءِ به هو دستي جي واکاڻ ڪرڻ تي مجبور هو.

"چا هي وڙهندا به آهن؟" هُن معلوم ڪرڻ چاهيو.

"اسپارٽيڪس کان پڇي ڏسو." بروٽاس چيو ۽ ڪلاڊيا وڏو ٽهڪ ڏنو: "واهه ڏاڍو سهڻو جواب آهي!"

بروٽاس جهُڪيو ۽ ڪيس فوجي سلام ڪيو ته هوءَ وري به ڪلي پئي. ڪائيس جي لاءِ سندس هي ردِعمل ڪو نئون ڪونه هو. ڪيس ڪلاڊيا اڄ معمول

جي خلاف عجيب نظر اچي رهي سندس ڳل چمڪي رهيا هئا ۽ پريد تي سندس اکيون به چمڪي رهيون هيون. جتهن انداز ۾ هوءَ فوجي عملدار سان ڳالهائي رهي هئي. اهو انداز به ڪائيس کي حيران ڪري رهيو هو. بروٽاس رستي جي وچ تي سڄي قافلي جي اڳواڻي پنهنجي هٿ ۾ وٺي چڪو هو.

"چگو پلا هي ڪهڙو ڪم ڪري سگهن ٿا؟" ڪلاديا پڇيو.

"هي مارچ ڪري سگهن ٿا، وڙهي سگهن ۽ عهد ڪري سگهن ٿا."

"۽ قتل!"

"ها، هي قاتل به آهن. چا هو اهڙا نظر ڪونہ ٿا اچن؟"

"مون کي سندن ڏسڻ جو انداز ڏاڍو پسند آهي." ڪلاديا چيو.

بروٽاس ڏاڍي مسرت سان هن ڏانهن ڏٺو ۽ ٽورو سوچي آهستگيءَ سان چيو، "ها منهنجي مٺڙي! توکي ڏسي مون کي به ن ڳالهه جو اندازو ٿئي ٻيو."

"ٻيو پلا چا ٿا ڪري سگهن؟"

"اوهان کي ٻيو چا گهرجي؟ چا هن کي مارچ ڪندي منجهن پيدا ٿيندڙ موسيقيءَ جو آواز ٻڌڻ چاهيندیون؟" ۽ هن رڙ ڪري حڪم ڏنو ۽ قدمن سان گڏوگڏ سپاهين جو گرجدار آواز اچڻ لڳو.

"زمين ۽ آسمان، رستو ۽ جبل، تراڙ جا هڏين تائين گهاوَا"

"اِن جو مطلب چا آهي؟" هيلينا پڇيو.

"حقيقت ۾ اِن جو ڪوبہ مطلب ڪونهي. هي محض ڀ جو هڪ قسم آهي. ٻيا به ڪيترائي قسم آهن ۽ انهن جو ڪوبہ آهي. زمين آسمان، رستو ۽ جبل، حقيقت ۾ ڪجهه ڪونهن پر اِ سڀ ڪري سگهن ٿا. ڪي ته اهڙن لفظن تي مشتمل هوندا آهن . ٻڌڻ جي لائق ئي ڪونهن."

"آءٌ ته ٻڌڻ چاهيان ٿي." ڪلاديا چيو.

"آءٌ توکي ڪن ۾ ٻڌائيندس." هُن مسڪرايو ۽ هلندي هلندي هن ڏانهن جهڪيو ڪجهه چيائين ۽ وري سڌو ٿي ويو. ڪلاديا هن ڏانهن گهوري نهاريو ۽ منجهس اکيون ڪُپائي ڇڏيون. اڳيان رستي تي ٻيهر لاشن جي قطار هئي. ٽنگيل جسم تسبيح جي واڻن وانگر لڙيءَ ۾ پوتل. بروٽاس انهن طرف اشارو ڪري چيو:

"چا اوهان هن عمل کي شرافت چوندؤ؟ هي هِن ئي سپاهين جو ڪم آهي. انهن ماڻ منهنجي دستي اٺ سؤ جڻن کي صليب تي چاڙهيو آهي."

"۽ شايد اِهائي ڳالهه هن کي سڀ سپاهي ثابت ٿي ڪري؟" هيلينا چيو.

"سمجهو ته اهوئي وڃي ٿو."

ڪلاديا چيو ته "انهن مان هڪ کي هيڏانهن سڏي وٺ."

"چو؟"

"چو ته اها منهنجي خواهش آهي."

"ٺيڪ آهي." هن ڪلهن کي مٿي ڇڪيو ۽ رڙ ڪئي "سيڪس تس! قطار مان الڳ ٿي وڃ ۽ هتي حاضر ٿي."

هڪڙو سپاهي قطار مان نڪري ٻنهي قطارن جي وچان ڊبل مارچ ڪندو اچي حاضر ٿيو. فوجي سلام ڪيائين ۽ بيهي رهيو. ڪلاديا ٽڪ ڏيئي اُن کي گهوريڻ لڳي. هو هڪ وچولي قد جو، ڪاري شڪل ۽ ڳٽيل بدن وارو مائهو هو. سندس ڳاڙهيون ٻانهون، ڳچي ۽ چهرو پورا پٽي اڳا. هو پگهر ۾ شل هو. سندس پٽيان ۽ فوتن جي ڊال لڙڪي رهي هئي. هن جي هڪ هٿ ۾ ڇهه فوٽ ڊگهو ۽ ٻه انچ ويڪرو هڪ نيزو هو. وٽس هڪ ڳري هسپانوي تلوار ٻه هئي ۽ ٽي وڏيڪ لوهي ٽڪرا سندس چيلهه سان ٻڌل هئا. هن چمڙي جي پتلون پاتي هئي ۽ چمڙي جي ٽي ڊگهي چمپل، هُو چمڙي، لوهه ۽ ڪاٺ جي بوجهه جي باوجود ٻه ڏاڍي سولائيءَ سان ڊوڙي رهيو هو. پنهنجي لوهه جي اوزارن کي هُن جڳيءَ طرح تيل ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري چمڙي، پگهر ۽ تيل جي سڙاند ملي عجيب قسم جي ڏپ پيدا ڪري رهي هئي.

ڪائيه اهيءَ جي پٽيان پٽي آيو. اتان هُن ڏٺو ته ڪلاديا جا چپ ڪليل هٿا ۽ مٿن زيار هئي ۽ سندس اکيون ان سپاهيءَ تي ڪتيون پيون هيون.

"آءٌ ڏوليءَ سان گڏ هلندو ڏسڻ چاهيان ٿي." ڪلاديا بروٽاس کي هُن ٻيهر ڪلهن کي مٿي ڪنيو ۽ سپاهيءَ کي ائين ڪرڻ جو ڏنو. سپاهي هڪ هلڪي مسڪراهٽ سان پوئتي هٽيو ۽ ڏوليءَ سان هلڻ ٻيهر سندس اکيون ڪلاديا ڏانهن ڪجي ويون ۽ پوءِ هُو نڪ جي سامهون ڏسڻ لڳو. هوءَ سندس ويجهو آئي ۽ سندس بدن کي هٿ لڳائي ڏٺو. پوءِ هن بروٽاس کي چيو ته: "هن کي وڃڻ لاءِ چئو. هن مان ته بدبوءِ پئي اچي." بروٽاس سپاهيءَ کي قطار ۾ وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو.

[7]

سلاريا محل حقيقت ۾ هڪ قسم جو مسخريءَ مان رکيل نالو هو، جيڪو ان زماني جي ياد ڏيارينڊو هو جڏهن روم جي ڏاکڻين حصن ۾ مليريائي لوٽيائي ڏيڻ هوندي هئي. هي حصو مدتن بعد آبادي لائق بنايو ويو هو. هتان رستو جدا ٿي ٿيو،

جيڪو هڪ وڏي جاڳير ڏانهن ٽي ويو. ان جاڳير جي مالڪ جو نالو انتونيس ڪائيس هو، جيڪو ڪائيس ۽ هيلينا جو نانائڪي طرفان مائٽ هو. هيءَ محل شهر ڪي ويجهو به هو ته وڏن وڏن باغن جي وچ ۾ گهيريل به هو. هن محل جي اڏاوت جو نمونو پڻ ڏسڻ وٽان هو.

جيئن ٽي ڪائيس پنهنجي مختصر قافلي سان ان رستي تي مڙيو ته ڪيس خبر پٽجي ويئي ته هي رستو ئي محل تائين وڃي ٿو. چو ته رستي ۾ هنڌ هنڌ تي انگور جون وليون هُيون. زمين جي تمام گهڻي سنيال ڪيل هئي. تنهن ڪان سواءِ زيتونن جو قطارون، هر طرف بهار جهڙو ماحول لڳو پيو هو. جيڪو فقط اُن وقت ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن غلام پورهيت لامحدود انداز ۾ ملي سگهندا هجن. آس پاس جو منظر اهڙو ته سحرانگيز هو جو ڪلاڀيا، جيڪا هن علاقي ۾ پهرين ڪانه آئي هئي، خوشيءَ ۾ رڙيون ڪرڻ لڳي هئي. هيءَ هڪڙي "نئين ڪلاڀيا" هئي ۽ ڪائيس کي ائين پئي لڳو ته سزا جي علامتن جي اُڪسائڻ تي هڪ نازڪ حسين چوڪري ڪيتريقدر نه بهڪي پيئي آهي.

اوڏيءَ مهل غلام جانورن کي اندر ڪاهيو پئي ويا. ڏِڳين جي مٿرين جي جهنڪار ۽ دراڙن جي سينڌن جون صدائون مسلسل اچي رهيون هيون. نوجوان ٽريشن ۽ آرمينائي دراڙ، جن کي فقط چيلهه وٽ ستر پوشن ڪان سواءِ بدن تي ٻيو ڪجهه به ڪونه هو، اگهاڙا ڏِجندا مال کي آواز ڏيندا وٽن جي وچان ڀڄندا پئي ويا. ۽ ڪائيس اهو ڏسي حيران هو ته ڪرين ۽ غلامن مان انسان ڪهڙا آهن!؟ هُو هميشه وانگر سوچي رهيو هو ته چاچا ڪيتريقدر نه شاهوڪار آهي. قانون مطابق پراڻن اشراف ۽ امير خاندانن جي لاءِ هر قسم جو ڪاروبار ڪرڻ منع ٿيل هئي. پر انتونيس ڪائيس پنهنجي ٻين هم عصرن وانگر قانون کي پيرن جو نيئر بنائڻ بدران پنهنجو محافظ بنائي ڇڏيو هو. هن کي پنهنجي دلالن جي معرفت هڪ ڪروڙ جو بنا وياج قرض مليو هو، حالانڪ اُن زماني ۾ عام طور سؤ سيڪڙو وياج لڳندو هو. اسپين جي چانديءَ جي ڪائين مان سڀ کان وڏي ڪاڻ ۾ سندس اڌ حصو هو. مصر تائين سندس ڪاروبار پکڙيل هو. جيتوڻيڪ منصب دارن ڪان سواءِ گڏيل استاڪ ڪمپنين جي بورڊ ۾ ٻيو ڪير ويهي ڪونه سگهندو هو، پر پوءِ به انتونيس ڪائيس جي هر خواهش جو وڏي احتياط سان احترام ڪيو ويندو هو.

اهو چوڻ ته ڏاڍو ڏکيو هو ته هُو ڪيڏو وڏو شاهوڪار هو، ۽ جيتوڻيڪ سلاريا محل هڪ خوبصورت ۽ ڏسڻ جي لائق جاءِ هئي، جنهن جي ملڪيت ۾ ڏهه هزار ايڪڙن ڪان به وڌيڪ زمين هئي، پر پوءِ به هي علاقي جو سڀ ڪان وڏو يا سڀ ڪان عاليشان محل ڪنهن به صورت ۾ ڪونه هو، ۽ نه ئي وري انتونيس

ڪائيس پنهنجي دولت جو ڏيکاءُ ڪيو هو جيڪا ڪيترن امير خاندانن جي عادت هوندي هئي. انتونيس پرائي طرز جو شان شوڪت رکندڙ هڪ رومي هو. ڪائيس سندس عزت ته ڪندو هو پر ڪيس گهٽو پسند ڪونه ڪندو هو. سندس موجودگيءَ ۾ ڪائيس هميشه بي آرامي محسوس ڪندو هو.

ان بي آراميءَ جو سبب ڪائيس جي نظر ۾ هي هو ته منجهس ۽ ٻين رومي نوجوانن ۾ جيڪو فرق هو، تنهن کان سندس چاچو واقف هو. رومي نوجوانن مان عام توقع اِها هوندي هئي ته اهي نيڪ ۽ سادگي پسند هُجن، معاشري طرفان عائد ڪيل فرضن جي پورائي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏين، اهڙا بهادر سپاهي، جيڪي اڳيان وڌندڙ دستي جا مهندار هجن، ڪنهن شاهوڪار ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ سان شادي ڪن، ملڪ جي بهتر نموني ۾ خدمت ڪن، هڪ جاءِ تان ترقي ڪري ٻي جاءِ تي پهچن، تانجو ڪائونسل جا ميمبر بنجي وڃن ۽ عام ماڻهن ۾ اعزاز حاصل ڪيل ماڻهن، دولتمند ۽ شهرت حاصل ڪيل ماڻهن طرفان عزت ۽ مان مرتبو حاصل ڪن. پر ڪائيس ته اهڙي ڪنهن نوجوان کي رڳو سيڃاڻندو به ڪونه هو. هن ته پنهنجي آس پاس جيڪي نوجوان ڏٺا ۽ جنهن حالت ۾ ڏٺا سا هيءَ هئي ته انهن مان ڪن پاڻ کي گهٽي کان گهٽين حسين عورتن کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو! ڪن کي ننڍيءَ عمر ۾ ئي دولت ڪمائڻ جي لُري لڳي ويئي هئي ۽ اُهي ڪيترين ئي غير قانوني واپاري سرگرمين ۾ لڳي ويا هئا. ڪي رشوت وٺڻ ۽ ووٽ وڪڻڻ جو ڪاروبار پنهنجي مائٽن کان سکي رهيا هئا. تمام ٿورا ماڻهو فوج ۾ ڀرتي ٿيا. پر ڪائيس ڪنهن به اهڙي جهنجهٽ ۾ ڪونه ڦاٿو هو. ٻيڪاري، خوشحالي ۽ "چيئو ۽ جيئڻ ڏيو" سندس اڳيان مهذب ۽ قابل عمل فلسفو بنجي چڪو هو. هو پاڻ کي عظيم ملڪ جو ناگزير شهري نه ته به گهٽ ۾ گهٽ هڪ بي ضرر ماڻهو ضرور سمجهندو هو. هُو سندس چاچي طرفان بنا اعلان ڪيل لڳايل الزامن کي سنو ڪونه سمجهندو هو.

هن ڏٺو ته غلامن جو ڪوٽيون رهائشي علائقن کان پري رکيون ويون هُيون. ڪين رڳو شاهي محل ڏانهن وڃڻ جي به اجازت ڪانه هئي. محل هڪ مٿاهين جاءِ تي تعمير ڪيو ويو هو ۽ رنگ روغن ڪيل ڳاڙهين ٽائلس سان چت بند ڪيل هئي. هر هنڌ سنگ مر مر استعمال ڪيل هو. مڇين جا تلاءُ، هڙ ۽ ٻين خوبصورت ۽ ناياب جانورن جي لاءِ خوبصورت واڙا ٺهيل هئا. هن وڏيون وڏيون رقمون ڏيئي محل ۾ مجسما نصب ڪرڻ لاءِ يوناني مجسمہ ساز خريد ڪري ورتا هئا. حالانڪ سندس پنهنجي ڪا خاص پسند ڪانه هئي، پر هُو هي سڀ ڪجهہ پنهنجي زال جوليا جي خوشيءَ لاءِ ڪندو هو.

جڏهن هو وڏي دروازي مان اندر لنگهي محل ڏانهن وڃي رهيا هئا تڏهن ڪلاڊيا ٽڏو ساهه پريندي چيو: "اهڙي جاءِ جو تصور ته آءُ خواب ۾ به ڪانه ٿي ڪري سگهيس. هيءُ ته يوناني ديون پرين جي ڪهاڻين ۾ ذڪر ڪيل جاين جهڙي جاءِ آهي."

"ها، بيشڪ هيءَ تمام پلوڙ جاءِ آهي." هيلينا چيو.

سڀ کان پهريائين انتونيس ڪائيس جي ٻن ننڍڙين چوڪرين کين ڏنو ۽ ٻوڙي ڏانهن ويون. جڏهن ته سندن ماءُ جوليا، جيڪا پوري پني ناهوڪڙي، ٽلهيڙي ۽ سانوري عورت هئي، سا آهستي آهستي هنن ڏانهن وڃڻ لڳي. انتونيس پاڻ به ٽن ماڻهن سان گڏ جاءِ مان نڪتو. هُو هڪ تڪلف پريو شان رکندڙ شخص هو. هُو پنهنجي پائيٽي، پائيٽيءَ ۽ سندن دوست چوڪريءَ سان خوش اخلاقيءَ سان مليو ۽ پوءِ هُن رسمي طرح پنهنجي مهمانن جي سڃاڻپ ڪرائي. انهن مان ٻن کي ڪائيس پهرين ڀر سڃاڻندو هو. هڪ هو لينٽي لس گراڪس، جيڪو ڪامياب سياستدان هو ۽ ٻيو لي سي نيئس ڪراسس هو، جنهن غلامن واري جنگ ۾ جنرل جي حيثيت ۾ تمام گهڻو نالو ڪڍيو هو. پر ٽيون ماڻهو ڪائيس لاءِ اڻ سڃاڻو هو. هُو ٻين کان عمر ۾ ننڍو هو. سندس نالو مارڪوس ٽوليئس سائيسيرو هو. هُو تجسس ۽ جانچڻ پرکڻ واري نگاهن سان ڪائيس ۽ ٻنهي ناهوڪڙين چوڪرين کي ڏسي رهيو هو.

انهيءَ دوران ڪلاڊيا جاگيردار انتونيس ڪائيس کي تڪي رهي هئي. جيئن ته هوءَ سياست ۽ جنگ جي باري ۾ ڪا گهڻي ڄاڻ ڪانه رکندي هئي تنهن ڪري هوءَ گراڪس ۽ ڪراسس کان بنهه متاثر ڪانه ٿي. سائيسپرو اڻ سڃاتل به هو ته منصب دارن جي لالچي نسل مان به هو، جن کان ڪلاڊيا کي نفرت ڪرڻ سيکاريو ويو هو. تنهن ڪري ڪلاڊيا اُن کي به ڪا اهميت ڪانه ڏني. جوليا ايندي ئي ڪائيس کي ڪٽي پنهنجي ٻاڪرن ۾ سوگهو ڪيو. هوءَ هُن کي تمام گهڻو پائيندي هئي. ڪلاڊيا انتونيس جي باري ۾ ڪائيس جي قائم ڪيل راءِ کان وڌيڪ تُز انداز ۾ راءِ قائم ڪري چڪي هئي. ڪيس طوطي جي چهنب جهڙي نڪ ۽ مضبوط بدن وارو هي جاگيردار ظلم جو هڪ مجموعو لڳو. ائين پئي لڳو ته هُن جي ٻُک ڪڏهن به ختم ٿي نه سگهي آهي. هُو جنهن طرح پاڻ کي سخت قسم جو پروٽسٽنٽ ظاهر ڪري رهيو هو، تنهن کي ڪلاڊيا محسوس ڪري ورتو هو. هوءَ ته ڪمزور ماڻهن جي پيٽ ۾ طاقتور ماڻهن کي ترجيح ڏيندي هئي. انتونيس ڪلاڊيا تي هي اثر ويهاري چڪو هو ته هُو غير دانش مند ۽ مصلحت کان خالي شخص بنهه ڪونهي.

سڀ گڏجي اندر آيا. ڏولي کڻندڙ غلام ايڏي ڊگهي مسافري کان پوءِ ٽڪل ٽٽل، ڪُهر ۾ ٻڏل، پنهنجي ڏولين جي چؤطرف ڪنڌ جهڪايو. شام جي ٺڏي هوا

ڀر ڏکي رهيا هئا. سندن بدن جو گوشت ٽڪاوٽ جي سور کان تڙڦي رهيو هو. کنهن به منٽن توجهہ کونہ ٿي ڏنو. پنج ٿي مرد، ٽي عورتون ۽ ٻہ ٻار اندر وڃي چڪا هئا، پر ڏولي کڻندڙ اڃا تائين پنهنجي ڏولين جي چوڌاري ڪنڌ جهڪايو ويٺا ۽ انتظار ڪري رهيا هئا. انهن مان ويهن سالن جو هڪ چوڪرو سڏڪا پري روئي رهيو هو. پر کنهن به اُن ڏانهن توجهہ کونہ ٿي ڏنو. اٽڪل ويهن منٽن تائين هو اتي ٿي ويٺا رهيا. تڏهن هڪ غلامءانهن ڏانهن آيو ۽ کين ٻيڙکن ڏانهن ونڃي ويو جتي کين کاڌو ڏنو ويو ۽ رات گذارڻ لاءِ اجهو ٻہ.

[8]

ڪائيس، ڪراسس سان گڏجي تڙ ڪيو. هُن کي ڪراسس ڏاڍو خوش اخلاق ۽ خوش ذوق لڳو. هن هن ڀر اُهي سڀ خوبيون ڏٺيون جيڪي هڪ چڱي ماڻهوءَ ۾ هجڻ کپن. هو پاڻيءَ ۾ آهستگيءَ سان کيڏندا رهيا، اڇيان پويان ترندا رهيا ۽ گرم ۽ معطر پاڻيءَ مان مزو وٺندا رهيا. پاڻيءَ ۾ خوشبودار لوڻياٽ وجهي ان کي رنگين بنايو ويو هو. ڪراسس پنهنجي بدن کي خوب سنيالي رکيو هو ۽ پنهنجي پيٽ کي وڏڻ کان روڪي رکيو هو. هُو هڪ سخت جان ۽ پورو پنو، چاق چڪو پلو نوجوان هو. هن ڪائيس کان پڇيو تہ ڇا هو روم واري رستي تان آيا آهن؟

"ها، اسين اِنهيءَ رستي تان آيا آهيون ۽ سياڻي صبح جو ڪاپوا وڃي رهيا آهيون."

"اوهان کي سزا جي نشانين کان ڪا تڪليف تہ ڪانہ پهتي؟"

"نہ، حقيقت هيءَ آهي تہ انهن کي ڏسي ڪا خاص تڪليف تہ ڪانہ پهتي، البت تعجب ضرور ٿيو. لاشن کي پڪين چيري ڦاڙي ڇڏيو هو، جنهن جي ڪري ٽوري کوفت ٿي ٿي. خاص ڪري جڏهن هوا لڳندي هئي، پر ان جو ڪو علاج ب تہ ڪونہ هو. چوڪرين تہ پنهنجا پردا ڇڪي ٿي ڇڏيا پر ڏولي ڇڪيندڙ ڏاڍا مجروح ٿي ٽيا ۽ کنهن کنهن وقت تہ هو بنهہ بيمار ٿي لڳا."

منهنجي خيال ۾ هن پاڻ کي پنهنجي قوم سان واڳي ڇڏيو آهي." جنرل مسڪرايو.

"ٿي سگهي ٿو. توهان جي خيال ۾ غلامن ۾ ب احساس موجود هوندا آهن ڇا؟ جانورن جهڙا ماڻهو ڪهڙي سوچ رکي سگهن ٿا. ڇا توهان سمجهو ٿا تہ سمورا غلام اسپارٽيڪس سان همدردي محسوس ڪن ٿا."

"منهنجي خيال ۾ تہ سمورا غلام اسپارٽيڪس سان محبت ڪندا هئا."

"نہ پوءِ تہ توهان اِن ڳالهہ کان گهٽا پريشان ٿيا هوندا؟"

"بهرحال، آءٌ صليبن تي چاڙهڻ واري هِن عمل کي پسند نٿو ڪريان." ڪراسس وضاحت ڪئي. "آءٌ تہ اِن کي فضول خرچي ٿو سمجهان. صرف ضايع ڪرڻ لاءِ ضايع ڪرڻ. هيڏي ساري وڏي پيماني تي قتل عام اسان جي خلاف ويندو ۽ مستقبل ۾ اسان کي نقصان پهچائيندو."

"پر غلام ڪري ب چا سگهندا؟" ڪائيس احتجاج ڪندي چيو.

"سائيسيرو ڏاڍي شوق سان چوندو آهي تہ غلام ڳالهائڻ وارو اوزار هوندو آهي، جيڪو درندن يعني اڌ ڳالهائيندڙ اوزارن کان مختلف آهي جيڪو عام اوزار يعني بنا آواز واري اوزار کان مختلف آهي. ڳالهہ کي اِن انداز ۾ پيش ڪرڻ واقعي هڪ چالاڪ ۽ هوشيار انداز آهي ۽ آءٌ ميڃان ٿو تہ سائيسيرو تمام هوشيار ماڻهو آهي مگر سائيسيرو کي اسپارٽيڪس سان وڙهڻو تہ ڪونہ پيو هو. ڪيس مون وانگر راتين جون راتيون جاڳي سوچڻو تہ ڪونہ پيو هو تہ اسپارٽيڪس ڇا پيو سوچي. جڏهن اوهان انهن سان وڙهي رهيا هوندا آهيو تڏهن اوچتو اوهان کي خبر پوندي تہ غلام محض ڳالهائڻ وارا اوزار ڪونهن."

"اوهان اُن کي سڃاڻندا هئا؟ منهنجي مطلب آهي تہ ذاتي طور."

"ڪنهن کي؟"

"اسپارٽيڪس کي." جنرل جواب ۾ مسڪرائي ڏنو.

"بلڪل نہ." هن چيو. "مون هتان جون خبرون ٻڌي انهن مطابق هنجو خاڪو جوڙيو هو. مون هن کي ڏٺو ڪونہ هو ۽ نہ ئي ڪنهن اهڙي شخص کي سڃاڻان جيڪو ڪيس سڃاڻندو هو. ڪيس سڃاڻڻ ب ڏاڍو ڏکيو هو. جيڪڏهن اوهان جو ڪو پالیل ڪتو اوچتو باهوڙجي پڃي وڃي تہ پوءِ اوهان اُن کي ڪٿ جي وڏي ولر ۾ ڪيئن سڃاڻي سگهندا؟ مون اسپارٽيڪس جي باري ۾ پنهنجو تصور قائم ڪيو هو، پر ان جي تصوير ناهي ڪونہ ئي سگهيس ۽ منهنجي خيال ۾ ٻيو ب ڪير ائين نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪي ماڻهو ائين ڪري ب سگهيا ئي تہ اُهي سڀ جا سڀ ايپين شاهراهہ جي ڪناري سان ٽنگيا پيا آهن. هُو شخص تہ پهريائين ئي هڪ خواب بنجي چڪو هو. اسان تصور ۾ اُن کي ٻيهر ڪنهن غلام جي روپ ۾ ڏسنداسين."

"بلڪل اهڙو، جهڙو هوُ هو." ڪائيس چيو.

"ها ها، مون کي تہ ائين ئي ٿو نظر اچي."

ڪائيس لاءِ معاملي جي تهہ تائين پهچڻ ڏاڍو مشڪل هو ڇاڪاڻ تہ ڪيس

جنگ جي باري ۾ ڪوبہ تجربو ڪونہ هو، ٻيو تہ جنگ سان ڪيس دلچسپي بہ ڪانہ هئي. حالانڪ جنگ سندس طبقي ۽ برادريءَ يعني اشرافن جي ضرورت هئي. هُو هِن ڳالهہ تي حيران هو تہ روم جي سموري تاريخ جي تلخ ترين جنگ وڙهي بہ هن جنرل کي ڪابہ خوشي ڪانہ ٿي هئي. هُن غلامن کي شڪست ڏني هئي ۽ اُها بہ اهڙي وقت، جڏهن غلام روم کي تقريباً شڪست ڏيئي چڪا هئا. ڪراسس جي ذات هڪ حقيقت بنجي چڪي هئي، حالانڪ سندس باري ۾ نہ تہ شاعري ڪئي ويئي هئي ۽ نہ ئي ڪو داستان گهڙيو ويو هو. پر اٽلو سموري جنگ کي ميسارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ويئي.

هو غسل خاني مان باهر نڪتا تہ منتظر غلام عورت کين گرم ٽوالن ۾ ويڙهي چڏيو. ڪائيس سوچيو تہ هڻڙي قسم جي عيش و عشرت واري زندگي تہ پرائي زماني جي بادشاهن بہ ڪانہ گذاري هوندي، جهڙي جاڳيردار انتونيس جي گهر ۾ ڪيس مهيا هئي.

"مون کي لباس پارائڻ يا عورتن جي حوالي ٿيڻ جي عادت ڪانهي." ڪراسس چيو. "ڇا توهان اهو سڀ ڪجهہ پسند ڪندا آهيو؟"

"مون اِن معاملي تي ڪڏهن بہ غور ڪونہ ڪيو آهي." ڪائيس جواب ڏنو. حالانڪ اصل ۾ ائين ڪونہ هو، ڇو تہ ڪيس غلام عورتن جي هٿن ۾ وڃڻ ۾ ڏاڍو مزو ۽ لذت ملندي هئي. جنرل جي سوال ڪيس مجبور ڪيو هو تہ هُو انهن نوڪريائين کي غور سان ڏسي. هو اسپين جون رهاڪو هُيون، جوان ۽ قدڪاٺيءَ ۾ ننڍيون. سندن پير اگهاڙا هئا ۽ هو رومي چوغا پايو پئي هليون. سندن لباس گرم پائيءَ جي ٻاڦ سان هرِيا ٿي ويا هئا ۽ زور زور سان ٽوال هڻڻ جي ڪري ڳچ ۾ شل ٿي ويون هُيون. ڪائيس ڏاڍو جذباتي پئي ٿيو. ڪراسس انهن مان هڪ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ مسڪرايو. هوءَ ڏاڍي گهبرائجي ويئي.

ڪراسس جي اِن حرڪت جي ڪري ڪائيس ڏاڍو شرمندو ٿيو. ڪيس هيءَ حرڪت نيچ ۽ ڪريل لڳي. هو مالش جي ميز تي وڃي ليٽي پيو ۽ ڪجهہ دير بعد ڪراسس بہ اُتي پهچي ويو. "هڪ خوبصورت ۽ ننڍڙي ڪُڙي!" ڪراسس چيو. ڪائيس سوچيو تہ هي ماڻهو عورتن جي معاملي ۾ بنهہ جٹ آهي؟ مگر ڪراسس کي بظاهر ڪابہ پرواهہ ڪانہ هئي. "اسپارٽيڪس" هُن قصي کي اتان ئي ڪنيو جتي ڇڏيو هئائون. "منهنجي لاءِ بہ ايترو ئي ڳجهارت هو جيترو تنهنجي لاءِ آهي. مون کيس ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو، حالانڪ هُن مون کي خوب نچايو هو."

"توهان کيس ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو؟"

"ڪڏهن بہ نہ. مگر اُن جو مطلب اِهو ڪونهي تہ ڪو آءٌ ڪيس ڪونہ

سڃاڻندو هوس. ٽڪرا ٽڪرا ملائي مون ڪيس تخليق ڪيو هو. ماڻهو موسيقي يا فن تخليق ڪندا آهن، ليڪن مون سندس تصوير تخليق ڪئي هئي."

ڪراسس ليٽي پيو. هُو مالش ڪندڙ عورت جي آڱرين جي ڇُهاءَ جو لطف وٺڻ لڳو.

"اسپارٽيڪس جي باري ۾ اوهانجو خاڪو ڪيئن ٿي لڳو؟" ڪائيس پڇيو.

"مون کي هميشه هي تعجب ٿيندو هو ته اسپارٽيڪس جي ذهن ۾ منهنجو خاڪو ڪهڙو نهيل هو. هُن آخري وقت تي مون کي پڪاريو هو. مون پاڻ ته سندس آواز ڪونه ٻڌو هو، پر ماڻهو چون ٿا ته سندس آخري لفظ هي هئا: 'ڪراسس حرامي، جا پٺ! منهنجو انتظار ڪجاءِ،' هُو مون کان مشڪل سان کي چاليهه پنجاهه والن جي فاصلي تي هو. هُن مون ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪيو هو. اها واقعي حيران ڪندڙ ڳالهه هئي. هُو ڪو ڊگهو قداور شخص ڪونه هو. نه ئي ڪو گهٽو طاقتور، مگر اُن مهل هُو انتهائي غضب ناڪ بنجي ويو هو. انهيءَ جوش ۽ غصي جي حالت ۾ هُو وڻهيو هو. هُن مون ڏانهن ايندي اڌ پنڌ به ڪري ورتو هو. هُن پنهنجي آخري شيطاني ڊوڙ ۾ گهٽ ڏهه يارهن ماڻهو به قتل ڪري ڇڏيا هٿا، ۽ هُو تيستائين ڪونه ٻيٺو جيستائين منهنجي ماڻهن کيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري نه ڇڏيو."

"پوءِ ته اِها ڳالهه صحيح نڪتي نه، ته ان جو لاش ڪڏهن به ڪونه ملیو هو." ڪائيس پڇيو.

"ها، اِهو سچ آهي. کيس ٽڪر ٽڪر ڪيو ويو هو ۽ ملڻ لاءِ ڪجهه بچيو ئي ڪونه هو. توهان کي خبر آهي ته جنگ جو ميدان چا ٿيندو آهي؟ اتي صرف گوشت ۽ رت هوندو آهي. ڪنهن کي به خبر ڪانه هوندي آهي ته هي گوشت ڪنهنجو آهي، هي رت ڪنهنجو آهي. تنهن ڪري هُو جيئن آيو هو، تيئن ئي هليو ويو. عدم کان عدم تائين. آڪاڙي مان نڪتو هو ته وري ڪاسائي جي دوڪان ۾ گهڙيو هو. اسان تلوار سان زنده آهيون ۽ تلوار سان ئي مرندا آهيون. ساڳيو حال اسپارٽيڪس جو هو. آءُ ڪيس سلام ٿو ڪريان."

انهن لفظن ڪائيس کي ڪنابن ناهڻ واري جي گفتگو ياد ڏياري ڇڏي. اُن جي زبان تي به ساڳي ڳالهه هئي. هُن گهڙي ڪن غور ڪرڻ بعد ٻيو سوال ڪيو "چا توهان کي هُن لاءِ نفرت ڪانهي؟"

"نه. چو ڪريان نفرت؟ هوُ هڪ بهترين سپاهي هو ۽ قابل نفرت گندو غلام. آءُ ڪنهن کان نفرت ڪريان؟ هُو مري ويو ۽ آءُ زنده آهيان. بس مون کي اِها ئي ڳالهه پسند آهي. مگر منهنجو تجربو محدود آهي. منهنجي خيال ۾ توهان مون وانگر نٿا سوچيو. مون کي اڪثيڪيون عورتون پسند ڪونهن. آءُ ته صحتمندي،

احتياط ۽ خوبصورتيءَ لاءِ مريو ٿو پوان. ڏس، جيئن هيءَ عورت آهي. ڪائيس! هڪڙو ماڻهو ٻلا چا ٿو ڪري سگهي؟"

ڪائيس پهرين ته سمجهي نه سگهيو ته ڪراسس چاجي باري ۾ ٻيو ڳالهائي. هُو حيراني سان ڏسي رهيو هو. ڪراسس جي ڪنڌ جو گوشت جذبات کان ٿوڪجي ويو هو. ڪائيس خوفزده ٿي ويو. هُن ڪمري مان هڪدم ٻچي وڃڻ چاهيو، مگر هُو ائين ڪري نه سگهيو چو ته اِهو طريقو مهذب ڪونه هو.

"اوهان هِن ئي عورت کان پڇي ڏسو." ڪائيس چيو.

"هن کان؟ چا تنهنجي خيال ۾ هيءَ ڪُتي لاطيني ٻولي ڳالهائي سگهي ٿي؟"

"هي سموريون ٿورو گهڻو ڳالهائي سگهن ٿيون."

"توهان جو خيال آهي ته هِن کان سڌي طرح پڇيو وڃي؟"

"چو نه؟" ڪائيس ٻڌ ٻڌ ڪئي ۽ پيٽ ۾ ليٽي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

[9]

ڪائيس ۽ ڪراسس ٻئي غسل خاني ۾ هئا. لهندڙ سج جا سونهري ڪرڻا سلاريا محل جي باغيچن تي پٽجي رهيا هئا. انتونيس ڪائيس پنهنجي يائيٽيءَ جي ساهيڙيءَ کي سير ڪرائڻ ميدان ڏانهن وٺي ويو. انتونيس اجائي ڏيکاءَ ۽ ڪوڙي رک رکاءَ جو قائل ڪونه هو هُن جو نقطهِ نظر ئي جدا هو. هن کي ڪنهن سماجي عدم تحفظ جو فڪر ڪونه هو جو هُو ڪنهن نمائشي ڏيکاءَ جي ضرورت محسوس ڪري. اِهو سڪٽو ڏيکاءَ انهن ڏينهن ۾ اتي جي نون واپارين ۾ عام جام هو. پنهنجي دوستن وانگر انتونيس کي گهوڙن سان به ڏاڍي دل هوندي هئي. هُو سڀني نسل جي گهوڙن تي ڳري رقم خرچ ڪندو هو. اُن زماني ۾ هڪ سڀيءَ گهوڙيءَ جي قيمت هڪ سڀي غلام جي قيمت کان پنجوڻ تي وڌيڪ هوندي هئي ۽ ان جو جواز هي ٻڌايو ويندو هو ته هڪ سڀي گهوڙيءَ جي مناسب تربيت ڪرڻ تي پنجن غلامن جي ضرورت پوي ٿي.

گهوڙا وڏي ساوڪ واري ميدان تي ڊوڙي رهيا هئا. هڪ طرف اصطبل ۽ واڙهو هو ۽ اتان کان ٿوري پنڌ تي پٿر سان ٺهيل گيلري هئي جنهن تي پنجاهه ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش هئي. جڏهن اصطبل وٽ پهتا تڏهن کين هڪ سانُ گهوڙي جي هٽڪار جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هي غضب ناڪ آواز ڪلاڊيا لاءِ بلڪل نئون هو.

"هي آواز ڪنهنجو آهي؟" هُن انتونيس کان پڇيو.

"هڪڙو سانَ گهوڙو مست ٿيو آهي. مون ۾ هفتا اڳ خريد ڪيو آهي.

ٽريشين نسل جو، تمام وڏو ۽ وحشت ناڪ آهي، پر آهي ڏاڍو سهڻو. چا توهان ڏسڻ پسند ڪندیون؟"

"مون کي گهوڙن سان ڏاڍو پيار آهي. مهرباني ڪري مون کي ڏيکار."

هو اصطبل ڏانهن وڃڻ لڳا. انتونيئس هڪ سُڪل مصري غلام کي نمائش واري واڙي ۾ گهوڙي کي آڻڻ لاءِ چيو. هو گيلري ڏانهن ويا ۽ نرم نرم گاديلن تي ويهي رهيا جيڪي هڪ غلام سندن لاءِ رکيا هئا. ڪلاڊيا کي اندازو ٿي ويو هو ته انتونيئس جا غلام ڪيترا تربيت يافته هئا ۽ ڪهڙي طرح مالڪ جي اک جي رڳو هڪ اشاري سان هر خواهش پوري ڪن ٿا. هوءَ خود به غلامن جي جهرمٽ ۾ ننڊي ٿي وڏي ٿي هئي ۽ ڪيس خبر هئي ته انهن کي سڌارڻ ڪيڏو نه مشڪل ڪم آهي، جڏهن هُن اُن جو ذڪر انتونيئس سان ڪيو ته هُن وراڻيو:

"آءٌ پنهنجن غلامن کي ڪوڙا ڪونه هڻندو آهيان. جڏهن به ڪا گڙبڙ ٿيندي آهي ته آءٌ انهن مان هڪ کي ماري ڇڏيندو آهيان. اهڙيءَ طرح معاملو ٺيڪ ٿي وڃي ٿو. غلامن کي سنياڻڻ آسان ڪم ڪونهي. غلام ۽ گهوڙا ٻنهي کي سنياڻڻ ڏاڍو مشڪل ڪم هوندو آهي."

غلام گهوڙي کي ولي واڙي ۾ آيا. اُهو گهوڙو وڏي قد وارو وحشت ناڪ درندو لڳي رهيو هو. رت هاڻيون ڳاڙهيون اکيون ۽ وات ۾ نوڪدار لغام. توڙي جو به غلام لغام کي مضبوطيءَ سان جهليو ٻيٺا هئا پر پوءِ به گهوڙي جي ٽپڻ ڪڏڻ کي روڪي نه سگهيا هئا. هو ڪيس ڇڪيندا اڌ پنڌ تائين مس آڻي سگهيا ۽ ٻيٽ هو پنهنجي جان بچائڻ خاطر لغام کي ڇڏي ولي ٻڌا ته گهوڙو هٽڪار ڪندو ڪين پوين لتن سان پستون هڻڻ لڳو. ڪلاڊيا خوشيءَ مان ٽهڪ ڏيندي تاڙيون وڄائڻ لڳي.

"گهوڙو بنهه لاجواب آهي، لاجواب!" هُن رڙ ڪئي "پر هُو ايترو ڪاوڙيل ڇو آهي؟"

"چا توهان کي خبر ناهي؟"

"منهنجو اندازو آهي ته هيءَ محبت هوندي. نفرت ڪانهي."

"ٻئي آهن. اِهو اسان کان نفرت ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته اسين ڪيس اهو ڪجهه ڪرڻ نٿا ڏيون جيڪو ڪجهه هُو چاهي ٿو. چا توهان ڏسڻ چاهيو ٿيون؟"

ڪلاڊيا هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. انتونئيس ٽورو پريرو ٻيئل غلامن کي چند لفظ چيا ۽ هو ڊوڙي اصطبل ڏانهن ويا. گهوڙي پوري رنگ جي هئي. نرم، ملائم ۽ هيسيل. هوءَ واڙي ۾ ڊوڙڻ لڳي مگر سانَ گهوڙي ڇڪر ڪاڻي اڌ ۾ سندس رستو روڪي ڇڏيو. پر انتونئيس ڪائيس گهوڙيءَ کي ڪونه پئي ڏٺو، هن جون اکيون ته

ڪلاڊيا تي ڪُتل هيون، جيڪا اُن نظاري کي ڏسڻ ۾ غرق هئي جيڪو سندس سامهون ٿي رهيو هو.

[10]

مانيءَ کائڻ لاءِ وڃڻ کان اڳ ڪائيس ڏاڙهي ناهي، تڙ ڪيائين، خوشبو لڳائي وارن کي ڦٽي ڏيئي نوان ڪپڙا پائي شراب جو هڪ گلاس پيئڻ لاءِ ٻر واري ڪمري ڏانهن هليو ويو. اُن ڪمري جي فرش تي گلابي ٽائيلس لڳل هيون ۽ ان جي ڇت هلڪي زرد رنگ جي خوبصورت شيشي جي ٺهيل هئي. ٻڏندڙ سج جي ڪرڻن وڏن پٽن وارن ٻوٽن مان ڇڻي هڪ ڏاڍو حسين ماحول ڪري ڇڏيو هو. جيڏي مهل ڪائيس اندر داخل ٿيو ته جوليا اڳ ٻر ئي موجود هئي. هوءَ پنهنجي ٻنهي چوڪرين کي پاڪرن ٻر جهليو هڪڙي قيمتي بينچ تي ويٺي هئي. هُن ڏڪهو جُبو پاتو هو ۽ سندس ڪارا وار ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سنواريل هئا. هوءَ هڪڙي رومي اپسرا پٽي لڳي. خوش طبع، خاموش ۽ پروقار. هوءَ اهڙي ته سهڻي لڳي رهي هئي جو ڪائيس کي هُن جي واکاڻ ڪرڻ واري خواهش کي زبردستي روڪڻو پيو. جوليا کي تباهه ڪرڻ تمام سولو هو ڇاڪاڻ ته سندس رياڪاري هميشه ڏکائتي ثابت ٿيندي هئي.

"هليا ڪائيس." هوءَ سچي پچي خوشيءَ ۽ حيرت سان مسڪرائيندي چوڻ لڳي.

"جوليا، مون کي خبر ڪانه هئي ته ڪو توهان هتي هوندیون." هُن معذرت ڪندي چيو.

"پر توهان ترسو. ترسو ته سهي، ته جيئن آءٌ توهان جي لاءِ شراب جو پيالو پري وٺان."

"ٺيڪ آهي." هُو راضي ٿي ويو. پر جيڏي مهل جوليا چوڪرين کي ٻاهر موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪائيس احتجاج ڪندي چيو: "جيڪڏهن هي هتي ويهڻ چاهين ته پلي ويٺيون هُجن...."

"هينئر سندن مانيءَ کائڻ جو وقت آهي." چوڪريون هليون ويون ته پاڻ ڇيائين "ڪائيس هليا، منهنجي پر ٻر اچي ويهه." هُو ويهي رهيو ۽ جوليا ٻنهي لاءِ گلاس ٻريا. جوليا پنهنجو گلاس هن جي گلاس سان ٽڪرايو ۽ مٺس نگاهون جمائي سندس پيالو پي وئي.

"ڪائيس تون ڏاڍو سهڻو جوان آهين."

"جوليا مون کي ناهوکي هجڻ جي ڪابه خواهش ڪانهي."

"تہ پوءِ توکي ڪهڙي شيءِ جي خواهش آهي؟"

"خوشيءَ جي." هن ورندي ڏني.

"۽ تو جهڙي جوان لاءِ خوشي حاصل ڪرڻ ڏاڍي مشڪل هوندي آهي. ڪيئن ٺيڪ آهي نہ ڪائيس؟"

"چا واقعي اهو سچ آهي؟ چا منهنجو چهرو مغموم آهي چا؟"

"يا شايد حد کان وڌيڪ نڪريل آهي!"

"جوليا! مقدس هستي بنجڻ جي ڪوشش نہ ڪر."

"تون مون کان وڌيڪ عقلمند آهين، ڪائيس! آءٌ تو وانگر ظالم نہ آهيان."

"جوليا، آءٌ ظالم بنجڻ نٿو چاهيان."

"تہ پوءِ چا تون مون کي چُمي ڏيئي پنهنجي ڳالهہ جو ثبوت ڏيندين؟"

"چا هتي ئي؟"

"ها. انتونئيس ايترو جلد واپس ڪونہ ايندو. هن وقت هُو پنهنجي سانَ گهوڙي کي اصطبل ۾ بند ڪري رهيو هوندو، جنهن کي تنهنجي ڳوري چوڪريءَ کي ڏيکارڻ ويو هو."

"چا؟ ڪلاڊيا کي؟ ارڙي نہ نہ!" ڪائيس کي تمام گهٽو صدمو پهتو.

"تون وحشي آهين. تون مون کي چُمي ڏئين ٿو يا نہ؟"

ڪائيس آهستگيءَ سان جوليا جي چپن تي چپ رکيا.

"بس؟ چا تون اڄ رات.....؟"

"حقيقت ۾ ڳالهہ هيءَ آهي جوليا...."

"نہ، انڪار نہ ڪر." جوليا سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو "خدا جي واسطي انڪار نہ ڪر. اڄ رات توکي تنهنجي ڪلاڊيا تہ هونئن بہ ڪاڻ ملندي. آءٌ پنهنجي مڙس کي چگيءَ طرح سڃاڻان ٿي."

"هوءَ منهنجي ڪلاڊيا ڪانهي ۽ بي ڳالهہ تہ مون کي اڄوڪي رات هُن جي ضرورت بہ ڪانهي."

"تہ پوءِ....."

"چگو بابا ٺيڪ آهي. پر جوليا! هاڻي اسين اُن باري ڪونہ ڳالهائينداسين."

"تنهنجي مرضي ڪانهي تہ...."

"منهنجي مرضي هجي يا نہ، سا ڳالهہ ڪانهي. بس آءٌ اِن باري ۾ وڌيڪ ڳالهائڻ نٿو چاهيان."

[11]

روم ۾ عام طرح هر شيءِ ۾ تبديليون اچي رهيون هُيون. پر وِلا سلاريا ۾ هِن گهريلو شين وانگر رات جي ماني ۾ انهن تبديلين جي مزاحمت ڪندي نظر آئي. انتونئيس ڪائيس هونئن ته قدامت پرست ڪونہ هو پر پوءِ ۾ هن پاڻ کي نئين واپاري طبقي کان الڳ رکڻ پئي چاهيو جيڪو جنگ، ڏاڙن ۽ ڦرلٽ واري واپار جي مدد سان مٿي ايري رهيو هو. هي طبقو يونان ۽ مصر جي هر تخليق ڪيل ايجاد سان چنبڙي پوندو هو. انتونئيس کي ميز تي پکڙيل ڪاڏي مان ڪوبہ لطف ڪونہ ٿي آيو جنهن سندس هاضمو خراب ڪري ڇڏيو هو. سندس مهمان ميز تي ويهي ماني کائي رهيا هئا. هُن انتهائي عمدا سڄا تريل ڪکڙ، بهترين پيسٽريون ۽ انتهائي لذيذ ۽ ٺڏي ميوي سان ميز چڪار ڪري ڇڏي هئي.

هُو ماني کائڻ مهل بهترين شراب ۽ سٺي گفتگو سان گڏ موسيقي پڻ پسند ڪندو هو. سندس بيءُ ۽ ڏاڏو رواني سان پڙهي ۽ لکي سگهندا هئا. هُو پاڻ کي به تعليم يافتہ سمجهندو هو. سندس ڏاڏو غلامن کي ساڻ ڪري ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ هليو ويو هو ۽ انتونئيس پنهنجي تمام وڏي باغ تي حڪمرانيءَ ڪري رهيو هو، جهڙي طرح هڪ مشرقي شهزادو پنهنجي ننڍڙي سلطنت تي حڪمراني ڪندو آهي. هُو پاڻ کي روشن خيال حڪمران تصور ڪندو هو. سندس خيال ۾ ڪيس يوناني تاريخ، فلسفي ۽ ڊرامي تي عبور حاصل هو. طب جي علم جي ڄاڻ ۽ سياسي معاملن جو علم به حاصل هو. سندس مهمان سندس پسند ۽ معيار جي عڪاسي ڪري رهيا هئا ۽ جڏهن هو ماني کائي ڪرسين تي ويهي شراب جون چسڪيون پري رهيا هئا تڏهن ڪائيس منجهس اهي صِفتون معلوم ڪري ورتيون جن جي ڪري روم، روم بنيو هو ۽ جن جي ڪري روم تي سندن حڪمراني هئي.

ڪائيس انهن صفتن کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. اُن ڏِس ۾ خود ڪيس کابہ لالچ ڪانہ هئي. هُو پاڻ هڪ سٺي خاندان جو ٻار هو. سندس قابليت فقط ڪاڏي ۽ اصطبل تائين محدود هئي، جيڪا هڪ لحاظ کان نواڻ هئي. پر پوءِ به اُن جي ڪجهہ اهميت هئي. سندس کي خانداني روايتون هُيون جيڪي سندس بيءُ جي وفات مهل قابلِ رِشڪ هُيون. هُو تمام وڏو دولتمند ٿي سگهيو ٿي ۽ هي به ممڪن هو ته جي قسمت ساڻ ڏي ته هو هڪ اهم سياسي شخصيت به بنجي سگهيو ٿي.

ڪائيس انهن ماڻهن کان ڊنل هو. انهن سيني ۾ هڪڙي بيماري هئي. پر اهو مرض کين ڪمزور ڪري نہ پئي سگهيو. هو هن جي سامهون نهايت عمدو ڪاڏو

کائي هڪ مسرور ڪندڙ شراب جون چسڪيون پري رهيا هُئا. جن مائهن هن جي طاقت جو مقابلو ڪرڻ جي جرئت ڪئي هئي تن جا لاش رستي جي ڪناري سان ٽنگيا پيا هئا. اسپارٽيڪس قيمو بنجي چڪو هو. ڪاسائيءَ جي صندل تي پيل قيمي وانگر. هُن کي صليب تي چاڑهي ڇڏڻ ڪافي نه هو. پر ميز جي ڪُنڊ تي پُرسڪون ۽ پُر يقين ويٺل انتونئيس ڪائيس کي ڪڏهن به صليب تي لٽڪائي نٿو سگهجي. ڪائيس گهوڙن جي باري ۾ ڏاڍي مدلل گفتگو ڪري رهيو هو ته هڪ گهوڙي کي هر ۾ جوٽڻ کان بهتر آهي ته هن غلامن کي هر ۾ جوٽيو وڃي. چو ته کوبه گهوڙو غلامن جي غير انساني سلوڪ جو شڪار نٿي ٿي سگهيو.

هي ٻڌي سائيسيرو جي چهري تي هلڪي مسڪراهٽ پيدا ٿي، جنهن ڪائيس کي هين جي پيٽ ۾ وڌيڪ تڪليف پئي ڏني. سائيسيرو کي ڪير پسند به ڪيئن ڪري؟ ڇا هُو سائيسيرو کي پسند ڪري ٿو؟ هڪڙو پيرو هُن تي سائيسيرو پنهنجون نگاهون جمائي چڏيون، جڻ چوندو هجي: "ٻچڙا، آءٌ توکي چگي طرح سڃاڻان ٿو، هيٺ کان مٿي تائين ۽ اندر کان باهر تائين." هن کي تجسس هو ته ڇا ٻيا مائهو به سائيسيرو کان خوفزده آهن؟ هن دل ئي دل ۾ چيو "سائيسيرو کان پري ٿِج. خدا ڪيس جهنم ۾ وجهي." ڪراسس مهذب انداز ۾ ڪچهري ٻڌي رهيو هو. ڪراسس کي ته مهذب ٿيڻو ئي پيو ٿي، ڇاڪاڻ ته هُو روم جو سپاهي هو. تندرست ۽ توانو، مضبوط جسم وارو، ڪڪ رنگائي چهري وارو ۽ ڪارن وارن وارو ڪراسس وري جڏهن ڪائيس کي غسلخانو ياد آيو ته هُو چرڪي پيو. ميز جي ٻئي پاسي سياستدان گراڪس ويٺو هو. هو تمام قداور ۽ جسيم شخص هو. سندس آواز ڳرو هو ۽ سندس ڪنڌ تي چربي ٿي ويئي هئي. هُن جا هٿ ٽلها ۽ ويڪرا هئا. هُن تقريباً هر آڱر ۾ منديءِ پاتي هُئي. هُن جو رويو ڪنهن پيشه ور سياستدان جهڙو هو. هو وڏو ٺهڪ ڏيئي ڪلندو هو. سندس رضامندي هڪ پُروقار رضامندي هوندي هئي ۽ نامنظوري سدائين مشروط هوندي هئي. سندس بيان نمائشي نٽ وارا هوندا هئا پر ڪڏهن به بيوقوفاڻا ڪونه هوندا هئا.

"يقيني طور غلام هَرَ ۾ ئي جوٽجڻ ڪپن." سائيسيرو چيو.

"سوچ رکندڙ درندو، سوچي نه سگهندڙ هڪ وحشيءَ کان بهتر هوندو آهي. اِها ڳالهه سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي. گهوڙو وڏي قيمتي شيءِ آهي. گهوڙن جا ڪي به اهڙا قبيلا ڪونهن جن جي خلاف جنگ لڑي وڃي ۽ جنهنجي نتيجي ۾ ڏيڊ لک مائهن کي نيلام ڪرڻ لاءِ آڻي سگهجي ۽ جيڪڏهن توهان گهوڙا استعمال ڪندا ته غلام ائهن کي برباد ڪري ڇڏيندا."

"منهنجي خيال ۾ ائين ڪونهي." گراڪس چيو.

"پنهنجي ميزبان کان ئي ڪٽي پيجو."

"اِهو بلڪل صحيح آهي." انتونئيس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو "غلامَ گهوڙن کي ماري ڇڏيندا. هو ڪنهن به اهڙي شيءِ جي حفاظت نٿا ڪن جيڪا سندن مالڪن جي هوندي آهي، سواءِ پنهنجي ذات جي." هُن شراب جو هڪ ٻيو پيالو پريو ۽ چيو "چا اسين غلامن جي باري ۾ ڳالهائيندا سين؟"

"چو نہ؟ اُهي هميشه اسان سان گڏ رهن ٿا ۽ اسين غلامن ۽ غلام داري جي هڪڙي نرالي پيداوار آهيون ۽ اِهائي شيءِ اسان کي رومي بنائي ٿي. غلامن جي ئي ڪري اسان جو ميزبان قابلِ رشڪ سرسبز ٻنين جو مالڪ آهي. اڇڪلھ روم ۾ هر ماڻهوءَ جي وات ۾ اِهائي وائي آهي ته ڪراسس، ڪراسس. ڇاڪاڻ ته غلامن بغاوت ڪئي هُئي ۽ ڪراسس ان کي ڪُچلي ڇڏيو هو. ڪراڪس جي سموري آمدني غلامن جي پڙيءَ تان ٿي اچي، جيڪا سڄي ڪراڪس جي ملڪيت آهي ۽ هي نوجوان...."

ڪائيس ڪاوڙ ۾ سڄو ڳاڙهو ٿي ويو پر ڪراڪس ٿڪ ڏيئي چيو: "سائيسيرو، پنهنجي باري ۾ ٻہ ته ٻڌاءِ."

"منهنجي لاءِ ته غلام مسئلو بنجي ويا آهن. اڇڪلھ روم ۾ فضيلت واري زندگي گذارڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ غلام ته ڪپن، پر انهن کي خريد ڪرڻ، ڪارائڻ ۽ رهائڻ، اِهوئي منهنجي لاءِ وڏو مسئلو آهي."

ڪراڪس ڪلندو رهيو پر ڪراسس چيو، "سائيسيرو، آءٌ توسان سهمت نہ آهيان ته ڪو اسين غلامن جي ئي بدولت رومي آهيون."

ڪراڪس جي ڪل جاري هئي. هُن شراب جو هڪ وڏو ڏُڪ پريو ۽ هڪڙي غلام چوڪريءَ جو قصو ٻڌائڻ لڳو جيڪا هُن هڪ مهينو اڳ مارڪيٽ مان خريد ڪئي هئي. شراب سندس چهرو ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪِل سندس ٻاهر نڪتل پيٽ کي لوڏي رهي هئي. هو ڏاڍي تفصيل سان اُن خريد ڪيل چوڪريءَ جو قصو ٻڌائي رهيو هو. ڪائيس جي خيال ۾ اهو قصو هڪ فحش ۽ واهيات هو پر انتونئيس دانشمندانہ انداز ۾ ڪنڌ لوڏي رهيو هو ۽ ڪراسس اُن ٽلهي ماڻهوءَ جي پيشڪش جي انداز ۾ گم ٿي ويو هو. سائيسيرو ڏيان سان ٻڌندو ۽ مُسڪرائيندو رهيو.

"هاڻي آءٌ سائيسيرو جي بيان تي اچان ٿو." ڪراسس چيو.

"چا مون تنهنجي دل آزاري ڪئي آهي؟" سائيسيرو پڇيو.

"هتي ڪنهن جي به دل آزاري ڪانہ ٿي ٿئي. هيءٌ محفل اسان مهذب ماڻهن

جي محفل آهي."

"نہ نہ، ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪانهي. تو تہ هروپرو مون کي منجهائي ڇڏيو." ڪراسس چيو.

"حيرت آهي!" سائيسيرو چيو.

"ڪنهن ڳالهہ جا جيڪڏهن چار شاهد موجود هُجن ۽ پوءِ بہ اسين اُن کي نہ مڃون! اِن معاملي ۾ يوناني اسان کان مختلف آهن. هو هر معاملي ۾ دليل جا قائل آهن. پوءِ چاهي اُن جا نتيجا کهڑا بہ ڪٽي نڪرن. اسان جي چئن ئي پاسن ڏسو...." چاڪريءَ ۾ بيٺل هڪ غلام خالي پيالا شراب سان پري ڇڏيا تہ ٻئي وري سُڪل ميوو رکيو. "..... اسان جي زندگين جو اصل جوهر چا آهي؟ اسان جهڙا تهڙا ماڻهو ڪونہ آهيون. اسان رومي آهيون ۽ اسين رومي اُن ڪري آهيون جو اسين سڀ کان آڳاٽا آهيون. جن غلامن جي استعمال کي سيني کان پهرين سمجهيو هو."

"پر غلام تہ روم کان پهريائين بہ هوندا هئا." انتونئيس اعتراض ڪيو.

"بيشڪ هئا، چڙوچڙ، ڪي هتي تہ ڪي هُتي. اهو بہ سچ آهي تہ يونانين جا باغ هوندا هئا. پر اسان يونان کي تباهہ ڪري ڇڏيو تہ جيئن اسين پنهنجا باغ لڳائي سگهون. باغ ۽ غلام هڪڙي ڳالهہ آهن. جتي ماڻهن وٽ هڪ غلام هوندو هو اتي اسان وٽ ويهہ غلام آهن ۽ هاڻي تہ اسان غلامن جي هڪ سرزمين تي رهون ٿيا ۽ اسان جي سڀ کان وڏي ڪاميابي اسپارٽيڪس آهي. تنهنجو چا خيال آهي ڪراسس؟ تنهنجي تہ اسپارٽيڪس سان گهري سجاڻپ آهي. چا رومين کانسواءِ ڪا بي قوم بہ کو اسپارٽيڪس پيدا ڪري سگهي ٿي؟"

"چا اسپارٽيڪس کي اسان پيدا ڪيو هو؟" جنرل پريشان ٿي ويو "منهنجو خيال آهي تہ اسپارٽيڪس کي جهنم پيدا ڪيو هو." هُن ڳالهہ پوري ڪئي.

"نہ، ائين تہ ڪونهي."

گراڪس چپن ئي چپن ۾ ڪلندو رهيو، شراب پيئندو رهيو ۽ ڪنهن حد تائين معافي طلب نگاهين سان سائيسيرو کي ڏسندو رهيو، ڇڪ چوندو هجي تہ هڪ سئو رومي هجڻ جي حيثيت ۾ هُو يعني گراڪس فلاسافي گهٽ ڄاڻي ٿو. بهرحال هي روم هو ۽ هي غلام هئا. هاڻي ڏسئو هي هو تہ سائيسيرو ڪين ڪهڙي ورتاءُ جو مشورو ٿو ڏي؟

"سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو." سائيسيرو چيو.

"چو؟" انتونئيس ڪائيس مطالبو ڪيو.

"اُن ڪري جو ٻي صورت ۾ هو اسان کي تباهه ڪري ڇڏيندا."

ڪراسس ڪلي پيو. انهيءَ دوران سندس اکيون وڃي ڪائيس سان مليون. ٻنهي جي وچ ۾ هي پهريون سچو پچو ميلاپ هو. نوجوان کي ائين محسوس ٿيو جڻ سندس ٻنيءَ جي ڪنڊي ۾ ڏڪڻي ونڊي ويئي هجي. ڪراسس تمام گهڻو پي رهيو هو. پر ائين محسوس ڪندي ئي ڪائيس جي شراب پيئڻ واري خواهش ختم ٿي ويئي.

"ڇا توهان انهيءَ رستي تان آيا آهيو؟" ڪراسس پڇيو.

سائيسيرو ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. ڪنهن فوجيءَ کي اِن ڳالهه تي قائل ڪرڻ سولو ڪونه هو ته هر مسئلو تلوار سان حل نٿو ٿئي." آءٌ ڪوس گهر واري سادي دليل کي ڪونه ٿو مڃان. هي هڪ عمل آهي. اسان جي معزز ميزبان جي هِن ئي زمين تي ڪنهن وقت ٿي هزار هاري خاندان رهندا هئا. جيڪڏهن هڪ خاندان پنجن جڻن تي مشتمل ڪٽي ٿا رکون ته به اهي پندرهن هزار ماڻهو ٿين ٿا ۽ اُهي هاري سڀا سپاهي به هئا. تنهنجو ڪهڙو خيال آهي ڪراسس؟"

"ها بنهه پلا سپاهي هئا. ڪاش انهن جو تعداد اجا به وڌيڪ هجي ها."

"اُهي بهترين هاري به هئا،" سائيسيرو پنهنجي ڳالهه جاري رکي "اُهي صرف روايتي باغ ۽ چبر لڳائڻ جا ماهر ڪونه هئا، پر جَوَ به پوکيندا هئا. انتونئيس! ڇا اڄ توهان وٽ هڪ به ايڪڙ اهڙو آهي جو انهن محنتي هارين جي اُپائيل پيداوار جي اڌ جيترا جَوَ به پيدا ڪري سگهندو هجي؟"

"هينئر ته چوٿون حصو به پيداوار نٿي ٿئي." انتونئيس قبول ڪيو.

ڪائيس جي لاءِ هاڻي اها گفتگو فضول ۽ بيزار ڪندڙ بنجي ويئي هئي. هُو تصورات جي دنيا ۾ گم هو. سندس چهرو سرخ ٿي ويو هو. سندس دل ۾ جذبا چوليون هڻي رهيا هئا ۽ هن خيال ڪيو ته اهڙا جذبا اُن سپاهيءَ جا هوندا، جڏهن هُو جنگ لاءِ وڃي رهيو هوندو آهي. هاڻي هُو سائيسيرو جون ڳالهيون ڪونه ٻڌي رهيو هو. هُو ڪراسس ڏانهن ڏسي رهيو هو.

"۽ هاڻي اوهان جا غلام پيداوار ڇو نٿا وڌائين؟" سائيسيرو چيو.

"هو ائين ڪرڻ ئي نٿا چاهين." انتونئيس جواب ڏنو.

"۽ هو چاهين به ڇو؟"

"جڏهن توهان هڪ مالڪ لاءِ ڪم ڪريو ٿا تڏهن توهان جو هڪ ئي مقصد پنهنجي ڪم کي تباهه ڪرڻ هوندو آهي. غلامن جي هَرن جي ڪارن کي نپائڻ مان ڪوبه فائدو ڪونهي ڇو ته هو هڪدم انهن کي مُڏو ڪريو ڇڏين. هو ڏانٽا

پڇيو ڇڏين ۽ سامان کي زيان ڪري ڇڏڻ سندن اصول بنجيو وڃي. هيءَ اُها بلا آهي جنهن کي اسان پنهنجي لاءِ پاڻ پيدا ڪيو آهي. هتي هن ڏهن هزار ايڪڙن تي ڪڏهن پندرهن هزار ماڻهو رهندا هئا ۽ هاڻي صرف هڪ هزار غلام ۽ انتونئيس ڪائيس جو خاندان رهن ٿا ۽ هاري روم جي گنڊين گهٽين ۽ بدبودار پاڙن ۾ سڙي ڳري رهيا آهن. اسان کي هيءَ حقيقت تسليم ڪرڻ کپي. هي هڪ بنهه سادو سُودو مسئلو هو. جڏهن هاري جنگ تان واپس آيا هئا تڏهن سندن فصل کسڙ ۽ گاهه سان سڀجي ويا هئا. سندن زالون ٻين سان سُٽل هيون ۽ سندن ٻار کين ڪونه سڃاڻيندا هئا. انهن هارين کي سندن زمين جو معمولي معاوضو ڏيئي کين روم جي گهٽين ۾ ڏکي ڇڏيو ويو. اُن جو نتيجو هي نڪتو ته اڄ اسين غلامن جي سرزمين تي رهون ٿا ۽ اڄ اهوئي اسان جي زندگيءَ جو بنياد ۽ مقصد آهي.... ۽ اسان جي آزادي، انساني آزادي، ملڪ جي آزادي ۽ تهذيب جو مستقبل اسان جي انهن سان رويي تي مدار رکي ٿو. هو انسان ڪونه آهن، اها ڳالهه اسان کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي. اسان کي يونانين جي انهيءَ فضول ۽ جذباتي چوٽيءَ مان جند ڇڏائڻي پوندي ته "هلڻ ۽ ڳالهائڻ وارا اوزار آهن." غلام ڳالهائڻ جو اوزار هوندو آهي. انهن اوزارن مان ڇهه هزار سڙڪ سان سان گڏوگڏ ٽنگيا پيا آهن. اِها فضول خرچي ڪانهي پر ضروري آهي. مون کي اسپارٽيڪس جي ذڪر بنهه بيماريءَ جي حد تائين بيزار ڪري وڌو آهي. اُن جي شرافت ۽ بهادريءَ جي ڳالهين ۾. هڪ اهڙي درندي ۾ ڪابه بهادري يا شرافت ٿي نٿي سگهي جيڪو پنهنجي مالڪ تي روڙ ڪري حملو ڪري ڏي."

سائيسيرو جي خاموشي ختم ڪانه ٿي هئي بلڪ غصي ۾ تبديل ٿي ويئي هئي. هڪ اهڙو غصو جيڪو سامهون ويٺلن جي دلين ۾ به اڇي ويو هو. هُو نيم خوفزده ٿي هن تي نگاهون جمايو ويٺو هو.

صرف اتي موجود غلامن تي انهيءَ گفتگو جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو هو جيڪي تازو ۽ سڪل ميوو پيش ڪرڻ ۽ شراب جا پيالا ڀرڻ تي مامور ٿيل هئا. ڪائيس ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکيو. هن ڏٺو ته غلامن جي چهرن تي ڪابه تبديلي ڪانه هئي. انهن جا تاثرات بنهه سُن ٿيل هئا ۽ سندن جُرئُر بنهه سُست هئي. هُن کي سائيسيرو جون ڳالهيون سچيون لڳيون ته هو ڳالهائڻ ۽ هلڻ جي باوجود به انسان ڪونه هئا.

[12]

جيڏي مهل هو ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ شراب پي رهيا هئا، اوڏيءَ مهل

ڪائيس کي ڏاڍي ڪوفت پئي محسوس ٿي. سندس دل ٻڏي رهي هئي جو ته جيڪڏهن هو اڃا به وڌيڪ ويهي ٻڌي ها ته جيڪر چريو ٿي پوي ها. هُن سفر جي ٽڪاوٽ کي اُن ڪوفت جو سبب سمجهيو. پر جيڏي مهل هو ڪچهري خاني مان ٻاهر نڪتو تڏهن ڪيس لڳو ته هن کي ته تازي هوا جي ضرورت هئي. هُو پٺئين دروازي مان ٽپندو چت تي چڙهي ويو. چت سنگ مرمر جي ٺهيل هئي ۽ ان جي وچ تي هڪ تلاءُ ٺهيل هو. تلاءُ جي وچ ۾ گلن ٻوٽن جي جهڳٽي ۾ ديويءَ جو هڪ جهُڪيل ۽ اوُچو مجسمو هو. چند جي چاندوڪيءَ ۾ اهو مجسمو ڏاڍو ناهوڪڙو لڳي رهيو هو. قيمتي ڪاٺ جون بينچون هتي هُتي رکيون هيون. نهايت سهڻي آتش نشاني پٽرن سان پٽر سجايل هئا. چت عمارت جي گنجائش کان به پنجاهه فوٽ وڌيڪ ويڪري هئي. جنهنجي چوطرف سنگ مرمر جي جهلَ لڳل هئي. هڪ طرف اڇي پٽر سان ناهيل چاڑهيون هُيون جيڪي هيٺ باغ ۾ گلن تائين هليون ٿي ويون. ڪائيس ان حسن ۽ ڳري خرچ تي ٻيهر غور ڪرڻ ڪيو. ها البت سائيسيرو هجي ها ته هُو پٽرن تي نقش نگاريءَ جي ماهر ماڻهن جي هِن قيمتي ۽ نازڪ ڪم کان ضرور متاثر ٿئي ها.

روزمره جي زندگيءَ متعلق ڪجهه خيال ته ضرور ڪائيس جي ذهن ۾ آيا ٿي. اهي خيال گهٽو ڪري ڪاڌي ۽ جنسي معاملن جي باري ۾ هوندا هئا. ڪائيس موڪو يا بيوقوف ڪونه هو پر اصل ڳالهه هيءَ هئي ته سندس ڪم ئي اهڙو هو جنهن تي گهٽي مغزماري ۽ سوچ ويچار جي ضرورت ڪانه هوندي هئي. اُن وقت جيڪو مسئلو ڪيس درپيش هو سو انهن نگاهن جو هو جيڪي ٿوري دير اڳ ۾ ڪراسس سائڊس ملايون هيون. هُو سُهائيءَ رات ۾ انهن ئي سوچن ۾ غرق هو ته هڪ آواز ڪيس چرڪائي وڌو.

"ڪائيس!"

۽ اوڏي مهل ڪيس چت تي جوليا سان ملڻ جي خواهش بلڪل ڪانه هئي.

"آءٌ ڏاڍي خوش آهيان جو آءٌ هيڏانهن هلي آيس، ڪائيس!"

هن جواب ڏيڻ ڪانسواءِ ٻي ڪٽي ڪلها چنديا. جوليا وٽس هلي آئي، سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌيون ۽ سندس منهن تڪڻ لڳي.

"ڪائيس! مون کي پاڪر وجهه ۽ چميون ڏي." هُن چيو.

"خبر ناهي ته هيءَ ايتريقدر سِڪي ۽ منٽون چو ٿي ڪري؟"

"ڪائيس، تون جيترو به مون کي پائيندين، اُن جو قدر تو وٽ گهٽ آهي، پر منهنجي لاءِ اِها وڏي ۾ وڏي نعمت آهي. تون سمجهين چو نٿو؟" جوليا چيو.

"جوليا! آءُ ڏاڍو ٽڪل آهيان ۽ سمهڻ چاهيان ٿو."

"آءُ آهيان ٽي ايتري جي لائق." هن سرگوشي ڪئي.

"خدا جي واسطي جوليا، ائين نہ سوچ."

"نہ پوءِ ڪيئن سوچيان؟"

"آءُ رڳو ٽڪل آهيان، مسئلو رڳو اِهو آهي."

"ڪائيس! ڳالهہ صرف ايتري ناهي. توکي ڏسي مون کي پنهنجو پاڻ ڪان نفرت ٿي لڳي. تون ايتريقدر خوبصورت آهين سو مون جهڙيءَ سڙيل ڳريل....."

ڪائيس هُن جي ڳالهين ۾ رڪاوٽ ڪانہ وڌي. هُن سوچيو هُن کي سپ ڪجهہ چوڻ ڏي تہ جيئن جلدي منجهائنس جند ڇٽي پوي.

جوليا پنهنجي ڳالهہ جاري رکي "منهنجي خيال ۾ تو جهڙو سڙيل ڳريل کو ٻيو شخص نٿو ٿي سگهي. پر اسين سيئي مدي خارج ۽ ڪنهن نہ ڪم جا آهيون. اسين سپ بيمار آهيون، قبر ۾ پير لڙڪائي ويٺل. اسان موت جون پريل هوريون آهيون. اسين موت سان پيار ڪريون ٿا ۽ تون هتي رڳو رستي تي ٽنگيل لاش ڏسڻ آيو آهين. اسين اهو سپ ڪجهہ رڳو ان ڪري ڪريون ٿا جو اسان کي موت سان پيار آهي. توکي ڪهڙي خبر تہ هن چاندوڪيءَ ۾ بيٺي تون ڪيترو نہ سهڻو لڳي رهيو آهين. سڄي دنيا کان حسين ۽ پريور جوانيءَ ۾ تو وٽ هڪڙي پوڙهي عورت لاءِ وقت ڪونهي ڪائيس! آءُ بہ تو وانگر ڳريل سڙيل آهيان. ليڪن آءُ توسان جيتري محبت ڪريان ٿي، ايتري ٿي توکان نفرت بہ ڪريان ٿي. ڪاش تون مري وڃين ها! ڪاش ڪير توکي قتل ڪري ڇڏي ۽ تنهنجي سُري ڪاڏل دل چيري باهر ڪڍي اڇلائي ڇڏي."

ڏکڻيءَ ماڻ کان پوءِ ڪائيس بنهہ آهستي پڇيو:

"جوليا تو پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري ورتي؟"

"نہ، بلڪل نہ. منهنجي خواهش آهي تہ آءُ بہ مري وڃان."

"اِهي ٻئي خواهشون پوريون ڪري سگهجن ٿيون." ڪائيس چيو.

"تون ذليل انسان آهين."

"چڱو خدا حافظ جوليا!" ڪائيس چيو ۽ تکڙو تکڙو هليو ويو. ناراض نہ ٿيڻ وارو سندس عهد ٽٽي چڪو هو. هُو چاچيهنس جي اينگي ڳالهين سان بنهہ ڪاوڙجي پيو هو. جيڪڏهن ڪيس ڪجهہ خيال هجي ها تہ هوءَ ضرور محسوس ڪري ها تہ پاڻ منٽن ۽ آزين ڪرڻ ۽ روئڻ پڇڪڻ مهل ڪيتري نہ خراب پٽي لڳي. مگر جوليا ۾ ان قسم جو احساس ٽي ڪونہ هو.

ڪائيس سڏو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. هڪ ڏيئو روشن هو ۽ خدمت لاءِ ٻه غلام موجود هئا. اهي ٻئي غلام مصري هئا. ڪائيس ٻنهي کي موڪل ڏيئي چڏي. هُن کپڙا لاٿا. سندس سجو بدن ٽاندن وانگر ڳاڙهو هو ۽ هُو ڏکي رهيو هو. هُن عطر مليل پائوڊر بدن تي ڇڻڪاريو، ڪمبل ۾ ويڙهجي، بتي وسائي ليٽي پيو. جڏهن سندس اکيون اونداهيءَ ۾ ڏسڻ تي هري ويون تڏهن ڪيس ڪمري جي هر شيءِ چٽي ۽ صاف ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي. ڪليل دريءَ مان چند جي روشني اندر اچي رهي هئي. ڪمرو ڏاڍو ٺڏو ۽ خوشگوار هو. عطر ۽ ٻاهر ٻيڏل گلن جي سرهاڻ هر طرف پکڙيل هئي.

ڪائيس لاءِ اوسيئڙي جون چند گهڙيون ورهيه بنجي ويون هُيون. اوڏيءَ مهل ڪنهن دروازي تي ٽڪ ٽڪ ڪئي.

"هليا!" ڪائيس چيو.

ڪراسس اندر داخل ٿيو ۽ دروازو بند ڪري چڏيائين. هي عظيم جنرل جاننو جوان پئي نظر آيو. هُو ڪائيس ڏانهن مسڪرائي نهاري رهيو هو.

[13]

چند جي شعاعن جو پاسو بدلجي ويو. ڪائيس پاسو ورائيندي چيو:

"مون کي سائيسيرو کان نفرت آهي."

"چو؟ رڳو سائيسيرو کان نفرت چو؟ تون اُن کي چو نٿو پسند ڪرين؟"

"مون کي خبر ناهي. ڇا اهو ضروري آهي ته مون کي اِها خبر هجي ته آءٌ ماڻهن کان چو ٿو نفرت ڪريان. آءٌ ڪن ماڻهن سان محبت به ڪندو آهيان ته ڪن کان نفرت."

"ڇا توکي خبر آهي ته اِها سائيسيرو جي راءِ هئي. رڳو سائيسيرو جي ته نه، پر گهڻو ڪري اُن جي، ته لاشن کي ٽنگيو ويڃي، ڇهه هزار لاش رستي تي صليبن تي ٽنگيا ويڃن، ڇا اُن جي ڪري تون هُن کان نفرت ڪرين ٿو؟"

"نه."

"جڏهن تو ٽنگيل لاشن کي ڏٺو هو ته توکي اهو سڀ ڪجهه ڪيئن لڳو؟" جنرل پڇيو.

"ڪڏهن ڪڏهن آءٌ جذباتي ٿي ويندو هوس. چوڪريون گهڻو ڪري جذباتي ٿي ٿي ويون."

"ائين؟"

"مگر سياڻي صبح جو منهنجي راءِ مختلف هوندي." ڪائيس مسڪرايو.

"چو؟"

"اُن لاءِ تہ انهن کي تو اتي تنگايو آهي."

"نہ نہ. هي ڪم تہ سائيسيرو ۽ ٻين ڪيو آهي. ان ۾ منهنجو ڪوبہ عمل دخل ڪونهي."

"مگر اسپارٽيڪس کي تہ تو تباهہ ڪيو هو."

"ڇا اِها ڳالهہ ايتري اهم آهي؟"

"آءٌ اُن لاءِ تہ توسان محبت ڪريان ٿو... مونکي اُن کان نفرت هئي."

"اسپارٽيڪس کان؟" ڪراسِس پڇيو.

"ها."

"پر تون تہ ڪيس سڃاڻندو ہ ڪونہ هُئين."

"اُن کي سڃاڻ ايترو اهم ڪونهي. آءٌ ان کان نفرت ڪريان ٿو. سائيسيرو کان ہ وڌيڪ. ڪاش تون اُن کي مون وٽ وڻي اچين ۽ چوين 'ڪائيس! اچي وڃ. هن کي چيري سندس دل ٻاهر ڪڍ.' ڪاش تون ائين ڪري سگهين...."

"هاڻ تون ٻاراڻيون ڳالهيون پيو ڪرين." جنرل ڪيس چمي ڏيندي چيو.

"واقعي؟ تہ پوءِ چو نہ ڪريان؟" ڪائيس آهستگيءَ سان چيو.

"آءٌ ٻارن وانگر چو نہ ڳالهايان؟ ڇا وڏو ٿي وڃڻ اڳوئي ڪا سٹي ڳالهہ آهي؟"

"پر جڏهن تو اسپارٽيڪس کي ڏٺوئي ڪونہ هو تہ پوءِ نفرت چو ٿو ڪرين؟"

"ٿي سگهي ٿو تہ مون کيس ڏٺو هجي. توکي خبر آهي تہ آءٌ چار سال اڳ ڪاپوا ويو هوس. ان وقت منهنجي عمر ايڪيهہ سال هئي ۽ آءٌ تمام نندو هوس."

"تون اڃا ہ تمام نندڙو ٿو لڳين." جنرل چيو.

"نہ، منهنجو خيال آهي تہ هاڻي آءٌ ايترو نندو ڪونہ آهيان. پر اُن وقت هوس. اسان ڪُل پنج ڇهہ ماڻهو هئاسون. ماريوس براڪس مون کي پاڻ سان گڏ اوڏانهن وٺي ويو هو. هُو مون سان پيار ڪندو هو." ڪائيس ڄاڻي ٻجهي اِها ڳالهہ چئي چو تہ اُن جو هڪ خاص اثر پوٽو هو. ماريوس براڪس غلامن واري جنگ ۾ مارجي ويو هو. تنهن ڪري سندس ذڪر ڪرڻ غلط ڪونہ هو. گهٽ ۾ گهٽ ڪراسس کي اهو تہ معلوم ٿي وڃي تہ هُن جي محبت ۾ گرفتار ٿي وڃڻ وارو هُو پهريون ۽ اڪيلو ئي شخص ڪونهي. جنرل سچو سيٽجي تہ ويو پر چيائين ڪجهہ ہ ڪونہ. ڪائيس پنهنجي ڳالهہ جاري رکي:

"مون ۽ براڪس کان سواءِ سندس دوست هڪ مرد ۽ هڪ عورت ہ

اسان سان گڏ هٿا. ۽ ماڻهو ٻيا ٻه هٿا. جن جا نالا مون کي وسري ويا آهن. ماريوس براڪس ڏاڍي فراخدليءَ ۽ سخاوت جو مظاهرو ڪندو هو. هُو ڏاڍو سخي مڙس هو."

"ها، هُو توکي تمام گهٽو ياد اچي ٿو؟"

"مون کي سندس موت تي ڏاڍو ڏک ٿيو هو." ڪائيس ڪُلها چنديا ۽ جنرل سوچڻ لڳو: "ننڍڙي مخلوق! گدلا جانور!"

"بهرحال اسين ڪاپوا وياسيون. براڪس اسان کي سرڪس ڏيکارڻ جو واعدو ڪيو هو، جيڪو اڃوڪي پيٽ ۽ تڏهن ڏاڍو مهانگو هو. ڪاپوا ۾ سرڪس ڏسڻ تمام گهٽي پٽسي جي ضرورت هوندي هئي."

"اتي اُن زماني ۾ لينٽولس باتياتس جو اسڪول هوندو هو نہ؟" ڪراسس پڇيو.

"ها، ها. ۽ اُهو اسڪول سڄي انٽليءَ ۾ بهترين اسڪول تصور ڪيو ويندو هو. اِهو حد ڪان وڌيڪ مهانگو اسڪول هوندو هو. چون ٿا ته هڪڙي جوڙي جي لڙائيءَ تي ڏهه لک ڪمائيندو هو. پر هُو هو جهڙوڪر سُوئر! ڇا تون ڪيس سڃاڻندو هوئين؟"

ڪراسس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. "مون کي ان جي باري ۾ ٻڌاءِ. مون کي اِن ڳالهه سان ڏاڍي دلچسپي آهي. اهو اسپارٽيڪس جي ڀڄڻ کان اڳ جو قصو آهي. ائين آهي نہ."

"منهنجي خيال ۾ اٽ ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي. باتياتس گهٽو مشهور ٽي ويو هو. اُن ڪري جو وٽس غلام عورتن جو باقاعده هڪ حرم موجود هو ۽ سو ٻه ظاهر ظهور. ماڻهن کي اهڙيون ڳالهيون پسند ڪونہ هيون. جيڪڏهن ڪمري جو دروازو بند ڪري پوءِ ڪجهه ڪيو وڃي ته ٺيڪ آهي، پر عام رستي تي ائين ڪرڻ بدمزگي پيدا ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي. هُو عملي طرح ائين ڪندو هو. هُو هڪ ڏڳي جهڙو ٽلهو متارو ماڻهو هو. ڪارا وار، ڪاري ڏاڙهي. ۽ مون کي ياد آهي ته سندس ڪپڙا بنهه ميرا هوندا هئا. انهن تي ڪاڏي جا داغ لڳل هوندا هئا. ۽ جيڏي مهل هُو اسان سان ڳالهائي رهيو هو، ان وقت ٻه سندس قميص تي ٻيدي جي زردي لڳي پيئي هئي."

"تنهنجي ياداشت ڏاڍي سٺي آهي." جنرل مسڪرايو.

"مون کي چگي طرح ياد آهي. آءٌ براڪس سان گڏجي ڪيس ڏسڻ ويو هوس. براڪس غلامن جي بن جوڙن کي مرڻ تائين پاڻ ۾ ويڙهائڻ ٿي چاهيو. پر

باتياتس ائين ڪري پر گوڏن ٻئي ڪئي. باتياتس چيو ته جيتوڻيڪ سندس سرڪس پر روم جو هڪ معزز ۽ دولتمند شخص آيو هو، پر ان لاءِ طريقہ ڪار ۽ طُرر عمل مر حلا پيدا ڪرڻ سندي ڳالهہ ڪانہ هئي. پر براڪس وٽ ٻڌون هو ۽ پڇو ته ڳالهائي ٿو."

"ها پر اهو فقط انهيءَ قبيلي جي ماڻهن سان ڳالهائي ٿو." جنرل چيو "اهڙا سيٽي ماڻهو ڏاڍا ذليل هوندا آهن پر باتياتس ته وري وڏو سوئر هو. توکي خبر ڪانهي ته هن وٽ روم جا ٽي وڏا وسيع ترين مڪان آهن ۽ چوٽون محل هُن گذريل سال ورتو هو. گڏبڏ دوران سندس اڏواڏ هاري مارجي ويا هئا. هُو دولت لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري ويندو آهي."

"مون کي خبر ڪانہ هئي ته تون ڪيس ايترو گهڻو سڃائين ٿو."

"منهنجي سائس ڳالهہ بولهہ ٽي هئي. هُو اسپارٽيڪس جي باري پر تمام گهڻو ڪجهہ ڄاڻندو هو. منهنجو خيال آهي ته هُو واحد شخص هو جنهن کي اسپارٽيڪس جي باري پر ڀاڙ هئي."

"مون کي ٻہ ته ٻڌاءِ." ڪائيس تڏو ساهہ ڪڍندي چيو.

"تو ٻڌايو ته شايد تو اسپارٽيڪس کي ڏٺو هو."

"مون کي ٻڌائي نہ" ڪائيس ناز نخري مان چيو.

"تون ڪيڏي ڪيڏي مهل بنهہ چوڪري ٿو لڳين." جنرل مسڪرايو.

"ائين نہ چئو. ڪڏهن ٻہ ائين نہ چئجانءِ." ڪائيس ڦٽڪندي چيو.

"ٻلا مون اهڙي ٻہ ڪهڙي ڳالهہ ڪئي جو تون ناراض ٿو ٿئين؟"

جنرل کيس پرچائيندي چيو. تون چاهين ٿو ته توکي باتياتس جي باري پر ٻڌايان؟ هي ايترو دلچسپ قصو ته ڪونهي، پر جي تون چوين ٿو ته ٻڌايان ٿو. منهنجي خيال پر هيءَ هڪ سال ڪن پراڻي ڳالهہ آهي. غلام اسان کي تمام گهڻو تنگ ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري مون چاهيو ٿي ته اسپارٽيڪس جي باري پر معلومات حاصل ڪريان. چو ته جنهن ماڻهوءَ جي باري پر علم هوندو آهي تنهن کي مارڻ سولو ٿي پوندو آهي."

ڪائيس اهو ٻڌي مسڪرائي ڏنو. کيس صحيح طور تي خبر ڪانہ هئي ته هُو اسپارٽيڪس کان ايتريقدر نفرت چو ٿو ڪري. پر ڪڏهن ڪڏهن کيس محبت کان وڌيڪ نفرت ڪرڻ سان تسڪين ملندي هئي.

باب ٻيو

(ڪراسس نوجوان جي پر ۾ ليٽيل هو، هُن چيو ته هي واقعو مونکي فوج جي ڪمانڊر بنائڻ کان هڪدم پوءِ رونما ٿيو هو. ڪمانڊري هڪ عهدو هوندو آهي جنهن جي لاءِ توهان جان ۽ نچاور ڪرڻ کان ڪونه ڪيڻائيندا. غلامن اسان جي فوج کي تباهه ڪري ڇڏيو هو ۽ هو عملي طرح اٽليءَ تي حُڪمراني ڪري رهيا هئا، جنهن کي بچائڻ لاءِ ٿي مون کي موڪليو ويو هو. مون کي چيو ويو هو ته وڃ ۽ وڃي غلامن کي شڪست ڏي. مون کي اهو اعزاز منهنجي دشمنن طرفان ڏنو ويو هو. مون سِس الپائن گال ۾ وڃي ڪيمپ لڳائي ۽ تو واري ٽلهي دوست باتياتس کي ونِي اچڻ لاءِ ماڻهو روانو ڪيم.)

جنهن وقت باتياتس، ڪراسس جي ڪيمپ ۾ پهتو هو، اوڏيءَ مهل هلڪو مينهن پئي ونو. سجو رستو گپ چڪ وارو ۽ پريشان ڪندڙ هو. ۽ هوُ پاڻ ۾ ڪاپوا کان ايڏو وڏو سفر ڪرڻ بعد ٽڪ کان چُور ٿي پيو هو. هو سوچي رهيو هو ته: "جڏهن فوج اقتدار تي قبضو ڪندي آهي تڏهن ايماندار ماڻهو ۾ انهن جي اشاري تي نچڻ لڳندا آهن. اوڏيءَ مهل زندگي ۾ پنهنجي ڪانه هوندي آهي. ماڻهو مون کان سارّ ڪائن ٿا چو ته مون وٽ پئسو آهي. ڪنهن منصبدار وٽ دولت جو هجڻ ڪا خراب ڳالهه ڪانه ٿي سمجهي وجي. معزز طبقي وٽ دولت هجڻ ته اڃا ۾ سئي ڳالهه آهي. باقي جيڪڏهن توهان جو تعلق مٿين ٻنهي طبقن سان ڪونهي ۽ توهان محض هڪ ديانتدار شخص جي حيثيت ۾ حق حلال جا پئسا ڪمايو ته پوءِ توهان کي ڪڏهن ۾ سڪ چين نصيب ڪونه ٿيندو. جيڪڏهن توهان ڪنهن انسپيڪٽر کي رشوت ڪونه ڏيندڙ آهيو ته پوءِ توهان کي وري ڪنهن ٻئي آفيسر کي رشوت ڏيڻي ئي پوندي. پر جيڪڏهن توهان ٻنهي کي رشوت نٿا ڏيو ته پوءِ توهان زنده ۾ رهي ڪونه سگهندا. رڳو هڪڙو خبيث شخص ئي سوال پڇي پڇي اڌ مئو ڪري ڇڏيندو. جيڪڏهن منهنجو نالو ڪراسس يا گراڪس هجي ها ۽ يا پوءِ سائليشيس يا مي ني آس هجي ها ته پوءِ ته ڳالهه ئي ٻي هجي ها. اهوئي روم ملڪ جو انصاف آهي، اهائي روم جي برابري آهي."

۽ پوءِ باتياتس جي ذهن ۾ رومي انصاف ۽ جنرلن جي باري ۾ نفرت انگيز سوچن جو سلسلو شروع ٿي ويو. انهن سوچن جو ڪيمپ جي ٻاهر موجود پهريدارن جي تيز تکن سوالن سلسلو ٽوڙي ڇڏيو. هُن انتهائي چئيڪار جي حيثيت ۾ پنهنجو گهوڙو روڪيو. هُو مينهن ۽ سيءَ ۾ بيٺو رهيو. ٻه سپاهي اڳيان وڌيا ۽ سندس تلاشي ورتائون. جيئن ته انهن کي پنهنجي فرض ادائيءَ جو وقت ته بهرحال مينهن ۾ بيهي گذارڻو هو، تنهن ڪري هُن تلاشي وٺڻ ۾ ڪابه تکڙ ڪانه ٿي ڏيکاري. هُن انتهائي بيزاريءَ ۽ بي دليءَ سان سندس تلاشي ورتي ۽ ڪانئس پڇيو ته هُو ڪير آهي؟

"منهنجو نالو لينٽولس باتياتس آهي."

چاڪاڻ ته پهريدار اڃ پڙهيل هاري هٿا، تنهن ڪري کين اُن نالي جي ڪابه سڃاڻپ ڪانه هئي. هن پڇيو ته هُو ڪيڏانهن وڃڻ ٿو چاهي؟

"هي رستو ڪيمپ ڏانهن پيو وڃي نه؟"

"ها بلڪل."

"مون کي به اوڏانهن وڃڻو آهي."

"پر چاجي لاءِ؟"

"ڪمانڊر سان ملڻو اٿم."

"ائين ٿي. تون وڪڻندو ڇا آهين؟"

"واهيات جَنوَر!" باتياتس سوچيو، مگر صبر کان ڪم ونڊي چيو:

"منهنجا ياءُ! مون کي وڪڻڻو ڪجهه ڪونهي، پر مون کي هتي دعوت ڏيئي گهرايو ويو آهي."

"ڪنهن دعوت ڏني آهي؟" نيٺ مجبور ٿي هن پنهنجو ٻڌون ڪوليو ۽ ڪراسس جو حڪم نامو ڪڍيو.

جيئن ته هو اڃ پڙهيل هٿا، تنهن ڪري رڳو ڪاغذ جو ٽڪرو ڏيکارڻ سان ئي ڪيس ڪيمپ ڏانهن وڃڻ جي موڪل ملي ويئي. اُن زماني جي امير شهرين وانگر باتياتس به هر شيءِ کي پئسي جي عينڪ سان ڏسندو هو ۽ هُو اِهو سوچي حيران ٿي ويو ته هيڏي رستي ناهڻ لاءِ ڪيتريقدر نه پئسو خرچ ٿيو هوندو. حالانڪ اهو صرف ڪيمپ تائين هڪ عارضي رستو هو. پر ڪاپوا ۾ پاڻ خود پنهنجي اسڪول تائين پهچڻ لاءِ اُن جيڪا سڙڪ ٺهرائي هئي هيءَ اُن کان به وڌيڪ سٺي هئي. پٽرن سان خوبصورت ٺهيل هي رستو تير وانگر سڌو هو.

هُو سوچڻ لڳو ته: "جيڪڏهن هي بدبخت جنرل رستن ناهڻ بدران لڙائيءَ طرف ڌيان ڏين ها ته ڪَرَ اسان جي اڃ هيءَ حالت ڪانه ٿئي ها." پر ساڳئي لمحي

سندس چهرو فخر سان ٻهڪڻ لڳو ڇو ته رومي تهذيب ملڪ جي هڪ جهڙيءَ گندي، گپ چڪ ۽ تڪليف واريءَ ڪُنڊ تائين به پهچي ويئي هئي ۽ اها شڪ شبهي کان بالاتر هئي.

هاڻي هُو ڪيمپ جي ويجهو پهچي چڪو هو. ڪيمپ کان ٻاهر ٽهيل هڪ عارضي چيڪ پوسٽ هڪ شهر وانگر پئي لڳي. فوج جتي به ويندي هئي پوءِ چاهي هڪڙي رات لاءِ ڇو نه، اتي تهذيب جنم وٺندي هئي. هيءَ اتڪل هڪ چورس ميل جيتري ايراضي هئي، جنهن جي چوڌاري هڪ عظيم ديوار ٺاهي ويئي هئي. ايتريقدر خوبصورت ۽ جامع ديوار ٽهيل هئي جيئن هڪ ڊرافٽ مين پنهنجي ڪاغذ تي خوبصورت نقشو ٺاهيندو آهي. پهريائين هڪڙي ٻارهن فوٽ ويڪري ۽ ٻارهن فوٽ اونهي ڪڏ کوٽيل هئي، جنهن جي پٽيان ٻارهن فوٽ اوچو جنگلو هو. ڪيمپ ۾ داخل ٿيڻ وارو رستو اُن کوٽيل خندق مٿان ٽي گذريو. هُن جي اتي پهچڻ سان ئي ڪاٺ جو هڪڙو وڏو دروازو کلي ڀيو ۽ جيئن ئي هو اندر داخل ٿيو هڪ دستو ڪيس چوڌاريءَ ڦري ويو. هي مجموعو سندس استقبال لاءِ ڪونه گڏ ٿيو هو پر هي ته ضابطي جي ڪاروائي هئي. هي هڪ اهڙو فضول مگر متاثر ڪندڙ ضابطو هو جنهن جو مثال تاريخ ۾ هِن کان اڳ ڪنهن به فوج ۾ ڪونه ٿو ملي. ايستائين جو خود باتياتس، جنهن کي ويڙهائڻ ۾ رت وهائڻ سان شديد محبت هئي، به فوج جي انهيءَ ضابطي کان ڏاڍو متاثر ٿيو.

جڏهن باتياتس گهوڙي تان لهي، زينَ سان لڳل پنهنجي جسم جي ان ٽلهي علائقي کي کنهي رهيو هو، تڏهن هڪ نوجوان آفيسر وٽس آيو ۽ هُن کان سندس سجاڻپ ۽ اچڻ جو سبب پڇڻ لڳو.

"آءٌ ڪاپوا جو رهاڪو لينتولس باتياتس آهيان."

"ٺيڪ، ٺيڪ." نوجوان آفيسر ادب مان چيو. هُن جي عمر ويهه سالن کان مٿي ڪانه هئي. هُو ڏاڍو خوبصورت هو ۽ آرڪائن مان ڪنهن تمام وڏ - گهراڻي جو نازن سان پاليل نوجوان لڳي رهيو هو. باتياتس کي اُن نسل کان ئي نفرت هئي. نوجوان کي خبر هئي ته هُو ڪير آهي، ڇا ڪندو آهي ۽ فوجي ڪيمپ ۾ ڇو گهرايو ويو آهي.

"چگو!" باتياتس سوچيو "تون مون کان نفرت ٿو ڪرين ۽ بيئي بيئي مون کي حقارت سان تڪي رهيو آهين. پر پوءِ به توهان مون وٽ اچو ٿا. مون سان هٿ ملايو ٿا ۽ مون سان ڪاروبار ڪريو ٿا ۽ توهان جهڙن ماڻهن جي ئي ڪري منهنجي حيثيت ٺهي آهي. پر تنهنجو منهنجي پر ۾ اچڻ تمام سٺو آهي ڇو ته تون ته منهنجي ساهه سان ئي ڳري ويندين." هُن ڳالهايو ڪجهه ڪونه پر هُن اهو رڳو سوچيو هو.

"ڪمانڊر صاحب توهان جي انتظار ۾ آهن. هو هڪدم توهان سان ڳالهائڻ ٿا چاهين. آءُ هينئر ئي توهان کي وٺي ٿو هلان."

"مگر مون کي ڪجهه آرام ۽ ماني جي ضرورت آهي."

"اُن جو انتظام ڪمانڊر صاحب جن ڪندا. هو بنهه دوراندیش شخص آهن."

نوجوان آفيسر مسڪرايو ۽ هڪ سپاهيءَ کي دٻ ٻڌائين ته "هن جو گهوڙو وٺ، اُن کي داڻو پاڻي ڏي ۽ اصطبل ۾ وڃي ٻڌ."

"مون صبح کان وٺي ڪجهه به ڪونه کاڌو آهي ۽ مون کي ائين ٿو لڳي ته هُو ايترو بڳهو عرصو منهنجو انتظار ڪري رهيو هو ته پوءِ باقي ٿوري دير ٻي به انتظار ڪري سگهي ٿو."

نوجوان آفيسر جون اکيون چُنجهيون ٿي ويون پر هُن پنهنجي آواز کي خوشگوار بنائيندي چيو "اهو ته توهان ڪمانڊر صاحب جن کي ئي چئي سگهو ٿا."

"ته چا توهان گهوڙي کي مون کان پهريائين کارائيندا!"

نوجوان آفيسر مسڪرايو ۽ چيائين "هليا."

"آءُ توهان جو ماتحت فوجي ته ڪونه آهيان؟"

"پر هن وقت توهان فوجي ڪيمپ ۾ موجود آهيو."

انهن هڪ پل لاءِ هڪٻئي کي گهوري ڏٺو. تڏهن باتياتس ڪُلها چنديا ۽ فيصلو ڪيو ته بارش ۾ ٻيهي دليل بازي مان ڪجهه به ڪونه ورندو، تنهن ڪري هُن پنهنجو پُسيل چوغو بدن کي ويڙهيو ۽ نوجوان جي پٺيان وڃڻ لڳو.

هُو نوجوان جي پٺيان ئي پٺيان ڪيمپ جي مرڪزي حصي تائين آيو ۽ رستي ۾ انهن گندي ۽ گپ چڪ ۾ ٽڦيل تنبوئن کي حيرت مان ڏسندو رهيو جن جون چتيون ته سئيون هيون، پر اهي سامهون کان ڪليل هئا ۽ سپاهي پنهنجي فراسين تي ليٽيا ٻيا ڳالهائي رهيا هئا، قسم کڻي رهيا هئا، ڳائي رهيا هئا ۽ کيڏي رهيا هئا. اُهي مضبوط ۽ سخت جان لڳي رهيا هئا. ڪن تنبوئن ۾ نندڙيون، گاسليٽ واريون چلهيون هُيون، نه ته گهٽو ڪري هو سرديءَ کي ائين ئي برداشت ڪري رهيا هئا، جيئن هو گرمي برداشت ڪندا هئا، جيئن هو ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ ٻرل (ورزش) کي برداشت ڪندا هئا ۽ جيئن هو ضابطي کي برداشت ڪندا هئا. نتيجي طور انهن مان ڪمزور ماڻهو جلدي مري ويندا هئا ۽ مضبوط ماڻهو وڌيڪ مضبوط ٿي ويندا هئا.

ڪيمپ جي بنهه وچ ۾ جنرل جو تنبوءَ هو. تنبوءَ ايترو وڏو هو جو ان کي ورهائي به ڪمرا ٺاهيا ويا هئا. تنبوءَ جا پَٽَ بند ٿيل هئا. دروازي تي به سپاهي بينل

هئا جن وٽ هسپانوي قسم جي ننڍين تلوارن ۽ ڍالن بدران ٽريشيا جي طرز جا خمدار چاقو ۽ ڍالون هُيون. هن سفيد ريشم جا چوغا پاتا هئا جيڪي مينهن ۾ پُسي پيا هئا. هو اهڙي طرح بيٺا هئا جڏ پٽر جا ٿهيل هجن ۽ پاڻي سندن هٿيارن ٿوپلي ۽ ڪپڙن مان ٽُمي رهيو هو. انهيءَ منظر باتياتس کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو. ڪيس اهو ڏسي مسرت ٿي ته گوشت جا ٿهيل ماڻهو اندازن کان زياده وڌي ڪم ڪري سگهن ٿا.

جڏهن هو ويجها پهتا ته فوجي سنترين سلام ڪيو ۽ تنبوءَ جا دروازا کولي ڇڏيا. باتياتس ۽ نوجوان تنبوءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ اندر داخل ٿيا. باتياتس پاڻ کي چالیهه فوٽ ويڪري ۽ اٽڪل ويهه فوٽ اونهي ڪمري ۾ ڏٺو جيڪو حقيقت ۾ تنبوءَ جو اڌ حصو هو. اندر ڪاٺ جي هڪڙي ڊگهي ميز هئي جنهن جي چوطرف ڏزن ڪن ٻيڏا ٽيندڙ مُوڙا رکيا هئا. ميز جي هڪ ڪناري تي ٿوٿنيون ٽيڪيو ڪماندر انچيف ماركوس لي سي نٽيس ڪراسس ويٺو سندس سامهون پيل نقشن کي ڏسي رهيو هو.

باتياتس ۽ نوجوان کي ڏسي ڪراسس اٿي بيٺو ۽ جڏهن ڪراسس اڳيان وڌي ساڻس هٿ ملايو تڏهن باتياتس ڏاڍو خوش ٿيو.

"منهنجو اندازو آهي ته توهان ڪاپوا جا لينٽولس باتياتس آهيو."

باتياتس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ساڻس هٿ ملايو. جنرل واقعي خوبصورت ۽ مردائي حُسن جو نمونو هو.

"سائين! مون کي اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي." باتياتس چيو.

"توهان تمام پري کان آيا آهيو، توهان جي وڏي مهرباني. توهان پُسي به پيا آهيو، بکايل به هوندؤ ۽ ٽڪل به." هُن اُهي جملا هڪ احساس پريل انداز ۾ چيا، جيڪڏهن باتياتس حساس هجي ها ته ڪَرَ ضرور سمجهي سگهي ها ته هي به ئي رويه بامعنيٰ هئا. جنرل جي پيش نظر هڪ پروگرام هو، جڏهن ته نوجوان آفيسر کي صرف هڪ شريف ماڻهوءَ وانگر پيش اچڻو هو.

"اهو سڀ ڪجهه صحيح آهي." باتياتس چيو "پُسيل به آهيان ۽ ٽڪل به، پر سڀ کان وڌي ڳالهه ته بک سان بنهه مران ٿو. مون هِن نوجوان کي به ڪجهه ڪارائڙ پيارڙ لاءِ چيو هو پر هُن اُها درخواست غير ضروري سمجهي."

"اسان حڪمن جي خوش اسلوبيءَ سان تعميل ڪرڻ جا قائل آهيون." ڪراسس چيو "اسان جو حڪم هو ته جنهن مهل به توهان پهچو ته هڪدم اسان وٽ پيش ڪيو وڃي. هاڻ توهان جي هر خواهش جي تڪميل يقيناً اسان جي لاءِ باعث مسرت ٿيندي. اسان کي چگهيءَ طرح احساس آهي ته توهان ڪيتريقدر نہ ڏکيو سفر

طئي ڪيو آهي. هنکي هڪدم سڪل ڪپڑا ڏنا وڃن. ڇا توهان وهنجڻ چاهيو ٿا؟"

"غسل انتظار ڪري سگهي ٿو، پر آءُ سڀ کان اڳ ۾ ڪجهه پيٽ ۾ وجهڻ چاهيان ٿو." نوجوان آفيسر مسڪرائيندو تنبوءَ مان ٻاهر هليو ويو.

[2]

هُن تريل مڇي ۽ اُبارريل بيضا ختم ڪيا ۽ هاڻي باٿياتس ڪڙ تي اڇي ڪڙڪيو هو. هُو هر هڪ هڏيءَ تان گوشت صاف ڪري رهيو هو. اوڏيءَ مهل ڪاٺ جي پيالي ۾ رکيل داڻن واري چٽڻيءَ تي به سندس نظر هئي ته شراب جا به وڏا وڏا ڏڪ پري گراهه کي زوريءَ هيٺ ڌڪي رهيو هو. ڪراسس طرفان ڏنل صاف چوغي کي ته هُن پهرين ئي ڏڪ ۾ وات مان ڪريل ڪاڏي جي ڏرن سان خراب ڪري ڇڏيو هو. سندس هٿ ڪڙ جي ٻوڙ مان ڪراين تائين پريا پيا هئا.

ڪراسس دلچسپيءَ سان ڪيس ڏسي رهيو هو. پنهنجي طبقي جي ٻين رومين وانگر هُو به هن شخص جي خلاف هڪ مخصوص قسم جي توهين جا جذبا دل ۾ سانديو پئي آيو. هي شخص جيڪو گليڊيئيٽرز (اکاڙي ۾ وڙهندڙ ماڻهو) کي تربيت ڏيندو هو، جيڪو انهن کي آڻيندو هو ۽ وڪڻندو هو ۽ اکاڙي کان ٻاهر ياڙي تي ڏيندو هو. ڏڌريل ويهن سالن ۾ اهڙا ماڻهو روم ۾ هاڻي وڏي قوت بنجي ويا هئا، سياسي ۽ معاشي قوت. اهڙا ماڻهو تمام گهٽي دولت گڏ ڪري چڪا هئا. ماضيءَ ۾ اکاڙي ۾ لڙائي ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي هُئي ۽ سماج ۾ اُن جي ايڏي ڪا وڏي اهميت ڪانه هئي. ائين ڪٽي چٽجي ته رواج ته موجود هو پر صرف ڪن خاص ماڻهن ۾ مقبول هو. پوءِ اوچتو اِها وبا پکڙي ويئي. جتي ڪٽي اکاڙا ٺاهيا ويا. ايتريقدر جو ننڍين ننڍين ڳوٺن ۾ به ڪاٺ جا اکاڙا ٺاهيا ويا. هڪ جوڙي جي ويڙهه وڏي سوين جوڙن جي ويڙهه ۾ تبديل ٿي ويئي. راند جو هڪ دؤر سڄي مهيني تائين پيو هلندو هو. ماڻهن جي خواهش ايڏا به وڌندي ويئي.

روم جا مهذب عهديدار به انهيءَ راند ۾ دلچسپي ونڊندا هئا. ڏهه هزار بيروزگار ۽ بي گهر شهرين جو ڇڻ ته راندين ڏسڻ کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد ئي ڪونه هو. گليڊيئيٽرز يعني ويڙهاڪن جا اسڪول کلڻ لڳا. باٿياتس ڪاپوا ۾ جيڪو اسڪول هلائيندو هو، تنهن جو شمار سڀ کان وڏن ۽ شاهوڪار اسڪولن ۾ ٿيندو هو. جنهن طرح ڪن علائقن ۾ جانورن جي پڙيءَ ۾ تمام گهٽي گهرج هوندي آهي، اهڙي طرح ڪاپوا جي اسڪولن جي ويڙهاڪن جي تمام گهٽي گهرج هوندي هئي. باٿياتس هڪ عام ماڻهوءَ مان هڪدم وڏو دولت مند بڻجي ويو ۽ انليءَ جو هڪ معزز ماڻهو ٿي پيو.

ڪراسس ڪيس ڏسندي سوچي رهيو هو ته "ايا تائين هي هڪ جاهل جٽ ماڻهو آهي. ايا تائين هي هڪ عيار، مڪار، ڪمينو ۽ سازشي جانور آهي. ڏسو ته سهي! ڪائي ڪيئن نه پيو!" ڪراسس ڏاڍو حيران هو ته هن جهڙا ڪيترائي بدتهذيب ۽ غريب ماڻهو ايتريقدر شاهوڪار ڪيئن ٿي ويا هئا، ان جي برعڪس سندس دوست اهڙا دولت مند ٿيڻ جو سوچي به نٿا سگهن. حالانڪ اهي هن ٽلهي شخص کان ڪي گهٽ عقلمند ڪونه هئا. خود سندس مثال ونو. هُو فوجي هجڻ جي حوالي سان پنهنجي قدر ۽ قيمت بخوبي ڄاڻندو هو. هُو روم جي مستقبل مزاجي ۽ ان جي خوبين جو مالڪ به هو. فوجي پيشورانه مهارت ته ڇڪ سندس جبلت ۾ شامل هئي. هُن هر اُن فوجي مهم جو مطالع ڪيو هو جيڪا ايستائين لکي ويئي هئي. هُن يُوناني تاريخدانن جا بهترين ڪتاب پڙهيا هئا. هُن اسپارٽيڪس سان جنگ ڪندڙ ٻين جنرلن وانگر هُن کي معمولي قوت سمجهڻ جي غلطي ڪانه هئي. پر پوءِ به هُو پاڻ کي هُن ٽلهي شخص کان ننهن گهٽ محسوس ڪري رهيو هو. هن ڪلها چنديا ۽ باتياتس کي چيو:

"ڳالهه ٻڌ، تنهنجا ۽ اسپارٽيڪس جا پاڻ ۾ ڪهڙا تعلقات هئا، تنهن سان مون کي ڪابه دلچسپي ڪانهي. آءٌ رڳو اِهو ٿو چاهيان ته تون هُن جي باري ۾ مون کي ڄاڻ ڏي. ڇو ته هُن جي باري ۾ جيتري توکي خبر آهي ايتري ٻئي ڪنهن کي به ڪانهي."

"اوهان کي ڪهڙي معلومات ڪپي." باتياتس پڇيو.

"پنهنجي دشمن جي فطرت."

ٽلهي شخص پيالي ۾ وڌيڪ شراب اوتيو ۽ جنرل کي آڏيءَ اک سان ڏٺو. هڪ سنتري ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ به برندڙ ڏيئا ميز تي رکيا. ڏيئي جي سوجهري ۾ باتياتس ننهن مختلف شخص لڳي رهيو هو. مُنهن اونڌاهي مٽس مهربان هئي. ٽوال سان هُو پنهنجو چهرو اڳهي رهيو هو. سندس لڙڪندڙ گوشت تي روشنيءَ جا ڪرٽا پئجي رهيا هئا. هُو پاڻ به آڪڙجي رهيو هو. سندس اکين جي سرد چمڪ ڪراسس کي ٻڌائي رهي هئي ته ڪيس غلط نه سمجهيو وڃي. اِهو نه سمجهيو وڃي ته هُو رڳو ڪو ٽلهو ٻُڌو آهي.

"اوهان جي دشمن جي باري ۾ مون کي ڪهڙي ڄاڻ ٿي سگهي ٿي؟" ٻاهر بگل وڄڻ جو آواز اچي رهيو هو. شام جي فوجي پريڊ ختم ٿي چڪي هئي ۽ ڊبل مارچ ڪندڙ قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

"منهنجو هڪڙو دشمن آهي ۽ جنهنجو اسپارٽيڪس نالو آهي." ڪراسس محتاط انداز ۾ چيو. ٽلهي ٽوال سان پنهنجو نڪ صاف ڪيو.

"۽ اسپارٽيڪس کي تون سڃاڻين ٿو." ڪراسس چيو. "..... ٻيو ڪير به نه، فقط تون ئي کيس سڃاڻين ٿو. اهي، جن اسپارٽيڪس سان جنگ ڪئي آهي، سي به کيس ڪونه ٿا سڃاڻن. هو غلامن سان وڙهڻ ويا هئا. هتن جو خيال هو ته هو غلامن جو جهڙ ٻوٽو رُلائي ڇڏيندا، انهن جي نقارن جا ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندا، انهن جي صفن کي درهم برهم ڪري ڇڏيندا. ۽ پوءِ غلام ڀڄي ويندا. اِها توقع انهن کي انهيءَ جي باوجود به هئي ته غلامن کيترا ڀيرا فوج جو ٻيڙو غرق ڪري ڇڏيو آهي. پر سندن توقع پوري ڪانه ٿي. روم اڄ آخري ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ جيڪڏهن هيءَ به ڪوشش ناڪام ويئي ته پوءِ روم جو وجود باقي نه رهندو. اِها ڳالهه تون به سمجهين ٿو ۽ آءٌ به."

ٽلهي شخص جو وڏو ٽهڪ گونجيو. هن پنهنجو وڏيل پيٽ ڪٽي پڪڙيو. هو پنهنجي موڙي تي جهومي رهيو هو.

"تون اِن ڳالهه کي مسخري سمجهي رهيو آهين؟" ڪراس پڇيو.

"سچ هميشه ڪوڙ هوندو آهي."

ڪراسس پنهنجي غصي تي ضبط ڪيو ۽ ٽهڪ ختم ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

"روم ڪونه بچندو. صرف ۽ صرف اسپارٽيڪس جي حڪمراني رهندي." ٽلهو شخص هاڻي رڳو "ڪِي ڪِي" ڪري ڪلي رهيو هو ۽ ڪراسس سوچي رهيو هو ته ڇا هنجو دماغ ٺيڪ ته آهي. يا هُو نشي ۾ آهي؟ دنيا ۾ اهڙا ماڻهو به پيا آهن! هن کي ٿي ڏسو، هِن غلامن کي خريد ڪيو، کين وڙهڻ جي تربيت ڏني ۽ هاڻي هُن تي ڪلي رهيو آهي. هُو پاڻ يعني ڪراسس به ته ماڻهن کي وڙهڻ جي تربيت ڏيندو هو.

"مون کي ڪارائڙ پيارڻ بدران اوهان کي ڪپندو هو ته مون کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي ڇڏيو ها." باتياتس ٻيو پيالو پريندي آهستي چيو.

"آءٌ هڪ خواب ڏسندو آهيان." جنرل ڳالهه ٻولهه جو رخ پنهنجي مقصد ڏانهن موڙيندي چيو. "هڪ وحشت ناڪ خواب. ۽ اِهو خواب ور ور ڏيئي ڏسندو آهيان." باتياتس سمجهڻ واري انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو. "اُن خواب ۾ ڏسندو آهيان ته آءٌ پنهنجي اکين تي پٽي ٻڌي وڙهي رهيو آهيان. هي هڪ وحشتناڪ منظر هوندو آهي. مون کي يقين هوندو آهي ته سمورا خواب سچا ڪونه هوندا آهن. ڪجهه خواب ته انهن مسئلن جو اولڙو هوندا آهن جن ۾ اسين جاڳندي گهيريل هوندا آهيون. اسپارٽيڪس منهنجي لاءِ اجنبي آهي. انهيءَ صورت ۾ جيڪڏهن آءٌ سائس وڙهڻ وڃان ته منهنجي اکين تي پٽي ٻڌل هوندي. مون کي اها ته خبر آهي ته گال نسل جا ماڻهو چو ٿا وڙهن، يوناني هسپانوي ۽ جرمن چو ٿا وڙهن؟ انهن جي وڙهڻ جا سبب

ٿورو گھٽو اُهي ئي ساڳيا آهن جن جي بنياد تي آءٌ وڙهان ٿو. ليڪن مون کي اِها خبر ڪانهي ته غلام ڇو ٿا وڙهن؟ مون کي اِها به خبر ڪانهي ته هُو سڄي دنيا جي گندگي ۽ ذلالت جي هڪ ميڙ کي پنهنجي چوڌاريءَ ڪيئن ٿو گڏ ڪري؟ هُو انهن کي دنيا جي هڪ بهترين فوج کي تباهه ڪرڻ لاءِ ڪيئن ٿو ويڙهائي؟ فوج جو هڪ دستو يا هڪ سپاهي تيار ڪرڻ ۾ پنج سال لڳي ٿا لڳن ۽ پوءِ به انهن جي زندگيءَ جي ڪابه اهميت ڪانه هوندي آهي، پر صرف ۽ صرف فوج اهم هوندي آهي ۽ حڪم جي تعميل ضروري هوندي آهي ۽ اهڙي پنجن سالن جي سکيا ان لائق بنائي ڇڏي جو هُو هڪ جبل وانگر ٽي پوندا آهن ۽ جي توهين انهن کي سمنڊ ۾ ٽپي پوڻ جو حڪم به ڏيندا ته هُو تعميل ڪندا، انهن سيني ڳالهين جي باوجود به انهن غلامن روم جي بهترين فوج کي تباهه ڪري ڇڏيو. اِهوئي سبب آهي جو مون توکي ڪاپوا مان گهرايو آهي ته جيئن تون مون کي اسپارٽيڪس جي باري ۾ ٻڌائي سگهين ۽ آءٌ پنهنجي اکين تان ٻڌل پٽي لاهي سگهان."

باتياتس خوش ٿيندي ڪنڌ لوڏيو. هُو عظيم جنرلن جو رازدان ۽ صلاحڪار هو ۽ هُجڻ به ڪپي."

"سڀ کان پهريائين مون کي اِهو ٻڌائي ته ان شخص جي شڪل ڪهڙي آهي ۽ تو کيس ڪٿان خريد ڪيو هو؟" ڪراسس چيو.

"ماڻهو اهڙا هوندا ڪونهن جهڙا لڳندا آهن."

"درست، بنهه صحيح آهي."

"جڏهن توهان کي هيءَ حقيقت معلوم هجي ته پوءِ توهان انسانن کي سڃاڻي سگهو ٿا. هُو هڪ بنهه چٽيڪار جي حد تائين شريف هو. هُو ٽريشن نسل جو هو."

باتياتس پنهنجي آگر شراب ۾ بوڙي ۽ چوڻ لڳو، "ماڻهو ٿا چون ته هُو هڪڙو پُوت آهي، بلا آهي، ديوَ آهي. نه، هرگز نه. هُو هرگز هڪ پوت ڪونهي. هُو ڪو خاص ڏڳهو يا قداور به ڪونهي. سندس قد توهان جيترو ٿيندو. رنگ ڪارو، وار گهنڊيدار ۽ اکيون پوريون اٽس. جيڪڏهن سندس نڪ جي هڏي ڀڳل نه هجي ها ته پوءِ ڪيس ناهوڪو چٽي سگهجي ها، پر جيئن ته سندس نڪ جي هڏي ڀڳل هئي تنهن ڪري سندس شڪل ڪنهن بگهڙ جي چهري سان ٽي ملي. سندس چهري مان شرافت پٽي بکندي هئي. جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو اهڙي حرڪت ڪري ها ته آءٌ ڪيس جيئرو ڪونه ڇڏيان ها."

"هُن ڪهڙي حرڪت ڪئي هئي؟" ڪراسس پڇيو ـ

"آءٌ توهان سان بنهه صاف صاف ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان ته جيئن سموري صورتحال منهنجي اڳيان واضح ٽي وڃي. آءٌ توکي اهو به ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته تون مون

کي جيڪو ڪجهه به ٻڌائيندي، اهو بلڪل راز ۾ رکيو ويندو. آءُ هن جي پس منظر کان واقف ٿيڻ ٿو چاهيان. تو هن کي ڪٽان خريد ڪيو هو ۽ هُو چا ڪندو هو؟"

"آڪاڙي جو ويڑهاڪ چا ٿيندو آهي؟" باتياتس مسڪرائيندي هٿ پکيڙيا "اهو رڳو غلام ڪونہ هوندو آهي. خاص ڪري ڪاپوا جي آڪاڙي جو ويڑهاڪ رڳو غلام ڪونہ هوندو آهي. اُهي خاص ماڻهو هوندا آهن. جيڪڏهن توهان ڪٽا ويڑهائيندا هُجو ته پوءِ ائين ته ڪونہ ٿيندو ته توهان اهڙا ڪتا سانديو جن کي ننڍڙيون چوڪريون به ڀيجاري سگهن. جيڪڏهن توهان انسان ويڑهايو ٿا ته پوءِ توهان پڪ سان اهڙا انسان ڳوليندا جيڪي سچي پچي وڙهن. اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجي جگر جو رت پين، اهڙا ماڻهو جيڪي نفرت ڪري سگهن. بنهه دل گردي وارا انسان. تنهن ڪري آءُ پنهنجي دلالن کي چوندو آهيان ته آءُ دل گردي وارن ماڻهن جو خريدار آهيان. اهڙن انسانن جو نہ، جيڪي رڳو گهر جي غلامن جو ڪم ڏيئي سگهن. جيڪڏهن ڪو شخص زخمي ٿيو پوي ته پوءِ اهو منهنجي ڪنهن به ڪم جو نٿو رهي ۽ جيڪڏهن توهان ڪنهن کي زخمي نٿا ڪري سگهو ته پوءِ ان کي قتل ڪرڻ ضروري ٿيو پوي. اهو توهان جي ڪنهن ڪم جو نہ رهندو. هو ڪم کي تباهہ ڪري ڇڏيندو. هُو ڪم وارن ٻين ماڻهن کي به تباهہ ڪري ڇڏيندو. هُو هڪ مرض وانگر هوندو آهي."

"پوءِ ته هُو وڙهندو به ڇو؟"

"ها، اهو هڪ سوال آهي ۽ جيڪڏهن توهان اِن سوال جو جواب نٿا ڏيئيَ سگهو ته پوءِ توهان ويڑهاڪن سان گڏ ڪم ڪري نہ سگهندا. پراڻي زماني ۾ آڪاڙن ۾ اهي ئي ماڻهو وڙهندا هٿا جن کي لڙائي سان عشق هوندو هو، اُهي ماڻهو دماغي طرح سالم ڪونہ هوندا هٿا ۽ اهي غلام به ڪونہ هوندا هٿا." هن معنيٰ خيز انداز ۾ پنهنجي متي کي ڇهيو ۽ چيو "جيستائين ڪنهن به ماڻهوءَ جو هيءَ جاءِ بيمار نہ هجي ته هُو مرڻ تائين به لڙائي ڪونہ چاهيندو. ويڑهاڪ به وڙهڻ پسند ڪونہ ٿا ڪن. اُهي اُن ڪري ٿا وڙهن جو توهان کين هٿيار هٿ ۾ ڏيو ٿا، سندن نيئر ڪوليو ٿا ڇڏيو. جڏهن هو هٿيار هٿ ۾ کڻن ٿا ته انهيءَ خوشفهميءَ ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا ته هائي هو آزاد ٿي ويا آهن ۽ هو چاهين به اهوئي ٿا ته سندن هٿن ۾ هٿيار هجن ۽ هو آزاد ٿيڻ جا خواب ڏسن. پوءِ انهن جي مقابلي ۾ اهو توهانجو ڪمال آهي جو ته هُو هڪ شيطان آهي ۽ اُن لاءِ توهان کي به شيطان بنجڻو ٿو پوي."

"۽ تون اهڙن کي ڪٽان ڳولي ونندو آهين؟" ڪراسس ٽلهي شخص جي مهارت ۽ پنهنجي ڏنڊي تي عبور کان متاثر ٿي پڇيو.

"اهڙن ماڻهن کي فقط هڪڙي جاءِ تي ڳولي سگهجي ٿو ۽ اها جاءِ آهي معدني

ڪائيون. هيءَ هڪ ڏاڍي ذليل جاءِ آهي. اتان ئي منهنجا دلال اهڙن ماڻهن کي ڳولي وٺن ٿا. اتان ئي انهن اسپارٽيڪس کي به خريد ڪيو هو. هُو هڪ ڪرو هو. توهان کي انهيءَ لفظ جي معنيٰ اڃا ٻڌي؟ منهنجي خيال ۾ اهو مصري زبان جو لفظ آهي."

ڪراسس انڪار ۾ ڪنڊ ڏوڙيو.

"ڪرو جو مطلب آهي غلام جون ٻي پيڙهيون. هڪ غلام جو پوتو. مصري زبان ۾ ڪرو جو مطلب نفرت انگيز جانور به آهي. هڪ سرندڙ وحشي جانور. هڪ اهڙو وحشي جانور جيڪو ٻين وحشي جانورن سان گڏ هجڻ ڪري پڪڙجي نه سگهجي. سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪرو جو لفظ مصر ۾ پيدا ڪيئن ٿو؟ آءٌ ٿو توهان کي ٻڌايان. اُن زماني ۾ اتي آکاڙي کان وڌيڪ بدتر شيون موجود هيون. اڄ جڏهن آءٌ توهان جي ڪيمپ ۾ پهتس ته توهان جي آفيسرن مون کي گهوري گهوري ڏٺو هو. پلا ڇو؟ اسان سڀ جا سڀ ڪاسائي آهيون.... اسان سيئي ٽڪرا ٽيل گوشت جو ڪاروبار ڪريون ٿا. پوءِ پلا انهن مون کي گهُوري گهوري ڇو ڏٺو؟"

هُو نشي ۾ ٻڏل هو. ڪاپوا جي اسڪول ۾ ويڙهاکن کي سکيا ڏيڻ وارو هي ٿلهو شخص پاڻ ئي پاڻ تي رحم ڪائي رهيو هو. اُن وقت سندس روح ٻڌڪي رهيو هو، حالانڪ هُو هڪ ٿلهو ۽ حقير سوئر هو، جنهن جو پنهنجو هڪ آکاڙو هو جيڪو رت جو چشمو هو پر پوءِ به هِن خنزير جو هڪ روح هو.

"۽ اسپارٽيڪس ڪرو هو،" ڇا سندس تعلق مصر سان هو؟" ڪراسس آهستگيءَ سان چيو.

"هو مصر ڪان ايندڙ هڪ ٽريشين هو. سون جا مصري واپاري. اهڙن ماڻهن کي يونان مان خريد ڪندا آهن ۽ ڪرو خريد ڪرڻ وقت هو ٽريشين کي اوليت ڏيندا آهن." بانياتس چيو.

"ڇو؟"

"هيءَ هڪ اهڙي فوج هوندي اهي جيڪا زمين اندر سڙو ڪم ڪندي آهي."

"ٺيڪ آهي، پر هي ڇو ٿو چيو وڃي ته اسپارٽيڪس کي يونان مان خريد ڪيو ويو هو؟"

"مون کي رڳو اِها خبر آهي ته هُن کي ڪٽان خريد ڪيو ويو هو. سو به اُن ڪ ي جو ڪيس ٽيبيز واري جاءِ تان مون پاڻ خريد ڪيو هو. ڇا آءٌ ڪوڙ ٻيو ڳالهايان؟ آءٌ آکاڙي جو مالڪ هڪ ٿلهو شخص، اڪيلو ئي اڪيلو تنها شخص آهيان. آءٌ پلا اڪيلائيءَ ۾ ڇو ويهي روئان؟ توهان ڪ مون ڏانهن حقارت سان ڏسڻ جو ڪوبه حق ڪونه ٿو پهچي. توهان جي زندگي توهان جيَ آهي ۽ منهنجي زندگي منهنجي."

"تون منهنجو معزز مهمان آهين. آءُ توکي حقير ڪونہ ٿو سمجهان." ڪراسس چيو.

باتياتس مسڪرايو ۽ هُن ڏانهن ٽورو جهڪيو.

"توهان کي خبر آهي تہ مون کي ڇا گهرجي؟ توهان کي خبر آهي تہ مون کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي؟ اسان ٻئي ماڻهو دنيا جا جاتل سياتل ماڻهو آهيون. مون کي اڄ رات هڪ عورت جي ضرورت آهي." سندس آواز پرجي آيو. "مون کي هڪ عورت جي ضرورت چو آهي؟ جنسي خواهش جي پورائي لاءِ نہ بلڪ اڪيلائي دور ڪرڻ لاءِ. زخمن کي چينڻ لاءِ. توهان وٽ تہ عورتون آهن. انسان پاڻ کي عورت کان پري نٿو رکي سگهي."

"مون کي اسپارٽيڪس ۽ مصر جي باري ۾ ٻڌائي." ڪراسس چيو. "۽ پوءِ اسان عورتن جي باري ۾ ڳالهائينداسين."

[3]

عيسائيت ۽ اُن جي واعظن ۽ خطبن واري دوزخ کان اڳ ۾ ئي روءِ زمين تي هڪ دوزخ موجود هُئي، جنهن کي انسان ڏسي ۽ سهي رهيو هو. اِها انسان جي فطرت آهي تہ هُو انهن دوزخن جي باري ۾ لکي جيڪي سڀ کان پهرين پاڻ خود بنايون هٿائين.

جولاءِ جي تيز ۽ تِکي مهيني ۾ ٽيبيز کان نيل دريا جي مٿئين پاسي هليا وڃو. مٿي وڌي آبشار فرسٽ ڪيٽاريڪٽ تائين هليا وڃو. اتي اوهان کي ائين محسوس ٿيندو جڻ اوهين شيطان جي گهر ۾ پهچي ويا آهيو. ڏسو تہ دريا سان لڳو لڳ ساوڪ ۽ سبزيءَ واري پٽي ڪيئن نہ ختم ٿيندي پيئي وڃي. ڏسو تہ ٽڪريون ۽ صحرائي پٽون ڪيئن نہ واريءَ جي سنهڙن ذرن ۾ تبديل ٿيو پيون وڃن. هوا جي چهندي ٿي اُهي سنهڙو پائوڊر ۽ دونهون بنجيو وڃن. خشڪ موسم ۾ دريا آهستي وهندو آهي، اُن تي سفيد پائوڊر جو هڪ تهہ جميو وڃي. گرم هوا ۾ اهو پائوڊر اڏامندو رهندو آهي.

ليڪن ان جاءِ تي هوا ٺوري گهٽ آهي. هاڻي اوهان فرسٽ ڪيٽاريڪٽ کان اڳيان گذرو ٿا تہ نوبيا جو صحرا اوهان جي سامهون آهي. صحرا ۾ پري تائين وڃو، ايستائين جو دريا تي لڳندڙ معمولي هوا بہ ختم ٿي وڃي، پر ايترو پري بہ نہ وڃجو جو ماڳهي بحرِ احمر جي ٺڏي هوا لڳڻ لڳي. هاڻي اوهان ڏکڻ طرف وڃو.

اوچتو هوا بنهہ سُڪَي ۽ زمين غير آباد ٿيو وڃي ٿي. بنهہ معمولي هوا جي ڪا چِرڪَ لڳي ٿي، سا بہ گرميءَ هٽان تبي باهہ ٿيو وڃي. هتي ماڻهوءَ جا حواس

ناقابلِ اعتبار ٿيو وڃن تا چو تہ هُو حقيقي طور تي موجود شين کي نٿو ڏسي سگهي. هر شيءِ گرميءَ ۾ مُڙي سڙي پئي هوندي آهي. هاڻي صحرا ۾ به تبديليون نظر اچن ٿيون. اِها چوٿي هتي اچي غلط ثابت ٿي ٿئي تہ صحرا هر هنڌ هڪجهڙو هوندو آهي. صحرا جو مطلب هوندو آهي پاڻيءَ جي ڪوٽ. پاڻيءَ جي اِها ڪوٽ زمين جي نوعيت مطابق گهٽ وڌ ٿيندي رهي ٿي. چو تہ صحرا تہ جبلن وارو به ٿي سگهي ٿو تہ ٽڪرين وارو به، واريءَ وارو به تہ سفيد لوٽيانو به ۽ لاوا وارو به. سڀ کان خطرناڪ سفيد پاڻوڌر وارو صحرا به ٿئي ٿو جتي انسان جو هڪڙو انجام ٿئي ٿو يعني موت.

هتي ڪابہ اوپڙ نٿي ايري. نہ پٽريلي صحرا وارا خشڪ، مُڙيل وَريل هوتا ۽ نہ ئي واريائسي صحرا واريون وليون. هتي ڪجهہ به ڪونہ ٿئي.

اِن صحرا ۾ هلندا وڃو. اُن سفيد پاڻوڌر جي وچان هزارين دفعتون برداشت ڪندا هلندا وڃو ۽ محسوس ڪندا وڃو تہ دهشتناڪ گرمي هر لمحي اوهان جي پٺن تي ڪيئن نہ ڦٽڪا وسائي رهي آهي. انتهائي گرميءَ جي باوجود به هڪ ماڻهو ڪي جيئرو رکو ۽ ان گرم ۽ خوفناڪ صحرا مان رستو ناهيو. اوهان کي زمان ۽ مڪان لامحدود ۽ وحشت زنده نظر ايندا. مگر اوهان اڃَتي وڏندا رهو، وڏندا رهو. دوزخ چا ٿيندي آهي؟ دوزخ اُن وقت شروع ٿئي ٿي جڏهن زندگي جي بنهہ سادي ۽ ضروري چرپر به ناقابل برداشت جي حد تائين دشوار ٿي وڃي ۽ اها جاءِ هر عهد ۾ انهن سيني ماڻهن کي ٿي ويئي هئي جن انسان جي پنهنجي هٿن سان ناهيل دوزخ جو مزو چکيو آهي. اوچتو اهو منظر بدلجي ٿو ۽ دوزخ جو هڪ ٻيو رخ ظاهر ٿئي ٿو. اوهان کي سامهون ڪاريون ٽڪريون نظر ايندیون. حيران ڪندڙ ۽ خوفناڪ ڪاريون ٽڪريون. هي ڪارن پٽرن جون ٽهيل آهن. اوهان ڪاري پٽر ڏانهن وڃو ۽ پوءِ اوهان ڏسندؤ تہ هي سفيد چمڪدار مرمر سان گڏ آخر تائين لڪيرون ناهيندو وڃي ٿو. ڪيڏو نہ سهڻو آهي هي مرمر! ڪيڏي نہ منجهس چمڪ آهي، آسماني نور جهڙي! ڪيس آسماني نور هُجڻ به گهرجي جو تہ آسمان جون گهٽيون سون جون ٽهيل هوندیون آهن ۽ سنگ مرمر سون سان گڏ ڏاڍو خوبصورت لڳي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ماڻهو هتي اچن ٿا. چو تہ سنگ مرمر سون سان گڏجي ڳرو ٿي وڃي ٿو ۽ قيمتي به.

ويجهو وڃي ڏسو. تمام گهڻو عرصو اڳ مصر جي فرعونن هِن ڪاري ٽڪريءَ جو خزانو ڳولي لڌو هو. اُن زماني ۾ انهن وٽ ٽامي ۽ چانديءَ جا اوزار هوندا هئا ۽ اهڙي طرح جيتوڻيڪ اُهي گهٽ مقدار ۾، رڳو سطحي متاڇري کي ئي چلينداً ۽ کُرڙيندا رهيا. ڪيترن نسلن جي کُرڙڻ کان پوءِ سون نڪتو. ڪاري ٽڪري اندر وڃي سفيد مرمر کي ڪاٽڻ به ضروري هو ۽ اِهو اُن وقت ممڪن ٿي

سگهيو جڏهن ٽامي جو دؤر ختم ٿيو ۽ لوهه جو زمانو آيو ۽ تڏهن انسان لوهه جون کوڏاريون ۽ ارڙهن پائوند وزني هٿوڙن سان هي ڪم ڪري سگهيو جهڙا ٿيا.

مگر هاڻي هڪ نئين قسم جي انسان جي ضرورت هئي. ٽڪريءَ اندر سون جي ور وڪڙ ڪائيندڙ تندن جي پٽيان پٽيان گرمي، منّي ۽ جسماني مشقت جي لاءِ مصر يا اٿوپيا مان ڪنهن هاريءَ کي ملازم رکڻ ممڪن ڪونه هو. عام غلام ته بنهه مهانگو ٿو پوي. ۽ ٻي ڳالهه ته هُو مري به تمام جلد ٿو. تنهن ڪري اُن جاءِ تي قيدي بنايل سپاهي آندا ويا جن کي جنگين فولادي بنائي چڏيو هو. يا نه ته اهي ٻار آندا ويندا هئا جيڪي ڪرو هوندا هئا. جن کي اهڙن غلامن جنم ڏنو هجي جيڪي خود غلامن جو اولاد هوندا هئا. ظاهر آهي ته اهڙي ماحول ۾ فقط اهوئي زنده رهي سگهيو ٿي جيڪو بنهه سخت جان هوندو. ٻارن جي ضرورت اُن ڪري ٿي پيئي جو ٽڪري اندر تمام گهٽو پري تائين جڏهن سون جا تاندورا بنهه سوڙها ٿي ويا تڏهن اتي فقط ٻار ئي ڪم ڪري سگهيا ٿي.

فرعونن جي اُها پهروڪي قوت ۽ شان و شوڪت ختم ٿي چڪي هئي ۽ مصر جي يوناني بادشاهن جا خزانا آهستي آهستي ختم ٿي رهيا هئا. تنهن ڪري روم کي بالادستي حاصل ٿي ويئي ۽ اُهي ڪاٽيون روم جي غلامن جي سوداگرن اڇي سنياليون. بهرحال رومين کانسواءِ ٻيو ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته غلامن کان ٽيڪ نموني ۾ ڪم ڪيئن ورتو وڃي.

اوهان به ڪاٽين تائين اڇي وڃو بلڪل اٿين جيئن اسپارٽيڪس هڪ سؤ ٻاويهه ٽريشين سان گڏ ڳچين ۾ پيل زنجيرن سان "فرسٽ ڪيٽاريڪٽ" کان صحرا پار ڪندو ۽ گرم لوهي زنجيرن جو ٻوجهه ڏوهيندو هتي آيو هو. قطار ۾ ٻارهون شخص اسپارٽيڪس آهي. هُو ٻين وانگر تقريباً اڳاڙو آهي ۽ جلدي ڪيس الف اڳاڙو ڪري چڏيو هو. هن ڪپڙي جو هڪ ڇنل ٽڪرو چيلهه وٽ ويڙهي چڏيو هو. سندس وار ڊگها آهن ۽ قطار ۾ موجود هر شخص وانگر سندس ڏاڙهي وڌيل آهي. سندس جُوتا ڦاٽل آهن پر پوءِ به ڪجهه بچيل آهي جو هُن پيرن ۾ پاتو آهي. پر جوتو چا ڪندو؟ چو ته سندس پيرن جي چمڙي خود به پاڻ انچ جيتري ٿلهي ۽ مينهن جي چمڙيءَ وانگر سخت ٿي ويئي هئي. پر پوءِ به، بهرحال، صحرا جي هرندڙ واريءَ جي خلاف مدافعت ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪانه هئي.

اُن شخص يعني اسپارٽيڪس جا آرڪاٽا ڪهڙا آهن؟ صحرا ۾ لوهي نيئر جو ٻوجهه ڪٽندڙ ان شخص جي عمر ٽيويهه سال آهي، پر سندس شڪل مان اٿين ڪونه ٿو لڳي. چو ته اُن جهڙن جي لاءِ مشقت جي عمر لامحدود هوندي آهي. چا جواني، چا مردانگي ۽ چا پوڙهپڻ؟ محنت. اڻ ڪٽندڙ مدت تائين مسلسل محنت! پيرن کان

وٽي مٽي تائين سندس سڄو جسم سفيد سنهڙي واري جي پاڻوڌر سان پريو پيو هو. وارن، ڏاڙهي ۽ چهري تي ان جو ٽلهو تهہ جميل آهي. واريءَ کان هيٺان سندس ڪلَ سڙي پوري رنگ جي ٽي ويئي آهي. اڇي پاڻوڌر سان ٽڦيل سندس چهري مان سندس گهريون ڪاريون اکيون، نفرت انگيز اکيون، هرندڙ اگرن جهڙيون اکيون ليڪا پيون پائين. پوري ڪَل صرف اُن جهڙن جي زندگيءَ سان جُڙيل هوندي آهي. اُترين علائقن جي اڇي چمڙي ۽ هيڏن وارن وارا غلام ڪائين پر ڪم ڪوٺ ڪري سگهن ٿو تہ سڄ کين ٽهڪايو ڇڏي، کين موت جي ننڊ سمهاريو ڇڏي ۽ هو اذيتناڪ درد جي شدت کان تڙپي تڙپي مريو وڃن.

هن جي قد جي ڊگهي يا بندري هجڻ جو فيصلو نٽو ڪري سگهجي ٿوٽہ نيئرن پر جڪڙيل ماڻهو سڌا ٽي تہ هلي نٿا سگهن. مگر سندس جسم ڦٽڪن جي نشانن سان پريو پيو آهي. گوشت سڄ پر سڙيل، خشڪ ۽ بي آب آهي، پر پوءِ بہ هُو ايرو يا ڪمزور ڪونهي. اُنجو سبب هي آهي تہ غلامَ ماڻهن مان ڳولي ڳولي خريد ڪيا آهن ۽ ٽريش جي سنگلاخ جبلن پر جيئڻ ڪڏهن بہ ڪو آسان ڪوٺ هوندو هو. تنهن ڪري جيڪي ماڻهو باقي زنده بچي ويا هئا، سي ڏاڍا مضبوط ۽ ڏڍا مُڍا هئا. اُن ماڻهوءَ جو ڪنڌ ٽلهو آهي پر ان جاءِ تي لِڦن جي ڪري ڦٽ ٽي پيا هئا جتي لوهہ جا جوڙا پيل هوندا آهن. ڪلهن وٽ گوشت جا تهہ جميل آهن ۽ اهڙي ٽي نموني پر سندس باقي بدن ٺهيل آهي. اهڙي طرح هي شخص پنهنجي عمر کان گهٽ لڳي ٿو. چهرو ڪُشادو اٽس پر جيئن تہ سندس نڪ جي هڏي هڪ پيري هڪڙي اوورسيئر جي ڏنڊي جي ڏڪ سان پڄي پيئي هئي، تنهن ڪري وڏي هموار نظر اچي ٿو ۽ جيئن تہ سندس اکيون ٽورو ٽي پريان موجود آهن تنهن ڪري سندس چهرو هڪ بگهڙ وانگر ٽو لڳي. سندس ڏاڙهي ۽ وات ويڪرو آهي ۽ وات جي چوڌاريءَ حساس ۽ پريل چپ آهن. جڏهن هُو عام حالت پر هوندو آهي تڏهن سندس هموار ڏند ڏسڻ پر ايندا آهن. مسڪراهٽ تہ ڪڏهن پاسي کان بہ ڪانہ لنگهيس. هُنجا هٿ وڏا ويڪرا ۽ تمام خوبصورت آهن. جيڪڏهن هُن پر حسن نالي ڪا شيءِ آهي تہ فقط سندس هٿ آهن.

تہ اهو ٽيو اسپارٽيڪس. ٽريش جو رهاڪو غلام، هڪ غلام جو پٽ جيڪو خود پاڻ بہ هڪ غلام جو پٽ هو. هُن جي منزل جي خبر ڪنهن کي بہ ڪانہ هئي ۽ ڪنهنجو بہ مستقبل کو ڪتاب ڪوٺ هوندو آهي جنهن کي پڙهيو وڃي ۽ سندس ماضي، جيڪو فقط محنت ۽ جاکوڙ جو نالو هو، ڏکن، دردن، ۽ غمن سان پريل هڪڙي وادي هئي. تہ اهو هو اسپارٽيڪس، جنهن کي مستقبل جي باري پر ڪابہ خبر ڪانہ هئي ۽ جنهن ماضيءَ کي ياد ڪرڻ نٿي چاهيو. هُن کي

ڪڏهن به ائين ڪونه لڳو ته محنت ڪرڻ وارن محنت ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪيو هجي ۽ نه ئي سندس ذهن ۾ آيو ته ڪڏهن نه ڪڏهن هڪ اهڙو وقت به ايندو جڏهن بني نوع انسان پنهنجي پٺن تي ٿڪا ڪائڻ برداشت نه ڪندو ۽ جبري مشقت کان آزاد ٿيندو.

هُو تتل واريءَ تي مشڪل سان هلندو رهڻ دوران چا سوچيندو هو؟ جڏهن ماڻهوءَ کي غلاميءَ جو زنجيرون پاتل هوندیون آهن، تڏهن هُو تمام ٿورو سوچيندو آهي ۽ هميشه هِن کان وڌيڪ سوچڻ سڻو ڪونهي ته توکي ٻيهر ڪاڏو ڪيڏي مهل ملندو؟ پاڻي ڪڏهن ملندو؟ ٻيهر سمهڻ ڪڏهن نصيب ٿيندو؟ ته چٽيو ته اسپارٽيڪس جي ذهن ۾ ڪنهن به قسم جا پيچيده خيال ڪونهن. نه ئي سندس ٻين ٽريشين ساٿين جي ذهن ۾ به اهڙا خيال موجود آهن، جن کي نيٽر پاتل آهن. اوهان انسانن کي وحشي بنايو ته پوءِ هو ملائڪن جي باري ۾ ڪڏهن به ڪونه سوچيندا.

مگر هاڻي ڏينهن ختم ٿيو ۽ منظر بدلجي ٿو. پر هُن جهڙن خوف جي ڪاڏلن ۾ ڪا خاص تبديلي يا ڪو خاص جذبو ڪونهي. اسپارٽيڪس متي نهاري ٿو ته ڪيس معدني ڪاڻ جي ڪاري سُرنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. غلامن جي جاگرافي ئي الڳ هوندي آهي. هنن کي نه سمنڊن جي باري ۾ جاڻ هوندي آهي، نه جبلن جي چوٽين جي اوچائيءَ جي ڪا خبر کين هوندي آهي، نه ئي درياهن جي ٻيگهه جو ڪو علم. پر کين اسپين ۾ چانديءَ جي ڪاڻين، عرب جي سون جي ڪاڻين، اتر آفريقا جي لوهه جي ڪاڻين، ڪاڪيشيا ۾ ٽامي جي ڪاڻين ۽ گال ۾ ٽين جي ڪاڻين جي باري ۾ گهٽو ڪجهه معلوم هوندو آهي. هُنن وٽ انهن جي پنهنجي دهشت جي معنيٰ هوندي آهي. هنن کي بخوبي جاڻ آهي ته نوبيا جي ڪاري معدني ڪاڻين کان زياده خطرناڪ جاءِ سموريءَ دنيا ۾ ٻئي هنڌ ڪٿي به ڪونهي.

اسپارٽيڪس اُن کي ڏسي ٿو، ٻيا به سمورا اُن کي ڏسن ٿا ۽ سڄي قطار پنهنجي دردناڪ ۽ اذيت پهچائيندڙ چُرپر روڪي ٿي ڇڏي. پاڻي ۽ اناج سان لڏيل اٺ به بيهي ٿا رهن. ايتري قدر جو اوورسيئر به پنهنجن چهبڪن ۽ نيزن سميت بيهي ٿا رهن. هر هڪ دوزخ جي انهيءَ ڪاري سرنگ کي ڏسي ٿو ۽ قطار ٻيهر هلڻ لڳي ٿي.

جڏهن هو انهيءَ ڪاري ٽڪريءَ وٽ پهتا تڏهن سج ٽپ ٽپان ۾ هو ۽ هيءَ ٽڪري وڌيڪ ڪاري ٽيندي پئي ويئي، وڌيڪ خوفناڪ ۽ وڌيڪ بدسوڻي نظر اچي ٿي. ڏينهن جو ڪم پورو ٿيو ۽ غلامن جي ڪٽڪن ۽ چهبڪن مان جند ڇٽي پئي.

"اهي کهڙيون شيون آهن؟ کهڙيون شيون آهن اُهي؟" اسپارٽيڪس سوچي ٿو ۽ سندس پٽيان ايندڙ شخص چوي ٿو:

"اي منهنجا مولي، منهنجي مدد ڪر!"

"پر خدا هتي سندس کاٻ مدد ڪونہ ڪندو. خدا هتي موجود ڪونهي. خدا جو هتي کهڙو ڪم؟ تڏهن اسپارٽيڪس کي خبر پوي ٿي تہ ڪيس نظر نہ ايندڙ اِهي شيون صحرا جي ڪا بي مخلوق نہ پر سندس جهڙا ماڻهو آهن ۽ اهڙائي ٻار آهن، جهڙو هُو پاڻ ٻہ ڪنهن زماني ۾ هو. پر انهن ۾ اندريون توڙي ٻاهريون فرق ضرور هو، ۽ اهو فرق انهن طاقتن جي سببان ٻہ هو جن انهن جي شڪلين کي انسانن جي شڪلين مان بدلائي انهن کي ٻيو ڪجهہ بنائي ڇڏيو هو. هڪ اندروني ردعمل پيدا ٿي پيو هو. انسان بنجڻ جي دم ٽوڙيندڙ خواهش. هنن کي ڏسو! هنن کي تہ ڏسو! اسپارٽيڪس جي دل، جيڪا ڪيترن سالن جي سخت عمل سان پٿر ٿي ويئي هئي، سا خوف ۽ دهشت سان ٻيهر ڌڙڪڻ لڳي. سندس خيال هو تہ هُن جي اندر رحم جا جيڪي چشما سُڪي ويا هئا، هڪ ٻيرو ٻيهر ايامي پيا هئا، ۽ سندس ٽوٽ جسم اڃا تائين لڙڪ ڳاڙهن جي لائق آهي. هُو انهن طرف ڏسي ٿو. چهبڪ سندس پٺن تي ڦهڪو ٿو ڪري تہ جيئن هُو هلڻ لڳي. پر پوءِ ٻہ هُو اتي ٻينو آهي ۽ انهن ڏانهن ڏسي ٿو.

هو کائين اندر ٻيٽ پر هلي رهيا هئا. هو اڃا تائين جانورن وانگر ٻيٽ پر هلي رهيا هئا. هو جڏهن کان هتي آيا آهن، تڏهن کان وهنتا ڪونهن. هو ٻيهر وهنجي ٻہ ڪونہ سگهندا. سندن چمڙي ڪاري مٽي ۽ پوري ميرَ سان سَٽي پيئي هئي. هنن جا وار ڊگها ۽ پاڻ ۾ منجهڙيل هئا. ۽ هاڻي جڏهن تہ هو ٻار ڪونهن، انهن جون ڏاڙهيون آهن. ڪن جو رنگ ڪارو آهي تہ ڪن جو رنگ اڇو آهي، پر هاڻ ايترو تہ گهٽ فرق رهيو آهي جو مشڪل سان ئي ٿو محسوس ٿئي. انهن سيني جي گوڏن ۽ ٽوننين تي مستقل زخم ٿي پيا آهن ۽ هو اگهاڙا آهن، بنهہ مڪمل طور تي اگهاڙا. پر اگهاڙا ڇو نہ هُجن؟ ڇا ڪپڙا ڪين گهٽو وقت زنده رکي سگهندا؟ کائين کوڻڻ جو فقط هڪڙو مقصد هوندو آهي ۽ اُهو هي تہ رومي استاڪ هولڊرن کي فائدو پهچائڻ ۽ ميرن ڪپڙن جي ٽڪرن جي وري ٻہ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ قيمت هوندي آهي نہ!

هر هڪ جي ڳچيءَ ۾ لوهہ جو هڪ طوق يا ڳٽ هوندو آهي ۽ جيئن ئي اُهي ڪاريءَ ٽڪريءَ کان رڙهندا اچن ٿا تہ اوورسيئر جهٽ ڏيئي سندن طوق پڪڙي ٿا وٺن ۽ هڪ ڊگهي نيئر ۾ اٽڪائي ٿا ڇڏين ۽ نيئر ۾ ويهہ ماڻهو ٻڌجيو وڃن. ڪين سندن کوئين ڏانهن نيو وڃي ٿو. هي ڳالهہ قابلِ ذڪر آهي تہ نوبيا جي کائين مان ڪڏهن ٻہ ڪوبہ غلام پڇي ڪونہ نڪتو. ڪير پڇي تہ سگهي ٿي نٿو! انهن کائين

ھر ھڪ سال گذارڻ کان پوءِ انسانن جي دنيا سان تعلق ختم ٿي وڃي ٿو ۽ زنجير، ضرورت کان وڌيڪ، ھڪ علامت بنجي وڃي ٿو.

اُن نسل تي اسپارٽيڪس جي نگاھ جمي وڃي ٿي ۽ ھُو پنھنجي نسل ۽ قسم جي باري ۾ سوچي ٿو. اُن قسم جي انسانن جي باري ۾، جيڪي غلام بنجڻ کان پوءِ سندس وانگر بنجي ويا ھئا.

"چئو." ھو پاڻ ئي پاڻ کي ٿو چوي ۽ سندس دٻيل خواھش آھي تہ ماڻھو پاڻ ۾ ڳالھائين، پر نہ تہ ھُو پاڻ ڳالھائي سگھي ٿو ۽ نہ ئي ماڻھو ڳالھائين ٿا. سيئي موت وانگر خاموش آھن. "مسڪرائي." ھُو پنھنجو پاڻ کي ٿو چوي ۽ چاھي ٿو تہ سيئي مسڪرائين. مگر ائين نٿو ٿئي.

ھو پنھنجا اوزار پاڻ وٽ رکن ٿا. لوھ جي کوڏار، چيٽي ۽ مُترکي. انھن مان کيترن ماڻھن کي نراڙ وٽ ھرندڙ ڏيئا ٻڌل آھن. ٻار ھلندي ھلندي ڇرڪ ٿا پرين ۽ تيز روشنيءَ ۾ اکيون ٻُوٽيو ڇڏين. ھي ٻار ڪڏھن ٻہ قداور ڪونہ ٿيندا. ھو وڌ ۾ وڌ ٻہ سال عيش ڪري سگھن ٿا. اُن کان پوءِ ھو کائين ۾ ويندا. پر جڏھن کائيون سوڙھيون ۽ ورن وکڙن واريون ٿي وڃن ٿيون تڏھن ان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ رستو کونھي تہ سون واري پٽر جي پٽيان پٽيان وڃبو رھجي. ھو پنھنجا نيئر ڪٽي ٽريشين وٽان اڇي لنگھن ٿا. پر ھو لوڻو ڦيري نون آيل ماڻھن ڏانھن ڏسن ٻہ ڪونہ ٿا. انھن کي اِن ڳالھہ جو ڪوبہ تعجب کونھي. کابہ پرواھہ کانھي.

۽ اسپارٽيڪس کي خبر آھي "ڪجھہ وقت کان پوءِ مون کي ٻہ ڪنھن جي پرواھہ کانہ ھوندي." ھُو پاڻ سان ٿو ڳالھائي ۽ اھا ڳالھہ ٻي ھر ڳالھہ کان وڌيڪ خوفناڪ ۽ دھشتناڪ آھي.

ھاڻي غلام ماني کائڻ ٿا وڃن. ٽريشين کي ٻہ ونڊي ٿا وڃن. ٽڪريءَ جي اوٽ ۾ انھن جون بيرڪون آھن، جيڪي معدني کاڻين جي پاسي ۾ ئي ناھيل آھن. انھن کي ڪھي ڪو زمانو ٿي ويو آھي. ھي ڪاري پٽر جي وڌين وڌين ڇپن سان ناھيون ويون آھن. ڪنھن کي ٻہ ياد کونھي تہ ڪڏھن ناھيون ويون آھن. اتي کابہ روشني کانہ ھئي. روشني اچڻ جو ھڪڙو ذريعو اھو دروازو ھو جنھن مان ھو اندر آيا ٿي. کيترن ڏھاڪن سالن جي گندگي انھن جي فرش تي سڙي ڳري سخت ٿي ڇڪي ھئي. اوورسيئر ڪڏھن ٻہ اندر کونہ ٽپندا ھئا. جيڪڏھن اندر کو مسئلو ٿي پوندو ھو تہ سندن کاڏو پاڻي روکيو ويندو ھو ۽ جڏھن کاڏو پاڻي بند ٿي ويندو ھو تہ غلام پاليل جانورن وانگر پيٽ پر گِسکندا باھر نڪري ايندا ھئا. جيڪڏھن اندر کو مري پوي ٿو تہ غلام لاش باھر ڪٽي اڇن ٿا. پر ڪڏھن ڪڏھن، جڏھن کو ٻار ڏِڳھي بيرڪ ۾ گھٽو اڇيان اندر مري ٿي ويو ۽ کنھن کي خيال نٿي رھيو تہ پوءِ

ٻہ اهو گم ڪونہ ٿيندو هو. چو تہ سندس لاش ۾ سڙائد نيٺ سندس ڏس پتو ٻڌائي ڇڏيندي هئي. ههڙي ٿئي ٿي بيرڪ جي اندر جي دنيا!

غلام نيئر لاهي پوءِ بيرڪن ۾ ويندا آهن. اندر داخل ٿيڻ وقت سندن بند خلاصا ڪيا ويندا آهن ۽ کين ماني ڪائڻ لاءِ ڪاٺ جو هڪ پيالو ۽ چَلّ هٿن ۾ ڏني وڃي ٿي. چل ۾ پاڻ گيلن پاڻي هوندو آهي ۽ انهن کي اهو وِرو (راشن) ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا ملندو آهي. پر اڌ گيلن پاڻي سڄي ڏينهن لاءِ اُن پاڻيءَ کان تمام گهٽ ٿئي ٿو جيڪو خاص ڪري ههڙي خشڪ جاءِ تي گرمي سندن بدن مان ڪڍي ٿي. اهڙي طرح غلام آهستي آهستي 'پاڻي جي ڪمي Dehydretion' جو شڪار ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن ٻي ڪابہ شيءِ کين نہ ماري تہ ٻہ جلد يا دير سان سندن ٻُڪيون تباهہ ٿي وڃن ٿيون ۽ جڏهن درد ۽ پيڙا ايتريقدر شديد ٿي وڃي جو ڪم ڪرڻ ناممڪن ٿي پوي تہ پوءِ اهڙن غلامن کي ٽنگن کان جهلي گهلي صحرا ۾ اڇلايو وڃي ٿو تہ ٻلي مري وڃن.

اِهي سڀ ڳالهيون اسپارٽيڪس کي معلوم آهن. غلامن جي باري ۾ اِها جاڻ ۽ غلامن جو معاشرو هُن جو پنهنجو آهي. هُو انهيءَ معاشري ۾ جائو هو، نپنو هو ۽ وڏو ٿيو هو ۽ ان ۾ ئي بالغ ٿيو هو. هو غلامن جي لازمي راز کي ڄاڻندو هو. هي راز هڪ خواهش آهي. خوشيءَ جي تمنا نہ، آرام جي نہ، مانيءَ جي نہ، موسيقيءَ جي نہ، ڪِل جي نہ، محبت جي نہ، سرگرميءَ جي نہ، عورت ۽ شراب جي ٻہ نہ بلڪ هيءَ خواهش رڳو زنده رهڻ جي، صرف ۽ صرف زنده رهڻ جي خواهش آهي. انهن کي اِها خبر ڪانہ هئي تہ اِن زنده رهڻ جو ڪهڙو سبب آهي ۽ ڪهڙو دليل؟ اُن جو سبب انساني جبلت نہ هئي. هيءَ انساني جبلت کان وڌي ڳالهہ آهي. ڪو جانور ٻہ ان طرح تہ زنده رهي ئي نٿو سگهي. زنده رهڻ جو هي انداز ڪو سادو سودو ڪونهي. ۽ نہ ئي اها ڪا آسان ڳالهہ آهي. جن ماڻهن کي اِن ڳالهہ سان واسطو ڪونہ پيو آهي، انهن جي سمورن مسئلن کان هي زياده پيچيده غور طلب ۽ مشڪل مسئلو آهي ۽ ان جو هڪڙو سبب ٻہ آهي. اُن جو سبب هي آهي تہ اسپارٽيڪس کي اُن سبب جي خبر ڪانهي.

هاڻي هو زنده رهندو. هو هاڻي عادي ٿيندو وڃي، نرم ٿيندو وڃي ۽ پاڻ کي حالتن مطابق هيريندو وڃي. هن جو جسم نيئرن مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي قوت جو ذخيرو ڪري رهيو آهي. هُو ۽ سندس ساٿي ڪيتري پنڌ تان زنجيرن ۾ جڪڙيل آيا آهن. سمنڊ پار کان نيل درياتائين ۽ اتان کان صحرا جي هن پار. ڪيترا هفتا نيئرن ۾ گذري ويا ۽ هاڻي انهن مان چوٽڪارو مليو. هُو ڪنبي وانگر هلڪو ٿي ويو. پر حاصل ڪيل انهيءَ قوت کي ضايع ڪرڻ نہ گهرجي. هُو پاڻي وٺي ٿو. هي

پاڻي اُن پاڻيءَ کان گھٽو آھي جيڪو کيترن ھفتن تائين کيس نصيب نہ ٿيو ھو. ھُو ان کي يڪدم کوڻہ پي ويندو ۽ پيشاب ڪري ضايع کوڻہ ڪندو. ھُو اُن جي حفاظت ڪندو ۽ ڪلاڪن تائين انھيءَ مان ڏُڪ پريندو رھندو تہ جيئن اُن پاڻي جو ڦڙو ڦڙو سندس جسم جي رڳن تائين پھچي. ھُو پنھنجو کاڌو يعني ڪڪ ۽ سُڪل پاڇي سان گڏ جَوَن جو ڏارو وٺي ٿو. ان کاڌي ۾ زندگي ھوندي آھي. ھُن ۾ن کان بہ بدتر کاڌو کاڌو ھو. ھر کاڌي جي عزت ڪ ۽ گھرجي ۽ جيڪي ماڻھو کاڌي جي، چاھي تصور ۾ ئي ڇو نہ، بي عزتي ڪن ٿا، سي کاڌي جا دشمن ٿي وڃن ٿا ۽ پوءِ جلدي مريو وڃن.

ھُو بيرڪ جي انڌيري ۾ ھلندو وڃي. سڙاند ۽ ڏپ سندس حواسن کي ويڑھيو وڃي. مگر بدبوءَ کان ڪو ماڻھو مري تہ کوڻہ ٿو ۽ اُلٽي ڪرڻ جھڙي عياشي يا تہ بيوقوف ماڻھو ڪن ٿا ۽ يا تہ آزاد ماڻھو. اُلٽي ڪري ھُو پنھنجي پيٽ ۾ پيل ھڪ آڏونس کاڌو ضايع ڪرڻ برداشت نہ ڪري سگھندو. تنھن ڪري ھُو انھيءَ بدبوءِ سان وڙھندو کوڻہ. چو تہ اھڙين شين سان وڙھبو کونھي. اُن جي برعڪس ھُو ان سڙاند کي قبول ڪندو، ان جي آجيان ڪندو ۽ ان کي پنھنجي اندر ۾ جذب ٿيڻ ڏينندو. تڏھن ئي جلدي ھيءَ بدبو سندس لاءِ قابل قبول ٿي ويندي.

ھُو اونداھيءَ ۾ ھلندو وڃي. سندس قدم سندس رھنمائي ڪن ٿا. ھو اکين جو ڪم ڏين ٿا. جيئن تہ ھن کي ھڪ ھٿ ۾ کاڌو ۽ ٻئي ھٿ ۾ پاڻي آھي، تنھن ڪري کيس ٽاپو کائڻ يا ڪِرڻ ھرگز نہ گھرجي. ھاڻي ھو پٽر جي پٽ کي ھٿ سان ڇُھي ٿو ۽ اُن کي پٽ ڏيئي ٽيڪ ڪري اتي ئي ويھي ٿو رھي. ھيءَ جاءِ ايتري خراب ڪانھي. پٽر ڏڏو آھي ۽ سندس پٺن کي ٽيڪ بہ ملي آھي. ھُو ماني کائي ٿو ۽ پاڻي پي وڃي ٿو. سندس چوطرف وڏا ۽ ڀار بنھہ ساڳي حرڪت ڪري رھيا ھوندا آھن، ساھہ کڻي رھيا ھوندا آھن ۽ ماني چٻاڙي رھيا ھوندا آھن. خود سندس جسم جا ماھر عضوا سندس مدد ڪن ٿا ۽ جنھن شيءِ جي کيس ضرورت آھي سا کيس پيالي يا چَلّ مان کڻي کيس ڏين ٿا. ھُو پنھنجي پيالي مان مانيءَ جو آخري گراھہ کڻي ٿو وٺي ۽ رھيل سھيل پاڻي پيو وڃي ۽ زبان سان پيالي جي اندروني حصي کي چٽي صاف ڪري ٿو. ھُو بکايل رھڻ نٿو چاھي. کاڌو زندگي آھي. اُن جو ذرو ذرو زندگي آھي.

ھاڻي ماني کاڄي چڪي ھئي ۽ مايوسيون اچيو ٽيون گھيرين. ھن جاءِ تي پھچڻ سان سمورين مايوسيون ختم کوڻہ ٿي ويون آھن. اميد ختم ٿي سگھي ٿي، مگر مايوسي ھٿيلي ھرڻ وانگر چھبڪ وسائيندي رھي ٿي. ھيءُ جاءِ آھن، ٽڏن

شوڪارن ۽ لڙڪن جو مَسڪن آهي ۽ ڪٽان ڪٽا نہ ٻيڙاڻ ڪري روئڻ جو آواز پڻ اچي ٿو. ڪٽان کو هارايل آواز ايري ٿو:

"اسپارٽيڪس، تون ڪٽي آهين؟"

"هِتي آهيان، آءٌ هتي آهيان ٽريشين!" هو جواب ڏي ٿو.

"ٽريشين هتي آهي." هڪ ٻيو آواز اچي ٿو. "ٽريشين، ٽريشين." هي سندس ماڻهو آهن. هو سندس چوطرف ڦري ٿا وڃن ۽ هو جڏهن سانس لڳي ويهي ٿا رهن تہ هُو انهن جي هٿن کي محسوس ڪري ٿو. شايد ٻيا غلام بہ ٻڌي رهيا هجن، بهرحال ڪيئن بہ هجي، هو بنهہ ماڻ ۾ هئا. لڳو ٿي تہ هِن دوزخ ۾ ڳالهين ڪرڻ جي ڏيوٽي نون ايندڙن جي هئي. شايد پهرين موجود ماڻهو انهن ڳالهين کي ياد ڪري رهيا هئا جن جي يادگيري کان عام طرح هو ڊجندا هئا. ڪن ماڻهن اٽڪ Attic زبان سمجهي ٿي ۽ باقي ٻين کي سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي آئي.

شايد ڪن دلين ۾ ٽريش جي برف پوش چوٽين جي نعمت ۽ رحمت سان پريل ٽڏاڻ، صنوبر جي جهنگلن ۾ وهندڙ پاڻيءَ جون نهرون، ۽ ٽڪرين تي ٽينگ ٽپا ڏيندڙ ٻڪرين جا ڏڻ ياد اچي رهيا هئا. ڪنهن کي خبر آهي تہ اونڌاهي ڪاڻين ۾ موجود بدنصيب ماڻهن جي اندر ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون يادگيريون ڪَرَ ڪٽيو ٻيٺيون آهن؟

اُهي هن کي ٽريشين چون ٿا ۽ هُو هاڻي هُٿن سينيءَ کي پنهنجي چئن ئي پاسن ۾ ٻيو محسوس ڪري. جڏهن هُو هٿ وڌائي ٿو تہ ڪنهن هڪ جو چهرو محسوس ڪري ٿو، لُڙڪن سان ڳنڍ چهرو.... آهہ... لڙڪ ئي تہ پيڙاهہ جو اظهار آهن!

"اسين ڪٽي آهيون اسپارٽيڪس، اسين ڪٽي آهيون؟" انهن مان هڪڙو سُرڀاٽ ڪري ٿو.

"اسين آهيون. اسين وڃائجي ڪونہ ويا آهيون، اسان کي ياد آهي تہ اسين هتي ڪيئن پهتا آهيون؟"

"اسان کي ڪير ياد ڪندو؟"

"اسين وڃائجي ڪونہ ويا آهيون." هُو ٻيهر چوي ٿو.

اسپارٽيڪس انهن لاءِ هڪ ٻيءَ وانگر آهي. پراڻي قبائلي رواج مطابق هُو پاڻ کان ٻيٽي عمر وارن جو بہ ٻيءَ آهن. هو سڀ ٽريشين آهن، پر هُو تہ وري منفرد ٽريشين آهي، تنهن ڪري هُو انهن سان بنهہ نرمي، قرب ۽ پنهنجائپ سان ڳالهائي ٿو. هڪ اهڙي ٻيءَ وانگر جيڪو پنهنجن ٻارڙن کي آکاڻي ٻڌائيندو هوندو آهي.

۽ ڪناري تي، جتي

وهندڙ پاڻي ٽڪرايو
اولهه کان لڳندڙ هوا جي خلاف
سينو تاڻي صف بند،
اونهي سمنڊ کان متاچري تائين
خوبصورتيءَ سان چوليون هڻندڙ،
۽ ڪناري سان ٽڪرائجي
گولائيون ناهيندي،
پنهنجي سفيد گِجيءَ کي پري تائين
اوڇاڻيندي
انهيءَ صف بنديءَ ۾
"بنا روڪ ٽوڪ جي
ٻاناس روانو ٿيو، جنگ جي ميدان ڏانهن...."

انهن جي دلين تي هُن جو قبضو آهي ۽ هُو سندن پيڙاهه کي سمجهي ٿو ۽ سوچي ٿو "پراڻن گيتن ۾ ڪيڏو نه اثر آهي!" هُو اُن دهشتناڪ اونداهيءَ ۾ کين دلاسو ڏي ٿو ۽ پوءِ هو پاڻ کي ٽرائي جي صاف شفاف ڪناري تي ٻيڙل ڏسن ٿا. کين شهر جا سفيد مُنارا نظر اچن ٿا. بهادر ۽ سورمن جا سُنهرا يادگار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سندس نرم گرفتار بلند ٿئي ٿي، جهيڙي ٿئي ٿي ۽ نيٺ خوف ۽ پريشانيءَ جا سمورا سبب سمجهه ۾ اچن ٿا ۽ اُن گهڙهه اونداهيءَ ۾ زندگي ۽ چرپر اچي وڃي ٿي. غلامن کي يوناني زبان ڪانه ٿي اچي ۽ اسپارٽيڪس جو ٽريشين لهجو اٽڪ هوليءَ سان بنهه ٿوري مشابهت رکي ٿو. پر هُو پنهنجي پراڻن گيتن جي باري ۾ ڄاڻن ٿا جن ۾ قديم ماڻهن جي دانائي محفوظ هوندي آهي جيڪا آزمائش جي گهڙي تائين برقرار هوندي آهي.

آخرڪار اسپارٽيڪس سمهڻ لاءِ ٽنگون ٽيڙي ڊگهيري ٿو. هُو سمهي رهندو. پنهنجي ظالم دشمن يعني جاڳندو رهڻ سان سندس پراڻي ڏيٺ ويٺ آهي ۽ هاڻي جنهن تي هو فتح پائي چڪو آهي. هاڻي هُو پاڻ کي هڪ جائيٽو ڪري پنهنجي نئين جي يادگيرين کي قلهوڙ ٿو لڳي. کيس ياد اچي ٿو ته کيس سرد ۽ شفاف آسمان، چمڪندڙ سج ۽ ٽڏڙي ٽڏڙي هير ڏاڍي وٺندي هئي ۽ اُهي سڀ شيون اتي موجود هيون. صنوبر جي جهڳٽي ۾ گاهه چرندڙ ٻڪرين جا ڏڻ ڪيڏا نه من کي موهيندڙ ۽ دل کي فرحت ڏيندڙ آهن. هڪڙو ڪُراڙو شخص سندس پاسي ۾ ويٺو آهي. پوڙهو ماڻهو کيس پڙهائڻ سيکائي رهيو آهي. پوڙهو ماڻهو هڪ ڇُريءَ سان زمين

تي اکر لکندو وڃي ٿو.

"منهنجا ٻچڙا، هي پڙهه ۽ سک! پڙهڻ ۽ لکڻ سکي اسين غلام ماڻهو پنهنجي لاءِ هڪ مضبوط هٿيار جوڙيون ٿا. علم ڪانسواءِ انسان جو مثال ميدان ۾ موجود هڪ وحشي جانور جهڙو آهي. جنهن ديوتا انسان کي باهه جي نعمت عطا ڪئي هئي، انهيءَ ساڳئي ديوتا انسان کي لکڻ پڙهڻ جي قوت به بخش ڪئي هئي. ته جيئن اسين قديم سونهري دؤر ۾ خدا جي عطا ڪيل علمن کي پڙهي ۽ ياد رکي سگهون. اُن وقت انسان خدائن کي بنهه ويجهو هوندو هو ۽ جيڏي مهل به دل چوندي هئس ته هُو خدائن سان ڳالهائي ونندو هو. ان زماني ۾ ڪوبه ماڻهو غلام ڪونه هو ۽ اهوئي اُهو ساڳيو وقت وري به ايندو."

اهڙي طرح اسپارٽيڪس کي پراڻيون ڳالهيون ياد اچن ٿيون، ۽ جلد ئي سندس ياداشت هڪ خواب ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ اوڏي مهل ڪيس ننڊ اچيو ٿي وڃي.....

صبح جو هُو ڏهل وڃڻ سان جاڳي پوي ٿو. ڏهل ٻيرڪ جي دروازي وٽ وڃايو ويندو آهي، جنهنجو آواز پٿر جي غار ۾ گونجي ٿو. پوءِ اُن آواز جو پڙاڏو ۽ وري پڙاڏي جو پڙاڏو گونجي ٿو. هُو اٿي ويهي ٿو ۽ چوطرف پنهنجي ساٿين جي اٿڻ جو آواز ٻڌي ٿو. هو گهڳهه اونداهيءَ ۾ دروازي ڏانهن وڃن ٿا. اسپارٽيڪس پنهنجي چَلَ ۽ پيالو کڻي ٿو، جيڪڏهن نٿو کڻي ته سڄو ڏينهن کاڌي ۽ پاڻيءَ کان محروم رهجي ويندو. مگر هُو غلاميءَ جي طريقءَ ڪار کان واقف آهي ۽ ايا تائين غلاميءَ جي طرزعمل ۾ ڪا خاص تبديليءَ ته آئي ڪانهي جو هُو ڪا پيش قدمي ڪري سگهي. جيڏي مهل هُو هلي ٿو ته محسوس ڪري ٿو ته ڪيترائي ماڻهو ساٿس گڏ هلي رهيا آهن. هُو انهن جي ٽولي ۾ هليو ٿو وڃي. انهيءَ سموري عرصي ۾ ڏهل وڃندو رهي ٿو.

هي سڄ جي ڪنڌ ڪڍڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ جو وقت آهي. اوڏيءَ مهل صحرا ڏاڍو ٺڏو هوندو آهي. صحرا ڏينهن جي فقط انهيءَ هڪڙي ڪلاڪ ۾ دوستاڻي روش اختيار ڪري ٿو. ٺڏي گهُلندڙ هيرَ ڪاري پٿريلي غار جو مُنهن ٺڏو ڪريو ٿي ڇڏي. آسمان ڪاراڻ مائل نيري رنگ ۾ حيرت انگيز لڳي ٿو. چمڪندڙ تارا آهستي آهستي غائب ٿيو وڃن. هتي موجود مردن جي نااُميد ۽ حسن ۽ مسرت کان خالي دنيا ۾ اهي ئي پُرڪشش شيون آهن، ٻيو مڙيئي ٿيو خير! نوبيا جي سون جي کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ غلامن کي خبر آهي ته انهن کاڻين مان اڄ تائين ڪير به واپس زنده ڪونه موٽيو آهي پر پوءِ به کين ٿورو دلجوئي ڪرڻ واري ڪا ته شيءِ گهرجي! تنهن ڪري ئي پرهه ڦٽيءَ کان اڳ جو هي هڪ ڪلاڪ کين مهيا ڪيو

ويندو آهي ته جيئن هي تلخ ۽ دلسوز ميناڄ سندن دلين ۾ پرجي وڃي ۽ سندن اُميدن کي جيئرو رکي سگهي!

اوورسيئر هڪ طرف وڃ پڪڙ ڪري ناشتو ڪري رهيا آهن ۽ پاڻي پيا پين. پر ايندڙ چئن ڪلاڪن ۾ غلامن کي نہ کاڌو ملندو نہ پاڻي. چو ته غلام هجڻ الڳ ڳالهہ آهي ۽ اوورسيئر هجڻ ٻي ڳالهہ. اوورسيئرن پشم جا چوغا پاتا هئا. وٽن ڏنڊا، ڏندا ۽ وڏا خنجر آهن. پلا هي اوور سيئر ڪير مڙس آهن؟ ڪين ڪهڙي شيءِ هن خشڪ صحرا ۾ چڪي وڃي آئي آهي؟

هي مصر جي اسڪندريہ شهر جا رهاڪو ۽ سخت جان قسم جا ماڻهو آهن. هو هتي اُن ڪري ٽا اچن چاڪاڻ ته هتي پگهار گهڻو ٿو ملي ۽ ڪائين مان نڪتل سون مان پڻ ڪين حصو ملي ٿو. دولت ۽ عياشيءَ جا خواب ڪين چڪي هتي وڃيو اچن. جيڪڏهن هو ڪارپوريشن جي مفاد لاءِ پنج سال هتي نوڪري ڪن ٽا ته ڪين روم جي شهريت بہ ملي وڃي ٿي. هُو اُن مستقبل لاءِ جيئن ٽا، جڏهن هو روم ۾ هڪڙو گهر مسواڙ تي وٺندا ۽ وٽن چاڪري ڪرڻ لاءِ ۽ گڏ سمهڻ لاءِ پنج پنج غلام چوڪريون هونديون. هو هر روز راندين ڏسندي يا حمامن ۾ مالش ڪرائيندي گذارينداً ۽ هر رات شراب پي سگهندا. ڪين يقين آهي ته هِن دوزخ ۾ اچڻ کان پوءِ مستقبل ۾ هو دنيا واري جنت ۾ پهچي ويندا. پر هتي عطر، شراب ۽ عورتن بدران قيدين جي پهريدارن وانگر ڪين مردود ماڻهن تي معمولي حاڪميت حاصل هوندي آهي.

هي بہ عجيب ماڻهو آهن. اسڪندريہ جي غلاظت سان ڀريل گهٽين جي اڇوتي پيداوار آهن ۽ جيڪا زبان هي ڳالهائين ٽا سا آرمائي ۽ يوناني زبان جو ميلاپ آهي. ايائي سؤ سالن کان يونان مصر تي قابض هو ۽ هي اوور سيئر نہ ته مصري آهن ۽ نہ ئي يوناني، پر هي ته اسڪندريہ جا آهن. اُن جو مطلب هي آهي ته هو پنهنجي بدڪرداريءَ ۾ مشهور آهن ۽ سندن رويو ڏاڍو انسان آزار آهي. اُهي ڪنهن بہ خدا تي اعتبار ڪونہ ڪن. سندن شهوت پرستي عروج تي پر بنهہ واهيات قسم جي هوندي آهي. هو هڪ ٻُوٽيءَ (پنگ جهڙي) جا پن گهوٽي، ان جو رس پي بدمست ٿي ويندا آهن.

پرهہ ڦٽيءَ جي ويل آهي. سج نڪرڻ کي اڃا ڪلاڪ کن دير آهي. غلام پٽر جي بيرڪ مان نڪرن پيا ۽ ڳڇيءَ ۾ لوهہ جي زنجير پائي ڪاڻ طرف وڃڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. اُن لمحي اسپارٽيڪس اوور سيئرن کي ڏسي رهيو آهي. هي سندس مالڪ آهن ۽ سندس زندگي توڙي موت هنن جي وس آهي. تنهن ڪري هُو انهن جون عادتون، طور طريقا ۽ شڪل شبيهہ کي غور سان ڏسي رهيو آهي. ڪائين ۾ سڻا آڻا ته ملندا ئي ڪونهن پر ائين ٿي سگهي ٿو ته اتي ہين کان کي ٽورا

گهٽ جابر ۽ سنگدل آقا ملي وڃن. هُو اونداهيءَ ۾ انهن جي چهرن ۽ شڪل شبيهه ۾ فرق نه ڏسي سگهي پر اهڙن معاملن ۾ سندس اکيون ڏاڍيون آزمودڪار آهن. هونئن به هڪ شخص جي هلڻ ۽ ڳالهائڻ مان ئي سندس شخصيت واضح ٿي وڃي ٿي.

اوڏيءَ مهل ڇگي خاصي سردي آهي - غلام اگهاڙا آهن. انهن جي قابلِ رحم، فضول ۽ سج جي ساڙيندڙ روشنيءَ ۾ ڪارائيل جنسي عضون کي ڍڪڻ لاءِ به ڪو ڪپڙي جو ٽڪر ڪونهي. هو ٻانهون بغلن ۾ هٿيو سيءَ ۾ ڏکي رهيا هئا. اسپارٽيڪس کي ڪاوڙ اچي ٿي. حالانڪ ڪاوڙ غلام جي زندگيءَ لاءِ ڪا فائديمند شيءِ ڪانه هوندي آهي. پر هُو سوچي ٿو "هر شيءِ برداشت ڪري سگهجي ٿي، پر هيءَ شيءِ ناقابل برداشت آهي. جڏهن اسان کي پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪو ڪپڙي ٽڪر ڪونهي ته پوءِ اسان ۾ ۽ جانورن ۾ ڪهڙو فرق رهي ٿو؟" هُو وري پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي وڃي ٿو "نه، اسان ته جانورن کان به نيچ آهيون. چو ته جڏهن رومين اُن سرزمين تي قبضو ڪيو هو جتي اسين غلام هئاسين ۽ ڪيتي ٻاڙي ڪندا هئاسين ته انهن جانورن کي ته چڏي ڏنو مگر اسان کي ڳولي ڳولي ڪاٽين ۾ وڌي آيا هئا."

هاڻي دهل وڄڻ بند ٿي ٿو وڃي. اوور سيئر پنهنجا ڪوڙا ڪولي هوا ۾ لهرائين ٿا، جن سان هوا ۾ سائين سائين جي موسيقي پيرجي وڃي ٿي. هو هوا ۾ ڪوڙا هڻندا ٿا رهن جو ته گوشت تي هڻڻ ۾ ايترا هڪ ڪلاڪ جي دير آهي. غلامن جون ٽوليون ٽي وڃن ٿيون. هاڻي هلڪي روشني ٿي چڪي آهي ۽ اسپارٽيڪس معصوم ۽ سيءَ ۾ ڏکندڙ ٻارن کي چٽيءَ طرح ڏسي سگهي ٿو. ٻار، جيڪي زمين جي پيٽ تي پيٽ ۾ رڙهندا ويندا ۽ سفيد پٽر کي کوٽڻ شروع ڪندا جتي سون موجود آهي. ٻيا ٽريشين به انهن ٻارن کي ڏسندا پيا آهن جو ته اُهي اسپارٽيڪس جي چوگرد ڳوڙهو ڪريو بيٺا هوندا آهن. انهن مان هڪ سُرُباٽن ۾ چوي ٿو:

"بابا! هيءَ ڪهڙي دوزخ آهي؟"

"سپ نيڪ ٿي ويندو." اسپارٽيڪس چوي ٿو. جنهن وقت عمر جي لحاظ کان توهان جي پيءُ جيڏا وڏي عمر جا ماڻهو به جيڪڏهن توهان کي بابا ڪري سڏين ته پوءِ اُن کان وڌيڪ چئي به ڇا ٿو سگهجي؟ تنهن ڪري هُو اهڙي ڳالهه ٿو چوي جيڪا ڪيس چوڻ کپي.

هاڻي سواءِ ٽريشين جي، باقي سڀ ٽوليون کاٽين طرف هليون ويون آهن. ڇهه اوور سيئر باقي رهيا آهن. هو پنهنجن چهبڪن کي گهليندا هُنن ڏانهن اچن ٿا. هڪ اوور سيئر پنهنجي ڳري آواز ۾ ڪين چوي ٿو:

"ٽريش واسيو! توهان جو اڳواڻ ڪير آهي؟"

جواب ڪونہ ٿو ملي.

"ڇهڪ ڪن وسائڻ لاءِ اڃا گهڻي سوير آهي، ٽريش واسيو!"

هاڻي اسپارٽيڪس چوي ٿو "هي ماڻهو مون کي بابا چون ٿا."

اوور سيئر کيس هيٺ کان مٿي تائين جانچي ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو:

"عمر جي لحاظ کان تہ تون اڃا بابا چوڻ جو لائق ڪونہ آهين."

"اسان جي وطن ۾ اهوئي رواج آهي."

"هتي اسان جا رواج مختلف آهن، بابا. هتي جيڪڏهن ڏوهہ ٻار ٿو ڪري تہ ڇهڪ پٽس کي لڳايا وجن ٿا. تون ٻڌين پيو؟"

"ها، آءٌ ٻڌان پيو."

"تہ ٻڌ. توهان سپ ٽريشين ٻڌو. هيءَ ڏاڍي خراب جاءِ آهي. پر هيءَ اِن کان بہ وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي. جيستائين توهان جيئرا آهيو، تيستائين اسين توهان کان ڪم ۽ فرمانبرداري چاهينداسين. جڏهن توهان مري ويندا تہ پوءِ اسين توهان کان ڪجهہ بہ ڪونہ طلبينداسين. ٻين جاين تي مرڻ کان زنده رهڻ بهتر هوندو آهي پر هتي جيئڻ کان مري وڃڻ کي ترجيح ڏني ويندي آهي. ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي پيئي نہ؟"

سڄ هاڻي ڪني ڪڍي پيو ۽ هو پنهنجي ڇڪين ۾ نيئر پايو کائين ڏانهن وڃي رهيا آهن، جتي سندن نيئر ڪوليا وجن ٿا. صبح جي نرم ۽ لطيف ٺڏاڻ پهرين موڪلائي چڪي آهي. ڪين اوزار يعني ڪوڙ، مترڪا ۽ چيٽيون ڏنيون وجن ٿيون. انهن کي کاڻ اندر ڪاري ٽڪريءَ تي هڪڙي سفيد ليڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اِها رڳ جي شروعات ٿي سگهي ٿي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اِها ڪجهہ بہ نہ هجي. ڪين ڪاري ٽڪريءَ کي ڀڄڻو پوندو ۽ سون وارو پٽر ظاهر ڪرڻو پوندو.

هاڻي سج تپڻ لڳي ٿو ۽ خوفناڪ گرمي شروع ٿي ويئي آهي. اسپارٽيڪس پنهنجو مترڪو هٽندو رهي ٿو. جنهنجو وزن هر ڪلاڪ کان پوءِ وڌندو محسوس ٿئي ٿو. هُو آهي تہ سخت جان، مگر شايد سڄي عمر هُن اهڙو سخت پورهيو نہ ڪيو هجي. جلد ئي سندس بدن جو هڪ هڪ حصو ٽڪ کان چُور ٿيڻ لڳي ٿو. اهو چوڻ تہ سولو آهي تہ هڪ مترڪي جو وزن ارڙهن پائونڊ آهي، پر هي چوڻ ڏاڍو مشڪل آهي تہ اهو شخص ڪيترقدر اذيت ۾ هوندو جيڪو ڪلاڪن کان اهو مترڪو هلائي رهيو آهي؟ اُن جاءِ تي، جتي پاڻي ڏاڍو قيمتي هجي، اسپارٽيڪس کي هاڻي پگهر اچڻ لڳو هو. پگهر سندس چمڙيءَ مان رِسڻ لڳي ٿو. سندس نراڙ تان

اکين ۾ وهي پوي ٿو. هُو مضبوطي سان ارادو ڪري ٿو ته پگهر نه نڪري. ڪيس خبر آهي ته پگهر نڪرڻ معنيٰ مرڻ آهي. پر پگهر نٿو رُڪجي ۽ سندس اندر واري جانور لاءِ اُڄ ڏاڍي خوفناڪ ٽيو پوي ٿي.

چار ڪلاڪ، لڳاتار چار ڪلاڪ.... جسم جون خواهشون دٻائڻ جو هنر هڪ غلام کان ٻيو ڀلا ڪير وڌيڪ ڄاڻي ٿو. پر چار ڪلاڪ چار صديون آهن ۽ جيڏي مهل ٽولين ۾ پاڻيءَ جون چَلون ورهايون وڃن ٽيون، ان وقت اسپارٽيڪس اُڄ کان ماندو ٿي ويندو آهي. سيئي ٽريشين اُن سائي ۽ رحمت جهڙي پاڻياڻ کي چوسين ٿا ۽ تڏهن کين محسوس ٿئي ٿو ته انهن ڪهڙي عياشي ڪئي آهي.

هي نوبيا جون سون جون کائيون آهن. ٻنيهرن تائين ڪم ڪرڻ ڪري انهن جي توانائي گهٽجيو وڃي ٿي. تڏهن ڇهڪ انهن کان ڪم تيز ڪرائين ٿا. آهه... ڇهڪ ڏاڍي مهارت ڏيکاري ٿو، خاص ڪري جڏهن اِهو کنهن اوور سيئر جي هٽ ۾ هجي. اِهو ڏاڍي سولائيءَ سان جسم جي کنهن به حصي تائين پهچي وڃي ٿو. آهستي به، ڏماڪي جي انداز ۾ به، هوشيار ڪرڻ جي انداز ۾ به. هي هڪ موسيقيءَ وانگر هوندو آهي ۽ جسم جي کنهن حصي ۾ جلترنگ پيدا ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ ڇاهي بدن جو اهو حصو ڇهرو هجي، ٻُنا هجن يا مرداڻو عضوو هجي. اُڄ هاڻي پهرين جي پيٽ ۾ ڏهه پيرا وڌي وڃي ٿي. مگر پاڻي ته وڃي ڇڪو آهي. هاڻي پاڻي تيستائين ڪونه ملندو جيستائين اڇوڪي ڏينهن جو ڪم ختم نه ٿيندو.۽ هڪ اهڙي ڏينهن جو ته انت ئي ڪونه ٿيندو آهي.

پر نيٺ به ته ڏينهن ختم ٿي وڃي ٿو. هر شيءِ ختم ٿي وڃي ٿي. هر شيءِ جي شروعات جو به وقت ٿئي ٿو ته خاتمي جو به. هڪ پيرو وري دهل وڄايو وڃي ٿو ۽ اُن ڏينهن جو ڪم ختم ٿئي ٿو.

اسپارٽيڪس مترڪو رکي ڇڏي ٿو ۽ رت ۾ ٻڏل هٽ ڏسي ٿو. ڪجهه ٽريشين هيٺ ويهي رهن ٿا. انهن ۾ هڪ ارڙهن سالن جو ڇوڪرو ٻُل پيو کائي. سور جي شدت کان سندس ٽنگون ٻيٽيون ٽيو ٽيون وڃن. اسپارٽيڪس اُن ڏانهن وڃي ٿو.

"بابا! بابا ڇا تون بابا آهين؟"

"ها ها!" اسپارٽيڪس چوي ٿو ۽ نوجوان جي پيشاني چُمي ٿو.

"ته پوءِ منهنجي چپن تي چمي ڏي. ڇو ته آءٌ مران ٻيو بابا! ۽ منهنجي روح ۾ جيڪو ڪجهه بچيو آهي، سو آءٌ ڇاهيان ٿو ته توکي ڏيئي ڇڏيان."

اسپارٽيڪس هن کي چمي ڏي ٿو، پر هُو روئي نٿو سگهي ڇو ته هُو سڙيل چمڙي وانگر سُڪي لوساتجي چڪو آهي.

[5]

اهڙي طرح باتياتس نوبيا جي ڪائين ۾ اسپارٽيڪس جي اچڻ ۽ ڪائين ۾ اگهاڙو ٿي ڪم ڪرڻ متعلق پنهنجو قصو مڪمل ڪيو. ڪيس قصو ٻڌائيندي تمام گهڻو وقت ٿي ويو هو. مينهن بند ٿي ويو هو. نيري آسمان هيٺ مڪمل اونداهي ٿي چڪي هئي. ٻئي شخص ڏيئن جي ٽمڪندڙ روشنيءَ ۾ ويٺا هئا. انهن مان هڪ ويڙهاڪن کي سکيا ڏيندڙ باتياتس هو ۽ ٻيو خوش بختيءَ جي لشکر جو ڪماندر هو، جنهن کي ڪنهن ڏينهن دنيا جو امير ترين شخص بنجڻو هو. باتياتس تمام گهڻو شراب پيتو هو. سندس چهري جو لڙکيل گوشت اڃا به وڌيڪ لڙکي پيو هو. هُو هڪ اهڙو هوس پرست شخص هو جيئن کو مُنهن ۾ موسيٰ ۽ اندر ۾ ابليس هوندو آهي. هُن ترس، قوت ۽ رنگينيءَ کي ملائي سون جي ڪائين جو قصو اهڙي طرح ٻڌايو جو ڪراسس بنهه دهلجي ويو هو.

ڪراسس نه ته بي حس هو ۽ نه ئي جاهل. هُن پروميٿيس تي اسڪائي لس جي لکيل عظيم تحرير پڙهي هئي. هُو اِنهيءَ حقيقت کان بخوبي واقف هو ته هڪڙو اسپارٽيڪس غلاميءَ مان اُپري اهڙي جاءِ تي پهچي وڃي ٿو جتي روم جي ڪابه طاقت سندس سامهون بيهي نٿي سگهي. اسپارٽيڪس کي سمجهڻ، اَن متعلق تصور ڪرڻ ۽ اسپارٽيڪس جي اندر ۾ جهاتي پائڻ هڪ بنهه مشڪل مسئلو هو. پر اسپارٽيڪس کي سمجهڻ اُن لاءِ تمام ضروري به هو ته جيئن پنهنجي طبقي جي دائمي الجهن جو ڪوبه حل نڪري اچي ۽ هُو زنجيرن ۾ جڪڙيل اهڙو شخص هو جيڪو آسمان جي تارن وانگر شهرت حاصل ڪري چڪو هو. هُن باتياتس کي آڏي اک سان ڏٺو. ڪراسس سوچي رهيو هوته هن ٽلهي شخص ۽ بدصورت ماٿهوءَ کي هتي گهرائي هُن ڏاڍو فائدي وارو ڪم ڪيو آهي. هُو حيران هو ته ڪيمپ جي کڻڙي ڪِني عورت اڄ رات هن منحوس شخص کي ملندي! اهڙي شهوت ڪراسس جي سمجهه کان ٻاهر هئي.

"پوءِ اسپارٽيڪس اُتان ڇگو ڪيئن؟" ڪراسس پڇيو.

"هو ڇگو ڪونه هو. اهڙي جاءِ تان ڪير به ڇڏي ڪونه سگهندو آهي. اُن جاءِ جو فائدو هي آهي ته انسانن جي دنيا ۾ ٻيهر شموليت جي خواهش غلامن مان مري وڃي ٿي. اسپارٽيڪس کي آڻ خريد ڪري ٻاهر وٺي آيس."

"اُتان؟ پر چو؟ ٻيو ته توکي ڪيئن خبر پئي ته اسپارٽيڪس اُتي هوندو؟"

"مون کي خبر ڪانه هئي. ليڪن ويڙهاڪن جي باري ۾ منهنجي شهرت کي توهين افسانو سمجهو ٿا. توهان جو خيال آهي ته آڻ هڪڙي ٽلهي ۽ بيڪار شيءِ

آهيان جنهن کي ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ڪابه خبر ڪانهي. مگر منهنجو پيشو هڪ فن آهي. آءُ توکي يقين ٿو ڏياريان ته...."

"مون کي خبر آهي. تون مون کي اهو ٻڌاءِ ته اسپارٽيڪس کي تو ڪيئن خريد ڪيو؟" ڪراسس چيو.

"ڇا فوج ۾ شراب تي پابندي آهي؟" باتياتس خالي بوتل مٿي ڪئي چيو. "يا وري آءُ اوهان جي خيال ۾ نشي ۾ ڌت ٿي پنهنجي ئي عزتيءَ ۾ واڌارو ڪندس، يا ماڻهن جي ڳالهه وانگر بيوقوف هميشه پنهنجي زبان قابوءَ ۾ رکندو آهي پر رڳو شراب ئي ڪيس ۾ قابو ڪري سگهي ٿو."

"آءُ تنهنجي لاءِ وڌيڪ شراب آڻيان ٿو." ڪراسس چيس ۽ پردي جي ٻئي پاسي وڃي هڪ ٻي بوتل کڻي آيو. باتياتس بوتل کولڻ جي چاهي جو انتظار ڪرڻ ڪيو بوتل جي مُنهن ميز جي ڪناري سان اٽڪائي کولي ورتائين. هُو تيستائين پيالي ۾ شراب اوتيندو رهيو جيستائين پيالو ٻنهه ڇڪار ٿي پلٽي نه پيو.

"رت ۽ شراب! مون کي ته ٻيو ڪجهه ٽيڙ ڪپندو هو. هڪڙي فوج جي اڳواڻي ڪرڻ ڪپي ها مون کي، پر ڪهڙي خبر؟ ٿي سگهي ٿو ته توهان جي دلي خواهش هجي ته ٻن ويڙهاڪن کي وڙهندو ڏسو. جڏهن ته آءُ اهو ڏسي ڏسي ٽڪجي پيو آهيان." هن مسڪرائيندي چيو.

"ها، مون کي لڙائي تمام گهڻي ڏسڻي ٿي پوي."

"بيشڪ، پر اکاڙي جي ويڙهه جونمونو ئي ٻيو هوندو آهي. اکاڙي ۾ ايتريقدر جرئت جي ضرورت پوي ٿي جو ان جو مقابلو اوهان جو ڪاسائي وارو قتل عام به نٿو ڪري سگهي. اسپارٽيڪس روم جي فوجي قوت جي چٽن مان ٽن حصن جو صفايو ڪري چڪو آهي، ۽ هاڻي روم جي تقدير ۽ عظمت کي واپس ڪرڻ لاءِ توهان کي موڪليو ويو آهي. ڇا اٽليءَ تي اوهان جي حڪمراني آهي؟ سچي ڳالهه ته اها آهي ته اٽليءَ تي اسپارٽيڪس جي حڪمراني آهي. ها البت، توهان هُن کي شڪست ڏيئي سگهو ٿا، چاڪاڻ ته روم جي خلاف ڪوبه دشمن جمي مقابلو ڪري نه سگهندو. مگر في الحال هو توهان کان وڌيڪ سڌي حالت ۾ آهي."

"ها، اها حقيقت آهي." ڪراسس تسليم ڪيو.

"۽ اسپارٽيڪس کي تربيت ڪنهن ڏني هئي؟ مون ڏني هئي، هُو روم ۾ ڪڏهن به ڪونه وڙهيو آهي. پر بهترين لڙائي ته روم ۾ ٿئي به ڪانه ٿي. روم ته بس ڪاسائي جي دوڪان جي واڪاڻ ڪري سگهي ٿو. اصل لڙائي ته ڪاپوا ۾ سسلي ۾ وڙهي وڃي ٿي. فوجي لڙائي به ڪا لڙائي آهي؟ زرهه بکتر، ڍال، لوهي ٽوپلا وغيره، انهن سان ته هرڪو وڙهي سگهي ٿو. اکاڙي ۾ اگهاڙو وڇڙو پوي ٿو.

هٿ ۾ تلوار ۽ بس. واريءَ تي رت ئي رت هوندو آهي ۽ جيئن ئي توهان اندر داخل ٿيندا ته توهان کي رت جي بوءِ ايندي. بگل ٻيو وڄندو آهي، دهل ٻيو ڪُٽبو آهي. سڄ چمڪندو پيو آهي. عورتون پنهنجا رومال لوڏي رهيون هونديون آهن. هو پنهنجون نگاهون ويڑهاڪن جي اڳيان لڙڪندڙ مرداڻن عضون تان هٽائي ڪونه سگهنديون آهن. ٽپهري تائين انهن جا جذبات پنهنجي انتها تي پهچي ويندا آهن. پر انهن کي لطف ان وقت ايندو آهي جيڈي مهل ڪنهنجو پيٽ چيرجي پوندو آهي ۽ آندا واريءَ تي پکڙيا پيا هوندا آهن. اهڙي ٿيندي آهي لڙائي، منهنجا ڪماندر سائين! ۽ اهڙي لڙائي کي معمولي ماڻهو ته وڙهي ڪونه ٿا سگهن. ان مقصد لاءِ اوهان کي ڪنهن خاص نسل جي ضرورت پوندي. توهان انهن کي ڪٿي ڳوليندا؟ آءٌ دولت ڪمائڻ خاطر هر وقت دولت خرچ ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهيان ۽ اهڙن ماڻهن کي خريد ڪرڻ لاءِ آءٌ پنهنجا دلال موڪليندو آهيان. آءٌ دلالن کي اهڙين جاين تي موڪليندوآهيان جتي ڪمزور ماڻهو جلدي مري ويندا آهن ۽ جتي بزدل ماڻهو خودڪشي ڪري ڇڈيندا آهن. آءٌ نوبيا جي ڪاڻين ۾ سال ۾ به ڀيرا پنهنجا دلال موڪليندو آهيان. هڪ ڀيرو آءٌ به اوڏانهن ويو هوس. پوءِ ته مون وڃڻ کان توبهه ڪري ڇڈي. ڪاڻين ۾ هڪ غلام صرف ٻن سالن تائين ڪم جو رهي ٿو. ڪيترائي غلام ته ڇهن مهينن ۾ ئي مريو وڃن. ڪاڻين ۾ نفعي بخش ڪم لاءِ جلد جلد نوان غلام استعمال ڪرڻا پون ٿا ۽ هميشه وڌيڪ غلام خريدڻا پون ٿا. اتي ڪم ڪرائيندڙ ڪارپوريشن لاءِ هميشه فقط لاقانونيت ئي سندن وڏي ۾ وڏي دشمن ثابت ٿئي ٿي. هيءَ هڪڙي وچڑندڙ بيماري ٿئي ٿي. تنهن ڪري اُتي جيڪڏهن ڪو شخص اهڙو هجي ٿو جيڪومضبوط به آهي ۽ ڪوڙن کان نٿو ڊڄي ۽ جنهن جي ڳالهه ٻيا غلام به ٻڌن ٿا ته پوءِ سڀ کان محفوظ طريقو هي آهي ته اُن کي جلد کان جلد قتل ڪيو وڃي ۽ سندس لاش کي ساڙيندڙ منجهند جو نيزي جي نوڪ سان ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪري اڇجي ته جيئن گوشت جون مکيون پالي سگهجن. ۽ ٻيا غلام بغاوت جو نتيجو پاڻ اکين سان ڏسي سگهن. پر قتل ڪرڻ ته فضول خرچي آهي. ڪنهن جي به ڪيسي ۾ ڪجهه به نه ٿو وڃي. تنهن ڪري مون اوور سيئرن سان سودي بازي جا رستا کولي ڇڈيا آهن. هو اِن قسم جا مٽي ڦريل ماڻهو منهنجي لاءِ رکي ڇڈيندا آهن. ۽ آءٌ انهن کي سئي رقم موڪلي ڏيندو آهيان. پئسا انهن جي ڪيسي ۾ وڃن ٿا ۽ گهاٽو مون کي به ڪونه ٿو پوي. اهڙا ماڻهو سڀا ويڑهاڪ ٿين ٿا.

"ته اهڙي ريت تو اسپارٽيڪس کي خريد ڪيو هو."

"ها بلڪل ائين مون اسپارٽيڪس کي خريد ڪيو هو ۽ سائس گڈ گرائيڪس نالي هڪ ٻئي ٽريشين کي به. توهان کي خبر هوندي ته ڪو وقت هو

جڏهن ٽريشين ٻي ڏاڍي ضرورت هوندي هئي. چوته چيو ويندو هو ته اهي خنجر استعمال ڪرڻ ۾ ڏاڍي مهارت رکن ٿا. پهرئين سال وٽن خنجر هوندو آهي ته ٻئي "فوسينا". حقيقت هيءَ آهي ته ڪيترن ٽريشين ته خنجر کي رڳو ڇُهيو به ڪونهي. پر پوءِ به انهن جي باري ۾ هيءَ ڳالهه مشهور ٿي ويئي هئي ۽ خاص ڪري عورتون ته ٻئي ڪنهن جي هٿ ۾ خنجر ڏسڻ به پسند ڪونه ٿيون ڪن."

"تو پاڻ اُن کي خريد ڪيو هو؟"

"پنهنجي گماشتن جي ذريعي. هو اسڪندريه کان بحري جهاز ذريعي ٻنهي غلامن کي ونڊي آيا هئا. منهنجو هڪ گماشتو نيپلز ۾ به هوندو آهي."

"تنهنجو ڪاروبار ته ڏاڍو وسيع آهي." ڪراسس تسليم ڪيو. هُو موقعو ڏسي فائدي جي سيڙپ ڪرڻ جو عادي هو.

"ته توهان ان جي واڪاڻ پيا ڪريو؟" باتياتس ڪنڌ ڏوڙيو ۽ پنهنجون واڇون ايتري زور سان پوريائين جو انهن مان شراب اُبڙڪي باهر نڪتو. "ائين ٻنهه ٿورا ماڻهو ڪندا آهن. توهان جو چا خيال آهي. ڪاپوا ۾ مون گهٽي سيڙپ ڪئي هوندي؟"

ڪراسس انڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو "منهنجو ذهن ڪڏهن به اِن طرف ڪونه ويو آهي. ماڻهو فقط ويڙهاڪن کي ڏسن ٿا. اهو ڪير به ڪونه ٿو سوچي ته آکاڙي ۾ اچڻ کان اڳ ۾ انهن تي ڪيتري سيڙپ ڪئي ويئي آهي. ائين ٿئي ٿو. ماڻهو جيڪڏهن کو فوجي دستو ڏسن ٿا ته بس رڳو ايترو ئي سوچين ٿا ته فوجي دستو هميشه آهي ۽ هميشه رهندو." هيءَ هڪ شاندار چاپلوسي هئي. باتياتس پيالو هيٺ رکيو ۽ ڪمانڊر کي گهوريائين. پوءِ هن پنهنجي گنبڊ جهڙي نڪ کي مهٽيو ۽ پچيائين:

"اندازاً؟"

"ڏهه لک ڪن!"

"پنجاهه لک دينار سائين!" باتياتس نرميءَ سان زور ڏيندي چيو.

"اندازو ته لڳايو، پنجن ملڪن ۾ منهنجا گماشتا آهن. هڪ نيپلز جي بندرگاهه تي. آءٌ پنهنجي ماڻهن کي ڏاڍي سڻي ماڻي ڪارايان ٿو. خالص ڪڻڪ، جَوَ، ڳئون جو گوشت ۽ ٻڪريءَ جو پنير. ننڍن تماشائين لاءِ مون وٽ ذاتي آکاڙو آهي. پر وڏي آکاڙي ۾ پٽر جو تمام وڏو ٽلهو ٽهيل آهي جنهن تي پورا ڏهه لک دينار خرچ ٿين ٿا. ان کانسواءِ آءٌ مقامي فوجي دستي کي به ماڻي ڪارائيندو آهيان، ڪين رهائش مهيا ڪندو آهيان. اِن سلسلي ۾ رشوت جو ليکوئي ڪونهي.... توهان کان معافي ٿو ونان. سمورا ملٽري وارا توهان وانگر ته ڪونه هوندا آهن. جيڪڏهن توهان روم

ڀر راند ڪرايو ته توهان کي اُتي عملدارن کي پنجاهه هزار دينار ڏيڻا پوندا. عورتن جو خرچ الڳ آهي."

"عورتون؟" ڪراسس پڇيو.

"ويڙهاڪ رڳو غلام ڪونه هوندا آهن. جيڪڏهن توهان انهن ۾ رنگ پيدا ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ انهن سان گڏ سمهڻ لاءِ توهان کي ڪنهن شيءِ جو انتظام ته ڪرڻو پوندو. تڏهن ته هو سٺو ڪائي به سگهندا ۽ سٺو وڙهي به سگهندا. مون پنهنجي عورتن لاءِ رهائش جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ صرف بهترين عورتون خريد ڪندو آهيان. ايٽي جي پوريءَ جهڙيون ٽلهيون يا ننڍا ڪوڪا ڪونه خريد ڪندو آهيان، پر مضبوط، تازيون توانيون ۽ ڪنواريون عورتون. ها، آءٌ انهن کي ضرور استعمال ڪندو آهيان."

هو پنهنجو پيالو ختم ٿو ڪري. پنهنجا چپ ٿو چٽي. هُو بنهه دردناڪ ۽ اڪيلو ٿو لڳي. "مون کي عورتن جي ضرورت هوندي آهي." هو ٻيهر شراب اوتي ٿو. "ڪن مردن کي ضرورت ڪانه هوندي آهي. پر مون کي عورتون ڪپن."

"۽ انهيءَ عورت کي ماٺهو اسپارٽيڪس جي زال چون ٿا."

"ورينيا." باتياتس چيو. هُو پاڻ ۾ گم ٿي ويو. سندس اکين ۾ نفرت، غصي ۽ طلب جي هڪ دنيا نظر اچي رهي هئي. "ورينيا" هُن دهرايو.

"مون کي به اُنجي باري ۾ ٻڌائي؟"

باتياتس جي خاموشيءَ پوءِ جي لفظن کان ڪجهه وڌيڪ ڪراسس کي ٻڌايو. "جڏهن مون کيس خريد ڪيو هو، تڏهن هُوءَ اوٽيهه سالن جي هئي. هڪڙي جرمن ڪُتي رن. زرد وارن ۽ نيرين اکين واري دلڪش چتي بگهاڙي! مون کي کيس قتل ڪري ڇڏڻ ڪپندو هو. اوهه منهنجا رب! قتل ڪرڻ بدران مون کيس اسپارٽيڪس جي حوالي ڪري ڇڏيو. هيءَ هڪڙي مسخري هئي. اسپارٽيڪس کي ڪنهن عورت جي ضرورت ڪانه هئي ۽ هُن کي ڪنهن مرد جي ضرورت محسوس ڪانه ٿيندي هئي. اِهو هڪڙو مذاق هو."

"مون کي اُن باري ۾ تفصيل سان ٻڌاءِ."

"مون توکي ٻڌايو ته آهي." باتياتس گهريو. هُو ايٽي ٻيئو ۽ تنبوءَ جي ٻاهر ٽرٽندو ٽاپڙندو نڪري ويو. ڪراسس کيس پيشاب ڪندو ٻڏو. ڪمانڊر ۾ هڪڙي خوبي هئي ته هُو پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ مڪمل دل جمعيءَ سان لڳو پيو هوندو هو. ڏڪا ٽاپا کائيندو باتياتس اندر ميز تائين آيو. هُو ڪمانڊر جي خيالن ۾ رندڪ ڪونه ٻڌيو. باتياتس کي شرافت سيکارڻ بهرحال ڪراسس جو

مقصد ڪونہ هو.

"مون کي ان جي باري ۾ ٻڌاءِ." هُن اسرار ڪيو.

باتياتس پنهنجو ڳرو ٽينڊڙ متو لوڏيو "توهان کي ڪو اعتراض ته نہ ٿيندو جيڪڏهن آءٌ بدمست ٿي وڃان" هن معذرت سان چيو.

"مون کي اِن معاملي ۾ ڪوبہ اعتراض ڪونهي. تون جيترو وٺيئي اوترو يلي ٻي. پر تون مون کي ٻڌائي رهيو هوئين ته تو اسپارٽيڪس ۽ گانيڪس کي ڏولي۽ ۾ آندو هو. منهنجي خيال ۾ نيئرن ۾ جڪڙيل هوندا؟"

باتياتس ها ۾ ڪنڊ لوڏيو.

"هونهہ. ته تو کڏهن پهرين انهن کي ڪونہ ڏٺو هو؟"

"نہ. جيڪو ڪجهہ مون ڏٺو هو، ان جو اندازو توهان کي ٿي نٿو سگهي. آءٌ ماڻهن کي مختلف انداز سان جانچيندو آهيان. هو ٻئي تمام گهٽو گدلا هئا. انهن جي بدن تي ڦٽ ڦرڙيون هيون. سندن ڏاڙهيون وڌيل هيون ۽ متي کان پيرن تائين سندن جسمن تي ڪٽڪن جا نشان هئا. انهن مان ايندڙ بدبوءِ ايتري ته خطرناڪ هئي جو ويجهو وڃڻ سان الٽي ٿي آئي. سندن جسمن تي سندن پنهنجي غلاظت جا تهہ جمي ويا هئا. مگر انهن جي اکين مان نفرت ٽپڪي رهي هئي. توهان انهن کي پنهنجي ڪاڪوس صاف ڪرڻ لاءِ ٻہ ڪر مامور ڪونہ ڪرائيندا. پر مون کي انهن ۾ ڪجهہ نظر آيو هو جو ته اهو منهنجو فن آهي. مون انهن کي تڙ ڪرايو، ڏاڙهيون ٺهرايون، وار ٺهرايا، انهن تي تيل مالش ڪرائي ۽ کين خوب کارايم...."

"چا تون مون کي ورينيا جي باري ۾ ٻڌائيندين؟"

"توهان کي ته لعنت هجي."

باتياتس پنهنجو پيالو کنيو ته سهي پر وٽانئس ڏاڍي اڻڳي نموني ۾ هٽن مان ڪري پيو. هُو ميز تي جهڪي اتي موجود ڳاڙهي داغ کي ڏسڻ لڳو. خبر ناهي ته اوڏي۽ مهل سندس دل ۾ چا هو. خبر ناهي ته هُو ان داغ ۾ ماضي۽ کي ڳولي رهيو هو يا مستقبل جي ڪا شيءِ تلاش ڪري رهيو هو. چو ته اڳڪٿي۽ جو فن سڄي جو سڄو دوکو ٻہ ته ڪونهي ۽ صرف انسان پنهنجي عملن جي نتيجي جو اندازو لڳائي سگهي ٿو، جانور نہ. هي اِهوئي شخص هو جنهن اسپارٽيڪس کي سکيا ڏني هئي. هُن پنهنجي ئي مستقبل کي اهڙي خطرناڪ رستي تي لڳائي ڇڏيو هو، جنهن جي ڪا انتها ڪانہ هئي. پر ايندڙ نسلن ۽ صدين تائين باتياتس جو نالو باقي رهندو. انسانن کي سکيا ڏينڊڙ هي شخص، جنهن اسپارٽيڪس کي سکيا ڏني هئي، انهن ماڻهن جي اڳواڻ اڳيان وينو هو جيڪي اسپارٽيڪس جي تباهي۽ جو ارادو ڪريو ويٺا

هئا. پر هو ٻئي هڪ ئي نموني ۾ ان غير واضح اڳڪٿيءَ ۾ مبتلا هئا ته اسپارٽيڪس کي ڪير به تباهه نٿو ڪري سگهي، چو ته اُهي ٻئي انهيءَ جهنجهٽ ۾ هڪجهڙا شريڪ هئا تنهن ڪري ٻئي ڇڻا لعنت جا مستحق هئا.

[5]

("تنهنجو ٽلهو دوست لينٽولس باتياتس" ڪماندار ڪراسس چيو. مگر چوڪرو يعني ڪائيس ڪراسس جو سندس پاسي ۾ ليٽيو پيو هو، اکيون بند ڪريو اوجهري رهيو هو ۽ ڪهاڻيءَ جا رڳو ڪي ٽورا حصا ٻڌي سگهيو هو. ڪراسس هڪ ماهر قصو ٻڌائيندڙ ڪونه هو. هيءَ ڪهاڻي ته سندس دل ۽ دماغ، سندس يادن، خوفن ۽ اميدن جي بنهه اندر ٽنبيل هئي. غلامن جي جنگ ختم ٿي چڪي هئي ۽ اسپارٽيڪس پنهنجي منزل تي پهچي چڪو هو ولا سلاريا امن ۽ سلامتيءَ جي علامت هو. روم جي سرزمين کي امن جو تحفو ملي چڪو هو ۽ هُو هڪ چوڪري سان زنا ڪري رهيو هو ۽ هُو ائين ڪري به چو نه؟ چوڪري پاڻ ته ڪيس اهڙي التجا ڪئي هئي.

(ڪائيس روم کان ڪاپوا واري رستي تي موجود چؤواڻن جي باري ۾ سوچن ۾ گم هو. تنهن ڪري هُو مڪمل طور ستو ڪونه پيو هو. سندس نسل هاڻي هم جنس پرستيءَ کي گناهه ڪونه سمجهندو هو. اِها ڳالهه سندس لاءِ غير معمولي ڪانه هئي. سڙڪ جي چوواڻن تي چهه هزار غلامن جا لڙڪندڙ لاش ڏسي منجهس ڪوبه غير معمولي جذبو پيدا ڪونه ٿيو هو. پر هُو عظيم جرنيل کان به ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ خوش هو. عظيم جرنيل جي دماغ ۾ ڪئين شيطان ويٺل هئا ۽ اشراف گهراڻي جو هي نوجوان ڪائيس ڪنهن شيطان سان ڪونه وڙهندو هو.

(هي سچ آهي ته مُٺل اسپارٽيڪس سندس توهين ڪئي هئي. هُو ان مٺل غلام کان نفرت ڪندوهو. پرجڏهن هُن پنهنجون اکيون کوليون ۽ ڪراسس جي چهري کي ڏٺو تڏهن هُو پنهنجي نفرت جي وضاحت ڪري نه سگهيو.

("تون سُٺل ته ڪونه آهين؟" ڪراسس چيو "بهرحال تون سُٺل ڪونه آهين. اِها هئي ڪهاڻي. خبر ناهي تون اُن جا ڪجهه حصا ٻڌي سگهيو آهين يا نه ۽ تون اسپارٽيڪس کان نفرت چو ٿو ڪرين؟ اسپارٽيڪس، جيڪو هاڻي مري چڪو آهي ۽ هميشه لاءِ ختم ٿي چڪو آهي.")

(مگر ڪائيس پنهنجي ٻدن ۾ گم هو. هُن ايپين سڙڪ وسيلي ڪاپوا تائين سفر ڪيو هو. براڪس ڪيس خوش رکڻ ٿي چاهيو. براڪس جيئن ته چوڪري بازيءَ جو شوقين هو، تنهن ڪري هُو ڪيس خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

چو ته سندس خواهش هئي ته ڪائيس کي هُو آکاڙي ۾ صوفا سيٽن تي پنهنجي پر ۾ ويهاري سگهي. ولا سلاريا جي ان حيران ڪندڙ شام کان چار سال اڳ جڏهن هُو براڪس سان گڏ ڏولي‌ءَ ۾ ويڙل هو. تڏهن براڪس سائس واعدو ڪيو هو ته هُو ڪيس کاپوا جي عظيم ترين آکاڙي ۾ بي مثال ويڙهه ڏيکاريڻ وٺي ويندو. براڪس هُن لاءِ دولت ٻنهي هٿن سان لُٽائڻ لاءِ تيار هو. براڪس ڪيس ٻڌايو هو ته آکاڙي جي واري‌ءَ تي رڳو رت ئي رت هوندو ۽ هو لڙائي ڏسندي ڏسندي شراب ۾ ٻيٺندا رهندا.

(۽ تڏهن هُو براڪس سان گڏجي باتياتس سان ملڻ ويو هو. هُو بهترين اسڪول جو مالڪ هو، ۽ سڄي ملڪ اٽلي‌ءَ ۾ عظيم ترين ويڙهاڪن کي تربيت ڏيندو هو.

(هي سمورو واقعو چار سال اڳ جو هو. غلامن جي جنگ کان پهرين، جڏهن اسپارٽيڪس جو ڪنهن ناالو به ڪونه ٻڌو هو. هائي براڪس به مارجي چڪو هو ۽ اسپارٽيڪس به، ۽ ڪائيس روم جي هڪڙي عظيم ترين جرنيل جي بستري ۾ سائس گڏ ستو پيو هو.)

باب ٽيون

اهو ڏينهن ڏاڍو حسين هو. باتياتس پنهنجي آفيس ۾ ويٺو مسلسل اوڪرايون ڏيئي رهيو هو. تمام ڳريءَ نيرن سندس آندن تي بوجھ وڌائي چڏيو هو. سندس يوناني منشي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ ڪيس اطلاع ڏنائين ته باهر روم جا ٻه نوجوان انتظار ڪري رهيا آهن. هو ڪن جوڙن جي لڙائيءَ جي باري ۾ توهان سان ملڻ ٿا چاهين.

عاليشان آفيس ۽ تجربيڪار تعليم يافته غلام منشي، ٻئي باتياتس جي دولتمنديءَ جو هڪ نمونو هٿا. مقامي سياست ۾ سندس تجربو، اوڙي پاڙي ۾ ٿيندڙ جھيڙن جھڳڙن ۾ سندس انتظامي صلاحيت، هر اهم خاندان سان سندس ڏاڏا سٽا تعلقات ۽ شهر ۾ غندن جي سپ ڪان وڌي ٽولي ڪيس تمام گھڻي دولت ڏني هئي. ذخيرو ڪيل دولت مان ڪاپوا ۾ ويڙهاڪن جو سڪيا اسڪول ڪولڻ وارو سندس فيصلو بلڪل عقلمنديءَ جو ثبوت هو. هُو جڏهن به اُن باري ۾ سوچيندو هو تڏهن ڪيس پنهنجو مستقبل شاندار ڏسڻ ۾ ايندو هو.

پهلوانن جي لڙائي، سيڙپ ۽ نفعي جو هڪ نئون ميدان بنجي ويئي هئي. هي ڪاروبار قانوني به هو ته تسليم ٿيل به. هُن ڪي وقت جي رفتار جي خبر هئي. هُن چڱي طرح ڄاتو ٿي ته ايا هي ڪاروبار نئون نئون هو پر هڪڙي ڏينهن اِها معمولي تفريح سموري سماجي نظام جي پسنديده وندر بنجي ويندي. سياستدان انهيءَ حقيقت کي تسليم ڪندا پئي ويا. جيڪڏهن هُو ڪنهن ٻاهرئين سرزمين تي ڪا ڪامياب جنگ لڙي ناموري حاصل نٿي ڪري سگھيو ته مڙيئي خير هو، پر هُو گھر ۾ هڪ ننڍڙو آکاڙو ٺاهي پهلوانن جي سؤ جوڙن کي ڪيترن ڏينهن تائين ويڙهائي سگھيو ٿي. سڪيا ورتل ويڙهاڪن جي ڪپت پوري ڪانه ٿي ٿي، تنهن ڪري سندن قيمتون وڌي رهيون هُيون. هر شهر ۾ پٽر جا آکاڙا ٺهي رهيا هٿا ۽ پوءِ نيٺ جڏهن ڪاپوا ۾ سڄي ملڪ اٽليءَ ڪان سڀني ڪان سهڻو ۽ متاثر ڪندڙ آکاڙو ٺهي ويو تڏهن باتياتس اتي وڃي هڪڙو ننڍڙو اسڪول کوليو.

هن ٻنهه ننڍي پيماني تي ڪاروبار شروع ڪيو هو. رڳو هڪڙي ننڍڙي

جھوپڙي اڏي فقط هڪڙو ايرو سيرو آکاڙو ٺاهي ويٺو هو، جتي هڪ ٽي وقت رڳو هڪڙي جوڙي جي تربيت جو بندوبست ٿي سگهيو ٿي. پر پوءِ سندس ڪاروبار تمام تيزي سان وڌڻ لڳو ۽ هاڻي پنجن سالن کان پوءِ سندس ڪاروبار تمام وسيع ٿي ويو هو. جتي هڪ سؤ ڪن جوڙن جي رهائش ۽ سکيا جون سهولتون موجود هيون. ويڑهاڪن لاءِ پٽ جي جوڙيل رهائش گاهه سندس ملڪيت هئي. سندس ذاتي ملڪيت ۾ هڪ جمنازيم هال ۽ غسلخانو به شامل هو. سکيا گهر ۽ پرائيوٽ تماشن ڏيکارڻ لاءِ ذاتي آکاڙو پڻ هوس. وڏي عوامي آکاڙي جو ته خير مقابلو ڪونه هو. پر هن جي پنهنجن آکاڙن ۾ به پنجاهه سٽ ماڻهن جي ويهڻ لاءِ بندوبست ٽيل هو ۽ هڪ ٽي وقت ٽي جوڙا وڙهي پئي سگهيا. انڪانسواءِ مقامي ملٽري وارن سان سندس بهترين تعلقات هئا ۽ رشوتون ڏيئي هُن اهو بندوبست ڪري ڇڏيو هو ته سپاهين جو هڪ مڪمل دستو هر وقت هُن لاءِ موجود هوندو هو. جنهن جو فائدو هي هو ته ڪنهن نجي پوليس جي قيام جو خرچ پکو بچي ٽي پيو. هن جي لنگر مان هڪڙو سڄو سارو لشڪر کاڏو کائيندو هو، يعني ويڑهاڪ انهن جون عورتون، سکيا ڏيڻ وارا، گهريلو نوڪر چاڪر ۽ ڏوليون کڻندڙ غلام. ڪُل ملائي چار سؤ ماڻهو روزانو کاڏو کائيندا هئا. وٽس پاڻ تي فخر ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه موجود هو.

جنهن آفيس ۾ اڄ هُو ويٺو هو، سا هن ٻنهه تازو حاصل ڪئي هئي. شروع ۾ هُو گهٽي ٺاهه ٽوهه ۽ سجاوٽ تي توجهه ڪونه ڏيندو هو. هُو نه ته منصب دار هو ۽ نه ئي هُن تڪلف کان ڪم ورتي منصب دارن جهڙا نخرا ڪيا ٿي، پر جيئن جيئن سندس نفعو وڌندو ويو تڏهن ڪيس محسوس ٿيو ته اڃا به گهٽي دولت گڏ ڪرڻ لاءِ ائين ڪرٽو ئي پوندو. تڏهن هُن يوناني غلام خريدڻ شروع ڪيا. ان خريداريءَ ۾ هڪ منشي ۽ هڪ جاين جا نقشا ٺاهيندڙ انجنيئر به هو. اُن انجنيئر ڪيس يوناني طرز جي هڪ آفيس ٺاهڻ لاءِ اُڪسايو. جنهنجي چٽ هموار هجي ۽ جنهن جون فقط ٽي پتيون هجن ۽ چوٽون پاسو ڪليل هجي. پوئين پاسي کي کولڻ لاءِ رڳو هڪ چادر هئي جنهن جي کلڻ سان هوا ۽ اُس ايندي هئي. سنگ مرمر جو فرش ۽ خوبصورت ميز، جنهن تي هُو ڪم ڪندو هو ٻنهه پلوڙ ۽ ڏاڍا وٽندڙ هئا. ڪليل پاسو سندس پُٺ ڏانهن هو ۽ هُو دروازي ڏانهن منهن ڪريو ويٺــو هو. وراندي جي ٻئي طرف ڪلارڪن لاءِ هڪڙو ڪمرو ۽ ملاقاتين لاءِ هڪڙو انتظارگاهه هو. هيءَ جاءِ روم جي گهٽين جي غندن جي لڙائيءَ جهڳڙي کان تمام پري هئي.

منشي چيو "ٻنهي کي سُرخي لڳل آهي. عطر لڳل اٿن. شاندار قيمتي ڪپڙا پاتل اٿن. هٿن ۾ سونيون منديون پاتل اٿن. ڏاڍا پٺسي وارا ٿا ڏسجن، پر آهن پوءِ باوَل. هو اسان جو مغز کائي ويندا. هڪڙو ته نندڙو چوڪرو آهي ايڪويهه سالن

جو ۽ ٻيو اُن کي خوش رکڻ جي کوشش ڪري رهيو آهي."

"ڪين اندر وڃي اڇ." باتياتس چيو. ٿوري دير کان پوءِ ٻئي اندر آيا. باتياتس نهايت خوش اخلاقيءَ سان سائين مليو ۽ ميز تي ٻئي پاسي پيل ٻن خالي ڪُرسين ڏانهن اشارو ڪيائين.

جڏهن هو ويهي رهيا، تڏهن باتياتس تمام هوشياريءَ ۽ بنهه باريڪ بينيءَ سان سندن مشاهدو ڪيو. سندن دولتمنديءَ جي جهلڪ ته چٽي طرح ڏسڻ ۾ پئي آئي. پر اهو به اندازو پئي ٿيو ته هو پنهنجي دولت جو هروپرو ڏيکاوو به ڪرڻ ٿا ڏيڻ چاهين. هو سڀن خاندانن جو اولاد پئي ڏٺا، پر هو عظيم روايتن جا مالڪ به ڪونه هٿا. انهن مان ننڍو يعني ڪائيس ڪراسس چوڪريءَ وانگر بنهه نازڪ ۽ انتهائي خوبصورت هو. براڪس ڪنهن قدر وڏو ۽ ٿورو سخت پئي نظر آيو. ٻنهي مان اُن جي حيثيت نمايان هئي. سندس نيريون ۽ ٿڌيون اکيون هيون. پورا وار، سنهڙا چپ ۽ تکا آرڪاٿا هئس. ڪائيس رڳو ٻڌي رهيو هو ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل پنهنجي دوست کي تعريفي نگاهن سان تي ڏسائين. براڪس ويڑهاڪن جيُ باري ۾ ڳالهائي رهيو هو. جنهن مان اندازو ٿي ٿيو ته هُو انهي راند جو شوقين آهي ۽ هُو ان باري ۾ گهڻو ڪجهه ڄاڻي ٿو.

"منهنجو نالو باتياتس آهي." ٽلهي ماڻهوءَ پنهنجو پاڻ جي هڪ تمام وڏي عهديدار جي حيثيت ۾ سڃاڻپ ڪرائي.

براڪس سندس ۽ پنهنجي ساڻيءَ جو تعارف ڪرايو ۽ هڪدم مطلب جي ڳالهه ڪرڻ لڳو.

"اسان ٻن جوڙن جي نجي ويڑهه ڏسڻ چاهيون ٿا."

"صرف توهان ٻه؟"

"اسان ۽ اسان جا ٻه ٻيا دوست به آهن."

باتياتس ڏاڍي شان سان ڪنڌ لوڏيو ۽ ميز تي اهڙي طرح ٻئي هٿ رکيائين جو انهن ۾ پاتل زمرد ۽ لعل ڪيس وڏيڪ امير ظاهر ڪن. هُن چيو "اُن جو انتظام تي ويندو."

"موت تائين!" براڪس سڪون سان چيو.

"ڇا؟"

"توهان ٻڌي ته چڪا آهيو. مون کي ٻه جوڙا گهرجن جيڪي مرڻ گهڙيءَ تائين پاڻ ۾ وڙهن."

"ڇو؟" باتياتس چيو "توهان نوجوان ماڻهو جڏهن به روم اچو ٿا ته ڇا صرف

موت جي راند ئي ڏسڻ ٿا اچو؟ توهان کي هتي تمام سڻي ويڙهه ۽ تمام گهٽو وهندڙ رت ڏسڻ ۾ ايندو ۽ هيءَ ويڙهه فيصلي واري به هوندي. پر مرڻ گهڙي تائين چو؟"

"چاکاڻ ته اسان کي اهائي ڳالهه پسند آهي."

"اُهو ته کو جواب ڪونه ٿيو. توهان کي ٽريشين ڪپن ته مون وٽ دنيا جا بهترين ٽريشين آهن. پر پوءِ به جيڪڏهن توهان مرڻ گهڙيءَ تائين ويڙهه ڏسڻ چاهيو ٿا ته پوءِ توهان سڻي ويڙهه جو مزو ڪونه ايندو. اها ڳالهه توهان به بخوبي جاڻو ٿا ۽ آءٌ به. هيڏانهن توهان پٽسا ڏنا ۽ هوڏانهن کيل ختم ٿيو. آءٌ توهان لاءِ ڳٽپ جي حساب سان سڄي ڏينهن جي راند جو بندوبست ڪندس ۽ اها راند اهڙي هوندي جو توهان روم ۾ سڄي عمر ڏسي ڪونه سگهندا. ڏسو نه، جڏهن توهان مون وٽ خوشي حاصل ڪرڻ اچو ٿا ته مون کي به پنهنجي ناموس برقرار رکڻ جو خيال ڪرڻو ٿو پوي. ۽ منهنجي شهرت ڪنهن ڪاسائيءَ جهڙي ته ڪانهي. آءٌ توهان کي بهترين ويڙهه ڏيکارڻ ٿو چاهيان. پٽسن تي ڏيکارجندڙ سڀني کان بهترين ويڙهه!"

"اسان به سڻي ويڙهه ڏسڻ ٿا چاهيون ۽ اها مرڻ گهڙيءَ تائين ڏسڻ ٿا چاهيون." براڪس چيو.

"هيءَ ته ابتڙ ڳالهه آهي."

"اِهو ته اوهان جو پنهنجو سوچڻ جو انداز آهي." براڪس نرميءَ مان چيو. "توهان جي ته اِها خواهش آهي ته منهنجا پٽسا به رکڻ چاهيو ٿا ته پنهنجا ويڙهاڪ به. آءٌ جڏهن ڪنهن شيءِ لاءِ پٽسا ڏيان ٿو ته اُن کي خريد ڪري ٿو وٺان. آءٌ به جوڙا مرڻ گهڙيءَ تائين وڙهڻ لاءِ خريد ڪري ٿو وٺان. جيڪڏهن توهان نه وڪڻندا ته آءٌ وري ٻئي پاسي ويندس."

"چا مون ائين چيو؟ آءٌ ته توهان جي سوچ ۽ اندازن کان به وڌيڪ بهتر خدمت ڪندس. جيڪڏهن توهان چاهيو ته آءٌ صبح کان ونهي رات تائين آکاڙي ۾ به جوڙا ويڙهائيندس ۽ جيڪڏهن ڪنهنجو ڪو عضوو ڪٽجي ويو ته ان کي بدلائي ونڊندس. توهان کي ايترو ته رت ۽ ايترا ته جذباتي منظر ڏيکاريندس جيترا توهان ۽ توهان جون بيگمون ڏسڻ پسند ڪندا ۽ اُن جي لاءِ توهان کي صرف اٺ هزار دينارن کان وڌيڪ رقم به ڪانه ڏيڻي پوندي. اُن ۾ ڪاڏو، شراب ۽ اُن طرح جي ٻين خواهشن جو پورائو ڀڻ ڪيو ويندو."

"توهان کي خبر آهي ته اسان جي خواهش ڪهڙي آهي. آءٌ ساڳي ڳالهه کي بار بار دهرائڻ جو عادي ڪونه آهيان." براڪس لاغرضيءَ سان چيو.

"چگو، ٺيڪ آهي. ان لاءِ توهان کي پنجويهه هزار دينار ڏيڻا پوندا."

ڪائيس ڏاڍو مرعوب ٿيو. ايڏي وڏي رقم، واقعي حيرت ۾ وجهندڙ هئي. پر براڪس رڳو ڪلها چنديا.

"اسان کي منظور آهي. پر ويڑهه وقت ويڑهاڪن کي اڳهاڙو ڪيو ويندو."

"اڳهاڙا؟"

"توهان منهنجي ڳالهه ٻڌي چڪا آهيو."

"قبول آهي."

"آءٌ ڪنهن نورا ڪشتيءَ کي پسند ڪونه ڪندو آهيان. ٻنهي کي ايترا زخم اڇڻ ڪپن جو آکاڙي ۾ پيل واري انهن جي رت سان پنهنجي اُڃ اُجهائي ۽ ان ڳالهه جو ثبوت ڪپي ته جيئن ٻئي ڇڻا مري چڪا آهن. جيڪڏهن ٻئي رڳو زخمي ٿي ڪري پون ته پوءِ توهان جا سڪيا ڏيندڙ ويندا ۽ کين ڪُهي سر ڏڙ کان ڌار ڪري ويندا. اِها ڳالهه پهرين ٻنهي کي سمجهائي ڇڏبي."

باتياتس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"آءٌ توهان کي ڏهه هزار دينار اڳواٽ ڏيان ٿو. باقي رقم جوڙن جي موت کان پوءِ ڏينداس."

"ٺيڪ آهي سائين. مهرباني ڪري اِها رقم منهنجي منشيءَ وٽ جمع ڪرايو. هُو توهان کي رسيد ڏيندو، ۽ توهان لاءِ ويڑهاڪ چونديندو. چا توهان وٽن کان اڳ ۾ پاڻ ويڑهاڪن کي ڏسڻ پسند ڪندؤ؟"

"هِن مقابلي جو بندوبست سياڻي تائين ٿي سگهندو؟"

"سياڻي. ها، پر آءٌ توهان کي اهو ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته اهڙن مقابلن جو فيصلو تمام جلد ٿيو وڃي ٿو."

"مهرباني ڪري مون کي خبردار نه ڪر." هُو ڪائيس ڏانهن مڙيو ۽ پڇيائينس ته "جاني! چا تون ويڑهاڪن کي ڏسڻ چاهين ٿو؟"

ڪائيس شرمائڻ جي انداز ۾ مسڪرائڻ لڳو ۽ ها ۾ مٿي کي لوڏيائين. هو ٻاهر نڪتا ۽ براڪس رقم جمع ڪرائي رسيد ورتي ۽ هو پنهنجي ڏولين ۾ ويهي رهيا ۽ مشق ڪرڻ واري ميدان ڏانهن روانا ٿي ويا. ڪائيس پنهنجون نگاهون براڪس تان هٽائي نه سگهيو. اُن شخص جي انداز تي ماڻهو رشڪ ڪندا هئا. پر دولت کي هن طرح کپائڻ ۽ سو به انساني زندگيءَ جي عيوض واقعي حيرت جهڙي ڳالهه هئي. ڪائيس لاءِ هي تمام وڏو اعزاز هو. هيءَ آزاد خياليءَ جي به انتها هئي. پاڻ ته هڪ هزار سالن تائين به ويڑهاڪن کي اڳهاڙو ڪري ويڑهائڻ جو مطالبو ڪري نٿي سگهيو ۽ اِها ئي ڳالهه روم بدران سندن ڪاپوا ۾ اڇڻ جو سبب هئي.

مشق ڪرڻ واري ميدان ۾ غلامن سندن ڏوليون هيٺ رکيون. ورزش ڪرڻ جو هي اڳڙ ڏيڍ سؤ فوٽ ڊگهو ۽ چاليهه فوٽ ويڪرو هو، جيڪو ٽن طرفن کان لوهه جي سيخن سان واڑيل هو ۽ چوٿين طرف ويڑهاڪن جي رهڻ لاءِ پڪيون کوليون ٺهيل هُيون. ڪائيس سوچيو ته غلامن کي سکيا ڏيڻ جهنگ جي وحشي جانورن کان ڪيترا ڀيرا وڌيڪ خطرناڪ آهي ۽ وڏو فن آهي. چو ته هڪ ويڑهاڪ نه صرف خطرناڪ درندو هوندو پر ساڻگئي وقت سوچڻ لاءِ دماغ به رکي ٿو.

هُن جڏهن مشق ڪندي ماڻهن کي ڏٺو ته مٽس خوف ۽ خوشيءَ جا جذبا طاري ٿي ويا. اتي هڪ سؤ ماڻهو هئا جن پنهنجي اوگهڙ ڊيڪڻ لاءِ ڪپڑي جو رڳو هڪڙو ٽڪر پنهنجي چيلهه جي چوڌاري ويڑهي ڇڏيو هو. هُن جون ڏاڙهيون مُڇيون ڪوڙيل هيون. مٿي جا وار بنهه ننڍڙا هُئن. هو ڪاٺ جون لٺيون ڪٽي قدم سان قدم ملائي هلي رهيا هئا. اڪثر ڇهه ڪن تربيت ڏيڻ وارا سندن وچ ۾ هليا پئي. هي فوج جا جهونا ۽ تجربيڪار ماڻهو هئا. انهن تربيت ڏيڻ وارن جي هڪ هٿ ۾ اسپين جون ٺهيل تلوارون هُيون ۽ ٻئي هٿ ۾ پتل جا ٺهيل ڍنڍا. هو جنگ واري انداز ۾ هلي رهيا هئا ۽ سندن اکيون ڦرتيليون ۽ بي چين هيون. هٿياربند فوج جو هڪ دستو پنهنجي غير معمولي ضابطي تحت خطرناڪ هٿيارن سان هٿياربند ٽيو چئين طرفن پهرو ڏيئي رهيا هئا. ڪائيس تعجب وچان سوچي رهيو هو ته انهن ماڻهن مان ڪن جي موت جي به ڏاڍي ڳري قيمت آهي.

ويڑهاڪ بنهه توانا، ڏاڍا مُڙا ۽ پنهنجي چربر ۾ چيتي وانگر ڦرتيلا هئا. مجموعي طور تي انهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجيو ٿي. اُن زماني ۾ اُهي ٽي قسم اٽليءَ ۾ مشهور ترين ويڑهاڪ مڃيا ويندا هئا. هڪڙو قسم ٿريشين جو هو، جيڪو هڪ نسل کان وڌيڪ عرصي تائين پيشه ور گروپ هو. ان ۾ بيشمار يهودي ۽ يوناني ماڻهو هئا، جن جي اُن زماني ۾ تمام گهٽي کپت هئي. هو هڪ ننڍي ۽ ٿورو مڙيل خنجر سان وڙهندا هئا، جيڪو انهن جي پسند جو هٿيار هوندو هو. اُهي ماڻهو به اُتان پرتي ڪيا ويندا هئا. ريٽياري ماڻهو بنهه تازو مشهور ٿيڻ لڳا هئا ۽ اهي پڻ عجيب هٿيارن سان وڙهندا هئا. جن مان هڪ مڃيءَ ڦاسائڻ واري ڄاري هوندي هئي ۽ ٻيو هڪ ڊگهو ٽن شاخن وارو هٿيار هوندو هو. انهي طبقي ۾ باتياتس اٽوبيا جي بنهه قداور آفريڪي ماڻهن کي ترجيح ڏيندو هو.. سندن مقابلو همیشه هڪ ٻئي طبقي سان ڪرايو ويندو هو جيڪي وڙهڻ لاءِ يا ته صرف تلوار ڪٽندا هئا ۽ يا ته تلوار سان گڏ ڍال به. هي سموري جا سموري ماڻهو گهٽو ڪري جرمن يا گال نسل جا هوندا هئا.

"هن کي ڏس." براڪس ڪارن شيدين ڏانهن اشارو ڪندي چيو "هن

جي ويڑهه ڏاڍي عمدي ۽ ماهرانه هوندي آهي. پر اُن مان بيزاري به ٿي سگهي ٿي. هي راند ٽريشين ماڻهو سهڻي طريقي سان کيڏي سگهن ٿا. تنهنجو کهڙو خيال آهي باتياتس؟"

باتياتس کلها چنڊيندي چيو "هر هڪ جو پنهنجو انداز آهي."

"منهنجي لاءِ هڪڙي ٽريشين جو مقابلو هڪ ڪاري شيدي سان ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي."

باتياتس هڪ لمحي لاءِ هن ڏانهن نهاريو ۽ انڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيندي چيو "هيءَ ته مقابلي جي جوڙي ٿي ئي نٿي سگهي. چو ته ٽريشين وٽ فقط هڪڙو خنجر هوندو آهي."

"آءٌ اهوئي ٿو چاهيان."

باتياتس کلها چنڊيا ۽ هڪڙي سکيا ڏيڻ واري کي سڏ ڪيو. ڪائيس ڏاڍي اشتياق سان مشق ڪندڙن کي ڏسي رهيو هو، جتي ويڑهاڪ نڇڻ جي انداز ۾ تلوار بازي ۾ مصروف هئا. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا تيز، شاندار ۽ اٽڪ ماڻهو ڪونہ ڏٺا هئا. هڪ لحاظ کان ڪائيس جي ضمير کي انهن جو هي هڪ پيغام هو ته زندگي جهڙي عظيم نعمت هتي ڪاسائين جي نذر ٿيو پيئي وڃي. پر ڪائيس جي ضمير کي رڳو ڪن پل لاءِ ٿوري چهنڀڙي محسوس ٿي ۽ پوءِ وري سندس ضمير سمهي رهيو ۽ ڪائيس جذباتي دنيا ۾ گم ٿي ويو. هُو مشق ڪندڙ غلامن کي ڏاڍي اشتياق سان ڏسڻ لڳو.

سکيا ڏيندڙ وضاحت ڪري رهيو هو ته خنجر جو فقط هڪڙو پاسو تيز هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن اهو خنجر جاريءَ ۾ ڦاسي پوي ته پوءِ ٽريشين جو ڪم ختم ٿيو وڃي. هن اسڪول ۾ پنهنجي قسم جي هيءَ بدترين خونريزي هوندي. هي ته ڪو مقابلو ئي ڪونهي.

"منهنجي لاءِ اِهائي جوڙي بهتر آهي." براڪس لاغرضيءَ سان چيو.

"ٽريشين جي بدران توهان ڪنهن جرمن کي چو نٿا پسند ڪريو؟"

"آءٌ هڪ ٽريشين لاءِ پٺسا پيو ڏيان. مون سان دليل بازي بند ڪئي وڃي.

"هن جي حڪم جي تعميل ڪئي وڃي." باتياتس سکيا ڏيندڙ کي چيو.

سکيا ڏيندڙ جي ڳچيءَ ۾ چانديءَ جي سيٽي لڙڪي رهي هئي. هُن ٽي ڀيرا زور سان سيٽي وڄائي ۽ سمورا ويڑهاڪ پنهنجي پنهنجي قطارن ۾ سُڪ ٿي بيهي رهيا.

"اوهان کي کهڙو کهڙو کپي؟" هُن باتياتس کان پڇيو.

"دراباٰ!"

"دراباٰ!" سڪيا ڏيندڙ رڙ ڪري سڏيو. ڪارن شيدين مان هڪ شخص مڙيو ۽ لٽ ۽ جاري ڪٽي هن ڏانهن اچڻ لڳو. هُو هڪ تمام قداور شخص هو. سندس ڪاري چمڙي پگهر ۾ چمڪي رهي هئي.

"ڊيوداٰ"

"ڊيوداٰ" سڪيا ڏيندڙ شخص رڙ ڪئي.

هي هڪ يهودي هو. جنهن جو چهرو شڪري جهڙو هو. سنهڙا ۽ تيز چپ ۽ سانورو چهرو، ڏاڙهي مڇيون چٽ ۽ سندس سايون اکيون هُيون. مٽ ۾ ڪاٽ جي ٽهيل ڳڻ وارو خنجر جهلي ٻيٺو هو. سندس هٽ جون آڱريون ڪلي ۽ پورجي رهيون هيون. هُو بنهه بي نيازي سان مهمانن تائين آيو.

"هي هڪ يهودي آهي." براڪس ڪائيس کي ٻڌايو "تو ڪڏهن يهودي ڏٺا آهن؟" ڪائيس انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. "هي لڙائي جذباتي منظر سان پريل هوندي."

"پولي مس!"

"پولي مس!" تربيت ڏيڻ واري پڪاريو.

هي هڪ ٽريشين هو. ڏاڍو سهڻو ۽ شاندر نظر ايندڙ نوجوان.

"اسپارٽيڪس!"

هُو به انهن ٽن سان گڏجي اچي ٻيٺو. هي چارئي شخص قطار ۾ ٻيٺا هئا ۽ لوهه جي شيخن کين انهن ٻنهي رومي نوجوانن باتياتس ۽ ڏولي ڪٽندڙ غلامن کان الڳ ڪري ڇڏيو هو. ڪائيس ته انهن کي ڏسنديئي قبول ڪري ورتو هو ته هي، هُن لاءِ بلڪل نئين ۽ خوفناڪ شيءِ هئي.

"توهان کي هي همراهه ڪيئن ٿا لڳن؟" باتياتس پڇيو.

"ڪائيس ته پنهنجي سڄي جمار ۾ اُن سوال جو جواب ڪونه ڏيئي سگهي ها. پر براڪس بي پرواهيءَ سان چيو.

"ٻيو ته سڀ ٺيڪ آهي، سواءِ ٻگل ٽڪَ واري جي. اهو ته مون کي ويڑهاڪ لڳي ئي ڪونه ٿو."

"اندازو ڪڏهن ڪڏهن دوکو به ڏيندو آهي." باتياتس چيو.

"هي اسپارٽيڪس آهي. هي تمام سٺو، گهٽو طاقتور ۽ تمام گهٽو ڦرتيلو آهي. مون اُن کي هڪ خاص مقصد سان چونڊيو آهي. اهو تمام گهٽو جلد باز آهي."

"اُن جو مقابلو ڪير ڪندو؟"

"ڪارو شيدي!" باتياتس جواب ڏنو.

"ڏاڍو سٺو. مون کي اميد آهي ته هي اُن قيمت جو لائق به آهي." براڪس چيو.

ته اهڙي طرح ڪائيس اسپارٽيڪس کي پهريون پيرو ڏنو هو. حالانڪ چئن سالن کان پوءِ هُو انهن ويڑهاڪن جا نالا ئي وساري چڪو هو ۽ هاڻي هُن کي رڳو ان ڏينهن واري چمڪندڙ اُسَ، اُن جاءِ تي ڏٺ ۽ پگهر وهائيندڙ انسانن جي بدبوءِ ذهن ۾ رهجي ويئي هئي.

[2]

هيءُ ورينيا آهي جيڪا اونداهيءَ ۾ راتيون جاڳي گذاري ٿي. هوءَ اُن رات بنهه ڪاڪ ستي هئي، هڪ پل لاءِ به نه. ليڪن اسپارٽيڪس، جيڪو ساڻس گڏ ستو پيو آهي، ستو پيو هوندو آهي. هُو گهري ۽ پرسڪون نند ستو پيو آهي. سندس ساهه جي رفتار، جيڪا سندس زندگيءَ جي باهه لاءِ ٻارڻ جو ڪم ڏي ٿي تسلسل سان سُست ۽ تيز ٿي وڃي ٿي. ورينيا سندس باري ۾ سوچي ٿي ۽ ڪيس خبر آهي ته جيڪا شيءِ زندگيءَ سان پُرامن ۽ سندس گرفت ۾ رهي ٿي، سا اهو ئي تسلسل آهي. پوءِ چاهي اُها شيءِ لهرن جو وهڪرو هجي يا موسمن جي تبديلي يا عورت جي گرپ ۾ ٻارڙي جو نسرجڻ.

پر هڪڙو ماڻهو اهڙي سڪون سان ڪيئن ٿو سمهي سگهي جڏهن ته ڪيس اها خبر هجي ته ڪيس نند مان جاڳي ڪهڙي شيءِ کي منهن ڏيڻو آهي؟ هو موت جي ڪناري تي به ايڏي سڪون سان ستو پيو آهي اِهو سڪون هُن ۾ ڪٿان ٿو اچي؟

ورينيا بنهه آهستگيءَ سان ڪيس ڇُهي ٿي. اُن اونداهيءَ ۾ هوءَ هن جي چمڙيءَ، هن جي گوشت ۽ هن جي ٻانهن کي هٿ لائي ڏسي ٿي. سندس چمڙي نرم، حيات بخش ۽ تازي آهي. گوشت پرسڪون ۽ ٻانهون ڀريون آهن. نند، جنهنجو ڪو مُلهه ئي ڪونهي. نند، جنهن سان زندگي عبارت آهي.

("ستو پيو هُج منهنجا جاني! منهنجي زندگي، منهنجا سهڻا. ستو پيو هُج منهنجا شينهن، ستو پيو هج. پنهنجي طاقت کي قابو ڪج اي منهنجا ٻتارَ، منهنجا وَرَ، منهنجا پرجهلا!")

آهستي آهستي ۽ احتياط سان سُرپر جي انداز ۾ ورينيا هٿڪي هٿڪي هن جي ويجهو اچي ٿي. ويجهي بنهه ويجهي، ايترو ويجهي جو سندس بدن گهٽي ڪان

گھٽو هن جي بدن کي ڇهي سگهي. سندس ٽنگون هن جي ٽنگن سان ويڙهجي ٽيون وجن. سندس پريل پريل ڇاتيون هُن لاءِ وهاڻو بنجيو ٽيون وجن. هُن جا سنهري وار مٽس ڇانولو ٽا ڪن. ڳل ڳلن سان ملي ٽا وجن. هن جو سمورو فرق ختم ٽي ٽو وڃي، ڇاڪاڻ ته خوف ۽ محبت جو گڏ رهڻ ممڪن ٽي ڪونهي.

(هن هڪ پيري اسپارٽيڪس کي چيو هو.)

"تون ڪجهه ڪر، آءٌ چاهيان ٽي ته تون ڪجهه ڪر. اهو ڪجهه ڪر جيڪو اسين پنهنجي قبيلي ۾ ڪندا آهيون. ڇو ته اسان کي اُن "ڪجهه" تي ايمان آهي." هُن سندس ڳالهه تي مسڪرايو هو.

"تون قبيلي ۾ ٻلا ڪهڙي شيءِ تي ايمان رکين ٽي؟"

"ورينيا چيو هو "توکي ڪِلٽو پوندو."

۽ پوءِ اسپارٽيڪس جواب ڏنو هو.

"ڇا آءٌ ڪڏهن ڪلندو آهيان؟ ڇا آءٌ ڪڏهن ڪلندو آهيان؟" تڏهن ورينيا کيس چيو هو.

"قبيلي ۾ اسان جو اعتقاد هوندو آهي ته انسان جو روح سندس نڪ ۽ وات جي وسيلي جسم ۾ داخل ٽيندو آهي. اڙي تون ته مُسڪرائين پيو!"

تڏهن هُن جواب ڏنو هو "آءٌ توتي مسڪرايان ڪونه پيو. آءٌ ته انهن حيران ڪندڙ شين تي مسڪرائي رهيو آهيان جن تي ماڻهن جو اعتقاد هوندو آهي."

انهيءَ تي هوءَ رڙ ڪري چوي ٽي "ان ڪري جو تون يوناني آهين ۽ يوناني ڪنهن به شيءِ تي ايمان ڪونه آڻين."

اسپارٽيڪس کيس سمجهائي ٽو ته "آءٌ يوناني نه پر ٽريش جو رهاڪو آهيان. ٻيو ته اِها ڳالهه به صحيح ڪانهي ته يوناني ماڻهو ڪنهن شيءِ تي ايمان ڪونه ٽا رکن. يوناني ته انهن سمورين ڳالهين تي ايمان رکن ٽا جن بهترين ۽ اعليٰ ترين ڳالهين تي بني نوع انسان ايمان آڻين ٽا."

ان ڳالهه تي ورينيا چيو هو "مون کي يونانين جي اعتقادن جي ڪابه پرواهه ڪانهي. پر تون اُهوئي ڪر جيڪو اسان قبيلي ۾ ڪندا آهيون. تون پنهنجو وات منهنجي وات تي رکندين ۽ پنهنجو ساهه ۽ روح مون ۾ وجهندين؟ ان کان پوءِ وري هوءَ به هُن سان ايئن ٽي ڪندي ۽ اهڙي طرح هميشه جي لاءِ هن جا روح پاڻ ۾ ڳنڍجي ويندا ۽ هو هڪ جسم به قلب ٽي ويندا. ڇا ائين ڪرڻ ۾ توکي ڊپ ته محسوس ڪونه ٽيندو؟"

"ڇا تون ڪنهن اهڙي شيءِ جي نشاندهي ڪري سگهين ٽي جنهن کان آءٌ

ڏجندو هُجان؟" ۽ تڏهن هُن پڇيو هوس.)

پنهنجي ڪوليءَ جي فرش تي هوءَ هُن سان گڏ ستي پيئي آهي. اهائي ڪولي سندن پريو ترير گهر آهي. اِهائي ڪولي سندن محل آهي. پٽر جي انهيءَ ڪوليءَ ۾ هو گڏيا هٿا جيڪا ست فوٽ ڊگهي ۽ پنج فوٽ ويڪري آهي ۽ جن جي سموري پونجي فقط هڪڙو ٽانو ۽ هڪڙي توري تڏو آهي. پر اهي حقير شيون به انهن جون پنهنجون ڪونهن. ايستائين جو هو پاڻ به هڪٻئي جا ڪونهن ۽ هائي هوءَ هُن سان گڏ ليٽيل آهي. هوءَ هن جي چهري، هن جي ٻانهن ۽ هن جي ٽنگن کي چُهندي آهستي آهستي روئي ٽي. اُها ورينيا روئي ٽي جنهن کي ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪنهن به روئندي ڪونہ ڏٺو هو.

(باتياتس شوق واري انداز ۾ چوندو هو ته آءٌ عورتون ڏينڊو ڪونہ آهيان، آءٌ ته انهن کي پنهنجن ويڑهاڪن کي پاڙي يا آهر طور ڏيان ٿو. هڪ ماڻهو آکاڙي ۾ تيستائين سنو وڙهي ڪونہ سگهندو جيستائين سندس خواهش جي پورائي جو بندوبست نہ ڪيو وڃي. ويڑهاڪ ڏولي ڪٽندڙ غلام ته ڪونہ هوندو آهي. هُو مرد هوندو آهي. جيڪڏهن هو مرد نہ رهي ته ڪير سندس لاءِ ڏهہ دينار به خرچ ڪونہ ڪندو آهي ۽ مرد جي ضرورت عورت هوندي آهي. آءٌ هميشہ اهڙيون خردماغ عورتون خريد ڪندو آهيان جن ۾ سڌرڻ جي اميد ئي ڪانہ هوندي آهي. چاڪاڻ ته اُهي سستيون ملن ٿيون ۽ جيڪڏهن آءٌ کين گس تي نٽو آڻي سگهان ته ويڑهاڪ پاڻ ئي کين ٺيڪ ڪريو ڇڏين.)

رات گذرندي پئي وڃي. صبح جي روشنيءَ جا پهريان ڪرڻا کوليءَ ۾ داخل ٿين ٿا. جيڪڏهن ورينيا بنهہ سڌي اٿي بيهي ته سندس منهن کوليءَ ۾ موجود واحد دريءَ جي برابر اچي ٿو. جيڪڏهن هوءَ ٻاهر ڏسي ته شيخن مان ڪيس مشق ڪرڻ وارو ميدان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ان جي پٺيان رات ڏينهن پهرو ڏيندڙ ننڊ ۾ بي حال سپاهي نظر ايندا. هوءَ اها ڳالهہ چڱي طرح سمجهي ٿي ته کولي ۽ نيئر سندس قدرتي مسڪن ڪونهي، اُهي ته صرف اسپارٽيڪس جو ٺڪاڻو آهن.

(اُن عورت باتياتس جي دل موهي وڌي هئي. هُن جي دلالن ڪيس روم مان بنهہ سستي اڳهہ ۾ يعني رڳو پنج سؤ دينارن ۾ خريد ڪيو هو. باتياتس کي خبر هئي ته وڪري جو مال ڪڏهن به بي داغ ڪونہ هوندو آهي، پر هُن کي ڏسندي ئي هو ڪيس دل ڏيئي ويٺو هو. سبب رڳو هي هو ته ورينيا جو قد ڊگهو هو ۽ سندس جسم جرمن قبيلي جي ٻين عورتن وانگر بنهہ پلوڙ هو ۽ باتياتس جي ڪمزوري به ڊگهو قد ۽ خوبصورت جسم هو. ٻيو سبب هي هو ته هوءَ نوجوان هئي يعني ويهہ يا ٻاويهہ سالن جي ۽ باتياتس کي نوجوان عورتون پسند هُيون. هڪڙو سبب هي هو ته

هوءَ ڏاڍي سهڻي هئي ۽ سندس خوبصورت وار پُورا هٿا.

(پر داغ ته موجود هو ۽ اُن جي خبر هُن کي پهريون پيرو تڏهن پئي جڏهن هُن کيس رات جو پاڻ سان سمهاريو جي کوشش ڪئي هئي. هوءَ بنهه جهنگ هلي بنجي چڪي هئي. هوءَ ڏکا ڏيڻ واري، مُنهن ۾ ٽڪڻ واري، ڪچيءَ ۾ گهوگهو ڏيڻ ۽ وار ۽ مُنهن پٽڻ واري بنجي چڪي هئي. جيئن ته هوءَ نوجوان هئي تنهن ڪري کيس ماري ماري بيهوش ڪرڻ ۾ باتياتس کي ڏاڍي دقت پئي پيش آئي. سجاوٽ لاءِ رکيل سڀ قيمتي سامان پُجي پور پور ٿي چڪو هو. انهن ۾ هڪ خوبصورت يوناني گلدان پڻ شامل هو جيڪو هُن کي باتياتس جي منڊي تي هٽڻو پيو هو. هُن جو غصو ۽ هيجان ايتريقدر وڌيل هو جو سندس خيال ۾ عورت کي قتل ڪري ڇڏڻ به جائز هو. پر جڏهن هن قيمتي گلدانن، فانوسن ۽ مجسمن جي قيمت سندس اصل قيمت ۾ شامل ڪئي ته کيس اندازو ٿيو ته هن ٽي مجموعي سيڙپ ايتري گهٽي ٿي چڪي آهي جو رڳو پنهنجي ڪاوڙ کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ کيس قتل ڪري ڇڏڻ جو خيال هن ترڪ ڪري ڇڏيو. هُو کيس پڙيءَ تي معمولي قيمت تي وڪڻي به نٿي سگهيو چو ته کيس پنهنجي ساک جو پرم رکڻو هو. هُو ڪوڙا قسم کڻي گهٽ مال سنئن اڳهن تي ڪونه وڪڻندو هو. تنهن ڪري هُن فيصلو ڪيو ته ويڙهاڪ ٿي هن کي ٺيڪ ڪري سگهن ٿا ۽ جيئن ته کيس دل ۾ خاموش طبيعت واري اسپارٽيڪس لاءِ نفرت پيدا ٿي چڪي هئي، جنهن جي بگهڙ جهڙي چهري جي لاءِ سڪيا گهر جي هر ويڙهاڪ جي دل ۾ احترام پايو ويندو هو، تنهن ڪري هُن ورينيا کي سندس حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

(ورينيا کي سندس حوالي ڪندي اسپارٽيڪس ڏانهن ڏسندي کيس ڏاڍي راحت پئي محسوس ٿي. هُن اسپارٽيڪس کي چيو هو ته هيءَ توسان گڏ سمهڻ لاءِ آهي. هن مان ٻار پيدا ڪرين يا نه ڪرين سا تنهنجي مرضي آهي، باقي هن کي زخمي يا بدصورت نه ڪجانءِ. اسپارٽيڪس ان وقت خاموش ۽ جذبن کان خالي انداز ۾ بينو جرمن چوڪريءَ کي ڏسي رهيو هو. ورينيا اوڏيءَ مهل سهڻي ڪانه لڳي رهي هئي. سندس چهري تي به دڳها دڳها نشان پيل هٿا ۽ سندس هڪ اک سُجيل هئي ۽ سندس نراڙ، ڪنڌ ۽ ٻانهن تي نيرا ۽ گلابي نشان ٿيا پيا هٿا.

("ڏس. توکي کهڙي پلوڙ شيءِ پيو ڏيان." باتياتس ايٿن چئي ورينيا جو پهرين قائل لباس چڪ ڏيئي ڦاڙي لاهي اڇلي ڇڏيو ۽ تڏهن هوءَ اسپارٽيڪس جي سامهون بنهه الف اگهاڙي بيٺي هئي ۽ اوڏيءَ مهل اسپارٽيڪس کيس ڏٺو ۽ پسند ڪيو. پر اسپارٽيڪس کي سندس وٿي وڃڻ ڪو اگهاڙپ جي حُسن ڪري ڪونه هو پر اُن ڪري هو ته هوءَ بنا ڪپڙن جي به اگهاڙي ڪانه هئي. هُن پنهنجي ٻانهن يا

هٽن سان پنهنجو ستر لڪائڻ جي بنهه ڪابه ڪوشش ڪانه ڪئي. پر سادگيءَ ۽ فخر سان بيٺي رهي. پيڙاهه، اذيت يا بي عزتيءَ جو ڪوبه اظهار ڪونه ڪيائين. سندس يا باتياتس ڏانهن ڏٺائين. پر پنهنجو پاڻ کي قابو ڪري چڏيائين. پنهنجي ديد، پنهنجي روح ۽ پنهنجن خوابن کي قابو ڪري چڏيائين. ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي زندگي ختم ڪري چڏڻ جو فيصلو ڪيو هو جيڪا هاڻي ڪنهن به قيمت جي ڪانه رهي هئي.

(اُن رات هوءَ ڪوليءَ جي آخري ڪُنڊ ۾ وڃي ليٽي پيئي. ۽ اسپارٽيڪس به ڪيس ڪجهه ڪونه چيو ۽ نه ئي ڏانهس وڏيو. پر جڏهن سيءُ وڏو لڳو تڏهن هُن پڇيو.

"چوڪري! ڇا تون لاطيني زبان ڄاڻين ٿي؟"

ڪوبه جواب ڪونه مليو تڏهن وري چيائين:

"آءٌ توسان لاطيني ٻولي ڳالهائيندس، ڇو ته جرمن زبان مون کي ڪانه اچي ۽ هاڻي جڏهن ته سردي تمام گهڻي وڌي ويئي آهي، آءٌ چاهيان ٿو ته تون منهنجي توريءَ تي سمهي پئو." هن پيري به جواب ڪونه مليو ته هن توري ورينيا ڏانهن گِسڪائي چڏي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ چڏي ڏني ۽ صبح تائين اِها توري اتي جو اتي پيئي هئي ۽ ٻئي ڇٽا پٽر جي فرش تي پيا هئا ۽ پنهنجي جاءِ تي هيءَ حقيقت به نه وساريڪ ڪيي ته گذريل ڏيڍ سال ۾، جڏهن ڪان هوءَ جرمنيءَ جي جهنگلن مان پکڙي ويئي هئي، هي پهريون خوشگوار سلوڪ هو جو سائس اختيار ڪيو ويو هو.)

۽ اُن ختم ٿيندڙ رات جي آخري گهڙين ۾، اُن پهرين رات جون يادگيريون سندس دل ۾ چوليون هڻي رهيون هيون ۽ يادن جون اُهي لهرون سائس گڏ ستل مرد جي دل ۾ محبت جا اُهي طوفان بنجي ٽڪرائجن ٿا، جن کان متاثر ٿيڻ بنا هوُ رهي نٿو سگهي. هُو سجو لُڏي وڃي ٿو ۽ اوچتو پنهنجون اکيون کولي صبح جي جهڪي روشنيءَ ۾ کيس ڏسي ٿو، کيس ٻانهن ۾ جکڙي ٿو ۽ مٺس چُمين جي برسات وسايو چڏي....

"منهنجا محبوب، منهنجا مڙا!" هوءَ چوي ٿي "بس بس. اِن کان اڳتي نه وڌ. اجوکي ويڙهه لاءِ توکي قوت جي ضرورت آهي منهنجا جاني!"

اڙي چڏ ڪٽي قوت جي ڳالهه کي. آءٌ سجو قوت سان پريو پيو آهيان."

تڏهن هوءَ سندس ٻانهن ۾ وکوڙجي وڃي ٿي ۽ لڙڪ ماڻ مِنيءَ ۾ پنهنجا آوانڊا کوليو تا چڏين.

[3]

صبح جو ويڑهه ٽيٽي آهي ۽ اها ڳالهه اُن جاءِ تي موجود ۽ سڀ کان وڌيڪ ويڑهاڪن کي معلوم آهي. ۽ جوڙا آکاڙي جي واريءَ تي پنهنجو رت رڳو اُن لاءِ هاريندا ڇو جو روم جا ۽ ماڻهو هڪ وڏي رقم کٽي تماشو ڏسڻ جي خواهش سان هتي پهتل آهن. انهن ۾ جوڙن ۾ ۽ ٽريشين، هڪ يهودي ۽ هڪ آفريقي هوندو. جيئن ته آفريکي لٽ ۽ جاريءَ جو استعمال مهارت سان جاڻي ٿو تنهن ڪري نتيجو صاف ظاهر آهي. اِن قسم جي لڙائيءَ جي اجازت ڪوبه سڪيا گهر وارو ڪونه ڏيندو آهي ڇو ته جيڪڏهن توهان ڪتو کهڙو ۽ ڪٽي خونخوار چونه سانديو پر اُن کي شينهن جي سامهون ته ڪونه ويڑهائيندا. مگر باتياتس دولت خاطر سپ ڪجهه جائز سمجهندو آهي.

ڪارو شيدي جڏهن صبح جو جاڳي ٿو تڏهن پنهنجي زبان سان چوي ٿو "اي موت جا ڏينهن! آءٌ توکي پليڪار چوان ٿو."

هُو توريءَ تي ليٽيو پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ سوچي ٿو. هو انهيءَ عجيب حقيقت تي سوچي ٿو ته سيني ماڻهن وٽ، ايتريقدر جو سخت غمگين ۽ ڏکي انسانن وٽ ۽ محبت، پيار، راندين، شادمانين، گيتن ۽ ناچن جون يادگيريون هونديون آهن ۽ سپ ماڻهو موت کان ڊجندا آهن. زندگي چاهي ڪنهن ۽ ڪم جي نه هجي پر پوءِ ۽ ماڻهو اُن سان چهٽا پيا هوندا آهن، اُن حال ۾ ۽ جڏهن هو بنهه اڪيلا هوندا آهن، گهر کان تمام گهٽو پري هوندا آهن، ۽ ڪڏهن ۽ واپس گهر وڃڻ جي رڳو اُميد کان ۽ محروم آهن، ۽ هر قسم جي ذلالت، پيڙاهه، اذيت، ڏکن ۽ ظلم جو شڪار آهن ۽ جن کي وحشين وانگر کيڏايو وڃي ۽ ٻين جي دل وندرائڻ خاطر کتن وانگر پاڻ ۾ ويڑهايو وڃي، تڏهن ۽ هو زندگيءَ سان چُهٽا پيا هوندا آهن.

هُو پاڻ ۽ ڪنهن زماني ۾ هڪڙي پريئي تريئي گهر جو مالڪ هو ۽ جنهن ۾ زال ۽ ٻار ۽ هئا. مگر هينئر سندس هٿ ۾ لٽ ۽ جاري ٽمائي کيس وڙهڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو ته جيئن ماڻهو خوش ٿي مٽس ڪلن ۽ تاڙيون وڄائين.

هوُ پڻ جي انداز ۾ پنهنجي نسل ۽ ڏنڊي جي مناسبت وارو فلسفو ڏهرائي ٿو. مگر اهو سپ ڪجهه خالي، نڪهو ۽ غير تسلي بخش آهي ۽ جڏهن هُو ڏينهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اٿي بيهي ٿو تڏهن سندس هڏيون سور ڪرڻ لڳن ٿيون. هُو پنهنجي دل، دماغ ۽ جسم کي اسپارٽيڪس کي قتل ڪرڻ لاءِ اُکسائي ٿو. اسپارٽيڪس، جنهن سان هُو محبت ڪري ٿو ۽ هتي موجود سيني ماڻهن کان وڌيڪ سندس قدر ڪري ٿو. انهيءَ اسپارٽيڪس کي اڄ قتل ڪرڻ لاءِ موڪليو پيو وڃي.

شايد اُن لاءِ ئي چيو وڃي ٿو تہ "ويڑهاڪ.... ڪنهن ويڑهاڪ کي پنهنجو دوست نہ بنايو."

[4]

سڀ کان پهريائين هو چارئي ڇڻا گڏجي خاموشيءَ سان وهنجڻ ويا. ڳالهائڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونہ هو. اُن ڪري جو هاڻي کا ڳالهہ رهي ڪانہ هئي، جنهن تي ڳالهائجي ۽ جيئن تہ هن کان پوءِ ويندي آکاڙي ۾ داخل ٿيڻ تائين ڪين گڏ رهڻو هو، تنهن ڪري ڳالهائڻ سان رڳو حالتون خراب ئي ٿي سگهيون ٿي.

غسل خاني جو پاڻي پهرين ئي گرم هو. انهن اُن ۾ ٽبي هڻڻ ۾ دير ڪانہ ڪئي. ائين پئي لڳو تہ هر شيءِ بنا ڪنهن سوچ سمجهہ جي عمل ۾ آندي پيئي وڃي. غسل جي جاءِ ۾ چگي خاصي اونڌاهي هئي، جنهن جي ڏيگهہ چاليهہ فوٽ ۽ ويڪر ويهہ فوٽ هئي. جڏهن دروازو بند ٿي ڪيو ويو تہ پوءِ روشني جو ذريعو فقط هڪ فانوس هو، جيڪو پڻ ڏندلو هو، زرد روشني ۾ هيئل غسل جي پاڻي جو رنگ خاڪي پئي لڳو، جنهن جي مٿان اٽندڙ ٻاڦ جو هڪ ڪڪر موجود هو. هي گرم پاڻي اسپارٽيڪس جي لونءَ لونءَ ۾ سمائجي ٿو وڃي. سندس اڪڙيل بدن کي نرمي ٿو ڏي ۽ کيس هڪڙي عجيب ۽ مختلف قسم جي راحت ٿو پهچائي.

هي گرم پاڻي هُن لاءِ ختم نہ ٿيندڙ رحمت هو، پر پوءِ بہ نوبيا جي ڪاٿين جون سختيون ۽ رنج ۽ غم ڪڏهن بہ ڏوئي ڪونہ سگهيو هو. جڏهن بہ هُو غسل خاني ۾ داخل ٿيندو هو تہ کيس ياد ايندو هو تہ هتي ڪيئن نہ سندن جسمن جو خيال رکيو ويندو هو، جن کي فقط هين کي قتل ڪرڻ ۽ پاڻ قتل ٿيڻ لاءِ پاليو ٿي ويو ۽ تربيت ڏني ٿي ويئي. پر جڏهن هُو زندگي بخشڻ واريون شيون يعني ڪڪ، جَوَ ۽ سون پيدا ڪندو هو تڏهن سندس جسم هڪ مردار ۽ بي مقصد شيءِ هئي. هڪ اهڙي شيءِ جنهن کان شرم ايندو هو ۽ جنهن کي ماريو ڪُٽيو ويندو هو، تڏا هنيا ويندا هئا، جنهن تي ڪوڙا وسايا ويندا هئا ۽ جنهن کي بکيو رکيو ويندو هو.پر هاڻي جڏهن هُو موت آئيندڙ مخلوق بنجي ويو هو، تڏهن پاڻ ايترو تہ ڳري مُلهہ وارو ٿي ويو هو جيترو آفريڪا جي ڪاٿين مان خود سندس ڪيل سون.

هيءَ هڪڙي ڏاڍي عجيب ڳالهہ هئي جو هُن جي اندر ۾ نفرت جو ٻوٽو وڌي هڪ شاهي وڻ ٿي ويو هو. اُن کان اڳ ۾ تہ نفرت جي ڪا گنجائش ئي ڪانہ هوندي هئي. ڇو تہ نفرت هڪڙي اهڙي عياشي هوندي آهي جنهن لاءِ ڪاڏي، طاقت ۽ احساس جي ضرورت هوندي آهي ۽ هاڻي هُن وٽ اُهي شيون موجود هُيون ۽ اتي باتياتس بہ هو جنهن کي هُن پنهنجي نفرت جو محور بنايو هو. باتياتس روم هو

۽ روم باتياتس. هن کي روم کان نفرت هئي ۽ هن کي باتياتس کان نفرت هئي. هُن کي هر شيءِ سان نفرت هئي جنهن جو تعلق روم سان هو.هُو ته ٻنين ۾ هر جوٽڻ، مال ڏارڻ ۽ کاڌيون کوٽڻ لاءِ پيدا ٿيو هو. پر اِهو روم ئي هو جنهن کيس سيکاريو هو ته ماڻهن جي پرورش اُن لاءِ ڪئي ٿي وڃي ته جيئن هو هڪٻئي کي ڳيا ڳيا ڪري سگهن ۽ واريءَ تي رت وهائين ته جيئن اوچي نسل جا مرد ۽ عورتون تماشو ڏسي سگهن ۽ ٽهڪ ڏيئي سگهن.

غسل خاني کان پوءِ هو مالش ڪرڻ واري ميز ڏانهن ويا. اوڏي مهل هميشه وانگر اسپارٽيڪس پنهنجون اکيون بند ڪري چڏيون جيڏي مهل سندس بدن تي فرحت بخش زيتون جي تيل سان اَيَمَکَ ڪئي پئي ويئي. مالش ڪرڻ واري جي جاتل سجاتل آڱرين هيٺان سندس جسم جو هر هڪ حصو نرم ۽ ڍرو ٿيندو پئي ويو. پهريون پيرو جڏهن ساڻس ائين ٿيو هو تڏهن کيس ائين لڳو هو جڻ هو هوا ۾ قائل هڪڙو ڍنل پکي هجي. هاڻي بهرحال هُو مالش جو عادي ٿي ويو هو ۽ جيتريقدر به ممڪن ٿي سگهيو ٿي هُو اُن مان فرحت حاصل ڪندو هو. ٻارهن پيرا هُو هِن طرح ميز تي ليٽيو هو ۽ ٻارنهن پيرا هُو آکاڙي ۾ وڙهيو هو. اٺ پيرا ته کاپوا جي وڏي آکاڙي ۾، جتي رڙيون ڪندڙ رت جي اُجايل وڏي ميڙ کيس بار بار اُکسايو هو ۽ چار پيرا باتياتس جي ذاتي آکاڙن ۾ هُو عيش پرستن ٽلهن سينئين اڳيان وڙهيو هو جيڪي پنهنجي زالن يا ٻورل ڇوڪرن سان گڏ وڙهندڙ انسانن جو نظارو ڪري هڪ ڏينهن گذاري آيا هئا.

هميشه وانگر مالش واري ميز تي ليٽندي هُو اڄ به پراڻين يادن ۾ گم ٿي ويو هو. پراڻيون ساروٽيون جيڪي سندس ذهن ۾ نقش ٿي ويون هُيون. ماڻهن کي نه ته کاڌين جي دهشت ۽ نه ئي ٻنيءَ ٻاري جي سخت مشقت جي وحشت ايترو ڊيڄاري ٿي جيترو آکاڙي ۾ داخل ٿيڻ وقت واري دهشت. اُن خوفناڪيءَ جو ته ڪو مثال ئي ڪونهي. قاتل جي حيثيت ۾ چوندڙجي اچڻ واري بي عزتيءَ کان دنيا ۾ بي کاڌ وڌيڪ بي عزتي کانه ٿي ٿئي.

۽ اهڙي طرح هن کي خبر پئي هئي ته ويڑهاڪ کان وڌيڪ نيچ ۽ ذليل زندگي انساني حياتيءَ ۾ بي هئي ئي کانه. درندگيءَ ۽ وحشت سان ايتريقدر قربت ئي کيس اهو اعزاز بخشيو هو ته سندس هيڏي ساري سارسنپال ڪئي وڃي جهڙي طرح هڪ عمدي گهوڙي جي ڪئي ويندي آهي. حالانڪ باتياتس يا ڪوبه رومي ڪونه چاهيندو ته آکاڙي ۾ ڪنهن عمدي گهوڙي جي تباهي ٿئي. هُن کي پنهنجي بي عزتيءَ ۽ خوف جو ليڙون ليڙون ٽيل لباس پاتل هو ۽ آگريون سندس زخمي ضمير جي هر تار کي ڇُهي رهيون هُيون.

هُو هميشه خوش قسمت رهندو پٽي آيو. چوته ڪيس ڪابه وڏي چوٽ ڪانه رسي هئي. سندس ڪابه هڏي ڪانه ڀڳي هئي، نڪا اک نڪتي هئي ۽ نه ئي ڪو خنجر ڪن جي پردي يا ڪنڊ تي لڳو هو، ۽ نه ئي ڪيس کو اهڙو گهرو زخم آيو هو جنهن کي ڏسي سندس ساٿي خوف کائڻ لڳن.

اسپارٽيڪس کي رڳو کي معمولي رهڙون آيون هُيون ۽ هو انهيءَ کي نه ته پنهنجي مهارت جاڻائيندو هو ۽ نه ئي هُن ائين ڪرڻ چاهيو ٿي. پلا ڪاسائيءَ جي دوڪان تي مهارت جو ڪهڙو ڪم! پر هڪڙي ڳالهه هئي ته هُو چيتي جهڙو ڦرٽيلو هو. تقريباً ايترو ئي ڦرٽيلو هو جيترو پاسي واري ميز تي ليٽيل ساين اکين وارو نفرت ۽ خاموشي جو مجسمو يهودي هو. هي تمام ڏکيو ڪم آهي ته توهان ارادو ته ڪريو پر جوش ۾ نه اچو ۽ جيڪي ماٿهو آکاڙي ۾ جوش ۾ آيا يا مشتعل ٿيا ته معنيٰ موت کي سڏيائون. خوف ۽ ڊپ جي ڳالهه جدا هئي پر غصي ۽ طيش جي ڪابه گنجائش ڪانه هئي ۽ ڪاوڙ يا غصي کي پي وڃڻ اسپارٽيڪس کي خوب ايندو هو. سڄي جمار سندس خيال سندس بقا جا هٿيار بنيا رهيا ۽ تمام گهٽ ماڻهن کي ان ڳالهه جي خبر هئي.

"غلام ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ڪڏهن به ڪونه سوچيندو آهي. ۽ "ويڑهاڪ" هڪ درندو هوندو آهي." اهو ته ظاهر هو، پر جيڪڏهن ٿڌيءَ دل سان غور ڪيو وڃي ته انهيءَ منجهه ٿي اُن جي ترديد هوندي آهي. هڪ آزاد شخص خيالن جي سهاري زنده رهي ٿو، پر هڪ غلام ماڻهو ته پل پل زنده رهڻ جي آسري تي ئي زنده رهي ٿو ۽ هي خيال اڃ ڇهيل هوندو آهي. تصور هڪ فلاسفر جا لازمي ساٿي هوندا آهن، پر غلام لاءِ آفت جو سبب بنبا آهن. اسپارٽيڪس جيڏي مهل ورينيا ڪان جدا ٿيو هو تڏهن هُن ڪيس بنهه چوسي چڏيو هو. هُن کي هاڻي اسپارٽيڪس لاءِ جيئڻو ڪونه هو. جي ڪڏهن اسپارٽيڪس جيئرو هوندو ته هوءَ به زنده رهندي. پر هينئر ته اسپارٽيڪس نه زنده هو ۽ نه ئي مُئو هو.

مالش واري پنهنجو ڪم پوروڪيو. چارئي غلام ميز تان لٿا ۽ پنهنجي چوڌاريءَ پشم جا چوغا اوڙهيائون، جنکي هو ڪفن چوندا هٿا. پوءِ هو ڪاڏي جي ڪمري ڏانهن ويا. هيا سمورا غلام پهرين ئي نيرن تي موجود هٿا. هر شخص جهُڪرو ماريو وينو هو ۽ سندس اڳيان پيل ميز تان ماني کائي رهيو هو. هر شخص وٽ ڪير لاءِ ڪاٺ جو هڪ ڪوپ، گوشت ۽ ڪڪ جون مانيون موجود هيون. باتياتس کين خوب کارائيندو پياريندو هو ۽ جيترا به ماڻهو سندس سکيا گهر ۾ آيا هٿا، تن زندگيءَ ۾ پهريون پيرو پيٽ پري سڏو کاڏو کاڏو هو. پر انهن چئن ماڻهن لاءِ، جن کي اڄ آکاڙي ۾ وڃڻو هو، صرف ٿورو شراب ۽ ڪڪڙ جا به ٽي ٽڪر رکيل

هئا. جو ته پيٽ پرڻ کان پوءِ ڪوبہ شخص سڀي طرح وڙهي نہ سگهندو آهي.

بهرحال، اسپارٽيڪس کي بک بنهہ کانہ هئي. هو چارئي هڪ ٻئي کان ٿورا ڇڏا ويٺل هئا. کائڻ ۾ ڪنهن جي دل کانہ ٿي لڳي. هو شراب جا ڏڪ پيرندا رهيا. هنن گوشت جو هڪ اڌ ٽڪر کاڌو. هنن ڪيڏي ڪيڏي مهل هڪٻئي ڏانهن نهاريو ٿي، پر ڳالهايو ڪنهن بہ ڪونہ ٿي. هن گوڙ ۽ شور سان ٻُريل رهندڙ هال ۾ اڄ مڪمل مات هئي. ٻيا ويڙهاڪ بہ نہ ته انهن ڏانهن ڏسي رهيا هئا ۽ نہ ئي ڪو گهٽو توجهہ ٿي ڏنائون. چٽبو ته هي موڪلائيءَ واري نيرن تي هڪ فضيلت پريئي اخلاق جو مظاهرو هو.

اِها ته سمورن کي خبر هئي ته جوڙا ڪيئن ٺاهيا ويا آهن. سيني کي خبر هئي ته اسپارٽيڪس ڪاري شيديءَ سان وڙهندو ۽ جار ۽ لٽ جو مقابلو خنجر سان هو. سيني کي خبر هئي ته ٽريشين ۽ يهودي جو جوڙو بنايو ويو هو. اسپارٽيڪس کي مرڻو هو ۽ نوجوان ٽريشين کي بہ. اهو ڏوهہ اسپارٽيڪس جو ئي هو. هڪ ته هُو نہ صرف جرمن چوڪريءَ کي پنهنجي زال چوندو هو پر هُن ته سيني مردن کي بہ پنهنجو گهٽگهرو بنائي ڇڏيو هو ۽ اتي موجود هر هڪ ويڙهاڪ اُن ڳالهہ جو اظهار بہ ڪري رهيو هو. کين اِها خبر کانہ هئي ته کين اسپارٽيڪس سان محبت چو ٿي ويئي آهي ۽ هو هُن کي چو ٿا پائٽين. اسپارٽيڪس جي اٽڪي ويهڻي خاص طريقي جي هئي. سندس اعمال بنهہ شريفاڻا هئا. سندس چهرو بگهڙ جهڙو هو. پريل پريل چپ، پگل نڪ، ايتريقدر جو منجهس ايتريون ته صلاحيتون هيون جو سڀ ماڻهو سندس فيصلو قبول ڪندا هئا ۽ سندن سمورا خوف خدشا ۽ جهيڑا جهڳڑا ڪٽي وٽس ايندا هئا ۽ هُو اهڙي طرح فيصلو ڪندو هو جو سڀ خوش ٿي ويندا هئا ۽ اهو فيصلو هر ڪنهن کي قبول هوندو هو. جڏهن هُو ساڻن نرم ۽ فضيلت سان ڳالهائيندو هو تڏهن هو ڪنڊ هيٺ ڪري سندس ڳالهہ مڃندا هئا. هُو بنهہ خوش لڳندو هو. نہ ته هو وڏي واڪي ڳالهائيندو هو ۽ نہ ئي ڪاوڙ ۾ ايندو هو. سندس قناعت پسندي ۽ صبر ۽ شڪر واري عادت ڪيس سيني ۾ متاهون ڪري ڇڏيو هو. هُو سڪيا ورتل قاتلن ۽ تباهہ ٿيل ماڻهن جي ناپاڪ ٽولي ۾ ائين پيو هلندو هو. باتياتس چوندو هو ته "ويڙهاڪ وحشي جانور هوندا آهن، ان هوندي بہ جيڪڏهن ڪو ڪين انسان سمجهي ٿو ته پوءِ سمورو پس منظر ختم ٿيو وڃي ٿي."

سڀني سبتي حقيقت هيءَ هئي ته اسپارٽيڪس جانور بنجڻ کان انڪار ڪندو هو ۽ انهيءَ ئي سبب ڪري هُو خطرناڪ سمجهيو ويندو هو. جو ته خنجر بازيءَ ۾ هو ماهر هو ۽ غلامن ۾ هر دلعزيز. تنهن ڪري ئي باتياتس سندس مرڻ ئي بهتر سمجهيو هو.

نيرن ختم ٿي. چار ئي ماڻهو روانا ٿي چڪا هئا. ڪين پاڻ ۾ ڳالهائڻ ۽ هڪٻئي کي ڇُهڻ جي اجازت ڪانه هئي، پر گانيڪس، اسپارٽيڪس وٽ ويو، هن کي پاڪر وڌائين ۽ چمي ڏنائين. هيءَ هڪڙي حيرت انگيز حرڪت هئي، جنهن جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي هئي، يعني پورا ٽيهه ڏٽڪا. پر تمام گهٽ غلامن کي اِن ڳالهه جو احساس هو ته گانيڪس ائين چو ڪيو؟

[5]

پوءِ جڏهن باتياتس اُن صبح کي ياد ڪندو هو! ڪيس يقين ئي ڪونه هو ته پوءِ رونما ٿيل سمورا واقعا اُن سبب جي ڪري پيش آيا هئا ته ڪو به رومي نوجوان موت جي هڪڙي نجي ويڑهه ڏسڻ جا شوقين هئا. سندس آکاڙي ۾ ته هر هفتي ۾ يا ٻي جوڙا وڙهندا هئا. ۽ وري به هيءَ ويڑهه به ته انهن سيني لڙائين کان ڪا مختلف به ڪانه هئي. پوءِ هُن روم ۾ پنهنجي بنگلن جي باري ۾ سوچيو. اُهي بهترين عمارتون تصور ڪيون ويندیون هُيون. سندس ڪاروبار ۾ ڪا وڏي اٽل پٽل ڪانه هئي پر سندس آمدني وڏندي ئي رهندي هئي. اُن آمدني کي وڌيڪ وڌائي پئي سگهيو. پر اُن ۾ هڪڙو خطرو هو. شروع ۾ باتياتس به بنگلا ورتا هئا. هڪڙو چار ماڙ ۽ ٻيو پنج ماڙ. ٻنهي بنگلن جي هر منزل ۾ ٻارهن ڪمرا هوندا هئا ۽ هر فليٽ جي مسواڙ نوَ سؤ سسٽرس هئي.

ستت ئي ڪيس خبر پئي ته وڌيڪ آمدني وڌائڻ لاءِ وڌيڪ منزلون ٺهرائي سگهجن ٿيون. پوءِ هن پنج ماڙ کي ست ماڙ ناهي ڇڏيو. پر جڏهن چار ماڙ کي وڌيڪ ٺهرائڻ لڳو ته ڏڙام ڪري سڄي عمارت اچي پٽ تي ڪِري. نه رڳو اِهو پر عمارت ۾ موجود ويهه مسواڙي به مري ويا ۽ ڪيس رشوت ۾ تمام وڏي رقم ڏيڻي پيئي. پر ان جي باوجود به سندس ويڑهاڪن ۾ اضافو ۽ اهليت ۾ بهتري ٿيندي ويئي. باتياتس کي خبر هئي ته اِن ڪاروبار ۾ هُو ٻين گهڻن کان اڳتي هو.

اِهو سچ آهي ته اُهو صبح منحوس صبح هو. پهرين ڳالهه ته گانيڪس کي ڏٽڪا لڳائڻا پيا. ويڑهاڪن کي ڏٽڪا هڻڻ سڻي ڳالهه ته ڪانه هئي پر سندس سکيا گهر جو ضابطو ته دنيا ۾ مثالي هڻڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ويڑهاڪ ضابطي جي بنهه معمولي خلاف ورزي به ڪندو هو ته ان کي سزا به ضرور ملندي هئي. سزا به جهڙي تهڙي نه، پر بنهه بي رحم ۽ وحشياڻي سزا. بي ڳالهه ته اُن ڏينهن ويڑهاڪن ۾ بي چيني هئي ته هڪ خنجر واري جي مقابلي ۾ هڪ اهڙي شخص کي آندو ويو جنهن وٽ جار ۽ نيزو هو. ٽين ڳالهه ته لڙائي پاڻ خود هئي.

باتياتس آکاڙي ۾ مهمانن جو انتظار ڪري رهيو هو. چاهي هُو پاڻ انهن

مهمانن لاءِ ڇا ۽ سوچي پر پئسو ۽ پاڻ پنهنجي عزت ڪرائي ٿو نه. جڏهن ۽ سندس ڪنهن خرچائو لک پتيءَ سان واسطو پوندو هو تڏهن ڪيس شدت سان احساس ٿيندو هو ته هُو پاڻ هڪڙي غليظ ڪڏ جي ڏيڏر وانگر آهي.

جنهن زماني ۾ هُو گهٽين ۾ غنده گردي ڪندو هو تڏهن هُو چار لک سسٽرس گڏ ڪرڻ جا خواب لهندو هو. اُن جي عيوض ڪيس 'جرئت جو هلو' ملي سگهيو ٿي، پر جڏهن هُن اِهو هلو حاصل ڪيو تڏهن ڪيس پهريون پيرو احساس ٿيو ته دولت ۽ ڪهڙي شيءِ آهي ۽ اِهو ۽ پنهنجي چالاڪيءَ سان ڪيترا ڏاڪا چڙهي سگهيو هو، پر بلنديءَ جي ته ڪا حد ئي ڪانه ٿيندي آهي!

هُن جو اصول هو ته "جتي خوشامند ڪرڻي پوي ته اتي خوشامند ڪريو." اهوئي سبب هو جو هُو هتي ڪائيس، برعڪس ۽ سندن ساٿين جو انتظار ڪري رهيو هو. شايد ان سبب جي ئي ڪري ڪيس اندازو ڪونه ٿي سگهيو هو ته گانيڪس کي ٽڪا لڳي چڪا آهن يا نه. هُو مهمانن کي ساڻ ڪري سندن لاءِ تيار ڪيل جاين وٽ آيو. اُهي جايون ايترو ته مٽي ناهيون ويون هُيون جو ڪنڊ مٽي ڪٽڻ ڪانسواءِ ئي آکاڙي جون چارئي ڪنڊون نظر اچي رهيون هُيون. هتن لاءِ ٽڏو شراب، گوشت ۽ سڄا تريل ڪڪڙ آندا ويا، ته جيئن بک يا اُڃ هن حسين نظاري ڏسڻ ۾ ڪا رندڪ نه ٻڌجي. ڪين اُس کان بچائڻ لاءِ هڪڙي نقش و نگار واري قناط ڇانوَ ڪريو ٻيني هئي ۽ ۽ گهريلو غلام نوڪر مور چل ڪٽيو ٻيٺا هئا. باتياتس انهن انتظامن تي فخر محسوس ڪري رهيو هو. لڙائي جي شروعات کان اڳ واري بيزاري ختم ڪرڻ لاءِ ۽ موسيقار ۽ هڪڙي ناچڻي خدمت لاءِ حاضر هئا.

هتن نه ته موسيقيءَ ۾ دلچسپي ورتي ۽ نه ئي وري ناچڻيءَ ڏانهن توجهه ڏنو. پر هو انهن ڳالهين کان بنهه مٿاهن معاملن بابت سوچي رهيا هئا. برعڪس جو شادي شده دوست ڪارنيلس بنهه هارائي ۽ بيهوده نمونو ۾ چئي رهيو هو ته اڇڪلهه روم ۾ فضيلت واري زندگي گذارڻ لاءِ ڪهڙين ڪهڙين شين جي ضرورت آهي. باتياتس ۽ غور سان سندن گفتگو ٻڌي رهيو هو، چاڪاڻ ته هن ۽ اهوئي معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو. هي ٻڌي سندس دماغ چڪرائجڻ لڳو ته ڪارنيلس پنج هزار دينار ڏيئي پيسٽري ٺاهڻ لاءِ هڪ ماهر غلام خريد ڪيو هو.

"انسان سوئر وانگر ته رهي نٿو سگهي نه؟" ڪارنيلس چئي رهيو هو. "۽ نه ئي اُن طرح رهي سگهي ٿو جيئن منهنجو پيءُ رهندو هو. جيڪڏهن ڪو شخص مناسب ڪاڏو ڪائڻ چاهي ته ان کي ڪن شين جي ضرورت ته پوندي نه."

"مون کي خبر ناهي ته انهن شين ڪانسواءِ ۽ ڪو ماڻهو ڪهڙي ريت زندگي گذاري سگهي ٿو؟" سندس زال چيو "هڪ بهترين ۽ سکيا ورتل حجام (غلام)

ڪانسواءِ تہ ڪو ديوتا يا اوهان جي ڏاڙهي صحيح طور تي لاهي نہ سگهندو. پر جيڪڏهن آءُ هڪ واڌو حجام يا مالش ڪرڻ وارو چاهيان تہ."

"ان لاءِ تہ سؤ غلام بہ ڪافي ڪونهن." براڪس نرميءَ سان چيو. "انهن جي تربيت ڪرڻ ئي وڏي مصيبت آهي. مون وٽ ڪيڙن لاءِ هڪ نوڪر آهي، هُو قبرصي يوناني آهي، جيڪو توهان کي هومر جي قولن تائين بہ ٻڌائي سگهي ٿو. هُو نہ تہ ڪيڙا ڏوئي ٿو ۽ نہ ئي کو ٻيو ڪم ڪري ٿو. آءُ هُن کان صرف اِهو ڪم ونندو آهيان تہ هُو منهنجا ڪيڙا ترتيب سان رکي. چوغن جي رکڻ لاءِ مون وٽ الڳ ڪمرو آهي. منهنجي خواهش هوندي آهي تہ جنهن بہ وقت مون کي هڪ خاص چوغو پائڻو هجي تہ اُهو اوڏي مهل ڪمري ۾ هجڻ کپي. ڇا اِن ڪم لاءِ بہ ڪنهن خاص تربيت جي ضرورت هوندي آهي؟ نہ، سو جيڏي مهل آءُ چوندو آهيان ريڪسيبس! مون کي منهنجو هيبو چوغو ڏي تہ هُو اِهو ڪم بہ نٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن آءُ ڪيس ان جي تربيت ڏيڻ چاهيان تہ اُن ۾ وڌيڪ وقت لڳندو، جيتري دير ۾ آءُ خود پنهنجو چوغو ڳولي ڪڍي اچان."

"پر توهان پاڻ بہ تہ اهو ڪم نٿا ڪري سگهو نہ." ڪائيس احتجاج ڪيو.

"نہ، بلڪل نہ. ڏس ڇا! باتياتس کهڙو شراب ٿو پيش ڪري."

"سسلپائن." باتياتس فخر سان بوتل ڪٿي ڪين ڏيکاري.

براڪس فضيلت سان پنهنجو نڪ صاف ڪيو.

"جيتوڻيڪ مون توهان کي صوفا سيٽن جي بندوبست ڪرڻ جو ڪونہ چيو هو پر توهان کي ازخود انتظام جو خيال ڪيئن آيو؟ ڇا توهان وٽ 'جوڊين، شراب آهي؟"

"پڪ سان آهي، گلابي رنگ وارو." هُن هڪ غلام ڏانهن نهاري آکڙ مان 'جوڊين' شراب آڻڻ لاءِ چيو.

"هن کي ٻڌاءِ." ڪارنيلس پنهنجي زال کي چيو جيڪا سندس ڪن ۾ سُس پُس ڪري رهي هئي.

"نہ...." براڪس اُن ڏانهن جهڪيو. سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چمي ڏنائين ۽ چيائين "پياري! کهڙي شيءِ ڪيي؟"

"آءُ توکي ڪن ۾ ٻڌائيندس." هُن ڪن ۾ ڪجهہ چيو ۽ براڪس جواب ڏنو "ها ها، پڪ سان، پڪ سان." ۽ پوءِ باتياتس کي چيائين:

"ويڑهہ کان اڳ يهودي کي هيڏانهن گهرائي."

وڏو مان مرتبو رکندڙ ماڻهن جي حرڪتن ڏيان لکل ڏور ڪڏهن بہ باتياتس

جي ور ڪانہ چڙهي. هُن کي خبر هئي تہ اهڙي ڏور موجود هوندي آهي. مگر هُو اُن جي تشريح نٿي ڪري سگهيو. هُو سبب يا تسلسل جي اهڙي زنجير واضح نٿي ڪري سگهيو جنهن تي هلي ۽ پنهنجي روين جي منصوبابندي ڪري پنهنجي حيثيت لکائي سگهي. جيڪا بہ پارٽي ويڑهہ ڏسڻ لاءِ سندس آکاڙو حاصل ڪندي هئي، سا مختلف روين جو اظهار ڪندي هئي. هاڻي پلا ڪيئن ان جي تشريح ڪري سگهجي ٿي. باتياتس يهوديءَ کي گهرايو.

بہ ماڻهو هن کي وٺي آيا. هُو پنهنجي ڏکهي ۽ خلاصي چوڻي ۾ ويڑهيل هو. هُن جون سايون اکيون هڪ پٽر وانگر هُيون ۽ هُو هڪ بت وانگر سنڊن اڳيان سُڪَ ٿيو بيٺو هو.

عورت هٽرادي کل کلي ۽ ڪائيس ڏنل هو. هڪ ويڑهاڪ رڳو هڪ وال پري بيٺل هو. سنڊن وچ ۾ ڪابہ پت، ڪابہ لوهي سيخ موجود ڪانہ هئي. ڪائيس کي اهو يهودي هڪ انسان ڪونہ لڳي رهيو هو. هُن جون سايون اکيون، سنهڙو مُنهن، خوفناڪ مُڙيل نڪ ۽ ڪتريل مٿو سڀ ڪان وڌيڪ دهشتناڪ هو.

"هن کي چئو تہ پنهنجو چوغو لاهي ڏئو ڪري." براڪس چيو.

"ڪپڑا لاهي ڇڏ." باتياتس چيو.

يهودي پل لاءِ ترسيو ۽ پوءِ اوچتو پنهنجو چوغو لاهي ڇڏيو. هاڻي هُو هن اڳيان ٻنهہ الف اڳاڙو بيٺو هو. سنڊس ليڙو قدارور بدن، پتل جو بت لڳي رهيو هو. ڪائيس حيراني‌ءَ سان ڏسي رهيو هو. ڪارنيلس بيزار پٽي ڏسڻ ۾ آيو. پر سنڊن زال غور سان يهوديءَ کي ڏسي رهي هئي. سنڊس وات ٿورو کليل هو ۽ هوءَ عجيب انداز ۾ ساهہ ڪڍي رهي هئي.

"چوغو پائي ڇڏ." براڪس ٽڪل انداز ۾ چيو.

يهوديءَ چوغو پاتو ۽ هليو ويو. ٻئي ماڻهو سنڊس پٺيان پٺيان پئي ويا.

"پهرين هن کي ويڑهايو." براڪس چيو.

[6]

اُن وقت تائين ڪوبہ اهڙو قانون موجود ڪونہ هو، جنهن تحت ٽريشين کي آکاڙي ۾ خنجر سان وڙهڻ جي صورت ۾ ڪاڻ جي ڏني وڃي. پوءِ تہ اهو قانون ٺهيو بہ، پر انهيءَ جي همينشہ خلاف ورزي ڪئي ويندي هئي. چوتہ ڏال جي موجودگيءَ ۾ خنجر جو پيدا ڪيل ڊرامو ختم ٿي ٿي ويو. اُن دؤر کان چاليهہ سال اڳ آکاڙي ۾ جوڙن جي ويڑهہ عام ڪانہ هوندي هئي. ان وقت جوڙا هٿياربند ٿي

وڙهندا هئا. تلواربازي ۾ال جي مدد سان ڪنهن کي زخمي ڪرڻ کانسواءِ ڪيترن ڪلاڪن تائين پئي هلندي هئي. آکاڙي جي مالڪ جي حيثيت ۾ ان وقت به هڪ دلال جهڙي هئي. هو عام طرح هڪ غنڊو هوندو هو، جيڪو کي غلام خريد ڪري کين تربيت ڏيئي ويڙهاڪن طور استعمال ڪندو هو. اُهي طوائفن جو به ڪاروبار ڪندا آهن.

اُن کان پوءِ ڊگهي قد وارن ٽلهن متارن ڪارن شيدي غلامن جو پڙيءَ ۾ اچڻ سان ۽ ٽريش ۽ جوڊيا جي جابلو هارين جي اچڻ سان هن راند ۾ انقلابي تبديليون اچي ويون جن بيزار ڪندڙ تلوار بازيءَ جي جاءِ اچي والاري هئي. ڪارا شيدي ڄار ۽ ٿن شاخن واري لٺ سان ۽ ٽريشين نندي وَريل خنجر سان وڙهندا هئا، جنهن سان ماڻهوءَ جا آنڊا نڪري ايندا هئا ۽ تماشائين ۾ وڌيڪ دلچسپيءَ پيدا ٿيندي هئي.

براڪس پنهنجي نوجوان ساٿيءَ کي چيو: "جيڪڏهن ٽريش جي رهاڪن کي هڪ پيرو ڏسين ته جيڪر ٻي ڪنهن شيءِ ڏسڻ جي تمنا به نه ڪريئين. انهن جي مقابلي ۾ ٻيون سڀ شيون سست ۽ بيزار ڪندڙ لڳنديون. ٽريشين جي خوبصورت ويڙهه دنيا جو سڀ کان وڌيڪ خوبصورت نظارو هوندو آهي."

هاڻي ويڙهه جو وقت ٿي ويو هو. ناڇڻي ۽ سازن وارا هليا ويا هئا. آکاڙو صاف ۽ خالي ٿي ويو هو. سڄي ماحول تي هڪ درد انگيز ۽ ڏکائيندڙ مان ڇانئجي ويئي هئي. چار رومي يعني ٿي مرد ۽ هڪڙي عورت آرامده صوفن تي ويهي گلابي جوڊين شراب جون چسڪيون پري رهيا هئا ۽ ويڙهه شروع ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا.

[7]

آکاڙي ڏانهن ڪُلندڙ هڪڙي ننڍڙي ڪمري ۾ توقعات ۽ اميدن جون دنيائون سجائي ٽيئي ويڙهاڪ (ٻه ٽريشين ۽ هڪ ڪارو) ويٺا يهوديءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. هو ڪنهن مسرت ۽ خوشيءَ کانسواءِ بينچ تي ويٺا هئا. هو موت جي حوالي ٿيڻ وارا هئا. هنن وٽ نه ته خوشي هئي، نه محبت هئي ۽ نه ئي وقار پر وٽن ته فقط شرمساري هئي جيڪا خاموشيءَ سان هنن پاڻ تي مسلط ڪري ڇڏي هئي. نيٺ ڪاري شيديءَ هي چئي مان کي ٽوڙيو.

"خدا کي جنهن سان محبت هوندي آهي، انکي ننڍپڻ ۾ ئي ماري ٿو ڇڏي."

"نه." اسپارٽيڪس چيو.

تڏهن ڪاري پڇيس:

"ڇا تون ديوتائن تي ايمان رکين ٿو؟"

"نہ."

"ڇا تون اِن ڳالھہ تي ايمان رکين ٿو نہ اسين موت کان پوءِ وري بي زندگي ماڻينداسين؟"

"نہ."

"تہ پوءِ تون کھڙي شيءِ سان عقيدت رکين ٿو." ڪاري پڇيو.

"آءٌ توتي ۽ پنھنجو پاڻ تي ايمان رکان ٿو."

"توتي ۽ پنھنجو پاڻ تي!" نوجوان ٽريشين پوليِ مس چيو.

"اسين تہ باتياتاس جي ميز تي رکيل گوشت وانگر آھيون."

"اسپارٽيڪس تون بي کھڙي شيءِ تي ايمان رکين ٿو؟" ڪاري پڇيو.

"بي کھڙي شيءِ تي....؟ ھڪ شخص جڏھن مرندو پيو آھي تڏھن ھو کھڙا خواب ڏسندو آھي؟"

"آءٌ توکي اُھا ڳالھہ ٻيھر ٻڌايان ٿو جيڪا پھرين ٻہ ٻڌائي چڪو آھيان." ڪاري بنھہ آھستگيءَ سان چيو. سندس غمگين ۽ گھرو آواز دل جي اونھائين مان اڇي رھيو ھو.

"آءٌ توکي ٻڌايان تہ آءٌ بنھہ اڪيلو آھيان، پنھنجي گھر کان تمام گھٽو پري، جتي رڳو سور ئي سور ۽ ڏنپ ئي ڏنپ آھن. آءٌ ھاڻي وڌيڪ جيئرو رھڻ نٿو چاھيان. آءٌ توکي قتل ڪونہ ڪندس. منھنجا ساٿي! آءٌ توکي ڪونہ ماريندس."

"ڇا ھڙا موقعا ترس کائڻ جا ھوندا آھن....؟"

"اھڙا موقعا ٽڪاوٽ ۽ بيزاريءَ جا ھوندا آھن ۽ آءٌ ڏاڍو ٽڪي پيو آھيان."

"منھنجو پيءُ ھڪ غلام ھو." اسپارٽيڪس چيو. "۽ اُن مون کي ھڪ ڏاڍي پلي ڳالھہ ٻڌائي ھئي. اُھا ھيءَ تہ ھڪ غلام لاءِ فقط ھڪڙي شيءِ سڀني ھوندي آھي ۽ اُھا آھي زنده رھڻ."

"اسان ٻئي زنده نٿا رھي سگھون."

"۽ غلام تي زندگيءَ جي مھرباني رڳو ھيءَ آھي تہ کيس ٻين ماڻھن وانگر پنھنجي موت جي گھڙيءَ جي خبر ڪانہ ھوندي آھي."

پھريدارن سندن آواز ٻڌو تہ انھن ڪمري جي پٽ تي ٽک ٽک ڪري کين ماڻ ڪرڻ لاءِ چيو. يھودي واپس اڇي ويو ھو. ھُو ماڻ ۾ ھو ۽ سندس ڪنڌ شرم کان جھڪيل ھو. دھل وڄڻ شروع ٿي ويا ھٿا. نوجوان ٽريشين اڇي ٻينو. ذھني ڇڪتاڻ جي ڪري سندس چپ ڏڪي رھيا ھٿا. ھُن ۽ يھوديءَ پنھنجا چوغا لاھي ڇڏيا.

ڪاري همراهه کي ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. هُن جي شادي ته موت سان ڪئي ويئي هئي. هُو ٻاونجهاهه پيرا جار ۾ نيزو سان ڪري وڙهيو هو ۽ تڏهن به بچي ويو هو ۽ هينئر سندس اُها نس ڏهائي ويئي هئي جنهن ڪيس حياتي بخشي هئي. هو مٽو هٽن تي ٽيڪي پنهنجي سوچن ۾ گم هو. پر اسپارٽيڪس ٽپ ڏيئي دروازي تائين پهتو ۽ هڪ سِيرَ مان آکاڙي ڏانهن ليڪا پائڻ لڳو. هُو ڪنهن جو به طرفدار ڪونه هو. ٽريشين سندس قوم مان هو، پر يهوديءَ سندس دل تي هڪ خاص نقش چڏيو هو. جڏهن به ڪو جوڙو موت تائين وڙهندو هو ته انهن مان هڪ کي ته مرڻو ئي هوندو هو. مگر زندگيءَ جو اصل جوهر زندگي هئي. زندگي، جنهن کي بقا هئي. اسپارٽيڪس جو جوهر زندگي هو، ماڻهن کي هُن ۾ اِهوئي جوهر نظر ايندو هو. ۽ هاڻي هُو سِيرَ ۾ اکيون لڳائي آکاڙي جي اندر واري روئداد ڏسي رهيو هو.

سڀ کان پهريائين کيس ويڙهاکن جو جوڙو نظر آيو جيڪي آکاڙي جي وچ ۾ ويندي تنديا ٽينڊا پٽي ويا. غلامن جو جوڙو انهن ماڻهن جي سامهون پهچي ويو هو جن سندن گوشت ۽ رت خريد ڪري ورتو هو. سندن پاڇا سندن پٽيان پٽيان هلي رهيا هئا. سندن جسم ڪارا هئا ۽ تيل سان چمڪي رهيا هئا ۽ پوءِ هو هڪٻئي کان ڏهن ڏهن قدمن تي وڃي بيٺا ۽ خبرداريءَ سان هڪٻئي کي ڏسي رهيا هئا. انهن ٻنهي جي وچ ۾ واري ۽ سج جا ڪرڻا موجود هئا. اسپارٽيڪس ان جاءِ کي به ڏسي رهيو هو جتي مهمان ويندا هئا، جن موت ۽ زندگي خريد ڪري ورتي هئي. هو توڙي جو چند هئا، پر انتهائي طاقتور هئا. اسپارٽڪس سوچي رهيو هو.

هاڻي تربيت ڏيڻ وارو آکاڙي ۾ داخل ٿي ويو. هُن وٽ پالش ڪيل ڪاٺ جو هڪ ٽري هو، جنهن ۾ به چاقو رکيل هئا. هُن نشاني طور اُهي چاقو انهن ماڻهن کي پيش ڪيا جن هن ويڙهه جي قيمت ادا ڪئي هئي. جڏهن هُن ٽري کين پيش ڪيو تڏهن براڪس اجازت جي انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ تڏهن اسپارٽيڪس کي بي انتها نفرت ٿي هئي، جڏ ته هُن پاڻ چاقوءَ ڪٽي ورتو هو. هو پيرن کان وٺي چوٽيءَ تائين سجو نفرت بنجي ويو. پر هُن پاڻ تي ضبط ڪيو ۽ تحمل سان ويڙهاکن کي چاقو ڪٽندو ڏٺائين. ويڙهاڪ هڪٻئي کان جدا ٿيا ۽ سير مان غائب ٿي ويا. پر پوءِ به اسپارٽيڪس کي خبر هئي ته اهي ڇا ڪري رهيا هوندا. کيس ويڙهاکن جي چرپر جي خبر هئي. هو هڪٻئي کي ڏوهه پريل ۽ خوف سان پريل ڏٺتي ۽ هوشياريءَ سان ڏسي رهيا هئا. ٻئي جڻا کين ڏنل ويهن قدمن جو فاصلو ماپي رهيا هئا. هاڻي هو هيٺ جهڪيا ۽ هٿن ۾ چاقوئن جي ڳڻ تي واري ملي رهيا هئا. هاڻي هو سنيالي وڙهن جي پوزيشن اختيار ڪري چڪا هئا. سندن بدن جو هر حصو ڏکي رهيو هو ۽ سندن

دليون ڏڪ ڏڪ ڪري رهيون هيون.

تربيت ڏيڻ واري سيٽي وڄائي ۽ ٻئي ويڙهاڪ وري سِيرَ مان اسپارٽيڪس ڪي نظر اچڻ لڳا. ٻئي الف اگهاڙا، هوشيار، هر هڪ پنهنجي ساڄي هٿ ۾ چاقو مضبوطيءَ سان جهليو هو. هو هاڻي انسان نہ پر وحشي درنده بنجي چڪا هئا. هو جانورن وانگر چمڪر ڪاڻ لڳا. ڪوسي واريءَ تي بي ڍنگا نندا نندا قدم ڪڍي رهيا هئا. پوءِ هو پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا ۽ هڪ جهٽڪي سان الڳ ٿي ويا. رومي مهمان تاڙيون وڄائي رهيا هئا ۽ يهودي جي سيني تي ڳاڙهي ڏاڳي وانگر رت جي لڪير ايري ۽ رت وهي رهيو هو.

پر معلوم ٿي ٽيو تہ ٻنهي کي هڪٻئي کي پهچايل زخمن جو احساس ڪونہ هو. هڪٻئي تي سندن توجهہ ايتري قدر زياده، ايتريقدر پرپور ۽ ايتريقدر تجسس سان پريل هو جو تہ ساري دنيا سندن جادوءَ جي قبضي ۾ هجي. وقت جي گهڙي جهڙوڪر رُڪجي ويئي هئي. جهڙوڪر ساري زندگي ۽ سمورو تجربو هڪٻئي تي توجهہ ڏيڻ ۾ صرف ٿي رهيو هو. هڪ پيرو ٻيهر هو هڪٻئي جي ويجهو آيا. پوءِ ٻنهہ ڳنڍجي ويا. هڪ هڪ هٿ سان زور آزمائي ڪرڻ لڳا. هڪٻئي سان لڳا ٻينا هئا. جسم جسم سان، چهرو چهري سان ملائي مضبوط ڪرايون جڪڙي هڪٻئي کي چيرڻ ڦاڙڻ واري انداز ۾ تڪي رهيا هئا. هو هڪٻئي لاءِ نفرت ئي نفرت بنجي چڪا هئا. سندن هڪ ئي مقصد هو، موت. ڪين خبر هئي تہ قتل ڪرڻ سان منجهائتن هڪ زنده رهي سگهيو ٿي. سندن عضوا وڌيڪ سخت ٿي ويا. زور آزمائي جو جادو هلي رهيو هو. ٻئي هڪ بنجي ويا هئا ۽ هڪ ئي وجود جيڪو خود اندر مان ڪٽجي رهيو هو.

جيستائين رت ۽ گوشت سات ڏنو، هو زور آزمائي ڪندا رهيا. تڏهن اِهو سات ڏُٽو ۽ هو هڪٻئي کان جدا ٿي ويا، هن پيري ٽريشين جي ٻانهن تي رت جي ڳاڙهاڻ نظر پئي آئي. هڪٻئي کان ڏهہ قدم پري ٻئي جڳا سهڪي رهيا هئا. نفرت سان پريل، رت، پگهر ۽ تيل جي ڊپ ۾ هڏل سهڪي رهيا هئا ۽ وهندڙ رت واريءَ کي ڳاڙهاڻ بخشي رهيو هو.

تڏهن ٽريشين ٽپ ڏنو ۽ چاقو تاڻي يهوديءَ تي ڪڙڪي پيو. يهودي هڪ گوڏي پر جهڪيو، چاقوءَ کان پاڻ بچايائين ۽ ٽريشين کي هوا ۾ ڏکي ڇڏيائين. ٽريشين زمين تي ڪريو ئي هو تہ يهودي مٿانئس پهچي ويو. هي ويڑهہ جو خوفناڪ ترين ۽ دلچسپ ترين موقعو هو. موت ٽريشين کي ڪاڻي رهيو هو. هُن پاسو بدلايو، ويڑهجي ويو، جهٽڪو ڏنائين ۽ پنهنجي اگهاڙي پير کي چاقوءَ جي سامهون آڻي جسم کي بچائڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر يهودي مٽس قضو ڪري چڪو هو. هُو وار

مٽان وار ڪري رهيو هو، چيري رهيو هو، ڪاٽي رهيو هو ۽ نوجوان ٽريشين پاڻ تي قابو پائڻ جي ڪوشش ۾ جهومي رهيو هو. هُو هاٿي کي موتمار حملو ڪرڻ جي قابل ڪونہ رهيو هو.

ٽريشين بيهي رهيو. سندس جسم جو ڪنڊ گوشت ۽ وهندڙ رت آسپاس پکڙيو پيو هو. هُو بينو تہ هو پر زندگي ۽ قوت وڃائيندو موڪلائي رهي هئي.

هُو هڪ هٿ ۾ چاقو جهلي ۽ ٻئي هٿ جي مدد سان توازن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ اڳيان پٺيان جهومي رهيو هو. هُو يهودي کي قتل ڪرڻ جي خواهش ۾ هوا ۾ حملا ڪري رهيو هو. پر يهودي وڃائيندو پري بينو هو ۽ ٻيهر حملو ڪرڻ جو سندس کوبہ ارادو ڪونہ ٿي ڏنو ۽ حقيقت بہ هي۽ هئي تہ هاڻ وڌيڪ حملي جي ضرورت بہ ڪانہ هئي. چوتہ ٽريشين زخمن کان چور چور ٿي چڪو هو. هن جي ران جي رڳ وڍجي چڪي هئي، چهرو اڏاوڙ ٿي چڪو هو، سندس هٿن، بدن ۽ ٽنگن تي زخم آيا هئا ۽ وهندڙ رت سندس زندگي نپوڙي سندن پيرن هيٺان واري کي ريج ڏيئي رهيو هو.

پر زندگي ۽ موت جي خوفناڪ راند جو سنسني خيز منظر ايڏا ختم ڪونہ ٿيو هو. رومي بيخودي۽ مان جاڳي پيا ۽ انهن يهودي۽ کي رڙ ڪري حڪم ڏنو تہ "حملو ڪر، حملو ڪر."

پر يهودي ڪونہ ڇُريو. سندس سڄو بدن سيني جي زخم مان وهندڙ رت سان لال ٿي ويو هو. اوچتو هُن پنهنجو چاقو واري۽ ۾ کوڙي ڇڏيو ۽ پاڻ ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو.

نيٺ ٽريشين ٽڙيو. سندس چاقو ڪري پيو ۽ هو تمام تيزي سان موت جي وادي۽ ڏانهن وڌي رهيو هو. رومي ڪاوڙ ڪري رهيا هئا ۽ هڪ تربيت ڏيڻ وارو شخص ٻن سپاهين سان گڏ چهبڪ ڪٽي تيزي سان يهودي ڏانهن وڌيو.

"ڏليلا! وڙهين ڇو نٿو؟" سڪيا ڏيندڙ رڙ ڪري چيو ۽ سندس چهبڪ يهودي۽ جي پٺن ۽ پيٽ ڪان وري آيو.

"وڙهو!" چهبڪ ور ور ڏيئي سندس بدن تي ٽڪاءَ سان لڳندو رهيو، پر هُن ڪابہ جُنبش ڪانہ ڪئي. ۽ پوءِ ٽريشين زمين تي مُنهن ڀر ڪري پيو ۽ سهڪندي ايذاءَ ۽ پيڙاهہ کان رڙيون ڪرڻ لڳو. پهرين تہ هُن جون رڙيون زوردار ڪونہ هُيون، پر پوءِ نيٺ هو زور زور سان دانهون ڪرڻ لڳو. سور جي شدت کان سندس جسم ٻُل ڪائي رهيو هو ۽ آخرڪار سندس رڙيون گهُٽجي ويون ۽ هُو بنهہ ماٺ ٿي ويو. سڪيا ڏيندڙ يهودي۽ تي چهبڪ وسائڻ بند ڪري ڇڏيا.

ڪارو شيدي پڻ اسپارٽيڪس سان گڏجي ڏرڙ مان آکاڙي ڏانهن ڏسڻ لڳو.

سپاهي ٽريشين وٽ پهتا ۽ ڪيس نيزي جي چهنب ٿُنبي ڏسڻ لڳا. هن معمولي چرپر ڪئي. هڪ سپاهيءَ پنهنجي چيلهه وٽ هڏل مترڪو ڪڍيو. ٻئي سپاهيءَ پنهنجو نيزو ٽريشين جي هيڻان ڏيئي سندس پاسو بدلايو. پوءِ پهرئين سپاهيءَ پنهنجي مترڪي سان هن جي لوندڙيءَ وٽ ٽڪاءُ ڏڪ ڪرايو. مترڪي سندس ميڇالو ڪڍي چڏيو. تنهن کان پوءِ سپاهيءَ پنهنجو ميڇالي سان پريل مترڪو ويڙهن کي ڏيکاريو ۽ سلام ڪيو. اِن دوران سکيا ڏينڊڙ هڪ گڏهه وٽي آکاڙي ۾ آيو ۽ گڏهه کي هڪ خوشنما لباس پهرايل هو ۽ اُن مان هڪڙو نيٽر لڙکي رهيو هو. ان نيٽر کي مضبوط ڪري ٽريشين جي پير سان ٻڌو ويو ۽ سپاهين گڏهه کي نيزن سان مارڻ شروع ڪيو. ايتريقدر جو گڏهه آکاڙي ۾ تيزي سان ٻوڙڻ شروع ڪيو. لاش سندس پٽيان پٽيان گهريو پٽي آيو ۽ اُن جي مغز جا ٽڪرا ٽڪرا ڪرندا ٿي رهيا. رومي اِن منظر تي تاڙيون وڄائڻ لڳا ۽ عورتون بنهه خوشيءَ وچان پنهنجا رنگين رومال هوا ۾ لوڏڻ لڳيون.

اُن کان پوءِ رت ۾ پُسيل وادين کي اٽلائي پٽلائي هڪجهڙو ڪيو ويو ته جيئن نيٽن جوڙي جي لڙائيءَ کان اڳ سازندن ۽ ناچڻيءَ لاءِ جاءِ ٿي سگهي.

[8]

باتياتس ٽڪڙو ٽڪڙو پنهنجي گراهڪن جي ويهڻ واري جاءِ تائين آيو ته جيئن انهن کان معافي طلبي ۽ اهو ٻڌائي سگهي ته جڏهن هُن پنهنجا پئسا خرچ ڪيا هٿا ته پوءِ يهوديءَ ٽريشين کي ڳٽرا ڳٽرا ڪرڻ ۾ ناڪام ڇو ويو ۽ هُن هن جي هڪ هڪ نس ڇو ڪٽي چڏي ۽ هُن رت چگي طرح ڇو ڪونه وهايو. پر براڪس هڪ هٿ ۾ شراب جو چلڪندڙ پيالو جهلي ٻئي هٿ سان کيس خاموش رهڻ جو اشارو ڪيائين: "هڪ لفظ به نه چئو. لڙائي دلکش هٿي ته پرپور به."

"ٺيڪ آهي سائين، پر اسان جي ته روايت آهي."

"جهنم ۾ وڃي پوي تنهنجي روايت. ها، پر ترس. يهوديءَ کي هيڏانهن سڏ ڪر. کيس ٻي ڪابه سزا نه ڏجاءِ. جڏهن هڪ شخص چگيءَ طرح وڙهي ٿو ته پوءِ هُن لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي. هن کي هيڏانهن وٺي اچ."

"هتي؟ اصل ۾ ڳالهه هيءَ آهي...." باتياتس چوڻ لڳو.

"ها ها، هن کي هتي وٺ اچ. کيس صاف نه ڪيو وڃي. هُن کي انهيءَ حالت ۾ ئي هتي وٺي اچ، جنهن حالت ۾ هُو آهي."

باتياتس حڪم جي تعميل ڪرڻ هليو ويو. براڪس هڪ ماهر جي حيثيت

ھر ان ويڑھ جي خوبين ۽ خامين تي پنھنجي ٽيڪا ٽپڻي ڪري رھيو ھو. ھُن چيو "جيڪڏھن ڪنھن کي ھڪ سؤ جوڙن جي لڙائي ۾ ھڪ به اھڙي لڙائي ڏسڻ لاءِ ملي ٿي تہ ھُو خوش نصيب ھوندو. ھڪ لمحي جي خوشي ھڪ ڪلاڪ جي بيزاريءَ کان بھتر آھي. اِھا ھوندي آھي ويڑھ. ھڪ ٿي سَڪَ ۾ موت. ۽ پوءِ ھڪ ويڑھاڪ ڪيئن نہ خوبصورتي سان مري ٿو!

صورتحال تي ٿورو غور تہ ڪريو. ٽريشين يھودين کي ماپي توري اندازو لڳائي ٿو تہ سندس ھار يقيني آھي....."

"پر پھريون زخم تہ اُن لڳايو ھو." مھمان ڳالھايو.

"اُن ڳالھ جي ڪابہ اھميت ڪانھي. اٹين ٿو لڳي تہ ھو ھِن کان اڳ ڪونہ وڙھيا ھٹا. جيڪڏھن ھو پھرين ڪڏھن وڙھيل ھجن ھا تہ اڄ ھو ڊير تائين ھڪبئي کي پيا تورين ۽ تکين ھا ۽ ڏاڍي تحمل سان وڙھن ھا. پر جڏھن ھو پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا تڏھن يھوديءَ ٽريشين جي ٻانھن ونڊي پاڻ کي الڳ ڪري ورتو. جيڪڏھن اِھا ٻانھن ڪاپيءَ جي بدران ساڄي ٻانھن ھجي ھا تہ ويڑھ اُتيئي ئي ختم ٿي وڃي ھا. پر پوءِ بہ ٽريشين کي اندازو ٿي چڪو ھو تہ ھُو ھارايو ويندو آھي. تڏھن ھُن اوچتو حملو ڪرڻ جو داؤ استعمال ڪيو. ڏھن مان نوَ ويڑھاڪ ٻيھر ڳنڍجي وڃڻ کي ترجيح ڏين ٿا. توھان کي خبر آھي تہ ھيٺ جھڪي حملي کان پاڻ کي بچائڻ جو مطلب ڇا آھي؟ انھيءَ لاءِ ٿي تہ مون يھوديءَ کي ھتي گھرايو آھي تہ جيئن توھان کي ڏيکاري سگھان."

ھوُ ڳالھائي رھيو ھو تہ ايتري ۾ يھوديءَ کي آندو ويو. ھُو ايڏا تائين اگھاڙو ھو. ھُن مان رت ۽ پگھر جي بوءِ اچي رھي ھئي. ھڪ جھنگلي ۽ بدنما انسان جي تصوير بنيو ھوُ سيني جي سامھون ٻيٺو ھو. سندس ڪنڌ جھڪيل ھو ۽ سندس جسم ايڏا تائين ڏڪي رھيو ھو.

"جھُڪي وڃ!" براڪس کيس حڪم ڏنو.

يھودي ڇُريو بہ ڪونہ.

"جھُڪي پئو!" باتياتس چيو.

ھن سکيا ڏيندڙ ھُن کي رومين جي اڳيان جھڪايو ۽ براڪس سندس پٺن ڏانھن ڏسندي فاتحانہ انداز ۾ چيو:

"ھي ڏسو. ڏسو تہ ھن جي ڪَل ائين وڍي پئي آھي جڏھڪ ڪنھن عورت جي ننھن جون رھندون آيون آھن. ھيءَ ئي اُھا جاءِ آھي جتي ٽريشين جو چاقو لڳو، جڏھن ھُن ٽپ ڏيئي اوچتو حملو ڪيو ھو. باتياتس! ھُن کي واپس موڪل ۽ کيس

وڏيڪ چهبڪ نہ هٽاءِ هن کي جيئرو رهڻ ڏي، تنهنجي قسمت جاڳي پوندي. آءٌ پاڻ هن کي عزت بخشيان ٿو. ويڑهاڪ! هي صحت جو پيالو تنهنجي نالي پيان ٿو!" براڪس چيو.

پر يهودي خاموش بينو رهيو ۽ سندس ڪنڌ جهڪيل هو.

[9]

"پٽر بہ روئن ٿا!" ڪاري شيديءَ چيو "۽ جنهن واريءَ تي اسين هلون ٿا، اُها بہ ماتر ڪري ٿي، پر اسين نٿا روئون."

"اُن ڪري جو اسين ويڑهاڪ آهيون." اسپارٽيڪس جواب ڏنو.

"ڇا تنهنجي دل پٽر جي نهيل آهي."

"آءٌ هڪ غلام آهيان. منهنجو خيال آهي تہ يا تہ غلام جي دل پٽر جي نهيل هڻڻ گهرجي يا نہ تہ پوءِ هجڻ ئي نہ ڪجي. تو وٽ تہ ياد ڪرڻ لاءِ حسين يادگيريون آهن پر آءٌ تہ ڪرو آهيان يعني غلام جو پٽ ۽ غلام جو پوٽو ۽ مون وٽ تہ اهڙي ڪابہ يادگيري ڪانهي جنهن کي حسين ياد ڇڻي سگهجي."

"ڇا اهوئي سبب آهي جو توکي هي منظر بہ لوڏي نہ سگهيو؟"

"اهو منظر مون کي ڇا لوڏي سگهندو؟" اسپارٽيڪس لاغرضيءَ سان جواب ڏنو.

"اسپارٽيڪس! آءٌ توکي سمجهي نہ سگهيوآهيان. تون ڳورو آهين ۽ آءٌ ڪارو، اسين مختلف آهيون. منهنجي وطن ۾ جڏهن ڪنهنجي دل بيوسيءَ محروميءَ سان پرجي ويندي آهي تہ هو روئندو آهي. پر توهان ٽريش وارن جا تہ جڻ لڙڪ ئي سُڪي ويا آهن. مون ڏانهن ڏس. توکي ڇا ٿو نظر اچي؟"

"آءٌ هڪ مرد کي روئندو ڏسان پيو." اسپارٽيڪس وراڻيو.

"تہ ڇا اِن جي ڪري آءٌ پاڙيو مڑس پيو لڳان؟ آءٌ ٿو توکي ٻڌايان اسپارٽيڪس! آءٌ توسان ڪوڙ وڙهندس. هُن تي لعنت هجي، ٿُڪ هجي، سدائين لعنت هجي. آءٌ توسان ڪوڙ وڙهندس. اهو توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان. سمجهي؟"

"جيڪڏهن اسين نہ وڙهنداسين تہ ٻئي ماريا ويندا سين." اسپارٽيڪس کيس آهستي سمجهائيندي چيو.

"تہ پوءِ تون مون کي قتل ڪري ڇڏ منهنجا يارَ! آءٌ زندگيءَ مان ڏاڍو تنگ ٿي پيو آهيان. آءٌ زندگيءَ مان بيزار آهيان."

"مان ڪريو." سپاهين ڪمري جي پٽ وڃائي کين حڪم ڏنو. مگر ڪارو

پت ڏانهن مڙيو ۽ پت کي اهڙي ته مُڪ هنيائين جو سجو ڪمرو لڏي ويو ۽ پوءِ هُو هڪدم بيهي رهيو ۽ پنهنجو مُنهن ٻنهي هٿن ۾ لڪائي بينچ تي ويهي رهيو.

اسپارٽيڪس وٽس آيو ۽ سندس متو مٿي کنيائين ۽ سندس نراڙ تان پگهر جا سنهڙا ڏڙا اگهيائين.

"ويڑهاڪَ! ڪنهن ويڑهاڪَ کي دوست نه بناءِ."

"اسپارٽيڪس! انسان چو پيدا ٿيو آهي؟"

"جيئرو رهڻ لاءِ."

"ڇا اهو جواب مڪمل آهي؟"

"ها، مڪمل جواب!"

"آهٖ تنهنجي جواب کي نٽو سمجهان، ٽريشين!"

"چو؟ منهنجا سجهڻ؟" اسپارٽيڪس التجا واري انداز ۾ پڇيو.

"هڪ ٻار به منهنجو جواب سمجهي سگهي ٿو. سادي سودي ڳالهه آهي."

"اِهو جواب منهنجي لاءِ ناهي." ڪاري چيو "۽ منهنجي دل انهن ماڻهن لاءِ روئي ٿي جيڪي مون کي پيار ڪندا هئا."

"ڪيترائي ٻيا به توسان پيار ڪندا."

"وڌيڪ ٻيا نه. ٻيو ڪير به نه." ڪاري ورندي ڏني.

[10]

ايندڙ سالن ۾ ڪائيس کي ڪاپوا جي اُن ڏينهن وارن ٻن جوڙن متعلق چٽي طرح ڪجهه به ياد ڪونه رهيو هو. سندس زندگي جوش ۽ خروش سان پريل هئي. اهو جوش خروش جيڪو خريد ڪري وڪبو هو ۽ جنهن جي قيمت ادا ڪئي ويندي هئي. ٻيو ته اسپارٽيڪس وري به رڳو هڪ ٽريشين جو نالو هو. رومين اڳيان سمورا ٽريشين نالا هڪجهڙا هئا. مثال طور: گانيڪس، اسپارٽيڪس، سينيڪس، فلوريڪس ۽ ليڪس وغيره ڪائيس قصو ٻڌائيندي هي به چئي چڏيندو هو ته يهودي به هڪ ٽريشين هو. چوته آکاڙي جو هُنر عام ٽيندو پئي ويو ۽ آکاڙي جي شوقين اڳيان ٽريشين لفظ جون ٻه معنائون هيون. هڪ طرف انهن سؤ قبيلن مان ڪنهن به هڪ کي ٽريشين چيو ويندو هو جيڪي بلقان سمنڊ جي ڏاکڻن علائقن ۾ آباد هئا. ٻئي طرف روم شهر ۾ آکاڙي جي زبان ۾ ٽريشين اهو هوندو هو جيڪو خمدار چاقوءَ سان وڙهندو هو. تنهن ڪري يهودي به هڪ ٽريشين هو. ڪائيس کي اها به خبر ڪانه هئي ۽ نه ئي هُن اهو جاڻڻ به گهريو ٿي ته اهو يهودي ته جوڊيا جي

جبلن جي وحشي ۽ خردماغ هارين سان گڏ آيو هو، جيڪي پهرين زرعي جنگ جي زماني ۾ غاصبن جي خلاف مسلسل بغاوت ڪري رهيا هئا. ڪائيس کي جوڊيا جي باري ۾ تمام گهٽ ڄاڻ هئي. يهودي به هڪ ٽريشين هو. هُن هڪ جوڙي جي ويڑهه ڏٺي هئي ۽ ٻيو جوڙو وڙهڻ لاءِ اڇڻ وارو ئي هو. ٻيو جوڙو ڏاڍو غير معمولي هو. ڪيس ڪاري شيدي جي قصي جي ته خبر هئي، پر سائس مقابلو ڪندڙ جي باري ۾ هن کي ڪجهه ياد ڪونه هو. ڪيس آکاڙي ۾ داخل ٿيندڙ جوڙي جو منظر ته بهرحال ياد هو. هو ٻئي پنهنجي ڇانوَ واري ڪمري مان نڪري چمڙي ساڙيندڙ اُس ۾ آيا هئا. پکي اڌامي رهيا هئا، خونخوار پکي ۽ هيڊن ٽِڪن وارا پکي جيڪي وحشين وانگر واريءَ تي چُڻندا هئا. واريءَ وانگر مٽن ۾ هيڊا ٽڪا ٿي پيا هئا ۽ جيڏي مهل اهي اڌامندا هئا تڏهن ائين لڳندو هو جڻ واري جا ڪکر اڌامندا هجن. ٻئي ماڻهو مقرر جاءِ تي اچي بيهي رهيا.

هتي ڪين انهن ماڻهن کي سلامي ڏيڻي هئي جن سندن گوشت ۽ رت خريد ڪري ورتو هو. اِهوئي اُهو پل آهي جتي زندگيَ ۽ قيمت ٿي رهجي وڃي ٿي. جتي وقار ۽ شرم زندگاني جي معنيٰ ئي بدلائي ڇڏين تا. اُهائي گهڙي پهچي چڪي هئي، جڏهن مالڪ پاڻ کي انساني رت سان لطف اندوز ڪري ٿو.

ڪائيس کي ياد هو ته آفريقا جي ڏڻي مُڻي قداور ڪاري شيديءَ جي مقابلي ۾ ٽريشين ڪيتريقدر ننڍڙو لڳي رهيو هو. مگر ڪيس براڪس جا لفظ ياد ڪونه هئا. براڪس جا لفظ ننڍڙا ۽ بيوقوفاڻا هئا. اهڙن ماڻهن جا حقير خيال سبب ڪونه هوندا آهن، اُهي رڳو سبب نظر ايندا آهن. ايتريقدر جو اسپارٽيڪس به سبب ڪونه هو پر انهن سيني ڳالهين جو نتيجو هو جيڪي ڪائيس جي نظر ۾ غير معمولي ڪين هيون. ۽ جنهن خيال براڪس کي پنهنجي ڪوري ذهن واري ۽ حقير ياد جي دلجوئي ڪرڻ لاءِ اذيت ۽ موت جا منصوبا بنائڻ تي مجبور ڪيو هو، اُن خيال به ڪائيس کي پريشان ڪونه ڪيو. هي ته هن جي لاءِ مڙيئي وندرائيندڙ ۽ جوش خروش جي ڪا شيءِ هئي.

ويڑهاڪن جي جوڙي سلامي پيش ڪئي. رومي شراب جون چسڪيون پريندا رهيا ۽ مٺائي جو مزو وٺندا رهيا. پوءِ هڪ ماڻهو هٿيار کڻي وٽن آيو. اسپارٽيڪس لاءِ چاقو ۽ ڪاري لاءِ ڍڳهو ۽ ڳرو ٽي شاخو ۽ جاري. ٻنهي ويڑهاڪن کي شرم ۽ پنهنجي بي عزتي جو ڪوبه شعور ڪونه هو. سڄي دنيا کي ان لاءِ غلام بنايو ويو هو ته جيئن رومي هتي ويهي مٺائي کائي سگهن ۽ شراب پي سگهن.

ويڑهاڪن هٿيار سنياليا ۽ تنهن کان پوءِ ڪائيس ڏٺو ته ڪارو شيدي باهوڙجي ويو هو. هُو اُن کي باهوڙجڻ ئي چٽي سگهيو ٿي، نه هُن، نه براڪس ۽ نه

ٿي لوشيس ڪاري شيدي جي وطن جو سفر ڪيو هو. جيڪڏهن هو سندس وطن گهمي ڏسن ها ته ڪين اڳوات ٿي خبر پئجي وڃي ها ته ڪاري ته يقيناً چريائپ جو جنون سوار ٿي ويو آهي. هن نه ته دريا جي ڪناري ته ٻيل سندس گهر ڏئو هو ۽ نه ٿي آهي بار ڏنا هٿا جن کي سندس زال ڇٽيو هو ۽ نه ٿي آهي زمينون ڏيون هيون جن ۾ هُو کيتي باڙي ڪندو هو ۽ سرسبز ۽ سهٽا فصل اپائيندو هو.

مقصد ته هن ڪاري شيديءَ کي رڳو چريو ٿيندي ڏٺو. هن ڏٺو ته هُن جاري هڪ پاسي اڇلي ڇڏي ۽ هڪڙي خوشيءَ واري چريائپ جهڙي اهڙي ته وڏي رڙ ولي ڪيائين جو جڻ اپ ٿي ڦريو ۽ پاڻ ولي ويٺل تماشبينن ڏانهن ڏسڻ لڳو. هڪڙو سڪيا ڏينڊڙ اڇيان ڦري آيس پر پوءِ اهو سڪيا ڏينڊڙ ڪُنديءِ ۾ قاتل مڇيءَ وانگر ڦٽڪندو بازوليون ڪائيندو پري وڃي ڪريو ۽ ڪنجهڻ لڳو. ڪاري پنهنجي ٿـ ـ شاخي نيزي ۾ وجهي ٽيرائي ڪڍي هنيس. هاڻي هن ديوَ جهڙي ڪاري شيدي جي اڇيان ڇهه فوٽو اوچو جهنگلو هو، پر هُن اُن کي اهڙي طرح ڪديءِ اڇلي ڇڏيو جڻ ته اُهو ڪو ڪاغذ جو ٻيل هو. هُو مڪمل طرح وحشت جو نمونو بنجي چڪو هو. هُو گوليءَ جهڙي قوت ۽ تيزي سان ويٺل رومين ڏانهن وڌي رهيو هو.

مگر تيستائين آڪاڙي جي هر طرف کان سپاهي ڊوڙندا پٽي آيا. هڪڙي سپاهيءَ واريءَ تي ٽنگون ڇديون ڪري، پاڻ کي ٻيڙو ڪري تير هوا ۾ اڇليو. رُڪ جي آڻيءَ وارو ڪائيءَ جو تير، جنهن کي دنيا جي ڪابه طاقت روڪي نٿي سگهي ۽ جنهن ڪيترن ئي قومن جو صفايو ڪري ڇڏيو هو. پر اُهو تير به ڪاري جو صفايو ڪري نه سگهيو. تير هن جي پٺ ۾ لڳو هو ۽ سيني مان پار نڪري ويو هو. پر ڪارو پوءِ به ڪونه ٻيٺو. هُو ڪائيءَ جي هيبتناڪ ٽٽيي جهڙي آربار لنگهيل تيرَ کي جسم تي لڙڪائي رومين طرف وڌندو رهيو. هڪ ٻيو تير سندس پاسي کان اچي لڳس ۽ پار اُڪري ويس. پر پوءِ به هُو اڇيان وڌندو رهيو. ٽيو تير ڪيس پٺن ۾ لڳو ۽ چوٽون تير جيڪو ڪيس جڏهن ڪنڌ ۾ ٽنبجي ويو تڏهن هُو وڃي ڪريو. پر تڏهن به هُن هوا ۾ ٽپ ڏنو ۽ سندس ٿـ ـ شاخو ويٺلن اڇيان ٻيل حفاظتي شيخن سان وڃي لڳو، جتي رومي ڊپ کان ڏڪي رهيا هٿا ۽ هتي هُو ڪري پيو ۽ رت سندس بدن مان ٻيندبيون ڪري وهڻ لڳو ۽ هو اتيئي مري ويو.

پر ا و خيال رهي ته اِن سموري واقعي دوران اسپارٽيڪس کابه چرپر ڪانه ڪئي. پر جيڪڏهن هُو رڳو چُري ها ته مري وڃي ها. هُن پنهنجو چاقو واريءَ ۾ کوڙي ڇڏيو ۽ بنا حرڪت ٻيٺو رهيو.

زندگي زندگيءَ جو جواب هوندي آهي.

باب چوٿون

۽ هاڻي سلاريا محل ۾ رات گذارڻ ۽ مهمان نوازي جو لطف وٺڻ لاءِ روم جي وڏگهرائي جا ڪي مرد ۽ عورتون آيا آهن تہ انهن جي محفل ۾ اسپارٽيڪس ۽ سندس اڳواڻيءَ ۾ جنم وٺندڙ عظيم بغاوت جو ذڪر اچڻ لازمي هو. اهي سيئي ايپين شاهراهہ وسيلي آيا هئا. باقي ٻيا سڀ ماڻهو تہ روم کان پڻي آيا پر سائيسيرو اڪيلو رڳو سسليءَ کان روم ويندي هتي ترسيو هو. سسليءَ ۾ هُو حڪومت جو اعليٰ عهديدار هو. سموري رستي تي سزا کاڌل لاش ٽنگيا پيا هئا. لاش هڪ اهڙي علامت هئا جيڪي سڄي دنيا کي ٻڌائي رهيا هئا تہ روم جو قانون بي رحم آهي ۽ انصاف تي ٻڌل آهي.

ڪيڏو بہ بي حس ماڻهو چو نہ هجي پر اُن شاهراهہ تي سفر ڪندي غلامن ۽ آزاد انسانن جي وچ ۾ لڳل خوفناڪ جنگين جي باري ۾ سوچڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندو. انهن جنگين نہ صرف اتلي جي سلطنت کي پر سموريءَ روءِ زمين کي لوڏي ڇڏيو هو جنهن تي ريپبلڪ جي حڪمراني هئي. سلاريا محل جي باغن ۾ اهڙو ڪوبہ غلام ڪونہ هو، جيڪو صليبن تي ٽنگيل پنهنجي نسل جي بي شمار ماڻهن جي تصور کان بي چين نہ ٿيو هجي. ڇهن هزار ماڻهن جي الم ناڪ موت ڏاڍي ڳڻپير فضا قائم ڪري ڇڏي هئي. ڇهہ هزار انسان، آهستي آهستي بي رحمانہ انداز ۾ قتل ٿيا. موت جو هي غم سڄي ملڪ ۾ هڪدم ڄاڻجي ويو. جنهن جي توقع بہ هئي. هيءَ ڳالهہ بہ متوقع هئي تہ سائيسيرو جهڙو سمجهُو نوجوان بہ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي.

سائيسيرو لاءِ هيءَ ڳالهہ بہ اهميت ٿي رکي تہ انتونيس ڪائيس جهڙو ماڻهو بہ ڪيس عزت ۽ آبرو بخشي.

سائيسيرو کي هوشياريءَ ۽ خاموشيءَ سان ڪاميابيءَ تائين پهچڻ ۾ دلچسپي هئي. پر جيڪڏهن ڪڏهن سندن اندازا ۽ منصوبا غلط ٿي ثابت ٿيا ۽ نقصان ٿي پهتو تڏهن بہ اُها سندس لاءِ ڪا غير معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي.

پر اڄا تائين تہ سندس منصوبا غلط ثابت ڪونہ ٿيا هئا. هُو هڪ حيرت

انگيز نوجوان هو. هُن ارڙهن سالن جي عمر ۾ قانون سکيو هو. هُن پنهنجي عمر جي ٽئين ڏهاڪي ۾ بنا ڪنهن نقصان جي پنهنجي وقار لاءِ هڪ وڏو معرڪو لڙيو هو ۽ ٽيهن سالن جي عمر ۾ هُو حڪومت جي هڪ اهم عهدي تي مامور ٿيو. فلسفي ۽ اُمورِ سلطنت جي باري ۾ سندس مضمون ۽ ليڪچر خصوصيت ۽ پذيرائي سان پڙهيا ۽ ٻڌا ويندا هئا ۽ انهن ۾ هُو جيڪي باريڪ ڳالهيون ٻين جون چورائيندو هو گهٽو ڪري ماڻهو انهن کي سمجهي ئي ڪونہ سگهندا هئا تہ ڪي اُهي چورايل آهن. هُو بنهہ صحيح ماڻهن جو انتخاب ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ رومہ جا ماڻهو ڪن بااثر رابطن جي ڳولا ۾ هوندا هئا ۽ سائيسيرو جو جيئڻ جو نظريو بہ اهڙن ئي ماڻهن سان تعلقات وڌائڻ هو.

گهٽو وقت اڳي سائيسيرو انصاف ۽ اخلاقيات ۾ موجود فرق کي ڳولي ڪڍيو هو. انصاف، طاقتور ۽ زوراور ماڻهن جو هٿيار هوندو آهي ۽ تڏهن استعمال ٿيندو آهي جڏهن طاقتورن کي اُن جي ضرورت پوندي آهي. غلامي، انصاف جو نظام هو ۽ سائيسيرو جي چوڻ مطابق صرف احمق ماڻهو ئي اِن نظام کي اخلاقي هجڻ يا نہ هجڻ جي باري ۾ دليل بازي ڪندا هئا. رستي تان هلندي هُن اڻ ڳڻين ٽياسن جي وحشت کي محسوس تہ ڪيو هو پر پاڻ کي انهن کان متاثر ٿيڻ نہ ڏنائين. هُو انهن ڏينهن ۾ غلاميءَ جي انهن جنگين جي سلسلي جي باري ۾ هڪ مختصر تاريخ لکڻ لڳو هو، جن دنيا کي ڏوٽي ڇڏيو هو. ڪيس ايپين سڙڪ تي ٽنگيل ٽياسن تي غلامن جي لاشن جي علامتن سان گهري دلچسپي هئي. هُن ڪنهن بہ جذباتي ڪيفيت کي پاڻ تي قابو پائڻ بنا ئي مختلف نسلن يعني گال، آفريقي، ٽريشين، يهودي، جرمن ۽ يوناني نسلن جو مطالعو ڪيو، جن کي ٽياسن تي ٽنگيو ويو هو. ان سموري عمل دوران نہ تہ سندس طبيعت خراب ٿي هئي، ۽ نہ ئي ڪيس ترس آيو هو، مگر ڪيس هي خيال آيو تہ سندس دؤر ۾ جيڪو شخص غلامن جي بغاوت جي هِن اظهار جو ماڻ منيءَ سان مطالعو ڪري نتيجا ڪڍي سگهي، اهو شخص عظيم طاقت جو مالڪ هوندو. سائيسيرو جي دل ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڪابہ عزت ڪانہ هئي جيڪي پنهنجي نفرت جي غرضن جي موضوعي ضرورتن کي بہ سمجهڻ کانسواءِ رڳو نفرت ڪندا هئا.

هي هُيون سائيسيرو جون خاصيتون، جيڪي ڪن ماڻهن کي ڏسڻ ۾ ايندڙ هُيون تہ ڪن کي ڪونہ ايندڙ هُيون.

اُن شام، جڏهن ڪلاڊيا ولا سلاريا پهتي هئي، تڏهن هُن انهن خاصيتن کي ڪونہ پرکيو هو. ڪلاڊيا جي سمجهہ ۾ اِهي ڏکيون ڳالهيون ڪونہ ٿي آيون. اُن جي برعڪس هيلينا انهن خاصيتن کي تاڙي ورتو هو ۽ انهن جي تعريف ۽ تصديق ڪئي.

"آءُ تنهنجي آهيان" سندس اکين ڳالهائي وڌو. ۽ جڏهن سندس ياءُ هنڌ تي ليٽيو عظيم جنرل جو انتظار ڪري رهيو هو، تڏهن هوءَ سائيسيرو جي ڪمري ڏانهن هلي ويئي. ڪيس اُن ڳالهه جو احساس هو ته هوءَ پاڻ کي حقير بنائي هڪ خاص عمل سان سڪون حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. پر هوءَ پاڻ کي ڀلا اُن شخص جي پيٽ ۾ گهٽ ڇو سمجهي، جيڪو وچولي طبقي جي ليٽرن مان هڪ هو؟ سندس تصور ۾ نه هو ته هوءَ اهڙي حرڪت ڪندي جنهن کان خود ڪيس به نفرت هجي.

بهرحال هوءَ سائيسيرو جي پسند جي عورت هئي. سندس ڊگهو قد، سدا ملوڪ آرڪاٽا ۽ ڪاريون ڪجليون اکيون ڏاڍيون وٽندڙ هيون. هوءَ وڏگهراڻي جي چوڪري هئي. هِن طبقي سان پنهنجا تعلقات وڌائڻ لاءِ ته هُن جهڙا ماڻهو نسلن کان وٺي ڪوششون ڪندا پئي آيا آهن. پر هي طبقو هميشه هُنن لاءِ پهچ کان پري رهيو آهي. سائيسيرو کي هڪڙي قسم جو اطمينان محسوس ٿيو. ته هُو اهڙي صلاحيت جو مالڪ آهي جو هڪڙي عورت کانئس متاثر ٿي سندس ڪمري ۾ هلي آئي آهي.

اُن زماني ۾ روم ۾ اِها ڳالهه غير معمولي تصور ڪئي ويندي هئي ته ڪو ماڻهو رات جو ويهي لکي. اُن سماج جي حيرت انگيز غير برابري واري ترقي به هٿرادي روشني پيدا ڪرڻ جي ميدان ۾ ڪابه ترقي ڪري نه سگهي هئي. روم جون ٻيل بتيون بنهه جهڪيون هونديون هُيون ۽ انهن جي جهڪي هيدي روشنيءَ ۾ شيون لڏنديون پيون محسوس ٿينديون هُيون. اکين تي تمام گهٽو بار ٿي پيو. تنهن ڪري رات جو لکڻ ويهڻ، خاص ڪري ماني کائي شراب پي پوءِ ويهي لکڻ واقعي هڪڙو ساراهه جوڳو، حيرت پريل ۽ هڪڙو انوکو عمل هو. جڏهن هيلينا سندس ڪمري ۾ داخل ٿي ته هي خوبصورت نوجوان پنهنجي هنڌ تي پاٽولي هٽيو ويٺو هو ۽ سندس هنج ۾ ۽ آسپاس ڊگ ڪاغذن جا پيا ٻڌا جن جي هوُ چنڊچاڙ ۽ ڪٽ ڪُوٽ ڪري رهيو هو ۽ لکيَ رهيو هو. جيڪڏهن هيلينا نسبتاً ٿورو وڏي عمر جي هجي ها ته ڪَر سمجهي وڃي ها ته هي سڀ ڪجهه رڳو ڏيکاءُ خاطر ڪري رهيو هو، پر جيئن ته هوءَ صرف ٽيويهن سالن جي هئي، تنهن ڪري هوءَ کانئس ڏاڍي متاثر ٿي. جنگ توڙي امن جي حالت واري اڳواڻ جي پراڻي چوٽي ايڏا ناڻين ماڻهن ۾ ڏاڍي مقبول هئي ۽ ڪيترن ئي رومي رهنمائن جي باري ۾ مشهور هو ته هو رات جو رڳو ڪي به ٿي ڪلاڪ سمهن ٿا ۽ باقي سمورو وقت قوم جي نڊر ڪريو ٿا ڇڏين. اُهي ماڻهو مقدس هٿا ۽ هيلينا کي ڏاڍي ڳالهه وٺي ته سائيسيرو جهڙو مقدس شخص ڏانهس خاص توجهه سان ڏسي رهيو هو.

سائيسيرو کيس هنڌ جي پيراندي‌ءَ کان ويهڻ جو اشارو ڪيو. هيلينا کي مجبوراً پيراندي‌ءَ وٽ ويهڻو پيو ڇاڪاڻ ته ڪمري ۾ انهيءَ کان وڌيڪ آرام واري

بي کابہ جاءِ کانہ هئي. هُو لکندو ٿي رهيو ۽ هيلينا هنڌ تي ويهي رهي ۽ جڏهن اٿين ويهندي ويهندي پنڌرهن منٽ گذري ويا تڏهن هن پڇيو:

- "توهان چا پيا لکو؟"

هن کنڌ مٿي کڻي کيس ڏٺو. هُن چاهيو ٿي تہ هيلينا کيس چگيءَ طرح سمجهي وڃي ۽ سندس قدر ڪري. هن هيلينا کان پڇيو.

"اهو توهان چو پيون پڇو؟"

"اُن ڪري جو آءٌ معلوم ڪرڻ چاهيان ٿي."

"آءٌ غلامن جي جنگين جي باري ۾ لکي رهيو آهيان." هن حجاب مان چيو.

"توهان جو مطلب آهي تہ توهان انهن جنگين جي تاريخ پيا لکو."

هي اُهو زمانو هو جڏهن مٿئين طبقي جي بيڪار ۽ واندي قسم جي ماڻهن ۾ تاريخي ڪتابن لکڻ جو فيشن شروع ٿي ويو هو ۽ ڪيترائي نوجوان ريپبلڪ جي پهرين تاريخ لکڻ ۾ مشغول هئا تہ جيئن انهن جي وڏڪهراڻي ابي ڏاڏي ۽ انهن جي عظيم ڪارنامن جا واقعا بنهہ ٺيڪ ٺيڪ لکي سگهن.

"تاريخ تہ ڪونہ پيو لکان." سائيسيرو چوڪريءَ کي ٽِڪ ٻڌي ڏسندي سنجيدگيءَ سان چيو. جٽڪ هو هيلينا کي پنهنجي شرافت ۽ ايمانداريءَ جو قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ پنهنجي گرميءَ کي ظاهر نہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

"تاريخ تہ واقعن تي مشتمل هوندي آهي. آءٌ تہ هن موجودات ۽ تسلسل ۾ دلچسپي رکان ٿو. جڏهن ڪير ايپين شاهراهہ تي ٽنگيل ٽياسن ۽ سزا جي نشانين کي ڏسي ٿو تڏهن کيس صرف چهہ هزار ماڻهن جا لاش ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هُو اهو نتيجو ڪيندو تہ اسين رومي حاسد ۽ ڪينو رکندڙ ماڻهو هوندا آهيون. هُن سان رڳو اِها ڳالهہ ڪرڻ ڪافي ڪانہ ٿيندي تہ اسين عدل ۽ انصاف پسند ماڻهو آهيون پر انصاف جي وضاحت بہ ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي ڪردار کي بہ واضح ڪرڻو پوندو. اسان کي اهو چگي طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ چهن هزار ماڻهن کي اهڙي سزا ڏيڻ چو ضروري ٿي پيئي آهي؟"

"ماڻهو ٿا چون تہ جيڪڏهن انهن سمورن غلامن کي هڪ ٿي وقت مارڪيٽ ۾ موڪلي وڪڻجي ها تہ غلامن جو واپار ڪندڙ ڪجهہ واپاري تہ بنهہ تباهہ ٿي وڃن ها." هيلينا چيو.

"انهيءَ ڳالهہ ۾ تمام ٿورڙي سچائيءَ آهي، باقي سمورو سچ ڪونهي." سائيسيرو جواب ڏنو. "آءٌ سطحي ڳالهين کان بنهہ اڳيان ڏسڻ چاهيان ٿو. آءٌ غلامن

جي بغاوت جي معنيٰ ڏسڻ چاهيان ٿو. وهم رومي ماڻهن ۾ وبا وانگر پاڙ هٽي ويو آهي. آءٌ پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ نٿو چاهيان. اسين هِن ۽ هُن جنگ جون ڳالهيون ڪريون ٿا، عظيم جنرلن ۽ وڏي فوجي مهارت جا قصا بيان ڪندا آهيون، پر اسان مان ڪوبہ اسان جي سامهون ٿيندڙ هِن جنگ جي باري ۾ آهستگيءَ سان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو چوي، جيڪا ٻين سمورين جنگين کان وزنائتي آهي. هيءَ مسلسل جنگ، غلامن جي جنگ آهي، غلامن جي بغاوت آهي. ايتريقدر جو انهيءَ جنگ ۾ ملوث جرنيل بہ اُن باري ۾ چٽيءَ طرح ڪجهہ بہ ڪونہ ٿا ڳالهائين. غلامن سان جنگ وڙهڻ ۾ ڪوبہ شان ڪونهي، نہ ئي غلامن کي فتح ڪرڻ کي تعريفي ڪارنامو آهي جنهن تي فخر ڪري سگهجي."

"پر پڪ سان هي تہ ايتريقدر اهميت وارو معاملو ڪونهي."

"هاڻ؟ چڱو، هن طرف ايندي ايپين شاهراهہ تي ٽنگيل ٽياس توهان جي لاءِ اهميت وارا هئا؟"

"اُهي تمام ڪراهت جهڙا هئا. مون کي اهڙيون شيون ڏسي خوشي ڪانہ ٿيندي آهي. منهنجي ساهيڙي ڪلاڊيا اهڙين شين کي شوق سان ڏسندي آهي."

"ٻين لفظن ۾ ڪجهہ تہ اهميت ٿي نہ؟"

"پر اسپارٽيڪس ۽ سندس لڙائيءَ جي باري ۾ هر ماڻهوءَ کي خبر آهي."

"سچي پچي؟ مون کي تہ يقين ڪانهي. مون کي تہ هيءَ بہ يقين ڪانهي تہ خود ڪراسس بہ هن جي باري ۾ ڪا گهٽي جاڻ رکندو هجي. جيستائين اسان ماڻهن جو تعلق آهي تہ اسپارٽيڪس اسان جي لاءِ هڪ معمو آهي. سرڪاري رڪارڊ موجب هُو هڪ قاتل ٽريشين ۽ ڦورو هو. ڪراسس جي چوڻ مطابق هُو نوبيا جي ڪاٿين جو هڪ پيدائشي غلام هو. اسين ڪنهن تي اعتبار ڪريون؟ ڪاپوا ۾ سڪيا گهر هلائيندڙ سوئر باتياتس مري چڪو آهي. هڪ يوناني غلامَ، جيڪو سندس حساب ڪتاب رکڻ وارو منشي هو، سندس گلو ڪاٽي ڇڏيو. اهڙي طرح اسپارٽيڪس کي سجاڻ وارا سڀ ماڻهو يا تہ هليا ويا يا وري مري ڪپي ويا آهن. تہ پوءِ اُن جي باري ۾ ڪير لکندو؟ مون جهڙا ماڻهو؟"

"اوهان جهڙا ماڻهو ئي لکي سگهن ٿا." هيلينا چيو.

"توهان جي مهرباني. پر آءٌ تہ اسپارٽيڪس جي باري ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ جاڻان. آءٌ تہ رڳو هُن کان نفرت ڪندو آهيان."

"منهنجو پاءُ بہ هُن کان نفرت ڪري ٿو. مگر چو؟"

"چا توهان هُن کان نفرت نٿيون ڪريو؟"

"مون ان باري ۾ ڪڏهن خاص طرح سوچيو ئي ڪونهي. هُو ته رڳو هڪ غلام هو." هيلينا چيو.

"ڇا واقعي هُو رڳو هڪ غلام هو؟ ته پوءِ هڪ غلام ڪيئن ٿو اسپارٽيڪس ٿئي؟ اهوئي اُهو معمو آهي جيڪو مون کي حل ڪرڻو آهي. مون کي اهوئي معلوم ڪرڻو آهي ته هي معاملو ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ٿيو؟ منهنجو خيال آهي ته آءٌ توکي بيزار ڪري رهيو آهيان."

ماٿهن کي سائيسيرو ۾ خلوص جي هڪڙي جهلڪ نظر ايندي هئي. اهوئي سبب هو جو ايندڙ سالن ۾ ماٿهن سندس بچاءُ ڪيو هو جڏهن مٽس الزام بهتان لڳڻ لڳا هئا. "مهرباني ڪري پنهنجي ڳالهه جاري رکو." هيلينا چيو. روم ۾ هوءَ سائيسيرو جي عمر وارن نوجوانن کي سڃاڻندي هئي، هو عطر جي باري ۾ ڳالهائيندا هئا، يا ان ويڙهاڪ جي باري ۾، جنهن تي هو شرط ٻڌندا هئا، پنهنجي گهوڙيءَ جي باري ۾ ۽ يا نه ته پوءِ پنهنجي محبوبا جي باري ۾، يا پنهنجي سُريت جي باري ۾ ڳالهائيندا هئا.

"مهرباني ڪري پنهنجي ڳالهه جاري رکو." هُن چيو.

"آءٌ زباني ڳالهين تي اعتبار نٿو ڪريان." سائيسيرو چيو. "آءٌ شيون لکي رکڻ چاهيان ٿو. منهنجو خيال آهي ته توهان وانگر ٻيا به ڪيترا ماڻهو آهن جن جي خيال ۾ غلامن جي بغاوت جي ڪابه اهميت ڪانهي. پر توهان غور ته ڪريو ته اسان جي سموري زندگي غلامن سان وابسته ٿيل آهي ۽ غلامن جي بغاوت اسان جي سموري سوچن کان وڌيڪ جنگ گهُري ٿي ڇا توهان اُن جو اندازو ڪري سگهو ٿيون؟"

هُن ڪنڌ لوڏيو.

"آءٌ ثابت ڪري سگهان ٿو. هِن بغاوت کي شروع ٿئي هڪ سؤ ويهه سال ٿي چڪا آهن. اُن وقت اسان جي ڪيٽريج جي غلامن بغاوت ڪئي هئي. پوءِ اسپين جي ڪاٿيون کوٽيندڙن جي زبردست طاقتور بغاوت ٿي هئي. ان کان ڪجهه سال پوءِ سسلي جي غلامن بغاوت ڪئي هئي جنهن ريپبلڪ جون پاڙون لوڏي ڇڏيون هُيون. پوءِ وري ويهن سالن کان پوءِ "غلامن جي جنگ" ٿي هئي جنهن جي اڳواڻي هڪ غلام سالوٿيس ڪئي هئي. هي ته رڳو اٺ وڏيون وڏيون جنگيون هُيون. پر انهن سيني بغاوتن جي وچو وچ هزارن جي تعداد ۾ ننڍيون ننڍيون بغاوتون ٿيون هُيون. پر اِهي سموريون جنگيون حقيقت ۾ هڪ ئي جنگ آهي، هڪ مسلسل جنگ ۽ هڪ نه ختم ٿيندڙ جنگ، جيڪا اسان جي ۽ اسان جي غلامن جي وچ ۾ وڙهي پئي وڃي. هڪ خاموش ۽ شرمناڪ جنگ، جنهن جي باري ۾ ڪوبه زبان نٿو کولي ۽ نه

وري کي تاريخدان اُن کي تاريخ جي ورقن ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. اسان کي اُها شيءِ لکندي يا اُن ني نظر ڊوڙائيندي ڊپ ٿو ٿئي. چاڪاڻ ته روءِ زمين تي هيءَ هڪ نئين شيءِ آهي. قومن جي وچ ۾، شهرن ۽ پارٽين جي وچ ۾، ايتريقدر جو پاڻرن جي وچ ۾ به جنگيون ٿين ٿيون. مگر اسان جي اندر، اسان جي نڙيءَ جي اندر لهندڙ هي هڪڙو نئون عرق آهي. هيءَ جنگ سمورين پارٽين، سمورين قومن ۽ سمورن شهرن جي خلاف هڪڙي جنگ آهي."

"توهان مون کي ڊيجاري رهيا اهيو." هيلينا چيو "چا توهان کي اندازو آهي ته توهان کهڙي قسم جي تصور کشي کري رهيا آهيو؟"

سائيسيرو کنڊ لوڏيو ۽ تجسس سان ڏانهس نهاريڻ لڳو. هوءَ ايتري قدر متاثر هي چڪي هئي جو هُن جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ ڏکي چڏيائين. هُو هڪ اهڙو نوجوان هو، جيکو عمر ۾ کائنس کو گهٽو وڏو کونه هو ۽ جنهن کي قوم جي مقدر ۽ مستقبل جي معاملن جو ايترو گهٽو فکر هو. کيس نندپڻ ۾ ٻڌل کهائيون ياد اچي ويون. سائيسيرو پنهنجا کاڌ کڻي هڪ طرف رکيا ۽ پنهنجي هٿ کي آهستي آهستي دٻائڻ لڳو. پوءِ هُو هُن تي جهُکيو ۽ سندس چپن تي چپ رکي هڪ ڊگهي چمي ورتائين. شوخيءَ سان. پوءِ کيس سزا جون نشانيون ياد آيون، سڙيل ڳريل، کانگن ۽ سرٽين جو ٽونگيل، سج جي گرميءَ ۾ سڙي کباب ٿيل گوشت، جيکو ايپين شاهراهه تي ٽياسن تي ٽنگيل هو. هائي هي منظر ايترو خوفناڪ کونه رهيو هو، چو ته سائيسيرو اُن منظر کي معقول بنائي چڏيو هو. مگر هوءَ سجي ڄمار هُن جي بنايل معقوليت جي جوهر کي نٽي وساري سگهي.

"اسان واحد قوم آهيون جنهن ۾ محبت ۽ انصاف جي ايتري گهٽي گنجائش موجود آهي." سائيسيرو سوچيو. هُن هيلينا سان زنا کندي محسوس کيو ته گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي عورت ته اهڙي به آهي، جنهن کيس خوب سمجهيو آهي. هُن پاڻ کي مغلوب کونه سمجهيو پر ان جي ابترڙ هُن پاڻ کي بنهه سگهارو ۽ طاقت جي وسعت جو مالڪ سمجهيو.... ۽ اِهائي طاقت جي اُها وسعت هئي جيکا سندس تحرير جي ڪري کيس ملي هئي. ٿورڙي لِکلَ پڇا ڳاڇا ۾ ئي هُن پنهنجي قوت کي اُن قوت ۾ گڏيل پاتو، جنهن اسپارٽيڪس کي ختم ڪري چڏيو هو ۽ جيکا اسپارٽيڪس کي بار بار ختم ڪري چڏيندي. هُن ڏانهن ڏسندي هيلينا کي اوچتو احساس ٿيو ته سائيسيرو جو چهرو نفرت ۽ ڪروڌ سان پريو پيو هو. هُن هميشه وانگر خوف ۽ پنهنجو پاڻ کان نفرت وارن جذبات سان پاڻ کي سائيسيرو جي حوالي ڪري چڏيو.

[2]

بي انتها ٽڪاوٽ ۽ جذباتي دٻاءُ جي ڪيفيت ۾ هيلينا سمهي رهي. هن کي عام طرح ڪنهن مرد سان زنا ڪرڻ وارن خوابن ڏسڻ کان پوءِ سڃاڻي ٿي پوندي هئي. اُن خواب ۾ حقيقت ۽ غير حقيقي ڳالهيون اهڙي طرح پاڻ ۾ ملين پيون هُيون جو کين جدا ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو. خواب ۾ ڪيس روم جي گهٽين ۾ اهو وقت نظر آيو جڏهن سندس پاءُ ڪائيس کيس باتياتس ڏيکاريو هو. اُن ڳالهه کي صرف ست مهينا گذريا هٿا، جنهن کان پوءِ چند ئي ڏينهن کان پوءِ باتياتس کي سندس يوناني منشيءَ کُهي ڇڏيو هو.

مشهور هيءَ ڳالهه ٿي هئي ته اِهو قتل هڪ عورت جي ڪري ٿيو هو، جنهن کي يوناني منشيءَ باتياتس جا پٽسا چوري ڪري خريد ڪيو هو. باتياتس اسپارٽيڪس سان تعلق رکڻ جي ڪري مشهور ٿي ويو هو. هِن پيري هُو روم ۾ اُن ڪري آيو هو جو پنهنجي ڪنهن مسواڙيءَ طرفان عدالت ۾ سندس خلاف ڪيس جي صفائي پيش ڪرڻي هئي. اُها جاءِ ڪري پيئي هئي، جنهن جا ڇهه مسواڙي مري ويا هٿا ۽ سندن زنده بچي ويندڙ مائٽن هُن تي ڪيس ڪيو هو.

ڪيس باتياتس ڇڳي طرح ياد اچي رهيو هو. تمام گهٽو عياش بڙ بڙ ڪندو، ٽڪندو، فقيرن جا سندس اڳيان ٽنگيل هٽ پري ڪندو باتياتس وڃي رهيو هو. انهيءَ ڏينهن هيلينا ۽ ڪائيس عدالت ۾ ويا هٿا ۽ اتفاقي طور ان جاءِ تي وڃي نڪتا جتي باتياتس پنهنجو بچاءُ ڪري رهيو هو.

خواب ۾ سمورو قصو ائين پٺي نظر آيو جڏ روبرو ٽيندو هجي. عدالت جو ڪمرو تماشائين، بيڪارن، عورتن، انهن جو پيڇو ڪندڙ آواره نوجوانن، باهر کان اچڻ وارن ماڻهن ۽ رومي انصاف کي ڏسڻ وارن شوقينن سان پريو پيو هو، حالانڪ اُن عدالت مان انصاف ملڻ جي ٽڪي جي به توقع ڪانه هئي. باتياتس کان سوال پڇي ڪيا ويا ۽ هُو انهن سوالن جا جواب مينهن وانگر رنيندي ڏيئي رهيو هو.

پر پوءِ، جيئن خوابن ۾ ٽيندو آهي، هن بنا ڪنهن سبب جي پاڻ کي باتياتس جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ڏٺو. ڪيس يوناني منشيءَ ڪليل چاقوءَ سان نظر آيو. چهنب وٺان مڙيل چاقو، آکاڙي ۾ ٽريشين جي چاقوءَ جهڙو هو. ڪمري جو فرش به آکاڙي جهڙو هو. هُو ٽريشين وانگر ماهر ويڙهاڪ جيان واريءَ کي لتاڙيندو پٺي آيو. باتياتس هٿ تي وينو خوف وچان ڪيس ڏسي رهيو هو. پوءِ يونانيءَ جي پاسي ۾ هڪ ديوَ جهڙو پاڇو ظاهر ٿيو. اُهو شخص مڪمل طرح هٿياربند هو. جلد ئي هيلينا اُن شخص کي سڃاڻي ورتو. هُو اسپارٽيڪس هو. هُن يونانيءَ جو هٿ مضبوطيءَ

سان جهلي ورتو ۽ چاقو واريءَ تي ڪري پيو. پوءِ خوبصورت ۽ ديوَ جهڙي اسپارٽيڪس هيلينا ڏانهن ڪنڌ ڏوڪي اشارو ڪيو ۽ هيلينا زمين تان چاقو کڻي ورتو ۽ باتياتس کي ڪُهي ڇڏيو. يوناني ۽ باتياتس وري گم ٿي ويا ۽ هوءَ ويڙهاڪ وٽ اڪيلي رهجي ويئي. پر جڏهن هُن اسپارٽيڪس لاءِ پنهنجون ٻانهون پکيڙيون تڏهن هُن سندس مُنهن تي ٽڪ ڪيڊي هنئي هئي ۽ واپس مڙي هليو ويو. پوءِ هوءَ منٽون زاريون ڪندي، دانهون ۽ فرياد ڪندي هُن ڏانهن ڊوڙي ويئي، پر هُو غائب ٿي چڪو هو ۽ هيلينا واريءَ جي بي انت پولار ۾ اڪيلي رهجي ويئي.

[3]

باتياتس واقعي ڪتي جو موت مئو هو. ڪيس خود سندس غلام قتل ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن هُو براڪس لاءِ وڙهندڙ ويڙهاڪن کي نامڪمل ويڙهه بند قتل ڪري ڇڏي ها تہ هُو پنهنجي موت ۽ ٻين نقصانن کان بچي وڃي ها. جيڪڏهن هو ڪين قتل ڪري ڇڏي ها تہ اهو عمل سندس قانوني حق هو. ڇو تہ فساد پکيڙڻ واري ويڙهاڪ کي ماري ڇڏڻ جائز هو. پر هيءَ ڳالهہ بحث جوڳي آهي تہ ڇا جيڪڏهن اسپارٽيڪس مري وڃي ها تہ تاريخ تبديل ٿي وڃي ها؟ ڇا جن قوتن ڪيس مشتعل ڪيو هو سي ڪنهن ٻئي پاسي ڏانهن هليون وڃن ها؟ روم جي ڪنواري ڇوڪري هيلينا تہ پنهنجي گناهگار ننڊ جي آغوش ۾ اهو خواب ڏسڻ کان پوءِ اسپارٽيڪس ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانہ ورتي. پر جيڪو غلام تلوار کڻي ٿو، اُن جا پنهنجا خواب هوندا آهن، جن ۾ رت ۾ رنگيل يادن، آسن ۽ اميدن کانسواءِ ڪجهہ ڪونہ هوندو آهي ۽ اهڙا خواب تلوارباز ويڙهاڪن جا پنهنجا خواب هوندا هئا. اِهو آهي انهن ماڻهن کي جواب، جيڪي اِهو نٿا سمجهي سگهن تہ اسپارٽيڪس جو منصوبو ڪيئن پورو ٿي ٿيو. اِهو منصوبو هڪ شخص نہ، پر ڪيترن ئي ماڻهن گڏجي ٺاهيو هو.

جڏهن هُو ستو پيو هو تڏهن جرمن ڇوڪري يعني سندس زال ورينيا وٽس ويئي هئي، جنهن کي ننڊ ۾ سندس وِلَلَ ۽ رڙين سمهڻ ئي ڪونہ ٿي ڏنو. هو ڪيترن ئي معاملن جي باري ۾ ڳالهائيندو رهيو. ڪنهن لمحي هُو هڪ ٻار بنجي ٿي ويو. ٻي گهڙيءَ هُو سون جي ڪاٺين ۾ مزوري پئي ڪري رهيو هو. ۽ پوءِ چاقو سندس گوشت کي چيري ڦاڙي ٿو ڇڏي ۽ هُو عذاب کان ڪنجهي ٿو.

جيڈي مهل وٽانئس وڏي رڙ نڪري ويئي، تيڈي مهل ورينيا ڪيس جاڳايو، ڇو تہ ايتريقدر ڊيجاريندڙ خواب ۾ وِلَلَ ڪندي ڏسي وٽانئس رهيو ڪونہ ٿيو. هُن ڪيس جاڳايو ۽ سندس منّي ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي.

جڏهن ورينيا تمام نندي هئي تڏهن هوءَ پنهنجي قبيلي جي مردن ۽ عورتن کي ڏسندي هئي، جن کي هڪبئي سان محبت ٿي ويندي هئي تن کي ڊپ ٿي فتح پائڻ جو نالو رکيو ويندو هو. بلائن جي روحن کي به خبر هئي ته محبت کڻڻ وارا خوف واري مرض کان پاڪ هوندا آهن ۽ اِها ڳالهه محبت کڻڻ وارن جي اکين مان پيئي ٽپکندي هئي. سندن هلت چلت ۽ چنبا چنبن ۾ ڏيئي هلڻ سان ئي پڌري ٿي پوندي هئي. پر غلام بنجڻ کان پوءِ کيس اهي سموريون ڳالهيون وسري ويون هُيون ۽ سندس بقا جي اهم ترين جبلت نفرت ۽ صرف نفرت ٿي بنجي ويئي هئي.

هاڻي هُن جو سمورو وجود، هن جي زندگي، هن جي چُوپر، سندس رت جي گردش ۽ دل جو ڌڙڪڻ اُن ٽريشين غلام جي محبت ۾ گم ٿي ويا هٿا. هاڻي کيس خبر پيئي هئي ته سندس قبيلي جي مردن ۽ عورتن جا تجربا سچا، قديم ۽ بامقصد هٿا. سموريءَ ڪائنات ۾ هاڻي کيس ڪنهن به شيءِ کان ڊپ ڪونہ ٿيندو هو. هوءَ جادوءَ ۾ ايمان رکندي هئي ۽ سندس محبت جو جادو حقيقي ۽ سچو هو. هُن کي اِها به خبر هئي ته سندس مرد محبت کڻڻ لاءِ هڪ سولو مرد آهي. هُو انهن نادر انسانن مان هڪ هو جيڪي هيراڪيريءَ کان پاڪ هوندا آهن، جن جو قول ۽ فعل هڪجهڙو هوندو آهي. سندس نظر ۾ اسپارٽيڪس يگانو هو، جامع هو. هُو ماڻهن جي محبتن جو مرڪز هو. ايتريقدر جو خوفناڪ، مايوس ۽ تباهه ۽ برباد ٿيل ماڻهن جي هن جهڳيءَ ۾ به، وڃايل روحن ۽ ڪاٽيون ڪوٽيندڙن (جن کي ڪاٽيون به تباهه ڪرڻ ۾ ناڪام ويون هيون) جي قتل ۽ غارتگري جي سڪيا گهر ۾ به اسپارٽيڪس سان محبت ڪئي ويندي هئي. کيس عزت ۽ وقار ملندو هو. پر ورينيا جي محبت ته شيءِ ئي ٻي هئي. هُو مردانگيءَ جو نمونو هو. ورينيا جو خيال هو ته منجهائنس جنسي خواهشون هميشه لاءِ ختم ٿي ويون آهن. مگر هوءَ اسپارٽيڪس کي چُهندي ٿي ٻيهر عورت بنجي ويندي هئي. جيڪڏهن هوءَ مصور هجي ها ۽ جيڪڏهن کيس انسان ٺاهڻا هجن ها ته هوءَ رڳو اسپارٽيڪس جهڙا مرد ٺاهي ها. هُن جو ڀڳل نڪ، هن جون وڏيون پوريون اکيون ۽ هن جو وڏو مُنهن ورينيا جي نندپڻ جي جاتل سڃاتل مردن جي چهرن کان بنهه جدا هو. پر هوءَ ڪنهن اهڙي مرد جي زال ٿيڻ يا ڪنهن اهڙي مرد سان محبت کڻڻ جو تصور به نٿي ڪري سگهي جيڪو اسپارٽيڪس جهڙو نه هجي.

کيس خبر ڪانہ هئي ته اسپارٽيڪس اهڙو چو آهي؟ هوءَ گهٽي وقت کان وٺي رومي وڏ گهراڻن جي مهذب ۽ شائسته زندگيءَ جو حصو ٿي رهي هئي، ۽ کيس خبر هئي ته انهن جا مرد ڪهڙا ٿيندا آهن. پر کيس اها خبر ڪانہ هئي ته هڪ غلام شخص اسپارٽيڪس جهڙو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ سندس آڏرين جي ڇهاءُ

اسپارٽيڪس کي خاموش ڪري ڇڏيو هو. تڏهن هُن هن کان پڇيو.

"ڇا تو خواب پئي ڏٺو؟" ۽ هُن ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"مون کي زور سان ياڪرن ۾ جڪڑي رک ته پوءِ تون خواب ڪونہ ڏسندين." هن پاڻ هُن کي ياڪرن ۾ وٺي زور ڏيندي چيو.

"ڇا توکي ڪڏهن هي خدشو به ٿيندو آهي ته شايد اسان کي گڏ رهڻ نہ ڏنو وڃي؟"

"ها."

"جيڪڏهن اهڙو وقت آيو ته پوءِ تون ڇا ڪندئين؟" هُن ورينيا کان پڇيو.

"تڏهن آءٌ پاڻکي ماري ڇڏيندیس." هُن بنهہ سادو سودو جواب ڏيئي ڇڏيو.

"آءٌ اِن باري ۾ توسان ڳالهائڻ چاهيان ٿو." هُن چيو. هائي هُو پنهنجي خوابن جي دنيا مان مڪمل طور سجاگ ٿي چڪو هو ۽ بنهہ پُرسڪون هو.

"اسين اِن جي باري ۾ ڇو سوچيون ۽ ڇو ڳالهايون؟"

"ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن تو مون سان محبت ڪئي آهي ته پوءِ جيڪڏهن آءٌ مري وڃان ته پوءِ تون پاڻ کي مارڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪندئين. هرگز نہ."

"ڇا تون انهيءَ انداز ۾ سوچئين ٿو؟"

"ها."

"۽ جيڪڏهن آءٌ مريو ٿي وڃان ته ڇا تون خودڪشي ڪونہ ڪندين؟" ورينيا پڇيو.

"آءٌ زنده رهڻ چاهيندس."

"ڇو؟"

"ڇو ته جيڪڏهن زندگي ڪانهي ته پوءِ ڪابہ شيءِ ڪانهي."

"توکان سواءِ زندگيءَ جو تصور منهنجي لاءِ بيڪار آهي." ورينيا چيو.

"آءٌ چاهيان ٿو ته تون مون سان هڪڙو واعدو ڪر ۽ انهيءَ تي قائم رهو."

"آءٌ واعدو اهوئي ڪنديس جنهن تي قائم رهي سگهان. بي صورت ۾ آءٌ واعدو ڪندي ڪانہ آهيان...."

"منهنجي آرزو آهي ته تون مون سان واعدو ڪر ته تون پاڻ پنهنجي زندگي ختم نہ ڪندئين." اسپارٽيڪس ڪيس التجا ڪئي.

هُوءَ ڪجهہ دير ماڻ ۾ رهي.

"منهنجي لاءِ. منهنجي محبت خاطر واعدو ڪر." اسپارٽيڪس چيو. آخرڪار هُن ڳالهايو.

"نيڪ آهي. آءُ توسان واعدو ٿي ڪريان."

هُو وري ٿوري دير کان پوءِ آرام ۽ خاموشي سان سمهي رهيو. ورينيا جون ٻانهون سندس ڳچيءَ جي چوڌاري وکوڙيل هُيون.

[4]

صبح جي ورزش لاءِ دهل وڄايو ويو. هن کي نيرن ڪرڻ کان اڳ ۾ چاليهه منٽ اڳ ۾ ڊوڙڻو پوندو هو. هر ماڻهوءَ کي صبح جو جاڳندي ئي ٽڏي پاڻيءَ جو گلاس پيارپو ويندو هو ۽ سندس ڪوئي جو دروازو کوليو ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سان گڏ عورت هوندي هئي تہ اُن کي اِها اجازت ڏني ويندي هئي تہ هوءَ ڪم تي وڃڻ کان اڳ ۾ ڪمري جي صفائي ڪري وئي. ان کان پوءِ ٻين غلامن سان گڏجي سڪيا گهر ۾ ڪم ڪرڻ ويندي هئي.

باتياتس جي سڪيا گهر ۾ فضول ويهڻ جي ڪابہ گنجائش ڪانہ هئي. ويڑهاڪن جون عورتون صفائي ڪنديون هُيون، کاڌو تيار ڪنديون هيون ۽ بورچي خاني جي آسپاس وارن باغن ۾ ڪم ڪنديون هيون. غسلخانن ۾ ڪم ڪنديون هُيون ۽ ٻڪريون چاريندیون هُيون. باتياتس انهن عورتن تي تمام گهٽي سختي ڪندو هو. هُو هن کي چهبڪن سان ڪُٽيندو هو ۽ بيڪار واهيات کاڌو کارائيندو هوندو. مگر اسپارٽيڪس ۽ ورينيا کان تہ هُو هڪ خاص قسم جي خوف ۾ مبتلا رهندو هو. حالانڪ ڪيس پاڻ ان ڏپ جو ڪارڻ معلوم ڪونہ هو.

اُن مخصوص صبح جو سڄي سڪيا گهر ۾ بي صبري ۽ نفرت جي فضا ڊوڙي ويئي هئي. غلامن کي جاڳائڻ وارن دهلن جي گوڙ ۾ سڪيا ڏينڊڙ جنهن نموني ۾ ويڑهاڪن کي ڏورن وانگر سندن ڪوئين مان اڳڻ طرف هڪلي رهيا هئا، اُن ۾، لوهہ جي واڙ ۾، (جتي ڪاري شيديءَ کي قتل ڪيو ويو هو) غلامن کي جهڙي طرح بيهاريو ويو هو، اُن ۾، مقصد تہ هر جاءِ تي اها بي صبري ۽ نفرت پئي ٽپڪي. انهيءَ ئي بي چين نفرت سان عورتن کي چهبڪ هنيا پئي ويا. اُن صبح جو ورينيا کان بہ ڪير ڌنل ڪونہ هو ۽ نہ ئي ٻين جي پيٺ ۾ سندس پٽن تي ڪو چهبڪ آهستي لڳي رهيو هو. صرف هي ٽيو هو تہ اوور سيئر چهبڪ هلائيندي هي تبصرو ڪيو هو تہ "هي عظيم جنگباز جي سُريت آهي."

اڄ مٽس ٻين جي پيٺ ۾ وڌيڪ چهبڪ وسي رهيا هئا. جيئن تہ هوءَ بورچيخاني ۾ ڪم ڪندي هئي، تنهن ڪري ڪيس اوڏانهن نيو ويو.

هي باتياتس جو غصو هو، جيڪو سموري علاقي ۾ پکڙجي ويو هو. اهو اونهو ۽ لڳ ڪانداريندڙ غصو هڪ ڳالهہ مان پيدا ٿيو هو. اُن ڳالهہ سان باتياتس کي

تمام جلد غصو ڏياري سگهجي ٿو ۽ اُها ڳالهه هئي مالي نقصان. براڪس معاهدي جي اڌ رقم ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. حالانڪ باتياتس عدالت ۾ وڃي سگهيو ٿي. پر ڪيس خبر هئي ته عدالت ۾ روم جي هڪ وڏ گهراڻي جي خلاف ڪيس کٽڻ جا تمام گهٽ امڪان هئا. سندس غصي ۽ ڪاوڙ جو نتيجو اڄ سموري سڪيا گهر جي سڃي اڳڻ ۾ نظر اچي رهيو هو. بورچيخاني ۾ بورچي عورتن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو ۽ کين هڪ ڏڪهي لٽ سان ڪُٽي رهيو هو. سڪيا ڏيندڙ (جن کي سندن مالڪ طرفان چهبڪ لڳندا هئا) سي وري ويڙهاڪن کي چهبڪ هڻي رهيا هئا. ڪاري شيديءَ جو لاش واڙ تي پيو هو ته جيئن ورزش ڪندڙ ويڙهاڪ اُن کي ڏسي سگهن.

جنهن جاءِ تي اسپارٽيڪس بينو هو، اتان سندس هڪ پاسي گانيڪس هو ۽ ٻئي طرف ڪرڪس نالي هڪ گال نسل جو ماڻهو بينو هو. ويڙهاڪ ٻن قطارن ۾ بينا هئا. سندن سامهون جيڪي سڪيا ڏيندڙ بينا هئا سي به پوريءَ طرح هٿياربند هئا. خاص ڪري خنجر ۽ تلوار ته هر هڪ وٽ هئي. اڳڻ جا دروازا کوليا ويا ۽ هٿياربند فوج جا چار دستا يعني چاليهه ماڻهو اتي چوڪس بينا هئا. سندن ڏنڊا سندن پاسن کان لڙڪي رهيا هئا. صبح جو سج واريءَ تي پنهنجا ڪرڻا پکيڙيندو غلامن کي گرمي پهچائي رهيو هو. پر اسپارٽيڪس ۾ ڪابه گرمي موجود ڪانه هئي ۽ جڏهن گانيڪس ڪائنس سُرُپُر ۾ هِن ساري صورتحال جي باري ۾ پڇيو ته هُن رڳو ماٺ ۾ ڪنڌ لوڏي ڇڏيو.

"ڇا توهين وڙهيا هئا؟" گال پڇيو.

"نه."

"پر هُن ته هتن مان هڪڙي کي به ماريو ته ڪونه ۽ جيڪڏهن ڪيس مرڻو ئي هو نه هُو هن کان وڌيڪ سٺو موت مري سگهيو ٿي."

"ڇا تون هِن کان وڌيڪ سٺو موت مرندين؟" اسپارٽيڪس پڇيو.

"هُو هڪ ڪتي وانگر مري ويو ۽ تنهنجو به اهڙو ئي حشر ٿيندو." ڪرنس چيو.

"هُو واريءَ تي مئو هو. سندس پيٽ ڦاڙيو ويو هو. تون به ائين مرندين."

تڏهن اسپارٽيڪس کي احساس ٿيڻ شروع ٿيو ته ڪيس ڇا ڪري گهرجي. سندس طويل خواب هاڻي حقيقت ۾ بدلجڻ لڳو. حقيقت جيڪا مرگو هاڻي شروع ٿي هئي. اُن جي انتها يا لامحدوديت اُن مستقبل کي ڇُهي رهي هئي جيڪو اڃا پيدا ئي ڪونه ٿيو هو. حقيقت انهن سڀني ڳالهين سان سلهاڙيل هئي جيڪي مٽس وهيون واپريون هيون، جيڪي اڃا هاڻي رونما ٿيڻ واريون هيون. هُن شيديءَ جي

قداور لاش ڏانهن ڏٺو، جنهن کي سج ساڙي چڏيو هو، جنهن کي چاقوءَ پُرڻ ڪري چڏيو هو، جنهن تي رت جمي سڪي ويو هو ۽ جنهن جي وسيع ڪلهن جي وچان سندس ڪنڌ لڙڪي رهيو هو.

"هي روم جا ماڻهو زندگيءَ جي ڪيتري نہ توهين ٿا ڪن." اسپارٽيڪس سوچيو. "هي ڪيتري نہ سولائيءَ سان ماڻهو ماريو ٿا چڏين. ڪين موت مان ڪيڏي نہ لذت انگيز مسرت ٿي ملي!" هن پنهنجو پاڻ کان سوال پڇيو نہ اٿين چو ٿو ٿئي، جڏهن نہ سندن زندگيءَ جي سڄي عمارت سندن هم نسل ماڻهن جي هڏين، گوشت ۽ رت سان جُڙيل آهي؟ غلامن کي صليب تي ٽنگڻ جو رواج کارٿيج کان آيو هو. کارٿيج جي رهواسين انهيءَ طريقي کي غلامن جي قتل ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو هو. پوءِ نہ جتي جتي روم جو اثر پهتو اتي اتياس تي ٽنگڻ هڪ نمائش بنجي ويئي.

هاڻي باتياتس اگڻ ۾ داخل ٿي ويو هو ۽ اسپارٽيڪس پاسي ۾ بيٺل گال کان پڇيو: "۽ تون ڪهڙي ريت مرندين؟"

"ساڳئي انهيءَ نموني ۾ ٽريشين، جنهن نموني ۾ تون مرندين."

"هُو منهنجو دوست هو." اسپارٽيڪس کاري شديديءَ جي لاش تي نگاهون جمائيندي چيو "۽ مون سان محبت ڪندو هو."

"اِها تنهنجي مصيبت ۽ تنهنجي مٿي جو سُور آهي."

ويڑهاڪن جي ڊگهي قطار جي سامهون ٽهيل جاءِ تي باتياتس اچي ويهي رهيو ۽ سپاهي سندس چوطرف ڦري ويهي رهيا.

"آءٌ توهان کي کارايان ٿو." باتياتس چيو "آءٌ توهان کي بهترين تريل ڪڙ ۽ مڇي کارايان ٿو. آءٌ توهان کي تيستائين کارايان ٿو جيستائين توهان جا پيٽ سُڄي نٽا پون. آءٌ توهان کي وهنجاريان ٿو. آءٌ توهان جي مالش ڪرايان ٿو. آءٌ توهان ماڻهن کي ڪائين ۽ ڦاهيءَ جي ڏنڊن مان چڏائي هتي وٺي آيو آهيان ۽ هتي توهان ماڻهو بيڪار، واندا ئي واندا، بادشاهن وانگر رهيا پيا آهيو. هتي اچڻ کان اڳ توهان نيچ ۽ حقير ترين ماڻهو هئا. پر هاڻي توهان آرام سان رهو ٿا ۽ بهترين ڪاڏو ڪائو ٿا."

"ڇا تون منهنجو دوست آهين؟" اسپارٽيڪس سُرٻُر ڪئي ۽ گال رڳو چپ چوريا "ويڑهاڪ، ويڑهاڪ سان دوستي نٽو ڪري سگهي."

"آءٌ توکي دوست چوان ٿو." اسپارٽيڪس چيو.

باتياتس هاڻي چئي رهيو هو:

"هُن ڪاري ڪتي جي ڪاريءَ دل ۾ نہ تہ احسانمندي هئي ۽ نہ ئي ڪا سمجهہ. توهان ۾ ڀيا گهٽا اهڙا آهن؟"

ويڑهاڪ خاموش بيٺا رهيا.

"هڪڙي ڪاري شيديءَ کي مون وٽ وٺي اچو." باتياتس سکيا ڏيندڙن کي چيو ۽ اُهي هڪ ڪاري آفريقيءَ کي گهلي وٺي آيا. هي منصوبو پهرين ئي تيار ڪيو ويو هو. دهل وڄڻ شروع ٿي ويا ۽ ٻه سپاهي پين کان الڳ ٿي ويا ۽ پنهنجا نيزا سنيالي بيهي رهيا. دهل وڄندو رهيو. شيديءَ پاڻ کي بچائڻ جي اٽڪل ڪوشش ڪئي، پر سپاهين هڪ جي پويان ٻيو پنهنجا نيزا هُن جي ڇاتيءَ مان پار لنگهائي ڇڏيا. هُو واريءَ تي پيو هو ۽ ٻئي نيزا عجيب زاويئي جي انداز ۾ سندس ڇاتيءَ ۾ ٽنبيا پيا هئا. باتياتس پاسي ۾ بيٺل عملدار کي چيو:

"هاڻي وڌيڪ مسئلا پيدا ڪونہ ٿيندا. ڪُتا هاڻي ڪونہ گهرندا."

"آءٌ توکي دوست چوان ٿو." گانيڪس اسپارٽيڪس کي چيو. ٻئي پاسي بيٺل گال ڪجهہ چيو. هو رڳو وڏا وڏا ساهہ ڪڍي رهيو هو. ان کان پوءِ صبح جي ورزش شروع ٿي ويئي.

[5]

پوءِ سينيٽ جي تحقيقاتي اداري جي سامهون باتياتس بيان ڏيندي ٻنهہ سچ چيو هو تہ ڪيس نہ صرف اهو تہ ڪنهن منصوبي ناهڻ جي ڪا خبر هئي پر هُو تہ ٻنهہ اِن ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ تيار ٿي ڪونہ هو تہ ڪو اهڙو منصوبو ناهي ہ سگهجيو ٿي. هُن انڪشاف ڪيو تہ ويڑهاڪن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن اهڙن ماڻهن کي اُن وعدي سان منجهن ڇڏيو وڃي ٿو تہ کين آزاد ڪيو ويندو. ڪڏهن ڪڏهن کين پاڙي تي ويڑهايو ويندو آهي ۽ پوءِ هڪ کي آزاد ڪيو ويندو آهي ۽ ٻيو معمولي رهڻ سان زخمي ٿي واپس ايندو آهي ۽ پوءِ هڪ نئون جاسوس پرتي ڪيو ويندو آهي. باتياتس اصرار ڪندي چيو تہ سندس علم ۾ اڃڻ ڪانسواءِ ڪوبہ منصوبو ناهڻ ممڪن ٿي ڪونهي.

تنهن ڪري هميشہ ائين ٿيندو هو تہ غلامن جي اندر ڇاهي جيترين ٻ بغاوتون ٿين، ان جي خبر ڪانہ پوندي هئي، ان جو انڪشاف ناممڪن هوندو هو، ان جون پاڙون ڳولي سگهبيون ٿي ڪونہ هيون. هي پاڙون بيشڪ هڪڙي ٻير جي پاڙن وانگر مسلسل ۽ نظر نہ ايندڙ پاڙون هُيون. صرف گلن وارو ٻوٽو ٿي ڏسڻ ۾ اچي سگهيو ٿي. پوءِ ڇاهي اِها سسليءَ جي وسيع پيماني تي بغاوت هجي يا ڪنهن باغ ۾ ننڍڙي قسم جي ڪا معمولي ناڪام ڪوشش، جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهہ سَون مردودن کي ٽياسن تي ٽنگي موت جي سزا ڏني ويئي هجي. اُن جي پاڙن کي ڳولڻ جون سينيٽ جون ڪوششون هميشہ ناڪام ويندیون هُيون. پر پوءِ پاڙون

ڳولهيون پئجي رهيون هيون. روم جي ماڻهن شان ۽ شوڪت ۽ عياشيءَ جي اهڙي زندگي تعمير ڪئي هئي جنهن جو مثال دنيا ۾ ڪٿي مليو. روم جو امن مثالي امن هو، روم جي رستن قومن جون جدايون ختم ڪري ڇڏيون هُيون ۽ دنيا جي هن مرڪز ۾ ڪاڌي ۽ خوشيءَ جي ڪا ڪمي ڪانه هئي. ائين پئي لڳو جڻ سمورن ديوتائن ملي ڪري روم کي اهڙي طرح بنائڻ جي منصوبابندي ڪئي هجي پر پوءِ به گل وانگر نڙيل انهيءَ جسم تي هيءَ بيماري لڳي ويئي هئي، جنهن کي پاڻ سميت ڪڍي اچلڻ ناممڪن ٿي پيو هو. سينيٽ باتياتس کان پڇيو:

"چا سازش ۽ غداريءَ جو ڪو منصوبو ڪونہ بنايو ويو هو؟"

"نہ." هُو پنهنجي ڳالهه تي اڙيو رهيو.

"۽ جڏهن تو ڪاري شيدي کي قتل ڪري ڇڏيو (۽ اسانِ جي نظر ۾ تنهنجو اِهو قدم جائز هو) تہ پوءِ اُٿي ڪو احتجاج ٿيو هو؟"

"نہ."

"اسان کي خاص ڪري اِن ڳالهه سان وڌيڪ دلچسپي آهي تہ چا هِن معاملي ۾ ڪا باهرين مدد، ڪنهن طرح جي باهرين اشتعال انگيزي؟"

"نہ. اِها ڳالهه ناممڪن آهي." باتياتس چيو.

"تہ چا تنهنجي خيال ۾ اسپارٽيڪس، گانيڪس ۽ ڪرڪس کي باهران ڪا امداد يا ڪو فنڊ وغيره تہ ڪونہ مليو هو؟"

"مون کي سمورن خدائن جو قسم آهي تہ ائين ڪونہ هو." باتياتس چيو.

[6]

مگر اِها سموري ڳالهه سچي ڪانہ هئي، جو تہ ڪوبہ فرد اڪيلو ڪونہ هوندو آهي. اِها اسپارٽيڪس جي توانائي هئي جنهن پاڻ کي ڪڏهن بہ اڪيلو ڪونہ سمجهيو هو ۽ نہ ئي هُن پنهنجو پاڻ ۾ پناهہ ورتي هئي. روم جي امير نوجوان براڪس جي ٽيڪي تي ورتل ٻن جوڙن جي انهيءَ ناڪام لڙائيءَ کان ٿورو اڳ سسليءَ جي ٽن عظيم باغات ۾ غلامن جون بغاوتون ٿي چڪيون هيون. انهن ۾ نوَ سؤ غلام شامل هٿا، جن مان صرف ٿورن کي ڇڏي سيني کي قتل ڪري ڇڏيو ويو هو. انهيءَ قتل ۽ غارت جي آخر ۾ مالڪن کي احساس ٿيو تہ سندن تمام گهڻو نقصان ٿي رهيو آهي. تنهن ڪري بچيل سؤ کن غلامن کي معمولي قيمتن تي جهازرانن کي وڪڻي ڏيئي ڇڏيائون ۽ انهن ٿي جهازن مان هڪ ۾ باتياتس جي دلال هڪ صحتمند، ويڪرن ڪلهن وارو ۽ ڳاڙهن وارن وارو گال ڏنو هو جنهن جو

نالو ڪرڪس هو. چاڪاڻ ته جهازن جي غلامن کي ناقابل اصلاح تصور ڪيو وڃي ٿو، تنهن ڪري انهن جي قيمت معمولي هوندي هئي. ۽ جيئن ته ڪاروباري رشوت به معمولي هوندي هئي، تنهن ڪري ڪرڪس جو سودو آسانيءَ سان طئي ٿي ويو هو.

اسپارٽيڪس نه ته اڪيلو هو ۽ نه وري انهن بيشمار قاڇن کان ڪٽيل هو جن جي تاجي پيٽي سان ڪپڙو اُڇجي ٿو. ڪرڪس سندس پر واري ڪوٺيءَ ۾ هو. اڃ ڳڻين شامن جو اسپارٽيڪس پنهنجي ڪوليءَ جي دروازي وٽ پنهنجو منڊو رکي ڪرڪس کان سسليءَ جي غلامن جي اڃ ڪنڊڙ جنگ جو قصو ٻڌي چڪو هو، جنهن ڪ شروع ٿيندي پنجاهه سالن کان به وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو. اسپارٽيڪس هڪ غلام هو ۽ غلام جو اولاد هو. پر هُن جي پنهنجي هم نسلن جي وچ ۾ ايڪيلز، هيڪٽر ۽ اوبيئيس جهڙا ڪيئن انسانوي هيرو موجود هئا. توڙي جو انهن جي لاءِ ڪو گيت ڪونه ٿي ڳاتو ويو ۽ ڪين خدا بنائي سندن پوڄا ڪانه ٿي ڪئي ويئي. اِها سڀ ڳالهه هئي ڇو ته ديوتا ته فقط امير رومين جهڙا هئا ۽ انهن کي غلامن جي زندگيءَ سان ڪوبه غرض ڪونه هو. هي انسان جي نالي ۾ ڪمتر ماڻهو هئا، غلام هئا، انگ اگهاڙا هئا ۽ ماريڪيٽ ۾ گڏهه کان به سستي اڳهه تي وڪبا هئا ۽ خريد ڪيا ويندا هئا. جن جا ڪلها سواري ڇڪڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا ۽ جيڪي رئيسن جي ٻنين ۾ هر جوٽيندا هئا. پر هي ڪهڙا ديوتا هئا! اُهو يونس جنهن ٻيٽ تان هر غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو هو، ۽ موت کان اڳ ۾ رومين جي ٽن فوجي دستن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو. اُهو يونان جو ايٿينيون، ٿريش جو رهاڪو سالوئس، جرمن انبارٽ ۽ حيران ڪندڙ يهودي بن جوش جيڪو ڪارٽيج مان هڪڙي ٻيڙيءَ تي فرار ٿي پنهنجي سموري عملي سميت وڃي ايٿينيون سان مليو هو.

انهن هيرن جا قصا ٻڌي اسپارٽيڪس جو فخر کان ڪنڊ اوچو ٿي ويندو هو ۽ انهن مري ويل هيرن لاءِ سندس دل ۾ پائي بندي ۽ سائي گيريءَ جو عظيم ۽ شفاف احساس ٿي ويندو هو. سندس اُهي سائي سندس دل موهي چڪا هئا. هوُ انهن کي چگي طرح سڃاڻندو هو ته سندس احساس ڪهڙا هئا، اُهي خواب ڪهڙا ڏسندا هئا ۽ اهي ڪهڙي مقصد لاءِ جيئرا رهيا هئا. نسل، شهر ۽ رياست يي مقصد شيون هيون. هن جو لاڳاپو ۽ مٽي مائٽي ته عالمگير هئي. پر پوءِ هو عظيم بغاوتون ڪرڻ جي باوجود به هميشه ناڪام ٿي ٿي ويا، هميشه رومين کين صليبن تي ميخن سان ٺوکي ٿي ڇڏيو. هڪ نئون وڻ ۽ هڪ نئون ميوو. ته جيئن سڀ ڏسي سگهن ته جڏهن غلام غلام نٿو رهي ته سندس انجام ڪهڙو ٿو ٿئي؟

"پچاڙيءَ ۾ هميشه اهوئي ٿيندو هو." ڪرڪس چيو....

۽ پوءِ جيستائين ڪرڪس ويڙهاڪ رهيو، تيستائين هُو ماضيءَ جي باري ۾ بنهه گهٽ ڳالهائيندو هو. چاڪاڻ ته نه ماضي ۽ نه ئي مستقبل ويڙهاڪن جي مدد ڪري سگهيا ٿي. انهن لاءِ حال ئي سڀ ڪجهه هو. ڪرڪس پنهنجي چوڌاريءَ هڪ روڪ مُنهي پٽ ڪٽي چڏي هئي ۽ صرف اسپارٽيڪس ئي ان ديوَ جهڙي گال طرفان اُبي ڪيل ديوار کي ڇهڻ جي جرئت ڪري سگهندو هو. هڪ ڀيري ڪرڪس ڪيس چيو هو:

"اسپارٽيڪس! تون تمام گهٽا دوست ناهين ٿو ۽ ڪنهن دوست کي قتل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. تنهن ڪري مون کي اڪيلو چڏي ڏي."

اُن صبح جو ورزش کان پوءِ نيرن تي وڃڻ کان اڳ ڪين اڳڻ ۾ گڏ ڪيو ويو. پگهر وهائيندڙ ويڙهاڪ ننڍين ننڍين ٽولين ۾ ويٺا هئا يا پاٽولين ماريو وينا هئا. واڙ تي پيل ٻن شيدين جي لاشن جي موجودگيءَ ۾ سندن ڳالهيون ڪيون پئي لڳيون. هڪ جي هيڻان تازو رت وهي رهيو هو جنهن کي ٻئي جي خاطر سزا جي علامت بنايو ويو هو. سرڻيون ۽ ڳجهون متن لامارا ڏيئي رهيون هيون ۽ چهنبن سان ٽونگي گوشت پٽي کائي رهيون هيون. هُن محسوس ڪيو ته هيءَ ته اجان شروعات آهي. باتياتس جيتريقدر جلد ٿي سگهيو کين ٽيڪي تي ويڙهائيندو ختم ڪندو ويندو. هي ڏاڍو ڏکيو وقت هو.

سپاهي، ناليءَ جي ٻئي پر وٽن جي جهڳٽي ۾ ماني کائڻ ويا هئا. اسپارٽيڪس اگڻ مان کين ڏسي پٽي سگهيو. اُهي زمين تي جوڙي جوڙي ٽيو پيا هئا. سندن لوهي ٽوپلا لٽل هئا ۽ سندن ڳرا هٿيار هڪ پاسي انبار جي صورت ۾ رکيا هئا. هُن انهن تان نگاهه ڪانه هٽائي.

"تون چا پيو ڏسين؟" گانيڪس پڇيو. هو غلامن جي حيثيت ۾ تمام گهٽي وقت کان وٺي گڏ رهي رهيا هئا. هو تڏهن گڏ هئا جڏهن ايا هار هئا ۽ کائين ۾ ڪمر ڪندا هئا.

"مون کي خبر ناهي."

ڪرڪس کي ماڻ ورائي ويئي هئي. گهٽي وقت کان سندس اندر ۾ تشدد ڊهجي ويو هو.

"اسپارٽيڪس! تون چا پيو ڏسين؟" هُن پڇيو.

"مون کي خبر ناهي."

"توکي سڀ خبر آهي. تڏهن ته ٽريشين توکي بابا ڪري ٿا سڏين."

"جنهن کان تون نفرت ڪرين ٿو."

"اسپارٽيڪس! ڇا ڪارو شيدي ۽ توکي بابا چوندو هو؟ تون اُن سان وڙهين ڇو ڪونہ؟ ۽ جڏهن اسان جو وارو ايندو تہ ڇا تون مون سان وڙهندين؟"

"آءٌ هاڻي ڪنهن ۽ ويڑهاڪ سان ڪونہ وڙهندس." اسپارٽيڪس خاموشيءَ سان جواب ڏنو.

"مون کي اِها خبر آهي. ٿوري دير اڳ ۾ مون کي اِها خبر ڪانہ هئي پر هاڻي مون کي خبر آهي."

اڌ ٻڌن غلامن اِهي لفظ ٻڌا. اُهي هاڻي سندس چوڌاريءَ ڦري بيهي رهيا. هُو هاڻي سپاهين بدران ويڑهاڪن کي ڏسي رهيو هو. هُو هڪ ڪان پوءِ ٻئي چهري کي تڪي رهيو هو. چهن ويڑهاڪن مان اٺ ٽي ويا. پوءِ ڏهہ ٽيا ۽ پوءِ ٻارهن ٽي ويا. پر هُو وري ۽ خاموش هو. پر ٻين جي خاموشي موڪلائي ويئي هئي. انهن جي اکين ۾ مطالبي ڪرڻ واري چمڪ هئي. هُو سندن اکين ۾ اِها ڳالهہ ڏسي رهيو هو.

"بابا! اسين ڇا ڪريون؟" گانيڪس پڇيو.

"جڏهن وقت ايندو تڏهن اسان کي خبر پوندي تہ اسين ڇا ڪنداسين. هن مهل توهين الڳ الڳ ٿي وڃو."

هاڻي وري وقت اينگهي پيو هو ۽ ٽريشين غلام لاءِ هڪ پل ۽ هزار سالن جو ٿي پيو هو. پر جيڪو ڪجهہ پوري هڪ هزار سالن ۾ ڪونہ ٿيو هو سو هاڻي ايندڙ چند ڪلاڪن ۾ ٿيڻ وارو هو. هاڻي هو هڪ پيرو وري ۽ غلام هئا. غلاميءَ جا ڪاسائي، غلاميءَ جا دڳ، هو اڳڻ واري دروازن تائين ويا ۽ اُتان هنن نيرن ڪرڻ لاءِ ڪاڌي جي ڪمري ڏانهن هلن شروع ڪيو.

هتي سامهون ڪين باتياتس گڏجي ويو، جيڪو پنهنجي ڏولڻيءَ ۾ ويٺو هو، جنهن کي اٺ غلام کڻيو پئي آيا. اُن سان گڏ هڪ خوبصورت ۽ نهايت مهذب منشي ويٺو هو. هو سيدوسامان خريد ڪرڻ ڪاپوا جي ماركيٽ ڏانهن وڃي رهيا هئا. جيڏي مهل هو ويڑهاڪن جي قطارن وٽان لنگهيا تڏهن باتياتس ڏٺو تہ هو ڪيتري قدر ضابطي سان قدم سان قدم ملائي هلي رهيا هئا. هُن سوچيو تہ جيتوڻيڪ هڪ آفريقي شيدي جي قرباني گهٽو فضول تہ هئي پر اها ضروري ۽ هئي.

اُن وقت باتياتس جيئرو هو ۽ سندس منشي ۽ وقت اچڻ تي پنهنجي مالڪ جو گلو ڪٽڻ لاءِ زنده هو.

[7]

ويڑهاڪ ڪاڏي واري ڪمري ۾ اچي ويا. اُتي جيڪو واقعو پيش آيو، اُن جي باري ۾ نه ته صحيح نموني ۾ خبر پٽجي سگهي ٿي ۽ نه ئي ڪجهه ٻڌائي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته غلامن طرفان هلايل مهمن کي داخل ڪرڻ لاءِ ڪي به تاريخدان ڪونه هوندا هئا ۽ نه وري انهن جي زندگين جو رڪارڊ رکڻ ضروري سمجهيو ٿي ويو. جڏهن غلامن جو ڪو ڪارنامو تاريخ ۾ جاءِ والاري به ٿي ويو ته به اُها تاريخ به اُهوئي شخص مرتب ڪندو هو جيڪو انهن جو مالڪ هوندو هو، جيڪو غلامن کان ڏنل هوندو هو ۽ انهن کان نفرت ڪندو هو.

پر ورينيا بورچي خاني ۾ ڪم ڪندي اُهو سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏٺو هو ۽ تمام گهٽو عرصو پوءِ هُن اهو قصو ٻين کي ٻڌايو هو. ۽ اها ڳالهه سيئي سمجهن ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن اهڙي شيءِ جي شاندار هاڪ جو آواز ڪٽي وقتي طور تي دٻجي به وڃي پر اهو مڪمل طرح ختم ٿي نٿو سگهي.

اهو هال باتياتس پاڻ تعمير ڪرايو هو جنهن ۾ ويڑهاڪ چاپري هيٺيان پاٽوليون ماري ويهي ماني کائيندا هئا. وچئين حصي ۾ سکيا ڏيندڙ ٻيهي هر طرف نگاهه رکندا هئا. چوڪنڊي عمارت جي هڪ پاسي بورچي خانو هو ۽ ٻئي پاسي ڪاٺ جا وڏا وڏا دروازا هئا. جنهن وقت ويڑهاڪ اندر داخل ٿي ويندا هئا اُن وقت دروازا بند ڪيا ويندا هئا.

اُن ڏينهن به ويڑهاڪ دستور موجب پنهنجي پنهنجي جاين تي ويهي چڪا هئا ۽ بورچي خاني جا غلام (جيڪي گهٽو ڪري سڀ عورتون هُيون) ڪين ماني کارائڻ لڳا. چار سکيا ڏيندڙ وچئين حصي ۾ بيٺا هئا. انهن وٽ خنجر ۽ چمڙي جا ويڑهيل ڏنڪا هئا. دروازي جي ٻاهران سپاهين ڪڙو ڏيئي ڇڏيو هو، جيڪي انهيءَ ڪم تي مقرر ٿيل هئا. باقي سپاهي اٽڪل ڪري سؤ ڪن گز پري وٽن جي جهڳٽي ۾ ڪاڏو ڪائڻ ۾ مصروف هئا.

هي سمورو منظر اسپارٽيڪس ڏٺو ۽ دماغ ۾ چگي طرح ويهاري ڇڏيو. هُن تمام ٿوري ماني کاڌي. سندس وات سُڪل هو ۽ دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي. سندس دماغ ۾ ڪوبه عظيم تصور ڪونه پئي آيو ۽ هُو به مستقبل کي ٻين وانگر ڏسي رهيو هو. پر ڪي ماڻهو ڪنهن اهڙي نقطي تي پهچي ويندا آهن جتي هو پنهنجو پاڻ کي چوندا آهن:

"جيڪڏهن آءٌ فلاڻو ڪم نه ڪندس ته منهنجي زندگي ۽ وجود جو ڪوبه جواز باقي نٿو رهي ۽ جڏهن تمام گهڻا ماڻهو اُن نقطي تي پهچي وڃن ٿا تڏهن زمين

ڏهي وڃي ٿي."

اڄ به زمين سج لهڻ کان اڳ ڏهي وڃڻ واري هئي، اُن کان پهريائين جو صبح، منجهند ۽ پوءِ رات پوڻ کي رستو ڏي. پر اسپارٽيڪس کي اُن جي خبر ڪانه هئي. ڪيس فقط اڳئين قدم جي خبر هئي ۽ اهو قدم هو ويڑهاڪن سان ڳالهائڻ جو. جڏهن هُو ان جو ذڪر ڪرڪس سان ڪري رهيو هو تڏهن سندس نظر سندس زال ورينيا تي پيئي جيڪا باهه جي اڳيان بيٺي ڪيس تڪي رهي هئي. ٻيا ويڑهاڪ به ڪيس ڏسي رهيا هئا. ڊيوَڊ نالي يهودي سندس چپن جي جنبش مان ئي ڳالهه سمجهي ويو هو. گانيڪس پنهنجو ڪن ڪيس ويجهو ڪري ڇڏيو. فراڪسس نالي هڪ آفريقي سندس ڳالهه ٻڌڻ ويجهو هليو آيو.

"آءٌ بيهي تقرير ڪريان چاهيان ٿو." اسپارٽيڪس چيو "آءٌ دل کولي ڳالهائڻ چاهيان ٿو. پر جڏهن آءٌ تقرير ڪريان لڳندس ته پوءِ پنيان ڪونه هٽندس، جڏهن سکيا ڏيندڙ مون کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندا."

"اُهي توکي روڪي ڪونه سگهندا." ڳاڙهن وارن واري گال چيو.

ٻئي حصي تائين چرپر ٿي ويئي. به سکيا ڏيندڙ اسپارٽيڪس ۽ سندس چوگرد بيٺل همراهن ڏانهن وڌيا. هُن پنهنجا چهبڪ سنياڻي ورتا هئا ۽ خنجر ڪڍي ورتا هئا.

"تقرير شروع ڪر." گانيڪس چيو.

"ڇا اسين ڪُتا آهيون جو توهان پنهنجا چهبڪ اسان تي تاٽيو ٻيٺا آهيو؟" آفريقيءَ چيو.

اسپارٽيڪس اتي ٻيٺو ۽ ڪيترائي ويڑهاڪ ساٿس گڏ اتي ٻيٺا. سکيا ڏيندڙ پنهنجي خنجرن ۽ ڏنڪن سميت هُن ڏانهن وڌيا. پر ويڑهاڪ انهن تي چڙهي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ڪين قتل ڪري ڇڏيائون. عورتن بورچيءَ کي ماري وڌو. ان سموري ڪم دوران بنهه معمولي گوڙ ٿيو. رڳو ويڑهاڪن جي غراهٽ جو آواز نڪتو هو نه ته بس. پوءِ اسپارٽيڪس نرميءَ، آهستگيءَ ۽ فضيلت سان ڪرڪس گانيڪس، ڊيوَڊ ۽ فراڪسس کي پنهنجو پهريون حڪم ڏنو.

"دروازي وٽ وڃو ۽ اُن جي حفاظت ڪريو ته جيئن آءٌ تقرير ڪري سگهان."

هن گهڙي کن رکي حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ پوءِ جڏهن هُن انهن جي قيادت ڪئي تڏهن هميشه سندس چيو ميڃيو. هو هِن سان محبت ڪندا هئا. ڪرڪس کي خبر هئي ته هو مري ويندا، پر ڪين اُن جي پرواهه ڪانه هئي. ڊيوڊ،

جيڪو هڪ عرصي کان بنهه بي حس هو، اِن عجيب غريب، شريف ۽ بدصورت ٽريشين لاءِ گرمجوشي ۽ محبت جا جذبا محسوس ڪيا، جنهن جو نڪ ڳچل هو ۽ جنهنجو چهرو بگهڙ جهڙو هو.

[8]

"منهنجي ويجهو اچو." هُن چيو.

"هُن هڪدم تعميل ڪئي. باهر پهري تي بيٺل سپاهين جو ڪوبه آواز ڪونه ٿي آيو. سمورا ويڑهاڪ ۽ بورچي خاني جا غلام (ٽيهه عورتون ۽ به مرد) هُن جي چوگرد ڦري بيهي رهيا. ورينيا ڏانهنس خوف، اميد ۽ مرعوب انداز ۾ تڪي رهي هئي. هُوءَ هُن تائين پهتي. اسپارٽيڪس هڪ هانهن ورينيا جي ڪلهي تي رکي ۽ ڪيس زور ڏئي پنهنجي پاسي ۾ ڇڪي ورتو. هوُ سوچي رهيو هو:

"آ آزاد آهيان. منهنجي بابي ۽ ڏاڏي کي هڪ پل به آزادي نصيب ڪانه ٿي هئي، پر ٺيڪ هن وقت آ هڪ آزاد انسان جي حيثيت سان بيٺو آهيان." اهو احساس مٺس جادو ڪري رهيو هو، ڪيس ائين پٽي لڳو جڻ پاڻ شراب پيتو هُجيس، پر گڏوگڏ ڪيس ڊپ جو احساس پڻ هو. آزاد ٿيڻ آسان ڳالهه ڪانهي. آزاد ٿيڻ کا معمولي ڳالهه ڪانهي، جڏهن ته توهان هڪ ڏڳهي عرصي تائين غلام رهيا هجو. ان سموري عرصي تائين جيترو توهان کي ياد آهي ۽ ان سموري عرصي تائين جيترو توهان جي پيءُ کي ياد هو.

اسپارٽيڪس ۾ هڪ اهڙي مضبوط ۽ فتح مند انسان جهڙي هيبت به هئي جنهن هڪ ائل فيصلو ڪيو هجي، ۽ جنهن کي معلوم هجي ته سندس اختيار ڪيل رستي جي هر قدم تي موت سندس انتظار ڪري رهيوآهي. آخري سوال سندس دل ۾ هي هو ته سندس چوڌاريءَ بيٺل هي ماڻهو، جن جو ڪم ئي قتل ڪرڻ آهي، انهن پنهنجي مالڪ کي قتل ڪري ڇڏيو هو. انهن جي دلين ۾ شڪ شبها پريل آهن. اهڙا شڪ جيڪي اهڙن غلامن جي دلين ۾ پيدا ٿين ٿا، جيڪي پنهنجي مالڪ سان وڙهي چڪا هجن. هن جون نظرون هُن تي لڳيون پيون هُيون. هُو اُهو ئي شريف انسان ٽريشين کان ڪوٽيندڙ هو جنهن کي خبر هئي ته هن جي دلين ۾ ڇا آهي؟ هُو هن جي ويجهو آيو. جيئن ته هو حد کان وڌيڪ وهم پرست ۽ جاهل هئا، جيئن ان زماني جا سمورا ماڻهو هئا، هُن محسوس ڪيو جڻ ته کين ڪنهن رحمدل خدا ڇهي ورتو هو. تنهن ڪري هو مستقبل جي رٽابندي ڪري سگهيو ٿي، ۽ کين اهڙي طرح پڙهي سگهيو ٿي جيئن ڪو ماڻهو ڪتاب پڙهندو آهي. هُو مستقبل ڏانهن سندن قيادت ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ائين ڪرڻ لاءِ کا راهه نه هجي ته رستو پيدا

ڪري سگهي ٿو. اِهو سڀ ڪجهه ڪيس انهن جي اکين ۾ڏايو. اهو سڀ ڪجهه هُن انهن جي اکين مان پڙهيو.

"ڇا توهين منهنجا آهيو؟" جڏهن هو ڪانٽس الڳ ٿي ويٺا تہ هُن پڇيو.

"آءُ ٻيهر ڪڏهن ب ويڑهاڪ ڪونہ ٿيندس. آءُ سڀ ڪاڻ پهرين پنهنجي جان ڏيندس. ڇا توهين منهنجا آهيو؟"

ڪن جون اکيون لڙڪن سان پرجي آيون ۽ اُهي سندس ويجهو ٿي ويا. ڪي گهڻو تہ ڪي گهٽ، پر هُن سڀني کي اعتماد بخشيو هو ۽ اِها وڏي عظيم ڳالهه هئي.

"هاڻي اسان کي هڪٻئي جو رفيق ۽ ساٿي ٿيڻ گهرجي." هُن چيو.

"۽ هڪ فرد وانگر متحد ٿيڻ گهرجي. پراڻي زماني ۾ اسان جي ماڻهن ۾ رواج هوندو هو تہ هو وڙهڻ لاءِ ٻاهر ويندا هٿا تہ هو پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ ائين ڪندا هٿا. رومين وانگر نہ، پر پاڻ پنهنجي رضا خوشيءَ سان ۽ جيڪڏهنڪو شخص وڙهڻ نہ چاهيندو هو تہ هُو اِهو علاقو ڇڏي هليو ويندو هو ۽ ماڻهو اُن جي پرواهہ ڪونہ ڪندا هٿا.

"اسين ڇا ڪنداسين؟" ڪنهن وڏي واڪي پڇيو.

"اسين ب ٻاهر نڪرنداسين ۽ وڙهنداسين، اسين هڪ بهترين لڙائي لڙنداسين. ڇو تہ اسين سڄي دنيا ۾ سڀني ويڑهہ وڙهي جاڻون ٿا." اوچتو سندس آواز بلند ٿي ويو ۽ ٻيندس شرافت واري طرز عمل بدران سندس آواز وهشتناڪ حد تائين بلند ٿي ويو. پڪ سان ٻاهريان سپاهي سندس آواز ٻڌي رهيا هٿا.

"اسين جوڙن جي ويڑهہ وڙهنداسين تہ جيئن روم جي تاريخ ۾ ڪ!وا جا ويڑهاڪ وساريندي ب وسري نہ سگهن!"

هڪڙو اهڙو وقت ايندو آهي جڏهن ماڻهن کي اُهو ڪم ڪرڻو ٿي پوي ٿو جيڪو ڪين ڪرڻو هوندو آهي. ورينيا کي اِها خبر هئي ۽ ڪيس خوشيءَ ڳاڙڙ فخر محسوس ٿي رهيو هو، اهڙو فخر جيڪو هُن اڳي ڪڏهن ب ڪونہ محسوس ڪيو هو. هوءَ خوشيءَ ۾ بنهہ مخمور هئي ڇاڪاڻ تہ سندس مڙس اهڙو شخص هو جنهن جو مٿ سموريءَ دنيا ۾ ڪونہ هو. هوءَ اسپارٽيڪس کي سڃاڻندي هئي، انهيءَ اسپارٽيڪس کي، جنهن کي پوءِ سڄي دنيا سڃاڻڻ واري هئي. پر اِها ڳالهہ مڪمل سچائي ڪانہ هئي تہ ڪو هوءَ ڪيس سڃاڻندي هئي. هُن ڪي تہ فقط ايتري خبر هئي تہ هيءَ ڪنهن اڻ ڪُٽندڙ عظيم شيءِ جي رڳو شروعات آهي. هُن ڪي ايتري ڄاڻ هئي تہ سندس مڙس هڪ شريف شفاف ۽ لاثاني مرد آهي.

[9]

"سڀ کان پهرين سپاهين کي ماريو!" اسپارٽيڪس چيو.

"هڪ سپاهيءَ جي عيوض اسين پنج ڇٽا آهيون ۽ تي سگهي ٿو ته هو يڇي وڃن."

"اُهي ٻڌندا ڪونہ." هن ناراضگيءَ مان جواب ڏنو. "توهان کي خبر هجڻ گهرجي ته سپاهي ٻڌندا ڪونہ. يا هو اسان کي قتل ڪري ڇڏيندا يا اسين هُنن کي ۽ جيڪڏهن اسين هنن کي قتل ڪري ڇڏينداسين ته وري ٻيا اچي ويندا. رومين جي لشکر جو تعداد اڃ ڪُٽڻو آهي."

جڏهن هنن سيني اسپارٽيڪس ڏاڍهن ڏنو ته هن چيو:

"۽ غلامن جو تعداد ٻہ ڪُٽڻ جو ڪونهي."

هُنن جلدي جلدي پنهنجي تياري مڪمل ڪئي. مري ويل سکيا ڏيندڙ جا خنجر ڪنيائون، بورچي خاني مان هٿيار طور استعمال ٿيندڙ هر شيءِ ڪنيائون. چاقو، ويلڻ، ڪاٽين جون بُنديون وغيره ايتريقدر جو جڏهن هڪ ماڻهو کي ٻيو ڪجهہ ٻہ هٿ ڪونہ آيو تڏهن هُن هڪ هڏي ڪٽي ورتي. ديڳڙن جا ڍڪڻ ڍال طور استعمال ڪرڻ لاءِ ڪٽي ورتائون. بهرحال، هو هاڻي هٿياربند هئا. پوءِ هُنن وڏا وڏا دروازا کولي ڇڏيا ۽ وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪتا.

هنن ڏاڍي ڏڙتيءَ سان اِهو سمورو ڪم ڪيو پر ايتري تيزيءَ سان ٻہ نہ جو سپاهين کي حيرت ٻہ وجهي سگهن. ٻنهي پهريدار سپاهين کين خبردار ڪيو ۽ سپاهي پنهنجا هٿيار سنيالي چڪا هئا. هُنن ڏهن ڏهن جڻن جا چار دستا ٺاهيا ۽ اهڙي طرح ناليءَ جي ٻئي پاسي چاليهہ سپاهي، ٻہ آفيسر ۽ اٺکل ڏزن ڪن سکيا ڏيندڙ نيزن، تلوارن ۽ ڍالن سان هٿياربند ٿي وڙهڻ لاءِ دڀ جهلي تيار ٿيا ٻينا هئا. اهڙي طرح چوونجاهہ هٿياربند ماڻهن جي سامهون ٻہ سؤ ڪن تقريباً بي هٿيار ويڙهاڪ هئا. هي جوڙ ڪنهن ٻہ طرح برابر جو جوڙ ڪونہ هو. سپاهين جو پاسو ڳرو هو. سپاهي، سي ٻہ رومي سپاهي. جن جي سامهون دنيا جي ڪابہ طاقت ٻيهي نہ سگهندي هئي. هنن پنهنجا نيزا اُپا ڪيا ۽ قدم سان قدم ملائي اڳيان وڌڻ لڳا. صبح جي ٺڏيرڙي هوا ۾ انهن جي آفيسرن جو حڪم بلند ۽ صاف آواز ۾ ٻڌڻ ۾ پئي آيو. هو اهڙي طرح اڳيان وڌي رهيا هئا جيئن هڪ ٻُهاري سامهون وارو ڪچرو صاف ڪري ٿي. سندن ڳرا فوجي بوٽ نالي جي پاڻي کي چيريندا اڳتي وڌندا رهيا. نالي پار ڪندي سامهون ٻيئل جهنگلي گل ٻوٽا لتاڙجي هڪ پاسي جهڪي ويا هئا. آسپاس جا غلام هِن نايابہ واقعي کي ڏسڻ لاءِ ميڙ ڪريو پئي آيا. خوفناڪ نيزا ايترا ته ڳرا هئا جو

بنهه سپاهين جون ٻانهون مڙيو ٽي پيون. نيزن جون لوهي ڇهنبون سج جي روشني ۾ چمڪي رهيون هيون. مقصد ته هي چار دستا روم جي طاقت جو مظاهرو هئا، جن غلامن کي شڪست ڏيئي پڇائ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو. هو منڊيءَ کي منڊيءَ ۾ ۽ گندگيءَ کي گندگيءَ ۾ ملائڻ جو عزم ڪري چڪا هئا.

پر انهيءَ گهڙيءَ روم جي قوت مجبور هئي، اسپارٽيڪس ڪمانڊر بنجي چڪو هو. هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي جيڪو ٻين جي رهنمائي ڪري، ڪا خاص تعريف ته ميسر ڪانهي پر اڳواڻي هڪ نايابَ ۽ محسوس نه ٿيندڙ وصف جو نالو آهي. خاص ڪري ان وقت جڏهن سندس پٺيان کا طاقت ۽ کا شاباس ڏيڻ واري قوت نه هُجي. حڪم ته هرڪو ٽي جاري ڪري سگهي ٿو، پر حڪم به اهڙا جيڪي سموري دنيا جا ماڻهو ٻڌن، اِها هڪڙي صفت ٿئي ٽي ۽ اِهائي صفت اسپارٽيڪس ۾ هئي. هُن ويڙهاڪن کي پکڙجي وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ هو پکڙجي ويا. هُن فوجي دستن جي چوڌاريءَ گهيرو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ گهيرو ٽي ويو. هاڻي ڇٽن ٽي دستن جي رفتار گهٽجي ويئي ۽ سندن فيصلي ڪرڻ جي قوت جواب ڏيئي ويئي. هو بيهي رهيا. دنيا جو ڪوبه سپاهي ويڙهاڪن جي رفتار جو مقابلو ڪري نٿي سگهيو. چنڊ ڦاٽل جوتن کانسواءِ ويڙهاڪن جا بدن اگهاڙا هئا پر انهن جي مقابلي ۾ سپاهي تلوارن نيزن، ڍالن، لوهي ٽوپلن ۽ ذره بکتر جي وزن هيٺان دٻجي رهيا هئا. ويڙهاڪن ٻوڙ ڪري اٽڪل ڪري ڏيڍ سؤ والن جو دائرو ناهي ورتو. دستا وچ ۾ هئا، جيڪي نيزا ڪٽيو هيڏانهن هوڏانهن مڙي رهيا هئا. نيزو جيڪو ٽٽهن يا چاليهن گزن جي فاصلي کان پوءِ بيڪار ٿيو وڃي ٿو. رومي تير به صرف هڪ پيرو هلائي سگهيو ٽي. تنهن ڪري سپاهين کي سمجهه ۾ ئي نٿي آيو ته کهڙو هٿيار استعمال ڪيو وڃي.

۽ انهيءَ دوران اسپارٽيڪس کي کهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي هئي، سو فيصلو طئي ٽي چڪو هو. ۽ اِها حڪمت عملي ايندڙ سالن لاءِ به ڪارگر هئي. هُن کي اُن باهرين فوجن جي نتيجي جو دليل سمجهه ۾ اچي ويو جن پاڻ کي رومي فوجين جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ جيڪي رومي نيزن جو شڪار ٽي ويون هُيون ۽ رومي تلوارن جي تيز ڌار انهن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيا هئا. پر هتي رڙيون ڪندڙ، گاريون ڏيندڙ، هڪلون ڪندڙ ۽ بي هٿيار اگهاڙن ويڙهاڪن جي گهيري ۾ روم جو ضابطو ۽ روم جي طاقت بنهه بيوس ٽي چڪي هئي.

"پٽر." اسپارٽيڪس وڏي واڪي چيو، "پٽر، اسان لاءِ پٽر وڙهندا." هُو دائري جي چوڌاريءَ وڏي شان سان ٻوڙي رهيو هو.

"پٽر اُجليو."

۽ پوءِ پٽرن جي مينهن ۾ سپاهي ٻڌي ويا. سموريءَ فضا ۾ هر طرف اڏامندڙ پٽر ئي پٽر پئي نظر آيا. غلام عورتون، گهرن ۾ ڪم ڪندڙ غلام ۽ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ غلام ٻوڙي ٻوڙي اچي اُن گهيري ۾ شامل ٿي رهيا هئا. سپاهين پنهنجي ڍالن سان انهيءَ زبردست حملي کان پنهنجو بچاءُ پئي ڪيو، پر اُن سان ويڑهاڪن کي موقعو ٿي ملي ويو ته هو جهٽ ڏيئي اچن ۽ سپاهين کي وڌي وري ڇڄي وڃن. هڪ دستي تير ڪمان سنياليو ورتا. هڪ ويڑهاڪ کي اِهو خطرناڪ هٿيار لڳو، پر پوءِ باقي ٻين ويڑهاڪن انهيءَ دستي تي حملو ڪري ڏنو ۽ تقريباً خالي هٿن سان انهن کي ماري ختم ڪري ڇڏيو. سپاهي به خوب وڙهيا.

ٻن دستن هڪ دائرو بنايو ۽ توڙي جو پٽرن جي برسات ۽ بگهڙن جي ولر وانگر ويڑهاڪن جي حملي کان پوءِ صرف ڪي چند سپاهي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهيا ٿي. پر پوءِ به هو آخري وقت تائين خوب وڙهيا. چوٽين دستي ويڑهاڪن جو گهيرو ٽوڙي ڇڄڻ جو گس ڪري ورتو ۽ ڇڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن جي هڪ به نه هلي ۽ کين هڪڙو هڪڙو ڪري ڪيرائي ڪُنو ويو. سڪيا ڏنڈڙن کي به ماري ويو. ٻن سڪيا ڏيندڙن رحم جي اپيل ڪئي پر انهن کي به عبرتناڪ موت ماري ڇڏيو.

هيءَ عجيب ۽ غريب لڙائي، جيڪا ڪاڏي جي هال وٽان شروع ٿي هئي سا اسڪول جي ميدان ۽ ڪاپوا جي رستي تائين پکڙجي وئي. جتي آخري سپاهيءَ کي ڇڄندي وڃي جهليو ويو ۽ قتل ڪيو ويو. هر طرف لاش ئي لاش ۽ زخمي ٽڙپا پکڙيا پيا هئا. چوونجاهه رومي سپاهي، سڪيا ڏيندڙ ۽ باقي ويڑهاڪن جا لاش.

پر اِها ته رڳو ايڏا شروعات هئي. فتحمنديءَ جي جذبن سان مخموريءَ جي رڳو شروعات. مٿاهين رستي تي ٻيئل اسپارٽيڪس پري پنڌ تي موجود ڪاپوا جي ديوارن کي ڏسي سگهيو ٿي. ٻنهپهرن جي اُس ۾ شهر ڏنڏلو سنهري رنگ جو لڳي رهيو هو. هائي ساهي پٽڻ جي ڪابه گنجائش ڪانه بچي هئي، چاڪاڻ ته ڳالهه پکڙجي چڪي هئي ۽ ڪاپوا جي ٻيرڪن ۾ تمام وڏي تعداد ۾ سپاهي موجود هئا. سڄي دنيا ڦاٽي پيئي هئي.

هُو روڊ تي ٻيٺو هو. سندس چٽني طرفن رت ئي رت هو، موت ئي موت هو. سندس دماغ ۾ تيز ۽ تلخ پر شاندار سوچون جنم وٺي رهيون هُيون. هُن ڳاڙهي مٽي واري گال ڪرڪس کي ڏنو جيڪو ڪلي رهيو هو، گانيڪس کي ڏنو جيڪو ڏاڍو خوش هو، يهودي ڊيوڊ کي ڏنو جنهن جي چاقوءَ تي رت هو ۽ اڪين ۾ زندگي هئي. عظيم قداور ڪارو شيدي پرسڪون هو ۽ جنگ جو ترانو ڳائي رهيو هو. پوءِ هُن ورينيا کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڪنيو. ٻيا ويڑهاڪ به پنهنجي پنهنجي زالن کي چمي

رهيا هئا ۽ کلي رهيا هئا. جڏهن ته گهريلو غلام باتياتس جون شراب سان پريل مشڪون ڪٽيو ڊوڙي رهيا هئا. ڦٽيل ۽ پنهنجا زخم وساري وينا هئا ۽ سُور جي سوڻن کي ڏٻائي رهيا هئا.

جرمن عورت اسپارٽيڪس کي ڏکي رهي هئي. هُوءَ ساڳئي وقت کلي ۽ رهي هئي ته روئي ۽ رهي هئي. هوءَ هُن جي چهري، ٻانهن ۽ هٿن کي چهي ڏسي رهي هئي، جن ۾ هُو چاقو جهليو ٻيٺو هو. شراب جون مَشڪون کلي رهيون هُيون. اسپارٽيڪس کين منع ڪئي ته شراب پيئڻ بند ڪريو نه ته بدمست ٿي ويندا، هوش وڃائي ويهندا ۽ پوءِ تاريخ ۾ سندن نالو نشان به ڪونه رهندو. سپاهي ڪاپوا جي دروازن مان قدم ۾ قدم ملائي نڪري رهيا هئا. پر اسپارٽيڪس کين اهو موقعو به ڪونه ڏنو. هن گانيڪس کي مُٽل سپاهين جا هٿيار ڪٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ آفريقي ناربو کي اهو ڏسڻ موڪليائين ته اسلحه خانو ٽوڙي سگهجي ٿو يا نه؟ هاڻي هُن جي نرم گفتاري ختم ٿي چڪي هئي. هاڻي هُو ويڑهاڪن کي حفاظت سان ڪڍي وڃڻ جون تدبيرون سوچڻ لڳو هو. مڪمل دلجمعيءَ ۽ سرگرميءَ سان. ائين پئي لڳو جڻ هُن هِن فرض کي پوري ڪرڻ لاءِ سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي هجي. جڻ هُن پنهنجو سمورو صبر ۽ تحمل اُن ڏينهن جي تياري لاءِ ئي ته وقف ڪري رکيو هو. جڻ هُن صدين تائين انتظار ڪيو هو. جڻ هِن کي هِن ڏينهن جو اُن ڏينهن کان وٺي انتظار هو، جڏهن دنيا جي پهرئين غلام کي ٻيڙيون پائي، چهبڪ هڻي ڪاليون ويڙ ۽ ٻنين ۾ پاڻي ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. هاڻي هن جنگ کان هن جو مُنهن موڙي نٿي سگهجيو.

پهريائين هُن هُنن کان پڇيو.

"رومي هٿيار ڪير استعمال ڪري سگهي ٿو؟ نيزي سان وڙهڻ ڪير ڄاڻي ٿو؟" هاڻي هُو انهن کي حڪم ڏيئي رهيو هو. هُن چئن دستن تي مشتمل فوج تيار ڪري ورتي.

"آءٌ عورتن کي اندرئين پاسي رکڻ چاهيان ٿو." هُن چيو.

"أنهن کي باهر ظاهر ڪونه ڪبو. انهن کي ويڑهايو ويندو."

عورتن جي غضبناڪ ردعمل کيس حيران ڪري ڇڏيو هو. اهو غصو مردن جي پيٽ ۾ وڌيڪ غضبناڪ هو. هنن وڙهڻ ٿي چاهيو. هو لڙائيءَ ۾ حصو وٺڻ جو مطالبو ڪري رُنيون پئي. هُن ڪجهه چاقو گهريا پر اسپارٽيڪس جي انڪار ڪرڻ تي هنن پنهنجا جهول پٽرن سان پري ڪنيا هئا ته جيئن انهن سان وڙهي سگهن.

اسڪول جي ويجهو جبلن جي لاهين تي ٻنيون هُيون. ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ غلامن جڏهن هي ڏٺو ته هڪ مختلف، دهشتناڪ ۽ زبردست واقعو پيش آيو آهي ته

هو پٿر جي ديوارن تي، وڻ هيٺان، هِتي هُتي اچي گڏ ٿيا. انهن کي ڏسي اسپارٽيڪس کي روشن مستقبل ڏسڻ ۾ آيو. هُن ڏيوڊ نالي هڪ يهودي کي گهرايو ۽ کيهه حڪم جاري کيا. يهودي انهن هاري غلامن ڏانهن ڏوڙي ويو. اسپارٽيڪس جو اندازو غلط نه هو ڇو ته هاري غلامن جا ٽي حصا ڏيوڊ سان گڏ اچي رهيا هئا. هو ڏوڙندا آيا ۽ اچي ويڑهاکن کي فوجي سلام کيائون ۽ سندن هٿ چميائون. هٿن پاڻ سان پنهنجا ٽيڪر پڻ آندا هئا ۽ اُهي ٽي ٽيڪر هاڻ سندن هٿيار بنجي چڪا هئا.

اُن وقت تائين آفريقي به اچي ويا هئا. هو وڏي اسلحه خاني کي ٽوڙي کوڙ سگهيا هئا. ڇو ته اُن ۾ گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ لڳي وڃي ها. مگر هو ته شاخن وارو ذخيرو هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. اسپارٽيڪس اُهي نيزا آفريقين ۾ ورهايا. شيدين انهن کي چُميو ۽ انهن کي سامهون رکي عجيب هولي ۾ عجيب قسم جو عهد کيائون.

حالانڪ ان سموري ڪم ۾ تمام ٿورو وقت لڳو هو پر ته به اسپارٽيڪس کي تمام گهڻي تڪڙ جي ضرورت هئي. هُن اُن جاءِ، اسڪول ۽ ڪاپوا کان پري هٽي وڃڻ ٿي چاهيو.

"منهنجي پٺيان اچو." هُن هڪل ڪئي "منهنجي پٺيان اچو." ورينيا ساڻس گڏ هئي. هٿن رستو ڇڏي ڏنو ۽ ٻنين مان ٽيندا جبلن تي چڙهڻ لڳا.

"مون کي ڪڏهن به پٺيان نه ڇڏجاءِ، مون کي ڪڏهن به نه ڇڏجاءِ." ورينيا چيو. "آءٌ به ايترو وڏهي سگهان ٿي جيترو هڪ مرد وڏهي سگهي ٿو."

هاڻي هٿن کي ڪاپوا ڏانهن ايندي رستي تي سپاهي ڏسڻ ۾ آيا جن جو تعداد به سؤ کن هو. هو قدم سان قدم ملائي اچي رهيا هئا. انهن ويڑهاکن کي جبلن تي چڙهندي ڏٺو. انهن جي آفيسرن سپاهين کي پوزيشنون سنيالڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ انهن ٻنين ۾ مورچا سنيالي ورتا. غلامن جي بغاوت کي ڪچلڻ ۽ بغير پئسا خرچ ڪرڻ جي جوڙجڪ لڙائيءَ جو نظارو ڪرڻ لاءِ شهر جا ماڻهو دروازن مان ٻاهر نڪري رهيا هئا.

اُن بغاوت کي هتي ئي ختم ٿيڻو هو، يا هڪ ڪلاڪ پهرين يا وري هڪ مهينو پوءِ. بي شمار ۽ اڻ ڪُٽ موقعن مان ڪنهن هڪ موقعي تي ته ڪين شڪست اچڻي ئي هئي. پر هو ته پهرين ئي شڪست کائي چڪا هئا. چاڪاڻ ته جيڪ هن هي غلام پڇي به وڃن ته جانورن وانگر گاهه چري ۽ جهنگلي ميوا کائي زنده رهڻ تي مجبور ٿيندا. پوءِ ڪين هڪ هڪ ڪري شڪار ڪري وڌبو ۽ هڪ هڪ ڪري ٽياس تي ٽنگي چڏبو. دنيا نهي ئي انهيءَ ڏينگ سان هئي ته غلام لاءِ ڪٽي به پناهه

لاءِ جاءِ ڪانه هئي. جڏهن اسپارٽيڪس بٽريڪن جي سپاهين کي پاڻ ڏانهن ڊوڙندو ڏسي رهيو هو، اُن وقت ڪيس اُن سادي حقيقت جي ڇگي طرح خبر پئجي چڪي هئي. لڪڻ لاءِ ڪا جاءِ ڪانه هئي ۽ اندر وڃڻ لاءِ ڪوبه ٻر ڪونه هو. تنهن ڪري دنيا کي ئي بدلائڻ اشد ضروري ٿي پيو هو.

هُن پڇڻ بند ڪري چڏيو ۽ چيو.

"اسين سپاهين جو مقابلو ڪنداسين."

[10]

تمام گهڻو وقت پوءِ اسپارٽيڪس پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو هو.

"اسان جي جنگين جي باري ۾ ڪير لکندو؟ اسان جي سوين ۽ اسان جي شڪستن جي باري ۾ ڪير لکندو؟ ۽ ڪير سچي ڳالهه لکندو؟" غلامن جي سڃائي اُن دور جي سمورين سڃائين جي ابتڙ هئي. سچي ڳالهه چوڻ ناممڪن هئي. ان لاءِ نه تہ اُها ٿي ئي ڪانه هئي، پر اُن لاءِ تہ اُن دؤر جي پس منظر ۾ اُن سچ جي تشريح موجود ڪانه هئي. غلامن جي پيٽ ۾ سپاهي گهٽا هٿا ۽ اُهي هٿياربند هٿا. پر انهن کي اِها توقع ڪانه هئي تہ ڪو غلام وڙهندا. جڏهن تہ غلامن کي تہ پڪ هئي تہ فوجي وڙهندا. غلام جبلن تان سپاهين تي چڙهي ويا. سپاهي اُن غير متوقع حملي کي مُنهن ڏيئي نہ سگهيا. هو رڳو ائين ڊوڙي رهيا هٿا جيئن شڪاري ڪنهن ٽلهي متاري هڻڻ جي پويان ڊوڙندا آهن. هو افراتفريءَ ۾ اڪيون ٻوٽيو رڳو تير اڇلائي رهيا هٿا پر پاڻ تہ عورتن طرفان اڇلايل پٿرن جي برسات ۾ ٿي ٻڏي ويا هٿا.

تہ اهو هو سچ، يعني غلامن فوجين کي شڪست ڏني هئي. فوجي شڪست کائي ڪاپوا طرف ونڊي پيگا هٿا. غلامن پڇندڙ سپاهين جو پيڇو ڪري کين قتل ڪري چڏيو هو. پهرين لڙائيءَ ۾ غلامن جو ڪافي نقصان ٿيو هو، پر ٻيءَ لڙائيءَ ۾ صرف چند غلام ماريا ويا هٿا ۽ روم جي فوج انهن جي سامهون ٽڪي نہ سگهي هئي. اِها هئي حقيقت. پر ڪهاڻي تہ سوين مختلف نمونن ۾ ٻڌائي ويئي. اُن لڙائيءَ جي باري ۾ پهرين رپورٽ ڪاپوا جي فوجي ڪمانڊر لکي هئي:

"لنٽولس باتياتس جي سکيا گهر ۾ غلامن بغاوت ڪري وڌي. ۽ انهن جو هڪ وڏو تعداد ايپين رستو ڏيئي ڏکڻ طرف فرار ٿي ويو. ۽ سؤ پنجاهه سپاهي انهن جي مقابلي لاءِ موڪليا ويا پر انهن جو گهيرو ٽوڙي ڪجهه غلام پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اِها خبر پئجي ڪانه سگهي آهي تہ سندن اڳواڻ ڪير آهي ۽ سندن ارادو ڪهڙو آهي؟ پر انهن بهراڙين جي غلامن ۾ بيچيني پيدا ڪري چڏي آهي. هتي جا شهري اهو پيا محسوس ڪن تہ معزز سينيٽ کي ڪاپوا جي فوجي بٽرڪن

کي مضبوط ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جيئن بغاوت کي جلد کان جلد ڪچلي ڇڏجي." شايد ڪمانڊر کي پوءِ خيال آيو ۽ ان رپورٽ ۾ هي اضافو ڪيو ته "تشدد جا ڪيترائي واقعا پهرين ئي ٿي چڪا آهن. انديشو آهي ته آسپاس جي ڳوٺن ۾ وڌيڪ لٽ مار ۽ قتل ٿيندا."

باٿياٽس ڪاپوا ۾ تفصيل ٻڌڻ لاءِ بي چين ماڻهن جي ميڙ کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي. هُو سيني کان وڌيڪ پريشان هو، ڇو ته سندس سالن جي محنت رائيگان ٿي ويئي. پر سيني ماڻهن کي خبر هئي ته بهرڙين ۾ اُن وقت تائين بدامني ۽ بيچيني رهندي جيستائين انهن دهشتگردن جو آخري ماڻهو به نٽو قتل ٿئي يا ٽياس تي نٽو ٽنگجي. ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرائڻ لاءِ اِها سزا ضروري هئي. ڪهاڻي ٻڌائڻ جو عمل شروع ٿي چڪو هو. اُهي ماڻهو جن جون زندگيون غلامن جي بيچين ڏانچن تي تعمير ٿيل هُيون، پنهنجي خدشن ۽ ضرورتن مطابق بار بار ان قصي کي دهرائي رهيا هئا. ائين هميشه کان ٿيندو پيو اچي ۽ سالن کان پوءِ به ائين ٿيندو رهندو.

"اتي ڪاپوا ۾ مون پاڻي پئي پريو تڏهن مون اسپارٽيڪس کي نيئر ٽوڙائي پڇندو ڏٺو هو. ها ها، مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. هُو هڪ ديوَ جهڙو قداور مڙس هو. هن جي نيزي جي ڇهنب ۾ هڪ معصوم بار ٽنبيو پيو هو. اهو ڏاڍو خطرناڪ منظر هو."

اهڙي نموني جا هزارين داستان گهڙيا ويا هئا. پر سچ ته اهڙي شيءِ ڪانه هئي. جنهن جون ڪجهه جهليڪون اسپارٽيڪس پاڻ ڏنيون هيون. زماني جي تشدد ۽ سختين سندس اکيون کولي ڇڏيون هيون. بن ننڍين ننڍين لڙائين ۾ غلامن رومي لشڪر کي شڪست ڏني هئي. اِها حقيقت آهي ته اُهي بيرڪن جا ٻئي درجي جا آگرين تي ڳٽڻ جيترا سپاهي هئا، شهر جي آرام پسند زندگي ۾ نازڪ بنجي ويا هئا. ۽ انهن جو مقابلو اٽليءَ جي بهترين ۽ پيشه ور ويڙهاڪن سان ٿيو هو. پر پوءِ به غلامن طرفان هڪ ئي ڏينهن ۾ پنهنجي آقا کي به پيرا شڪست ڏيڻ واريءَ سچائيءَ زمين کي ڏوڏي ڇڏڻ واري سچائي هئي. سپاهين جي پڇي وڃڻ کان پوءِ به هنن پنهنجي بغاوت ختم ڪانه ڪئي، پر جڏهن اسپارٽيڪس کين سڏيو تڏهن هو واپس موٽي آيا.

هو باضابطه ماڻهو هئا ۽ اسپارٽيڪس شروعات جي چند ڪلاڪن جي اندر اندر هنن لاءِ هڪ ديوتا جو درجو حاصل ڪري چڪو هو. هو فخر سان شرسار هئا. هنن جو سمورو خوف ختم ٿي چڪو هو. هو هڪٻئي کي ڇُهي ڏسي رهيا هئا. ائين پئي لڳو ته هيءَ مشهور چوٽي ابتڙ ٿي پئي هجي ته "ويڙهاڪ ويڙهاڪ کي دوست ڪونه بنائيندو آهي." ۽ اهڙي طرح هو هڪ ٻئي جو خيال رکڻ ۽ هڪٻئي سان پيار

ڪرڻ جي جذبن سان چڪار هئا. هو بنهه سادا ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو هئا، پر هاڻي هو هڪدم اعليٰ مان ۽ مرتبي وارا ۽ صاف ستڙا انسان ٿي پيا هئا. هو هڪبئي کي ائين ڏسي رهيا هئا جڙ اڳ ۾ ڪڏهن نه مليا هجن. شايد هو به ائين! ان کان اڳ هنن رڳو هڪبئي کي ڏسڻ جي جرئت به ڪانه ڪئي هئي. جلاد ۽ لا پنهنجي شڪار کي ڪڏهن غور سان ڏسندو آهي؟ پر هاڻي ته هو نه جلاد هئا ۽ نه ئي شڪار. هو ته هاڻي فتح مند ياٿر هئا ۽ هاڻي اسپارٽيڪس کي خبر پئي ته اِها ئي ڳالهه سسليءَ ۽ بين هنڌن تي ڪيڻن پيدا ٿي هئي. هُن پنهنجي انهن ابن ڏاڏن جي طاقت کي محسوس ڪيو جو ته ان طاقت جو ڪجهه حصو هُو پاڻ ۾ به محسوس ڪري رهيو هو. انهيءَ ئي طاقت جي موج کيس ان سموريءَ ڪروڙ ڪان آجو ڪري ڇڏيو جيڪا سندس ماضيءَ جو اڻ ٽُٽ حصو بنجي چڪي هئي. اُن بجليءَ جي لهر سندس سموري خوف، شرم ۽ حقارت ختم ڪري ڇڏيا. هُو هيترو عرصو زندگيءَ سان چهٽيو پيو هو. ايتري عرصي تائين زندگي کي قائم رکڻ جو فن استعمال ڪندو رهيو هو پر اڄ کيس انهن بچتن جو لاپ ملي ويو ۽ هڪدم کيس موت ۽ موت جي تصور کان ڪوبه خوف ڪونه رهيو. موت جي ڪا اهميت ڪانه رهي هئي.

ڪاپوا کان اتڪل پنج ميل ڪن ڏکڻ ۾ ايپين شاهراهه کان ٽورو چديرڙو هڪ ٽڪري هئي. اتي ويڑهاڪ، سندن زالون ۽ ساٿن اچي ملڻ وارا غلام گڏ ٿي ويا. ٻنهڙن جو وقت هو. ٻن لڙائين ۽ ڏکڻ ڏانهن پنڌ ڪرڻ واري عمل دوران ويڑهاڪ هڪ ٽنڊي فوج جو روپ اختيار ڪري چڪا هئا. جيڪڏهن سندن وچ ۾ ڪارا شيدي نه هجن ها ته هو پري کان رومر جو لشڪر پئي لڳا. هٿيار پاڻ ۾ ورهايائون ۽ هاڻي ڪير به هٿين خالي نه هو. جيئن ته هو آزمايل ويڑهاڪ ته اڳ ۾ ئي هئا ۽ هاڻي ته جڏهن هو هٿياربند به هئا ته هاڻي کين للڪارڻ سولي ڳالهه ڪانه هئي. عورتن کي ڇڏي، ويڑهاڪن، گهرو نوڪرن ۽ ٻنين جي غلامن جو تعداد به سؤ پنجاهه هو. ٿي دستا يعني ٽريشين، گال ۽ آفريقي. فوجي دستن وانگر قدم سان قدم ملائي هلي رهيا هئا. جيئن ته هو ڪيتري وقت کان رومي فوجين کي ڏهن ڏهن جي دستن ۾ ڏسندا پئي آيا هئا. تنهن ڪري فطري طور انهن به ڏهن ڏهن جا دستا ٺاهيا. اسپارٽيڪس سندن اڳواڻ هو. اُن جي قيادت تي ڪنهن کي به اعتراض ڪونه هو. هو هُن جي خاطر ڪُسجي مرڻ لاءِ تيار هئا.

قدم سان قدم ملائي اسپارٽيڪس سيني جي اڳيان هلي رهيو هو. جرمن چوڪري ورينيا سائس گڏ هئي. هوءَ ڪيس چيلهه ۾ پاڪر وجهي هلي رهي هئي. هُو سندس لاءِ نئون مرد ڪونه هو پر گهٽو وقت اڳ هُن هِن شخص سان شادي ڪئي هئي، جيڪو بهادر ترين ۽ بهترين شخص هو. هُن کي اِها خبر ڪانه هئي ته

آيا هوُ هن ڳالهه تي خوش آهي يا نه، ته هوءَ به سپاهين سان وڙهي هئي، پر هُن اُن چاقوءَ تي کوبه اعتراض کونه ڪيو جيڪو ورينيا جي هٿ ۾ هو. هو ٻئي برابر هٿا. تاريخ مرداني لباس ۾ هٿياربند عورتن جي قصن سان پري پيئي آهي. تمام گهٽو اڳ ڪيتريون ئي عورتون ٽي گذريون آهن جيڪي مردن وانگر جنگ جي ميدان ۾ ٽپي پونديون هُيون. ۽ خود اسپارٽيڪس جي زماني ۾ ئي اهڙا ڪيترائي قصا موجود هٿا جن مطابق سموريون عورتون ۽ مرد برابر هٿا، نه آقا هٿا ۽ نه غلام ۽ سموريون شيون گڏيل ملڪيت ۾ هونديون هُيون. اُهو دؤر وقت جي ڏند ۾ گم ٿي چڪو هو. اُهو سونهري دؤر هو. هڪ پيرو وري اهو سونهري دؤر اچڻ وارو هو.

هاڻي هي هڪ سونهري دؤر هو جڏهن اُن بهراڙيءَ جي علاقي ۾ سج توانائي سان چمڪي رهيو هو ۽ آکاڙي جا غضبناڪ ماڻهو سندس چوڌاري گڏ هٿا ۽ جرمن چوڪري سائس گڏ هئي. سندن دلين ۾ طرح طرح جا سوال هٿا. هو جتي گڏ ٽيا هٿا اُها جاءِ ڏاڍي سرسبز هئي. سائو سائو ۽ نرم گاهه موجود هو. گل پنهنجي سرهاڻ سان جڳ واسي رهيا هٿا ۽ هر طرف رنگين پوپٽ ۽ ماکيءَ جون مکيون پئي اڏاميون ۽ فضا انهن جي نغمن سان گونججي رهي هئي. هُو سڀ ئي ٽريشين انداز ۾ ڪيس بابا چوندا هٿا.

"هاڻي اسين ڇا ڪنداسين؟ هاڻي اسين ڪيڏانهن ويندasين؟" هُو انهن جي وچ ۾ بيٺو هو. ورينيا گاهه تي ويٺي هئي. باقي سڀ ماڻهو پاڻولي هٽيو وينا هٿا، ڏگها، ڏنامٽا ڪارا شيدي، سرخ چهرن ۽ نيرن اکين وارا گال ۽ ڪارن وارن ۽ گهاٽي بدن وارا ٽريشين.

"اسين هڪڙو قبيلو آهيون." هُن چيو. "اهوئي توهان سيني جو فيصلو آهي. ڪيئن ٺيڪ آهي نه؟" سيني ها ۾ ڪنڌ ڏوٽيو.

قبيلي ۾ ڪوبه شخص غلام ڪونه هوندو هو، پر سيئي برابريءَ جي سطح تي هر ڳالهه ڪندا هٿا. اُن نظام کي ڪو گهٽو عرصو ڪونه گذريو هو ۽ اُن دؤر جي يادگيري سندن دلين ۾ موجود هئي.

"ڳالهائيندو ڪير؟" هُن پڇيو.

"توهان جو اڳواڻ ڪير هوندو؟ جيڪو شخص اسان جي اڳواڻي ڪرڻ چاهي، سو اڄي ٻيهي. اسين سڀ هاڻي آزاد آهيون."

ڪير به اڄي ڪونه ٻيٺو. ٽريشين پنهنجي خنجرن سان پنهنجون ڏالون وڄائڻ لڳا ۽ زبردست آوازن جي ڪري آسپاس جا پکي اڏامڻ لڳا. پري ڪنهن محل مان ڪجهه ماڻهو ظاهر ٿيا پر پنڌ ايترو پري هو جو سڃاڻن ۾ نٿي آيا. ڪارن شيدين تاڙيون وڄائي اسپارٽيڪس کي سلامي پيش ڪئي. ورينيا پنهنجي مٿ اسپارٽيڪس

جي تنگ سان مهٽيندي رهي.

گانيڪس وڏي واڪي چيو.

"اسين تنهنجو آترياءَ ڪريون ٿا، ويڙهاڪَا"

هڪ مرڻ جي ڪنڊيءَ تي پهتل شخص مشڪل سان اٿيو. ڪيس گاهه تي ليٽايو ويو هو. سندس ٻانهن ويڇي چڪي هئي ۽ هُو رت ۾ ٻُڏاڙهو هو. هو گال نسل جو هو. هُو پٽيان ڪونه رهيو هو ۽ ائين هُن آزاديءَ جو معمولي ذائقو چکي ورتو هو. سندس ٻانهن هڪ رت ۾ رڳيل ڪپڙي سان ٻڌي پيئي هئي. هو پنڌ ڪري اسپارٽيڪس تائين آيو، جنهن ٻيهڻ ۾ سندس مدد ڪئي.

"آءٌ مرڻ کان ڊجان ڪونه ٿو." هُن چيو "هي موت جوڙن جي لڙائيءَ واري موت کان هزار پيرا بهتر آهي. جيڪڏهن آءٌ مري وڃان ته مون کي ياد رکجو ۽ هِن شخص جي اطاعت ڪريو، هِن جي ڀَالهه ميو. ٽريشين هن کي بابا چون ٿا. اسين ننڍڙن ٻارڙن وانگر آهيون، ليڪن هي اسان مان سمورين برائين کي چُوسي ڪڍي ڇڏيندو. منهنجي اندر ۾ هاڻي ڪابه برائي ڪانه رهي آهي. مون هڪ عظيم ڪم ڪيو آهي ۽ هاڻي آءٌ پاڪ و پوتر ٿي ويو آهيان. هاڻي مون کي موت کان ڪوبه ڊپ ڪونهي. آءٌ مانُ مٽيءَ ۾ سمهي پوندس. مرڻ کان پوءِ آءٌ کي به خواب ڪونه ڏسندس."

ڪجهه ويڙهاڪ زور زور سان روئي رهيا هئا. گال اسپارٽيڪس کي چمي ڏني ۽ موٽ ۾ اسپارٽيڪس به کيس چمي ڏني.

"مون سان گڏ ٻينو رهه." اسپارٽيڪس چيو پر هُو شخص زمين تي ڊير ٿي ڪري پيو. سندس هٿ کليا پيا هئا ۽ وات به کليو پيو هو ۽ اهڙي طرح هُو شخص موت سان وڃي مليو.

"تون مري ويو آهين، پر اسين سڀ زنده رهنداسين." اسپارٽيڪس چيو "اسين تنهنجو نالو ياد رکنداسين ۽ تنهنجي نالي جا نعرا هڻنداسين. اسين هن سموري ڏرتيءَ تي تنهنجي نالي جو شور مچائيندا سين."

"تون هي سڀ ڪجهه ڇڏي ته نه ڏينديں؟" هڪ گال پڇيو.

"جڏهن سپاهي اسان جي مقابلي ۾ آيا هئا ته ڇا اسان انهن جو مقابلو ڪونه ڪيو هو؟ اسان سپاهين سان به پيرا وڙهياسين ۽ ٻئي پيرا کٽي وياسين. توکي خبر آهي ته هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻو آهي؟" هُن هُن کان پڇيو. هُو انهن ڏانهن تڪي رهيو هو.

"ڇا اسين ڀڄي سگهنداسين؟"

"اسين پڇي ٻ ڪيڏانهن ويندا سين؟" ڪرڪس پڇيو. "هر هنڌ ساڳيو حال هوندو. هر هنڌ آقا ۽ غلام جو نظام موجود آهي."

"اسين پڇي ڪيڏانهن ٻ ڪونہ ويندا سين." اسپارٽيڪس يقين ۽ اعتماد سان چيو. "اسين هڪ ٻنيءَ کان پي ٻنيءَ تائين ويندا سين. گهر گهر ويندا سين ۽ جتي ٻ ويندا سين، اتي جي غلامن کي آزادي ڏيارينداسين ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ شامل ڪنداسين. جيڪڏهن هو ٻيهر اسان ڏانهن فوج موڪلينداتہ اسين وري ٻ انهن سان جنگ ڪنداسين ۽ ان ڀالهہ جو فيصلو خدا ڪندو تہ هُو رومين جي سوپ پسند ڪري ٿو يا اسان جي فتح کي."

"۽ هٿيار؟ اسان کي هٿيار ڪٽان ملندا؟" ڪنهن پڇيو.

"هٿيار اسان فوجين کان ڦرينداسين. اسين خود ٻ هٿيار ناهينداسين. روم سواءِ غلامن جي رت ۽ پگهر جي، ٻيو آهي ڇا؟ ڇا اهڙي ڪا شيءِ آهي جيڪا اسين نہ ٽا ناهي سگهون؟"

"تہ پوءِ روم اسان جي خلاف جنگ ڪندو؟"

"تہ پوءِ اسين ٻ روم جي خلاف جنگ ڪنداسين." اسپارٽيڪس ٻنهہ آهستگيءَ سان چيو. "اسين روم جو خاتمو ڪري ڇڏينداسين ۽ هڪ اهڙي دنيا ڏينداسين جتي نہ غلام هجي ۽ نہ آقا."

هي هو تہ هڪ خواب، پر هُنن سيني اهو خواب ڏسڻ چاهيو ٿي.

"اسين توهان کي رُسوا نہ ڪنداسين." اسپارٽيڪس انهن کي چيو. هُو هنن جي اکين ۾ اکيون وجهي سڌوسنئون ۽ آهستگيءَ سان ڀالهائي رهيو هو. اٿين پٽي لڳو ڇڻ هو الڳ الڳ هر ڪنهن سان مخاطب آهي. "اسين رومين وانگر ڪونہ ڪنداسين، اسين رومين جي قانون کي ڪونہ ٽا ميجون. اسين پنهنجو قانون پاڻ ناهينداسين."

"اسان جو قانون ڪهڙو آهي؟"

"اسانجو قانون بنهہ سادو سودو آهي، جنهن شيءِ تي اسين قبضو ڪنداسين اُها اسان سيني جي گڏيل شيءِ هوندي. ڪوبہ شخص پنهنجي هٿيارن ۽ ڪپڙن کان سواءِ پي ڪنهن ٻ شيءِ جو مالڪ ڪونہ هوندو. هي اُهو ئي طريقو آهي جيڪو اڳوڻي زماني ۾ هوندو هو."

هڪڙي ٽريشين چيو "اسان سيني لاءِ دولتمند ٿيڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي."

"قانون آءٔ اڪيلو نہ، پر توهين ناهيندا." اسپارٽيڪس چيو.

اُهي هِن قسم جون ڀالهيون ڪري رهيا هئا. منجهن ڪيترائي لالچي ماڻهو

ٻہ موجود هٿا جيڪي رومين وانگر نواب ٿيڻ جا خواهشمند هٿا. أتي اِن قسم جا ٻہ مائهو موجود هٿا. هو ڳالهائيندا رهيا، ڳالهائيندا رهيا ۽ آخر ۾ اسپارٽيڪس چيو:

"۽ اسين پنهنجي زال کان سواءِ ٻي کابہ عورت پاڻ وٽ نہ رکنداسين ۽ نہ ئي کنهن وٽ هڪ کان وڌيڪ زالون هونديون. زال مڙس هڪجهڙي حيثيت سان رهندا ۽ جيڪڏهن انهن جو پاڻ ۾ نباهہ نٿو ٿئي تہ أهي پلي هڪ ٻئي کي ڇڏي ڏين. ۽ کوبہ شخص کنهن ٻہ اهڙي عورت سان کوبہ گڏ رهندو جيڪا سندس زال نہ هجي. پوءِ چاهي أها عورت رومي ئي چو نہ هجي، يا ايا کا ٻي....."

انهن اتي جو اتي چند قانون جوڙي ورتا ۽ هو سيئي انهن قانونن تي متفق هٿا. پوءِ هن پنهنجا هٿيار سنياليا ۽ جاڳير تي حملو ڪرڻ روانا ٿي ويا. اتي رڳو غلام وڃي بچيا هٿا، جيڪي سائن هڪدم ملي ويا، باقي رومي نواب تہ اڳ ۾ ئي کاپوا ڏي ڀڄي ويا هٿا.

جڏهن روم جي نوابن کاپوا جو پهريون محل سڙندي ڏٺو هو، تڏهن هن اوڏيءَ مهل کان ئي غلامن کي دل جا ساڙيلا ۽ ظالم قرار ڏيئي ڇڏيو هو. هن غلامن کي شريف ڏسڻ ٿي چاهيو. هُن چاهيو ٿي غلام پري جبلن تي هليا وڃن، غارن ۾ اڪيلا اڪيلا رهن يا ٽوليون ناهي رهن ۽ لڪندا ڇپندا أن وقت تائين جانورن وانگر زندگي گذارين، جيستائين جانورن ئي وانگر سندن شڪار نہ ڪيو وڃي. توڙي جو کاپوا جي شهرين سڙندڙ پهرئين محل کي ڏٺو ٻہ هو، پر پوءِ ٻہ کين کو گهٽو ڊپ کونہ هو. ايئن پئي سمجهيو ويو تہ ويڙهاڪن جي سامهون جيڪا ٻہ شيءِ آئي ٿي، تنهن کي هن تباهہ ڪري ٿي ڇڏيو. هڪدم ئي هڪ تيز رفتار قاصد انهيءَ بغاوت جي خبر ڪٽي سينيٽ ڏانهن ڊوڙندو ويو. انهن جو خيال هو تہ ڪجهہ ڏينهن اندر حالتون معمول تي اچي ويندیون ۽ غلامن کي اهڙو سبق سيکاريو ويندو جو انهن جا ايندڙ نسل ٻہ ياد ڪندا.

ماريسو ليڪانس نالي هڪ زميندار پنهنجا ست سؤ غلام گڏ ڪيا ۽ انهن کي کاپوا جي حفاظت لاءِ ونيو ويو. ويڙهاڪن أن زميندار کي رستي تي ئي اچي ورايو. ويڙهاڪ خاموشيءَ سان بيٺا رهيا ۽ أن جي پنهنجن غلامن ئي سندس زال، سالي، ڏيءَ ۽ نائيءَ کي ڪُهي ڇڏيو. اهو هڪ رنج پهچائيندڙ عمل هو، پر اسپارٽيڪس کي خبر هئي تہ هوُ انهيءَ عمل کي روڪي نٿو سگهي ۽ نہ ئي هُو ڪو انهيءَ عمل کي روڪڻ لاءِ بيقرار ٻہ هو. رومين جيڪو ڪجهہ پوڪيو هو سوئي اڄ لڻي رهيا هٿا. ڪوس جو اِهو ڪم ڏولي ڪٺندڙ غلامن پاڻ ئي ڪيو هو،جو تہ کين خبر هئي تہ أهي رومي سپاهي نہ بلڪ ويڙهاڪ هٿا، جن جي هاڪ پهريائين

علائقي ۾ پکڙجي چڪي هئي. انهن جي نالي جا ڳيچ ۽ هڪلون خود هوا ۾ به موجود هيون.

اڳيون لڙي چڪيون هيون. پر انهن جي خبر وقت کان زياده تيز رفتار هئي. پهرين ته بغاوت ڪندڙ ڪجهه سؤ ماڻهو هئا، هاڻي وڌي هڪ هزار کان به گهٽا ٿي ويا هئا ۽ جيئن جيئن هُو ڏکڻ طرف وڌي رهيا هئا تيئن تيئن ٽڪرين ۽ وادين مان ولرن جا ولر غلام اچيو ساڻن پئي مليا. هنين ۾ ڪم ڪندڙ غلام پنهنجا اوزار به پاڻ سان کڻي آيا هئا. دراڙ پنهنجي ڏڻن سميت پئي آيا. جڏهن هو ڪنهن رئيس، نواب يا زميندار جي محل وٽ ٿي پهتا ته اتي جي غلامن کي اڳواٽ ٿي خبر پئجي ٿي ويئي ۽ پوءِ بورچيخاني ۾ ڪم ڪندڙ غلام پنهنجي ڇُرين، چمچن ۽ ويڳر کڻڻ جي مولڙن سميت ٽڪري سندن استقبال ڪرڻ ٿي آيا ۽ گهر جا غلام انهن لاءِ قيمتي ويس وڳا ۽ ٻيون عمديون ۽ قيمتي سوکڙيون کڻي سندن آڏرياڻ ٿي ڪيو. گهٽو ڪري رومي نواب پڇيو ٿي ويا پر جتي جتي رومين ۽ اوور سيئرن ويڙهه ٿي ڪئي ته اتي جنگ جون هيبتناڪ نشانيون رهجيو ٿي ويون.

هوتکا نٽي هلي سگهيا. هو ڪلندڙ ڳائيندڙ، عورتن، مردن ۽ ٻارن جو هڪ وڏو ميڙ ٿي چڪا هئا. هو سڀ آزاديءَ جي نشي ۾ هڪجهڙا مدهوش ٿي چڪا هئا. هنن هڪ پاڻي جي چشمي وٽ ڌاهو ڪيو. باهه ٻاري ۽ پوءِ خوب پيٽ پُري تازو پڪل گوشت کاڌو.

ٻڪريون، ريڍون ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ڍور ڍڳا به کهي شيخن ۾ ٽاندن تي پچايائون ۽ ڪباب جي لذيذ ۽ هلڪي خوشبو فضا کي واسي رهي هئي. هي موقعو هنن لاءِ خاص عيد جي ڏينهن جهڙو موقعو هو. هو سالن کان رڳو ساڳ ۽ موريءَ تي جيئرا هئا. هنن گوشت کي شراب سان ڏوتو هو. هنن جا ٽهڪ ۽ گيت کاڌي جي لذت ۾ واڌارو ڪري رهيا هئا. هوءَ هڪڙي عجيب فوج هئي. اُن ۾ گال، يهودي، يوناني، مصري، ٿريشين، نوبين، سوڊاني، پارسي، جرمن، سلاد، بلغار ۽ هسپانوي سپاهي موجود هئا. انهن جي فوج ۾ ڪجهه اطالوي به هئا جيڪي ڪئين پيڙهيون اڳ ۾ ڪنهن طرح قيد ٿي غلام ٿيا هئا. انهن سيني کي پهرين غلاميءَ ۽ هاڻي آزاديءَ ملائي هڪ هٿ ڪَنو ڪيو هو.

محڪوم ماڻهن جي مخصوص رفاقت هڪ نئين دنيا پيدا ڪري ڇڏي هئي، ۽ باوجود اُن جي ته اُن پيڙ ۾ ڪيترين ئي قومون شامل هيون پر اُن رات ڪاوڙ يا ناراضگيءَ جو هڪڙو جملو به ڪنهن ڪونه ٻڌو. انهن محبت ۽ وقار جي هڪڙي هلڪي جهلڪ ڏسي ورتي هئي. انهن مان ڪيترن ماڻهن کي پري کان اشارو ڪري اسپارٽيڪس متعلق پئي ٻڌايو ويو، پر اهي سموري جا سمورا اسپارٽيڪس تان جان

قربان ڪرڻ لاءِ آتا هٿا. هُو سندن اڳواڻ ۽ ديوتا هو. ڇوتہ سندن ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ موجود هئي تہ ديوتا ڪڏهن ڪڏهن زمين تي ظاهر ٿيندو آهي. پلا خود پرومينٿيس آسمان تان باهہ ڪونہ چورائي ڪٽي آيو هو ۽ اُن کي بيش بها سوکڙيءَ طور انسانن کي پيش ڪونہ ڪيو هئائين؟ ۽ هاڻي بہ اُها ڳالهہ ٻيهر بہ ٿي سگهي ٿي. باهہ جي مچن جي چوڌاريءَ ڪيترائي قصا ٻڌائجي رهيا هئا ۽ اسپارٽيڪس ديوتا بنبو پئي ويو. انهن مان هڪڙو بہ اهڙو شخص ڪونہ هو، جنهن اهڙي دنيا جا خواب ڪونہ ڏٺا هجن تہ جتي ڪوبہ غلام نہ هجي....

ان دوران اسپارٽيڪس، ويڙهاڪن جي وچ ۾ ويٺو هو. اُهي گذريل واقعن جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئا. هڪڙي ننڍڙي نالي ڦري دريا بنجي چڪي هئي ۽ هڪ وڏي ٻوڏ اچڻ واري هئي. اِها ڳالهہ گانيڪس چئي هئي. هُن جيڏي مهل بہ اسپارٽيڪس ڏانهن نهاريو ٿي تہ سندس اکين جي چمڪ وڌي ٿي ويئي.

"اسين دنيا جي ٻي ڇيڙي تائين مارچ ڪري سگهون ٿا ۽ اُن جي هر شيءِ کي هيٺ مٿي ڪري سگهون ٿا." هُن اِهو چيو تہ هو پر اسپارٽيڪس کي وڌيڪ خبر آهي. هُو ورينيا جي هنج ۾ مٿو رکيو ليٽيو پيو آهي ۽ هوءَ سندس سخت وارن جي ڇڪن ۾ آگريون ڦيري رهي هئي. سندس دل خوشيءَ ۽ اطمينان سان لبريز هئي. پر اسپارٽيڪس جي دل ۾ هڪ باهہ ٻري رهي هئي. هُو پاڻ کي غلاميءَ ۾ وڌيڪ مطمئن محسوس ڪندو هو. هُو آسمان تي نظر جمائي سوچن ۾ گم هو. هُو خوف، شڪ شبهن، اشتياق ۽ سندس ڳري ذميواري متعلق سوچي رهيو هو، جيڪا مٿس اچي پيئي هئي. روم کي تباهہ ڪرڻو هو. انهيءَ سوچ.... سرڪش بغاوت جي انهيءَ سوچ کيس مسڪرائڻ تي مجبور ڪري وڌو ۽ کيس مُسڪرائيندو ڏسي ورينيا ڏاڍي خوش ٿي ۽ پنهنجي زبان ۾ هُن لاءِ ڳائڻ لڳي:

"جڏهن جهنگل جو شڪاري
ڳاڙهو هرڻ شڪار ڪري
ڪٽي اچي ٿو.
باهہ تي پنهنجون نگاهون
جمائي ٿو
تڏهن پيار مان هُو
ٻارن سان ڳالهائي ٿو
زال سان ڳالهائي ٿو."

هُوءَ ڳائي رهي هئي ۽ هُو دل ۾ انهن شعرن کي دهرائي رهيو هو. سندس سوچن جي پس منظر ۾ موسيقيت هئي، سندس خواب تارن مان گس ٿاهي آسمان کي چُهي رهيا هئا.

"اسپارٽيڪس توکي هر حال ۾ روم کي تباهه ڪرڻو آهي. توکي هن ماڻهن کي پري وٺي وڃڻو آهي. توکي هن کي وڙهڻ ۽ مارڻ سيکارڻو پوندو. پوءِ ئي هُن جي ڪابه گنجائش ڪانهي، هڪ قدم به نه. سڄي دنيا روم جي ملڪيت آهي. تنهن ڪري روم کي هرحال ۾ تباهه ٿيڻ گهرجي. اُن کي رڳو ماضي جي هڪ تلخ ياد بنجي وڃڻ گهرجي. ان کان پوءِ جتي اڄ روم آهي، اتي اسين هڪ نئين دنيا تعمير ڪنداسين. جتي سمورا انسان امن، محبت ۽ پائيچاري سان رهن. جتي غلام نه هجن، آقا نه هجن، ويڙهاڪ نه هجن، آکاڙا نه هجن، جتي پراڻي زماني جهڙو وقت موٽي اچي، اسين پائيچاري جا نوان شهر اڏينداسين ۽ انهن جي چوڌاريءَ ديوارون ڪونه هونديون."

ورينيا ڳائڻ بند ڪري چڏيو ۽ هن کان پڇيو:

"منهنجا پيتار، منهنجا ٽريشين، تون ڪهڙا خواب پيو ڏسين؟ ڇا آسمان جا ديوتا توسان ڳالهائين پيا؟ اُهي توکي ڇا پيا ٻڌائين منهنجا محبوب؟ ڇا هو توکي راز جون ڪي اهڙيون ڳالهيون پيا ٻڌائين، جيڪي ٻئي ڪنهن کي نٿيون ٻڌائي سگهجن؟" ديوتائن جي باري ۾ ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته سچ ڇا هو ۽ ڪوڙ ڪهڙو؟ اسپارٽيڪس ديوتائن کان نفرت ڪندو هو. هُو انهن جي ڪڏهن به عبادت نه ڪندو هو.

"ڇا غلامن جا به ڪي ديوتا هوندا آهن؟" هُن هڪ ڀيري اسپارٽيڪس کان پڇيو هو.

"منهنجي مٺڙي! منهنجي سموريءَ ڄمار ۾ اهڙي ڪابه شيءِ ڪانه هوندي جنهن ۾ توکي شريڪ نه ڪريان." هُن وراڻيو هو.

"ته پوءِ ڪهڙا پيو خواب ڏسين؟"

"آءٌ پيو خواب ڏسان ته اسان هڪ نئين دنيا اڏينداسين."

اِها ڳالهه ٻڌي هوءَ ڀڄي ويئي. اسپارٽيڪس ڪيس نرميءَ سان سمجهائيندي چيو:

"هيءَ دنيا انسان جوڙي هئي. ٽورو سوچ ته سهي مٺڙي! هيءَ دنيا ڀلا ڪيئن ڇاڻي ته ڪانه ٿهي آهي. اِن جي ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا اسان ڪانه ٺاهي آهي؟ سمورا شهر، مُنارا، ديوارون، رستا ۽ بحري جهاز، سڀ ڪجهه اسان ٺاهيا آهن. ته پوءِ

اسان هڪ ٻئين دنيا ڇو نٿا ٺاهي سگهون؟"

"روم....." ورينيا چيو. "هي لفظ هڪ پرپور قوت جو مظهر آهي، هڪڙي اهڙي قوت، جيڪا سڄيءَ دنيا تي حڪمراني ڪري ٿي."

"اسين روم کي تباهه ڪري ڇڏينداسين." اسپارٽيڪس چيو. "روم کان دنيا بيزار ٿي چڪي آهي. اسين روم ۽ اُن جي هر شيءِ کي تباهه ڪري ڇڏينداسين، جنهن تي روم جو ويساهه آهي."

"اسين ڪير؟ ڪير؟" ورينيا پڇيو.

"اسين غلام. غلام جون بغاوتون پهرين بہ ٿيون آهن، پر هاڻوڪي هيءَ بغاوت مختلف هوندي. اسين ايتري تہ زور سان سڏ ڪنداسين جو سڄي دنيا جا غلام اسان جو سڏ ٻڌندا...."

اهڙي طرح امن بہ ويو تہ اُميد بہ ويئي ۽ تمام گهڻي عرصي کان پوءِ ورينيا کي اُها رات ياد اچي ويئي، جڏهن سندس ور جو مٿو سندس هنج ۾ رکيل هو ۽ سندس اکيون پري آسمانن جي وسعتن تي جميل هُيون. هيءَ رات محبت جي رات هئي. اهڙيون راتيون فقط ڪن ٿورڻ ماڻهن کي نصيب ٿين ٿيون ۽ اُهي ماڻهو خوش نصيب هوندا آهن. اُهي ماڻهو اتي باهه جي پرسان وينا هئا ۽ وقت آهستي آهستي گذري رهيو هو. هُو هڪٻئي کي چهي هڪٻئي سان شفقت جو اظهار ڪري رهيا هئا. هو ماڻهو هڪ وجود بنجي ويا هئا.

باب پنجون

لينٽولس گراڪس ڏاڍي شوق مان چوندو هو ته جيئن جيئن سندس وزن وڌندو پيو وڃي، تيئن تيئن سندس ڪم ڪرڻ جون صلاحيتون پڻ وڌنديون پيون وڃن. سندس دعويٰ ۾ ڪجهه سچ به هو. هُن پنهنجي عمر جي چاونجاهه سالن مان ستٽيهه سال روم جي ڪامياب سياست ۾ گذاريا هٿا. هُو چوندو هو ته سياست ۾ شرافت ۽ پارسائيءَ بدران ٽن ٻين صلاحيتن جو به هجڻ ضروري هوندو آهي. سندس دعويٰ هئي ته ڪيترائي سياستدان ٻين سببن بدران رڳو شرافت ۽ پارسائيءَ جي هٿان تباهه ٿي ويا. هُو انهن ٽن صلاحيتن کي هيئن بيان ڪندو هو:

پهرين صلاحيت هيءَ هئي ته چڙهندڙ سڄ جو پوجاري ٿجي. ٻي صلاحيت ته ڪِريئي جو هڪدم پاسو چڏي ڏجي ۽ ٽين صلاحيت هي هئي ته ڪڏهن به ڪنهن کي به دشمن نه بنائجي.

اهي ٽيئي صلاحيتون من پسند هُيون، ۽ من پسند اُهي ئي آهن، جيڪي آهن ۽ عوام اُهائي هوندي آهي جيڪا آهي. سؤ سيڪڙو مڪمل ڀَالهيون يا شيون ته وجود ئي ڪونه ٽيون رکن. پنهنجي طرفان ته هُن بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو هو. هُو هڪ فوجيءَ جو پٽ هو ۽ 19 سالن جي عمر ۾ هُن ووٽن جي خريد ۽ فروخت شروع ڪئي هئي. پنجويهه سالن جي جمار ۾ هُن پٽسن جي عيوض ماڻهن کي قتل ڪرڻ جو ڪم سنياليو. اناويهه ورهن جي عمر ۾ هُو هڪ طاقتور سياسي ٽولي جو اڳواڻ ٿي ويو ۽ ٽيهه سالن جي جمار ۾ هڪ واردِ جو بنا مقابلي ليڊر بنجي ويو. پنجن سالن کان پوءِ هُو مئجسٽريٽ ٿي ويو ۽ چاليهن سالن جي عمر ۾ هُو سينيٽ ۾ داخل ٽيو. هُو شهر ۾ ڏهن هزار ماڻهن کي نالن سان ۽ ويهن هزارن ماڻهن کي شڪل سان سڃاڻندو هو. هُو پنهنجي بدترين دشمنن کي به پنهنجي نوازشن جي فهرست ۾ شامل ڪندو هو. هُن اِها يقين ڪرڻ جي ڪڏهن به غلطي ڪانه ڪئي هئي ته سندس ڪو ساٿي ايماندار آهي. پر هُن اِها به غلطي ڪانه ڪئي ته انهن مان ڪنهن تي بي ايمانيءَ جو ٺپو لڳائي چڏيو هجي.

سندس قدڪاٺي ۽ شڪل شبيهه سندس حيثيت سان هڪجهڙائي رکندڙ

هُيون. هُو عورتن تي ڪڏهن پروسو ڪونہ ڪندو هو. هُن جي پنهنجي ڪمزوري ڪاڏو هو ۽ ڪيترن ئي ڪامياب سالن ۾ سندس جسم تي چربيءَ جا جيڪي تهہ چڙهي ويا هئا، تن جي ڪري هُو هڪ متاثر ڪندڙ شخصيت جو مالڪ بنجي ويو هو. پر سندس ٽولهہ ڪيس مجبور ڪري وڏو هو تہ هو هر وقت هڪ چوغو پائي هلي، عام لباس ۾ سندس شخصيت ۾ ايتري جاذبيت ڪانہ ڏسبي هئي پر چوغو پائڻ سان هُو مڪمل طرح رومي وقار جو نمونو لڳندو هو. سندس وزن ٽي سؤ پائونڊ هو. سندس متو گنجو ۽ شڪاري ڪُتي جهڙو هو. ڪنڌ تي چربيءَ جا تهہ چڙهيل هيس. سندس آواز ڳرو هو. سندس مُکَ تي دل کي وٽندڙ مسڪراهٽ موجود رهندي هئي. سندس مسرور اکيون گوشت جي تهن مان پيون ليڪا پائيندیون هُيون. سندس بدن جي ڪل ڀارڻ جي ڪل جهڙي گلابي هئي.

گراڪس هر ڳالهہ ڪان باخبر رهندو هو. هُو روٽ مُنهون ڪونہ هو. رومي اقتدار جي فارمولا هُن جي لاءِ ڪڏهن بہ ڪو مشڪل مسئلو نہ رهيو. سائيسيرو کي ڏسي ڪيس ڪِل ايندي هئي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي سچائيءَ جو علمبردار ظاهر ڪندو هو. جڏهن انتونيئس ڪائيس ڪائنس سائيسيرو جي باري ۾ راءِ پُڇي تہ هُن مختصر نموني ۾ هيئن چيو:

"هُو اڃ ڇڻا خيال رکندڙ هڪ نوجوان آهي."

ٻين معتبرن وانگر انتونيئس ڪائيس سان گراڪس جا بهترين تعلقات هئا. هُو ارسٽوڪريسي کي مقدس شيءِ سمجهندو هو. هُو ارسٽوڪريٽن کي پسند ڪندو هو. انهن کان حسد ڪندو هو ۽ هڪ حد تائين انهن کان نفرت پڻ ڪندو هو. ڇو تہ هُو انهن سيني کي احمق سمجهندو هو. پر انهن سمورين ڳالهين جي باوجود بہ هُو انهن سان ٺهي هلندو هو ۽ انهن جي شاندار محلن ۾ دعوتن تي وڃي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. هُن پاڻ ارسٽو ڪريٽ بنجڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي هئي. هُن انهن وانگر ڇپي ڇپي لاطيني زبان کي نفيس ڪرڻ جي ڪوشش ڪڏهن بہ ڪانہ ڪئي. بلڪ هُو تہ عوام جي عام ۽ آسان زبان ۾ ڳالهائيندو هو. هُن ڳوٺاڻي علاقي ۾ محل بنائڻ جي ڪوشش ڪڏهن بہ ڪانہ ڪئي، حالانڪ هُو ايترو خرچ ڪري سگهيو ٿي. ماڻهو سندس عملي ماڻهو هجڻ جي تعريف ڪندا هئا. سندس فائديمند اطلاعن مان فيض حاصل ڪندا هئا. سندس قداور بدن مان اطمينان پيو ڇلڪندو هو. انتونيئس ڪائيس هُن کي اُن ڪري پسند ڪندو هو جو گراڪس اخلاقيات کان هرگز متاثر ڪونہ ٿيندو هو. هُو گراڪس کي هڪ ايماندار ۽ دياندار ماڻهو سمجهندو هو.

اُن شام گراڪس سڄي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي. هُو اُن گفتگو تي غور ڪندو رهيو

پر هُن کوبہ فيصلو کونہ ٻڌايو. ڪائيس جي لاءِ سندس دل ۾ بي عزتيءَ جو احساس موجود هو. عظيم ۽ دولتمند جرنيل ڪراسس تي ڪيس ڪل پئي آئي ۽ جيستائين سائيسيرو جو تعلق هو، تہ اُن جي باري ۾ هُن پنهنجي ميزبان کي چيو:

"هن ۾ سموريون خوبيون موجود آهن، سواءِ عظمت جي. منهنجو خيال آهي تہ جيڪڏهن سائيسيرو کي پنهنجي مقصد لاءِ سندس ماءُ جي ڳچي لاهڻي پوي تہ بہ هُو لاهيندي دير کونہ ڪندو."

"پر سائيسيرو جو مقصد ايترو اهم بہ تہ ڪونهي."

"بلڪل ٺيڪ. اُن ڪري تہ هُو هر ڳالهہ ۾ قطعي طور تي ناڪام ٿيندو. هُو هڪ اهڙو شخص آهي جنهن کان نہ چور کي ڪو ڊپ ۽ نہ شاهہ کي ڪو فائدو."

مگر اِها ڳالهہ انتونئيس ڪائيس جي باري ۾ صحيح ڪانہ هئي. جيتوٽيڪ سندس جنسي خاصيتون ۽ جنسي حرڪتون ڪنهن ٻارهن سالن جي ڇوڪري جهڙيون هُيون پر پوءِ بہ منجهس واکاڻ جوڳيون ڳالهيون بہ موجود هُيون. گراڪس اِها ڳالهہ تسليم ڪندو هو تہ جنهن جاءِ تي هُو بينو آهي سا جاءِ گند ڪچري سان پري پيئي آهي. سندس دنيا ڀچي پُري رهي هئي، جيئن تہ ٿوٿ جو عمل تمام سست هو ۽ خود سندس زندگي بہ لافاني ڪانہ هئي، تنهن ڪري ڪيس پاڻ کي دوکو ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ پئي ٿي. هُو ڪنهن جو پاسو ڪٽڻ ڪانسواءِ ئي حالتن کي ڏسي رهيو هو.

اُن رات باقي بيا سڀ ماڻهو سمهي رهيا، پر هُو جاڳندو رهيو. ڪيس ننڊ ڪانہ پئي آئي. هُو چاندوڪيءَ ۾ باهر گهمڻ لڳو. ڪيس چگي طرح خبر هئي تہ اڄوڪي رات گذارڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون جوڙيون ٺهيون هُيون. پر هُن اِهو سمورو مشاهدو بنا ڪنهن نوس نوس ڪرڻ جي ڪيو هو. ڪيس انهن تي ڪابہ ڪاوڙ ڪانہ آئي. هي روم هو ۽ صرف بيوقوف قسم جا ماڻهو ئي اهڙي نموني ۾ سوچي سگهن ٿا.

چاندوڪيءَ ۾ گهمندي ڪيس جوليا نظر آئي جيڪا پٽر جي هڪڙي بينچ تي ويٺي هئي. ڪمتريءَ جي احساس جي ماريل، محروميت ۽ پاڻ کي نظرانداز ڪرڻ جي احساس ۾ وکوڙيل هوءَ بنهہ سوڳوار نظر پئي آئي. هُو هُن ڏانهن وڃڻ لڳو.

"هن چاندوڪي رات ۾ اسان ٻئي." هُن جوليا کي چيو. "رات ڏاڍي خوبصورت آهي. ڪيئن، ٺيڪ آهي نہ؟"

"پر جيڪڏهن تون اِن کي خوبصورت چوين، تڏهن نہ!"

"تون ائين ڪونہ ٿي چوين ڇا؟" هن پنهنجو چوغو ٺيڪ ڪيو "ڇا تون مون کي هتي ٿوري دير ويهڻ جي اجازت ڏينديئين؟"

"ها، پلي ويهہ."

هُو ڪجهہ دير مائڪو وينو رهيو. ڪيس چانڊوڪيءَ ۾ وهنڊل ميدان جي خوبصورتي ڏاڍي وڻي رهي هئي. وڻن ٻوٽن ۽ باغيچي مان نظر ايندڙ خوبصورت سفيد محل، نلڪا، هِتي هُتي لڳل زرد چمڪ واريون مورتيون، وڻن جا جهڳٽا ۽ انهن جي هيٺان گلابي ۽ ڪاري مر مر جون ٺهيل خوبصورت بينچون، غرض تہ ڪيترين ئي خوب صورتين جو بندوبست ڪيو ويو هو.

"جوليا، منهنجي خيال ۾ هن سڀ ڪجهہ تي اسان کي قناعت نہ ڪرڻ گهرجي."

"ها اسين قناعت ڪونہ ڪنداسين."

هُو سندس مڙس جو دوست ۽ مهمان هو.

"رومي هجڻ بہ هڪ نعمت آهي." هُن چيو.

"تون اهڙيون بيوقوفيءَ واريون ڳالهيون فقط اوڏيءَ مهل ڪندو آهين، جڏهن مون وٽ هوندو آهين." جوليا آهستگيءَ سان چيو.

"ڪيئن ٻلا؟"

"چگو، تون مون کي اهو ٻڌاءِ تہ تو ڪڏهن ورينيا جي باري ۾ ٻڌو آهي؟"

"ورينيا؟"

"تون ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ شيءِ کي تيستائين ويجهو نٿو وڃين جيستائين گهٽ ۾ گهٽ پنج پيرا ان کي توري تکي نہ ڏسين. آءٌ چالاڪ بنجڻ جي ڪوشش ڪانہ پيئي ڪريان، منهنجا مٺا!" جوليا پنهنجو هٿ هن جي هٿ تي رکيو. "آءٌ چالاڪ ٿي بہ نہ ٿي سگهان. ورينيا اسپارٽيڪس جي زال هئي."

"ها، مون اُن جي باري ۾ ٻڌو آهي. حقيقت ۾ توهين ماڻهو پري ويهي اسپارٽيڪس کان ڏاڍا مرعوب آهيو. مون اڄ سڄي محفل ۾ اسپارٽيڪس کان سواءِ بي ڪا ڳالهہ ٻڌي ئي ڪانهي."

"هُن ولا سلاريا تي حملو ڪونہ ڪيو هو. مون کي خبر ڪانهي تہ آءٌ سندس ٿورو ميڻ يا نہ. منهنجو خيال آهي تہ شايد سزا جي علامتن اسان کي متاثر ڪيو هوندو. ڇا اُهي بنهہ خوفناڪ لڳن ٿا؟"

"خوفناڪ؟ مون کي اندازو ڪونهي ڇو تہ مون اُن باري ۾ گهٽو غور ڪونہ ڪيو آهي. سزا جون علامتون موجود آهن. غلامن جو اهوئي انجام ٿيو. زندگي بنهہ

سستي آهي ۽ غلامن جي تہ اڇڪلهہ کا قيمت ٿي کانهي. ها، پر تو مون کان ورنيا جي باري ۾ چو پڇيو؟"

"منهنجو خيال آهي تہ آءٌ ورنيا تي رشڪ ڪريان ٿي."

"ڇا سچي پچي؟ هڪ حقير ۽ وحشي چوريءَ تي؟ ڇا آءٌ سياڻي پڙيءَ تي وڃي اُن جهڙيون ٻارهن چوڪريون خريد ڪري توکي موڪلي ڏيان؟"

"گراڪس، تون ڪنهن بہ ڳالهہ جي باري ۾ سنجيدو ڪونہ هوندو آهين."

"اُها اُن قابل ٿي ڪونهي جو مٿس سنجيدو ٿيو وڃجي. پر توکي اُن تي چو ٿو رشڪ اچي؟"

"اُن لاءِ جو آءٌ پاڻي ئي پاڻ کان نفرت ڪريان ٿي."

"اِها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان بنهہ مٿي آهي." گراڪس بڙبڙ ڪئي. "گدلي، هر وقت نڪ صاف ڪندڙ، ڪنگهندڙ ٽڪون چڌيندڙ، گدلن ۽ پڳل نهن واري، چهري تي داڻا نڪتل. ڇا تون ان کي تصور ۾ بہ آڻي سگهين ٿي؟ ڇا هوءَ حقير واهيات چوري تنهنجي تصور جي شهزادي آهي؟ تون ان تي رشڪ ٿي ڪرئين؟"

"ڇا هوءَ اهڙي هئي؟"

گراڪس ڪليو. "ڪنهن کي ڪهڙي خبر! جوليا، سياست ڪوڙ جو نالو آهي. ڪوڙ کي رڪارڊ تي رکڻ تاريخ جو نالو آهي. جيڪڏهن تون سياڻي رستو ڏيئي وڃين ۽ صليبن کي ڏسين تہ توکي اسپارٽيڪس جي باري ۾ فقط هڪڙي سچائي نظر ايندي ۽ اُها سچائي آهي موت. توکي ٻيو ڪجهہ بہ نظر ڪونہ ايندو. ٻيو سڀ ڪوڙ آهي."

"آءٌ پنهنجي غلامن ڏانهن ڏسان ٿي."

"۽ توکي اسپارٽيڪس نظر نٿو اچي؟ پڪ سان نظر ڪونہ ايندو جوليا، پاڻ کي پريشان نہ ڪر. آءٌ عمر ۾ توکان وڏو آهيان، تنهن ڪري نصيحت ڪرڻ جي گستاخي ڪريان ٿيو. جنهن شيءِ سان ڪو واسطو ڪونهي تہ پوءِ ان جي باري ۾ سوچڻ ڇڏ! پنهنجي غلامن جي ڪوئين مان پنهنجي لاءِ هڪڙو مضبوط ۽ جوان مرد غلام سڏي وٺ."

"گراڪس! بڪواس نہ ڪر."

"اُهوئي تنهنجي لاءِ اسپارٽيڪس ٿي سگهي ٿو."

هوءَ روئڻ لڳي. گراڪس پنهنجي طبقي جي عورتن ۾ لڙڪ تمام گهٽ ڏٺا هئا ۽ اوچتو ئي اوچتو هُو جوليا جي اکين ۾ لڙڪ ڏسي پنهنجو پاڻ کي بيوقوف ۽

بدتميز سمجهڻ لڳو. هُن هُن کان پڇيو ته ڇا پاڻ کا غلط ڳالهه ڇئي ويئو آهي؟ هُن ته کا بي عزتي ڪرڻ جهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي هئي.

"نه نه گراڪس. تون ئي ته منهنجو واحد دوست آهين. تون مون کان مُنهن نه موڙ. آءُ آهيان ئي بيوقوف." هُن پنهنجا لڙڪ اگهي ڇڏيا ۽ هُن کان اجازت گهرائين. "آءُ تمام گهڻي ٽڪل آهيان. مهرباني ڪري مون سان گڏ نه هلجاءِ."

[2]

سائيسيرو وانگر گراڪس کي به تاريخ متعلق ٿوري گهڻي ڄاڻ هئي، پر بنهي ۾ فرق هي هو ته گراڪس کڏهن به پنهنجي حيثيت ۽ ڪردار جي باري ۾ غلط فهميءَ جو شڪار ڪونه ٿيو هو. تنهن ڪري هُو سائيسيرو جي پيٽ ۾ شين کي وڌيڪ چڱيءَ طرح ڏسي سگهندو هو. اڄ هُو هِن حسين ۽ پُرلطف اطالوي رات ۾ اڪيلو ويهي روم جي وڏ گهراڻن جي هڪڙي فرد جي اُن عجيب معاملي تي غور ڪري رهيو هو ته اُن کي هڪ وحشي عورت تي رشڪ پئي آيو. پهرين ته هُن سوچيو ته جوليا ٺيڪ ٿي چوي. ڇاڪاڻ جو جوليا جي پنهنجي مصيبت کي وربنيا ٿي چٽو ڪيو هو. هن کي حيراني ٿي رهي هئي ته سندن پنهنجي زندگين جو جوهر شاهراهه ايپين تي بي انت صلبين ۾ موجود ڪونهي. گراڪس کي اخلاقيات کان پريشاني ڪانه ٿيندي هئي. هو پنهنجي ماڻهن کي سڃاڻندو هو. هُو روم جي وڏ گهراڻن جي افسانن ۾ گم ڪونه ٿي ويندو هو. پر اڄ هُو جوليا جي ڳالهين مان واقعي پريشان ٿي ويو هو.

پر جڏهن اُن مسئلي جي اصليت مٽس واضح ٿي تڏهن هُو سجو دهلجي ويو ۽ ڪيس موت ۽ عدم وجوديت جي خطرناڪ اونڌاهيءَ کان ڊپ ٿيڻ لڳو. هُو سجو ٽڏو ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته اڄ سندس هميشه جو ساٿي ۽ مددگار يعني يقين ڪانئس موڪلائي ويئي هئي. هُو پٽر جي ينچ تي خالي خولي ويٺو هو. اڄ هڪڙي ٽلهي ۽ بي ڊولي پوڙهي جي تباهي تاريخ جي لهرن سان جڪڙجي ويئي هئي.

ڪيس پنهنجي تباهي بنهه چٽي پٽي نظر آئي. دنيا ۾ جيڪا شيءِ جديد انداز ۾ آئي هئي، سو مڪمل طرح غلامن جي پٺن تي تعمير ڪيل معاشرو هو. اُن معاشري جو سُريلو آواز چهڪ جي شائين شائين ڪندڙ گفتار هئي. ته پوءِ انهن ماڻهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ جيڪي ان چهڪ جا مالڪ آهن؟ جوليا جي ڳالهين جو مطلب ڇا هو؟ هُو پاڻ اڃ شادي ٿيل هو، عورتون خريد ڪندو هو ۽ ضرورت مهل گهر ۾ موجود سُريتون به حاضر هُيون. پر انتونئيس ڪائيس وٽ به ته سُريتون رکيل آهن، جيڪي ڏٺن جا ڏڻ هُيون. اهوئي حال سندس هر سُجاڻو وڏ گهراڻي نواب جو

هو. هر هڪ وٽ عورتن جو ايترو تعداد موجود هوندو هو جيترا وٽس گهوڙآ يا ڪتا هوندا هئا. ۽ اِها ڳالهه سندن پنهنجي زالن کي به معلوم هئي ۽ انهن به اِها حقيقت تسليم ڪري چڏي هئي. هو پنهنجون ضرورتون وري وٽن موجود غلامن مان پوريون ڪنديون هُيون. اِهو رڳو بداعماليءَ جو مسئلو ڪونه هو پر اِها اهڙي وبا هئي جنهن دنيا کي ابتو ڪري چڏيو هو.

اُن رات سلاريا محل ۾ موجود ماڻهن جون دليون ۽ دماغ ان ڪري اسپارٽيڪس جي قبضي ۾ هئا، چاڪاڻ ته اسپارٽيڪس اُهو ڪجهه هو جيڪو هي پاڻ نه هئا. سائيسيرو ته هيءَ ڳالهه سمجهي سگهيو ئي نٿي ته اُن غلام ۾ ايتري پارسائي آئي ڪٿان؟ پر گراڪس اِها ڳالهه سمجهي ويو. گهر، خاندان، وقار، نيڪي، مقصد ته هر اها شيءِ غلامن وٽ موجود هئي، جيڪا پاڪ ۽ مقدس هئي. غلام انهن وصفن جي حفاظت ڪندا هئا. اُن لاءِ نه جو اُهي شريف ۽ نيڪ هئا پر اُن لاءِ جو سندن آقائن هر مقدس شيءِ سندن حوالي ڪري چڏي هئي.

جنهن طرح اسپارٽيڪس ايندڙ ڏينهن جي امڪانن جي اڳڪٿي ڪري سگهيو ٿي، تهڙيءَ طرح گراڪس جو به پنهنجو تصور موجود هو ۽ ايندڙ وقت ۾ ڪيس جيڪا شيءِ نظر اچي رهي هئي، تنهن ڪيس بيمار ۽ خوفزده ڪري چڏيو هو. هُو اٿيو، پنهنجو چوغو نيڪ ڪيائين ۽ ڳرن قدمن سان پنهنجي ڪمري ڏانهن روانو ٿي ويو.

پر ننڍ سندس اکين مان غائب هئي. هُن جوليا جي رشڪ جي جذبي جي باري ۾ سوچيو ۽ هڪڙي ٻاڙڙي جيان روئي پيو. هڪ ٻار وانگر ئي هُن فرض ڪيو ته غلام وريٽيا سائس گڏ سُتل آهي. ڪيترائي ڪلاڪ گذري ويا، هُو پنهنجي سوچن ۾ گم ليٽيو پيو هو.

هن گهر ۾ اسپارٽيڪس جو قبضو هو. اُن جي شڪل شبيهه، قد ڪائي، ان جي تصورات ۽ طور طريقن جي باري ۾ ڪنهن کي به ڪابه خبر ڪانه هئي، پر ائين پئي لڳو ته هُو هن گهر ۾ موجود هو. سڄي روم ۾ سندس هاڪ هئي. هو سيئي ماڻهو اسپارٽيڪس کان نفرت ڪندا هئا. گراڪس به ان نفرت کان آجو ڪونه هو، بلڪ هڪ لحاظ کان ته سندس نفرت ٻين جي نفرت کان به وڌيڪ پر تشدد، تلخ ۽ تڪليف واري هئي.

هُو پنهنجي يادن جو تاجي پيٽو جوڙي رهيو هو، جيڪو حقيقت ۾ سمائجي رهيو هو. ڪيس ياد آيو ته هُو ڪهڙي نموني ۾ سينيٽ ۾ ويٺو هو، جڏهن ڪاپوا مان هڪ سوار اِها خبر کڻي آيو هو ته باتياتس جي سڪيا گهر ۾ ويڙهاڪن بغاوت ڪري ڏني آهي ۽ اُها بغاوت بهراڙين ڏانهن پکڙجي رهي هئي. ڪيس خوف جو اُها

لهر ياد اچي ويئي جيڪا خبر هڏڻ شرط سينيٽ ۾ ٻوڙي ويئي هئي ۽ اُتي وينل ماٿهو بدڪن جي ولر وانگر ڪائين ڪرڻ لڳا هئا. انهن سيني تي دهشت طاري ٿي ويئي هئي ۽ هو ٻيچاريندڙ ڳالهيون رڳو انڪري ڪري رهيا هئا جو ڪن آگرين تي ڳٽڻ جيترن ويڑهاڪن کين سکيا ڏيندڙن کي قتل ڪري ڇڏيو هو. گڏوگڏ ڪيس پنهنجي نفرت ۾ ياد اچي ويئي. ڪيس ياد آيو ته ڪيئن نه پاڻ اڻيو هو ۽ پنهنجو چوغو درست ڪيو هئائين ۽ ٻانهون چندي تقرير ڪئي هئائين. اُها سندس هڪ يادگار تقرير هئي. هُو پنهنجي معزز ساٿين تي گجي رهيو هو.

"ساٿيو، ساٿيو! توهين پاڻ کي وساري رهيا آهيو."

انهن ڪائين ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ سيئي هِن ڏانهن توجهه ڏيئي هڏڻ لڳا.

"ساٿيو! اسانجي سامهون چند مُٺ جيترن نيچ ڪمين، غليظ ڪاسائيءَ جهڙن غلامن جو هڪڙو ڏوهه پيش ٿيو آهي. اسان جي سامهون کو نالیرو ۽ مجيل حملہ آور ڪونهي، پر جيڪڏهن ائين هجي ۽ ها تڏهن ۽ منهنجو خيال آهي ته سينيٽ هِن ڪان کو ٻيو انداز اختيار ڪري ها. تنهن ڪري منهنجو خيال آهي ته اسان کي پنهنجي تقدس ۽ وقار جو خيال ڪرڻ گهرجي."

سينيٽ وارا هُن تي ڪاوڙيا پر هُو ته انهن تي جُلهه ڪري رهيو هو، هُو اُن ڳالهه تي فخر محسوس ڪندو هو ته هُو ڪڏهن ۽ ڳالهائڻ ۾ وهلور ڪونه ويندو هو، پر اُن ڏينهن هُو بنهه بي قابو ٿي ويو. هُو جو ڪمتر نسل جو فرد هو، هڪ عام ماٿهو هو، تنهن دنيا جي مقدس ترين اداري جي توهين ڪئي هئي ۽ اتي هُن رڙيون ڪري ڳالهايو هو. هُو پنهنجو پاڻ کي هينئن چئي ايوان مان باهر نڪتو هو: "جهنم ۾ پوي مقدس ادارو." وقار ۽ مقدس تحفظ جون ڳالهيون سندس پيچو ٿيون ڪن، پر هُو سڌو گهر هليو ويو.

هُن اهو سڄو ڏينهن سوچ ويچار ۾ گذاريو هو. پهرين ته هُو ڊجي پيو هو. هُن پاڻ پنهنجي طئي ڪيل مقدس اصولن جي خلاف ورزي ڪئي هئي. هُو بي قابو ٿي ويو هو ۽ هروپرو ماٿهن کي پنهنجو دشمن بنائي وينو هو. پر اهو ڊپ پنهنجي ساٿين ۽ خود پنهنجو پاڻ ڪان نفرت جي جذبن ۾ گڏ وڇڙ هو. هُو ايڏا تائين سينيٽ ۽ اتي وينل بيوقوفن جي باري ۾ پنهنجي ڪاوڙ ۽ نفرت تي قابو پائي نه سگهيو هو.

ڪيس روم سان محبت هئي. سندس محبوب روم جي خوشبو، حسين منظرن ۽ آواز سان ڪيس چريائپ جي حد تائين عشق هو. گراڪس شهر ۾ جائو هو ۽ شهري زندگيءَ ۾ نپنو هو. هُو شهري زندگيءَ جو حصو هو.

گراڪس اِنهن ئي گهٽين ۾ هلڻ، ٻوڙڻ ۽ وڙهڻ سکيو هو. بالڪپڻ ۾ هُو

روم جي پڳل گهرن جي چتين تي چيلن وانگر پيو ٽينگ ٽپا ڏيندو هو. اڳرن سڙڻ جي بوءِ سندس بنهه وٺندڙ عطر هو. مارڪيٽ جي سوڙهين گهٽين مان لنگهڻ سندس وڏي ۾ وڏي مهم هوندي هئي. انهن گهٽين ۾ دنيا جي هر شيءِ جو واپار ٿيندو هو. ڪيس اڃ شهر ته ڏسندي ئي سڃاڻندو هو. هتان هُتان آواز پيا ايندا هئا .گراڪس، تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟" گاڏي وارا، موچي، فقير، لوفر، مستري، مقصد ته سيئي ماڻهو ڪيس پسند ڪندا هئا. چاڪاڻ ته هُو انهن منجهان هو ۽ موجود مان مرتبي تي سخت محنت ۽ جاکوڙ ڪري پهتو هو. هو هُن کي اُن ڪري به پسند ڪندا هئا جو هُو ووٽ خريد ڪرڻ وقت ٻين کان وڌيڪ پئسا ڏيندو هو. هو هُن کي اُن ڪري به پسند ڪندا هئا جو هو تڪبر ۽ هٺ ڪونه ڪندو هو. ڏولي۽ ۾ ويهڻ بدران پنڌ هلندو هو ۽ پراڻن دوستن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو هو.

اڄ وري غلام انهن کي پينو فقير ۽ لوفر بنائڻ طرف ڌڪي رهيا هئا. انهن جي مايوسين ۽ وڌندڙ مسئلن جو هُن کوبه حل پيش ڪونه ڪيو هو. ڪيس خبر هئي ته اُن مسئلي جو ڪو حل آهي ئي ڪونا هُو انهن جي دنيا سان محبت ڪندو هو. گهٽين جي دنيا سان، جتي جاين جون آڏيون ابتيون پٽيون گهٽين کي بنهه بند ڪري ڇڏيندیون هُيون. هُو دنيا جي عظيم ترين شهر جي پُرشور گندگي وارين بدبودار گهٽين سان محبت ڪندو هو.

پر اُن ڏينهن هُو انڊو ٽي ويو هو. هُن سيني ڳالهين کان اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون. هُو گهٽين مان دعا سلام ڪرڻ کان سواءِ ئي پئي لنگهيو. هُن استالن تان کابه شيءِ کانه ورتي. هُو گهٽين ۾ وڪجندڙ پکوان کائڻ کانسواءِ رهي ڪونه سگهندو هو، پر اُن ڏينهن هُن گاڏن تي پچندڙ نمڪين سوئر جي گوشت ۽ لذيذ ترين مڇي به کانه ورتي. هُو پنهنجي غم ۾ ٻڏو واپس گهر آيوهو.

گراڪس ڪڏهن به پنهنجو ذاتي محل ڪونه ٺهرايو هو. هُن شهر جي پنهنجي پراڻي جاءِ جو هيٺيون حصو آباد ڪري رکيو هو جنهنجا دروازا ضرورتمندن لاءِ هر وقت کليا پيا هوندا هئا.

گراڪس کي ياد پئي آيو ته اُن ڏينهن هُو ڪنهن سان به دعا سلام ڪرڻ کانسواءِ ئي گهر آيو هو. سندس گهر ۾ غلام عورتن کانسواءِ ٻيو ڪير به ڪونه هو. ٻين ڪنوارن جي ابتڙ هُن کو خاص حرم ڪونه ٺاهيو هو. پر جنهن به وقت سندس مرضي ٿيندي هئي ته هُو انهن غلام عورتن مان وٺندڙ ڪنهن عورت کي سڏ ڪندو هو. جيئن ئي ڪا عورت پيٽ سان ٿي پوندي هئي ته هُو اُن کي ڪنهن جاڳيردار وٽ وڪڻي ڇڏيندو هو. سندس دليل هي هوندو هو ته ٻارڻن جي پرورش ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ ٿيڻ گهرجي. ڪيس پنهنجي انهيءَ عمل ۾ ڪوبه غير اخلاقي پهلو يا

ظلم نظر ڪونہ ايندو هو.

انهن غلام عورتن مان ڪابہ هڪڙي سندس خاص من پسند ڪانہ هئي. هُو شوق سان چوندو هو تہ سندس گهر سيني کان وڌيڪ پُرسڪون ۽ باضابطا گهر آهي. پر هينئر جڏهن هُو سلاريا محل ۾ ليٽيو اُن ڏينهن کي ياد ڪري رهيو هو تڏهن ڪيس پنهنجي ان گهرو ماحول جي يادگيرين ۾ ڪا گرمجوشي يا ڪا مسرت محسوس ڪانہ ٿي. پر پوءِ بہ هُو ان ڏينهن جي واقعن کي ياد ڪندو رهيو. ڪيس ياد پئي آيو تہ هُو چوڏهن پايو اڪيلو ئي اڪيلو اُن ڪمري ۾ ويٺو هو جنهن کي هُو آفيس چوندو هو. هُو اتي هڪ ڪلاڪ کان ويٺو هو تہ دروازي تي ٽڪ ٽڪ ٿي.

"ڇا آهي؟" هن پڇيو.

"ڪي ماڻهو توهان سان ملڻ چاهين ٿا." غلام وراڻيو.

"آءٌ ڪنهن سان بہ ملڻ ڪونہ ٿو چاهيان."

"هي سينيٽ جا معزز ماڻهو آهن."

سينيٽ جا ماڻهو سائس ملڻ آيا هئا. اُن جو مطلب هي هو تہ انهن ڪيس پنهنجي دائري کان ڪڍي باهر ڦٽو ڪونہ ڪيو هو. ڪيس ڀيهر زندگي ملهي ويئي. سندس انا بحال ٿي ويئي. هُو ٽپ ڏيئي اٿيو. ڊوڙي وڃي دروازو کوليائين. ۽ هاڻي هُو پراڻو گراڪس هو، اُهوئي مُسڪرائيندڙ، پُريقين ۽ باصلاحيت گراڪس!

"يلي ڪري آيا سائين!"

اُهو پنجن چٽن جو وفد هو. انهن مان بہ تہ وڏا عملدار هئا ۽ باقي ٿي سينيٽ جا مدبر ۽ معزز رُڪن هئا. اُهي ڪيس موجوده هنگامي حالتون جتائڻ بدران گراڪس کي پرچائڻ آيا هئا.

"گراڪس! ڇا تون اسان کي ذليل ڪرڻ لاءِ سڄو سال تاڙ ۾ هوئين؟"

"توهان ماڻهن کان معافي گهرڻ جي نہ تہ مون ۾ اهليت آهي ۽ نہ ئي شان شوڪت."

"پئي شيون تو وٽ موجود آهن."

انهن ڪرسيون گهرايون ۽ حلقو ناهي ويهي رهيا. پنج ئي ماڻهو وڏيءَ عمر جا بہ هئا تہ پروقار بہ هئا. هُنن عمدا سفيد چوغا پاتا هئا جيڪي روم جي دنيا تي حڪمرانيءَ جي علامت هئا.

هُن شراب ۽ مٺائيءَ جي هڪڙي ٽالهي گهرائي. عملدار ڪاسپي آس ڳالهہ چوري. اُن جي ڳالهين گراڪس کي پريشان ڪري وڌو. چو تہ ڪيس اِهو اندازو ئي ڪونہ هو تہ ڪو هي وقت ايترو بُحراني هوندو. ڪيس هاڻي اندازو ٿيو تہ

معاملي جو تعلق اسپين سان ٻه هو جتي سر تو رئيس روم جي خلاف بغاوت جي مهنداري ڪري رهيو هو. جيڪا سرتو رئيس ۽ پومپي جي وچ ۾ اقتدار جي جنگ ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. گراڪس انهن بنهي کان نفرت ڪندو هو. هُو ان ڳالهه جي حق ۾ هو ته هڪ پاسي ويهي رهجي ته جيئن هو ٻئي پاڻ ۾ وڙهي تباهه ٿي وڃن.

"توهان ڏسو." ڪاسپي آس چيو "ڪاپوا جي انهيءَ بغاوت وڏو خطرو پيدا ڪري وڏو آهي."

"مونکي ته ڪو خطرو نظر ڪونه ٿو اچي." گراڪس لاپرواهيءَ سان چيو.

"اُن ڳالهه کي سامهون رکندي ٻه ته غلامن جون بغاوتون اسان کي ڪيترو نقصان پهچائي رهيون آهن...."

"توهان کي هِن بغاوت جي باري ۾ ڪيتري ڄاڻ آهي؟" گراڪس پڇيو.

"اُن ۾ ڪيترا غلام آهن؟ اُهي ڪير آهن؟ ۽ ڪيڏانهن هليا ويا آهن؟"

ڪاسپي آس هڪ ڪري انهن سوالن جا جواب ڏنا.

"اسان لڳاتار رابطو قائم ڪري رکيو آهي. اول ته رگو ويڙهاڪن بغاوت ڪئي هئي. هڪڙي رپورٽ هيءَ آهي ته فقط سترهن جڻا زنده بچي ڳيا آهن. پوءِ جي هڪ رپورٽ مطابق زنده بچي ڇڏ وارن جو تعداد ٻه سؤ آهي. جن ۾ ٿريشين، گال ۽ هڪ وڏو تعداد ڪارن شيدين جو پڻ آهي. ايا ٻه پوءِ جي رپورٽن مطابق اُهو ڳاٽيٽو ايا ٻه وڌيڪ آهي. ممڪن آهي ته اُن جو سبب ڊپ ۽ هراس هجي يا ٽي سگهي ٿو ته علاقي ۾ وڌيڪ گڙبڙ هجي. ائين پيو لڳي ته انهن تمام گهٽي تباهي مچائي ڇڏي آهي. پر تفصيلات ايا ڪونه پهتا آهن. جيستائين ان سوال جو تعلق آهي ته هو ڪيڏانهن ويا آهن، ته ائين پيو لڳي ته اُهي ويسو وئيس جبل ڏانهن پيا وڌن."

"ته چا ڪاپوا وارا ايترا احمق آهن جو کين اندازو ئي ڪونهي ته سندن ڳوٺن ۾ ڪهڙو واقعو پيش آيو آهي؟ وٽن فوج جي سڄي ڊويزن موجود آهي. ته پوءِ اُن ڊويزن اُن بغاوت کي هڪدم تيزي سان ڇو نه قابو ڪري ورتو؟"

ڪاسپي لاغرضي سان ڏانهس ڏسڻ لڳو.

"ڪاپوا ۾ صرف هڪ دستو هو."

"هڪ دستو! ٽورڙن بدبخت ويڙهاڪن کي ختم ڪرڻ لاءِ پيو توهان کي گهٽي فوج گهرجي."

"توهان کي ٻه خبر آهي ۽ آءٌ ٻه ڄاڻان ٿو ته ڪاپوا ۾ چا ٿيو هوندو!"

"مون کي خبر ڪانهي پر آءُ اندازو ڪري سگهان ٿو ۽ منهنجو اندازو آهي ته فوج جي ڪمانڊر کي اتي جي هر سکيا گهر جو مالڪ پئسا ڏي ٿو. ويهه سپاهي هتي هوندا ته پارهن هُتي. شهر ۾ باقي گهٽا وڌي بچيا هوندا؟"

"ادائي سؤ ويڙهاڪن فوجين کي شڪست ڏني آهي ميان! اهائي ته پريشاني جي ڳالهه آهي. گراڪس سائين! تڏهن ته اسان جو خيال آهي ته شهر جي فوجي دستن کي هڪدم اوڏانهن روانو ڪيو وڃي."

"گهٽا دستا؟"

"گهٽ ۾ گهٽ چهه دستا يعني ٽي هزار ماڻهو."

"ڪڏهن؟"

"هڪدم."

گراڪس ڪنڌ ڏوڻيو. هن جواب ڏيڻ لاءِ غور ڪيو. هن پنهنجي ذهن ۾ غلامن جي نفسيات جي باري ۾ سموري جاڻ گڏ ڪئي.

"ائين نه ڪريو." مخالفت ڪرڻ سندس عادت هئي. سيني گڏجي پچيس ته ڇو؟

"ڇو ته مون کي شهري دستن تي اعتبار ڪونهي. في الحال غلامن کي سندن حال تي ڇڏي ڏيو. کين ٽورو بڪ اڄ ۾ سڙڻ ڳرڻ ڏيو. شهر جي دستن کي نه موڪليو."

"ته پوءِ ڪنهن کي موڪليون؟"

"باقاعده فوج جي دستن مان ڪنهن دستي کي گهرائي وٺو."

"ڇا اسپين مان گهرايون؟ ته پوءِ پومپيءَ جو ڇا ٿيندو؟"

"اُن کي ڪڏ ۾ هڻو. جهنم ۾ وڃي ڪري اسپين. سسلپائين گال مان ٽيو نمبر رجمينٽ کي گهرايو. پر جلدي نه ڪريو. هي غلام آهن ۽ ڳاٽيٽي ۾ به مٽ جيترا. اُهي تيستائين ڪا وڏي هستي نٿا بنجي سگهن جيستائين اوهان نه انهن کي ڪا هستي بنايو....."

اهڙي طرح هو دليل بازي ڪندا رهيا. گراڪس ٻيهر پنهنجي ڳالهه دهرائي، پر هُو هارائي ويٺو ۽ هن ڪانهن ڏسڻ لڳو جيڪي غلامن جي بغاوت کان تمام گهڻو دنل هٿا ۽ جهن شهري دستن موڪلڻ جو عزم ڪريو ويٺا هٿا. گراڪس کي اُن رات بنهه گهٽ ننڊ آئي. هُو معمول مطابق پرهه ڦٽڻ مهل جاڳي پيو. هُن ڪائڻ لاءِ ميوو ۽ پاڻي کنيو ۽ وراندي ۾ هليو ويو.

[3]

ڏينهن شينهن آهي. ڏينهن انساني خوف ۽ پريشانين کي هلکو ڪري ٿو ۽ مرهم جو ڪم ڏي ٿو. ائين گهٽو ڪري ٿئي ٿو پر هميشه نہ. اُن لاءِ جو انسانن جا ڪي ٽولا ڏينهن جي روشنيءَ جي آجيان ڪونہ ٿا ڪن. قيدي رات سان پيار ڪندو آهي، جيڪا گرم ڪپڙي وانگيان ڪيس سيءُ کان بچائي ٿي، سندس بچاءُ ڪري ٿي ۽ ڪيس آرام پهچائي ٿي. ڏينهن جي روشني هڪ سزا ڪاڌل شخص لاءِ ڪوبہ خوشيءَ جو پيغام ڪٽيو ڪانہ ٿي اچي. پر سج جا ڪرڻا رات جي منجهارن کي ڏويو اڇو اُجرو ڪريو ڇڏين. وڏا ماڻهو هر صبح جو پنهنجي وڏائيءَ جا ويس ڏيکين ٿا، ڇو تہ رات جو وڏا ماڻهو بہ هين جهڙا ٿيو ٿا پون ۽ انهن مان کي تہ ڪمينپ جا ڪم بہ ڪن ٿا ۽ انهن جا ڪي ماڻهو وري رات جو موت ۽ اونداهيءَ کان بنهہ ڪنبندا آهن. پر پوءِ صبح جو هو وري وڏا ماڻهو ٿي پوندا آهن. گراڪس سفيد چوغو پائي ورانڊي ۾ ويٺو آهي. سندس چهرو خوش ۽ مطمئن آهي. هُو هوبهو هڪ رومي سينيٽر لڳي رهيو آهي. ريپبلڪ روم جي سينيٽ جي ميمبرن کان وڌيڪ دنيا ۾ ڪوبہ اشراف، عمدو ۽ داناءُ شخص ڪونہ هو، ۽ ڪير بہ گراڪس کي ڏسي ها تہ ڪيس اُن ڳالهہ تي يقين ٿي وڃي ها. اِها حقيقت هئي تہ هُو اشرافن جي گهر ۾ ڄمندا ڪونہ ٿيو هو ۽ سندس نسن ۾ ڏوڙندڙ رت هڪ واهيات قسم جي گهٽ نسل جو هو. پر هُو تمام وڏو دولتمند هو ۽ روم جي هڪڙي خوبي هيءَ بہ هئي تہ اُهو ماڻهن کي سندن خانداني عظمت کانسواءِ دولت جي ماپي سان بہ ماپيندو هو. هيءَ حقيقت هئي تہ ديوتا جنهن شخص کي دولت بخشيندا هٿا، تہ ظاهر آهي تہ ان شخص ۾ پيدائشي صلاحيتون بہ موجود آهن ۽ اِن ڳالهہ جو ثبوت اهو هو تہ صرف ڪجهہ ماڻهو امير هٿا ۽ بيشمار ماڻهو غريب.

جيئن تہ گراڪس ورانڊي ۾ ويٺو هو، تنهن ڪري سلاريا محل ۾ رونق افروز ٿيا ماڻهو بہ اتيئي اچي ويٺا. هو بنهہ وڏيون وڏيون هستيون هُيون. هو سولائيءَ سان هڪٻئي سان رلي ملي سگهيا ٿي. انتونئيس ڪائيس تي سندن اعتماد قائم ٿي ويو هو، جيڪو پنهنجي باغيچي جي چهر تي گهٽ وڌ حيثيت جي ماڻهن کي هيڪاندو ڪڏي ويهارڻ جي غلطي ڪڏهن بہ ڪونہ ڪندو هو. انهن ماڻهن ۾ بہ امير ترين شخص موجود هٿا. هڪ جوان عورت هئي جيڪا مستقبل ۾ وڏي تيرنهن تالي ثابت ٿيڻ واري هئي. هڪ نوجوان هو جيڪو پنهنجي توريل تڪيل سازشن ذريعي شهرت حاصل ڪرڻ وارو هو. هڪڙو ٻيو بہ نوجوان هو جنهن جي غلاظت ۽ غليظ عادت سندس شهرت جو سبب بنجڻ واري هئي.

ان صبح جو اُهي گراڪس جي چوڌاريءَ وينا هئا. هو سفيد چوغو پايو اُتي وينو صوف چلي ڪائي رهيو هو. هُو ڪيڏي مهلِ ڪنهن سان ته ڪيڏي مهل ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو.

"هي تمام جلدي چگا يـلا ٿي ويندا." هُن گـهـوتن ۽ ڪنوارين وانگر سينگاريل مردن ۽ عورتن کي ڏسي پنهنجي مُنهن چيو. اُهي هتان هُتان جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ سندن ڳالهين ۾ عقل ۽ دانشمندي پريل هئي. جڏهن هو مورتين جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳا تڏهن سائيسيرو چوڻ لڳو:

"آءٌ يونانين جي باري ۾ ٻڌي ٻڌي بيزار ٿي پيو آهيان. انهن اهڙو ڪهڙو انصاف ڪيو آهي جيڪو مصرين هڪ هزار سال پهرين ڪونہ ڪيو هجي؟ ٻئي هڪ ٿي قسم جا سڙيل ڳريل ماڻهو هئا. ٻئي نہ ته وڌائيءَ جا لائق هئا ۽ نہ ئي اڳواڻيءَ ڪرڻ جا اهل. اِهائي ڳالهہ سندن مورتيون ظاهر ڪن ٿيون. روم جا فنڪار ته گهٽ ۾ گهٽ اُها شيءِ ته ڄاڻين ٿا جهڙي هوءَ آهي."

"مگر جيڪو ڪجهہ هُو آهي، بنهہ بيزار ڪندڙ آهي." هيلينا پنهنجي جوان هجڻ ۽ عورت هجڻ جي پنهنجي حق کي استعمال ڪندي احتجاج ڪيو. گراڪس مان اها توقع هئي ته هُو فن جي باري ۾ پنهنجي جاڻ ڪان معذرت چاهيندو. پر هُو ته فن جي باري ۾ گهٽي معلومات رکندڙ هو. هو مصري فن جا نمونا خريد ڪندو هو. چاڪاڻ ته مصري فن سندس اندر جي ڪنهن تار کي چيڙيندو هو. ڪراسس کي فن جي باري ۾ ڪو گهٽو علم ڪونہ هو. پر پوءِ به ڪيس سائيسيرو جي بيان تي ڪاوڙ آئي. ڪيس گندگيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ اُن وقت سئو ٽي لڳو جڏهن ڪيس انهن هٿ ٽوڪين غليظ ماڻهن سان جنگ نہ ڪرڻي پوي ها.

"آءٌ ته يوناني مورتين کي پسند ڪندو آهيان." انتونئيس ڪائيس چيو.

"هي هڪ ته سستيون به آهن ۽ ٻيو ته رنگ لهڻ ڪان پوءِ به ڏاڍيون وٽندڙ لڳن ٿيون. بيشڪ آسپاس موجود سموريون مورتيون رنگ لٽل ۽ پراڻيون مورتيون آهن. اُهي باغيچي ۾ ئي وٽندڙ لڳن ٿيون ۽ مون انهن کي اتي ئي لڳرائي ڇڏيو آهي."

"پوءِ ته توهان کي اسپارٽيڪس جا مجسما به هتي آڻڻ گهربا هئا، ان کان اڳ جو ڪراسس انهن کي ٽڪر ٽڪر ڪرائي ڇڏي ها." سائيسيرو مسڪرائيندي چيو.

"مجسما؟" هيلينا پڇيو.

"انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو ويو." ڪراسس لاپرواهي سان چيو.

"ڪنهنجا مجسما؟"

"جيڪڏهن مون کان غلطي ڪانه پيئي ٿئي ته پوءِ اهو گراڪس ئي هو جنهن انهن مجسمن کي ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو هو." سائيسيرو چيو.

"توهان ڪڏهن به غلط نٿا ٿي سگهو، نوجوان!" گراڪس چيو.

"اُهي هرندڙ جبل جي پٿر کي گهڙي ٺاهيل يادگار هئا، جن کي اسپارٽيڪس جبل جي ايرندئين لاهيءَ تي لڳرائي ڇڏيو هو. مون پاڻ اهي ڪونہ ڏٺا هئا، پر انهن کي تباهہ ڪرڻ واري حڪمنامي تي صحيح ڪئي هئي."

"توهان ائين چو ڪيو؟" هيلينا پڇيو.

"آءٌ ائين ڪيئن ڪونہ ٿي ڪري سگهيس؟ جيڪڏهن ڪو غليظ غلاظت جو نشان ڪٽي اُپو ڪري ڇڏي تہ ان کي صاف تہ ڪرڻو پوي ٿو نہ."

"اُهي مجسما هئا ڪنهنجا؟" ڪلاديا پڇيو.

گراڪس پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ غمگين انداز ۾ مسڪرايو.

"مون اُهي ڏٺا ڪونہ هئا. ڪراسس کان پڇو، ان ڏٺا هئا."

"آءٌ ڪنهن فنڪار جي حيثيت ۾ راءِ ڪونہ ٿو ڏيئي سگهان، پر اُهي هئا ڏاڍا خوبصورت ٺهيل." ڪراسس ٻڌائڻ شروع ڪيو. "اُهي ۾ مجسما هئا. هڪڙو تہ غلام هو، جنهن جي ڏيگهہ اٽڪل پنجاهہ فوٽ هئي. هُو پير پکيڙي ٻيٺو هو. هُن پنهنجا نيئر ٽوڙي ڇڏيا هئا، جيڪي ٽٽل لڙڪي رهيا هئا. هُن هڪ هٿ سان ننڍڙو ٻار پنهنجي سيني سان لڳائي رکيو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ هسپانوي تلوار هئس. اُهو ڏاڍو وٹندڙ مجسمو هو. پر مون کي فن جي باري ۾ ڪا گهٽي ڄاڻ ڪانهي. پر مجسما ڏاڍي نفاست سان ٺاهيل هئا. ماٿو ۽ ٻار ايتري تہ صاف ۽ چٽي انداز ۾ ٺاهيل هئا جو نيئرن جا نشان پڻ واضح ڏسڻ ۾ پئي آيا. مون کي ياد آهي تہ ڪائيس تانيريا مون کي غلام جي ٻانهن جي مضبوطيءَ بابت ٻڌايو هو. هٿ جون نسون بلڪل انهيءَ نموني ۾ ڦندبيل هُيون، جهڙي ريت هڪ هر وهائڻ واري انسان جون اپريل هوندیون آهن. توهان کي تہ خبر آهي تہ اسپارٽيڪس سان چگو خاص ڳاٽيٽو يوناني غلامن جو بہ هو ۽ يوناني مجسما سازيءَ ۾ وڏي مهارت رکن ٿا. هُنن کي انهن مجسمن کي رنگ ڪرڻ جو موقعو ڪونہ مليو، يا تہ پوءِ کين کٹان رنگ ئي ڪونہ ملي سگهيو. مون کي ايترو ياد آهي تہ اُهي مجسما ائينز جي پراڻين مورتين وانگر هئا، جن جا رنگ لهي ويا آهن ۽ آءٌ ڪائيس جي انهيءَ ڳالهہ سان متفق آهيان تہ اُهي رنگ لهڻ کان پوءِ بہ خوبصورت لڳن ٿا ۽ قيمت ۾ بہ سستا هوندا آهن."

"ٻيو مجسمو ايترو اوچو ڪونہ هو. هي يادگار اوچائيءَ ۾ ويهہ فوٽ هو، پر هو اُهو بہ ڏاڍو خوبصورت. ان يادگار ۾ ٽي ويڙهاڪ ڏيکاريل هئا، هڪ ٽريشين،

هڪ گال ۾ هڪ آفريقي ڪارو شيدي. شيديءَ جو مجسمو ڪاري پٿر مان گھڙي ناهيو ويو هو، پر ٻيا اڇي پٿر تي ناهيل هئا. شيدي وچ ۾ ٻيئل هو. هُو ٻنهي کان قدم ۾ ڊگھو هو. هُن پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ ته شاخا کنيا هئا. هن جي هڪ پاسي ٽريشين چاقو ڪٽيو ٻيئو هو ته ٻئي پاسي وري گال تلوار ڪٽيو ٻيئو هو. هي يادگار انتهائي وٹندڙ هو. چاڪاڻ ته اُهي ٽيئي جنگ ڪري رهيا هئا، تنهن ڪري سندن ننگن ۾ ٻانهن تي تمام گھٹا زخم آيل هئا. انهن جي پٺيان هڪڙي عورت ڏاڍي فخريه انداز ۾ ٻيئل هئي. چون ٿا ته ورينيا بنهه اُن جھڙي هئي. عورت جي هڪڙي هٿ ۾ رمبي هئي ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽيڪم. مون کي اعتراف ڪرڻو ٿو پوي ته مون ان جو مطلب ڪونه سمجھيو هو."

"ورينيا؟" گراڪس آهستي پڇيو.

"توهان انهن کي چو تباهه ڪري ڇڏيو؟" هيلينا پڇيو.

"ڇا توهان انهن جا مجسما ائين سلامت ڇڏي سگھو ٿا؟" ابتو گراڪس پڇيو. "ته جيئن هرڪو انهن ڏانهن اشارو ڪري چوي ته هي آهن اُهي غلام، جن هي ڪارنامو سرانجام ڏنو هو؟"

"روم ايتريقدر مضبوط آهي جو انهن کي سلامت رکي سگھي ٿو ۽ انهن طرف اشارو ڪرڻ سهي سگھي ٿو." هيلينا چيو.

"توهان بنهه سچ ٿيون چئو." سائيسيرو چيو. پر ڪراسس کي اهو وقت ياد اچي رهيو هو جڏهن سندس ڏهه هزار بهترين سپاهي خوني ميدان ۾ پکڑيا ٻيا هئا ۽ غلام اُن شينهن وانگر ڦري رهيا هئا جنهن کي زخمي ته نه ڪيو ويو هو پر جنهن کي چيري چتو ڪيو ويو هو.

"ورينيا جو مجسمو ڪيئن ٿي لڳو؟" گراڪس پڇيو. هن پنهنجي سوال کي عام گفتگو جي انداز ۾ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مون کي چگي طرح ياد ڪونهي. هوءَ جرمن يا گال ٻڌي لڳي. سندس وار ڊگھا هئا. ڊگھي ويڪري قميص پاتل ۽ وار سنواريل ۽ اهڙي طرح ٻڌل هئا جيئن گال يا جرمن عورتون ٻڌنديون آهن. هوءَ ڏاڍي سڻي مورت هئي. اهو مجسمو هڪ عمدي ۽ مضبوط عورت جو مجسمو هو. هوءَ مارڪيٽ ۾ وڪجندڙ انهن جرمن رَنڊين وانگر هئي، جن کي وڻڻ لاءِ هر هڪ خريدار بيقرار هوندو آهي. اِها ته ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته اهو مجسمو ورينيا جو هو يا نه. بس پروپئگنڈا آهي، افواهه آهن. ورينيا جي باري ۾ مون کي فقط به ڳالهيون ياد آهن جيڪي غليظ باتياتس مون کي ٻڌايون هُيون ۽ اهي ڳالهيون به تمام ٿوريون آهن، سواءِ اُن ڳالهه جي ته اُن کي ياد ڪندي باتياتس جي رنگت بدلجي ويندي هئي ۽ وات ۾ پاڻي پرجي ايندو هوس.

يقيناً ورينيا ڏاڍي دلڪش عورت هوندي."

"۽ توهان اُن جي مجسمي کي به تباهه ڪري ڇڏيو." هيلينا چيو. ڪراسس ها ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. هُو آسانيءَ سان پريشان ٿيڻ وارو شخص ڪونہ هو. هُن هيلينا کي چيو.

"آءٌ هڪ سپاهي هوس ۽ مون سينيٽ جي حڪمن تي عمل ڪيو. توهان ٻڌو هوندو تہ غلامن جي جنگ بنهہ معمولي ڳالهہ هئي. اهڙو تبصرو ڪرڻ فطري ڳالهہ آهي. اُن ڪري جو اهو تبصرو روم جي لاءِ فائديمند ڳالهہ آهي تہ غلامن سان لڙائيءَ کي بنهہ گهٽائي پيش ڪيو ويو. پر اسين هتي پنهنجي دوست جي محل جي ورانڊي ۾ وينا آهيون. تنهن ڪري ڀاڻ ۾ بنهہ صحيح ڳالهہ ڪنداسين. روم کي تباهہ ڪرڻ جي ويجهو جيترو اسپارٽيڪس پهتو هو، اوترو ٻيو ڪير به ڪونہ پهتو هو. ڪنهن ٻئي روم کي ايتريقدر دهشتناڪ طور تي زخمي ڪونہ ڪيو هوندو. آءٌ پنهنجي وڏائي بيان ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان. پومپي کي هيرو بنجڻ ڏيو ۽ ٻيو تہ غلامن کي ڪچلڻ ۾ ڪا ايڏي وڏي خرابي به ڪانهي. پر سچ سچ هوندو آهي ۽ جيڪڏهن سزا جون نشانيون اڃ وٺندڙ آهن تہ هي به سوچيو تہ مون تي چا وهيو واپريو هو، جڏهن مون ميدان کي روم جي بهترين سپاهين جي لاشن سان ڀريل ڏٺو هو. تنهن ڪري غلامن جا پٽر تي گهڙيل مجسما تباهہ ڪرڻ مهل مون کي ذرو به افسوس ڪونہ ٿيو هو، پر ڀاڻ مون کي انهن کي تباهہ ڪرڻ وقت خوشي ۽ سڪون پڻ حاصل ٿيو. اسان انهن شبيهن کي مڪمل طور تي تباهہ ڪري ڇڏيو تہ جيئن انهن جي ڪابہ نشاني نہ رهي. اهڙي طرح اسان اسپارٽيڪس ۽ سندس فوج کي به تباهہ ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح اسين سندس هر ياد کي به ميساري ڇڏيندا سين. هُن جي هر عمل ۽ طرزِ عمل جي هر ياد کي. آءٌ بنهہ سادو ماڻهو آهيان، پر مون کي اُها خبر آهي تہ ڪجهہ ماڻهو حڪومت ڪن ۽ باقي ماڻهو اطاعت ڪن. اِهائي ديوتائن جي مرضي آهي ۽ ٿيندو به ائين ئي."

ڪراسس جي اِها خوبي هئي تہ هُو ڀاڻ جذباتي ٿيڻ کانسواءِ ئي ٻين کي جذباتي بنائي ڇڏيندو هو. هن جا مضبوط ۽ سهڻا فوجي آرڪائا سندس گفتگو کي پُرزور بنائي رهيا هٿا. هُو صحيح معنيٰ ۾ ملڪ جو شهباز هو. گراڪس ڪيس آڏي اک سان ڏسي رهيو هو. هو هر هڪ کي تڪي رهيو هو. سنهڙي ۽ غارتگر سائيسيرو کي، مضبوط ڪائيس کي، هيلينا کي، خاموش، بيمار ۽ بيهوده جوليا کي، خوبصورت ڪلاڊيا کي انتونئيس ڪائيس کي ۽ ڪراسس کي، هُو سيني کي تڪي رهيو هو ۽ سيني کي ٻڌي رهيو هو. ڪيس ٻيهر ياد آيو تہ هُو جڏهن سينيٽ جي هال مان ڪاوڙجي نڪتو هو تہ ڪهڙي طرح سينيٽ جي ڪاميٽي وٽس آئي

هئي. يقيناً اُها شروعات هئي جڏهن ڇهه دستا روانا ڪيا ويا هئا. ۽ جيئن ته ڪراسس چيو ته شروعات ڪي وسارڻو هو ۽ انجام ڪي به، جيستائين (ٿي سگهي ٿو ته) انجام به اچڻو هو.

[4]

شروع ۾ سينيٽ غلامن جي بغاوت کي کچلڻ لاءِ ڇهه دستا ڪاپوا موڪلڻ جو فيصلو ڪيو. گراڪس اُن فيصلي جي مخالفت ڪئي هئي، پر ان فيصلي تي عمل ڪري ڪيس ٿوري انڪساريءَ جو سبق ڏنو ويو. پوءِ جي پيش ايندڙ حالتن جي پيشِ نظر گراڪس پنهنجي اُن بي عزتيءَ کي هڪ تلخ اطمينان سان ياد ڪندو هو.

هر شهري دستي ۾ پنج سؤ سٺ سپاهي هئا، جن وٽ سمورا هٿيار پهنوار موجود هئا. رهڻ لاءِ شهر سڀي جاءِ هوندي آهي. فوج جون رجمنٽون دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ تائين ويندیون هيون ۽ عام طرح وري واپس ڪونہ موٽنديون هيون. انهن جون قبرون غير ملڪي سرزمين تي ٺهنديون هُيون. جن به سپاهين کي واپس پنهنجي ملڪ اچڻ نصيب ٿيندو هو تہ اُهي پنجن، ڏهن يا پندرهن سالن کان پوءِ موٽندا هئا. انهن کي سڄو ڏينهن پنڊ ڪرڻو پوندو هو. کاڏو پيتو بنهہ ٿورو هوندو هو. انهن کي مزوري ڪرڻي پوندي هئي ۽ ويرانن ۾ رستا ٺاهڻا پوندا هئا.

شهري دستا عياشيءَ جي زندگي گذاري رهيا هئا. انهن لاءِ شراب ۽ عورتن جي گهٽائي موجود هئي. شهري دستي جو عام سپاهي به سياسي اهميت رکندو هو ۽ سنڊس مٺ هميشه گرم رهندي هئي. انهن سپاهين کي شهر ۾ سڀا سڀا فليٽ مليل هئا ۽ ڪيترن سپاهين وٽ تہ ڇهہ ڇهہ سُريتون موجود هوندیون هُيون. هڪڙو قصو مشهور هو تہ روم جي هڪڙي وڏي بنگلي ۾ هڪ سپاهي وٽ چوڏهن سريتون رهنديون هيون. ۽ هُن جو ڪاروبار هي هوندو هو تہ جڏهن انهن چوڏهن سُريتن مان پيدا ٿيندڙ ٻار ڇهن سالن جا ٿيندا هئا تہ انهن کي مارڪيٽ ۾ وڪڻي ڇڏيندو هو ۽ هڪ وڏي رقم ڪمائيندو هو. اِن قسم جا ڪيترائي قصا مشهور هئا.

شهري دستن جا يونيفارم انتهائي خوبصورت هوندا هئا. انهن جا ڪمانڊر وڏن گهراڻن سان تعلق رکندا هئا. هو فوج ۾ شامل ٿي پنهنجي زندگي سنوارڻ چاهيندا هئا، پر اهڙي زندگي جيڪا ٽيٽر، آکاڙي ۽ بهترين هوٽلن جي پرسان گذري. انهن مان گهڻا آفيسر ڪائيس جا دوست هئا. هڪ اڌ پيرو هُن کي به فوج ۾ وڃڻ جو خيال آيو، پر جيئن تہ رجحان ٻئي قسم جو هو، تنهن ڪري هُن فوج ۾ وڃڻ جو خيال هميشه لاءِ دل مان ڪڍي ڇڏيو. جيئن تہ انهن دستن کي تقريباً هر عوامي

دعوت ۾ پريد ڪرڻ لاءِ گهرايو ويندو هو، تنهن ڪري اشراف خاندانن جي نوجوانن جي فطري خواهش هوندي هئي ته هو بهترين وردين پائي انهن دستن جي اڳواڻي ڪن. شهري دستن کي عام فوجين وانگر بيڪار چمڙي جي پتلونن بدران هرڻ جي نرم چمڙي جون رنگيل پتلونون ڏنيون ويندين هُيون. هر رجمينٽ جو رنگ جدا جدا ۽ ٽوپين جا ٽونٽر مختلف هوندا هئا. ڪلهن تي سون ۽ چاندي جون ٺهيل ڦيتون لڳل هوندين هُيون. هر رجمينٽ جو بوٽ ۽ مختلف هوندو هو، جيڪو گوڏن تائين ڍڳهو هوندو هو ۽ انهن تي سون جو پٽو هڏل هوندو هو. هر دستي جي ڍال جي بناوت مختلف هوندي هئي. مقصد ته شهري دستن جا هٿيار پنهوار سڄي اٽليءَ ۾ نمايان ۽ لاثاني هوندا هئا.

انهن دستن کي هر صبح جو مشق ڪرائي ويندي هئي ۽ جڏهن هي دستا موسيقي جي زوردار ڌُنن تي قدم سان قدم ملائي هلندا هئا ته ماڻهو شوق ۽ خوشيءَ وچان انهن کي ڏسڻ لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا.

پر سڀني ڀَالهه هيءَ آهي ته شهري دستا ويڙهو فوجي ڪونه هئا. هي رڳو بيروزگار ۽ پريشان ماڻهن کي دهائڻ لاءِ يا ته وري سوڙهين گهٽين ۾ ٽيندڙ جهڳڑن کي مُنهن ڏيڻ جي ڪم ايندا هئا. انهن دستن کي هسپانوي، گال، جرمن، ٿريشين ۽ شيدين خلاف وڙهڻ لاءِ موڪلڻ بنهه غير مناسب ڀَالهه هئي. پر جيئن ته هي غلامن جي بغاوت جو معاملو هو، تنهن ڪري گراڪس ۾ اڏوگابرو منظوري ڏيئي چڏي هئي. ڪيس يقين هو ته هو تعداد ۾ سادا ٿي هزار هٿڻ ڪري غلامن جي بغاوت کي سولائي سان ڪچلي چڏيندا. هُن رڳو انهن سياسي دستن جي ڊپ کان اُن جي مخالفت ڪئي هئي، جيڪي هارين تي نه پر شهري سپاهين تي مشتمل هئا، شهر ۾ جاوا نپنا هئا. هي بيڪار، ناسمجهه ۽ روم جا فضول ترين ماڻهو هئا، جن جو نه ته حڪمران طبقي سان تعلق هو ۽ نه ئي غلام هئا، پر انهن پنهي جي وچ ۾ زندگي گذاري رهيا هئا. هو پنهنجو سڄو ڏينهن گهٽين يا آکاڙن ۾ گذارينداً هئا. هو جوا کڏندا هئا، گهوڙن جي دوڙ تي پئسا لڳائيندا هئا ۽ هو چوند ۾ پنهنجا ووٽ وڪڻندا هئا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ حمامن ۾ رهندا هئا ۽ شهري ڳٽيل آبادي جي ننڍن ۽ گدلن گهرن ۾ رهندا هئا. شهري دستا انهن ماڻهن مان ئي پرتي ڪيا ويندا هئا.

سينيٽ جي فيصلي جي ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڇهه دستا روانا ٿي ويا. انهن جي اڳواڻي هڪ نوجوان سينيٽر وري نئيس گلابرس کي سونپي ويئي. هوڏن ته روم ۾ فوج جا تجربيڪار ۽ معمر ماڻهو کوڙ هئا پر روم کي ڪيترن سالن کان اقتدار جي لاءِ جاري ڪشمڪش بنهه هٿي ڪوکلو ڪري چڏيو هو ۽ سينيٽ پنهنجي

ميمبرن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي اڳواڻي ڏيڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو حساس ۽ محتاط هو. وري نئيس گلابرس هڪ فضول ۽ احمق ماڻهو هو. هُو رڳو سياسي چٽيڪار قسم جو ماڻهو هو.

اُن وقت سنڊس عمر اُٽيتاليهه سال هئي. سنڊس ماءُ جو خاندان اهميت وارو ۽ عزتدار هو. انهيءَ تعلقاتن کيس فائدو پهچايو هو. هُو گهٽو لالچي ڪونه هو. هُن پنهنجي مقرريءَ جو خيرمقدم اُن ڪري ڪيو جو کيس اُن ۾ ڪو نقصان نظر نٿي آيو، پر بنهه مفت ۾ هُو شان ۽ شوڪت جو ڏٽي پئي ٽيو. شريف خاندانن جي سموري آبادي ۾ سنڊس حيثيت به مضبوط پئي ٿي. سنڊس اڳواڻي هيٺ فوجي آفيسرن کي ملٽري جي قاعدن مطابق هلڻو هو. هُن کي ته رڳو کي چند فيصلا ڪرڻا هئا ۽ انهن جي باري ۾ به سينيٽ کيس واضح چٽيون هدايتون ڏيئي چڏيون هُيون. کيس ويهه ميل روزانو جي رفتار سان ڪاپوا تائين وڃڻو هو. هي سڄو سفر ايپين سڙڪ رستي ڪرڻو هو. فوجين کي پنهنجو کاڌو پاڻي پاڻ ڪونه کڻڻو هو پر اهو چڪڙن تي ڪٽي وڃڻ جي سهوليت موجود هئي. کيس ڪاپوا جي باهرين ديوار کان باهر خيما کوڙڻا هئا. پر کيس هدايت ڪيل هئي ته هُو هڪ ڏينهن کان وڌيڪ اُتي نه ترسي. اتي رهي کيس غلامن جي بغاوت جي رفتار ۽ قوت جي باري ۾ جاسوسن کان اطلاع وصول ڪرڻا هئا. جنهن کان پوءِ بغاوت کي ڪچلڻ جا منصوبا ٺاهڻا هئا ۽ انهن منصوبن جي رپورٽ سينيٽ کي موڪلڻي هئي. پر سينيٽ جي منظوري جي اطلاع تائين ترسڻ کانسواءِ ٿي کيس پنهنجي منصوبن مطابق ڪاروائي شروع ڪرڻي هئي. کيس هدايت ڪئي ويئي هئي ته هُو حالتن ۽ ضرورتن مطابق غلامن سان جيڪا وٽيس سا هلت هلي. پر اِها ڪوشش ڪري ته بغاوت ڪندڙن جا اڳواڻ زنده پڪڙجي پون ۽ گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ روم موڪليا وڃن ته جيئن انهن تي کيس هلائي سزا ڏني وڃي. جيڪڏهن ڪاپوا جي ڪائونسل صليب سجائڻ جي درخواست ڪري ته اُن کي ڪاپوا کان باهر ڏهن غلامن کي صليب تي چاڙهڻ جو اختيار آهي. شرط اهو آهي ته اِهو تعداد ڪُل گرفتار ٿيل غلامن جي اڌ کان گهٽ هجي.

هيستائين روم ۾ بغاوت جي مُک اڳواڻ جي باري ۾ کنهن کي به خبر ڪانه هئي. اسپارٽيڪس جو نالو ايڏا عام ڪونه ٿيو هو ۽ نه ئي ايڏا اهو معلوم ٿيو هو ته باتياتس جي سکيا گهر ۾ بغاوت ڪهڙي طرح پڙڪي هئي. شهري دستا صبح ٽيندي ئي پريد لاءِ جمع ٿي ويا. جڏهن هنن قدم سان قدم ملائي هلڻ شروع ڪيو تڏهن سج گهٽو مٿي چڙهي آيو هو. سنڊن دهل ۽ بگل جي آواز کان سڄو شهر گونجي رهيو هو ۽ انهن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهن جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو هو.

گراڪس کي اهو ڏينهن چڱي طرح ياد هو. ڪيس چگي طرح ياد هو ته فوجين جو قدم سان قدم ملائي هلڻ جو انداز ڏاڍو وٺندڙ هو، بينڊ وڄي رهيو هو، جهنڊا ڦڙڪي رهيا هئا ۽ سپاهي ٽوٽئرن واريون ٽوپيون پايو فخر سان هلي رهيا هئا. وري نٽيس سيني کان اڳ ۾ هو. هُو هڪ عمدي سفيد گهوڙي تي سوار هو ۽ ميڙ ڏانهن هٿ لوڏي رهيو هو. دنيا ۾ خوبصورت فوجي پريڊ کان سواءِ زياده دلکش شيءِ ٻي کا ٿي نٿي سگهي ۽ گراڪس کي اُها خوبصورت پريڊ چگي طرح ياد هئي.

[5]

اهڙي طرح سينيٽ کي اسپارٽيڪس جي نالي جي خبر پيئي ۽ گراڪس پهريون پيرو هي نالو ٻڌو. ۽ روم ۾ شايد پهريون پيرو زور زور سان اسپارٽيڪس جي نالي جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو. هي نالو کاپوا مان وري نٽيس جي رپورٽ کان پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو هو، جيڪا هُن سينيٽ کي موڪلي هئي. وري نٽيس جي اُها رپورٽ کو متاثر ڪندڙ دستاويز ڪونہ هو. اُن رپورٽ جي شروعات "مقدس سينيٽ جي حضور ۾" جي روايتي لفظن سان ڪيل هئي. تنهن کان پوءِ ايپين شاهراهہ تي رونما ٿيندڙ ڪن واقعن جو ذڪر هو. کاپوا ۾ جاسوسن هٿان گڏ ڪيل اطلاعن جو ذڪر هو. فوجي دستن جي مارچ جو احوال هي هو ته جن ٽن دستن کي پنهنجي ٽنگن تي چاندي جا ٽهيل زره پاتل هئا، تن جي رانن جي ڦرڻين نڪري آيون آهن. وري نٽيس فيصلو ڪيو ته اهي زره لاتا وڃن. هُن انهن زرهن کي هڪڙي ڇڪڙي ۾ وجهي روم روانو ڪيو آهي. انهن دستن جي عملدارن اُن عمل کي پسند ڪونہ ڪيو. هو انهن زرهن کي پنهنجي رجمينٽ جو شان سمجهن ٿا. انهن جي واپسي سپاهين جي بي عزتيءَ جي برابر آهي. هڪ سؤ ماڻهن کي فرض جي ادائيگيءَ لاءِ نااهل قرار ڏيئي کاپوا ۾ ڇڏيو ويو آهي. ٻيا ٻہ سوين سپاهي منڊڪائي هلي رهيا هئا. پر اهو محسوس ڪيو ويو ته اُهي غلامن جي خلاف مهم ۾ حصو ونڊي سگهن ٿا. (گراڪس جڏهن لفظ "مهم" ٻڌو تڏهن چرڪجي ويو.)

بغاوت جي باري ۾ وري نٽيس حقيقتون ٻڌائڻ ۾ پنهنجي واکاڻ ڪرڻ جي خواهش جي وچ ۾ قاتل پٽي معلوم ٿيو. هُن بغاوت جي پس منظر جي باري ۾ باتياتس جي ڪهاڻي کي ٻہ رپورٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. هن لکيو هو:

"ائين پيو لڳي ته بغاوت جي اڳواڻي اسپارٽيڪس نالي هڪڙو ٿريشين ۽ ڪرڪس نالي هڪ گال ڪري رهيا آهن." هي ٻئي ويڙهاڪ هٿا. پر رپورٽ مان اهو معلوم ڪونہ ٿي ٿيو ته ڪُل ڪيترا ويڙهاڪ بغاوت ۾ شامل آهن. وري نٽيس

تفصيل سان ٽن باغن جي باري ۾ ٻڌايو جن کي ساڙي ڦلهيار ڪيو ويو هو. انهن باغن ۾ محنت ڪندڙ غلام بنا شڪ شبهي جي مالڪن جا وفادار هئا پر موت جي ڊمڪي ڏيئي انهن کي باغي غلامن سان شامل ڪيو ويو. جن غلامن انڪار ڪيو، تن کي ٽڏي تي ئي قتل ڪيو ويو هو.

(گراڪس ڪنڊ لوڏيو. بيان ۾ ته اهڙو ئي ڪجهه لکي سگهجي ٿو.)

جاڳيرن جي ٻن مالڪن پڄي اچي ڪاپوا ۾ پناهه ونڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ويڙهاڪن کين پڪڙي ورتو ۽ سندن سسيون ڏڻن کان ڌار ڪري ڇڏيائون ۽ انهن جي غلامن کي پاڻ سان ملائي ڇڏيائون. اُن ڪانسواءِ علائقي ۾ موجود غلامن ماڻ بيشمار غلام پڄي اچي بغاوت ۾ شامل ٿي ويا هئا. وري نئيس غلامن طرفان ڪيل ڏڻن ۽ تخريب ڪارين جي فهرست به موڪلي هئي.

هُن انهن لفظن تي رپورٽ ختم ڪري ڇڏي هئي ته جنهن حد تائين ڪيس خبر آهي ته غلام وليسو وئيس جبل جي لاهيءَ تي ٽڪرين ۽ جهنگلن ۾ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر قائم ڪيو آهي ۽ هي ته هوُ انهن ڏانهن هڪدم روانو ٿيڻ چاهي ٿو. سينيٽ رپورٽ جي منظوري ڏيئي ڇڏي ۽ هڪ ٽهراءَ به بحال ڪيو ويو جنهن ۾ چيو ويو هو ته اڪل اسي غلامن کي (جن کائين ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ پڪڙيو ويو هو) سزا جي علامت طور صليب تي چاڙهيو وڃي "ته جيئن بهراڙين ۾ موجود سيئي غلام خبردار ٿي وڃن ۽ پنهنجي انجام جي جاڻ پڄي وڃين." ان ڏينهن انهن ويچارن "مردودن" کي گهوڙن جي ريسُ جي ميدان ۾ ٽياسن تي ٽنگيو ويو.

پوءِ ڇهن ڏينهن تائين وري نئيس ۽ سندس فوجن جي باري ۾ ڪوبه اطلاع ڪونه مليو. پوءِ هڪڙي مختصر رپورٽ ملي ته شهري دستا غلامن کان شڪست کائي ويا هئا. اِها هڪڙي مختصر رپورٽ هئي ۽ پوءِ چوويهه ڪلاڪن تائين سينيٽ ۽ شهري اميد ۽ ڇڪ ڇڪان جي حالت ۾ انتظار ڪندا رهيا. سڄي شهر ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي چڪو هو.

[6]

بند دروازن جي پٺيان سينيٽ جو اجلاس جاري هو. ٻاهر ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا هئا. ٽيندي ٽيندي ماڻهن جو اهو ميڙ ايترو ته وڏي ويو جو سينيٽ جي عمارت ڏانهن ايندڙ ويندڙ گهٽيون ماڻهن سان پرجي ويون. هر جاءِ تي افواهه هلي رهيا هئا. سينيٽ کي شهري دستن سان ٽيل حشر جي خبر پڄي چڪي هئي.

هال ۾ فقط هڪڙي به جاءِ خالي هئي. گراڪس اهو اجلاس ياد ڪري هي فيصلو ڏيئي ڇڏيو هو ته بحران ۽ سخت ڪشيدگيءَ واري صورتحال جي وقت

سينيٽ ڏاڍي دل جمعي سان غور ڪندي هئي. ايوان ۾ موجود عمر رسيده ميمبرن جون غور ۾ريل اکيون ڪنهن خوف بنا نتيجا ڪڍڻ جي فڪر ۾ هُيون، جڏهن ته نوجوان چهرا ڪاوڙ ۾ ڀڳاڙها پئي نظر آيا. مگر اُهي سڀئي روم جي سينيٽ جي وقار جي باري ۾ ڏاڍا حساس هئا. اهوئي سبب هو جو گراڪس کي پنهنجي ناراضگي دٻائڻي پئي. هُو انهن ماڻهن کي سڃاڻندو هو. هُن کي خبر هئي ته انهن کهڙن سستن ۽ ڪريل طريقن سان هي جايون حاصل ڪيون آهن ۽ سياست ۾ ڪيتريقدر گندو ڪردار ادا ڪري چڪا هئا. ڪيس خبر هئي ته هر هڪ ميمبر پنهنجي گهر ۽ پنهنجي باغيچي ۾ گندگيءَ جا ڪوه قائم ڪيا هئا ۽ هر هڪ ميمبر ڪيتريقدر غليظ ۽ ڪريل هو پر پوءِ به اعليٰ مقام ۽ شان و شوڪت انهن کي ئي حاصل هو.

هُن کي هاڻي پنهنجي ذاتي فتح تي ناز ڪونه هو. سندس ذاتي فتح کي اُن گڏيل مسئلي کان الڳ نٿي ڪري سگهجيو، جيڪو انهن سڀني کي درپيش هو. اهوئي سبب هو جو ڪيس تحقيقاتي عملدار طور چونديو ويو. هن اهو سور جو ڏُک پي ورتو ۽ پنهنجي حقير ڪاميابي کي پٺيرو ڪري ڇڏيو. هُو اٿي بيٺو ۽ اُن سپاهي ڏانهن ڏسڻ لڳو جيڪو محاذ تان واپس آيو هو. هي سپاهي به شهر جي گهٽين ۾ پيدا ٿيو ۽ وڏو ٿيو هو.پر اڄ هُو پهريون پيرو مقدس سينيٽ جي سامهون بيٺو هو. هُو سنهڙو سيپڪلڙو هو. سندس ڪارين اکين ۾ خوف ۽ ڊپ پئي نظر آيا. هُو پريشانيءَ وچان ذري ذري پنهنجي چپن تان زبان ڦيري رهيو هو. هُن وٽ هٿيار ڪونه هئا. سندس هڪڙي ٻانهن تي رت هاڻي پٽي ٻڌل هئي. هُو ڏاڍو ٽڪل هو. گراڪس تحقيقات جو اهڙو طريقو اختيار ڪيو جيڪو ٻين کان مختلف هو.

هُن سوال جواب ڪرڻ کان پهريائين هڪ نوڪر کي شراب آڻڻ لاءِ چيو ۽ سپاهيءَ جي اڳيان ميز تي گلاس رکرائي ڇڏيو. جيئن ته هُو شخص بنهه ڪمزور هو. تنهن ڪري گراڪس نٿي چاهيو ته هُو بيهوش ٿي ڪري پوي. سپاهيءَ پنهنجي هٿ ۾ اقتدار واري لٺ پڪڑي رکي هئي. هيءَ لٺ سينيٽ جي طاقت، قوت ۽ اختياريءَ جي نشاني هئي.

"تون اِها لٺ مون کي ڏي." گراڪس ڳالهائڻ جي شروعات ڪئي.

سپاهيءَ پهرين ته هن جي ڳالهه ئي کان سمجهي. تڏهن گراڪس هُن جي هٿ مان لٺ ونڊي ميز تي رکي. گراڪس اوڏيءَ مهل ڏاڍي تڪليف پئي محسوس ڪئي ۽ سندس دل جو ڌڙڪڻ تيز ٿي ويو هو. ڪيس انسانن جي بي عزتي ته گوارا هئي پر هن ننڍڙي لڪڻ جي بي حرمتي ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪانه هُيس، جيڪا سندس زندگيءَ جو شان هئي. طاقت ۽ وقار هئي. اِهوئي لڪڻ چند ڏينهن

اڳ ۾ وري نٽيس کي ڏنو ويو هو. هن سپاهيءَ کان پڇيو:

"سپ کان پهريائين تون پنهنجو نالو ٻڌاءِ."

"آرالوس پورٽس."

"پورٽس؟"

"آرالوس پورٽس." سپاهي دهرايو.

هڪ سينيٽر پنهنجي ڪن تي هٿ رکيو ۽ ڳالهايو.

"زور سان ڳالهائي. تنهنجو آواز ٻڌجي نٿو."

"چئو." گراڪس چيو.

"هتي توکي ڪوبہ نقصان ڪونہ پهچايو ويندو. تون هِن وقت سينيٽ جي مقدس ايوان ۾ موجود آهين. لافاني ديوتائن جي نالي سچ سچ ڳالهاءِ. ڳالهاءِ!"

سپاهيءَ هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"ٽورو شراب ڪٽي وڃ." گراڪس چيو.

سپاهي سفيد چوغا پاتل سخت ماڻهن جي قطار ڏانهن ڏٺو. هُو پٽرن جي جاين تي غمگين شڪيلون ناهيو وينا هئا. هُن ڏڪندڙ هٿن سان گلاس ۾ شراب وڌو ۽ ڪيس ڪنان تار ڪري ڦريو ۽ ڏوڪ ڏوڪ ڪري پي ويو ۽ ٻيهر چپن تي زبان ڦيري.

"تنهنجي عمر ڪهڙي آهي؟" گراڪس پڇيو.

"پنجويهہ سال."

"۽ تون پيدا ڪٽي ٽيو هوئين؟"

"هتي ئي. شهر ۾."

"ڇا تون کو ڏنڏو ڪندو آهين؟" سپاهيءَ نهڪر ۾ ڪنڌ ڏوڙيو.

"آءٌ چاهيان ٿو تہ تون هر سوال جو جواب گهٽ ۾ گهٽ 'ها' ۽ 'نہ' ۾ ڏي. جيڪڏهن وضاحت سان جواب ڏيئي سگهين تہ تنهنجي مهرباني ٿيندي."

"نہ، آءٌ جنگ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڏنڏو ڏاڙي ڪونہ ڪندو آهيان."

"تنهنجي رجمينٽ ڪهڙ هئي؟"

"شهري رجمينٽ نمبر 3."

"۽ توکي فوج ۾ گهڙو وقت ٽيو آهي؟"

"ٻہ سال، ٻہ مهينا."

"اُن کان پهريائين ڇا ڪندو هوئين؟"

"اُن کان اڳ خيرات تي گذر سفر ڪندو هوس."

"هِن رجمينٽ ۾ تنهنجو ڪمانڊر ڪير هو؟"

"سلوي آس ڪائيس سالوي لوس آس."

"۽ تنهنجو سؤ جو اڳواڻ؟"

"ماريوس گراڪس آلوبو."

"بلڪل ٺيڪ، آرا لوس پورٽس! هاڻي آءٌ چاهيان ٿو ته تون مون کي ۽ ٻين معزز ميمبرن کي اِهو ٻڌائي ته ڪاپوا کان ڏکڻ طرف روانگيءَ کان پوءِ ڪهڙا ڪهڙا واقعا پيش آيا. تون مون کي صاف ۽ چٽن لفظن ۾ ٻڌائي ڇڏ. تنهنجي ڳالهين کي تنهنجي خلاف استعمال ڪرڻ ڪيو ويندو ۽ هن مقدس ايوان ۾ توکي ڪوبہ نقصان ڪرڻ پهچندو."

پوءِ بہ سپاهيءَ لاءِ وضاحت ۽ تسلسل سان ڳالهائڻ آسان ڪونہ هو.

ڪيترن سالن کان پوءِ بهار جي موسم ۾ ان صبح جو سلاريا محل جي ورانڊي ۾ ويٺي گراڪس کي ياد آيو ته جيڪا تصوير ڪشي سپاهيءَ ڪئي هئي، سا تمام واضح ۽ چٽي هئي. وري نئين جي اڳواڻيءَ ۾ ڪاپوا کان ڏکڻ طرف مارچ ڪرڻ واري فوج ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ تسلي بخش فوج ڪانہ هئي. موسم بہ اوچتو توقع جي خلاف گرم ٿي ويئي هئي. ۽ شهري دستا مسلسل مارچ ڪندو رهڻ جا عادي بہ ڪونہ هئا. جيتوڻيڪ هر شخص فوج ۾ عام طرح ڪجنڊڙ وزن کان ويهہ پائونڊ گهٽ وزن کنيو پئي هليو، پر پوءِ بہ لوهي ٽوپلو، زره، ڍال، تير ڪمان ۽ تلوار تمام وڏو بوجهہ هئا. جتي جتي گرم لوهہ جو ڪنارو سندن جسم سان گسندو هو، اتي زخم ٿي پوندا هئا. ڪين خبر پيئي ته پريد ڪرڻ وارا نرم، خوبصورت ۽ شاندار بوٽ سڙڪن، ٻين ۽ جبلن ۾ هلڻ لاءِ بنهہ بيڪار هئا. شام جو مينهن ڪين پُسائي ڇڏيو هو. سانجهي ٽينڊي ٽينڊي هو تيز ۽ چڙندڙ ٿي پيا هئا.

گراڪس ان منظر جي باري ۾ سوچي سگهيو ٿي. شاهراهہ تي قطارن ۾ هلندڙ سپاهي، ڇڪڙي جي اٽاريل ڏوڙ ۾ ايا، لوهي ٽوپلن تي پُسيل ٽونئر لٽڪيل، ۽ ٽڪاوٽ بہ ايتريقدر جو شڪايت پريل آواز بہ نہ نڪري سگهي. تقريباً اوڏيءَ مهل انهن ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ چٽن غلامن کي پڪڙي ورتو ۽ ڪين قتل ڪري ڇڏيو. انهن مان ٿي مرد ۽ هڪڙي عورت هئي.

"توهان انهن کي قتل ڇو ڪيو؟" گراڪس سپاهيءَ کان پڇيو.

"اسان محسوس ڪيو ته هِن علاقي جو هر غلام اسان جي خلاف هو."

"جيڪڏهن هو توهان جي خلاف هجن ها ته جبل تان لهي رستي تان لنگهندڙ فوجي سپاهين کي ڏسڻ ڇو اچن ها؟"

"مون کي خبر ناهي. انهن کي بي رجمينٽ جي ماڻهن قتل ڪيو هو. انهن پنهنجون صفون ٽوڙي ڇڏيون ۽ ڊوڙي وڃي عورت کي چنبڙيا. مردن اُن جي حفاظت ڪرڻ چاهي، تنهن ڪري انهن کي قتل ڪيو ويو. هڪ لمحي جي اندر ئي اندر مرد قتل ٿي چڪا هئا. جڏهن آءٌ اتي پهتس."

"تنهنجو مطلب آهي ته تنهنجي رجمينٽ به صفون ٽوڙي ڇڏيون هيون."

"جي ها، سڄي فوج. اسان سيني پنهنجون قطارون اهو ڏسڻ لاءِ ٽوڙي ڇڏيون ته ڏسون ته هُتي ڇا پيو ٿئي؟ هن عورت جا ڪپڑا ڦاڙي ڇڏيا. ڪيس زمين تي ليٽائي ڇڏيو ۽ پوءِ هڪ کان پوءِ پيو اُن تي...."

"بس، وڌيڪ وضاحت جي ضرورت ڪانهي." گراڪس چيو.

"اُن سموري عمل ۾ توهان جي آفيسرن کي دخل ڪونہ ڏنو؟"

"نہ سائين! آفيسرن کي به دخل ڪونہ ڏنو."

"عورت کي ڪهڙي طرح قتل ڪيو ويو؟"

"هوءَ اُنهيءَ فعل سان ئي مري ويئي جيڪو سائس ڪيو پئي ويو." سپاهيءَ بنهہ آهستي جواب ڏنو.

گراڪس هن کان ٻيا به سوال پڇيا، مگر سندس آواز بنهہ ويهي رهيو هو. هُن کيس ٻڌايو هو ته رات جو ڪيمپ لڳائيندي دستن تنبو به ڪونہ کوڙيا هئا. رات گرم هئي ۽ سپاهي کليل ميدان تي ئي ليٽي ٻيا. هن کان پڇيو ويو ته:

"ڇا توهان جي ڪمانڊر ڪيمپ جي چوڌاريءَ حفاظتي ديوار ڏيارڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي هئي؟"

رومي فوج جو شان هي هو ته جيستائين اُن جي چوڌاريءَ ٻچاءُ بند ۽ اُن جي چوطرف خندق نہ کوٽي ويندي هئي تيستائين هوءَ ڪٽي هڪڙي رات به قيام ڪانہ ڪندي هئي.

"ويري نئيس ائين ڪرڻ چاهيو ٿي، پر رجمينٽ جي ڪمانڊرن ان جي مخالفت ڪئي. انهن جو چوڻ هو ته اسان وٽ ڪوبہ انجنيئر ڪونهي. اصل ڳالهہ هيءَ هئي ته شروع کان وٽي ان ڳالهہ جي رٽابندي ئي ٽيل ڪانہ هئي. آفيسرن هي دليل ڏنو هو ته پلا مٺ جيترن غلامن کان فوج کي ڪهڙو خطرو ٿي سگهي ٿو.

"رات پهرين گهٽي ٿي چڪي هئي ۽ مون آفيسرن کي هي چوندي ٻڌو هو ته جيڪڏهن ويري نئيس کي ديوار ٺهرائڻي هئي ته پوءِ هُن رات تائين پنڌ ڇو ڪرايو؟ سپاهين به ساڳي ڳالهہ ٿي ڪئي. اسان جي سموري سفر ۾ ان ڏينهن وارو مارچ بنهہ خراب هو. رستا ڏوڙ سان ستيل هئا، جن تي ايتري ته مٽي پئي اڏامي جو ساهہ ڪٽڻ

ٻہ مشڪل هو ۽ وري مٽان مينهن ٻہ اچي پيو. آفيسرن لاءِ تہ ڪو مسئلو ڪونہ هو. اُهي تہ گهوڙن تي سوار هٿا پر اسان کي تہ پنڌ هلڻو هو."

ها، گراڪس لاءِ اُن سپاهيءَ جا اُهي لفظ ياد ڪرڻ جي پيٽ ۾ اهو منظر ياد ڪرڻ سولو هو جنهن جي تصوير ڪشي سپاهيءَ ڪئي هئي. رستي جي آسپاس روسي شريف گهراڻن جا عمدا چراگاهہ هٿا ۽ ٻنيون هيون. ڏوڙ سان سٽيل رستو بنهہ سوڙهو هو. ٻنين ۾ گهاٽا وڻ ٻيٺل هٿا. ڇهہ دستا هڪ ميل تائين رستي تي هلي رهيا هٿا. سامان سان پريل چڪڙا لڏندا لمندا اڳيان وڌي رهيا هٿا. سپاهي ٽڪ کان چور ٽي چڪا هٿا ۽ انهن جي بنهہ سامهون هڪ وڏي ٽڪري هئي جنهن جي دامن ۾ هڪڙو زمين جو ننڍڙو ٽڪرو هو. جتي هڪ چشمو وهي رهيو هو. سائو گاهہ هو، جهنگلي گل ٻوٽا موجود هٿا. هر طرف ٻيزيءَ جا ٽڙيل گل موجود هٿا ۽ مٽان رات پٽجي رهي هئي.

انهن اتيئي پنهنجي ڪيمپ لڳائي ۽ ويري نئيس آفيسرن جي چوڻ تي قلعي بندي جو ڪم ترڪ ڪري ڇڏيو. اِها ڳالهہ گراڪس کي سمجهہ ۾ آئي پئي. رجمينٽ جي ڪمانڊرن چيو هوندو تہ حملي جو ڪوبہ امڪان يا خطرو ڪونهي. بغاوت جي شروعات ۾ ئي ويڑهاڪن جو تعداد ٻہ سؤ ڪن هو، جن مان ڪيترائي مارجي ويا آهن ۽ بي ڳالهہ تہ سپاهي ڏاڍا ٽڪل آهن. انهن مان گهٽا تہ سائي گاهہ تي ليٽندي ئي سمهي رهيا. صرف چند ماڻهن تنبو کوڙيا هٿا ۽ ضابطي جو ٿورو گهڻو خيال رکيو هو. گهڻن ماڻهن ڪاڏو تيار ڪرڻ لاءِ باهہ ٻاري. پر جيئن تہ چڪڙن تي تمام گهڻو تيار ٽيل ڪاڏو موجود هو. تنهن ڪري گهڻن باهہ ٻارڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ڪئي. هي هو ان ڪيمپ جو نقشو.

ويري نئيس پنهنجو تنبو ڪيمپ جي بلڪل وچ ۾ لڳايو هو ۽ اتيئي پنهنجي ڪمانڊريءَ وارو جهنڊو کوڙي ڇڏيائين. ڪاپوا جي ماڻهن کين تيار ٽيل ڪاڏي جون ڪيتريون ديڳيون ڏنيون هُيون. هُن جهونن عملدارن سان گڏجي ويهي ماني ڪاڏي هوندي. هُو پڪ سان اُن ڳالهہ تي خوش ٿيو هوندو تہ قلعي بنديءَ جي مصيبت مان جند ڇٽي پيئي. اها مهم بهرحال ڪا سخت مهم ڪانہ هئي. اُن ۾ وقار هو، شان شوڪت هو ۽ ٻيو تہ وري هي سفر روم ڪان صرف چند ڏينهن جو هو.

اهڙي طرح گراڪس پنهنجي ذهن ۾ اُن منظر کي ياد ڪيو هو. اهو ذهن، جنهن کيس درندگيءَ مان مٽي آندو هو. ذهن انسان لاءِ خوشي ٻہ آهي تہ غم ٻہ. گراڪس پنهنجي هٿ ۾ جهليل پاڻي جي گلاس کي ڏسندي ۽ اُن تباهہ حال سپاهيءَ جي آواز جي پڙاڏي کي ٻڌندي اُس ۾ ٽنگون ٽيڙيو وينو هو. سندس ذهن ۾ تصويرون ايندیون رهيون. هُو انهن ماڻهن جي باري ۾ سوچي رهيو هو جن کي چند

ڪلاڪن ۾ موت جي منهن ۾ وڃڻو هو، پر ڪين اُن جي خبر ڪانه هئي. ڇا ويري نئيس ڪڏهن اسپارٽيڪس جو نالو ٻڌو هو؟ شايد ڪڏهن به نه.

"مون کي ياد آهي ته ڪهڙي طرح رات لڙي هئي ۽ پوءِ آسمان تارن سان پرجي ويو." سپاهيءَ پٽر جهڙي چهرن وارن سينيٽرن کي چيو.

هيءَ هئي هڪڙي احمق جي تقرير جي سادي سودي خوبصورتي. ويري نئيس پنهنجي خيمي جي باهران آفيسرن سان گڏجي ويهي پڪ سان شراب پي رهيا هوندا ۽ لذيذ گوشت جا ٽڪرا چٻاڙي رهيا هوندا. هن پڪ ئي پڪ اُن رات سئيون ۽ عقل واريون ڳالهيون ڪيون هونديون ڇو ته ان رات اتي دنيا جي سڀ کان اعليٰ سماج جا نوجوان شريف ماڻهو ويٺل هئا. انهن ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هونديون؟ اوڏيءَ مهل، يعني چار سال پوءِ گراڪس اهو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته اُن وقت ٿيٽر، آکاڙي وغيره ۾ ڪهڙي شيءِ وڌيڪ مقبول هئي؟ ها، هي ته پيڪو وئيس جي نئين پيش ڪيل "آرمورم انديشم" جو وقت هو ۽ فليو وئيس گاس نمايان ڪردار کي اهڙي طرح ڳائي رهيو هو جهڙوڪر اهو پهرين ڪڏهن به ڪونه ڳايو ويو هو.

ياد تصوراتي شيءِ ٿئي ٿي. ڪيمپ ۾ هر هنڌ ٽڪاوٽ ختم ٿي ويئي هوندي. شهري دستن جي نوجين ليٽنڊي ليٽنڊي ماني جا وڏا وڏا گراهه ڀڙڪايا هوندا ۽ آسمان ۾ تارن کي ڏسي رهيا هوندا. ۽ اهڙي طرح سڄي ڪيمپ تي ننڊ اچي واسو ڪيو هوندو. ۽ ٽن هزارن رومي سپاهين تي نرم ننڊ جو غلبو اچي ويو، جن ڏکڻ ۾ "واسو وئيس" جبل ڏانهن اُن ڪري پٽي مارچ ڪيو ته غلامن کي هي سبق پڙهايو وڃي ته غلامن کي پنهنجن آقائن خلاف ڪڏهن به هٿ کڻڻ نه گهرجي.

سينيٽ سوال پڇڻ لاءِ گراڪس کي مقرر ڪيو هو. هُو سوال پڇي رهيو هو ۽ سپاهي جي جوابن ڏيڻ دوران سينيٽ هال ۾ ايتري قدر مائ هئي جو اڌمندڙ مڪ جو آواز به ٻڌجي سگهيو پئي.

"تون ستُو هوئين؟" گراڪس پڇيو.

"جي ها، آءٌ سمهي رهيو هوس." اُن اڪيلي ڊنل سپاهيءَ جواب ڏنو جيڪو شاهدي ڏيڻ اتان واپس آيو هو.

"پوءِ توکي سجاڳي ڪيئن ٿي؟"

سپاهي سوچ ۾ پئجي ويو. سندس منهن جو پنو ٿي لهي ويو ۽ گراڪس کي خطرو محسوس ٿيو ته ماڳهي هُو بيهوش نه ٿي وڃي. پر هُو بيهوش ڪونه ٿيو ۽ سندس رپورٽ وڌيڪ جامع ۽ واضح ٿي ويئي. پر هُو جذبات کان بنهه خالي هو. سندس اکين ڏٺي شاهدي هئي:

"آءُ سمهي رهيو هوس. اوچتو منهنجي اک کُلي. اُن ڪري جو هڪ ماڻهو زور زور سان کونگهرا هڻي رهيو هو. پر جڏهن مون غور ڪيو تہ مون محسوس ڪيو تہ فضا ڪيترن ئي ماڻهن جي کونگهرن سان گونجي رهي هئي. آءُ جيئن تہ پيٽ ۾ ستل هوس، تنهن ڪري مون هڪدم پاسو بدلايو. منهنجي پاسي ۾ ئي منهنجو بهترين دوست ڪاليس ستو پيو هو. جڏهن مون پاسو بدلايو تہ منهنجو ساڃو هٿ ڪنهن آليءَ گرم ۽ نرم شيءِ تي وڃي پيو ۽ جڏهن مون غور ڪيو تہ خبر پئي تہ اهو ڪاليس جو ڪنڌ هو. کونگهرا اُن ويڙل نڙگهٽ مان پئي نڪتا. پوءِ جڏهن آءُ اٿي ويٺس تہ مون کي محسوس ٿيو تہ جڻ آءُ رت جي هڪ تلاءَ ۾ ويٺو آهيان. مون کي خبر ڪانہ هئي تہ اهو رت منهنجو هو يا ٻئي ڪنهن جو. پر منهنجي چوڌاريءَ چاندوڪيءَ ۾ رڳو لاش پيا هئا. جيڪو جتي ستل هو سو اتيئي مئو پيو هو. سڄي ڪيمپ ۾ غلام ئي غلام هئا جن وٽ تيز تکا چاقو هئا. اُهي چاقو مٿي ۽ هيٺ هلي رهيا هئا. چاندوڪي جي ڪرڻن سان انهن جا چاقو چمڪي رهيا هئا. اهڙي طرح اسان مان اڪثر اڌواڌ ستل ئي قتل ٿي ويا ۽ جڏهن هڪ شخص ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو تہ هن اُن کي بہ قتل ڪري ڇڏيو. هتان هُتان ڪجهہ سپاهين هڪ گروپ بہ ٺاهيو، پر هو گهٽي دير تائين وڙهي نہ سگهيا. قتل ۽ غارت جو اهڙو دهشتناڪ منظر مون ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. تڏهن آءُ بنهہ چريو ٿي پيس ۽ مون بہ ڪونگهرا هڻڻ شروع ڪيا. پوءِ مون پنهنجي تلوار سنيالي ۽ ڪيمپ ۾ ڊوڙڻ لڳس.

"مون هڪڙي غلام تي وار ڪيو ۽ منهنجو خيال آهي تہ هُو مري ويو. پر جڏهن آءُ ڪيمپ جي چيڑي وٽ پهتس تہ مون کي ڪيمپ جي چوطرف هٿن ۾ نيزا ڪنيل ماڻهن جي قطار نظر آئي. انهن نيزا بردارن ۾ گهڻيون عورتون هيون. پر اهي اهڙيون عورتون ڪونہ هُيون جيڪي مون ڏٺيون هُيون يا جن جي باري ۾ مون خواب ڏٺا هئا، بلڪ اُها هڪ خوفناڪ ۽ وحشي مخلوق هئي. هوا ۾ سندن وار اڏامي رهيا هئا ۽ نفرت وچان ڪرٽيون ڪائڻ جي ڪري سندن وات ڪليل هئا. هڪڙو پڇندڙ سپاهي مون کان اڳتي وڌيو ۽ نيزن جي مٺان تپي ويو. هُن جي تصور ۾ بہ اِها ڳالهہ ڪانہ هئي تہ ڪو عورتون مٽس نيزا هلائيندڙيون. پر انهن نيزا هلايا. ان جاءِ تان ڪوبہ جان بچائي پڄي نہ سگهيو. جيڪي زخمي گوڏن پر گسڪي اتي پهتا ٿي تن کي هڻ نيزا ٽنبي ٿي ڇڏيا.

"آءُ ڊوڙندو انهيءَ قطار تائين پهتس. هڻ هڪ نيزو منهنجي ٻانهن ۾ ٽنبي ڇڏيو. تڏهن آءُ واپس ڪيمپ ڏانهن پڳس. ۽ رت جي تلاءَ ۾ ڪري پيس ۽ اتي ئي ليٽي پيس. کونگهرن جون صدائون مسلسل اڃي رهيون هُيون. مون کي خبر ڪانهي تہ آءُ گهڻي دير تائين اتي پيو هوس. مون اٿڻ ۽ وڙهڻ جو فيصلو تہ ڪري ورتو پر

ٿورو انتظار ڪيم. پوءِ ڪونگهرا ٿورا گهٽ ٿيا. اوچتو ڪيترن ئي هٿن مون کي پڪڙي وڌو ۽ چڪي اڇاري ٻيهاريائون. انهن منهنجي تلوار مون کان ڦري ورتي. زخم جي ڪري منهنجي ٻانهن ۾ شديد درد هو. غلامن مون کي پڪڙيو ۽ هڪڙو چاقو منهنجو گلو ڪٽڻ لاءِ اڳيان وڌيو. مون سمجهيو ته هاڻي سڀ کجهه ختم ٿيو. هاڻي آئون مري ويندس، پر اوچتو ڪنهن رڙ ڪئي.

"ترسو." ۽ چاقو رڪجي ويو. ان وقت چاقو ۽ منهنجي نڙگهٽ جي وچ ۾ صرف هڪ انچ جو فاصلو هو. تڏهن هڪ غلام آيو. سندس هٿ ۾ هڪ ٽريشين چاقو هو. اُن هنن کي رُکجڻ جو حڪم ڏنو هو. منهنجي زندگي انتظار ڪري رهي هئي. پوءِ هڪ ڳاڙهن وارن وارو غلام آيو ۽ هو پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا. آءٌ اڪيلو رهجي ويو هوس. تنهن ڪري هنن مون کي قتل ڪونه ڪيو. آءٌ، فقط آءٌ ئي اڪيلو زنده بچيو هوس ۽ باقي ٻيا سڀ قتل ڪيا ويا هئا.

"هو مون کي ڪيمپ ۾ وٺي آيا. سموري فوج قتل ٿي چڪي هئي. سپاهي گهٽو ڪري اتي ئي مٿا پيا هئا جتي هو سُتا هئا. اُهي وري ڪڏهن به ڪونه جاڳيا. هو مون کي ويري نئيس جي تنبوءَ وٽ وٺي آيا. پر هُو به مئو پيو هو. پنهنجي گاديلي تي ئي ماريو ويو هو. کجهه آفيسر به آڪر ۾ مٿا پيا هئا. هر هنڌ لاش ئي لاش هئا. پوءِ هنن منهنجي ٻانهن جي زخم جي ملهم پٽي ڪئي ۽ کجهه غلامن جي نگراني ۾ مون کي اتي ئي رکيائون. اوڏي مهل آسمان تي آڇَ ڇانئجي رهي هئي ۽ صبح ٿيڻ وارو هو. ۽ سمورا سپاهي مري چڪا هئا."

اِهو بيان هُن وضاحت سان، جذبات کان خالي انداز ۾ ڏنو، پر اُن دوران سندس اکيون ڦرڪي رهيون هُيون. هُن سينيٽرن جي قطار ڏانهن نگاهه ڪانه ڪئي، جيڪي پٽر جا ٿهيل پٽي لڳا.

"توکي اِها خبر ڪيئن پئي ته سمورا سپاهي ماريا ويا هئا؟" گراڪس چيو.

"انهن پرهه ڦٽيءَ تائين مون کي اتي ئي رکيو. تنبوءَ جي پاسن واريون قناطون مٿي کٽي ڇڏيائون ۽ آءٌ هر طرف ڏسي پئي سگهيس. مرڻ وارن جا ڪونگهرا ته بند ٿي چڪا هئا، پر ايڏا تائين به مون کي منهنجي ڪوپڙيءَ ۾ اُهي ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. آءٌ چٽني طرفن ڏسي پئي سگهيس. مون جيڏانهن به نظر ٿي ڊوڙائي مون کي رڳو لاش ئي لاش پئي نظر آيا. فضا ۾ موت ۽ رت جي بوءِ پکڙيل هئي. نيزا بردار عورتن جي اڪثريت هاڻي گهيرو ڪندي نظر ڪانه پئي آئي. هو ڪيڏانهن هليون ويون هُيون. مون کي خبر ڪانه پئي سگهي ته اهي ڪيڏانهن ويون هُيون. پر رت جي بوءِ جي وچ ۾ مون کي ڪباب پچڻ جي به بوءِ اچي رهي هئي. ٿي سگهي ٿو ته عورتون نيرن لاءِ گوشت پچائي رهيون هجن. مون کي اهو سوچي اُلٽي پئي آئي. سوچيم پئي

تہ ھڙي موقعي تي ب ماڻھو ڪجھ ڪائي سگھن ٿا. مون الٽي ڪري وڌي. غلامن مون کي تنبوءَ جي وراندي مان گھلي باھر ڪڍيو. آءٌ تيستائين باھر ٿي رھيس جيستائين منھنجي الٽي بند نہ ٿي. ھاڻي آءٌ ٿورو ھلڪو ٿي ويو ھوس. مون غلامن جي ٽولن کي ڪيمپ مان ويندي ڏٺو. ھو لاشن جا ڪپڑا لاھي رھيا ھٿا. ھنن ھٿي ھُٽي اسان جي تنبوئن کي وڃائي ڇڏيو. مون کي سڄي ميدان ۾ ايڏا ٽہڪا نظر اچي رھيا ھٿا. ھُنن لاشن تان ھر شيءِ لاھي ورتي. زرھ، ڪپڑا، جوتا وغيرہ، ھُنن اُھي شيون وڃايل تنبوئن تي ڍير ڪندا ويا. ھنن تلوارن، نيزن ۽ زرھن کي ندي‌ءَ جي پاڻيءَ مان ڏوتو. ندي وڏي تنبوءَ جي وراندي جي پاسي کان وھي رھي ھئي. ندي‌ءَ جو پاڻي رت ھاڻو ڳاڙھو ٿي ويو ھو. ھڪڙي وڃايل تنبوءَ تي ڏوتل تلوارون ڪنيون ڪيون پٽي ويون. ھزارين تلوارون ھُيون.

"غلامن جو ڳاڻيٽو ڪيترو ھو؟" گراڪس پڇيو.

"ست اٺ سؤ، يا ٿي سگھي ٿو تہ ھڪ ھزار ھجي، مون کي صحيح اندازو ڪونھي. ھو ڏھن ڏھن جي ٽولين ۾ ڪم ڪري رھيا ھٿا. ھو وڏي جاکوڙ سان ڪم ڪري رھيا ھٿا. انھن مان ڪن اسان جي ڇڪڑن کي جوڙيو ۽ لاشن کان حاصل ڪيل سموريون شيون انھن تي ستي پاڻ سان ڪٽي ويا. جيڏي مھل ھو ڪم ڪري رھيا ھٿا تڏھن ڪجھ عورتون پنھنجي ٽيلھن ۾ پڪل گوشت ڪٽي آيون. ھڪ وقت ۾ ھڪ ٽولي‌ءَ ڪم روڪيو ٿي ۽ ماني ٿي کاڌي. انھن اسان جي راشن وارو کاڌو ب کائي ڇڏيو."

"انھن لاشن لاءِ ڇا ڪيو؟"

"ڪجھ ب نہ. ھُنن لاشن کي اُنھي‌ءَ ٿي حال ۾ ڇڏي ڏنو، جنھن حالت ۾ ھٿا. ھڪ پيرو ھو لاشن تان سڀ ڪجھ لاھي ونڻ کان پوءِ ائين گھمي ڦري رھيا ھٿا جڏڪ اُھي لاش تہ ھٿا ئي ڪونہ ھر طرف لاش ئي لاش ھٿا. زمين تي ھر ھنڌ رت ئي رت ھو. ھاڻي سج ب نڪري آيو ھو. ھي منھنجي زندگي‌ءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ بدترين منظر ھو. ميدان جي ھڪ مٽي تي ڪجھ غلام بيھي سمورو ڪم ڏسي رھيا ھٿا. سندن تعداد ڇھ ھو. انھن مان ھڪ آفريقي شيدي ھو. ھُو ويڑھاڪ ھو."

"توکي ڪيئن خبر پيئي؟"

"ھو مون ڏانھن آيا تہ مون سڃاڻي ورتو تہ ھو ويڑھاڪ ھٿا. سندن وار ننڍا ھٿا ۽ سندن جسمن تي ھنڌ ھنڌ تي زخم آيل ھٿا، ۽ ھڪ ويڑھاڪ جي اِھائي تہ سڃاڻپ آھي. انھن مان ھڪڙي جو ڪن ڪونہ ھو. ھڪڙي جا وار ڳاڙھا ھٿا، پر ٽولي جو اڳواڻ ھڪ ٽريشين ھو، جنھن جو نڪ ڀڳل ھو ۽ سندس کاريون اکيون اھڙي طرح تکينديون ھُيون جو نہ منجھن کا چرپر ھوندي ھئي ۽ نہ ئي ھُو چُيندو ھو."

هاڻي سينيٽرن جو رويو تبديل ٿي چڪو هو. هاڻي هو هڪ ٻئي انداز ۾ ٻڌي رهيا هئا. ڪشيدگي، نفرت ۽ گهري غور سان ٻڌي رهيا هئا. گراڪس کي ياد هو ته اها تبديلي اُن وقت آئي هئي جڏهن هڪدم اسپارٽيڪس جو ذڪر آيو هو. اسپارٽيڪس دنيا کي جهنجهوڙي ڇڏڻ لاءِ عدم مان اپريو هو. ٻين ماڻهن جون پاڙون هونديون هُيون، ۽ هڪڙو ماضي هوندو هو، هڪ شروعات، هڪ مقام، هڪڙي زمين، هڪڙو ملڪ، مگر اسپارٽيڪس وٽ انهن شين مان ڪجهه به ڪونه هو. هُو هڪ سپاهيءَ جي چپن ۾ پيدا ٿيو. اُهو سپاهي جيڪو موت جي منهن مان بچي ويو هو ۽ جنهن جي بچڻ جو انتظام به اسپارٽيڪس اُن مقصد لاءِ ڪيو هو ته جيئن هُو واپس سينيٽ ۾ وڃي ۽ اسپارٽيڪس جا ڏس پتا ۽ نشان بيان ڪري. هي ڪو ست سسيو راڪاس ڪونه هو، نه ئي ڪو وحشي ۽ خوفناڪ هو، پر هُو ته محض هڪڙو غلام هو. پر سپاهيءَ اُن ۾ ڪجهه شيون اهڙيون ڏٺيون هيون، جيڪي چٽيءَ طرح سينيٽ ۾ بيان ڪرڻ ضروري هُيون.

"۽ سندس چهرو مون کي هڪڙي بگهڙ جي چهري جهڙو لڳو. هُن کي چوغو پاتل هو ۽ ڏڳها بوٽ پاتل هئس. پر ڪاب زرهه، لوهي ٽوپلو وغيره ڪونه هئس. هن جي ڪمر بند ۾ هڪڙو چاقو لڳل هو. صرف اهوئي هٿيار هن وٽ هو. سندس چوغو رت ۾ ٻڏل هو سندس چهرو اهڙو هو جنهن کي توهان وساري نٿا سگهو. ڪيس ڏسي آءٌ ته ڊڄي ويو هوس." سپاهيءَ شايد اهو به ٻڌايو ته ڪيس سندس پڳل نڪ ۽ ڪارين اکين وارو چهرو جڏهن خوابن ۾ نظر اچي ٿو تڏهن هُو سجو پگهر ۾ ٻڏي وڃي ٿو ۽ ڊپ وچان جاڳي پوي ٿو. پر سينيٽ کي سندس خوابن سان ڪا دلچسپي ڪانه هئي.

"توکي ڪيئن خبر پئي ته هُو هڪ ٽريشين آهي؟"

"آءٌ ڪيس سندس ڳالهائڻ جي لهجي مان سڃاڻي ويس. هُو اهڙي عجيب انداز ۾ لاطيني ڳالهائي رهيو هو، جيئن مون ڪيترن ئي ٽريشين کي ڳالهائيندي ٻڌو هو. اتي هڪ ٻيو به ٽريشين هو. باقي ٻيا شايد گال هجن. هن مون کي رڳو تڪيو پئي ۽ گهُوريو پئي. جنهن مان مون کي لڳو ٿي ته جهڙوڪر آءٌ به ٻين سان گڏ مري ويو هُجان. هو مون کي گهُورينداورانديجي ٻي چيڙي تائين ويا ٿي. ورانديمان هاڻي لاش ڪڍي ڪٽي ويا هئا ۽ ٻين سپاهين جي لاشن سان ميدان ۾ اڇلي ڇڏيائون. پر هُن ويري نٿيس جي لاش تان پهرين سپ شيون لاٽيون. سندس سمورا هٿيار ۽ شيون لاهي سندس گاديلي تي رکيائون. سندس سينيٽ طرفان ڏنل لڪ به اتي رکيائون. غلام وري به آيا ۽ گاديلي تي پيل شين کي ڏٺائون. هن ڪماندر جي تلوار کنئي ۽ ان جو معائنو ڪيائون ۽ ٻين کي ڏيکاريائون. وري سينيٽ جو لڪ

ڏنائون. پڳل نڪ وارو ماڻهو، جنهن جو نالو اسپارٽيڪس هو، مون ڏانهن مڙيو. هُن لڪ مٽي ڪٽي مون کان پڇيو:

"رومي! توکي خبر آهي ته هي ڇا آهي؟" مون وراڻيو.

"هي مقدس سينيٽ جو نشان آهي." پر ڪين اُن باري ۾ ڪا معلومات ڪانه هئي. مون ڪين واضح ڪري سمجهايو. اسپارٽيڪس ۽ ڳاڙهن وارن وارو گال گاديلي تي ويهي رهيا. باقي ٻيا ساڳي طرح بينا رهيا. اسپارٽيڪس پنهنجي جاڙي هٿن تي رکيو وينو هو ۽ سندس اکيون مون ۾ ڪتل هيون. بلڪل ائين جيئن نانگ اکيون ڪُپائي ڏسندو آهي. جڏهن مون ڳالهائڻ ختم ڪيو ته هو خاموش رهيا. اسپارٽيڪس بدستور مون کي گهوريندو رهيو. منهنجي جسم مان پگهر پئي وهيو. مون کي خيال آيو ته هي مون کي قتل ڪرڻ وارا آهن. تڏهن هُن مون کي پنهنجو نالو ٻڌايو.

"منهنجو نالو اسپارٽيڪس آهي." هُن چيو "منهنجي نالي کي ياد رک رومي!" هُو سڀ مون کي ڏسڻ لڳا. اسپارٽيڪس وري چيو.

"توهان ڪالهه ٽن غلامن کي قتل ڪيو هو؟ غلامن ته توهان کي ڪوبه نقصان ڪونه پهچايو هو. هو سپاهين کي مارڻ ڪندو رهُو ڏسڻ آيا هئا. ڇا رومي عورتون ايتريون پاڪدامن آهن جو هڪ سڄو سارو دستو هڪڙي ويچاري غلام عورت جي عصمت لُٽي؟ توهان ائين ڇو ڪيو؟"

"مون ڪيس ٻڌايو ته ٻئي دستي جي سپاهين عورت جي عزت تي حملو ڪيو هو ۽ غلامن کي قتل ڪيو هو. آءٌ ته ٽئين دستي ۾ هوس. مون ڪيس ٻڌايو ته مون غلامن کي قتل ڪونه ڪيو هو ۽ نه ئي عورت تي هٿ کنيو هو. مون کي خبر ڪانهي ته انهن کي اهو سڀ ڪجهه ڪيئن معلوم ٿيو. حالانڪ جڏهن انهن غلامن کي قتل ڪيو ويو هو، اوڏيءَ مهل آسپاس ۾ ڪير به موجود ڪونه هو. پر اسان جيڪو به ڪيو هو سو ڪيس چڱي طرح معلوم هو. ڪين اسان جي ڪاپوا اڇڻ جو به علم هو. اسان جي روانگيءَ جي به خبر ڪين هئي. اُهي سڀ خبرون انهن نانگ جي اکين جهڙي اکين ۾ هُيون، جن بنهه ڪونه ٽي ڇنيبو. هن پنهنجو آواز وڌو نه ڪيو. هُو مون سان ائين ڳالهائي رهيو هو جيئن ڪنهن ٻار سان ڳالهائبو آهي. هو هڪ قاتل هو. سندس اکيون به قاتلن جي اکين جهڙيون هيون. انهن سيني جون اکيون قاتلن جي اکين جهڙيون هيون. اهي سمورا قاتل هئا. مون کي خبر آهي ته سمورا ويڙهاڪ قاتل هوندا آهن. جنهن نموني جا قتل اُن رات ٿيا هئا، اهڙا قتل ويڙهاڪن کانسواءِ ٻيو ڪير به نٿو ڪري سگهي. آءٌ ويڙهاڪن کي سڃاڻان ٿو جو....."

گراڪس وچ ۾ ڳالهايو.

"اسان کي اِن ڳالهه سان ڪابه دلچسپي ڪانهي ته توکي ڪهڙي خبر آهي. اسان کي اِهو ٻڌائي ته تنهنجي ۽ غلامن جي وچ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون؟"

"اهوئي ٿيو." سپاهي چوڻ شروع ڪيو پر وري بيهي رهيو. جٽڪ چرڪ پري سجاڳ ٿي پيو هجي. هن روم جي مقدس سينيٽ جي هڪ هڪ ميمبر جي چهري کي ڏٺو ۽ ڏڪندي چوڻ لڳو:

"پوءِ مون انتظار ڪيو ته مون سان ڪهڙو ٿا سلوڪ ڪن. اسپارٽيڪس اتيئي وينو رهيو ۽ لڪڻ سندس هٿ ۾ هو. هُو اُن تي آگريون ڦيري رهيو هو. پوءِ اوچتو هُن اُهو لڪڻ مون ڏانهن اڇليو. پهرين ته مون کي خبر ڪانه پئي ته سندس مقصد ڇا هو. پوءِ هُن چيو:

"لڪڻ ڪڻ سپاهي! ڪٽي وڻ انهيءَ کي رومي! ڪٽي وڻ." مون لڪڻ ڪٽي ورتو.

"هاڻي تون مقدس سينيٽ جو نشان آهين، اُن جو ايلچي آهين." هن چيو. هُو ڪاوڙيل يا غصي ۾ ڪونه هو. هُن پنهنجو آواز به وڌو نه ڪيو. هُو رڳو هڪ حقيقت بيان ڪري رهيو هو. منهنجو مقصد آهي ته هُن جي سامهون اِها حقيقت هٿي. مون لڪڻ ڪٽي ورتو. آءٌ ٻيو ڪجهه به نٽي ڪري سگهيس ۽ جيڪڏهن ٻيو ڪجهه ڪرڻ چاهيان ها ته لڪڻ کي ڇهڻ کان اڳ ۾ ئي قتل ڪيو ويو هُجان ها. آءٌ هڪ رومي آهيان، هڪ شهري آهيان....."

"توکي ڪجهه به نه چيو ويندو. پنهنجو بيان جاري رک." گراڪس چيو.

"هاڻي تون مقدس سينيٽ جي علامت آهين." اسپارٽيڪس وري چيو.

"مقدس سينيٽ جا هٿ تمام ڏگها آهن، جنهن جو آخري ڇيڙو تون آهين." منهنجي هٿ ۾ لڪڻ هو ۽ هُن جون اکيون مون تي جميل هُيون. هُن وري مون کان پڇيو:

"رومي! ڇا تون شهري آهين؟" مون هاڪار ۾ جواب ڏنو. هن ڪنڌ لوڏيو ۽ ٿورڙو مسڪرايو ۽ چيو:

"هاڻي تون ڪمانڊر آهين. آءٌ توکي هڪ پيغام ڏيان ٿو. تون اهو پيغام مقدس سينيٽ وٽ ڪٽي وڃ ۽ لفظ به لفظ سينيٽ کي ٻڌائي."

پوءِ هُو بيهي رهيو. سينيٽ انتظار ڪرڻ لڳو. گراڪس انتظار ڪري رهيو هو. هُن ڪيس غلام جو پيغام ٻڌائڻ لاءِ ڪونه چيو. اسپارٽيڪس عدم مان نڪري آيو هو. هاڻي هو سينيٽ جي بنهه وچ ۾ بينو هو. ۽ گراڪس ڪيس ڏنو، جيئن هن اسپارٽيڪس کي پوءِ به ڪيترا پيرا ڏنو هو، حالانڪ هُن اسپارٽيڪس کي جسماني طور ڪڏهن به ڪونه ڏنو هو.

۽ پوءِ نيٺ گراڪس سپاهيءَ کي ٻيان جاري رکڻ لاءِ چيو.

"آءٌ اُهي الفاظ چئي نٿو سگهان."

"سينيٽ توکي اُهي الفاظ چوڻ جو حڪم ڏي ٿو."

"اُهي هڪ غلام جا لفظ هئا، خدا ڪري منهنجي زبان سُڪي وڃي."

"بس گهٽو ٽي چڪو." گراڪس چيو "اسان کي ٻڌائي ته غلام توکي اسان لاءِ ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟"

تڏهن سپاهيءَ اسپارٽيڪس جا چيل لفظ دهرايا ۽ ڪيترن سالن کان پوءِ ٻه گراڪس ان پيغام کي اکر ٻ اکر ياد ڪريو پئي هليو. هُن سوچيو ته هُو هڪ رومي ڪمانڊر جي ليکدار تنبوءَ جي وراندي ۾ منتظر هو. سپاهي اگهاڙن لاشن جي وچ ۾ ٻيٺو هو. اسپارٽيڪس ڪمانڊر جي گاديلي تي ويٺو هو. ويڑهاکن تي مشتمل هُن جو جنرل اسٽاف سندس چوطرف موجود هو. سندن سامهون زنده بچي وڃڻ وارو اڪيلو رومي زخمن کان چُور دٻل حالت ۾ ٻيٺو هو، جنهن کي ٻه سپاهي جهليو ٻيٺا هئا ۽ جنهن جي هٿ ۾ سينيٽ جو شان ۽ اقتدار وارو لکڻ موجود هو.

"سينيٽ وٽ وڃ ۽ انهن کي هي لکڻ وڃي ڏي." اسپارٽيڪس چيو.

"آءٌ تنهنجو پاڳ ٿو ڪوليان. تون واپس وڃ ۽ جيڪو ڪجهه تو ڏٺو سو هوبهو وڃي انهن کي ٻڌاءِ. انهن کي وڃي ٻڌاءِ ته هن اسان جي خلاف فوج موڪلي ۽ اسان انهيءَ کي تباهه ڪري ڇڏيو. انهن کي ٻڌائي ڇڏ ته اسان غلام آهيون، جن کي هو ڳالهائڻ وارا اوزار چون ٿا. هڪ اهڙو اوزار جنهن جو آواز هوندو آهي. کين ٻڌائي ڇڏ ته اسان جو آواز ڇا ٿو چوي. اسين چئون ٿا ته دنيا توهان مان بيزار ٿي چڪي آهي. دنيا توهان جي ڳريل سرڀيل مدي خارج سينيٽ کان بيزار ٿي چڪي آهي. اُن مال ملڪيت ۽ جاهه و جلال کان بيزار ٿي چڪي آهي، جيڪو توهان اسان جو رت چوسي حاصل ڪيو آهي. دنيا چهڪن جي نغمن کان بيزار ٿي چڪي آهي. چهڪن جو نغمو اُهو واحد نغمو آهي جنهن جي فقط رومين کي ٿي خبر آهي. پر هاڻي اسين اهو نغمو ڪڏهن به ٻڌڻ نٿا چاهيون. ابتدا ۾ سمورا انسان هڪجهڙا هئا. هو امن سان رهندا هئا ۽ سندن سموريون شيون گڏيل هونديون هُيون. پر هاڻي بن قسمن جا انسان آهن. آقا ۽ غلام. پر توهان آقائن جي پيٽ ۾ اسان غلامن جو ڳاڙيٽو تمام گهٽو آهي، تمام گهٽو. ۽ اسين توهان کان مضبوط آهيون. توهان کان وڌيڪ بهتر انسان آهيون. بني نوع انسانن وٽ جيڪي به سڀيون شيون آهن، سي اسان وٽ آهن. اسين پنهنجي زالن سان پيار ڪريون ٿا، انهن جو ساٿ ڏيون ٿا. انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهون ٿا. ليڪن توهان پنهنجي زالن کي رنڊيون ۽ اسان جي عورتن کي جانور بنائي ٿا چڏيو. جڏهن اسان جا ٻار اسان کان ڦريا وڃن ٿا تڏهن اسين روئون

ٿا. اسين پنهنجن معصوم ٻچڙن کي رڙن ٻڪرين جي ڏڻن ۾ لڪايون ٿا ته جيئن هو کجهه وڌيڪ وقت لاءِ اسان سان گڏ رهي سگهن. پر توهين پنهنجي ٻارن جي سنيال جانورن وانگر ٿا ڪريو. توهين پنهنجا ٻار اسان جي عورتن مان ٿا جڏيو ۽ انهن کي غلامن جي پڙيءَ ۾ سپ کان وڌي هوليءَ تي نيلام ٿا ڪريو. توهين انسانن کي ڪُتن ۾ تبديل ڪريو ٿا ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي خوشيءَ خاطر انهن کي هڪٻئي جا ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءِ آکاڙن ۾ موڪليو ٿا. توهان جون پاڪدامن عورتون اسان کي هڪٻئي کي قتل ڪندي ڏسن ٿيون. انهن جي هنجن ۾ ناز ۽ پيار سان پاليل ڪتا هوندا آهن، جن کي هو گوشت کارائيندیون آهن. توهين ڪيترا نه غليظ انسان آهيو ۽ توهان زندگيءَ کي ڪيتريقدر بدبودار بنائي ڇڏيو آهي. توهان انسانن جي سمورن خوابن، انساني هٿن جي سموري ڪم ۽ انساني پيشاني جي پگهر جي توهين ڪئي آهي.

"توهان جي پنهنجي شهرين جو گذارو جوا کڏڻ تي هوندو آهي ۽ هو پنهنجو سمورو ڏينهن آکاڙن ۽ سرڪسن ۾ گذارين ٿا. توهان انساني زندگيءَ کي پَرَڻ ڪري ڇڏيو آهي. توهان زندگيءَ جا سمورا قدر ۽ سموري قيمت قري ورتي آهي. توهين ماڻهوءَ جي قتل کي کل پوڳ ٿا سمجهو ۽ وهندڙ رت جو نظارو توهان جي لاءِ تفريح هوندي آهي. توهين معصوم ٻارن کي معدني کائين ۾ جهوڪي ٿا ڇڏيو ۽ محنت ڪرائي ڪرائي کين چند مهينن ۾ ماريو ٿا ڇڏيو.

"توهان سڄي دنيا جا ڏوهاري بنجي پنهنجي شان ۽ شوڪت جي تعمير ڪئي آهي. اهو شان ۽ شوڪت هاڻي ختم ٿي ويو. پنهنجي سينيٽ کي ٻڌائي ڇڏ ته اهو سپ کجهه تباهه ٿي ويو. اِهو آهي ڪَلِ جو آواز. سينيٽ کي ٻڌائي ڇڏ ته اسان جي خلاف پنهنجون فوجون موڪلي ڏي. اسين انهن فوجن کي اهڙي طرح تباهه ڪنداسين جهڙي طرح اسان هِن فوج کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. اسين پاڻ کي انهن ئي فوجن جي هٿيارن سان هٿياربند ڪنداسون، جن کي توهين اسان جي خلاف موڪليندا. هاڻي سموري دنيا ڪَلِ جو آواز ٻڌندي. اسين سموريءَ دنيا جي غلامن کي آواز ڏينداسين ته اٿيو ۽ پنهنجا نيئر لاهي اڇلايو. اسين اٽليءَ جو سمورو ملڪ گهمنداسين ۽ جتي جتي اسين ويندا سين اتي غلام اچي اسان سان ملندا، ۽ پوءِ.... پوءِ هڪڙي ڏينهن اسين توهان جي اصلي ۽ لافاني شهر تي حملو ڪري ڏينداسين.

"پنهنجي سينيٽ کي ٻڌائي ڇڏ ته سنڊن وقت سڊائين ڪونه رهندو کين ٻڌائي ڇڏ ته اسين کين اطلاع ڪنداسين ته اسين ڪڏهن پيا اچون. تڏهين اسين روم جون ديوارون ڊاري وجهنداسين. پوءِ اسين اُن ايوان طرف ايندا سين جتي توهان جي

سينيٽ ويهي ٽي ۽ اسين انهن کي انهن جي اوچين ۽ عظيم جاين تان گهلي لاهي هيٺ کيرائي ڇڏيندا سين. اسين سندن خلعتون ڦاڙي ڇڏيندا سين ته جيئن اُهي اگهاڙا ٽي پون. اسين انهن جو اهڙي طرح فيصلو ڪندا سين جهڙي طرح هميشه کان اسان جا فيصلا ٿيندا رهيا آهن. پر اسين انهن جا فيصلا منصفانا ڪندا سين. اسين انهن کان سندن کيل هر هڪ ڏوهه جو پورو پورو حساب ونڊا سين. کين ٻڌائي ڇڏ ته جيئن کين تياري ڪرڻ جو وقت ملي وڃي. کين شاهديءَ لاءِ طلب ڪيو ويندو. اسان جون يادگيريون ڏاڍيون ڏکيون هونديون آهن ۽ جڏهن انصاف ٽي ويندو تڏهن اسين هڪ بهترين شهر جوڙيندا سين. هڪڙو صاف ۽ خوبصورت شهر جنهن جي چوڌاريءَ ڪو ڪوٽ ڪونه هوندو. جتي انسان امن ۽ خوشيءَ جي فضا ۾ گڏ رهي سگهندا. اهو آهي سينيٽ جي نالي اسان جو پيغام. اهو پيغام انهن کي پهچائي ڇڏج ۽ کين ٻڌائي ڇڏج ته اهو پيغام هڪڙي غلام طرفان آهي جنهن کي اسپارٽيڪس چيو وڃي ٿو....."

سپاهيءَ اهو پيغام ٻڌايو ۽ پٽر جهڙي چهرن وارن ماڻهن ڏي. پر اُن کي گهڻو عرصو ٽي ويو هو. اِها ايتريقدر پراڻي ڳالهه هئي جو کيترن ئي ماڻهن وساري ڇڏي هئي ۽ اسپارٽيڪس جا لفظ لکيا ڪونه ويا هئا ۽ چند ماڻهن جي ذهن ڪانسواءِ ڪٽي ۾ ڪو وجود ڪونه هون. ايتريقدر جو اُهي لفظ سينيٽ جي رڪارڊ مان ۾ ڪڍي ڇڏي ويا هئا. گراڪس سوچيو ته سينيٽ ڇڪو ڪيو جو اهي لفظ رڪارڊ مان خارج ڪري ڇڏيا. اهو عمل صحيح هو ڇو ته اهڙي طرح، جهڙي طرح غلامن جي ناهيل يادگارن کي تباهه ڪرڻ درست عمل هو. گراڪس اهو سمجهي ورتو هو. حالانڪ هو ڪجهه بيوقوف ڏسندو هو. ڪنهن ۾ شخص کي هڪ عظيم شخص بنجڻ لاءِ ٿورڙو بيوقوف بنجڻو پوي ٿو، جيستائين جو هُو اسپارٽيڪس نه هجي. اُن ڪري جو اسپارٽيڪس هڪڙو عظيم شخص هو. ڇا هوُ ۾ بيوقوف هو؟ ڇا اُهي لفظ هڪ بيوقوف شخص جا ٽي سگهن ٿا؟ پوءِ ڪهڙي طرح هڪ بيوقوف شخص چئن سالن تائين روم جي طاقت جي مزاحمت ڪري سگهي ٿو؟ ڪهڙي طرح هُو هڪ ڪان پوءِ ٻي رومي فوج جو صفايو ڪري سگهي ٿو ۽ انٽليءَ کي انٽليءَ جي فوجن جوئي قبرستان بنائي سگهي ٿو؟ ڪيئن؟ ماڻهو چون ٿا ته هُو مري ويو آهي. پر ٻيا ماڻهو چون ٿا ته مئل ماڻهو ۾ جيئرا رهندا آهن. ڇا اهو سندس جيئرو عڪس آهي، جيڪو گراڪس ڏانهن اڇي رهيو آهي. ديوَ جهڙو ڏڪهو ۽ ٽلهو، پڳل نڪ، ڪاريون اکيون ۽ ڪوپڙيءَ تي مضبوطيءَ سان چنبڙيل گهنڊيدار وار؟ ڇا مُئل ماڻهو هلي سگهندا آهن؟

[3]

"پوڙهي گراڪس کي ڏسو ته سهي." انتونيئس اڳئين پاسي سندس لڙکندڙ متي ڏانهن نهاري مسکرائيندي چيو.

"هُن تان مسخري نه ڪر." جوليا چيو.

"گراڪس تي ڪير ڪلندو؟ جوليا، پياري. گراڪس تي ڪير به ڪلي ڪونه ٿو سگهي." سائيسيرو چيو. "سندس جهڙي عزت لاءِ آءٌ ته سڄي عمر جدوجهد ڪندو رهندس."

"ءِ هميشه ناڪام رهندس." هيلينا سوچيو.

گراڪس اکيون کولي جاڳي پيو.

"ڇا آءٌ سمهي پيو هوس؟" هُن جوليا کان پڇيو. "معاف ڪجو آءٌ ڏينهن جو خواب ڏسي رهيو آهيان."

"سڀين ڀَالهين جا؟"

"پرائين ڀَالهين جا. آءٌ نٿو مڃان ته يادگيري انسان لاءِ ڪا نعمت آهي. اُنجي ابتڙ هو اڪثر اُن مان عذاب ۾ پٽجي وڃي ٿو. مون وٽ ڪيترين ئي يادگيرين آهن."

"پاسي واري شخص کان گهٽين نه." گراڪس چيو. "اسان سيني وٽ پنهنجون پنهنجون يادگيريون آهن ءِ اهڙين ئي تلخ، ڪوڙين ءِ بي لُطف يادگيريون آهن."

"توهان وٽ ته ڪڏهن به خوشگوار يادگيريون ڪونهن؟" ڪلاديا پڇيو.

"منهنجي پياري، تنهنجي باري ۾ منهنجي ياداشت مرڻ گهڙيءَ تائين چمڪندڙ سج وانگر هوندي. هڪڙي پوڙهي شخص کي اهو چوڻ جي موڪل ڏجو." گراڪس يُڻ يُڻ ڪئي.

"هيءَ ته ڪنهن نوجوان شخص کي به اهڙي اجازت نه ڏيندي." انتونئيس ڪائيس ڪلي پيو. "جڏهن توهان ستا پيا هئا تڏهن ڪراسس اسان کي ٻڌايو پئي ته....."

"ڇا اسين اسپارٽيڪس ڪانسواءِ ڪا بي ڀَالهه نٽا ڪري سگهون؟" جوليا رڙ ڪئي. "ڇا سياست ۽ جنگ ڪانسواءِ اسان کي بي ڪا ڀَالهه ڪرڻ ئي نٿي اچي؟ "مون کي اهڙيءَ گفتگو کان نفرت آهي...."

"جوليا!" انتونئيس ڪائيس وچ ۾ ٽپ ڏنو.

هوءَ ماڻ ٿي ويئي. تکڙ ۾ ڇيڻ ڀَڙڪايائين ۽ ڏانهنس ڏسڻ لڳي.

هُن جوليا سان اهڙي طرح ڳالهايو جهڙي طرح ڪنهن ننڍ ٻار سان ڳالهائبو آهي. "جوليا! ڪراسس اسان جو مهمان آهي. ڪچهري ڪيس ٻڌڻ چاهي ٿي ته جيئن هُو اسان کي اهي ڳالهيون ٻڌائي جن جي ڪنهن ٻئي طريقي سان اسان کي خبر پئجي نٿي سگهي. جوليا منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن تون ٻڌندئين ته توکي به وٺندیون."

جوليا جو منهن سجو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ سندس ڳاڙهيون اکيون لڙکن سان پرجي آيون. هن پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري چڊيو ۽ ڪراسس پنهنجي باوقار معذرت پيش ڪرڻ ۾ ڪا دير ڪانه ڪئي.

"پياري جوليا! اهو موضوع مون کي به توهان وانگيان بيزار ڪريو ٿو چڊي. مون کي معاف ڪري چڏ."

"منهنجو خيال آهي ته جوليا ٻڌڻ چاهي ٿي. ڪيئن ٺيڪ آهي نه جوليا؟" انتونئيس ڪائيس پڇيو.

"ها." هن آهستي چيو "ڪراسس، مهرباني ڪري پنهنجي ڳالهه ٻولهه جاري رکو."

"نه نه، هرگز نه."

"آ، احمق آهيان، منهنجو رويو ٺيڪ نه هو." جوليا اهڙي طرح چيو جڻ هوءَ ڪو سبق دهرائي رهي هجي. "مهرباني ڪري پنهنجي ڳالهه جاري رکو."

گراڪس هڪدم بي لُطف ٿيندڙ اُن محفل ۾ داخل ٿي ويو. هن ڳالهه جو رخ جوليا کان ڪراسس ڏانهن موڙي چڊيو.

"آ، جنرل جي نظريئي جو اندازو لڳائي سگهان ٿو. هُو توهان کي ٻڌائي رهيو هو ته غلامن جنگيون اُن ڪري ڪٽيون هُيون جو کين انساني زندگيءَ جو ڪو قدر ڪونه هو. انهن جا هجومن جا هجوم اسان تي ڪاهي پوندا هئا ۽ اسان کي قابو ڪري ونندا هئا. ڇا آ، اهو صحيح پيو چوان، ڪراسس؟"

"توهين ڪڏهن به غلط نه هوندا آهيو." هيلينا ڪلي پيئي.

گراڪس پاڻ کي نشانو بنجڻ ڏنو. ايتريقدر جو هن سائيسيرو کي به برداشت ڪيو جڏهن هُن چيو هو "گراڪس مون هميشه اندازو لڳايو آهي ته جنهن شخص جي پروپٽگنڊه توهان وانگر بهترين هجي تنهن تي اعتبار اچيو ئي وڃي ٿو."

گراڪس برداشت ڪندي چيو.

"روم اُن ڪري عظيم آهي ڇاڪاڻ جو روم جو وجود آهي. اسپارٽيڪس اُن ڪري حقارت جي لائق آهي جو هُو سزا جي انهن لاشن کان وڌيڪ ڪجهه

ڪونهي. اِها ئي ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي. توهين ته متفق آهيو نه ڪراسس؟"

جنرل ڪنڊ لوڏيو.

"پر پوءِ به." سائيسيرو چيو "پنج عظيم لڙايون اسپارٽيڪس کٽي چڪو هو. اُهي لڙائيون ڪونهن جتي هن ڪجهه دستن کي تباهه ڪري ڇڏيو. ايتريقدر جو اُهي به نه، جتي هُن انهن دستن کي وڙهڻ تي مجبور ڪيو هو. منهنجو اشارو ته انهن پنجن عظيم لڙائين ڏانهن آهي جتي هن روم جي فوجن کي تباهه ڪيو ۽ ڪين روءِ زمين تان نيست و نابود ڪري ڇڏيو ۽ سندن هٿيار کڻي ورتائين. ڪراسس اُن نقطي کي بيان ڪري رهيو هو ته اسپارٽيڪس حڪمت عمليءَ جو باصلاحيت هجڻ کان زياده مخصوص قسم جي ماڻهن جو خوش قسمت .... يا بدقسمت اڳواڻ هو. هو اُن ڪري ناڪبال شڪست هٿا جو اهي شڪست جهڙي فضول خرچيءَ کي برداشت ڪرڻ جهڙا ڪونه هٿا. ڪراسس توهان اِهوئي نقطو پيش ڪري رهيا هٿا نه؟"

"ڪنهن حد تائين." جنرل چيو ۽ جوليا ڏانهن نهاري مسڪرايائين.

"جوليا! مون کي هڪڙي ئي ڪهاڻي بيان ڪرڻ ڏي جيڪا توهان کي پسند ايندي. ڪجهه جنگ، ڪجهه سياست ۽ ڪجهه ورينيا جي باري ۾. توهان کي ته خبر آهي ته ورينيا اسپارٽيڪس جي زال هئي."

"مون کي خبر آهي." جوليا نرميءَ سان وراڻيو. هوءَ گراڪس ڏانهن احسان مندیءَ سان نهاري رهي هئي.

"مون کي خبر آهي." گراڪس پنهنجو پاڻ کي چيو. "مون کي خبر آهي منهنجي پياري جوليا! اسان ٻئي ڪنهن حد تائين ڏکي ۽ ڪنهن حد تائين ڪلهه هاب آهيون. فرق رڳو اِهو آهي ته آءٌ مرد آهيان ۽ تون عورت. تون ڪروفر واري نٽي بنجي سگهين. باقي اسان بنهي ۾ ٻيو ڪوبه فرق ڪونهي. اسان جي زندگين ۾ هڪ جهڙو خال آهي. اسين ٻئي روحن سان محبت ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته اسان زنده ماڻهن سان محبت ڪرڻ ڪڏهن سکي ڪانهي."

"مون هميشه سوچيو آهي." ڪلاڊيا اوچتو وچ ۾ ٽپي پئي "ته اُن عورت کي ڪنهن ائين ئي مڙيئي فرضي طور تي گهڙي ڇڏيو آهي. ورينيا رڳو هڪڙو تصور آهي."

"چو؟"

"ڇاڪاڻ ته اِن قسم جي عورتن جو ڪو وجود ڪونه هوندو آهي." ڪلاڊيا برجستو ٿي وراڻيو.

"وجود ڪونہ هوندو آهي؟ شايد اِهو چوڻ مشڪل آهي تہ ڇا سچ آهي ۽ ڇا ڪوڙ. مون هڪڙي اهڙي جنگ جي باري ۾ ڪهاڻي پڙهي جيڪا خود آءٌ لڙيو هوس. پر جيڪو ڪجهہ مون پڙهيو هو تنهن جو حقيقت سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هو. ائين ٿئي ٿو. مون وٽ ورينيا جي باري ۾ قصن جي صحيح هجڻ جو ڪوبہ ثبوت ڪونهي پر مون وٽ ان ڪهاڻيءَ جي صحيح هجڻ جا ڪيترائي سبب موجود آهن ۽ تنهن ڪري آءٌ ان تي اعتبار ڪريان ٿو."

سنڊس آواز ۾ هڪ خاص قسم جو احساس هو ۽ مٽس نظر وجهندي ٿي هيلينا کي احساس ٿيو تہ هُو ڏاڍو خوبصورت آهي. تِڙکي تي ويهندي سنڊس عمدو ۽ مضبوط چهرو، نئين ملڪ جي شاندار ماضيءَ جو اولڙو لڳي رهيو هو. پر ڪنهن سبب جي ڪري اِهو خيال مزيدار نہ هو ۽ هُن پرسان ويٺل پائس تي نگاهہ وڌي. ڪائيس جنرل کي ڏسڻ ۾ ائين محو هو جيئن ڪو درويش عبادتن ۾ مشغول هوندو آهي. باقي بين ماڻهن اُن تي ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو. ڪراسس سيني کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو، ايتريقدر جو سائيسيرو پڻ خاص توجهہ سان ڏانهس ڏسي رهيو هو.

ڪراسس چوڻ شروع ڪيو "پهرين آءٌ هڪڙي ٻي ڳالهہ ڪندس. جڏهن مون اڳوائي سنيالي هئي، تڏهن جنگ کي شروع ٿي ڪافي سال ٿي چڪا هئا. توهان کي اِهو اندازو هوندو تہ هڪ هارائجندڙ جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ کيتريقدر نہ منجهيل مسئلو هوندو آهي ۽ جڏهن جنگ ۾ غلامن سان هجي تہ فتح حاصل ڪرڻ ۾ بہ ڪو خاص وقار حاصل نٿو ٿئي ۽ شڪست جي حالت ۾ ڪنڌ شرم کان مٿي نٿو کڄي سگهي. سائيسيرو ٺيڪ ٿو چوي تہ پنج فوجون اسپارٽيڪس هٿان تباهہ ٿي چڪيون هُيون. اُهي مڪمل طرح نيست نابود ٿي چڪيون هُيون." هن گراڪس ڏانهن اشارو ڪيو "توهان جي پروپئگنڊہ تمام زوردار آهي، پر توهان اهو مڃندو تہ مون کي صورتحال کي ائين ٿو ڏسڻو پوي جهڙي طرح اُها واقعي هئي."

"پڪ ئي پڪ."

"مون اتي غلامن جا هشام ڪونہ ڏٺا. سچي ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ اسان هميشہ انهن جي تعداد کي وڌائي پيش ڪيو. هشامن واري ڳالهہ شروع ۾ تہ صحيح هئي. جيئن ماڻهو چون ٿا تيئن جي واقعي اسپارٽيڪس جي هٽ هيٺ ٿي لک ماڻهو هجن ها تہ ڪراسين اڄ هن خوشگوار صبح جو اٽليءَ جي هن عاليشان محل ۾ ويٺل ڪونہ هُجون ها. روم تہ ڇا پر اسپارٽيڪس سڄي دنيا کي فتح ڪري وٺي ها. ہين کي ان ڳالهہ تي شڪ ٿي سگهي ٿو پر اسپارٽيڪس سان ڪيترا پيرا وڙهندي مون کي اِن ڳالهہ تي ذرو بہ شڪ ڪونهي. اصل حقيقت هي آهي تہ اٽليءَ جي غلامن

جي وڏي اڪثريت ڪڏهن ب اسپارٽيڪس سان ڪاڻ ملي هئي. أن ۾ شڪ ڪونهي ت گهٽا غلام سائس گڏ هٿا پر هُن ڪڏهن ب پنجيتاليهه هزارن کان وڌيڪ ويڙهاڪن جي اڳواڻي ڪاڻ ڪئي هئي ۽ اهو تعداد ب سندس قوت جي عروج وقت هو. هيني بال جي ابتڙ وٽس ڪڏهن ب گهوڙي سوارن جو دستو ڪونه هو. پر پوءِ ب هُو هيني بال جي ابتڙ روم کي شڪست جي بنهه ويجهو پهچائي چڪو هو. روم ب أهو جيڪو هڪ ئي حملي ۾ هيني بال کي ڪُچلي چڏڻ جي صلاحيت جو مالڪ هو. نہ رڳو أهي غلام اسپارٽيڪس سان ملي ويا هٿا جيڪي سيني کان وڌيڪ عمدا، سيني کان وڌيڪ وحشي ۽ غضبناڪ هٿا. مون کي اِهو معلوم ڪري روم تي ڏاڍي شرمندگي محسوس ٿي ت انهن غلامن ڪيترو نہ ڊپ ۽ هراس پکيڙي چڏيو هو. مون کي سچ جي ڳولا هئي. مون مڪمل طرح اِهو معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو ت آءٌ ڪهڙي شيءِ سان، ڪهڙي نموني جي فوج سان ۽ ڪهڙي قسم جي ماڻهن سان پيو وڙهان. مون اِهو ب معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو ت دنيا جي بهترين فوج، اِها فوج جنهن جرمن کان وٺي هسپانوين تائين ۽ هسپانوين کان وٺي يهودين تائين سان وڙهي کين تباهه ۽ برباد ڪري چڏيو هو، اِن فوج جا سپاهي غلامن کي ڏسندي ئي چو هٿيار ڦٽا ڪريو پيچيو ٿا وڃن. أن وقت مون سسلپائن گال ۾ ڪيمپ لڳائي هئي. اها هڪڙي اهڙي ڪيمپ هئي جنهن تي حملو ڪرڻ کان اڳ اسپارٽيڪس کي ڪيترا پيرا سوچڻو پوي ها. مون معاملات تي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ شروع ڪيو. مون ۾ ڪجهه وصفون آهن. انهن مان هڪڙي "مڪمل تفصيل" جاڻڻ آهي، تنهن ڪري اِهو لازمي هو ت آءٌ سوين ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪريان ۽ هزارين دستاويز پڙهان. انهن ماڻهن مان هڪڙو باتياتس هو. اِن کانسواءِ اڳ ۾ ٽيل لڙائين ۾ وڙهندڙ سپاهي ۽ آفيسر هٿا ۽ انهن مان ئي هڪڙي مون کي اِها ڪهاڻي ٻڌائي هئي، جنهن تي آءٌ اعتبار ڪريان ٿو."

"جيڪڏهن ڪهاڻي ب پيش لفظن وانگر بنهه ڪا ڊگهي آهي ت پوءِ منهنجو خيال آهي ت اسان کي منجهند جي ماني کائڻ کپي." انتوئيس ڪائيس چيو. غلام ت اڳ ۾ئي انگور، مصر جا گدرا ۽ شراب آڻي رهيا هٿا. وراندي ۾ موسم ڏاڍي سٺي هئي. جن ماڻهن کي اڄ سفر تي روانو ٿيڻو هو سي ب چُريا ئي ڪونہ ٿي.

"ٿوري ڊگهي ت آهي، پر أن جو ٻڌڻ ڏاڍو چگو....!"

"ٻڌاءِ، ٻڌاءِ." گراڪس رُکائيءَ مان چيو.

"ها، منهنجو خيال آهي ت مون کي اِها ڪهاڻي ٻڌائڻ کپي. هيءَ ڪهاڻي جوليا جي لاءِ آهي، جوليا تنهنجي موکل سان!"

هن ها ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ گراڪس سوچيو:

"تون هن جي اندر ۾ ويٺل شيطان کي سمجهي نٿي سگهين."

"هي اُهو وقت هو جڏهن اسپارٽيڪس روم جي فوج کي ٻيو ڀيرو شڪست ڏني هئي. ڀهريون ڀيرو ته توهان کي ۽ منهنجي دوست گراڪس کي ياد هوندو ته شهري دستن جو صفايو ڪيو ويو هو." ڪراسس حسد ۾ ٻرندڙ لهجي ۾ چيو.

"اُن کان پوءِ سينيٽ پبليئس کي سندس مقابلي لاءِ موڪليو. هڪڙي سڄي ساري ڊويزن. ۽ منهنجي خيال ۾ اِها بهترين فوج هئي. شايد اِها ٽي ڊويزن هئي. ائين آهي نه گراڪس؟"

"تفصيل معلوم ڪرڻ توهان جي صفت آهي، منهنجي ڪانهي."

"۽ جيڪڏهن آءٌ غلطي ڪونه ٻيو ڪريان ته اُن فوج سان گڏ شهري گهوڙي سوارن جو دستو به ويو هو. سڀ ملائي اِها ڪُل ست هزار فوج هئي. جوليا! توهان يقين ڪريو ته جنگي معاملن ۾ ڪي خاص تجسس جون ٻالهيون ڪونه هونديون آهن. هڪڙي سٺي جنرل لاءِ جنهن دماغ جي ضرورت هوندي آهي، ان کان وڌيڪ ته پئسن ڪمائڻ يا ڪپڙي جو ٽڪرو اُڻڻ لاءِ دماغ جي ضرورت هوندي آهي. تنهن ڪري جنگ لاءِ مقرر ڪيل ماڻهو ايترا عقلمند ڪونه هوندا آهن. اسپارٽيڪس تمام گهڻو عقلمند هو. هو جنگ جا چند سادا اصول ڄاڻندو هو. هُو رومي فوجن جي قوت ۽ ڪمزورين کان واقف هو ۽ اها ٻالهه ٻيا ماڻهو گهٽ ڄاڻندا هئا. هيني بال کي ته خبر هئي پر شايد اسان جي هم عصر پومپيءَ کي خبر ڪانه هئي."

"ڇا اسان کي اِهي ٻُجها راز به ٻڌڻا پوندا؟" سائيسيرو چيو.

"اها نه ته ڪا ايتري اهم ٻالهه آهي ۽ نه ئي راز جي ٻالهه. آءٌ اهي ٻالهيون جوليا جي لاءِ دهرايان ٿيو. اِهي ٻالهيون ڪوبه مرد سکي نه ٿو سگهي. ڀهريون اصول اِهو آهي ته جيستائين پنهنجي بقا لاءِ ضروري نه هجي تيستائين پنهنجي فوجن کي نه ورهايو. ٻيو اصول اهو آهي ته لڙائي ۾ هر وقت حملو ڪريو. جيڪڏهن حملو نٿا ڪري سگهو ته جنگ کان پرهيز ڪريو. دشمن کي کڏهن به موقعو نه ڏيو ته هُو وقت ۽ جاءِ جي چونڊ ڪري. چوٿون اصول هي آهي ته ڪنهن به قيمت تي گهيري ۾ نه اچو ۽ آخري اصول هي آهي ته دشمن کي اُن جاءِ تي حملو ڪري تباهه ڪريو جتي هو بنهه ڪمزور آهي."

"اِهو الف ب ته ڪنهن به جنگي ڪتاب مان ملي سگهي ٿو ڪراسس؟" سائيسيرو چيو "اِهي ته بنهه عام ۽ سادين ٻالهيون آهن."

"ٿي سگهي ٿو، پر آءٌ توهان کي يقين ڏياريان ٿو ته اِن قسم جي ڪابه عام ۽ سادي ٻالهه کا گهٽ وزندار ۽ گهري ڪانه هوندي آهي."

"۽ رڳو ڳالهه پوري ڪرڻ لاءِ ڪٽي رومي فوج جي طاقت ۽ ڪمزوريون به بيان ڪري ڇڏ." گراڪس چيو.

"اِهي به سادين ڳالهيون آهن ۽ مون کي يقين آهي ته سائيسيرو وري به مون سان متفق ڪونه ٿيندو."

"آءٌ هڪڙي عظيم جنرل اڳيان پاڻ کي هڪڙو حقير شاگرد ٿو سمجهان." سائيسيرو آهستگيءَ سان چيو.

ڪراسس ڪنڌ لوڏيو "نه، ائين نه چئو. توهان سڀ منهنجي اِها ڳالهه ته مڃندؤ ته به صلاحيتون بنا مطالعي ۽ تياري جي هر ڪنهن ۾ موجود هونديون آهن. هڪڙو ڪتاب لکڻ ۽ ٻيو ڪنهن فوج جي اڳواڻي ڪرڻ. تنهن ڪري گهٽا احمق ماڻهو اِهي ٻئي ڪم ڪندا نظر ايندا آهن. منهنجو اشارو پڪ سان پاڻ ڏانهن به آهي." هن حجاب مان چيو.

"اِها ڳالهه ته صاف ظاهر آهي." هيلينا چيو.

ڪراسس ڏانهس ڪنڌ جهڪائي ٿورو مڇيوءِ ڇوڙ شروع ڪيو.

"جيستائين اسان جي پنهنجي فوج جو تعلق آهي ته ان لاءِ هڪڙو لفظ استعمال ڪري سگهجي ٿو، ۽ اهو لفظ آهي "ضابطو." اسان جي فوج دنيا جي بهترين "ضابطي" واري فوج آهي. شايد اِهائي هڪڙي فوج آهي، جنهن وٽ ضابطو آهي. هڪڙو سنو جرنيل روزانو پنج ڪلاڪ پنهنجي فوج کي ورزش ڪرائي ٿو. تنهن ڪانسواءِ اسان جي فوج بهترين حملو ڪندڙ فوج آهي. سندس برتريءَ جو راز سندس بهترين حملي ڪرڻ جي صلاحيت جي ڪري آهي، ۽ وٽس بهترين هٿيار به موجود آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان جي فوج جتي رات گذاري ٿي ته اتي ڪوٺ تعمير ڪري ٿي. جنگ جو ميدان چونڊڻ اسانجي فوج جي پهرين حڪمت عملي آهي. پر اسپارٽيڪس اسان کي اِها عياشي ڪرڻ جي ڪڏهن به مهلت ڪانه ڏني. پبليئس جڏهن ٽين ڀويزن کي وٽي ڏکڻ طرف وڃي رهيو هو، تڏهن هُن اِهي سمورا سادا اصول وساري ڇڏيا هٿا. هن ويچاري جي ذهن ۾ رڳو اسپارٽيڪس ڪان نفرت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو."

هائي انتونئيس ڪائيس جون به ڏيئون به محفل ۾ شامل ٿي ويون. اُهي ڪلنديون ڀوڙندیون وڃي جوليا جي پاڪرن ۾ ڪريون. ڪراسس جا آخري لفظ انهن ٻڌا هٿا.

"ڇا توهان اسپارٽيڪس کي سڃاڻندا هٿا؟" وڏي ڇوڪريءَ پڇيو. "ڇا توهان هن کي ڏٺو هو؟"

"مون اُن کي ڪڏهن ب ڪونہ ڏٺو هو." ڪراسس مسڪرايو. "پر پياري! آءٌ ان جي عزت ڪندو هوس."

گراڪس هڪڙو صوف چلي رهيو هو. هُن گهري نظر سان ڪراسس ڏانهن نهاريو. ڪراسس ڪيس سٺو ڪونہ لڳندو هو. هن صوف جي ڪل کي هڪڙي وڏي ٽڪري جي صورت ۾ چلي وڌو. جوڪرين اِهو ڏسي خوشيءَ مان تاڙيون وڄايون. اهي ٻوڙي ڏانهس آيون. هن انهن تي زور پريو تہ توهين ڪا خواهش ٻڌايو. "پوءِ هن ڪلَ کي اُن خواهش جي چوطرف ويڑهي ڇڏيو. صوف جي اندر سمورو علم موجود آهي."

"ڇ ڪڏهن ڪڏهن ڪا گڏ ب موجود هوندي آهي." جوليا ٽوڪ ڪئي. "ڪراسس توهان ورينيا جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيا هٿا!"

"ان تي هاڻي اچان ٿو. پهرين ٿورڙو پس منظر ٻڌائي ونان. ان وقت تائين اسپارٽيڪس وسو وئيس جي علاقي ۾ موجود هو. پبلئيس بيوقوفي ڪري پنهنجي فوج کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. هر هڪ حصو جيڪو اٽڪل ڪري ٻن هزارن کان وڌيڪ سپاهين تي مشتمل هو، اسپارٽيڪس جي ڳولا ۾ نڪري پيو. اسپارٽيڪس ٽن الڳ الڳ جهڙپن ۾ هُن جي فوج کي بنهہ ناس ڪري ڇڏيو. هُن هر پيري پبلئيس جي فوجن کي اهڙين تنگ جاين تي گهيري ۾ آڻڻو جتي انهن جي ڪابہ مدد ڪونہ پئي ڪري سگهجي. صرف هڪڙو اهڙو موقعو مليو هو جو گهوڙي سوارن جو دستو ۽ پيادل فوج جو هڪڙو بهترين حصو اُن گهيري مان نڪري ويو هو. پيادل دستي جا سپاهي گهوڙن جي پڇن ۾ ٽنبڙي پيا ۽ گهوڙن تي چهبڪن جي برسات وسڻ لڳي. توهان کي تہ خبر آهي تہ چهبڪ گهوڙي کي ڪيئن نہ ڊوڙائي ٿو. جيڪڏهن توهان غلامن جي جنگي حڪمت عمليءَ تي غور ڪيو هوندو تہ توهان کي اندازو ٿيندو تہ اهڙن موقعن تي هو بنهہ واڌرا يا هوائي توائي ڪونہ ٿي ٿيا. اهي اُن شيءِ تي توجهہ ڏين ٿا جيڪا موجود هوندي آهي. اُن پيري ب انهن ائين ڪيو. اهڙي طرح پيادل فوج ۽ گهوڙي سوار دستي جا اٽڪل اٺ نوَ سؤ ماڻهو جهنگل ڏانهن ڀڄي ويا. هو گس تان پلجي ويا ۽ غلامن جي ڪيمپ ۾ پهچي ويا. جتي عورتون ۽ ٻار موجود هٿا. هي هڪڙي قسم جو ڳوٺ هو. ان جي چئن ئي طرفن کان ڪاهي ڪوٽيل هئي، ڪوٽ جهڙي ديوار هئي، ۽ ان تي چهنيارين ڪائين سان مورچا ٺهيل هٿا.

اسپارٽيڪس وٽ ڪيترائي پڳل فوجي ب هوندا، چاڪاڻ تہ اهو ڳوٺ هڪڙي فوجي ڪيمپ جي نموني ۾ ٺهيل هو. اُن جي اندر جهوپڙيون اهڙيون ترتيب سان ناهيل هيون جو انهن جي وچان باقاعده گهٽيون هيون. دروازا ڪليل هٿا ۽ ٻارڙن

جو هڪڙو وڏو ڳاٽيٽو ٻاهر ڪڏي رهيو هو ۽ ڪجهه عورتون انهن کي ڪڏندو ڏسي رهيون هيون. توهان اندازو ڪري سگهو ٿا ته جڏهن فوجن کي شڪست ملندي آهي ۽ اهي پڇي نڪرندا آهن تڏهن سندن ضابطو نه رهندو آهي. انهن تي ڪوبه فيصلو لاڳو ڪونه ٿي سگهندو آهي. أهي غلامن کي قتل ڪري ڇڏيندا آهن پوءِ چاهي اهي ٻار هجن يا عورتون. اسان وٽ غلاظت سان نفرت ڪرڻ جو جواز موجود هوندو آهي ۽ سپاهي انهيءَ نفرت سان پريل هٿا. أهي انهن تي ماکيءَ جي مکين وانگر وري ويا. گهوڙي سوارن ٻارڻن کي ائين نيزن تي کنيو جيئن توهين سهن جو شڪار ڪندا آهيو. پهريائين ته انهن کجهه عورتون به قتل ڪيون. پر باقي ٻين عورتن وڙهڻ شروع ڪري ڏنو ۽ پوءِ ڳوٺ جون عورتون دروازن مان أتلي پيون. هٿ وٽ چاقو، نيزا ۽ تلوارون هيون. منهنجو اندازو آهي ته فوجين جي دماغ ۾ سواءِ نفرت جي ٻيو کجهه ڪونه هو. انهن کجهه عورتون کي ته قتل ڪيو هوندو ۽ باقي ٻين جي عصمت لُٽي هوندائون. توهان کي ته خبر آهي ته أن وقت سڄي ملڪ ۾ غلامن جي باري ۾ نفرت جو احساس پکڙيل هو. اسپارٽيڪس کان اڳ جيڪڏهن ڪو مرد پنهنجي ڪنهن غلام عورت کي قتل ڪندو هو ته أن لاءِ گهٽيءَ ۾ ڪنڊ ڪٽي هلڻ به مشڪل ٿي پوندوهو. اهڙي قدم کي نيچ حرڪت سمجهيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن اِهو ثابت ٿي ويندوهو ته هُن اِهو سڀ کجهه بنا ڪنهن جائز سبب جي ڪيو آهي ته هُن کي ڳرو ڏنڊ پرٽو پوندو هو. اِهو اصول ٿي سال اڳ بدلجي چڪو هو. ائين آهي نه، گراڪس؟"

"ها." گراڪس لاپرواهيءَ سان جواب ڏنو. "پر پنهنجي ڪهاڻي جاري رکو. توهان چيو هو ته اِها ڪهاڻي ورينيا جي باري ۾ هوندي."

"هان؟" ائين پئي لڳو جڻ ڪراسس کي هڪ لمحي لاءِ اِها ڳالهه ٿي وسري ويئي هئي. جوليا پنهنجي چوڪرين کي باغيچي ڏانهن اشارو ڪري چيو ته "هاڻي توهان اوڏانهن وڃي ڪُڏو."

"توهانجو مطلب آهي ته عورتون سپاهين سان وڙهيون هُيون؟" ڪلاڊيا پڇيو.

"جي ها. اتي ڏاڍي خطرناڪ لڙائي ٿي هئي. عورتون سپاهين سان وڙهيون هيون. سپاهي بنهه چريا ٿي پيا هٿا ۽ اهو وساري ڇڪا هٿا ته ساڻن وڙهندڙ عورتون آهن. ويڑهه انڪل ڪري هڪ ڪلاڪ تائين هلي. جيئن ٻڌايو ويو آهي، ته عورتن جي اڳواڻي هڪڙي وحشي عورت ڪري رهي هئي. جنهن جا وار ڳاڙهي رنگ جا هٿا. اهائي عورت ورينيا هئي. هوءَ هر جاءِ تي موجود هوندي هئي. سندس ڪپڙا ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ويا هٿا ۽ هوءَ تقريباً اڳهاڙي هڪڙي نيزي جي مدد سان وڙهي رهي هئي. هوءَ سڄي ساري رڳو وحشت ٿي وحشت هئي....."

"مون کي انهيءَ ڪهاڻيءَ جي ذرو به يقين ڪونهي." گراڪس اڌ ۾ چيو.

"توهان جي مرضي آهي، نٿا چاهيو ته يقين نه ڪريو." ڪراسس چيو "مون نه رڳو جوليا جي لاءِ اِها ڪهاڻي بيان ڪئي آهي."

"منهنجي لاءِ ڇو؟" جوليا پڇيو.

هيلينا ڪراسس ڏانهن گهوري نهاريو ۽ چيو "مهرباني ڪري قصو ختم ڪريو. چاهي اهو سچ آهي يا نه، پر اُن جي آخرڪار ڪا پڇاڻي به آهي يا نه؟"

"عام پڇائين جهڙي پڇاڻي آهي. هر لڙائيءَ جي هڪجهڙي ئي پڇاڻي ٿيندي آهي. فتح يا شڪست. اسان کي ان جنگ ۾ شڪست ملي. ڪجهه غلام واپس آيا هٿا ۽ پوءِ عورتن سان ڪيل ويڑهه ۾ رڳو چند ئي گهوڙي سوار جيئرا بچيا هٿا. انهن ئي اِها رپورٽ ٻڌائي هئي."

"ڇا ورينيا قتل ڪانه ٿي هئي؟"

"جيڪڏهن اُهائي ورينيا هئي ته پوءِ پڪ ئي پڪ قتل ڪانه ٿي هئي. هوءَ ور ور ڏيئي موٽيو پئي ويئي."

"ته ڇا هوءَ ايجا تائين جيئري آهي؟" ڪلابيا پڇيو.

"هائي جيڪڏهن هوءَ جيئري آهي يا نه، هن جي ڪا اهميت ڪانهي." ڪراسس چيو. هائي گراڪس اٿيو ۽ وڃڻ لڳو. هڪڙو پل خاموشيءَ ۾ گذريو. ڏهن سائيسيرو پڇيو، "پوڙهي شخص کي ڪهڙي ڳالهه پريشان ڪري رهي آهي؟"

"خدا کي خبر!"

"توهان کيئن ٿا چئو ته جيڪڏهن ورينيا اڄ زنده آهي ته سندس ڪا اهميت ڪانهي؟" هيلينا پڇيو.

"هائي معاملو ختم ٿي چڪو آهي." ڪراسس جواب ڏنو. "اسپارٽيڪس مري ويو آهي. ورينيا هڪڙي غلام عورت آهي. روم جي پڙين تي اهڙيون عورتون جام ملن ٿيون. ورينيا جهڙيون هزارين غلام عورتون وڪامجي رهيون آهن." ڪاوڙ مان سندس آواز ڳرو ٿي ويو....

انتوئيس ڪائيس معافي گهرندي اٿيو ۽ گراڪس جي پٺيان وڃڻ لڳو. ڪيس ڏاڍي تڪليف پهتي جو ڪراسس ۽ گراڪس جهڙا ماڻهو هڪٻئي سان بنهه ٽڏو رويو اختيار ڪندا رهيا. هن گراڪس کي پهريون پيرو اهڙو رويو اختيار ڪندي ڏٺو هو. ڇا اهو سڀ ڪجهه جوليا جي ڪري ٿيو هو؟ هن سوچيو نه نه. گراڪس اُن لاءِ ائين نٿو ڪري سگهي. ٽلهو، پوڙهو ۽ رُندِ واندِ گراڪس ائين نٿو ڪري سگهي. گراڪس سڀ ڪجهه ڪري سگهيو ٿي، پر ڪائيس جي خيال ۾ هُو خصي هو. ۽

پوءِ ڪراسس رحم جوڳي جوليا ۾ دلچسپي ڇو وڃي رهيو هو؟ حالانڪ هُو روم ۾ ڪنهن به عورت کي حاصل ڪري سگهيو ٿي، چاهي اُها غلام هجي يا آزاد؟ انهن ٻنهي کي جوليا سان کهڙي همدردي ٿي سگهي ٿي جنهن جو جسم ۽ بسترو هر وقت انهن ماڻهن لاءِ تيار هوندو آهي.

هُن گراڪس کي هڪڙي ٽلهي تي غمگين ويٺل ڏٺو. هُو پنهنجي اُن پوڙهي دوست وٽ ويو ۽ آهستي آهستي ڪيس ٻوٽ هنيائين.

"ٺيڪ آهي، پوڙها! سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي!"

"ڪنهن ڏينهن،" گراڪس چيو "دنيا مون کي ۽ ڪراسس کي انتهائي ڪِريل ۽ حقير ثابت ڪندي."

باب ڇهون

ان ڏينهن سائيسيرو ۽ گراڪس روم ڏانهن روانا ٿي ويا. باقي ڪراسس ۽ نوجوان ڪائيس جي پارٽي انتونئيس جي زور پرڻ تي سلاريا محل ۾ هڪ ڏينهن ٻيو ٻه ترسي پيا. انهن ٻئي ڏينهن صبح جو سوير وڃڻ جو پروگرام ناهيو هو. ڪراسس پهريائين ڪائيس کي چيو هو ته پاڻ گڏجي سفر ڪنداسين. هيلينا ۽ ڪلاڊيا اُن عظيم جرنل سان گڏ سفر ڪرڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيون هيون.

اهي صبح جو سوير روانا ٿي ويا. چئن ڏولين، ڪيترن ئي نوڪرن ۽ سامان کڻڻ وارن رستي تي هڪ جلوس جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي. جڏهن هو ايپين سڙڪ تي پهتا ته ڪراسس اعزازي پهريدارن جي حيثيت ۾ ڏهه سپاهي ٻه پاڻ سان ڪنيا. ڪراسس کي ڪاپوا ۾ ٽيندڙ غلامن جي بغاوت کي ڪچلڻ جي آخري دعوتن ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني ويئي هئي. اها تقريب بلڪل اُن جاءِ تي پئي ٿي جتان غلامن بغاوت شروع ڪئي هئي.

اسپارٽيڪس جي شڪست ۽ موت کان پوءِ گرفتار ڪيلن مان هڪ سؤ ويڙهاڪ چونڊيا ويا هٿا ۽ ڪيترن ئي هفتن کان راندين شروع ٿي چڪيون هيون. انهن راندين جي خصوصيت هيءَ هئي ته پاڻ ۾ مقابلي کان پوءِ صرف هڪ ويڙهاڪ کي زنده بچڻو هو. هر جوڙو وڙهندو هو ۽ کٽڻ وارو ويڙهاڪ، يعني زنده بچيل ويڙهاڪ وري ٻئي ويڙهاڪ سان وڙهندو هو. موت جي هن ناچ جو هي سلسلو اڃ کٽندڙ هو.

"منهنجو خيال آهي ته توهان ئي هن موت جي راند کي ڏسڻ چاهيو ٿي." ڪائيس چيو. چارئي ڏولين گڏوگڏ هلي رهيون هُيون ته جيئن هو پاڻ ۾ گپ شپ ڪري سگهن. سامهون ايندڙ آمدرفت کي سپاهي ڪناري طرف ڌڪي ڇڏيندا هئا. ماڻهو به ان قافلي جي دولت ۽ شان شوڪت ڏسي سندن وڏائي تسليم ڪندا پئي ويا.

ڪراسس ۽ ڪائيس گڏوگڏ هٿا. ڪلاڊيا ڪراسس جي ٻئي پاسي کان هئي ۽ هيلينا پنهنجي پاءُ جي ٻئي پاسي هئي. پنهنجي عمر ۽ انهن ڏانهن ڪن خاص

جذبات جي ڪري ميزبانيءَ جا فرائض ڪراسس پنهنجي ذمي کنيا هئا. هُن وٽ اعليٰ تربيت ورتل غلام موجود هئا. حالانڪ هو ڏولين ۾ وينا هئا ۽ هن عظيم شاهراهه تان سفر ڪري رهيا هئا پر پوءِ به ڪراسس پنهنجي مهمانن جي خواهش ۽ ضرورتن جو اندازو لڳائي ورتو هو. پوءِ چاهي اُهو برف وارو جوبيا جو پر لطف شراب هجي يا مصر جا منا انگور هجن ۽ يا ته وري هوا کي سرهاڻ بخشيندڙ عطر هجي.

ٻين وڏن اميرن وانگر هوُ به پنهنجي طبقي جي انهن ماڻهن ڏانهن تمام گهٽو توجهه ڏيندو هو ۽ هينئر ته ميزبان، سائي ۽ سونهين، ٿنهي جا فرائض پورا ڪري رهيو هو. ڪائيس جي سوال جي جواب ۾ چيائين:

"نه، مون کي انهن راندين ۾ ڪوبه مزو ڪونه ٿو اچي. آءٌ ڪڏهن ڪڏهن کا لڙائي ڏسي ونندو آهيان، سا به ان وقت جڏهن کو جوڙو تمام سٺو هوندو آهي. مون کي ڊپ آهي ته اِها لڙائي مون کي ڪَکِ ڪري وجهندي، پر جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته تون ان کي ڏسڻ چاهين ٿو ته....."

"نه، ان جي کا گهٽي اهميت کانهي."

"پر اِن لڙائيءَ ۾ ڪوبه زنده بچي ٿو؟" ڪلاڊيا پڇيو.

"ضروري ڪونهي. ٻئي جڏا شديد زخمي به ٿي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن هڪڙو بچي وڃي ٿو ته ان کي دروازي جي سامهون علامت طور صليب تي چاڙهيو وڃي ٿو. اتي ست دروازا آهن. جڏهن سزا جون نشانيون اُهيون کيون ويون هُيون تڏهن انهن جي شروعات ستن صليبن سان ڪئي ويئي هئي، يعني هر دروازي وٽ هڪڙو ٽياس ٽنگيو ويو هو. هاڻي جيڪو به زنده بچندو تنهن کي صليب تي چاڙهيو ويندو. چا تون ڪڏهن ڪاپوا آئي آهين؟" هُن ڪلاڊيا کان پڇيو.

"نه، مون ڪاپوا ڪونه ڏٺو آهي."

"تڏهن ته تنهنجي هڪڙي دعوت مون تي فرض ٿي پيئي. هي ايتروتر خوبصورت شهر آهي جو دنيا ۾ اِن جهڙو ٻيو آهي ئي ڪونه. مون اِن جهڙو خوبصورت شهر اڄ ڏينهن تائين ڪونه ڏٺو آهي. اُتي منهنجي هڪ ڪوٺي آهي. جيڪڏهن توهان سڀ اتي ترسو ته مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي."

ڪائيس کيس ٻڌايو ته سندن هڪ بزرگ مائٽ اُتي سندن انتظار ڪري رهيو آهي ۽ هو هاڻي پنهنجي پروگرام ۾ ڪابه تبديلي ڪرڻ ڪونه ٿا چاهين.

"بهرحال، اتي ملاقات ته ٿيندي پئي. پهريان ٻه ٽي ڏينهن ته هو بيزار ڪري وجهندا، پر جڏهن آجياڻا، تقريرون ۽ ٻيون دعوتون ختم ٿي ويندیون ته پوءِ اسان سمنڊ جي ڪناري تي ڪجهه ڪلاڪ گذاري سگهنداسين. ٻيڙين ۾ چڙهنداسين،

يا ڪا بي راند ڪيڏنداسين. ڪاپوا کي سندس خوشبوئن کان الڳ نٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ قسم جي خوشبوءُ توهان کي سڻي لڳي، توهان کي پيش ڪندي مون کي خوشي ٿيندي."

"توهان تمام گهڻو مهربان آهيو." هيلينا چيو.

"منهنجي خيال ۾ منهنجي هيءَ مهرباني مون کي سستي پئي پوي.

۽ ان جو عيوض منهنجي لاءِ تمام وڏو هوندو. بهرحال، مون کي ڪاپوا سان عشق آهي، ۽ مون کي اُن تي همیشه فخر رهيو آهي. هي تمام پراڻو شهر آهي. هڪڙي روايت مشهور آهي ته هڪ هزار سال پهريائين ايطر سڪان ماڻهن اٽليءَ جي هن حصي ۾ ٻارهن شهر ٺاهيا هئا. انهن کي سنهري هار ۾ پُوتل ٻارنهن هيرا چيو ويندو هو. هڪ جو نالو والٽرنم هو ۽ خيال آهي ته اهوئي شهر اڄ وارو ڪاپوا آهي. پوءِ وري سامين سادا ٿي سؤ سال اڳ اُن کي ايطرسڪان ماڻهن کان کسي ورتو هو ۽ پنهنجو سندس تعمير ڪيائون. هي شهر انهن کان وري اسان ڦري ورتو ۽ هر هنڌ نيون گهٽيون ۽ نيون ديوارون ٺاهيونسين. هي شهر روم کان ڪيترائي پيرا وڌيڪ خوبصورت شهر آهي."

ائين انهن ايپين شاهراهه تي سفر ڪيو. انهن سزا جي علامتن تي تمام گهٽ توجهه ڏنو. جڏهن هوا تي سڙيل گوشت جي بدبوءُ ٿي آئي ته عطر ڇڪاري فضا کي خوشبودار بنايو ٿي ويو. انهن ۾ راتيون رستي جي ٻاڪ بنگلن ۾ گذاريون ۽ هڪ رات هڪ پُرآسائش بنگلي ۾. اهڙي طرح آرام ڪندا هو ڪاپوا پهچي ويا.

[2]

ڪاپوا ۾ جشن ملهايو پئي ويو. هي شهر اڄ شان، شهرت ۽ مُسرت جي بلندين تي هو. غلامن واري جنگ جا سمورا داغ ڏوئي ڇڏيا ويا هئا. شهر جي سفيد ديوارن تي ٻارنهن سؤ جهنڊا ٽڙڪي رهيا هئا. سڀني جڳ مشهور دروازا کوليا ويا هئا، جو ته امن امان هو، ڪنهن قسم جو خطرو ڪونه هو. هن جي اچڻ جو اطلاع پهرين ئي شهر ۾ پهچي ويو هو ۽ شهر جي معزز ماڻهن جو هڪ عظيم ميڙاڪو سندن آدرياءُ لاءِ اڇي گڏ ٿيو هو. موسيقيءَ جي هڪ سؤ ڏهن اوزارن تي مشتمل بئنڊ پنهنجون ڌنون نيڪاور ڪري ڪين ڪيڪاري رهيو هو. شهري دستو چانديءَ جي هيٽارن سان مسلح ٿي ايپين دروازي سان گڏوگڏ انهن جي حفاظت ڪري رهيو هئو. چوڪرين لاءِ هي سيڪجهه ڏاڍو حيرت ۾ وجهندڙ هو. ڪائيس جيتوٽيڪ پاڻ کي لاتعلق ظاهر ڪري رهيو هو، پر هُو به پنهنجي مشهور همسفر سان پنهنجي رنگين ۽ غير معمولي آدرياءُ جي سلسلي ۾ ڏاڍو خوش هو. شهر ۾ هو هڪ پيرو ڪراسس

کان جدا ٿي پنهنجن ماڻڻن جي گهر هليا ويا، پر ٽورن ڪلاڪن کان پوءِ ڪراسس جو قاصد ڪين رات جي مانيءَ جي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ جو پيغام ڏيئي ويو. جنرل جي توجهه جو مرڪز بنجندي ڪائيس پاڻ تي فخر محسوس ڪري رهيو هو.

اها دعوت انهن ٽن ڇٽن ۾ سندن ميزبان عزيز جي سڄي گهر لاءِ هئي. اُن شاندار ۽ زبردست رات جي مانيءَ دوران ڪراسس انهن تي خاص عنايتون ڪندو رهيو. ڪائيس، ڪلاڊيا ۽ هيلينا جن ڪراسس کي پيش ڪيل پنجونجاهه طعامن مان فقط کي چند چکي ڏٺا. ڪاپوا ۾ ايجا تائين ڪيڙن جا خوشبودار طعام تيار ڪرڻ جي روايت جاري هئي. پر ڪائيس کي ڪيڙن ۾ تيار ڪيل طعام ڪوٺ وٺندو هو، پوءِ چاهي اهو ماکيءَ ۾ ملائي ناهيو ويو هجي يا گهانگهٽن جي قيمي ۾ ملائي ناهيو ويو هجي.

ان شام هڪ خاص ڳالهه اُهو نٿون ناڇ هو، جيڪو خاص طور تي ڪراسس لاءِ ئي ايجاد ڪيو ويو هو. اُن ناڇ ۾ رت جا ڳوڙها ڳاڙيندڙ غلامن جي طرفان ڪنوارين رومين ڇوڪرين جي لڇ لٽيندي ڏيکاريو ويو هو. اُن ڏگهي ناڇ کي وڏي رقم خرچ ڪري تمام خوبصورتي سان پيش ڪيو ويو هو. ناڇ ۾ آخرڪار جڏهن غلامن وڃي ڇيهه ڪيو تڏهن مٿان ڇت مان ايجا گل برف وانگر ڪرڻ لڳا.

هيلينا ڏٺو ته جيئن جيئن رات گذرندي ويئي تيئن تيئن دعوت ۾ موجود سوين مهمان شراب جي نشي ۾ مست ٿيندا ويا. پر ڪراسس بنهه گهٽ ۾ گهٽ پي رهيو هو. هُو نه صرف چکي رهيو هو. ايتريقدر جو هُن اُها مشهور شيءِ نه چکي به ڪاڻ جنهن کان ڪاپوا مشهور هو. هيلينا ۽ ڪراسس هڪٻئي ڏانهن نهاريو. پئي طرف ڪائيس ۽ ڪلاڊيا تمام گهٽو پي ويا هئا.

دعوت وهائيءَ رات جو وڃي ختم ٿي. هيلينا کي باتياتس جو اسڪول ڏسڻ جي زبردست خواهش هئي. انهيءَ اسڪول کي ڏسڻ جي خواهش، جتان ڪان غلامن جي عظيم بغاوت شروع ٿي هئي. هُن ڪراسس کي گذارش ڪئي ته هُو ڪيس اتي وٺي وڃي. هيءَ عظيم الشان رات هئي. ٽڏي ۽ سُرهاڻ سان واسيل رات. هيءَ رات بهار جي موسم جي ٽڙيل گلن جي پيني پيني سڱڌ سان پريل ۽ سرهاڻ واري رات هئي. آسمان تي وڏو ۽ زرد چند هاڻي نروار ٿيو هو. تنهن ڪري ڪين رات جي اونداهيءَ جو مسئلو به سامهون ڪونه هو.

ڪراسس جي چوڌاريءَ چگي خاصي پيڙ لڳي پيئي هئي. پيو ته وري هيلينا جي خاندان مان رڳو بن چوڪرين کي الڳ ڪرڻ جي سفارتي مسئلو پڻ موجود هو. پر هيلينا ڪائيس تي زور پريو ته هُو اِهو بندوبست ڪري. هُو ٽڙندو ٽابڙندو اتي بينو ۽ ڪراسس کي پوڄڻ وارين نگاهن سان ڏسڻ لڳو. رومي جنرل دعوت ۾

رسمون پوريون ڪيون ۽ پوءِ هو ٿوري دير کان پوءِ ڊوليت ۾ ويهي ايپين دروازي وٽان لنگهي رهيا هئا. گيٽ تي بينل پوليس وارن کين سلامي ڏني. ڪراسس انهن سان ڪِل پوڳ بہ ڪئي ۽ ڪجهہ چاندي جا سڪا انهن ۾ ورهايا. هُن انهن کان رستو بہ پڇي ورتو.

"أنجو مطلب آهي تہ توهان ان پاسي ڪڏهن ڪونہ ويا آهيو." هيلينا پڇيو.

"نہ آءٌ ايڏانهن ڪڏهن بہ ڪونہ ويو آهيان."

"حيرت آهي. جيڪڏهن توهانجي جاءِ تي آءٌ هجان ها تہ اها جاءِ ضرور ڏسان ها. أها جاءِ جتي توهان جي زندگي اسپارٽيڪس جي زندگي سان وڃي ملي هئي."

"منهنجي زندگي ۽ اسپارٽيڪس جو موت." ڪراسس پيار سان هن جو جملو درست ڪيو. "أها جاءِ هاڻي آهي ڪٿي؟" گيٽ جي اڳواڻ کين ٻڌايو "باتياتس ان تي نئام گهٽو سرمايو خرچ ڪيو هو ۽ هو تمام جلد ڪروڙ پتي ٿيڻ وارو هو پر بغاوت کان پوءِ تہ بدقسمتيءَ مٿس ديرو جمائي ڇڏيو. جڏهن پنهنجي غلام جي هٿان هُو قتل ٿيو تڏهن سندس اسڪول ڪيس ڦڏي جو شڪار ٿي ويو. اهو ان وقت کان وٽي بند پيو آهي. شهر ۾ ٻيا گهڻائي وڏا وڏا اسڪول قائم ٿي ويا آهن."

ڪلاڊيا اوباسي ڏني. ڪائيس پنهنجي ڊوليءَ ۾ سمهي رهيو هو.

"فليشيئس موتايا جي تاريخ بغاوت ۾ لکيل آهي." پهريدارن جو اڳواڻ ٻڌائي رهيو هو. "تہ باتياتس جو اسڪول شهر جي وچ ۾ هو. هاڻي اتي سياح وڃن ٿا. منهنجا لفظ هڪ تاريخدان جي لفظن سامهون ڪا اهميت ڪانہ ٿا رکن، پر باتياتس جي جاءِ آساني سان ڳولي سگهجي ٿي. توهان هن نالي سان گڏگڏ ويندڙ گس تان هلندا وڃو. هن چاندوڪيءَ ۾ هر شيءِ صاف صاف ڏسڻ ۾ پئي اچي. توهان کي آکاڙو نظر ايندو. ڪاٺ جي عظيم الشان ماڻهن ويهڻ جي ڏاڪڻ اُن آکاڙي جي آهي."

جڏهن هو ڳالهائي رهيا هئا تڏهن غلامن جي هڪڑي ٽولي بيلچا ۽ ڪوڏاريون کڻي گيٽ وٽان لنگهي ويا. انهن وٽ هڪ چاڑهي ۽ هڪ ٽوڪري پڻ هئي. هو گيٽ وٽ لڳل صليب ڏانهن ويا. اهو صليب سزا جي سمورين نشانين جو پهريون نمونو هو. جڏهن هنن چاڑهي صليب سان لڳائي تڏهن ڪانگن جو هڪ ولر ناراض ٿي ادامي ويو.

"هو چا پيا ڪن؟" ڪلاڊيا اوچتو پڇيو.

"هڪڑي ڪُتي کي وڌي ٽڪر ٽڪر ڪري لاهي رهيا آهن تہ جيئن اتي

وري ٻيو ڪتو ٽنگي سگهجي." اڳواڻ جواب ڏنو. "جنگ ۾ زنده بچڻ وارو آخري غلام سياڻي صبح جو پنهنجي جاءِ والاريندو. هتي اهو آخري غلام مرندو جيڪو اسپارٽيڪس جو ساٿي هو." ڪلاڊيا سجي دهلجي ويئي. "آءٌ توهان سان گڏ ڪاڪ ٽي هلان." هن ڪراسس کي چيو.

"جيڪڏهن توهان گهر وڃڻ چاهيو ٿيون ته پلي وڃو. ڪيپٽن هن سان به ماٺهو گڏي ڇڏ." هن چيو.

ڪونگهرا هٽندڙ ڪائيس انهن سان گڏ هو. هيلينا پٽڊ ڪرڻ ٽي چاهيو. ڪراسس به راضي ٽي ويو ۽ پنهنجي ڏولي ۽ مان لهي هن سان گڏگڏ هلڻ لڳو. ڏوليون اڳيان وڌيون ۽ عظيم ڪراسس نوجوان چوڪري ۽ ساڻ چاندوڪي رات ۾ انهن جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو. جڏهن اهي ٽياس تي ٽنگيل لاش جي پاسي مان لنگهيا ته غلام ان ماٺهو جي سڄ جي گرمي ۽ ۾ ڪباب ٽيل ۽ پکين جي چهنبن سان ٿونگيل ۽ بدوبدار باقيات کي هيٺ لاهي رهيا هئا، جيڪو ان صليب تي مري ويو هو. ٻيا غلام صليب کي سڌو ڪرڻ لاءِ زمين کوٽي ان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

"توهان کي ڪابه شيءِ پريشان ته نه ڪري رهي آهي؟" ڪراسس هيلينا کان پڇيو.

"مون کي اِن قسم جون شيون پلا ڇو پريشان ڪنديون؟"

"منهنجو مطلب تنقيد ڪرڻ ڪونه هو. منهنجي خيال ۾ هيءَ ڳالهه ته بنهه ساراهڻ جوڳي آهي."

"ته هڪ عورت کي عورت نه رهڻ گهرجي."

"آءٌ ته انهيءَ دنيا کي ميان ٿو، جتي اسين رهون ٿا." ڪراسس چيو "مون کي ٻي ڪنهن دنيا جي خبر ڪانهي. ڇا توهان کي ڪا خبر آهي؟"

هيلينا ڪجهه چوڻ بنا ئي انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. هو آهستي آهستي اڳيان وڌندا رهيا. اسڪول کو گهٽو پري ڪونه هو. چند جي چاندوڪيءَ آسپاس جي منظر کي واقعي پرستان بنائي ڇڏيو هو. ڪين آڪاڙي جي باهرين پت نظر آئي. ڪراسس ڏوليءَ وارن کي ڏونئين رکڻ ۽ سندن واپسيءَ تائين اتي ئي انتظار ڪرڻ لاءِ چيو. پوءِ هُو هيلينا سان گڏ اڳيان وڌيو.

هي جاءِ هاڻي ويران هئي ۽ ڏاڍي اُجڙيل پئي لڳي. ورزش جي ميدان جي چئني طرفن لڳل لوهه تقريباً سڀ چوري ٽي ويو هو. ڪاٺ جون جهوپڙيون پهرين سڙي ڳري ويون هُيون ۽ آڪاڙي جي پت جو اٽڪل ڪري اڌ ڪن ڪري ڇڏيو هو.

ڪراسس ۽ هيلينا بيهي ڪاٺ جي گهوڙن کي ڏسڻ لڳا جن تي ماڻهو ويهندا هئا. آڪاڙو ننڍو پٽي لڳو پر واري چانڊوڪيءَ ۾ چانديءَ وانگر چمڪي رهي هئي.

"مون پنهنجي پاڻ کان هن آڪاڙي جي باري ۾ گهٽو ڪجهه ٻڌو هو." هيلينا چيو. "هُن ته هِن جي باري ۾ تمام گهٽو چيو هو، پر هي ته بنهه حقير پيو نظر اچي."

ڪراسس اُن اُجڙيل ۽ ننڍڙي اسڪول سان جنگ جي ميدانن، لِگ ڪانداريندڙ لڙائين ۽ جان جوکي ۾ وجهندڙ مهمن کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر هُو ائين ڪري نه سگهيو. اُهو هن لاءِ بي مقصد هو. اُن جي باري ۾ هن جي اندر ڪنهن به قسم جو احساس ڪونه هو.

"آءٌ ڪاٺ جي گهوڙن تي وڃڻ چاهيان ٿي." هيلينا چيو.

"جيڪا تنهنجي مرضي. پر احتياط سان چو ته ڪاٺ بنهه سڙيل آهي."

هُو اُن مخصوص جاءِ تائين ويا، جيڪا باتياتس لاءِ فخر جو باعث هوندي هئي. ليڪدار شاميانو ڇانيل اڳڙيون اڳڙيون ٿي ويو هو ۽ قديم طرز تي ٺهيل وهاڻن جي باقيات ۾ ڪوٺا گهر ڪريو ويٺا هئا، ۽ هن جي آهٽ ٻڌي ڪنهن جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هيلينا هڪڙي جاءِ تي ويهي رهي ۽ ڪراسس به ساٿس گڏ ويهي رهيو ۽ پوءِ هيلينا چيو.

"منهنجي باري ۾ توهان جا احساس ڪهڙا آهن؟"

"مون کي محسوس ٿئي ٿو ته توهان تمام خوبصورت آهيو، ذهين آهيو ۽ نوجوان آهيو." ڪراسس جواب ڏنو.

"۽ اي عظيم جنرل!" هُن آهستگيءَ سان چيو "آءٌ محسوس پيئي ڪريان ته تون هڪ بي غيرت خنزير آهين." هُو هُن ڏانهن جهڪيو ۽ هُن ٽڪ ڪڍي ڪٽي منهن تي هنيس. اُن هلڪيءَ روشنيءَ ۾ به هيلينا ڏٺو ته ڪراسس جون اکيون ڪاوڙ کان چمڪي رهيون هُيون. اِهو هو جرنيل، اِهو هو اُهو واقعو، جنهن کي هُو لفظن ۾بيان نٿو ڪري سگهي. هُن هيلينا کي ڏکو ڏنو جنهن ڪري هوءَ ڪوچ تان ڪِري وڃي هيٺ سڙيل جهنگلي تي لڳي، جيڪو سندس زور کان پڄي پيو. هوءَ اُتي ڪناري تي ڪِري پيئي هئي جتان ويهه فوٽ هيٺ آڪاڙي جو فرش شروع ٿي ٿيو. پر هُن پاڻ کي سنياليو ۽ اُتي کسڪي ڪاٺ جي گهوڙن وٽ آئي. جنرل کابه چرپر ڪانه ڪئي. تڏهن هيلينا هڪڙي جهنگلي ٻلي۽ وانگر اُن تي حملو ڪري ڏنو، ٿُنهن سان هن کي چيريندي ڦاڙيندي رهي، پر ڪراسس سندس ٻئي ڪرايون جهلي ورتيون ۽ کيس پاڻ کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي. هوُ اڃا به بي پرواهيءَ سان مسڪرائي رهيو هو ۽ کيس ٻڌائي رهيو هو "مون کي خبر آهي ته اصل ڳالهه

ڪهڙي آهي، منهنجي مٽڙي."

هيلينا جي ڪاوڙ جو دورو ختم ٿي ويو هو ۽ هُن روئڻ شروع ڪري ڏنو. هوءَ هڪ معصوم ٻارڙيءَ وانگر روئي رهي هئي. ۽ جڏهن هوءَ روئي رهي هئي، ڪراسس تڏهن سائس زنا ڪرڻ شروع ڪري ڏني. هيلينا نه ته مزاحمت ڪئي ۽ نه ئي ان عمل کي خوشيءَ سان قبوليو ۽ جڏهن ڪراسس بنا ڪنهن خواهش ۽ ضرورت جي پنهنجو اهو عمل پورو ڪيو تڏهن هيلينا کي چيائين "جاني، توکي اِهائي شيءِ گهربل هئي نه، ڪيئن نيڪ آهي نه؟"

هُن کوبه جواب ڪونه ڏنو، پر پنهنجا ڪپڑا ۽ ور ٺيڪ ڪرڻ لڳي. پوءِ هُن ڳلن تي وهي ايندڙ سرمي وارن لڙڪن کي صاف ڪيو. هوءَ واپس ڏولين تائين آئي ۽ ماڻ مِٽيءَ ۾ پنهنجي ڏوليءَ ۾ ڪري پيئي. ڪراسس پنڌ هلندو رهيو. ڏولي ڪٽندڙ ان ننڍي رستي تان واپس ڪاپوا ڏانهن روانا ٿيا. ڪائيس اڃا تائين ستو پيو هو. هاڻي رات تقريباً ختم ٿي پئي هئي. چاندوڪي هاڻ پنهنجو جاهه و جلال وڃائي رهي هئي. هُن پاڻ ۾ ڪنهن سبب جي ڪري زندگي ۽ قوت جي هڪ نئين لهر محسوس ڪئي.

ايپين گيٽ وٽ هُو ڪيپٽن وٽ ويو ۽ رڪائپ سان چيائين، "هنن کي حفاظت سان گهر پهچائڻ لاءِ ڪجهه فوجي گڏ موڪل." ڪيپٽن حڪم جي تعميل ڪئي ۽ خدا حافظ چوڻ بنا ئي هيلينا کي هڪلي ڪڍيو ويو. ڪراسس گيٽ جي گهري پاڇي ۾ جهومي رهيو هو. ڪيپٽن ۽ سپاهي ڪيس تعجب سان ڏسي رهيا هئا. پوءِ ڪراسس پڇيو.

"ٽائيم گهڙو ٿيو آهي؟"

"سائين آخري ڪلاڪ ۾ ختم ٿيڻ وارو آهي. ڇا توهان ٽڪي ڪونه پيا آهيو؟"

"نه." ڪراسس چيو "ڪيپٽن! آءٌ بلڪل ڪونه ٽڪو آهيان." سندس آواز نسبتاً نرم ٿي ويو "تمام گهڙو وقت سڄيون سڄيون راتيون جاڳيو آهيان."

"راتيون تمام ڏکيون آهن. هاڻي کان اڳ ڪلاڪ پوءِ هيءَ جاءِ ٻنهه مختلف هوندي. سبزي وارا، دلال، مڇي وارا اندر اچي رهيا هوندا. هي هڪ ٻنهه مصروف گيٽ آهي ۽ اڄ صبح جو ويڙهاڪ ۽ انهيءَ ئي صليب تي چڙهندو." هُن اُن صليب ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو صبح جي ڏنڏلڪي ۾ هڪ ان چنو پاڇولو پٽي نظر آيو.

"ڇا هتي تمام وڏو ميڙ لڳي ويندو آهي؟" ڪراسس پڇيو.

"سائين! شروع شروع ۾ ته وڏو ميڙ ڪونه ٿو ٿئي، پر جيئن جيئن سج مٿي

چڑهي ٿو ماٿهو گڏ ٿيڻ شروع ٿي ٿا وڃن. هڪڙي ماٿهو کي صليب تي چاڑهيندي هڪڙو عجيب قسم جو هيجان پيدا ٿو ٿئي. ٻنهپرن تائين گيت ۽ آسپاس واريون پٽيون پرجي وڃن ٿيون. شايد توهان جو خيال هجي ته ماٿهو هڪڙو پيرو ڏسي هليا ويندا هوندا. پر ائين ڪونهي."

"صليب تي چڑهندڙ شخص ڪير آهي؟"

"مون کي خبر ڪانهي. مون کي رڳو ايتري خبر آهي ته هُو ويڑهاڪ آهي. منهنجو خيال آهي ته هُو سنو ويڑهاڪ آهي ۽ مون کي اُن ويچاري شيطان جي حالت تي افسوس پيو ٿئي."

"ڪيپٽن! پنهنجي همدردي پاڻ وٽ رک." ڪراسس چيو.

"منهنجو اِهو مطلب ڪونه هو سائين! منهنجو مطلب صرف هي هو ته ڪنهن آخري زنده بچي ويندڙ جي باري ۾ هميشه ڪجهه احساس پيدا ٿئي ٿو."

"انهن جو انجام شروع ٿيندي ته ڪو عرصو گذري چڪو آهي، انجام جو انجام به ته ڪٿي ٿيڻو آهي. آخر ڪنهن کي ته آخري شخص بنجڻو ئي ته هو."

"ها اهو ته آهي."

آخري ڪلاڪ به ختم ٿي چڪو هو. سج جي روشنيءَ ۾ پهريون ڪلاڪ شروع ٿي چڪو هو. چند جهڪو ٿي ويو هو. ۽ آسمان ڪير جهڙو اڇو ٿي ويو هو. روشنيءَ جي سامهون صليب بيٺو هو ۽ ايرندي پاسي کان ڏسڻ ۾ ايندڙ هڪڙو زرد ۽ گلابي شعاع ايرندڙ سج جو شاهد هو. ڪراسس جاڳندي ڏاڍو خوش هو. هُن نڙپائيندڙ صبح جو آدرياءُ ڪيو. صبح هميشه خوشيءَ ۽ غم جو گڏيل اظهار هوندو آهي.

هينئر هڪڙو يارهن سالن جو ننڍڙو ڇوڪرو آيو، جنهن جي هٿ ۾ هڪڙو جڳ هو. گيت جي ڪيپٽن اُن سان هٿ ملايو ۽ ڪانئس جڳ وٺي لاٿو.

"منهنجو پٽ آهي." هُن ڪراسس کي چيو. "هي روزانو صبح جو سوير منهنجي لاءِ گرم شراب ڪٽي ايندو آهي. سائين! چا توهان هن سان هٿ ملائڻ پسند ڪندؤ؟ اِها هِن جي لاءِ فخر جي ڳالهه ٿيندي ۽ پوءِ هُو ان کي هميشه ياد رکندو. هن جو نالو ماريوس آهي. مون کي خبر آهي ته اِها فرمائش ڪري آءٌ گستاخي ڪري رهيو آهيان، پر اِها منهنجي ۽ هن جي لاءِ فخر جي ڳالهه ٿيندي."

"ڪهڙا حال آهن، مسٽر ماريوس؟" ڪراسس پڇيو.

"آءٌ اوهان کي سڃاڻندو آهيان. مون کلهه به اوهان کي ڏٺو هو. اوهان جي سيني تي لڳل سونهري پليٽ ڪٿي آهي؟" ڇوڪري چيو.

"اها پليٽ سون جي نہ پر پٽل جي آهي ۽ جيئن ته اُها آرام ده ڪانہ هئي، تنهن ڪري مون لاهي ڇڏي آهي."

"اِها جڏهن مون وٽ هوندي، تڏهن آءٌ ڪونہ لاهيندوسانس."

"ته ان جو مطلب آهي ته روم زنده رهندو. روم جون روايتون ۽ روم جو شان هميشه زنده رهندا." ڪراسس سوچيو. هُو اُن گفتگو کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. ڪيپٽن کيس جڳ پيش ڪيو. "شراب پيئندا سائين!"

ڪراسس انکار ۾ ڪنڌ لوڏيو. هاڻي پري کان دهل وڄڻ جو آواز اچڻ لڳو هو. ڪيپٽن جڳ چوڪري جي هٿ ۾ ٽماڻي ڇڏيو ۽ سپاهين کي رڙ ڪري ڪجهہ چيائين ۽ انهن گيٽ جي ٻنهي پاسن کان قطارون بنايون. سپاهين جون ڍالون سندن پاسن کان لڙکي رهيون هُيون ۽ نيزن جو رخ آسمان طرف هو. انهيءَ حالت ۾ ٻيئو رهڻ ڏاڍو تڪليف ڏيندڙ هو ۽ ڪراسس کي سڏو ڪونہ لڳو. هن جو خيال هو ته جيڪڏهن پاڻ اتي موجود نہ هجي ها ته هٿيارن جي اِها نمائش ڪانہ ٿئي ها. دهل جو آواز ويجهو پهچي چڪو هو ۽ فوجي بينڊ وارن جي پهرين قطار ظاهر ٿي هئي. اُپرندڙ سج بلند عمارتن کي چهڻ شروع ڪيو هو. ماڻهن جو هڪ وهڪرو گهٽين مان ظاهر ٿيڻ لڳو. اُهي گيٽ ڏانهن ۽ فوجي بينڊ ڏانهن اچي رهيا هئا.

فوجي بينڊ جي پٺيان هڪڙو ويڙهاڪ فوجي دستي جي گهيري ۾ اچي رهيو هو. هُو اگهاڙو هو ۽ سندس هٿ پٺيان مضبوطيءَ سان ٻڌل هئا. هڪڙي اڪيلي شخص لاءِ ايڏا وڏا حفاظتي انتظام! هُو ايترو ته خطرناڪ ڪونہ هو. پر جڏهن هُو ويجهو آيو تڏهن ڪراسس پنهنجي راءِ بدلائي ڇڏي. "هي ته خطرناڪ آهي. هن جهڙا ماڻهو گهٽا خطرناڪ هوندا آهن. سندس چهري مان لڳي پيو. سندس چهري تي اُها مٽيا ۽ چمڪ ڪانہ هئي جيڪا هڪ روميءَ جي چهري تي هوندي آهي. هن جو چهرو شِڪري جي چهري جهڙو هو. نڪ ٻاهر نڪتل، چپ سنهڙا ۽ اکيون ٻليءَ وانگر سايون ۽ نفرت مان پريل هُيون. سندس چهرو ڏڪار ۽ ڪروڌ مان پريل هو. پر اُها نفرت جانور جي نفرت وانگر اڻ چٽي هئي. قد ڪاڻيءَ ۾ هُو اجايو ڏگهو ڪونہ هو پر سندس جسم سخت هو. سندس بدن تي تلوار جا فقط نہ تازا زخم هئا. هڪڙو چاتيءَ جي مٿئين پاسي ۽ ٻيو پاسي کان. پر ٻئي زخم اجايا اونها ڪونہ هئا ۽ مٽن رت جمي ويو هو. پر سندس جسم تي پراڻا زخم بيشمار هئا. هُن جي هڪڙي هٿ جي هڪڙي آڱر موجود ڪانہ هئي ۽ سندس هڪڙو ڪن ٻنهہ پاڙ کان ئي ڪٽجي ويو هو.

دستي جي اڳواڻ ڪراسس کي ڏسي پنهنجي دستي کي بيهي رهڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ هُو اڳيان وڌيو ۽ جنرل کي سلام ڪيو. ظاهر آهي ته هُن کي انهيءَ

لمحي جي اهميت جي خبر هئي.

"اوهان کي هتي ڏسي جيڪو فخر مون کي ٿي رهيو آهي، اُن جي باري ۾ مون ته ڪڏهن سوچيو به ڪونہ هو." هُن چيو.

"قسمت سان ائين ٿيو آهي.." ڪراسس چيو. هن کي پاڻ غلامن جي فوج جي آخري سپاهيءَ کي سامهون ڏسي تمام گهڻو فخر ٿي رهيو هو.

"چا توهان هن کي هينئر ئي صليب تي چاڑهي چڏيندا؟"

"جي ها سائين! اهوئي حڪم مليل آهي."

"اِهو ڪير آهي؟ منهنجو مطلب آهي ته اهو ويڑهاڪ ڪير آهي؟ اهو ته ظاهر آهي ته هُو آڪاڙي جو بنهہ قابل ويڑهاڪ آهي. تلوار جا نشان سندس سڄي بدن تي موجود آهن. پر هي آهي ڪير؟"

"اسان کي تمام ٿوري خبر آهي. هُو هڪ عملدار هو ۽ هُن هڪ دستي يا اُن کان به وڌيڪ غلامن جي اڳواڻي ڪئي آهي. هُو هڪ يهودي لڳي ٿو. باتياتس وٽ ڪيترائي يهودي هٿا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ٽريشين کان به وڌيڪ سٺو وڙهندا هٿا. باتياتس وٽ ڊيوڊ نالي به هڪ يهودي هو. ٿي سگهي ٿو ته هي اُهو ئي ڊيوَڊ يهودي هجي. يا شايد اهو نہ هجي. جڏهن کان هن کي هتي آندو ويو آهي، ان وقت کان وٺي هو خاموش آهي. هُو تمام سٺو وڙهيو. او منهنجا خدا! مون چاقوءَ سان اهڙي لڙائي ڪڏهن به ڪانہ ڏٺي هئي. اسان هن کي پنج ڀيرا ويڑهايو آهي پر پوءِ به سندس جسم تي فقط ٻہ زخم آيا آهن. هُن کي خبر هئي ته هُو آخر ۾ صليب تي چڑهندو پر هُو ائين پئي وڙهيو جڻ ڪيس آزادي ملي ويئي هجي. آءٌ ته حيران آهيان."

جيڪڏهن هي يهودي ڊيوَڊ آهي" ڪراسس سوچيندي چيو "ته پوءِ هي بهرحال طنزيہ انصاف آهي. چا آءٌ هُن سان ڳالهائي سگهان ٿو."

"پلي، پڪ سان ڳالهائي سگهو ٿا. توڙي جو مون کي شڪ نہ آهي ته ڪو هُو توهان سان ڳالهائيندو، هُو هڪ اونڌاهو، اداس ۽ خاموش وحشي آهي."

"آءٌ ڪوشش ڪندس."

هر اُتي ويا، جتي ويڑهاڪ ٻيٺو هو. هاڻي هُن جي چوڌاريءَ ماڻهن جو وڏو ميڙ لڳي ويو هو، جن کي سپاهي پٺيان ڌڪي رهيا هٿا. عملدار پوز هٽندي اعلان ڪيو ته "ويڑهاڪ تون تمام گهڻو خوش قسمت آهين. هي مارڪوس لي سي نئيس ڪراسس آهنِ ۽ توسان ڳالهائڻ چاهين ٿا."

جڏهن ماڻهن ڪراسس جو نالو ٻڌو تڏهن خوشيءَ مان نچڻ لڳا. پر غلام ته

جهڙو ٻوڙو هجي. هُن کابه ڇُرپر کانه ڪئي ۽ بدستور سامهون ڏسندو رهيو. سندس اکيون سائي پٿر جا ٿڪر پئي لڳيون. پر سندس چهري تي ڪي به تاثر ڪونه هٿا.

"ويڙهاڪ! ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟" ڪراسس چيو. "مون ڏانهن نهار." اڳهاڙو ويڙهاڪ پوءِ به ڪونه ڇُريو. تڏهن دستي جو عملدار اڳيان وڌيو ۽ سندس منهن تي زوردار ٽڦڙ وهائي ڪڍيو.

"سوئر، توسان ڪير ڳالهايو؟" هُن رڙ ڪري چيو.

هن ٻيو ڀيرو به ٽڦڙ هٽي ڪڍيس. ويڙهاڪ ٽڦڙ کان بچڻ جي کابه ڪوشش کانه ڪئي، ۽ ڪراسس کي اندازو ٿي ويو ته هُو ڪائنس کابه ڳالهه پڇي نه سگهندو.

"بس بس، گهٽو ٿي چڪو." ڪراسس عملدار کي چيو "هنکي نه ماريو ۽ توهان کي جيڪي حڪم مليل آهن، تن جي تعميل ڪريو."

"مون کي ڏاڍو افسوس آهي جو هن کجهه به کونه ڳالهايو. ٿي سگهي ٿو ته هُو ڳالهائيندو ئي نه هجي. ڪيس سنڊس سائين سان ڳالهائيندي کونه ڏئو ويو هو."

"اُن ڳالهه جي کابه اهميت ڪانهي." ڪراسس چيو.

هُن هن کي گيٽ کان صليب تائين مارچ ڪندي ڏٺو. هائي گيٽ مان ماڻهن جو هجوم داخل ٿي پکڙي رهيو هو. ماڻهو بنا ڪنهن رندڪ جي مٿاهين جاين تي ٻيهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هٿا. ڪراسس به ماڻهن جي هجوم مان ٽيندو صليب وٽ پهتو. هن کي هي ڏسڻو هو ته غلام کهڙي قسم جو ردعمل ڏيکاري ٿو. هن شخص جي پٿر جهڙي خاموشي هڪ چيلينج بنجي ويو هو. ڪراسس ڪنهن به اهڙي شخص کي کونه سڃاڻندو هو جيڪو خاموشي سان صليب تي چڙهي ويو هجي، چاهي اهو ڪيتروئي سخت جان چو نه هجي.

سپاهي صليب تي چاڙهڻ جا ماهر هٿا. هو تيزيءَ ۽ مهارت سان پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا. غلام جي ٻانهن مان هڪ رسي لنگهائي ويئي، جنهن جون مشڪون ايڏا تائين تاٽيل هُيون. رسي ڇڪي سندس ٻئي حصا برابر ڪيا ويا. رات کان رکيل چاڙهي صليب جي پٺيان لڳائي ويئي. رسيءَ جا ٻئي حصا صليب جي ٻانهن تي اڇلايا ويا. ٻن ٻن سپاهين هر هڪ ڇيڙي کي پکڙي ورتو پوءِ تمام ڦرتائي سان ويڙهاڪ کي متي ڇڪي ورتو ويو. هائي هڪ ٻيو سپاهي چاڙهيءَ تي چڙهيو ۽ ويڙهاڪ کي ٽورو هيٺ ڪيو. جڏهن ته هيٺان سپاهي رسي جي ٻنهي حصن کي ساڳي طرح ڇڪيو ٻيٺا هٿا. هائي هُو اتي لٽڪي رهيو هو جتي ٻئي ڪائيون پاڻ ۾ منڊيڙي

وانگر مليون ٿي. چاڑهيءَ وارو سپاهي ٽپ ڏيئي ملائڻ واري پٽيءَ تي چڑهيو. هڪ ٻيو سپاهي هڪ مترڪو ۽ ڪيترين ئي ڏڳهين ڪِليون ڪٽي چاڑهيءَ تي چڑهي ويو ۽ پٽيءَ جي ٻئي حصي تي چڑهي ويو.

انهيءَ دوران ڪراسس ويڑهاڪ جو غور سان مشاهدو ڪري رهيو هو. جڏهن هن جي جسم کي صليب جي ڪَهري کائيءَ سان گهلي مٽي ڇڪيو ويو تڏهن سندس اگهاڙو جسم تڙپي اٿيو پر سندس چهرو بلڪل ڪونہ بدليو. هوُ بنا چرپر جي لٽڪي رهيو هو. پهرئين سپاهيءَ رسي سندس چاتيءَ کان ٻانهن هيٺان لنگهائي ۽ ان کي پٽيءَ جي مٿان ڳنڍ ڏنائين. پوءِ پهرين رسيءَ کي پٺئين پاسان هيٺ ڇڪيو ويو. پوءِ ان سخت ڏور کي وڌيو ويو، جنهن سان سندس هٿ پٺيان ٻڌل هئا. هر سپاهيءَ سندس هڪڙي هڪڙي ٻانهن ڇڪي ۽ پٽيءَ سان گڏ رسيءَ سان ٻڌي ڇڏي. هڪ سپاهيءَ زور سان سندس مُٺ کولي ڇڏي، اُن تي ڪِلي رکي ۽ هڪ سخت ڏڪ سان اُها ڪلي کاٽ ۾ کوڙي ڇڏي. هُن نہ ٿہ ڪجهہ ڳالهايو ۽ نہ ئي کا رڙ ڪيائين. پر سندس چهرو سجو تاٽجي ويو ۽ سندس سجو جسم ڇڪجي سيٽجي ويو. ٽن ٻين ڏڪن ڪلي ٿي اڇ کاٽ ۾ کوڙي ڇڏيو ۽ آخري ڏڪ ڪِليءَ جو مٿو موڙي ڇڏيو ٿہ جيئن هٿ اُن مان ترڪي نڪري نہ وڃي. پوءِ ٻئي هٿ سان بہ ساڳيو عمل ڪيو ويو ۽ جڏهن ڪِلي سندس هٿ گوشت ۽ نسن کي چيريندي لنگهي ويئي تڏهن هڪ پيرو ٻيهر ويڑهاڪ سور جي شدت کان سيٽجي ويو ۽ هڪ پيرو وري سندس چهرو سجو تاٽجي ويو. پر پوءِ بہ هُن رڙ نہ ڪئي، حالانڪ سندس اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ ڪليل وات مان ڳگ وهي رهي هئي.

هاڻي سندس چاتيءَ جي چوڌاري ويڑهيل رسي وڌي ويئي ٿہ جيئن هُو مڪمل طور تي سندس هٽن تي لڙڪي سگهي جتي ڪِلين تي گهٽ بار وجهڻ لاءِ هر ڪرائيءَ وٽ ٻڌل رسي ئي هڪڙو سهارو هئي. سپاهي چاڑهيءَ تان هيٺ لهي ويا. چاڑهيءَ کي هٽايو ويو. ماٿهن جو ميڙ (جيڪو هاڻي سَوَن کي پهچي ويو هو) اُن مهارت تي تاڙيون وڄايون جنهن چند منٽن ۾ هڪ ماٿهوءَ کي صليب تي ٽنگي ڇڏيو هو.....

پوءِ ويڑهاڪ بيهوش ٿي ويو.

"اُهي عام طرح بيهوش ٿيندا آهن." عملدار ڪراسس سان وضاحت ڪئي. "ڪِلين جو صدمو ائين ڪري ٿو. پر اُهي هميشہ بيهر هوش ۾ اچن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو ويهن يا ٽيهن ڪلاڪن کان پوءِ بيهر بيهوش ٿي وڃن ٿا. اسان هڪ گال کي صليب تي چاڑهيو هو، جيڪو چار ڏينهن هوش ۾ هو. سندس آواز ٻيهجي ويو. هُو وڌيڪ رڳو خرخر بہ نٿي ڪري سگهيو ٿہ بہ هوش ۾ هو. ان جو ٿہ

کو مٽ ئي ڪونہ هو. پر ڪليون ٽوڪڻ وقت اُن جو آواز بہ نڪتو هو. خدايا مون کي ڏاڍي سخت اڄ لڳي رهي آهي." هُن هڪ بوتل جو منهن کوليو، پاڻ پيتائين ۽ ڪراسس کي پيش ڪيائين. "گلاب جو پاڻي آهي؟"

"مهرباني." هُو اوچتو ڇڻ ڪر سُڪي ويو هجي ۽ ٽڪ ڪان چُور ٿي ويو هجي. بوتل ۾ جيڪو ڪجهہ هو سو پي ڇڏيائين. هجوم ۾ اڃا تائين واڪارو ٿي رهيو هو ۽ انهن ڏانهن اشارو ڪري ڪراسس پڇيو. "ڇا هي سڄو ڏينهن هتي رهندا."

"انهن مان گهڻا تيستائين هتي رهندا، جيستائين هُو وري هوش ۾ اچي. اُهي اِهو ڏسڻ چاهين ٿا تہ هوش ۾ اچڻ کان پوءِ هوُ ڇا ٿو ڪري؟ هو عجيب حرڪتون ڪن ٿا. انهن مان ڪيترائي پنهنجي مائرن کي ياد ڪن ٿا. اوهان ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هوندو تہ ڪو غلامَ بہ 'امان، امان' جون صدائون بلند ڪندا آهن. ڪيئن ٺيڪ آهي نہ؟"

ڪراسس ڪلها ڇنڊيا. عملدار پنهنجي ڳالهہ جاري رکي. "مون کي رستو صاف ڪرائڻو آهي. ماڻهو تہ بنهہ آمدرفت ۾ رندڪ وجهيو ٿا ڇڏين. اوهان جو خيال هوندو تہ ماڻهو اڇ وچ لاءِ رستو خالي ڇڏيندا هوندا. پر نہ، ڪڏهن بہ نہ. اُهي سڀ هڪجهڙا آهن. ماڻهن جي ميڙ کي ڪوبہ احساس ڪونہ هوندو آهي." هُن بن سپاهين کي رستي تان ماڻهو هٽائي اڇ وچ لاءِ گس ڪرڻ لاءِ موڪليو.

"آءٌ سوچيان پيو سائين....." هن چيو "آءٌ سوچي رهيو آهيان تہ ڇا آءٌ اوهان کي هڪڙي تڪليف ڏيان. اهو منهنجو مسئلو تہ ڪونهي پر آءٌ بي چينيءَ سان هڏڻ چاهيان ٿو تہ اوهان اِهو ڇو چيو هو تہ جيڪڏهن هي يهودي ديوَ آهي تہ پوءِ هي انصاف طنز آميز آهي. اوهان ائين ئي چيو هو تہ....."

"ڇا مون ائين چيو هو؟" ڪراسس پڇيو. "مون کي خبر ناهي تہ منهنجو مطلب ڇا هو يا منهنجو ارادو ڪهڙو هو." انصاف تہ ٿي ڇڪو آهي. ماضيءَ جو گهڻو ڪجهہ خاموشيءَ سان دفن ڪيو ويو هو. غلامن جي جنگ ۾ خوشي يا فخر جي ڳالهہ بہ گهٽ هئي. سوپون ۽ عظيم ۽ شاندار سوپون بہ پين لاءِ هُيون. هُن جي قسمت ۾ تہ صليب جي ڪاسائين جهڙو هڪڙو ٿڻ ۽ حقير اطمينان هو. قتل، موت ۽ اذيتن ڏيڻ کان هُو ڪيترو تنگ اچي ويو هو. پر پوءِ ڪير ڀچي ڪيڏانهن وڃي سگهي ٿو؟ هو روز بروز هڪ اهڙو سماج تخليق ڪري رهيا هئا جتي زندگي موت تي بيٺل هئي. اُن کان اڳ سڄي دنيا جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪاسائي ايتري گهٽي تعداد ۾ ڪونہ هئا ۽ انهن جي انتها ڪٽي ٽيندي ۽ هي سلسلو ختم ڪڏهن ٽيندو. هاڻي هُن کي هڪڙو واقعو ياد آيو جو هُن جي روم جي شڪست کاڌل مايوس فوجن جي اڳواڻي سنيالڻ کان هڪدم پوءِ پيش آيو هو. هُن پنهنجي ٻالڪپڻ جي ساٿي ۽

دوست پليڪو ممي ٽيس کي هدايت ڪئي هئي ته اسپارٽيڪس کي هراسان ڪري، پر اهو احتياط ڪري ته پنهنجي فوجن جي ڪنهن به حصي کي اصل فوجن کان ڇني الڳ نه ڪري. اُن جي ابتڙ ممي ٽيس خطرناڪ غلطي ڪندي پاڻ کي جار ۾ قاسائي وڌو ۽ ان جا ٽي دستا اوچتو غلامن سان مڙ پيڙ ٽيندي ٽي باجماعت پڇي ويا ۽ رومي فوج جي نراڙ تي شرم ۽ ندامت جو داغ لڳائي ڇڏيو. ڪيس ياد هو ته پاڻ ممي ٽيس کي ڪيترو گهٽ وڌ ڳالهايو هٽائين. ڪيس ياد هو ته پاڻ هن کي ڪيترين گاريون ڏنيون هٽائين. هُن هُن کي بزدليءَ جو مهڻو ڏنو هو. پر ممي ٽيس جهڙو شخص وڌيڪ ڪجهه ڪري ٽي نٿي سگهيو. فوجين جو معاملو ته الڳ هو. ستٽين فوج جي پنجن هزار فوجين کي جدا قطار ۾ بيهاريو ويو ۽ هر ڏهين ماڻهوءَ کي قطار مان ڪڍي بزدليءَ جي ڏوهه ۾ قتل ڪيو ويو.

"توهان کي مونکي به قتل ڪري ڇڏڻو هو." ممي ٽيس پوءِ ڪيس چيو هو.

اهو واقعو ڪيس ڇٽي طرح ياد اچي رهيو هو. چاڪاڻ ته اهي ممي ٽيس ۽ مارڪوس سروئيس ٽي هٽا جيڪي غلامن جي خلاف سندس اونهي نفرت جو نمونو هٽا. اهو قصو پوءِ هُن ٻڌو ۽ غلامن جي ڪيمپ متعلق ٻين سيني قصن وانگر سچ ۽ ڪوڙ کي الڳ ڪرڻ ناممڪن هو. مارڪوس سروئيس ڪنهن حد تائين اسپارٽيڪس جي هڪ محبوب ساٿي ڪرڪس نالي هڪڙي گال جي موت جو ذميوار هو. اُن کي گهيرو ڪيو ويو ۽ سندس فوج کي تباهه ڪيو ويو. تڏهن، تمام گهڻو پوءِ جڏهن اسپارٽيڪس مارڪوس ۽ ممي ٽيس کي گرفتار ڪري ورتو هو ۽ غلامن جي عدالت ۾ انهن تي ڪيس هليو ويو. ڇيو وڃي ٿو ته ڊيوَڊ ٽي انهن جي موت جي سزا جي طريقي جي باري ۾ دليل ڏنا هٽا. يا شايد ڊيوَڊ ان طريقي جي خلاف دليل ڏنا هٽا، ڪراسس کي چگي طرح ياد ڪونه هو. انهن ٻنهي کي ويڑهاڪ بنائي، اگهاڙو ڪري، انهن ٻنهي کي هڪ هڪ چاقو ڏنو ويو هو ۽ هڪ عارضي آکاڙو بنائي رومي فوج جي انهن ٻنهي وڏي عمر جي ڪماندرن کي موت تائين ويڑهايو ويو هو. اهوئي پهريون واحد پيرو هو جو اسپارٽيڪس کنهن کي ان قسم جي سزا ڏني هئي. مگر ڪراسس کي اهو واقعو ڪڏهن به ڪونه وسريو هو ۽ نه ٽي هُن اِن حرڪت کي معاف ڪيو هو.

پر پوءِ به اِها ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه هئي جو هُو اُن کي صليب جي هيٺان ٻيڙل اُن عملدار کي ٻڌائي سگهي. "مون کي خبر ڪانهي ته منهنجو مطلب ڇا هو. اِهو ايترو ڪو اهم معاملو ڪونهي." ڪراسس چيو.

هُو ڏاڍو ٽڪجي پيو هو ۽ هُن واپس گهر وڃڻ ۽ سمهڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

[3]

اصل ڳالهه هيءَ هئي ته ڪراسس کي اُن ڳالهه جي ذرو به پرواهه ڪانه هئي ته انهن خاص حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ويڙهاڪن جي فوج جي هِن آخري بچي ويندڙ شخص کي صليب تي چاڙهڻ انصاف تي ٻڌل سزا هئي يا نه. انصاف لاءِ سندس جذبا ڏنڏلا ٿي ويا هئا. پلاند جو سندس احساس ڏنڏلو ٿي ويو هو ۽ موت ۾ ڪنهن قسم جي شائستگي قائم ڪانه رهي هئي. ننڍپڻ ۾ ٻين شريف خاندانن جي ٻارن وانگر هن کي به ماضيءَ جا بهادري ۽ شجاعت وارا قصا ٻڌايا ويا هئا. ڪيس مڪمل طور تي يقين هو ته رياست ۽ قانون سيني انسانن جي خدمت ڪن ٿا ۽ قانون تي مبني انصاف ٿئي ٿو. هُو اهو نٿي چئي سگهيو ته اُن ڳالهه تي سندس پختو يقين ڪڏهن ختم ٿي ويو هو. پر ايا تائين قانون ۽ رياست تان سندس مڪمل اعتماد ختم ڪونه ٿيو هو. سندس اندر ۾ ڪنهن جاءِ تي اهو وهم زنده هو، پر پوءِ به هُو هڪ زماني ۾ انصاف جي جيتريقدر چٽي واکاڻ ڪندو هو سا اڄ نٿي ڪري سگهيو. ڏهه سال پهريائين هُن پنهنجي ياءُ ۽ پيءُ کي حزب اختلاف جي هٿان مرندي ڏٺو هو. پر انصاف انهن جو بدلو ڪڏهن به ڪونه ورتو. اُن باري ۾ سندس مونجهارو گهٽجڻ بدران وڌندو ويو ته انصاف چا آهي ۽ بي انصافي چا آهي. اِها دولت ۽ طاقت جي ئي مهرباني هئي جو هُو ايا زنده هو. بهرحال انصاف جو مطلب هي ٿيو ته دولت ۽ طاقت کي نه چوريو وڃي. ان معاملي ۾ اخلاقيات جي اهميت آهستي آهستي گهٽجندي ويئي. اهوئي سبب هو جو جڏهن هُن آخري ويڙهاڪ کي ٽياس تي ٽنگجندي ڏٺو ته اُن ۾ هُن خدا جي حڪمن جي ڪابه تعميل ڪانه ڏٺي. حقيقت ۾ ڪيس ڪجهه احساس ئي ڪونه ٿيو.

پر ويڙهاڪ جي ذهن ۾ انصاف ۽ بي انصافي جا سوال موجود هئا ۽ اُهي سوال اُن بيهوشيءَ سان گڏ غلط سلط ٿي ويا هئا، جيڪا ايذاءَ ۽ صدمي جي ڪري مٿس طاري ٿي ويئي هئي. اُهي سوال سندس يادداشت جي بيشمار ڏاڪڻ سان گڏ غلط سلط ٿي ويا. سندس دماغ جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ اُن واقعي جي يادگيري صاف چٽي ۽ مڪمل طرح جيئري هئي، جنهنجو اشارو ڪراسس ڪيو هو.

ويڙهاڪن اِن کي انصاف پري ڳالهه سمجهيو هو پوءِ چاهي اهو ڪراسس هجي يا ان کان پوءِ (جڏهن غلامن جي ڪارنامن جي تاريخ انهن ماڻهن جي هٿان لکي ويندي جيڪي غلامن کان پي انتها نفرت ڪندا هئا ۽ انهن ماڻهن جي هٿان جن ماڻهن کي ان ڳالهه جي خبر ئي ڪانه هئي ته غلامن چا ڪيو هو). اهو چيو وڃي ٿو ته اُهي روسي فوج جي قيدين کي هڪبئي جي قتل ڪرڻ لاءِ چڏي ڏين ٿا ته جيئن

ويڑهاڪن جي لڙائيءَ جو بدلو وٺي سگهجي. تنهن ڪري اِها ڳالهه آخري هئي (جهڙي طرح آقا ان ڳالهه کي هميشه آخري ڪري ليکيندا آهن) ته جڏهن اقتدار استحصال ٽيندڙ ماڻهن جي هٿن ۾آيو، ته انهن به اُن ئي طرح استعمال ڪيو جيئن استحصالي استعمال ڪندا هئا ۽ اِها اُن شخص جي يادگيري هئي، جيڪو صليب تي لڙڪي رهيو هو. اهڙي طرح جو پيانڪ قتل عام دنيا ۾ ڪڏهن به ڪونه ٽيو هو جهڙي طرح ويڑهاڪن جو ٽيو..... اسپارٽيڪس ته فقط هڪ پيرو ڪاوڙ ۽ نفرت ۾ پرجي انهن ٻن روسي فوجي آفيسرن ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيو هو "توهان اُهو ڪريو جيئن اسين ڪندا هئاسين. اگهاڙا ٿي چاقو سنيالِيو ۽ واريءَ تي وڃو ته توهان کي خبر پوي ته اسين روم جي سربلندي ۽ اُن جي شهرين جي خوشي خاطر ڪيئن مرندا هئاسين."

اوڏي مهل يهودي اُتي خاموش ويٺو ٻڌي رهيو هو. جڏهن ٻئي رومي وٺي ويا. تڏهن اسپارٽيڪس هن ڏانهن ڏيان ڏنو. پر يهوديءَ پوءِ به ڪجهه ڪونه ڳالهايو. سندن وچ ۾ هڪ عظيم تعلق پيدا ٿي ويو هو. ڪيترن ئي سالن ۾، ڪيترن ئي جاين تي ڪاپوا کان فرار ٽيندڙ ويڑهاڪن جو هي نندڙو ٽولو گهٽجندي گهٽجندي ٻنهه ٽورو رهجي ويو هو ۽ غلامن جي عظيم فوج جي اڳواڻن جي حيثيت ۾ جيڪي مٺ جيترا ماڻهو باقي زنده بچيا هئا، سي پاڻ ۾ بنهه متحد هئا.

هاڻي اسپارٽيڪس يهوديءَ تي نظرون ڪيائي پڇيو "مون صحيح ڪيو آهي يا غلط؟"

"جنهن شيءِ کي هو صحيح سمجهن ٿا، سا اسان جي لاءِ ڪنهن به صورت ۾ صحيح ڪانهي."

"هنن ٻن کي ته وڙهڻ ڏيو."

"ها، جيڪڏهن تنهنجي خواهش آهي ته پوءِ کين هڪٻئي کي قتل ڪرڻ ڏيو. پر اِها سزا اسان کي وڌيڪ تڪليف پهچائيندي. اهو فعل اسان کي سُري وانگر اندران ئي اندر کائي ويندو. آءٌ ۽ تون ويڑهاڪ آهيون. اسان ٻنهي گهٽو وقت اڳ اهو چيو هو ته اسان جوڙن جي ويڑهه جي رڳو يادگيريءَ کي به دنيا مان ختم ڪري ڇڏينداسين."

"۽ پڪ سان اسان ائين ڪنداسين، پر هنن ٻنهي کي وڙهڻ ڏيو...."

تہ اِها هئي يادگيرين جي اُها زنجير، جيڪا تياس تي ٽنگيل شخص جي دماغ جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ جيئري هئي. ڪراسس سندس اکين ۾ نهاريو هو ۽ ان کي مصلوب ٿيندو ڏٺو هئائين. ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو هو. ڪراسس سمهڻ لاءِ گهر هل. وڃ ڏه ۽ ويڑهاڪ ڪلين جي ايذاءِ جي ڪري بيهوش ٽنگيو پيو هو.

[4]

پوري هڪ ڪلاڪ ڪا۽ پوءِ ويڙهاڪ کي هوش اچي ويو. ايذاءُ هڪ رستي وانگر هو ۽ هوش ان ايذاءَ جي رستي تي روان دوان هو. جيڪڏهن سندس سيني حواسن کي ڏهل مٿان چمڙي وانگر پکيڙيو وڃي تہ اُهو ڏهل هاڻي وڃايو پئي ويو. موسيقي برداشت ڪرڻ ڪاڻ ٻاهر هئي. ۽ هُو رڳو درد جي عَلم تي جاڳيو. درد جي دنيا ۾ هن کي ٻي ڪنهن ڳالهہ جي خبر ڪانہ هئي. ۽ سُور، درد ۽ ايذاءُ ڪُل ڪائنات هئي هن جي لاءِ. هُو پنهنجي ڇهن هزار ساٿين مان آخري هو، ۽ انهن جي پيڙاهہ ہ هُن جي پيڙاهہ جهڙي هئي. پر هُن جو پنهنجو سُور ايترو تہ شديد هو، ايترو تہ گهٽو هو جو اُن کي ورهايو نٿي ويو. هن پنهنجون اکيون ڪوليون پر سُور هڪ ڳاڙهي پردي جيان هو، جنهن کيس دنيا کان الڳ ڪري ڇڏيو هو.

سُور ورهايان سرتيون، جي ورهايا وڃن،
ٻيون کو ٻُجهن، جنهن سنڌا، تنهن ساميان. (شاهہ)

سندس سجاڳي ڪا هڪدم ڪانہ آئي هئي، پر اُها لهرن وانگر آئي هئي. جنهن گاڏيءَ کي هُو تمام چگي طرح سڃاڻندو هو سو هڪڙو ڇڪڙو هو. هُو هڪ گرجندڙ ڏڏڪا کائيندڙ ڇڪڙي ۾ ويهي واپس هوش ۾ پئي آيو ـ هُو جڏهن نندڙو هو تڏهن هڪڙي جابلو ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽ وڏا ماڻهو، پري کان آيل لاٽ صاحبَ، مهذب ماڻهو، اڇا اُجرا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڇڪڙن ۾ سواري ڪندا هئا، ۽ هُو جابلو رستي تان ڊوڙندو ڇڪڙن ۾ ويٺل ماڻهن کان خيرات گهرندو هو. "او سائين! او مالڪ! مون کي ٻہ گاڏي ۾ ڪٽي هلو." ڪير ٻہ سندس ٻولي ۾ ڪونہ ڳالهائيندو هو. پر ڪڏهن ڪڏهن هو هِن کي ۽ هن جي دوستن کي ڇڪڙي جي آخري حصي تي ويهڻ جي موڪل ڏيندا هئا. اُهي عظيم ماڻهو ڏاڍا سخي هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو هِن کي ۽ هن جي دوستن کي مٺائي ٻہ ڏيندا هئا. آڪا اُن وقت ڏاڍا ڪلندا هئا، جڏهن نندڙا، ڪاڙهي ۾ ڪڙهيل، ڪارن وارن وارا چوڪرا ڇڪڙي جي آخري حصن ۾ چهٽا پيا هوندا هئا. پر ڪڏهن ڪڏهن هو اوچتو گهوڙن کي چهبڪ هڻي انهن کي ڀڄائيندا هئا ۽ انهيءَ اوچتي تيز رفتاريءَ جي ڪري چوڪرا هوا ۾ اُڇري پري وڃي ڪرندا هئا. اولهہ کان آيل اُهي عظيم ماڻهو، ڪرندڙ ٻار کي ڏسي ڪلندا هئا، تهڪ ڏيندا هئا، اُهي ماڻهو سمجهہ ۾ نہ ايندڙ هئا. پر جڏهن ماڻهو ڇڪڙي تان ڪري پوي تہ تڏهن ڏاڍو سُور ٿئي ٿو.

پوءِ وري کيس احساس ٿئي ٿو تہ پاڻ هاڻ جابلو علاقي جو ٻار نہ پر صليب تي ٽنگيل مرد هو. هُن اُن ڳالهہ جو احساس پنهنجي ٻانهن ۾ ٿي ڪيو جتي نسون

گرم سفيد تاريون بنجي چڪيون هُيون ۽ سندس ٻانهن ۽ ڪلهن تان رت ڳڙي رهيو هو. هُو اُن جو احساس پنهنجي پيٽ ۾ ڪري ٿي سگهيو جتي سندس معدو ۽ آنڊا سُور ۽ چڪاءَ کان وٺجي رهيا هئا.

۽ جيڪي ماڻهو سندس تماشو ڏسي رهيا هئا، اُهي پنهنجي جوش ۾ ڪيس حقيقي ۽ غير حقيقي لهرون لڳي رهيا هئا. سندس نگاهه انهن تي پوري طرح ٻيهي نٿي سگهي. هُو چڱي طرح اکيون اٽڪائي ڏسي نٿي سگهيو. ۽ تماشو ڏسندڙن کي هُن عجيب آڏي ڏڏي شڪل ۾ ڏٺو، جيئن ڳِل آرسيءَ ۾ ماڻهوءَ جي شڪل ٿيڏي ڏسبي آهي. اُن جي ابتڙ ماڻهن ڏٺو ته ويڑهاڪ هوش ۾ پيو اچي. اُهي هن کي دلچسپي سان ڏسي رهيا هئا. جي ڪڏهن ٿياس تي ٽنگڻ جو ڪو ٻيو موقعو هجي ها ته هيترو ماڻهن جو ميڙ ڪونه ٿئي ها. چو ته صليب تي چاڙهڻ هاڻي روم ۾ عام رواجي ڳالهه ٿي ويئي هئي. چار سال اڳي جڏهن روم ڪارٿيج کي فتح ڪيو هو تڏهن انهن سيني فتح کيل شين مان بهترين شيون ڪٽي ورتيون هيون. اُهي شيون هُيون وڻ پوکڻ ۽ ماڻهن کي صليب تي چاڙهڻ. صليب ۽ ان تي ٽنگيل ماڻهو روم جي ماڻهن جي وٽندڙ وندر ٿي ويئي هئي ۽ هاڻي دنيا وساري ڇڏيو هو ته اُن جي شروعات ڪارٿيج کان ٿي هئي. تنهن ڪري صليب تي ٽنگڻ عالمي طور تهذيب جي علامت بنجي ويئي هئي. جيڏانهن جيڏانهن روم جا رستا ويا ٿي، اوڏانهن صليب ۽ وڻڪاري جو نظام بہ گڏوگڏ ويندو هو. جوڙن جي ويڑهه ۽ غلاميءَ ۾ انساني زندگيءَ جي بي پناهه بي عزتي ڪئي ويندي هئي، ۽ انسانيت جي رت ۽ پگهر مان سون کي نپوڙي ڪڍڻ جو شغل اوڏانهن ويندو هو.

پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ بهترين شيون بہ جهَڪيون ٿيو وڃن. جڏهن بهترين شراب ۾ پاڻي وڌو وڃي ٿو ته اُهو بہ هڪ اٿلندڙ پاڻياٽ ٿيو پوي ٿو ۽ هڪ ماڻهوءَ جو جذبو هزارن ماڻهن جي جذبن ۾ گم ٿيو وڃي ٿو. ڪوبہ ٻيو صليب ماڻهن کي گڏ ڪري نٿي سگهيو. پر هي موت چاڪاڻ ته هڪ هيري جو موت هو، هڪڙي ويڑهاڪ جو موت هو، اسپارٽيڪس جي هڪڙي ساٿيءَ جو موت هو. ويڑهاڪ جي ڪردار ۾ هميشه هڪ تضاد رهيو آهي. اهو غلام هوندو آهي جيڪو موت لاءِ نهيو آهي، وڙهڻ واري پُتلي آهي، بي عزتن مان بي عزت ترين آهي، پر پوءِ بہ ساڻئي وقت جنگ جي خوني ميدان جو زنده رهندڙ غازي بہ آهي.

تنهن ڪري اُهي ماڻهو اُن ويڑهاڪ کي مرندو ڏسڻ لاءِ هتي آيا هئا. هو اِهو ڏسڻ آيا هئا ته هُو ڪهڙي طرح اُن تجسس جو آدرياءُ ڪري ٿو جيڪو سموري انسان ذات جو گڏيل تجسس آهي ۽ اهو ڏسڻ ته جڏهن سندس هٽن ۾ ڪليون نوڪيون ويندیون ته هُو پاڻ کي ڪهڙي طرح هدايتون ڏي ٿو. هُو هڪ عجيب

انسان هو، جنهن پاڻ تي ماڻ مڙهي ڇڏي هئي. هُو اهو ڏسڻ آيا هئا تہ ڇا اُها ماڻ ٽوڙي سگهجي ٿي يا نہ. ۽ جڏهن ڪلين ٽوڪڻ وقت اُها ماڻ نہ ٽٽي، تڏهن هو اهو ڏسڻ لاءِ انتظار ڪرڻ لڳا تہ جڏهن هُو وري هوش ۾ اچي اکيون کوليندو تڏهن هيءَ خاموشي ٽٽندي يا نہ.

۽ اُها ماڻ ٽٽي پيئي. جڏهن هُن آخرڪار ماڻهن کي ڏسي ورتو، جڏهن منظر جون لهرون ترڻ بند ٿيون، تڏهن هُن رڙ ڪئي. اُها سُور ۽ پيڙاهہ جي اذيت ناڪ ۽ دهشتناڪ رڙ هئي.

سندس لفظ بظاهر ڪنهن جي سمجهہ ۾ ڪونہ آيا هئا، البت اُن باري ۾ افواهہ جام هئا تہ هُن انتهائي ايذايل آواز ۾ چا چيو هو. ڪن ماڻهن تہ سندس ڳالهائڻ يا نہ ڳالهائڻ تي شرط لڳايا هئا ۽ شرط جون رقمون رڳو اُن ڪري ڏنيون يا نہ ڏنيون ويون تہ چا هن ڪجهہ لفظ بہ ڳالهايا هئا يا رڳو ماتر ڪيو هو، يا هڪ غير ملڪي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو هو. ڪن چيو تہ هُن خدا کي ٻاڏايو هو. ٻين چيو تہ هُن پنهنجي ماءُ کي سڏڻ جي سس پس ڪئي هئي.

ليڪن ٻنهي مان ڪابہ ڳالهہ صحيح ڪانہ هئي. حقيقت ۾ هُن رڙ ڪئي هئي "اسپارٽيڪس! اسپارٽيڪس، اسين ناڪام ڇو وياسين؟"

[5]

جڏهن اسپارٽيڪس جو مقصد تاريخ جي گند جي ڍير ۾ ڪري پيو تڏهن معجزاتي طور تي انهن ڇهن هزار گرفتار ٽيل ماڻهن جا دل ۽ دماغ ٻاهر ڪڍي ماپيا ويا تہ جيئن صليب کان وٺي انهن سمورين تارن ۽ سُٽ جي ڳچن جي چندچاڻ ڪئي وڃي، جيڪي انهن کي هيستائين وٺي آيا هئا. جيڪڏهن ڇهن هزار ماڻهن جي زندگين جا نقشا ويهي ڪڍي سگهجن ها تہ اهو ڏسي سگهجي ها تہ ڪيترن ئي ماڻهن جو ماضي بنهہ هڪجهڙو هو. اُن لحاظ کان شايد آخر ۾ سندن پيڙاهون بہ الڳ الڳ ڪونہ هيون. اُها مصيبت هڪڙي گڏيل مصيبت هئي. ۽ جيڪڏهن آسمانن ۾ گهٽا خدا هجن ها يا هڪڙي خدا جو وجود هجي ها ۽ جيڪڏهن انهن جا لڙڪ برسات بنجي وسن ها تہ پڪ سان اهو مينهن ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪو نہ رُڪجي ها. پر اُن جي ابتڙ سڄ تڪليف کي سڪائي ڇڏيو ۽ پڪين گوشت کي پڻي ڇڏيو ۽ اهڙي طرح اُهي ماڻهو مري ويا.

موت جي حوالي ٿيندڙ هي آخري شخص هو. هُو سيني جي محنت جو هڙ حاصل هو. سندس دماغ انساني زندگيءَ جي مجموعي سان پريل هو. پر هڪڙي سُور ۽ پيڙاهہ جي وچ ۾ ماڻهو سوچي نٿو، پر يادگيريون دهشتناڪ واقعا بنجيو وڃن

ٿيون. سندس يادگيرين ۾ به تسلسل ڪونه هو. اُن ڪري جو انهن جي معنيٰ سواءِ درد جي عڪس جي بي ڪابه ڪانه هئي. پر سندس يادگيرين کي ترتيب ڏيئي هڪ قسم جو داستان بنائي سگهجي ٿو. سندس يادگيرين مان هڪڙي ڪهاڻي تلاش ڪري سگهجي ٿي، ۽ اُن صورت ۾ اُهو داستان هين جي داستان کان مختلف نه هوندو.

سندس زندگيءَ جا چار دؤر هئا. پهريون دؤر لاعلميءَ جو دؤر هو. ٻيو دؤر واقفيت جو دور هو. هي دؤر نفرت سان پريل دؤر هو، جنهن ۾ هُو نفرت جو مجسمو بنجي ويو هو. ٽيون دؤر اميد جو هو، جنهن ۾ سندس نفرت ختم ٿي ويئي هئي ۽ ڪيس پنهنجي سائي انسانن لاءِ محبت ۽ رفاقت جا جذبا نصيب ٿيا. چوٿون دؤر مايوسيءَ جو دؤر هو.

لاعلمي جي دؤر ۾ هُو هڪــڙو ننڍڙو ڇوڪرو هو ۽ ان وقت سندس چوڌاريءَ خوشي ۽ ايــرندڙ سج جا ڪرڻا پکڙيل هئــا. جڏهن صليب تي سندس دردناڪ دماغ ڪجهه ٽڏاڻ جي تلاش ڪئي ۽ اذيت کان پڄڻ چاهيو تڏهن ڪيس اُها ٽڏاڻ بالڪپڻي کي ياد ڪرڻ سان ملي. سندس ننڍپڻ وارا سرسبز جبل ٽڏا ۽ خوبصورت هوندا هئا. جابلو نهرون چمڪدار ۽ روح پرور هُيون. ۽ ڪاريون ٻڪريون جبل جي جهول ۾ چرنديون هيون. ٽڪرين کي محبت وارن هٿن سنپالي سجائي رکيو هو ۽ موتين وانگر جَوَ ۽ هيرن وانگر انگور ٽينڊا هئا. هُو جبلن جي جهول ۾ پيو ڪڏندو هو. نرم وارياسين چوٽين جي ترڪڻ تان ترڪندو هو ۽ عظيم خوبصورت گيليليءَ جي ڏنڊ ۾ ترندو هو. هُو هڪ آزاد، جهنگلي ۽ صحتمند جانور وانگر ڊوڙندو هو ۽ سندس پائر، پينرون ۽ دوست ملي هڪڙي اهڙي محفل ٺاهيندا هئا جن ۾ هُو آزاد هوندو هو، محفوظ هوندو هو ۽ خوش هوندو هو.

اُن دور ۾ به هُو خدا کي سڃاڻندو هو. سندس ننڍپڻ جي تصور ۾ خدا جو هڪ چٽو، واضح ۽ آخري خاڪو موجود هو. جيئن ته هُو جابلو ماڻهو هو، تنهن ڪري انهن خدا کي هڪ اهڙي جبل جي چوٽيءَ تي ويهاري ڇڏيو هو، جنهن تي ڪوبه انسان نٿي چڙهي سگهيو. جبل جي سڀ کان بلند چوٽيءَ تي خدا رهندو هو، جتي اڄ ڏينهن تائين ڪوبه انسان پهچي ڪونه سگهيو هو. خدا اُتي بلڪل اڪيلو رهندو هو. ان وقت خدا اڪيلو هوندو هو ۽ ان جو ڪوبه شريڪ ڪونه هوندو هو. خدا هڪ پوڙهو ماڻهو هو، جيڪو وڏيڪ پوڙهو نٿي ٿي سگهيو. سندس ڏاڙهي سندس ڇاتيءَ تان ٽيندي هيٺ تائين اهڙي طرح پکڙي پيئي هئي جو ان مان ڪڪر ٿهي ٿي پيا ۽ اڪ چنبي ۾ آسمان کي ڍڪي ٿي ڇڏيائون. هُو هڪ سچو پچو خدا هو ۽ هُو ڪڏهن ڪڏهن رحمدل به ٿي پوندو هو نه ته هميشه ساڙيلو، ڪينو رکندڙ ۽

بدلو ونندڙ خدا هو. اِن ننڍڙي چوڪري کي ايتري خبر هئي. چوڪرو صبح شام خدا جي نظر ۾ هو. هُو جيڪو ڪجهه ڪندو هو سو خدا ڏسندو هو ۽ جيڪو هُو سوچيندو هو، تنهن جي به خدا کي خبر هئي.

هُو مؤمن ماڻهن جي وچ ۾ جائو هو ۽ خدا انهن جي زندگيءَ اندر ۽ ٻاهر ائين ڳنيو پيو هو جيئن ڏاڍو سلائيءَ مهل ڪپڙي جي اندر ۽ ٻاهر سبيو پيو هوندو آهي. جڏهن هو پنهنجا ڏڻ چارينڊا هٿا تڏهن هو ليڪدار ڊگها چوغا پائيندا هٿا. ان چوغي جي هر جهالر سندن دلين ۾ خدا جي جلال ۽ احترام جو نظارو هئي. هُو صبح ۽ شام خدا جي عبادت ڪندا هٿا. جڏهن هُو ماني کائڻ ويهندا هٿا ته خدا جو شڪر ادا ڪندا هٿا. جڏهن هو شراب جو هڪ گلاس پيئندا هٿا تڏهن خدا جو شڪر ادا ڪندا هٿا. ايتريقدر جو جڏهن متن کا مصيبت ۾ نازل ٿيندي هئي، تڏهن ۾ هو خدا جو شڪر ادا ڪندا هٿا ته جيئن خدا اهو نه سمجهي ته ڪو هو اُن مصيبت تي ناراض آهن ۽ متان نه تڪبر ڪري ويهن.

تنهن ڪري اِها تعجب جي ڳالهه ڪانه هئي ته اهو چوڪرو، جو هاڻي هڪ مرد ٿيڻ ڇڪو هو ۽ صليب تي ٽنگيو پيو هو، سو خدا جي وجود ۽ اُن متعلق جاڻ سان پريو پيو هو. اهو چوڪرو خدا کان ڊڄندو هو ۽ سندس خدا اهو ۽ اهڙو جنهن کان ڊڄي وڃبو هو. پر اهو خوف سڄ جي تازگي بخشيندڙ شعاعن، جبلن ۽ جابلو ندين جي ٽڏڪار ۽ محض هڪڙو ننڍڙو ساز هو. چوڪرو ڊوڙندو ٽپ ڏيندو هو، ڪلندو ڳائيندو هو، ردون ٻڪرريون چارينڊو هو ۽ وڏن چوڪرن کي تکن چاڪوئن کي اُڇلينڊو ڏسندو هو، جيڪي فخر سان سندن پاسي ۾ لڳا پيا هوندا هٿا. ونس ۾ هڪ ڪاٺ جو ٿهيل چاقو هو. هُو اڪثر ڪري پنهنجي پائرن ۽ دوستن سان ان چاقوءَ سان چاقو هلائڻ جو نقلي مقابلو ڪندو هو.

جيڪڏهن ڪڏهن هُو سنو مقابلو ڪندو هو ته وڏا چوڪرا رشڪ سان ڪنڌ لوڏي چوندا هٿا "واهه واهه! ننڍڙا باندر، تون ته هڪ ٽريشين آهين!" ٽريشين کي سيني خرابين ۽ لڙائين جو مجموعو تصور ڪيو ويندو هو. تمام گهٽو وقت سندن سرزمين تي کي پاڙي جا قاتل آيا هٿا. انهن ٻاهرين يلغار ڪندڙن کي ڊوڙائي واپس ڪرڻ ۾ ڪ ٽرائي سال لڳا هٿا. انهن قاتلن کي ٽريشين چيو ويندو هو. پر اُن ننڍڙي چوڪري ڏڏهن ۾ ڪنهن ٽريشين کي ڪونه ڏٺو هو.

هُو ان ڏينهن جو انتظار ڪندو هو، جڏهن هُو پنهنجي پاسي ۾ هڪ چاقو هڻي هلندو ته جيئن سڀ ماڻهو ڏسن ته هُو ڪيئن نه هڪ ٽريشين وانگر غضبناڪ بهادر آهي. پر پوءِ به هُو هڪ تمام گهٽو دهشتناڪ ڪونه هو. هُو هڪ شريف چوڪرو هو، هڪ ڪلندڙ مسڪرائيندڙ چوڪرو.

اهو دؤر ناسمجهيءَ جو دؤر هو.

سندس زندگيءَ جي ٻئي دؤر يعني سمجهه ۽ شعور جي دؤر ۾ هاڻي هُو هڪ ننڍڙو چوڪر ڪونہ رهيو هو ۽ برف جهڙي جميل ٺڏي هوا جي جاءِ سج جي هر طرف پکڙجندڙ شعاعن اچي والاري هئي. اُن وقت هُن پنهنجي چوڌاريءَ نفرت جو چوغو ويڑهي چڏيو تہ جيئن پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي. هي هڪ اهڙو دؤر هو جو اڄ صليب تي لٽڪندي به اُن دؤر جون يادگيريون سندس دماغ ۾ گهرو درد پيدا ڪندڙ چاقوءَ سان حملا ڪري رهيون هيون. اُن سُور ۽ پيڙاهہ سان لاڳاپيل يادگيريون وحشي، آڏيون ڦڏيون ۽ خوفناڪ هُيون. هُن پنهنجي زندگيءَ جي ٻئي دؤر کي انهن ماڻهن جي چولين ۾ ڏٺو جيڪي اڄ سندس تماشو ڏسڻ لاءِ ٻيٺا هئا، هُن اُن دؤر کي ماڻهن جي چهرن ۾ ڏٺو، انهن جي آوازن ۾ ڏٺو. هُن ور ور ڏيئي پنهنجن حواسن تي ضبط ڪيو ٿي ۽ ور ور ڏيئي يادگيريون کيس سندس ٻئي دؤر يعني شعور جي دؤر ۾ ڏڪي ٿي ويون.

اُن دؤر ۾ کيس شين جي جاڻ سيجاڻپ ٿي ۽ اُن جاڻ ۾ سندس هالڪپڻ ختم ٿي ويو. هُو پنهنجي پيءُ کي سجاڻ لڳو، جيڪو سانوري رنگ جو هڪ سخت محنتي ماڻهو هو. هُو صبح کان شام تائين محنت ڪندو هو پر پوءِ اُهو پورهيو ڪڏهن بہ ڪافي ثابت ڪونہ ٿيو. کيس غمن جي سُڌ پيئي. سندس ماءُ مري ويئي ۽ هُو اُن وقت تمام گهڻو رُنو هو. کيس انهن ٽيڪسن جي خبر پيئي، جيڪي وٽانئن اڳاڙيون هُيون ۽ تنهن ڪري پٽس چاهي ڪيترو بہ پورهيو ڪري تہ بہ رڳو پيٽ ڀرڻ لاءِ بہ پورو ڪونہ هو، حالانڪ زمين تمام پلي هئي. کيس اُن گهري وچوٽيءَ جي جاڻ پيئي جيڪا امير ڪي غريبن کان جدا ڪندي هئي.

آواز ساڳيا پهرين جهڙا هئا. فرق رڳو هي هو تہ هاڻي اِهي آواز هُو ٻڌندو هو ۽ سمجهندو هو، پر پهرين هُو رڳو آواز ٻڌندو هو پر سمجهندو ڪونہ هو. هاڻي جڏهن وڏن ماڻهن ٻگالهايو ٿي تہ کيس ٽورو پريان بيهي ٻگالهيون ٻڌڻ جي اجازت هئي، پر پهريائين کيس ٻاهر وڃي راند ڪڏڻ لاءِ چيو ويندو هو.

ٻيو تہ کيس هڪ چاقو ڏنو ويو هو. پر چاقو پاڻ سان ڪابہ خوشي ڪٽي ڪونہ آيو هو. هُو هڪ ڏينهن پٽس سان گڏجي جبلن جي ٻئي پار ويو هو. هو پورا پنج ميل هليا هئا، جتي هڪ لوهار رهندو هو. جتي هو پورا ٿي ڪلاڪ بڻيءَ جي پاسي ۾ ويٺا هئا ۽ پوءِ لوهار کيس هڪ چاقو ناهي ڏنو هو. اُهو سمورو وقت پٽس ۽ لوهار غمن ۽ ڏکن جا داستان ڏهرائيندا رهيا، جيڪي سندن سرزمين تي مُسلط ڪيا ويا هئا ۽ جن غريب ماڻهن کي نپوڙي چڏيو هو. ائين ٻئي لڳو جڻ سندس پيءُ ۽ لوهار پاڻ ۾ مقابلو ڪري رهيا هئا تہ منجهانئن ڪير وڌيڪ تباهہ ۽ برباد ٿيل آهي.

"هن چاقوءَ جو ئي ڪٽي مٽال وٺ" لوهار چيو. "آءٌ توکان اِن جا چار ديناري ونان ٿو. انهن مان هڪ ديناري عبادت گاهه جو مُلو اچي وڻي ويندو. هڪڙو ديناري محصول وٺڻ وارو اچي ڪٽي ويندو. اهڙيءَ طرح مون وٽ باقي به ديناري بچيا. پر جيڪڏهن مون کي ٻيو چاقو ناهڻو پيو تہ لازمي طرح مون کي اِهي ٻه ديناري لوهه خريد ڪرڻ تي ڏيڻا پوندا. تہ پوءِ منهنجي محنت جو معاوضو مون کي چا مليو؟ ۽ وري مون کي ڏنوَڻ وٺڻي ٿي پوي ۽ چاقوءَ جو ڳڻ ٻه. گڏوگڏ پنهنجن هارن لاءِ ماني ٻه. پر جيڪڏهن آءٌ پنج ديناري وصول ڪريان تہ پوءِ سمورو خرچ نڪري ايندو. پر پوءِ مون کان چاقو ڪير ٻه ڪونہ ڏهرائيندو. چو تہ ٻيو لوهار گهٽ قيمت تي چاقو ناهي وينو ڏي. توتي تہ وري خدا وڏيڪ راضي آهي. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو پيٽ گذر تہ تون زمين مان حاصل ڪرين پيو ۽ تنهنجو پيٽ تہ پريل هوندو آهي."

چوڪري جي پيءُ جا دليل وري ٻيا هئا. "تو وٽ تہ وري ٻه گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ پئسا روکڙ تہ آهن. منهنجو معاملو تہ بنهہ چٽ آهي. آءٌ جَوَ پوکيندو آهيان ۽ انهن جون ٻوربون پريندو آهيان. اُهي جَوَ هيرن وانگر چمڪندڙ هوندا آهن. اسين خدا جو شڪر ادا ڪندا آهيون تہ اسان جا جَوَ ٽلها ۽ سهٽا ٿين ٿا. جنهن وٽ ايترو اَن موجود هجي، ان کي ٻلا ڪهڙي تڪليف ٿي سگهي ٿي؟ پر مُلو اچي وڃي ٿو ۽ اَن جو چوٿون حصو عبادتگاهہ لاءِ ڪٽي وڃي ٿو. پوءِ دِل وٺڻ وارو اچي ٿو ۽ چوٿون حصو اهو ڪٽيو وڃي ٿو. آءٌ اُن جي اڳيان منٿون ڪريان ٿو، آزيون نيزاريون ڪريان ٿو ۽ ڪيس ٻڌايان ٿو تہ آءٌ انهن جَوَن مان پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ گذر ڪريان ٿو. پر هُو چوي ٿو تہ سياري ۾ پنهنجا جانور ڪُهي ڪائجو. ۽ پوءِ جڏهن اُهو وقت اچي ٿو تڏهن نہ گوشت هوندو آهي ۽ نہ ئي اناج ۽ ٻچڙا بکن ۾ ٻُل ٻيا ڪائيندا آهن. پوءِ اسين پنهنجو تيرڪمان ڪٽي باقي بچيل هرڻن جي باري ۾ پيا سوچيندا آهيون. پر اُهو گوشت به يهودين لاءِ تيستائين حرام آهي. جيستائين ڪو ملٿون اُن تي ٿيٽو وجهي. تنهن ڪري اسان تہ گذريل سال پنهنجو ملٿون يروشلم موڪلي ڇڏيو هو تہ جيئن اُتي وڃي اُتي جي ماڻهن کي سمجهائي. اسان جو ملٿون هڪ سنو ماڻهو آهي. سندس بک اسان جي بک هوندي آهي. پر هُو پنجن ڏينهن تائين اُتي انتظار ۾ ٻيو رهيو تہ جيئن وڏو پيشوا کيس ملاقات جو شرف بخشي. پوءِ پيشوا سندس دليل ناخوشگواريءَ وچان ٻڌا ۽ انهن کي رد ڪري ڇڏيو. ان سموري عرصي دوران کيس مانيءَ جو گرهہ به ڪونہ کارايو ويو. هن کيس جواب ڏنو تہ "تنهنجي هيءَ هاءِ گهوڑا ڪڏهن ختم ٿيندي؟ تنهنجا هاري سست آهن، ڪم چور آهن. هو تہ رڳو آرام سان ٽڙکي تي سمهڻ چاهين ٿا ۽ هڪيو تڪيو ڪائڻ چاهين ٿا. انهن ۾ پورهئي ڪرڻ جي عادت وجهہ تہ جيئن وڏيڪ جَوَ اُپائي سگهن." هيءَ آهي انهن جي نصيحت. پر هاري

وڏيڪ زمين ڪٽان آئين، جنهن تي وڏيڪ پوک ڪن. پر جيڪڏهن اسان کي وڏيڪ زمين ملي ٻه وڃي ۽ اسين وڏيڪ پوک پوکيون ٻه ڪٽي ته خبر اٿئي ته اسان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويندو؟"

"مون کي خبر آهي ته چا ٿيندو؟" لوهار چيو "پچاڙيءَ ۾ توهان وٽ ڪجهه ۽ ڪونه بچندو. هميشه ڪان ائين ئي ٿئي پيو. غريب اڃا ٻه وڏيڪ غريب ٿيندو وڃي ۽ امير امير تر ٿيندو وڃي."

سو جڏهن چوڪري چاتو پئي ورتو، تڏهن اُتي اِهي ڳالهيون ٿيون هُيون. پر گهر ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه آيو. شام جو گهر پاڙيوارا پٽس وٽ آيا جتي هڪڙي ئي ڪمري ۾ سڄو خاندان رهندو هو. هو اتي ئي ويهي رهيا ۽ دير تائين ڳالهائيندا رهيا. هڪڙي ماڻهوءَ لاءِ جيئڻ ڪيترو جنجال آهي ۽ سندن حياتيون ڪيڏيون نه اذيتناڪ آهن ۽ ڪهڙي طرح کين ٻيٽو ٽيٽو ڦريو لٽيو وڃي ٿو ۽ اُها ڦرلٽ ڪيستائين جاري رهندي ۽ چا ڪنهن پٽر کي نپوڙي رت ڪڍي سگهجي ٿو؟

ٽياس تي ٽنگيل شخص اِهو ڪجهه سوچي رهيو هو ۽ يادگيرين جون تيرن جهڙيون ٽوليون هُيون جيڪي سندس ذهن، تڪليفن ۽ رنج ۽ غم سان جُڙيون پيون هيون. پر جيئن ته هُو عذاب ۾ هو ۽ جيئن ته درد چوليءَ جي صورت ۾ ناقابل برداشت حد تائين وڌندو ٿي ويو ۽ وري چوليءَ وانگر ئي گهٽجي برداشت ڪرڻ جيترو ٿي ٿي ويو، پر پوءِ هُن زنده رهڻ ٿي چاهيو. زندگي ٻه ڪهڙي نه قوت هوندي آهي! زندگيءَ ۾ ڪهڙي نه چڪ آهي! ماڻهو پنهنجي بقا جي لاءِ چا ڪجهه نٿو ڪري وڃي!

پر ڪيس خبر ڪانه هئي ته ائين چو آهي؟ پنهنجي انهيءَ اذيت ۽ پيڙاهه دوران هُن خدا کي ڪونه پڪاريو. چاڪاڻ ته خدا وٽ اُن جو جواب ڪونه هو، وضاحت ڪانه هئي. ڪيس هاڻي وڏيڪ ڪنهن هڪ خدا يا تمام گهڻن خدائن تي ايمان ڪونه رهيو هو. سندس زندگيءَ جي اِنهيءَ دؤر ۾ خدا سان سندس تعلقات بدلجي ويا هئا. خدا رڳو اميرن جون دعائون ٻڌندو هو.

تنهن ڪري هُن خدا کي ڪونه پڪاريو. امير ماڻهو صليبن تي ڪونه چاڙهيا ويندا هئا، پر هُن جي ته سموري حياتي صليب تي گذري هئي ۽ سندس هٿن ۾ ڪيلون ته ازل کان ابد تائين لڳيون پيون آهن. اِهوئي حال بين جو هو. اهوئي حال سندس پيءُ جو رهيو هو. سندس دماغ ۾ خوبصورت ۽ جامع چوليون هاڻي گڙٻڙ ٿي ويون هُيون. جڏهن هُن پنهنجي پيءُ جو صليب تي ٽنگجڻ ياد ڪيو، تڏهن سندس دماغ ۾ به ماڻهو يعني پاڻ ۽ سندس پيءُ پاڻ ۾ رلي ملي ويا. هُن پنهنجي بي حال ۽ مظلوم دماغ تي ياد ڪرڻ لاءِ زور وڌو ته سندس پيءُ جو ڪهڙو ڏوهه هو. تڏهن

ڪيس اهو وقت ياد آيو جڏهن محصول وصول ڪرڻ وارا آيا هئا ۽ خالي هٿين موٽايا ويا هئا. ڪيس اهو وقت ياد آيو جڏهن عبادت گاهه جا مُلان آيا ۽ اُهي به خالي هٿين موٽايا ويا.

اُن کان پوءِ خوشيءَ جي هڪڙي ساهي آئي. سندس هيرو 'جوباس' جي يادگيري بهار جي هيرَ وانگر مسڪرائيندي سندس ذهن تي تري آئي: جنهن وقت اُن جي خلاف پادرين طرفان موڪليل پهريون فوجي دستو پهتو تڏهين جابلو هارين پنهنجا تير ڪمان ۽ چاقو سنڀاليا ۽ فوج کي تباهه ڪري ڇڏيو. هُو پاڻ اُن جنگ ۾ شامل هو. چوڏهن سالن جي ننڍيءَ عمر ۾ ئي هُن پنهنجو چاقو استعمال ڪيو هو. هو پنهنجي پيءُ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهيو هو ۽ فتح جو مزو ماڻيو هئائين.

پر فتح جو اهو نشو گهڻو پائيدار ثابت ڪونہ ٿيو. گيليليءَ جي باغين جي خلاف پاڙي تي آندل سپاهين جو هڪ وڏو ڳاڻيٽو 'ڪاهو ساهو Left - Right' ڪندو اچي پهتو. اهڙن سپاهين جي خريداريءَ لاءِ عبادتگاهه جي خزانن ۾ سون جا اهڙا اهڙا ڪوهه موجود هئا جن جو ڪو پرو پاند ڪونہ هو. پلا اڳهاڙا نانگا هاري فقط چاقوئن سان ايڏي وڏي فوج جو مقابلو ڪٽي ٿي ڪري سگهيا! هارين هارايو ۽ ٻه هزار هاري قيدي بنايا ويا. انهن مان نوَ سؤ ماڻهن کي صليب تي چاڑهڻ لاءِ چونديو ويو. اهو مهذب طريقو هو، اهو طريقو اولهه وارن ملڪن جو طريقو هو ۽ جڏهن جبلن جي آڙ ۾ هاري تسبيح جي دائن وانگر صليبن تي پُوتا ويا تڏهن عبادتگاهن جا پادري تماشو ڏسڻ لاءِ پنهنجي عبادتگاهن مان ٻاهر نڪري آيا. انهن سان رومر جا صلاحڪار ٻه گڏ هئا ۽ ڊيوَڊ نالي هڪڙو چوڪرو بيهي پنهنجي پيءُ کي ڏسي رهيو هو، جنهن کي صليب تي ڪلين سان ٺوڪي قابو ڪيو ويو هو، ۽ جيڪو اُن وقت تائين ٽنگيو پيو هو جيستائين پڪين سندس سمورو گوشت ڪائي ختم ڪري ڇڏيو.

۽ هاڻي هُو خود صليب تي ٽنگيل هو. جهڙيءَ طرح شروعات ٿي هئي، ساڳي طرح خاتمو ٿيو هو. ۽ هُو ڪيترو نہ ٽڪي پيو هو، هُو ڪيڏي نہ درد ۽ پيڙاهه، رنج ۽ غم سان پريل هو! صليب تي جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو (وقت، جنهن جو اُن وقت سان ڪوبہ تعلق ڪونهي جنهن وقت جي انسان کي خبر هوندي آهي. چاڪاڻ تہ صليب تي ٽنگيل انسان، انسان ڪونہ ٿو رهي) هُو پنهنجو پاڻ کان سوالن جو اڻ کٽندڙ سلسلو پڇندو رهيو تہ ان زندگيءَ جي معنيٰ ڪهڙي آهي جيڪا عدم کان اچي ٿي ۽ عدم ڏانهن هلي وڃي ٿي؟ اُن زندگيءَ تي هاڻي سندس اختيار ڪونہ رهيو هو، جنهن هيستائين ڪيس زنده رکيو هو. هاڻي هُن پهريون پيرو مرڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري هئي.

(اسپارٽيڪس ڪيس چا چيو هو؟ "ويڙهاڪ! زندگيءَ سان پيار ڪر. چو تہ

هر سوال جو جواب اِهائي زندگي آهي." پر اسپارٽيڪس ته مري چڪو هو ۽ هُو ايا تائين جيئرو هو.)

هُو هاڻي بنهه ٽڪي پيو هو. ٽڪِ پيڙاهه سان وڙهي رهيو هو. اهڙي طرح سندس يادگيرين جا پاڇولا بي پناهه ٽڪاوٽ جو اظهار هئا. بغاوت ناڪام ٿيڻ کان پوءِ ٻين ست سؤ چوکرن سان گڏ سندس ڇڪيءَ ۾ به نيئر پهرايا ويا ۽ کين اتر طرف نيو ويو هو. هو کيتري دير تائين هلندا رهيا! ميدان، صحرا ۽ جبلن کي پار ڪندا هو اُن جاءِ تي پهچي ويا جتي گيليليءَ جا ساوا ستابا جبل ڇڻ ته بهشت جو خواب بنجي چڪا هئا. هتي سندن آقا ته بدلجي ويا هئا پر چهبڪ اُهوئي ساڳيو هو. ۽ پوءِ هوُ نيٺ اهڙي جاءِ تي پهتا جتي جا جبل گيليليءَ جي جبلن کان تمام اوچا هئا ۽ جتي جبلن جون چوٽيون سڄو سال برف سان ڍڪيون پيون هونديون هُيون.

۽ اُتي کيس زمين اندر ڏکي ڇڏيو ويو ته جيئن ٽامون کوٽي کڍي. ٻن سالن تائين هُن ٽامي جي کاڻين ۾ پورهيو کيو. سندس ٻئي ياٽر، جيکي ساٿس گڏ هئا، مري ويا. پر پاڻ جيئرو رهيو. سندس جسم جٽڪ رُکَ جو ٺهيل هو. ٻيا ڪمزور ٿي ويا، انهن جا ڏند ڪري پيا. هو بيمار ٿي پيا ۽ پنهنجون زندگيون پوريون ڪري ڇڏيائون. پر هُو زنده رهيو ۽ ٻن سالن تائين کاڻين ۾ ڪم ڪندو رهيو.

۽ پوءِ هُو اُتان پڇي ويو. هُو جبلن ۾ پڇي ويو پر غلاميءَ جو طوق ايا تائين سندس ڇڪيءَ ۾ موجود هو. پوءِ جبلن جي سادن سودن ۽ 'بي حال' قبائلين کيس پڪڑي ورتو، کيس پناهه ڏنائون، سندس ڇڪيءَ مان طوق لاٿائون ۽ کيس پاڻ سان گڏ زندگي گذارڻ جي اجازت ڏنائون. هُن سڄو سيارو انهن حليم ۽ نيڪ انسانن جي وچ ۾ گذاريو. هو بنهه مهربان انسان هئا. هو مسڪين ماڻهو شڪار ڪري پيٽ گذر ڪندا هئا. هُن سندن بولي سکي. هنن چاهيو ٿي ته هُو ساٿن گڏ رهي ۽ انهن جي ڪنهن عورت سان شادي ڪري. پر هُن جي دل ته گيليليءَ ۾ رهجي ويئي هئي. ۽ جڏهن سياري کان پوءِ بهار آيو تڏهن هُو ڏکڻ طرف روانو ٿي ويو. پر پارس جي سوداگرن جي هڪڙي ٽوليءَ کيس گرفتار ڪري ورتو، ۽ پوءِ کيس اولهه طرف ويندڙ غلامن جي هڪ قافلي وٽ وڪٽي ڇڏيائون. پوءِ کيس 'ٽائر' شهر ۾ نيلام ڪيو ويو. ٽائر شهر مان سندس اباڏو وطن ڏسڻ ۾ پيو ايندو هو. اُن وقت سندس دل ڏري ڏيون ڏيون ٿي پئي هئي. اوڏيءَ مهل هُن کيڏا نه تلخ لڙڪ ڳاڙيا هئا. سندس گهر، مٽ مائٽ ۽ کيس پاڻهه وچان پاڪر پائيندڙ ماڻهو سندس کيترو نه ويجهو هئا پر آزادي پوءِ به کيترو نه پري هئي. کيس هڪ واپاريءَ خريد ڪري ورتو ۽ کيس نيئر پارائي چپوئن واري هڪ جهاز ۾ ٻڌي ڇڏيو ويو، جيکو سسليءَ جي بندرگاهن ۾ واپار ڪندو هو. هُن پورو هڪ سال اُن ٻنل اونداهيءَ ۾ ۽ پوسل

واري گندگيءَ ۾ ويهي گذاريو ۽ سمنڊن ۾ ويهي ڇپو هلائيندو رهيو.

پوءِ جهاز کي ساموندي ڏاڙيلن اچي ڦريو ۽ هُن کي گهريندا مٽي عرشي تائين وٺي آيا. هُو ڪُوندڙ چهري وانگر سڄ جي روشنيءَ ۾ اکيون مچڪائي رهيو هو. وحشي يوناني ملاحن سندس جهاڙو ورتو ۽ ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪيائون. واپاريءَ ۽ سندس عملي کي اُتي جو اُتي سزا ڏني ويئي ۽ کين گاهه جي پرين وانگر هيٺ سمنڊ ۾ اڇليو ويو. پر غلامن جي جانچ پڙتال ڪئي ويئي ۽ هر هڪ کان واري واري سان پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي. "ڇا توهين رڳو ڇپو هلائڻ ڄاڻو ٿا يا وڙهڻ به ڄاڻو ٿا؟"

هُو گندگي، اونڌاهيءَ ۽ بدبوءَ کان ايترو ته ٻنل هو، جيئن هُو شيطان کان ڊڄندو هو. هن جواب ڏنو نه "آءٌ وڙهي سگهان ٿو، مون کي رڳو هڪڙو موقعو ڏيو." هُو اُن وقت سموريءَ فوج سان وڙهي سگهيو ٿي، شرط رڳو اِهو هو ته کيس هيٺ ڇپو هلائڻ لاءِ ٻيهر نه موڪليو وڃي. تڏهن هُنن کيس جهاز جي عرشي تي لٽن ۽ مُڪن جي وسڪاري ۾ ۽ گارين جي ڏوڙيئي ۾ سمنڊ جو فن سيکاريو. جهاز جي سڙهه کي ڪهڙي طرح ويڙهيو وڃي ٿو ۽ هڪ ٽيهه فوٽ ڊگهي ڪاٺ تي ڪيئن سڙهه چاڙهي ۽ موڙي سگهجي ٿو. ڪيئن رسو ڪاٽيو وڃي ٿو ۽ رات جو تارن ذريعي رستو ڳولي سگهجي ٿو. رومي ڏاڙيلن سان سندس پهرين مٺ پيڙ ۾ هُن پنهنجي صلاحيتن جو پرپور مظاهرو ڪيو ۽ مهارت سان چاقو استعمال ڪري کين حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. اُن واقعي کيس اُن دهشتگرد ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گروهه ۾ هڪ محفوظ جاءِ عطا ڪئي، پر سندس دل خوش ڪانه هئي. هُو انهن ماڻهن کان نفرت ڪرڻ لڳو جيڪي صرف قتل ۽ غارت، ظلم ۽ موت جي راند ڏي ڄاڻندا هئا. اِنهن ڏاڙيلن ۽ اُنهن سپاجهڙن هارين ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق هو. جن سان هُن پنهنجو ننڍپڻ گذاريو هو. اُهي ماڻهو ڪنهن به خدا کي ڪونه مڃيندا هئا، ايتريقدر جو سمنڊ جي يوناني ديوتا کي به ڪونه مڃيندا هئا. جيتوڻيڪ خدا تي سندس پنهنجو عقيدو پڻ ڊانواڊول ٿيندو پئي ويو، پر سندس زندگيءَ جا بهترين سال انهن ماڻهن سان گڏ گذريا هئا، جيڪي خدا کي مڃيندا هئا. جڏهن هو ڪنهن ڪناري تي حملو ڪندا هئا تڏهن سندن ڪم قتل ڪرڻ، گهرن کي باهه ڏيڻ ۽ معصوم نياڻين جي زوريءَ عزت لُٽڻ هوندو هو.

اِهوئي وقت هو، جڏهن هُن پنهنجي چوڌاريءَ هڪ مضبوط پت اُڀي ڪري ڇڏي هئي ۽ هو اُن ديوار جي اندر رهڻ لڳو. سندس شيرين اکين ۽ شِڪري جي نڪ واري چهري مان جوانيءَ جون نشانيون گم ٿيڻ لڳيون هُيون. کيس ارڙهن سالن جي عمر ۾ اُن گروهه ۾ شامل ڪيو ويو هو، پر سندس شڪل اهڙي ٿي ويئي هئي

جنهن مان سندس عمر جو اندازو ڪوڻ ٿي ٿي سگهيو. سندس متي تي وارن جي ڪاري چَٽ ۽ سفيد تارون چمڪڻ لڳيون هيون. هُو پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿي ويو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هُو سڄي هفتي ۾ هڪ لفظ به ڪوڻ ڳالهائيندو هو. هُن هِن کي چڏي ڏنو ۽ ڪيس ڪجهه به ڪوڻ چوندا هئا. چاڪاڻ ته هن کي خبر هئي ته هُو ڪهڙي طرح وڙهي سگهي ٿو، تنهن ڪري هو ڪانئس ڊڄندا هئا.

هُو هڪڙي خواب جي آڌار تي جي رهيو هو. اهو خواب هُن لاءِ بقا جو ضامن هو. اهو خواب هن لاءِ شراب جي نشي وانگر هو، جنهن ۾ مست ٿي هُو پيو جيئندو هو. اهو خواب هي هو ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن، جلدي يا دير سان، هو فلسطين جي ڪنارن تي ضرور ترسندا ۽ تڏهن هُو اتان ماڻ مڻيءَ ۾ ڪسڪي ويندو ۽ پاڻيءَ مان تري ڪناري تي پهچي ويندو، جتان پيرين پنڌ وڃي پنهنجي محبوب وطن گيليليءَ ۾ پهچندو. پر ٽي سال گذري ويا، مگر اهو ڏينهن اڃا ڪوڻ آيو هو. پهريائين هن آفريقي ڪنارن تي حملا ڪيا، ۽ پوءِ سمنڊ پار اٽليءَ جي ڪنارن تي. هو اسپين جي ڪنارن تي ڪاهي پيا. انهن رومي محلاتون سازي ڇڏيون، مال ملڪيت ۽ عورتون ڦري لُٽي ڪٽي ورتيون. پوءِ هن ٻيهر سمنڊ پار ڪيو ۽ سجو سيارو هرڪيولس جي ٿنڀين وٽ بلند ديوارن واري شهر ۾ گذاري ڇڏيو. پوءِ هن جبرالٽر پار ڪيو ۽ برطانيہ اچي پهتا. اُتي هن پنهنجو جهاز ڪناري سان لڳائي ڇڏيو ۽ اُن جي مرمت ۽ صفائي ڪرائي. پوءِ هو آئرلينڊ هليا ويا، جتي هن قبائلي ماڻهن کان سون جي زيورن جي بدلي ۾ ڪپڙا ۽ ضرورت جون ٻيون شيون ورتيون. پوءِ هو گال ويا ۽ فرانس جي ڪنارن جي خبر لهندا، ٻيهر موٽي آفريڪا پهچي ويا. اهڙي طرح ٽي سال گذري ويا پر هو سندس ابائي وطن جي ڪناري تي ڪوڻ پهتا. پر سندس خواب ۽ اُميد سائس گڏ رهيا.

ان عرصي دوران، هُن گهٽو ڪجهه سکي ورتو هو. هن کي اها خبر پيئي ته سمنڊ هڪ رستي وانگر هوندو آهي، جنهن تي زندگي ترندي رهي ٿي، بلڪل ساڳيءَ طرح جيئن بدن ۾ رت ٻوڙندو رهي ٿو. هُن کي جاڻ پئي ته دنيا تمام وڏي ۽ ويڪري آهي ۽ هُن اِهو به سکيو ته ڪير چاهي ڪٽي به وڃي، پر اتي به سندس پنهنجن ماڻهن جهڙا مسڪين ۽ ابوجهه ماڻهو ضرور موجود هوندا آهن، جيڪي پنهنجي ٻچن جي گذر لاءِ زمين جو سينو چيرينداً رهن ٿا. رڳو اُن لاءِ ته زمين مان جيڪو ڪجهه حاصل ٿئي، اُن جو گهٽو حصو ڪنهن بادشاهه ڪنهن سردار يا ڪنهن ڏاڙيل جي حوالي ڪري ڇڏين. ۽ هُن اِهو به ڏٺو ته دنيا جي سمورين طاقتن جي مٿان هڪڙو سردار، بادشاهه ۽ ٽيرو هوندو آهي ۽ جنهن جو نالو روم آهي.

۽ پوءِ آخر ۾ ڪيس هڪڙي رومي جنگي جهاز قابو ڪري ورتو. ڪيس عملي

جي بين چوڏهن ماڻهن سان گڏ قاسي ڏيڻ لاءِ 'اوستيا' وڻي ويا. اهڙي طرح زندگيءَ جي انهيءَ تنديڙي پيالي ۾ موجود واري آهستي آهستي ڪُٽڻ لڳي. پوءِ نيٺ باتياتس جو هڪڙو دلال ڪيس ڪاپوا جي اسڪول لاءِ خريد ڪري وڻي ويو.....!

هي هو ويڑهاڪ جي زندگيءَ جي ٻئي حصي جو خاڪو. اِهو هو سڪڻ ۽ نفرت ڪرڻ وارو دؤر. اِهو دؤر ڪاپوا ۾ پورو ٿيو. اُتي هُن تهذيب ۽ تمدن جي آخري 'نئڙٿ' سِکي. اُها نئڙٿ هئي بيڪار امير رومين جي تفريح ۽ باتياتس کي امير تر بنائڻ لاءِ ماڻهن کي هڪٻئي جي ڪنڌ ڪپڻ جي تربيت ۽ ترغيب! هُو ويڑهاڪ بنجي ويو. سندس وار ڪٽي تنديڙا ڪيا ويا ۽ ڪيس هٿ ۾ چاقو ڏيئي آکاڙي ۾ لاٿو ويو. هُو جن کان نفرت ڪندو هو، تن کي قتل ڪرڻ بدران، جيڪي سندس پنهنجا هٿا انهن کي قتل ڪرڻ لڳو. غلام ۽ ڏڪاريل ماڻهو، جن مان هُو پاڻ به هو، تن کي قتل ڪرڻ لڳو.

اُتي ئي علم کي نفرت ۾ ملايو ويو. هُو نفرت جو ٽانوَ بنجي ويو ۽ اُهو ٽانوَ روزبروز پرجندو رهيو. هُو پنهنجي مايوس ۽ اڪيلائيءَ ۾ جهنڊڙ اگهاڙيءَ ڪوٽيءَ ۾ اڪيلو رهندو هو. هُو پنهنجو پاڻ ۾ بند ٿي رهجي ويو هو. ڪيس هاڻي ڪنهن به ديوتا تي ايمان ڪونہ رهيــو هو ۽ جڏهن هُو پنهنجي پيءُ جي ديوتا جي باري ۾ سوچيندو هو تڏهن هميشه اُن جي خلاف نفرت ۽ بي عزتي سندس دل ۾ چوليون هڻڻ لڳندي هئي. هُن هڪڙي پيري پنهنجو پاڻ کي چيو هو:

"آءٌ جبلن جي انهيءَ حرامي ۽ خبيث پوڙهي سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪنهن به آکاڙي ۾ وڃڻ لاءِ تيار آهيان. آءٌ اُن ڪان سمورن لڙڪن جو حساب، ونڊس، انسانن سان ڪيل سندس سمورن وعدن جو حساب ونڊس. سندس هٿ ۾ هُن جي ڪِنوڻ ۽ گوڙ ڏيو ۽ منهنجي هٿ ۾ فقط منهنجو چاقو. آءٌ ڪيس غضب ۽ قهر جي باري ۾ سڀ ڪجهہ سيکاري چڏيندس."

هُن هڪ پيري خواب ڏٺو هو. اُن خواب ۾ هُو ديوتا جي تخت تي ويٺو هو. پر دِنل بلڪل ڪونہ هو: "تون پلا مون کي ڇا ڪندين؟" هُن وڏي رڙ ڪئي. "آءٌ ايڪيهن سالن تائين جيئرو رهيو آهيان ۽ جيڪو ڪجهہ دنيا مون سان ڪيو، تنهن کان وڌيڪ تون ڇا ٿو ڪري سگهين؟ مون پنهنجي پيءُ کي صليب تي لڙڪندو ڏٺو آهي. آئون ڪائين ۾ محنت ۽ مزوري ڪندو رهيس. مون ۾ سال ڪائين ۾ گذاريا ۽ هڪ سال تائين ساموندي ڏاڙيلن جي بحري جهاز جي گندگي ۽ بدبوءِ ۾ ڪوٽن سان گڏ رهيس. ٽن سالن تائين آءٌ چورن ۽ ڏاڙيلن سان گڏ ڏاڙيل بنجي پنهنجي وطن وڃڻ جا خواب ڏسندو رهيس، ۽ هاڻي آءٌ اُجرت تي ماڻهو قتل ڪندو آهيان. تون جهنم جي تري ۾ وڃي پئو. تون مون کي پلا ڇا ڪري سگهندين."

[6]

هڪڙي پيري هڪڙي رومي غلام کي صليب تي چاڙهيو ويو هو. جڏهن ٽياس تي ٽنگجندي کيس چوويهه ڪلاڪ گذري ويا، تڏهن بادشاهه کيس معاف ڪري ڇڏيو ۽ هُو بهرحال موت کان بچي ويو هو، اُن ماڻهوءَ صليب تي لٽڪندي جيڪو ڪجهه محسوس ڪيو هو سو لکي ڇڏيو هو. سندس لکيت جي سپ کان اهم ڳالهه وقت جي باري ۾ هئي. هن لکيو هو "صليب تي فقط ٻه ڳالهيون موجود هونديون آهن، هڪ ايذاءَ ۽ ٻيو نه کٽندڙ وقت. ماڻهو چون ٿا ته آءٌ صرف چوويهه ڪلاڪ ٽياس تي ٽنگيل هوس، مگر آءٌ ته اُن وقت کان صليب تي لٽڪيل هوس جڏهن کان هيءَ دنيا اڃا پيدا به نه ٿي هئي. جيڪڏهن وقت نه هجي ته هر پل 'هميشه' هوندو آهي."

اُن مخصوص درد ۽ پيڙاه واري 'هميشه' ۾ ويڙهاڪ جو دماغ خراب ٿي ويو ۽ سندس منظم ۽ مربوط دليل ختم ٿي ويو. يادگيري هڪ وهم بنجي ويئي. هُو ٻيهر جيئرو ٿي پيو هو. هُن ٻيهر پهريون پيرو اسپارٽيڪس سان ڳالهايو.

هُو اسپارٽيڪس ڏانهن نهاري ٿو، هُو ڪيس غور سان ڏسي ٿو. هو هڪڙي ٻلي آهي ۽ سندس سايون شيريون اکيون ٻليءَ جي اکين جهڙيون آهن. جهڙي طرح ٻلي هڪ مستقل چڪاڻ واري ماحول ۾ هلي ٿي، ساڳي طرح هي ويڙهاڪ هلي ٿو. ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ جيڪڏهن توهان ڪيس هوا ۾ ڪٽي اڇلايو ته هُو آرام سان پنهنجن پيرن تي ٻيهي ويندو. هُو ڪنهن ڏانهن به سڌي طرح ڪونه ٿو ڏسي پر اُن جي ابتڙ هُو آڏي اک سان ڏسي ٿو. هُو اسپارٽيڪس کي به ساڳئي انداز ۾ ڏسي ٿو. هُو پنهنجو پاڻ کي به اها ڳالهه سمجهائي نٿو سگهي ته اسپارٽيڪس ۾ ڪهڙو ڪمال آهي جو هُو سندس حواسن تي ايتريقدر چانئجي ويو آهي. هي ڪو جادو ڪونهي. هُو پاڻ پنهنجيءَ ۾ ٿورَ ڳالهائو آهي ۽ اسپارٽيڪس ڪِلمڪ ۽ يارويس شخص آهي. هُو پاڻ ڪنهن سان به ڪابه ڳالهه هولهه ڪونه ٿو ڪري پر اسپارٽيڪس سيني سان ڳالهائي ٿو. اُهي سمورا اسپارٽيڪس وٽ اچن ٿا ۽ هن وٽ پنهنجون تڪليفون بيان ڪن ٿا. اسپارٽيڪس ويڙهاڪ جي اُن سڪيا گهر ۾ هڪڙو مخصوص ڄ پوکي رهيو آهي. اسپارٽيڪس اُن کي تباهه ڪري رهيو آهي.

هُن ڪانسواءِ ٻيا سمورا ماڻهو اسپارٽيڪس وٽ اچن ٿا. اسپارٽيڪس هُن جي باري ۾ حيران هوندو آهي. پوءِ هڪڙي ڏينهن ورزش جي وچ واري ساهيءَ دوران هُو يهوديءَ وٽ هليو اچي ٿو ۽ ساٿس ڳالهائي ٿو.

"ڇا تون يوناني ڳالهائيندو آهين؟" اسپارٽيڪس کانئس پڇي ٿو.

سايون شيريون اکيون حرڪت ڪرڻ ڪانسواءِ ئي هن ڏانهن ڏسن ٿيون.

اوچتو اسپارٽيڪس کي احساس ٿئي ٿو ته هُو بنهه ننڍي عمر جو شخص آهي. هو کنهن چوڪري کان ٿورو وڏو آهي. هي شخص هڪڙي نقاب جي پويان لڪل آهي. هُو اصل ماڻهوءَ کي نه پر نقاب کي ڏسي رهيو آهي.

يهودي پنهنجو پاڻ کان پڇي ٿو "يوناني، چا آءٌ يوناني ڳالهائيندو آهيان؟ منهنجو خيال آهي ته آءٌ ته سموريون بوليون جاڻان ٿو. عبراني، ارامائيڪ، يوناني، لاطيني ۽ دنيا جي ٻين حصن ۾ ڳالهائجندڙ ٻيون تمام گهڻيون بوليون. پر مون کي کنهن به بوليءَ ۾ ڳالهائڻ جي کهڙي ضرورت آهي؟ کهڙي ضرورت آهي مون کي؟"

تمام نهنائي سان اسپارٽيڪس مٿس زور پري ٿو ته هُو ڳالهائي. "رڳو هڪڙو لفظ منهنجي طرفان ۽ هڪڙو لفظ تنهنجي طرف کان. اسين اڪيلا ڪونه آهيون. اسين ته عوام آهيون. مصيبت ته تڏهن ٿئي ٿي جڏهن ماڻهو اڪيلو هوندو آهي، اڪيلائي واقعي هڪ عذاب ٿئي ٿي. پر اسين اڪيلا ڪونه آهيون. هن حقيقت تي اسين شرمسار چو ٿيون ته اسين هتي آهيون؟ چا هتي اچڻ لاءِ اسان کا پنهنجي سر کوشش ڪئي هئي؟ نه اسان جي کا اهڙي خواهش هئي ۽ نه ئي اسان جو کو اهڙو ڏوهه هو، جنهنجي ڪري اسان کي هتي آندو وڃي. خوفناڪ عمل ته انهن ڪيو آهي، جن اسان جي هٿن ۾ چاقو ڏيئي رومين جي خوشيءَ خاطر اسان کي قتل ڪرڻ لاءِ چيو آهي. تنهن ڪري اسان کي نه ته هڪٻئي کان شرمندو ٿيڻ گهرجي ۽ نه ئي نفرت ڪرڻ گهرجي. انسان وٽ ٿورڙي قوت هوندي آهي، ٿورڙي اميد هوندي آهي ۽ ٿورڙي محبت. اِهي خاصيتون اهڙا بج آهن جيڪي انسانن ۾ پوکيا ويا آهن، پر جيڪڏهن کو ماڻهو انهن کي پنهنجو پاڻ تائين محدود رکي ٿو ته اهي بج ڳريو سڙيو جلد مريو وڃن ٿا، ۽ پوءِ اُن ويچاري ماڻهوءَ جو خدا ئي حافظ آهي. چاڪاڻ ته وٽس ڪجهه به ته ڪونه هوندو آهي. پر اُن جي برعڪس هُو پنهنجي توانائي، اُميد ۽ محبت ٻين کي ڏي ٿو ته اُهو بي انداز ذخيرو ڪڏهن کُٽي ئي نٿو. هو انهن شين کان ڪڏهن به وانجهو رهي نٿو سگهي. پوءِ زندگي اُن لائق ٿي پوي ٿي ته جيئن کيس گذاري سگهجي. ۽ ويڑهاڪ! يقين ڪر ته زندگيءَکان وڌيڪ بي ڪابه نعمت دنيا ۾ ڪانهي، اها اسان کي خبر آهي. اسين غلام آهيون ۽ اسان وٽ اهوئي ورثو موجود هوندو آهي. تنهن ڪري اسان کي خبر آهي ته ان جو قدر ۽ قيمت ڪيتري آهي. چاڪاڻ ته رومين وٽ ٻيون به ڪوڙ ساريون شيون موجود هونديون آهن، تنهن ڪري زندگي هنن جي اڳيان ايتري اهميت ڪانه ٿي رکي. هو ته اُن سان کيڏن ٿا. پر اسان جيائپي کي سنجيدگيءَ سان ڏسون ٿا ۽ اُن ڪري ئي اسان کي پاڻ کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڪرڻ گهرجي. تون بنهه اڪيلو ٿي ويو آهين ويڑهاڪ! ٿوري دير مون سان

ڳالهائيندو ڪر."

پر يهودي ڪجهه به نٿو ڳالهائي. سندس چهري ۾ اڪين ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه ٿو اچي. پوءِ به هُو ٻڌي ٿو. هُو خاموشيءَ ۾ ڏيان سان ٻڌي ٿو. پوءِ هُو مُڙيو ۽ هليو ويو. پر ڪجهه وڪون ڪٽي وري بيهي رهيو. ٽورڙو پنهنجو ڪنڌ ڦيرائين ۽ آڏي اک سان اسپارٽيڪس کي ڏٺائين. اسپارٽيڪس کي ائين لڳي ٿو جڏ هُن جي اکين ۾ ڪا اهڙي شيءِ موجود آهي، جيڪا پهرائين ڪانه هئي. هڪ چٽنگ، هڪ غرض، اميد جو ڪو ڪرڻو... ٽي سگهي ٿو!

هي سندس زندگيءَ جي چٽن دؤرن مان ٽئي دؤر جي شروعات جو وقت هو. اُن دؤر کي اُميد جو دؤر چئي سگهجي ٿو. اِهوئي اُهو دؤر آهي جڏهن سندس نفرت ختم ٽي ويئي ۽ ڪيس پنهنجي نسل جي ماڻهن جي باري ۾ عظيم محبت ۽ ساڻ جي عظيم احساس جي جاڻ پيئي. اهو سڀ ڪجهه هڪدم ۽ اوچتو ڪونه ٿيو هو، پر آهستي آهستي هُن ٻئي انسان تي اعتماد ڪرڻ سکيو هو ۽ اُن انسان جي معرفت زندگيءَ سان پيار ڪرڻ سکيو هو. اِهو انسان اسپارٽيڪس هو، جنهن شروع ۾ ئي سندن روح تي قبضو ڪري ورتو هو. اسپارٽيڪس جنهن خوبيءَ جي وسيلي سندس روح تي قبضو ڪيو هو، سا خوبي هئي زندگيءَ سان ٽريشين جي محبت. اسپارٽيڪس زندگانيءَ جو رکوالو هو. ائين ٽي لڳو جڏ اسپارٽيڪس ۽ زندگي جي وچ ۾ ڪو سمجهوتو ٽيل هو.

ڊيوَڊ يهوديءَ اسپارٽيڪس جي پٽيان هلڻ شروع ڪري ڏنو. اُهو هن رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ خاطر ڪونه ٽي ڪيو پر هُن ماڻهن کان ڳجهه ڳوهه ۾ سندس پيڇو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. جڏهن به موقعو ملندو هو ۽ جڏهن به کين ڪير ڏسي نه سگهندو هو تڏهن هُو ڪسڪي اسپارٽيڪس جي ويجهو ويندو هو. لومڙيءَ وانگر سندن ڪَن بنهه سَرلا هئا. هو اسپارٽيڪس جون ڳالهيون ڏاڍي ڏيان سان ٻڌندو هو. انهن کي پاڻ ۾ سَمائي چڏيندو هو، پوءِ انهن کي دهرائيندو هو. هُو انهن ڳالهين جو مطلب سکڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ۽ اُن سموري عرصي دوران هُن جي اندر ۾ ڪجهه ٽي رهيو هو. هُو تبديل ٽي رهيو هو. هُو ٽئي ڄائي رهيو هو. ساڳئي قسم جي تبديلي ۽ ساڳئي قسم جي نشوونما سڪيا گهر جي هر ويڑهاڪ ۾ پيدا ٽي رهي هئي. پر ڊيوَڊ سمجهي رهيو هو ته اِها تبديلي رڳو منجهس اچي رهي آهي. هُو هڪڙي اهڙي جاءِ تان آيو هو جتي جا ماڻهو بنهه خدا پرست هئا. جڏهن هُن پنهنجي اندر مان خدا کي ڪڍي چڏيو هو تڏهن کان سندس زندگيءَ ۾ هڪ خال پيدا ٽي پيو هو. هاڻي هُو اُن خال کي انسان سان پرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هُو انسان سان محبت ڪرڻ سکي رهيو هو. هُو انسان جي عظمت جي باري ۾ سکي

رهيو هو. هُن ائين ڪرڻ هرگز ڪونہ پئي چاهيو پر ائين ٿي رهيو هو. نہ رڳو منجهس، پر هر ويڙهاڪ ۾ ٻہ ائين ٿي رهيو هو.

اِها هڪ اهڙي ڀُالهہ ڪانہ هئي جنهن جي چوڌاريءَ باتياتس يا روم جا سينيٽر ڪا ديوار کڙي ڪري سگهن. هنن تہ بس ائين ٿي سمجهيو تہ بغاوت بنا ڪنهن سوچ ويچار ۽ صلاح مصلحت جي ائين اوچتوئي اوچتو پنيت ڪري پڙڪي اُٿي هئي. اُن بغاوت جي باري ۾ ڪنهن ٻہ تياري يا منصوبي بنديءَ جو ڪين علم ٿي نہ سگهيو ۽ انهن بس ائين پنهنجي ڀُالهہ درج ڪري ڇڏي. هنن وٽ داخلا جو ڪو ٻيو طريقو تہ هوئي ڪونہ.

پر بغاوت جا گوڙڻ تہ موجود هئا، سنهڙا، ڪچڙا ۽ نازڪ وڌندڙ گوڙڻ. ڊيوَڊ ڪڏهن ٻہ اُها گهڙي ڪانہ وساري هئي جڏهن پهريون ڀيرو اسپارٽيڪس کي يوناني پهلوان 'اوڊيسيئس' جي باري ۾ هڪڙو عوامي لوڪ گيت جهونگاريندي ٻڌو هئائين. اِهو هڪڙي بهادر انسان جي داستان جو هڪ نئون ۽ دلفريب ساز هو، جنهن تي ڪيتريون تڪليفون ۽ مشڪلاتون آيون، پر ڪيس ڪڏهن ٻہ ڪير شڪست ڏيئي نہ سگهيو. هُو اُن گيت جو مطلب سولائيءَ سان سمجهي سگهيو ٿي. هُو اُن پيڙاهہ ۽ ولوڙ پيدا ڪندڙ ايذاءَ کي تہ پاڻ ٻہ سمجهي سگهيو ٿي جيڪو ڪنهن کي پنهنجي امڙ ڌرتيءَ تان زبردستيءَ گهلي پري ڪٽي وڃڻ سان ٿئي ٿو. هُو مست تقدير جي تماشن کان ٻہ خوب واقف هو. هُو گيليليءَ جي هڪڙي ڇوڪريءَ سان محبت ڪندو هو، جنهنجا چپ گلاب جي گل جهڙا ڳاڙها هوندا هئا ۽ جنهنجا ڀُل بلبل جي پرن جهڙا نرم هئا. سندس دل هُن ڇوڪريءَ لاءِ رت روئندي هئي، ڇاڪاڻ تہ هُو اُن کي حاصل ڪري ٿي نٿي سگهيو. پر هي ڪهڙو گيت هو! ۽ اِها ڪهڙي نہ سڻي ڀُالهہ هئي جو هڪڙي غلام کي، اُن عظيم داستان جي هر هڪ مصرع زباني ياد هئي، جيڪو پاڻ هڪ غلام جو پٽ هو ۽ جنهن کي هڪڙو ٻيرو ٻہ آزادي ڏسڻ نصيب ڪانہ ٿي هئي! ٻلا اسپارٽيڪس جهڙو ڪو ٻيو انسان ٿي سگهي ٿو! ٻلا اهڙو ڪو ٻيو انسان ٿي سگهي ٿو جيڪو ايتريقدر شفيق ۽ ٻاجهارو هجي، ايتريقدر سهپ ۽ صبر وارو هجي ۽ ايتريقدر ڪاوڙ ۽ غصي کان پڌندڙ هجي.

هُن پنهنجي دل ۾ اسپارٽيڪس کي يوناني هيرو اوڊيسيئس جو بدل بنائي ڇڏيو. اُن اوڊيسيئس جو بدل، جيڪو انتهائي صبر ڪرڻ وارو ۽ ٻاجهارو انسان هو. هُو ٻنهي کي هڪجهڙو سمجهندو هو. اُن نندڻيءَ عمر ۾ ئي اسپارٽيڪس جي صورت ۾ ڪيس پنهنجو هيرو ملي ويو هو. ڪيس زندگي گذارڻ جو ڍنگ اسپارٽيڪس کان مليو. پهريائين تہ ڪيس پنهنجي اندر ۾ ايندڙ تبديليءَ تي اعتبار ئي ڪونہ ٿي آيو. هُن پنهنجو پاڻ کي ڪيترائي ڀيرا چئي ڇڏيو هو تہ ڪنهن تي اعتبار نہ ڪر. هُن هِن

ڳالهه جو انتظار پئي ڪيو تہ شايد اسپارٽيڪس پاڻ اُن اسپارٽيڪس کان گهٽ ثابت ٿئي جنهن کي هُو هيرو مڃيو ويٺو هو. پر پوءِ ڪيس ڇگيءَ پر اهو احساس ٿي ويو تہ اسپارٽيڪس ڪڏهن بہ اسپارٽيڪس کان ڪمتر ثابت ڪونہ ٿيندو.

روم کان آيل هن خوشبوءَ جي شوقين هم جنس پرست مردن جي شوق پوري ڪرڻ لاءِ وڙهندڙ ڇٽن ويڙهاڪن مان هُو بہ هڪڙو هو. جڏهن ڪيس خبر پيئي تہ موت تائين وڙهندڙ انهن جوڙن ۾ سندس نالو بہ شامل آهي تہ سندس اندر ۾ اهڙي ڪشمڪش شروع ٿي ويئي جيڪا هُن زندگيءَ ۾ پهرين ڪڏهن بہ محسوس ڪانہ ڪئي هئي. اِها هڪ نئين ڇڪتاڻ هئي ۽ جڏهن هُن اُن ڇڪتاڻ تي قابو پائي ورتو تڏهن هُن پهريون پيرو سندس چوڌاريءَ ويڙهيل پردو ڦاڙي لاهي ڦٽو ڪيو هو. اڄ هِن صليب تي ٽنگيل هُو اُها ئي ساڳي جدوجهد ڪري رهيو هو. هُو اڄ وري بہ پنهنجو پاڻ سان وڙهي رهيو هو. اڄ وري بہ صليب تي سندس اُڄ کان سُڪي ٽوٽ ٿي ويل ڇپن مان درد پريل ۽ پيڙاهہ جا اُهي ئي لفظ ڦٽي نڪري رهيا هٿا جيڪي پورا چار سال پهريائين هُن پنهنجو پاڻ کي چيا هٿا.

(هُو پنهنجو پاڻ کي چوي ٿو تہ آءٌ دنيا جو ڪيڏو نہ بدترين شخص آهيان. ڇاڪاڻ تہ مون کي اُن ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي جنهن کي آءٌ دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ پيار ڪريان ٿو. هيءَ تقدير بہ ڪيڏا ظلم ٿي ڪري. پر خدا، خدائن يا اُنهن جهڙي ڪنهن بيءَ شيءِ مان تہ اِهائي توقع ڪري سگهجي ٿي. انهن جو تہ سواءِ انسانن کي ڏک پهچائڻ جي ٻيو ڪم تہ هوندو ئي ڪونهي. اِهي ديوتا انهن رومي خوشبوءَ جي شوقين سوئرن جهڙا آهن، جيڪي آڪاڙي ۾ اُن انتظار ۾ اچي ويهن ٿا تہ ڪڏهن هڪ انسان جا آندا واريءَ تي اچي ڪِرندا، ۽ بس. ٺيڪ آهي. تہ هِن پيري آءٌ هنن جي دل خوش ڪونہ ڪندس. اُهي هن پيري جوڙن جي لڙائي جو تماشو ڏسي خوش ٿي نہ سگهندا. اُهي ڪيڏا نہ لعنتي ۽ ڪمينا ماڻهو آهن جن کي ڪنهن ٻئي نظاري ڏسڻ سان اطمينان ئي نٿو ٿئي. ٺيڪ آهي. اڄ هو مون کي قتل ٿيندو تہ ڏسي سگهندا، پر منهنجي هٽان ڪنهن کي قتل ٿيندو ڪڏهن بہ ڏسي نہ سگهندا. آءٌ اسپارٽيڪس سان ڪونہ وڙهندس. آءٌ پنهنجي ياءُ کي ڪڏهن بہ قتل ڪونہ ڪندس ڪڏهن بہ نہ. چاهي چا بہ ٿي پوي.

پر پوءِ چا ٿيو هو؟ پهريائين منهنجي زندگيءَ ۾ چريائپ هئي، پوءِ زندگيءَ اُن چريائپ کي پنهنجي گهيري ۾ ونڊي ڇڏيو. اسپارٽيڪس مون کي چا ڏنو هو؟ هُن مون کي زندگيءَ جي اهم ترين شيءِ ڏني هئي. هُن مون کي زندگيءَ جو راز ڏنو هو ۽ زندگيءَ جو راز خود زندگي پاڻ هوندي آهي. هر ماڻهو جانبدار يا طرفدار هوندو آهي. توهان يا تہ زندگيءَ جا طرفدار آهيو يا وري موت جا طرفدار. اسپارٽيڪس زندگيءَ

جو طرفدار آهي ۽ تنهن ڪري ڪيس جيڪڏهن مون سان وڙهڻو پيو ته هُو ضرور مون سان وڙهندو. هُو ائين ڪونہ مرندو. هُو انهن کي هِن ڳالهہ جي ڪڏهن بہ اجازت ڪونہ ڏيندو ته هو هڪ لفظ بہ چوڻ آکڻ بنا ۽ هڪڙي بہ مُڪ وهائي ڪيڻ کانسواءِ ڪيس ماري ڇڏين. ته پوءِ اهوئي ڪجهہ مون کي بہ ڪرڻ گهرجي. مون کي اسپارٽيڪس سان وڙهڻ گهرجي ۽ اسان جي وچ ۾ فيصلو خود زندگي پاڻ ڪندي. آهہ! اهو ڪيڏو نہ روح ايذائيندڙ فيصلو آهي! چا اُن جهڙو پيو ڪو انسان بدنصيب ٿي سگهي ٿو؟ پر ائين ئي ٿيڻو آهي ۽ اِن طرح ئي ٿيڻو آهي.

هُو وَر وَرَ ڏيئي پنهنجي فيصلي تي غور ڪري رهيو هو، هُن کي هاڻي اِهو هوش ڪونہ هو ته هُو هڪ صليب تي ٽنگجي مري رهيو هو. تقدير مٿس مهربان ٿي هئي جو ڪيس اسپارٽيڪس سان وڙهڻو ڪونہ پيو هو. شديد درد ۽ پيڙاهہ کان تباهہ ٿيل سندس دماغ ماضيءَ جي يادگيرين جون ٺُڪريون جوڙي رهيو هو. آخرڪار ماضيءَ جو سلسلو ڳنڍجي ئي ويو. هڪڙو پيرو ويڙهاڪن کاڏي جي ڪمري ۾ ڪين سڪيا ڏيندڙن کي قتل ڪري ڇڏيو. هڪڙو پيرو هو چاقو ڪٽي فوجين سان وڙهيا. هڪڙو پيرو وري هو بهراڙيءَ مان لنگهيا ۽ ٻنين تي ڪم ڪندڙ غلام هڪٻئي پٺيان اچي ساڻن گڏيا. ۽ هڪڙو پيرو وري هن شهري دستن تي شب خون هنيو هو ۽ ڪين مڪمل طرح تباهہ ڪري ڇڏيو هو ۽ سندن هٿيار ڪٽي ويا هٿا. اهو سمورو ڪجهہ هُو هڪ پيرو ٻيهر ڏسي رهيو هو.

("اسپارٽيڪس! اسپارٽيڪس؟" هُو پڪاري ٿو. غلامَ هڪ مُڪمل فوج آهن. هو باقاعده هڪ فوج لڳن ٿا. هن وٽ ڏهن هزارن روم جا هٿيار آهن. هن ڪي پنج پنج سَوَن جي ٽولين ۾ ورهايو ويو آهي. هن جي رات جي رهڻ جو بندوبست ڪاٺ جي ديوار جي اندر آهي. اُن قلعي جي چوڌاريءَ کاهي کوٽي ويئي آهي. هو رومين جي نيزن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ مشق ڪندا رهن ٿا. هن جو ڏهڪاءُ، دهشت ۽ شهرت سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي چڪي هئي. غلام جي هر جهوپڑيءَ ۾، غلامن جي هر بيرڪ ۾ سُس پُس ۾ هڪڙو ئي نالو پکاريو پئي ويو — اسپارٽيڪس. اُهو اسپارٽيڪس جنهن دنيا کي باهہ لڳائي ڇڏي هئي. ها، هُن سموريءَ دنيا ۾ باهہ ڀاري ڇڏي هئي. هُن وٽ عظيم ترين فوج آهي. ستت ئي هُو روم تي چڙهائي ڪري ڏيندو ۽ روم جي عظيم ديوارن کي چيري ٽاڙي، نيست و نابود ڪري ڌاهي ڌير ڪري ڇڏيندو. هُو جتي بہ وڃي ٿو، اُتان غلامن کي آزاد ڪرائي ٿو ۽ جن بہ شين تي قبضو ڪري ٿو، سي گڏيل خزاني ۾ جمع ٿين ٿيون. پراڻن قبائلين ۾ اِهوئي طريقو رائج هوندو هو. سڀ شيون قبيلي وٽ هونديون هُيون، ۽ ڪوبہ هڪ شخص شاهوڪار ڪونہ هوندو هو. سندس سپاهين جي بدن جا

ڪپڙا، پيرن ۾ جُوتا ۽ هٿيارن سندن پنهنجا هجن ٿا..... تہ هي آهي اسپارٽيڪس.

(هُو سڏ ڪري ٿو "اسپارٽيڪس!"

آهستي آهستي ڊيوَڊ يهوديءَ جو ٻَالهائڻ موٽي اچي ٿو ۽ هُو آهستگيءَ سان ڏکڙجي ڏکڙجي ٻَالهائي ٿو. هاڻي هو غلامن جي اڳواڻ کي چوي ٿو:

("اسپارٽيڪس! آءٌ سنو چوڪرو آهيان نہ؟"

("ها، ها! تمام سنو. تون تمام سنو وڙهين ٿو. سيني ويڙهاکن کان سنو وڙهين ٿو."

("۽ آءٌ ڊڄڻو به نہ آهيان نہ؟ ڪيئن ٺيڪ آهي نہ؟"

("اِها مون کي گهٽي وقت کان وٺي خبر آهي. ٻلا اهڙو ويڙهاڪ ڪٽي هوندو، جيڪو ڊڄڻو هجي؟" اسپارٽيڪس چوي ٿو.

("۽ مون ڪنهن به لڙائيءَ ۾ پٺ ڪانہ ڏني آهي."

("ڪڏهن به نہ."

("۽ جڏهن منهنجو ڪَن سڄي جو سڄو ڪٽجي ويو هو، تڏهن مون رڳو ڏند پکوڙي ڇڏيا هئا پر دانهن ڪانہ ڪئي هُئم."

("شديد ايذاءَ دوران وات مان رڙ نڪري وڃڻ کا بزدلي کانهي."

اسپارٽيڪس چوي ٿو. مون کي ڪيترن ئي سخت ترين ۽ مضبوط ماڻهن جي خبر آهي، جيڪي ايذاءَ کان بيحال ٿي رڙيون ڪندا آهن. آءٌ ڪيترن ئي مضبوط ماڻهن کي سڃاڻان ٿو جيڪي، جڏهن سندن پيڙاهہ ۽ اذيت جو پيمانو پرجي پلٽندو آهي، تڏهن روئندا آهن. اِها ڪا گهٽتائيءَ يا بي عزتيءَ جي ٻَالهہ کانهي."

("پر تون ۽ آءٌ ڪونہ روئندا آهيون، اسپارٽيڪس. هڪڙي ڏينهن آءٌ به تون جهڙو شخص بنجي ويندس."

("۽ تون مون کان به وڌيڪ بهتر ٿي ويندين. تون مون کان سنو ويڙهاڪ آهين."

("نہ. آءٌ تہ تنهنجي اڏ جيتري حيثيت کي به پهچي نہ سگهندس. البت منهنجو خيال آهي تہ آءٌ سنو وڙهندو آهيان. آءٌ بنهہ ڪَڙتيلو آهيان. ۽ هڪ چيتي وانگر تيز به. جيئن ٻلي مٽس ٽيندڙ حملي کي ڏسي وٺندي آهي. ٻلي پنهنجي ڪَل سان به ڏسي سگهي ٿي. تيئن ڪڏهن ڪڏهن مون کي به ائين لڳي ٿو. آءٌ هميشه ايندڙ يا ٽيندڙ حملي کي اڳواٽ ڏسي وٺندو آهيان. تنهن ڪري اڄ آءٌ توکان هڪڙي شيءِ گهري وٺان ٿو. منهنجي مرضي آهي تہ اسان جڏهن به جنگ ۾ وجون تڏهن آءٌ

هميشه تنهنجي پاسي ۾ هجان. ائين ڪرڻ سان تون محفوظ رهندين. جيڪڏهن توکي ڪجهه ٿي ويو ته پوءِ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو. اسين پنهنجي ذاتي خواهش لاءِ ته ڪونه پيا وڙهون. اسين ته سموريءَ دنيا جي غلامن جي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيا آهيون، تنهن ڪري منهنجي مرضي آهي ته لڙائيءَ ۾ تون مون کي پنهنجي پاسي ۾ رکين."

("مون سان گڏ ٻيهڻ کان وڌيڪ ٻيا اهم ڪم توکي ڪرڻا آهن. مون کي لشکر جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي ضرورت آهي."

("ڀ ماڻهن کي تنهنجي ضرورت آهي. ڇا مون کا تمام وڏي شيءِ طلبي آهي؟"

("نه. تون تمام گهٽ گهُري رهيو آهين ڏيوو، سوبه منهنجي لاءِ گهُري رهيو آهين، پنهنجي لاءِ نه."

("ته پوءِ ها ڪر."

(اسپارٽيڪس ڪنڌ لوڏي ٿو.

("توکي ڪڏهن به ڪو نقصان ڪونه پهچندو. آءُ تنهنجي چوڪيداري ڪندس. رات ڏينهن تنهنجي حفاظت ڪندس.")

ائين هُو غلام رهنما جو ساڃو هٽ بنجي ويو. هُن سڄي عمر رڳو رت جي راند، محنت مشقت ۽ اذيتون ۽ تشدد ڏٺو هو، هاڻي هُو سنهرو افق، ايرندڙ سج جي ڳاڙهاڻ ڏسي رهيو هو. هُن ڏٺو پئي ته سڄي دنيا غلام هئي، تنهن ڪري هو جلدي ئي هڪڙي قوت بنجي ويندا، جنهن جي سامهون دنيا جي ڪابه طاقت ٻيهي نه سگهندي. پوءِ قومن جو وجود ختم ٿي ويندو. هي شهر ختم ٿي ويندا، ۽ هڪ پيرو وري سونهرو دؤر موٽي ايندو. هر قوم جي قديم داستانن ۾ هڪڙو سونهرو دؤر هوندو آهي، جڏهن انسان گناهه ۽ ڏک کان پاڪ هوندا آهن ۽ پاڻ ۾ ميٺ محبت ۽ پيار قرب سان رهن ٿا. تنهن ڪري جڏهن اسپارٽيڪس ۽ سندس غلام ساٿي سموري دنيا فتح ڪري ونندا تڏهن اُهو دؤر موٽي ايندو. اُن وقت قومون داد، شاباس ۽ مبارکن جا آواز بلند ڪنديون ۽ اُهي صدائون سموري ڪائنات ۾ سڌ ۽ ان جو پڑاڏو ٿي گونجنديون رهنديون.

پنهنجي ٽڪل ذهن ۾ ڪيس هينئر اُها گونج ٻڌڻ ۾ آئي. ڪيس انسان جي اولاد جي سهڪندڙ گونج ٻڌڻ ۾ آئي، دف جو اهڙو آواز جيڪو جبل جي چوٽين سان ٽڪرائجي پڑاڏو ٻڌجي رهيو هو.....

(هُو ۽ ورينيا اڪيلا ٻيٺا آهن. جيڏي مهل هُو ورينيا ڏانهن نهاري ٿو، تيڏي

مهل سندس ماندان سموري ڪائنات جڻ ٻڌي وڃي ٿي ۽ فقط اهائي هڪڙي عورت رهجي وڃي ٿي، جيڪا اسپارٽيڪس جي زال آهي. ديوَدِ جي نگاهه ۾ هوءَ دنيا جي حسين ترين ۽ سڀني کان وڌيڪ پيار ڪرڻ جي لائق عورت آهي. هُو دل جي گهرائين سان ڪيس چاهي ٿو. هن کيترا ڀيرا پنهنجو پاڻ کي چيو هو:

(تون کيترو غليظ انسان آهين؟ کيڏي نہ ڪريل مخلوق آهين، جو اسپارٽيڪس جي زال سان محبت ٿو ڪرين؟ دنيا جي هر نعمت تو وٽ موجود آهي چاڪاڻ ته اسپارٽيڪس جو اعتماد توکي حاصل آهي. تون ڪهڙيءَ ريت سندس قرض لاهيندين؟ ڇا تون سندس زال سان پيار ڪري اُهو احسان لاهيندين؟ تون کيڏو نہ گناهگار آهين. کيڏو نہ بيڙو ڪم ٿو ڪرين؟ جيتوڻيڪ تون پنهنجي وات سان پنهنجي محبت جو اظهار نٿو ڪرين. جيتوڻيڪ تون اِهڙو ڪوبہ عمل نٿو ڪرين، جنهن مان اِهو ثابت ٿئي ته تون هُن سان پيار ڪرين ٿو. پر پوءِ بہ اِها کيتري نہ ذلالت آهي. تنهن ڪانسواءِ محبت آهي بہ فضول شيءِ. پهرين ٿورڙو پنهنجي شڪل ته نِڪ ۾ ڏس. چهرو وحشي ۽ ڪهرو جهڙو شِڪري جو چهرو هجي! هڪڙو ڪن ڪٽيل ۽ سڄو مُنهن زخمن جي نشانن سان ستيل.

(هاڻي ورينيا ڪيس چوي ٿي. "ديوَدِ! تون کيڏو نہ عجيب چوڪرو آهين. تون آيو ڪٿان آهين؟ ڇا تنهنجي ملڪ جا ماڻهو بہ تو جهڙا ئي آهن؟ تون ته اڃا ٻنهہ چوڪرو آهين پر پوءِ بہ نہ ڪڏهن مُسڪرائين ٿو نہ ڪِلين ٿو. هيءَ ڪهڙي زندگي آهي؟"

("ورينيا! مون کي چوڪرو نہ چئو. مون ثابت ڪيو آهي ته آءٌ چوڪري کان ته بهرحال وڌيڪ ڪجهہ آهيان."

("چگو چگو؟ ڏاڍو سٺو. تون مون کي بيوقوف نہ بنائي. تون اڃا بلڪل چوڪرو آهين. توسان گڏ ته هڪڙي چوڪري هجڻ گهرجي. توکي سائس گڏجي هٿ هٿ ۾ ڏيئي شام جو سير ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيس چُمڻ گهرجي. سائس گڏجي ڪلڻ ۽ ڳائڻ گهرجي. ڇا هتي چوڪريون گهٽ آهن؟"

("مون کي تمام گهڻا ڪم ڪرڻا آهن، انهيءَ ڳالهہ لاءِ مون وٽ ذرو بہ وقت ڪونهي."

("محبت لاءِ تو وٽ وقت ڪونهي؟ ديوَدِ، هي تون ڇا پيو چوين؟"

("جيڪڏهن ڪم ۾ ڏيان نہ ڏبو ته پوءِ اسان جو حشر ڪهڙو ٿيندو؟" هُن ڪُهرائپ سان چيو. "تنهنجي خيال ۾ لشڪر جي اڳواڻي ڪرڻ ڪا هاراڻي راند آهي؟ روزانو هزارين ماڻهن جي ڪاڌي جو بندوبست ڪرڻ، ماڻهن کي سکيا ڏيڻ ڪو سولو ڪم آهي؟ اسان کي دنيا جو اهم ترين ڪم ڪرڻو آهي ۽ تون چاهين ٿي ته آءٌ

چوڪرين کي اکيون ٻيندو گهمان! هان؟!"

("اکيون نہ ٻوڙ ديوَ. آءٌ چاهيان ٿي تہ تون انهن سان پيار ڪر."

("پيار جي لاءِ مون وٽ وقت ڪونهي."

("آهہ.... جيڪڏهن اسپارٽيڪس مون کي چوي تہ تنهنجي لاءِ مون وٽ وقت ڪونهي تہ اوڏيءَ مهل منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ آءٌ تہ اوڏي مهل موت جي دعا گهرنديس. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم ڪم آهي انسان بنجڻ. هڪ سادو سودو، عام ۽ همدرد انسان بنجڻ کان وڌيڪ اهم ڪم ڪوبہ ڪونهي. مون کي خبر آهي تہ تنهنجي خيال ۾ اسپارٽيڪس عام انسانن کان مٿيرو آهي. پر اِهو صحيح ڪونهي. جيڪڏهن هو عام انسانن کان مٿيرو هجي ها تہ هُو بلڪل سڀو ڪونہ هجي ها. پوءِ تہ هُو هرگز اسپارٽيڪس ڪونہ هجي ها. آءٌ هُن کي سڃاڻان ٿي. جڏهن ڪا عورت ڪنهن مرد سان پيار ڪري ٿي، تڏهن اُن جي باري ۾ تمام گهٽو ڄاڻي ٿي."

(هُو پنهنجي سموري قوت ميڙي چوندي پڇي ٿو "ڇا تون هُن سان محبت ڪرين ٿي؟ ڇا ائين آهي؟"

("چوڪرا، تون اهو ڇا پيو چوين؟ آءٌ پنهنجي ساهہ کان بہ وڌيڪ هُن سان پيار ڪندي آهيان. سندس خواهش تي آءٌ پنهنجي جان نڇاور ڪري ڇڏيندیس. آءٌ هن جي لاءِ قربان ٿي ويندیس، مري ويندیس."

("آءٌ بہ هُن جي لاءِ جان قربان ڪندس." ديوَ چوي ٿو.

("اِها بي ڳالهہ آهي. آءٌ ڪڏهن ڪڏهن توکي غور سان ڏسندي آهيان. بيشڪ تون هُن سان بي پناهہ پيار ڪرين ٿو. مگر اِهو پيار ٻيو آهي. آءٌ هُن سان محبت اُن ڪري ٿي ڪريان تہ هُو هڪ مرد آهي. هي اُهو هڪ عام سادو مرد آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا پيچيدگي ڪانهي. هُو سڌاجهڙو ۽ شريف مرد آهي. هُن ڪڏهن بہ مون سان وڌي آواز ۾ ڪونہ ڳالهايو آهي ۽ نہ ڪڏهن مون کي ماريو اٿس. ڪي مرد اهڙا هوندا آهن جن کي رڳو پنهنجو فڪر لڳل هوندو آهي. پر اسپارٽيڪس کي پنهنجي لاءِ ڪا ڳڻتي ڪانهي، ڪا پريشاني ۽ ڪو بہ ترس ڪونهي. هُو هميشہ ٻين جي لاءِ غمگين رهي ٿو. ٻين جي لاءِ همدردي رکي ٿو. تو اِهو ڪيئن پڇيو تہ آءٌ هن سان پيار ڪريان ٿي يا نہ. ڇا هتي جي سمورن ماڻهن کي اِها خبر ڪانهي تہ آءٌ هُن سان تمام گهٽو پيار ڪريان ٿي.")

اهڙي طرح بي انتهـا اذيت جي اُن گهـڙيءَ ۾ بہ آخري ويڙهاڪ جون يادگيريون صاف چٽيون ۽ گڏ هيون. پر ٻين موقعن تي تہ اُهي يادگيريون بنهہ وحشي ۽ دهشتناڪ هونديون هُيون. سندس يادگيريون جنگ جدل سان، رت، ايذاءَ ۽

وحشي ماڻهن جي جڙواڳ حرڪتن سان ڀرپور هونديون هُيون. بغاوت جي پهرين ٻن سالن ۾ ڪٿي نه ڪٿي مٺس هيءَ حقيقت ظاهر ٿي پوندي هئي ته غلامن جو تمام گهڻو ڀاڻيٽو ساڻن گڏ ڪونه ايندو ۽ سندن ساٿ ڪونه ڏيندو. پر پوءِ هو قوت جي معراج تي پهچي ويا هئا. پر ساڳئي وقت روم جي قوت جي به ڪا انتها ڪانه هئي. ڪيس اُن زماني جي هڪڙي لڙائي ياد آئي. اُها تمام وڏي جنگ هئي. هُو اُن لڙائيءَ جي يادن ۾ گم هو ۽ ڪاپوا جي تماشائين ڏنو ته صليب تي ٽنگيل ويڙهاڪ ايذاءَ کان ٽٽڪي رهيو آهي ۽ ڪهڙيءَ ريت سندس وات مان اڇي ڳجي وهي رهي آهي. انهن هُن جي وات مان نڪرندڙ آواز ٻڌا ۽ تبصرو پئي ڪيائون ته:

"هاڻي ڪيس گهڻي دير ڪانه لڳندي. هاڻ ڪم ختم ٿيو پيو آهي."

(هن هڪڙي ٽڪريءَ تي جايون سنياليون. سندن پيادل فوج ٽڪريءَ تي اڌ ميل تائين پکڙجي مورچا سنياليو ويهي رهي. اُتي هڪ ٻنهه حسين وادي آهي جنهن جي بلڪل وچ مان هڪڙو ننڍڙو درياهه وهي ٿو. درياهه ايترو اونهون ڪونهي. هيءُ هڪ ننڍڙو ورن وڪڙن وارو درياهه واديءَ جي گاهه مان ساڇي ۽ ڪاپي مڙندو هليو وڃي ٿو. وڏن وڏن اوهن ۽ ٽٽن واريون ڍڳيون ڇڙ ڇڙ ڪري اُهو پاڻي ۾ ٻيڻل گاهه چري رهيون آهن. واديءَ جي ٻئي پاسي زمين ڪجهه ايريل آهي. اُتي ئي رومين مورچا سنياليا آهن. اُن فوج جي وچ ۾ اسپارٽيڪس پنهنجي ضابطه آفيس قائم ڪئي آهي. اِها هڪڙي اهڙي جاءِ آهي جتان سمورو علاقو نظر اچي ٿو. هتي هڪڙي ضابطه آفيس لاءِ ضروري هر شيءِ موجود آهي. هڪڙو سيڪريٽري پنهنجن ڪاغذن ۽ لکڻ جي سامان سان گڏ ويٺو هو. جنگ جي ميدان جي هڪڙي ڪُنڊ کان ٻيءَ ڪُنڊ تائين اک چنبي ۾ پهچڻ لاءِ پنجاهه قاصد تيار بينا آهن. اشارو ڪرڻ وارو ماڻهو پنهنجي مختلف رنگن وارين جهنڊين سان گڏ بيٺوآهي، ۽ اُن عظيم تنبوءَ جي وچ ۾ هڪڙي وڏي ميز آهي جنهن تي جنگ جي ميدان جو تمام وڏو نقشو تيار ڪيو پيو وڃي.

(اِهي آهن غلامن جا طريقا، جيڪي هن ٻن سالن جي ڪٺن مهمن دوران قائم ڪيا آهن. جنگ جو اڳواڻ ميز جي چوطرف بيهي نقشو ڏسي رهيو آهي. هُو پنهنجي مخالف جي قوت ۽ ايراضيءَ جي باري ۾ اطلاعن جي چندڇاڻ ڪري رهيو آهي. ميز جي چوڌاريءَ ڪُل اٺ ماڻهو بينا آهن. هڪ مٽي کان اسپارٽيڪس بيٺو آهي، ساڻس گڏ ڊيوڊ بيٺو آهي. اسپارٽيڪس کي جيڪڏهن ڪير پهريون پيرو ڏسي رهيو هجي ته هُو چوندو ته سندس عمر گهٽ ۾ گهٽ چاليهه سال آهي. سندس گهنڊيدار وارن ۾ سفيد لڪيرون موجود آهن. هُو پهرئين جي پيٽ ۾ ڪجهه ايرو پيو ڏسجي. اوجاڳي جي ڪري سندس اکين جي چوڌاريءَ ڪارا حلقا پئجي ويا آهن.

(ڪو تبصرو ڪندڙ چوندو ته وقت وٽس اچي پهتو آهي. وقت سندس ڪلهن تي سوار ٿي ڪيس ڊوڙائي رهيو آهي.... اُهو هڪ عظيم مبصر هوندو، اُن ڪري جو ڪڏهن ڪڏهن، سالن ۽ صدين جي هوريءَ ۾ هڪڙو شخص سڄي روءِ زمين جي سموري عالم کي پڪاري ٿو ۽ پوءِ صديون گذريو وڃن ۽ جيئن جيئن دنيا مُڙي ٿي، اُن شخص کي وساري نٿو سگهجي. تنهنڪري ٿوري دير پهريائين هي شخص رڳو هڪڙو غلام هو ۽ هاڻي روءِ زمين تي اهڙو ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو اسپارٽيڪس کي نٿو سڃاڻي؟ مگر هن وٽ ترسڻ ۽ ڏسڻ جيترو وقت ڪونهي ته هُن سان ڪهڙو واقعو پيش آيو. هُن وٽ ته پوري هن سالن ۾ ايترو به وقت ڪونه هو ته هُو اهو ڏسي ته ساٿس ڇا ٿي گذريو آهي ۽ منجهس ڪهڙي تبديلي اچي ويئي آهي؟ هاڻي هو پنجاهه هزار ماڻهن جي لشڪر جي اڳواڻي ڪري رهيو هو ۽ اِها فوج دنيا جي هيستائين جي سڀني کان بهترين فوج هئي.

(هيءَ اها فوج آهي جيڪا آزاديءَ لاءِ وڙهي ٿي. ماضيءَ واريون فوجون بي مقصد هونديون هُيون، جيڪي خسيس مفادن يعني قومن، شهرن، دولت، جائيداد، طاقت يا علاقي تي قبضي خاطر وڙهنديون هُيون. پر هِتي هڪڙي اهڙي فوج هئي جيڪا انساني وقار ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهندي آهي. هڪڙي اهڙي فوج، جيڪا ڪنهن سرزمين ۽ ڪنهن شهر کي پنهنجو نٿي سڏي، ڇاڪاڻ ته اُن فوج ۾ شامل ماڻهو سمورن شهرن ۽ سڀني سرزمينن سان تعلق رکن ٿا. هيءَ هڪڙي اهڙي فوج هئي جنهن سمورن سپاهين جي 'غلامي' گڏيل ورثو دو ۽ انهن ماڻهن جي خلاف سندن نفرت به گڏيل هئي جيڪي ٻين انسانن کي غلام بنائين ٿا. هيءَ هڪڙي اهڙي فوج آهي جيڪا فتح حاصل ڪرڻ تي ضد ٻڌيو ٻيٺي آهي، ڇاڪاڻ ته وٽس پوئتي ڇڄڻ جو ڪو گس ئي ڪونهي، ڪابه اهڙي سرزمين ڪانه جتي ڪين پناهه ملي سگهي. هي پَل تاريخ جي بدليل حرڪت جو پَل آهي ـ هڪڙي شروعات، هڪڙي هلچل، بنا لفظن جي هڪڙي سُس پُس، هڪڙي نيڪ فال، روشنيءَ جو هڪڙو ڪرڻو، جيڪو زمين ڌارندڙ گوڙ گهمسان ۽ اکيون چُنجهيون ڪندڙ چمڪَ جو ڏس ڏي ٿو. هيءَ هڪڙي فوج آهي جنهن کي اوچتو خبر پيئي آهي ته اُها فتح جنهنجي لاءِ هو بضد آهي، دنيا کي اٽلائي وجهندي. تنهن ڪري يا ته ڪيس دنيا کي بدلائي ڇڏڻو آهي ۽ يا ته وري ڪابه فتح حاصل ڪرڻي ناهي.

(نقشي تي جهُڪيل اسپارٽيڪس جي دماغ ۾ شايد اِهو سوال ايري ٿو ته هيءَ فوج ڪيئن وجود ۾ آئي. هُو انهن مٺ جيترن ويڙهاڪن جي باري ۾ سوچي ٿو جيڪي باتياتس جي سکيا گهر مان ٻڪا هٿا. هُو انهن کي اُجلايل اُن تير وانگر سمجهي ٿو جيڪو زندگيءَ جي سمنڊ ۾ مانڊاڻ مچائي ٿو ته جيئن غلام دنيا تي ڇانيل

خاموشي هڪدم ٽُٽي پوي. هُو اُن بي انت جدوجهد جي باري ۾ سوچي ٿو جنهن جي ڪري اهي ماڻهو غلامن بدران سپاهي ٿي ويا، گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا ۽ گڏجي سوچڻ لڳا.

(هاڻي لڙائيءَ جون تياريون ٿي رهيون آهن. سندس دل خوف کان مُنجهيل آهي. سندس دل هميشه لڙائيءَ ۾ پهرين ائين مُنجهيل رهي ٿي. پوءِ جڏهن جنگ شروع ٿئي ٿي، تڏهن اُن ڊپ جو ڪچ حصولهي ٿو وڃي. پر هِن وقت هُو ڊنل آهي. هُو ميز وٽ ٻيهي پنهنجي ساٿين کي ڏسي ٿو. سندن چهرا خاموش چو آهن؟ ڇا هو سندس ڊپ ۾ شامل ڪونهن؟ هُو ڪاڙهن وارن واري ڪرڪسس ڏانهن نهاري ٿو. سندس نشانن واري ڪاڙهي چهري تي ٻه نندڙيون اکيون بنهه اندر گهڙي ويون آهن. سندس ڏگهيون زرد مُڇيون لڙکي کاڏيءَ تائين اچي پهتيون آهن. ۽ هي گانيڪس آهي، سندس دوست ۽ قبائلي لاڳاپي تحت سندس ياءُ. هي آهي ڪاستس ۽ فريڪسس ۽ هي آهي وڏن ويڪرن ڪُلهن وارو آفريقي، ناردو. هي آهي حليم ۽ هوشيار مصري موثار، ۽ هي آهي يهودي ٻيوَڊ. انهن مان ڪوبه ڊنل ڪونهي ته پوءِ پاڻ چو ڊنل آهي؟

(هو هاڻي انهن کي چوي ٿو "دوستو! اسين هتي ڇا پيا ڪريون؟ ڇا اسين سڄو ڏينهن هتي ٻيهي رڳو وادیءَ جي ٻئي پاسي موجود فوج جي باري ۾ اندازو لڳائيندا رهنداسين؟"

("هيءَ تمام وڏو لشڪر آهي." گانيڪس چوي ٿو. "اسان هيستائين جيترين فوجون ڏٺيون آهن يا انهن سان ويڙهه ڪئي آهي، هيءَ فوج انهن سڀني کان وڏي فوج آهي. توهان اُن کي ڳڻي ئي نٿا سگهو. هو گال کان ستين ۽ ائين دستي کي وٺي آيا آهن. هو ٽي دستا آفريقا کان ۽ ٻه دستا اسپين کان وٺي آيا آهن. مون پنهنجي ڄمار ۾ ايڏي وڏي فوج ڪانه ڏٺي آهي. وادیءَ جي ٻئي پر اٽڪل ستر هزار ڪن ماڻهن ٽينداً."

(ڪرڪسس هميشه ڊپ ۽ منجهاري کي ختم ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪرڪسس جي وس ۾ هجي ها ته هُو هيستائين سڄي دنيا کي فتح ڪري چڪو هجي ها. سندس فقط هڪڙو ئي نعرو هوندو آهي ته روم تي حملو ڪريو. ڪوئن کي مارڻ ۽ سندن آکيرن کي ساڙڻ بند ڪريو. هاڻي هُو چوي ٿو "گانيڪس، تون مون کي ٽڪائي وجهندين. لڙائيءَ جي وقت مخالف ڏر وٽ هميشه وڏي فوج هوندي آهي ۽ جنگ هميشه برو وقت هوندو آهي. آءٌ انهن جي سموري فوج جي عيوض رڳو اسان جا ٻه ڏيهه نيڪار ماڻهو ٻه ڏيڻ لاءِ تيار ناهيان. جيڪڏهن فيصلو منهنجي هٿ ۾ هجي ها ته آءٌ انهن تي حملو ڪري ڏيان ها. هينئر، بنهه هِن گهڙيءَ. آءٌ هڪ پل ٻه

دير نہ ڪريان."

(گانيڪس ٽورو وقت ڏيڻ ٿو چاهي. اُن اُميد تي تہ ٽي سگهي ٿو تہ رومي پنهنجي فوج کي بن حصن ۾ ورهائين. "هُو اڳي ٻہ ائين ڪندا رهيا آهن. ٽي سگهي ٿو تہ هو هِن ڀيري ٻہ پنهنجي فوج کي بن حصن ۾ ورهائين."

("اُهي ائين نہ ڪندا." اسپارٽيڪس چوي ٿو "آءٌ قسم کڻي ٿو چوان تہ هو ائين نہ ڪندا. هنن اسان سيني کي هتي ئي ڏسي ورتو آهي. هنن کي خبر آهي تہ اسين سيٽي هتي آهيون تہ پوءِ هو فوج کي چو ورهائين؟"

(وري موٽار چوي ٿو "آءٌ ڪرڪسس سان متفق آهيان. هي هڪڙو غير معمولي مقابلو آهي. وادي‌ءَ جي ٻئي پر تمام وڏي فوج آهي، ۽ اسان کي سِگهو يا دير سان پر سائس وڙهڻو آهي. تنهن ڪري جيترو جلد ٽي سگهي، اوترو سٺو آهي. چو تہ جيڪڏهن هنن کي وقت ڏبو تہ هو ويهي ساهي پٽي تازا توانا ٿي وڃندا ۽ ماني کائي وڃندا. پر اسان وٽ ٿوري دير کان پوءِ کائڻ لاءِ ڪجهہ ئي ڪونہ بچندو."

("تنهنجي خيال ۾ هنن جو ڳاٽيٽو گهٽو هوندو؟" اسپارٽيڪس پڇيو.

("گهٽ ۾ گهٽ ستر هزار."

(اسپارٽيڪس اداس ٿي ڪنڌ لوڏي ٿو. "هي تہ تمام وڏو انگ آهي.... تمام گهڻو ڳاٽيٽو آهي. منهنجو خيال آهي تہ اسان کي هن ئي جاءِ تي سائن وڙهڻ گهرجي." هو پنهنجي آواز کي نرم رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر سندس دل تمام تيزي‌ءَ سان ڌڙڪي ٿي.

(هو فيصلو ڪن ٿا تہ ٽن ڪلاڪن اندر ئي اندر رومين تي حملو ڪندا. پر لڙائي اُن کان ٻہ اڳ ۾ شروع ٿي ويئي. مختلف مهندار مشڪل سان پنهنجي پنهنجي دستن وٽ پهچي سگهيا جو رومين هنن جي مرڪز تي حملو ڪري ڏنو. هي نہ تہ ڪو ڏکيو داءُ آهي ۽ نہ ئي اُن ۾ ڪا مهارت جي ڳالهہ آهي. بس هڪڙي دستي غلامن جي مرڪز تي حملو ڪري ڏنو ۽ پوءِ روم جي سموري فوج اُن دستي جي پٺيان ٿي پٺيان غلامن جي فوج جي مرڪز واري هنڌ تي حملو ڪريو ٿي ڏي.

(ڊيوَڊ اسپارٽيڪس سان گڏ رهي ٿو. هڪ ڪلاڪ تائين مس مس هو وڃي پنهنجي ضابطہ آفيس جي بچاءَ جي درست ڪرڻ جهڙا ٽيا. جيئن تہ لڙائيءَ جو زور متن ٿي هو تنهن ڪري عيبتناڪ جنگ هتي ئي وڙهي پٽي ويئي. وراندو تباهہ ٿي ويو هو. ويڑهہ سمنڊ جي لهرن وانگر جاري هئي ۽ اسپارٽيڪس، جو چؤطرف متيءَ ۽ ڏوڙ جو طوفان برپا هو.

(هيءَ جنگ آهي. هاڻي ڊيوڊ کي خبر پيئي تہ هُو جنگ وڙهي رهيو آهي. هن

کان اڳ واريون لڙايون ته مڙيئي جهڙپون هُيون. اسپارٽيڪس هڪ عظيم فوج جو مهندار نه پر هڪڙو عام ماڻهو آهي، جنهن جي هڪڙي هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي ۾ ڍال آهي. هُو هڪ ديوَ وانگر وڙهي رهيو هوندو آهي. يهودي به ساڳي بهادريءَ سان وڙهي پيو. هو ٻئي هڪڙي چٽان آهن، هڪڙو جبل آهي ۽ جنگ انهن جي چوڌاريءَ موجون پيئي مائي. هو اڪيلائي اڪيلا آهن ۽ پنهنجون زندگيون بچائڻ خاطر پيا وڙهن. پوءِ سوين هزارين ماڻهو سندن مدد لاءِ اچن ٿا. ڊيوَڊ اسپارٽيڪس ڏانهن نهاري ٿو. ۽ رت ۽ پگهر پنيان ٽريشين مسڪرائي ٿو.

("کهڙي نه زبردست جنگ آهي ڊيوَڊ، ڏاڍي زبردست جنگ آهي." اسپارٽيڪس رڙ ڪري چوي ٿو.

(ڊيوَڊ کي سندس ڀَالهه ڏاڍي وٺي ٿي. هُو سوچي ٿو ته هيءُ کهڙو نه عجيب انسان آهي. ڏس ته سهي. جنگ سان کيڏو نه پيار ڪري ٿو. کيترو نه عمدگيءَ سان وڙهي ٿو... بلڪل هڪڙي شينهن وانگر... هُو انهن ماڻهن وانگر وڙهي ٿو جن جا گيت هُو اڪثر ڪري جهونگاريندو آهي.

(ڊيوَڊ کي اِها خبر ڪانهي ته پاڻ به ساڳي طرح وڙهي ٿو. هن کي رڳو اِها خبر آهي ته اسپارٽيڪس کي زخم اچڻ کان اڳ ۾ پاڻ مري مٽو ڏيندو. هو هڪڙي اوچ ٻليءَ وانگر آهي. هڪڙو وڏو جهنگلي ٻلو، ۽ سندس تلوار هڪ چنبي وانگر آهي. هُو ڪڏهن به اسپارٽيڪس کان جدا نه ٿو ٿئي. ڏسڻ وارو ائين ٿو سوچي ته هُو اسپارٽيڪس سان ڳنڍيل آهي. هن جي سموري ٽيندڙ جنگ تي نظر ٿي ڪانه ٿي وڃي، هُو ته رڳو اُهوئي ڪجهه ڏسي ٿو جيڪو رڳو سندس ۽ اسپارٽيڪس جي عين سامهون ٿي رهيو آهي. هُن لاءِ بس ايترو ئي ڪوڙ آهي. رومين کي خبر آهي ته اسپارٽيڪس اِتيئي آهي. ڪانئن پنهنجو روايتي فوجي ناڇ به وسريو وڃي ٿو. هو پنهنجي عملدارن جي حڪمن کان مجبور ٿي لڙائيءَ ۾ شامل ٿين ٿا ته جيئن اسپارٽيڪس تائين پهچي سگهن، ڪيس گرفتار ڪري سگهن، ڪيس هيٺ ڪيرائي سگهن، ڪيس قتل ڪري سگهن ۽ سندس سر ڏڙ کان ڌار ڪري سگهن. هو ايترو ته ويجهو پهچي وڃن ٿا جو ڊيوڊ سندن غليظ ۽ ڪچيون گاريون به ٻڌي سگهي ٿو. جنگ جي شور ۾ واڌارو ٿئي ٿو. پر غلامن کي به خبر آهي ته اسپارٽيڪس هِتي آهي ۽ اُهي به انهيءَ چڪتاڻ واري مرڪز ۾ ڪَڏي پون ٿا. هو اسپارٽيڪس جو نالو هڪ علمَ طور بُلند ڪن ٿا، 'جيئي اسپارٽيڪس، سدا جيئي اسپارٽيڪس' جو نعرو سڄي جنگي ميدان ۾ ٻُري اُٿي ٿو. 'جيئي اسپارٽيڪس' جي گونج ميلن جي پنڌ کان به ٻڌڻ ۾ اچي ٿي ۽ اُن کوٽ ڏنل شهر کان پنج ميل پري تائين به ماڻهو اُن جنگ جي صدا ٻڌن ٿا.

(پر ڊيوَڊ بنا غور ڪرڻ جي رڳو ٻڌي ٻيو. هُن کي سواءِ اُن لڙائيءَ جي ۽ سواءِ انهن منظرن جي جيڪي عين سندس سامهون ٿي رهيا آهن، ٻي ڪا خبر ڪانهي. سندس قوت جواب ڏيئي رهي آهي. سندس چپ سُڪي ٽوڙ ٿي رهيا آهن. جنگ خوفناڪ ترين شڪل اختيار ڪري ٿي وئي. هن کي هن ڳالهه جي خبر ڪانهي ته جنگ ٻن ميلن جي علاقي تائين پکڙجي چڪي آهي. ڪيس اِها به خبر ڪانهي ته ڪرڪسس ٻن دستن کي شڪست ڏني آهي ۽ هاڻي سندن پيڇو ڪري رهيو آهي. ڪيس رڳو پنهنجي ٻانهن، تلوار ۽ پاسي ۾ موجود اسپارٽيڪس جي خبر آهي. جيستائين هو نرم نرم گاهه ۾ گوڏن تائين گيچي نٿو وڃي تيستائين ڪيس اِها خبر به ڪانه ٿي پوي ته ڪو هو وڙهندي وڙهندي هيٺ واديءَ تائين پهچي چڪا آهن. پوءِ هو دريا ۾ لهي پون ٿا. لڙائي جاري رهي ٿي. هو رت هاڻي وهندڙ پاڻيءَ ۾ به ويڙهه جاري رکن ٿا. سج لهي وڃي ٿو ۽ آسمان ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو. هيءَ تلخ سلامي آهي انهن هزارين ماڻهن کي، جيڪي پنهنجي نفرت ۽ غصي سان سموري واديءَ کي يري ڇڏين ٿا. اونداهيءَ ۾ ويڙهه سست ٿيو وڃي ٿي، پر مڪمل طور تي ختم ڪانه ٿي ٿئي. چند جي ٽڏيءَ چانڊوڪيءَ ۾ غلام خوني درياهه ۾ وَرَ وَرَ ڏيئي ٽپيون هڻي رهيا آهن ۽ بار بار اُهو رت هاڻو پاڻي پيئن ٿا، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هو اِهو پاڻي نٿا پيئن ته اڄ کان بنهه مري ويندا.

(صبح ٽيندي ٽيندي رومين جو حملو ختم ٿي وڃي ٿو. انهن غلامن جهڙن ماڻهن سان يلا ڪير وڙهي پوري پوندو. اُن ڳالهه سان ته ڪو فرق ئي ڪونه ٿو پوي ته سندن ڪيترا ماڻهو ماريا ويا آهن. ڇو ته مري ويلن جي جاءِ پُر ڪرڻ لاءِ ٻيا، انسانن بدران حيوانن وانگر رڙيون ۽ رانيڙ ڪندا اچي وڃن ٿا. بنهه اُن وقت به جڏهن تلوارن سندس آندا ڪيي ڇڏيا هجن ۽ هو زمين تي ڊير ٿيا پيا هوندا آهن، اوڏيءَ مهل به هو دشمن جي ٽنگن ۾ چَڪَ هڻيو ڏند پيڙيو ڪريو پون. ايتريقدر جو پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ چَڪَ پائيندڙ جي جيستائين سِسي ڏڙ ڪان ڌار نٿي ڪئي ويئي تيستائين هن پنهنجا ڏند نٿي ڪڏيا. ٻيا ماڻهو جڏهن زخمي ٿين ٿا تڏهن رِسڪي رِسڪي جنگ جي ميدان مان ٻاهر نڪري وڃن ٿا پر هي غلام تيستائين وڙهندا رهن ٿا جيستائين مري نٿا وڃن. ٻيا ماڻهو سج لهڻ مهل جنگ بند ڪريو ڇڏين پر هي غلام ٻلين وانگر اونداهيءَ ۾ به وڙهن ٿا ۽ ڪڏهن به آرام نٿا ڪن.

(ان قسم جي ڳالهه ٻڌڻ سان رومين ۾ ڊپ، جي لهر ڊوڙي وڃي ٿي. ڊپ جو اِهو بج گهٽو عرصو منجهن چَنبيو ويو آهي. غلامن کان خوف ۽ اِن باري ۾ هو ڪيترين ئي ڳالهيون ڪندا هئا ــ توهان غلامن سان گڏ رهو ٿا پر انهن تي ڪڏهن به اعتبار نه ڪجو. هو اندر هڪڙا آهن ته باهر ٻيا. هو هر روز توهان سان مسڪرائي

ملن ٿا پر اُن مسڪراهٽ جي پٺيان انڌي نفرت موجود آهي. هو فقط توهان کي قتل ڪرڻ جي باري ۾ ئي سوچين ٿا. هو نفرت ۾ ئي پلجي وڏا ٿين ٿا. هو موقعي جو انتظار ڪن ٿا، انتظار ڪن ٿا ۽ انتظار ڪندا ئي رهن ٿا. هنن وٽ به اهڙيون شيون آهن جيڪي ڪڏهن به ختم نٿيون ٿين. هڪڙي صبر ۽ ٻي ياداشت ـ هي هٿا اُهي ٻج جيڪي رومين ۾ گهٽي وقت کان وٺي چڻيا ويا هٿا، جڏهن هنن اڃا مس سوچڻ سمجهڻ شروع ڪيو هو ۽ هاڻي ته انهن چڻيل ٻجن مان وڻ ٿي ٻنهه ميوو جهليو بيٺا هٿا.

(هو ٽڪل آهن. منجهن اهڙي پهچ ڪانهي جو هو پنهنجون تلوارون ۽ ڍالون ڪٽي سگهن. پر غلام ٽڪل ڪونهن. دليل جي حڪمراني قائم رهي ٿي. ڏهه غلام هِتان ٿا اچن ته سؤ غلام هُتان. سون مان ڪُري هزار ٿيو پون ۽ هزارِ ڏهن هزارن ۾ بدلجيو وڃي ۽ پوءِ هڪدم سڄيءَ فوج ۾ خوف ۽ هراس پکڙجيو وڃي ٿو، ۽ رومي هٿيار ڦٽا ڪرڻ شروع ڪري ڏين ٿا. سندن عملدار کين هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان روڪين ٿا ته مرگو هو پنهنجي عملدارن کي قتل ڪريو چڏين ۽ ڊپ مان رڙيون ڪندا غلامن وٽان پڇيو وڃن ٿا. غلام پراڻو حساب چڪتو ڪرڻ لاءِ سندن پيڇو ڪن ٿا ۽ اهڙي طرح ميدان پري پري تائين رومين سان ڀرجيو وڃي ٿو جيڪي اونڌا پيل هوندا آهن ۽ سندن پٺن ۾ زخم هوندا آهن.

(جڏهن ڪرڪسس ۽ ٻيا ساٿي اسپارٽيڪس کي ڳولي هٿ ڪن ٿا ته هُو يهودیءَ سان گڏ هوندو آهي. اسپارٽيڪس زمين تي سنئون ڊگهو ٿي پيو آهي. هُو رومين جي لاشن سان گڏ ليٽيل آهي. يهودي هٿ ۾ تلوار ڪنيو سندس پاسي ۾ بيٺو آهي. "هِن کي جاڳائجو نه، هي ٻلي ستو پيو هُجي." يهودي چوي ٿو. "هي ٻلي ستو پيو هجي. اسان هڪ عظيم فتح حاصل ڪئي آهي."

(پر اُن عظيم فتح ۾ ڏهه هزار غلام ماريا ويا هٿا ۽ رومي فوجون ته ٻيون به ايندیون، پر هِن کان به وڌيڪ طاقتور ۽ وڏيون فوجون.)

[7]

جڏهن هيءَ خبر پُڄي ويئي ته ويڙهاڪ جا هاڻي پويان پساهه آهن، تڏهن ماڻهن جي ڏانهس دلچسپي گهٽجي ويئي. شام تائين اُتي فقط آگرين تي ڳڻڻ جيترا اهڙا خارش جي مرض ۾ ورتل فقير وڃي رهيا هٿا، جن کي ڪاپوا شهر جون حسين شامون به راس نٿي آيون. هيءَ ڳالهه صحيح آهي ته اُن وقت ڪاپوا ۾ گهوڙن جي ڊوڙ جو رواج ڪونه هو، پر اِها ڳالهه ته پڪي هئي ته ڪنهن نه ڪنهن آکاڙي ۾ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٿي رهيو هوندو. جيئن ته ڪاپوا سيلانين لاءِ ڏاڍو وڻندڙ شهر هو، تنهن

ڪري اُن جي دولتمندن لاءِ هيءَ فخر جي ڳالهه هئي ته هو سال ۾ ڇهه ٽي سؤ ڏينهن ته جوڙن جي ويڑهه جو ضرور بندوبست ڪن. ڪاپوا ۾ هڪ بهترين ٽيٽر هو ۽ ڪسبيائين جا ڪيترائي چڪلا سرعام هلي رهيا هئا. هي چڪلا روم جي پيٽ ۾ هتي وڌيڪ آزاديءَ سان هلي رهيا هئا. انهن چڪلن ۾ هر قسم جون ۽ هر نسل جون عورتون موجود هيون. ڪاپوا ۾ تمام عمدا دوڪان، عطر جون بازاريون ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ڪيترائي تماشا گهر موجود هئا.

تنهن ڪري صليب تي ٽنگيل هڪ مرندڙ ماڻهو اتان لنگهندڙ راهگير لاءِ ڪا دلچسپي پيدا ڪري سگهيو ٿي ته اِها ڪا حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه ڪانه هئي. جيڪڏهن هُو غلامن جي آزاديءَ جي جنگ جو هيرو نه هجي ها ته مٽس ڪوبه ماڻهو ٻيو پيرو اڪ ڪٽي ڪونه نهاري ها. پر هِن حيثيت ۾ به هاڻ منجهس ڪابه وڌيڪ ڪشش ڪانه هئي. "ڪاپوا جي رومي شهرين جي نالي هڪ خط" ۾ يهودي آباديءَ جي ٽن معتبر دولتمند واپارين اِن ويڑهاڪ سان ڪنهن به قسم جي همدردي نه رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. هنن واضح ڪري ڇڏيو هو ته سندن وطن ۾ سيني باغي عنصرن جو خاتمو ڪري ڇڏيو ويو هو. هنن اِهو به اعلان ڪيو هو ته رڳو طُهر ويهڻ يهودي نسل هجڻ جو ثبوت ڪونهي... چاڪاڻ ته طهر ويهڻ جو رواج مصرين، سودانين ۽ پارسين ۾ به عام جام هو. يهودين جي فطرت ۾ هيءَ ڳالهه آهي ئي ڪانه ته هو ان اقتدار جي خلاف بغاوت ڪن، جنهن دنيا جي هڪ تمام وڏي علاقي ۾ امن ۽ سلامتي، نظم ۽ ضبط قائم ڪري رکيو هجي. تنهن ڪري سمورين ڏسين ڪان اڪيلو ڪيل هي ويڑهاڪ اڪيلائيءَ جي درد ۽ غم ۾ پنهنجي انجام ڪي پهچي رهيو هو. هُن سپاهين ۽ تماشبينن لاءِ ڪوبه تماشو مهيا ڪونه ڪيو. رڳو هڪڙي تباهه حال پوڙهي پنهنجي گوڏن جي چوتاري ٻانهون ٻڌيو ويٺي صليب ڏانهن نهاري رهي هئي. سپاهي بيزاريءَ کان تنگ ٿي اُن پوڙهيءَ کي چيڙائڻ لڳا:

"او خوبصورت پري!" انهن مان هڪڙي چيو "صليب تي ٽنگيل هن ماڻهوءَ لاءِ تون ڪهڙا خواب پئي ڏسين؟"

ٻئي چيو "ڇا اسين هن کي ڪاٽي ٽڪر ٽڪر ڪري تنهنجي اڳيان پيش ڪريون؟ توکي هِن جهڙي خوبصورت نوجوان سان سمهندي گهٽو عرصو ٿيو آهي؟"

"تمام گهٽو عرصو ٿيو آهي." پوڙهيءَ ٻُڏ ٻُڏ ڪئي.

"واهه واهه! بستري ۾ هُو ته توتي هڪ ڏِڳي وانگر چڙهيو هوندو. منهنجا رب! هُو توتي ائين چڙهيو هوندو جيئن هڪ گهوڙيءَ تي سانِ چڙهندو آهي. ڪيئن، ٺيڪ آهي نه پوڙهي مائي؟"

"ڳالهه ڪرڻ جو ڍنگ ته ڏسو. توهين ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو! مون سان

ڳالهائڻ جو ڏنگ ته ڏسو!" پوڙهيءَ چيو.

"اوه، محترما! مون کي معاف ڪر." هڪٻئي جي پٽيان سپاهي جهُڪي مائيءَ کان معافي وٺي رهيا هئا. ڪجهه تماشبين اِهو ڏسي انهن جي چوڌاريءَ ڦري ٻيهي رهيا.

"مون کي توهان جي معافي وٺڻ جي ڪابه پرواهه ڪانهي." پوڙهي مائيءَ چيو "غليظ انسانو! آءٌ ميري گدلي آهيان، پر توهان ته گندگي ۽ غلاظت سان بنهه پريا ٿڦيا پيا آهيو. آءٌ ته پنهنجي ميراڻ ڏوئي سگهان ٿي، پر توهان ائين نٿا ڪري سگهو."

هن کي مائيءَ جا هي لفظ بنهه ڪونه وٺيا. هن کي پنهنجي بااختياري وري ياد اچي ويئي. هن جا چهرا ڦري ويا ۽ اکيون ڪاوڙ ۾ ڳاڙهيون ٿي ويون.

"پوڙهي، آرام سان ويهي رهو ۽ پنهنجي بڪ بڪ بند ڪر." انهن مان هڪڙي چيو.

"مون کي جيڪو دل ۾ ايندو سو چوندس."

"ته پوءِ وڃ. پهرين وڃي وهنجي اچ. تون ته پيٽسان ڪا انڊي فقيريائي ٿي لڳين."

"ها ها، آءٌ فقيريائي ته آهيان. هڪڙي ڏڪاريل فقيريائي. پر توهين رومي نڏهن چا آهيو؟ سڄي دنيا ۾ ڏوتل پوتل ماڻهو؟ هون! رومي چاهي ڪيترا ئي لوفر چونه هجن، پر روزانو وهنجن ٿا. صبح جو جُوا خانن ۾ ۽ شامون آکاڙن ۾ گذارين ٿا. توهين ڪيڏا نه صاف سترا آهيو؟" پوڙهيءَ مٽن طنز ڪئي.

"چگو، چگو. هاڻي گهٽو ٽيو. هاڻ پنهنجو وات بند ڪر."

"اڃا گهٽو ڪٽي ٽيو آهي؟ آءٌ ته وهنجي به نٿي سگهان، آءٌ ته غلام آهيان. غلام وهنجڻ خانن ۾ وڃي نٿا سگهن. آءٌ ته پوڙهي ۽ استعمال ٽيل ۽ رڳڙيل شيءِ آهيان. توهين مون کي چا ٿا ڪري سگهو. آءٌ هتي اُس ۾ ويٺي رهندیس ۽ ڪنهنجي پرواهه ڪانه ڪندیس. آءٌ روزانو به پيرا پنهنجي مالڪ جي گهر ويندي آهيان ۽ هُو مونکي ماني ڄيو ڏيندو آهي. اُها ماني سٺي هوندي آهي. روم جي ماني ــ جنهن کي اُپائين غلام ٿا، لابارو غلام ٿا ڪن، غلام ئي اتو پيهن ٿا، ۽ ماني به غلام ٿا پچائين. آءٌ هيڏانهن هوڏانهن گهمندي آهيان ته جيئن ڪا اهڙي شيءِ ڳولي لهان، جيڪا غلامن جي هٿ جي ٽهيل نه هجي. توهان جو ڪهڙو خيال آهي، مونکي ڏيجاريندؤ؟ آءٌ ٽُڪ ئي هٽان توهان کي منهن تي!"

اِهي ڳالهيون پٽي ٽيون ته ڪراسس واپس ايپيئين گيٽ تي پهتو. هو چگي

طرح سمهي نه سگهيو هو. بلڪ انهن ماڻهن وانگر، جيڪي رات جي ننڊ ڏينهن ۾ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪانئس پڇي ها ته هُو صليب تي ٽنگيل ماڻهوءَ کي ڏسڻ چو آيو هو ته هُو جواب ۾ رڳو ڪُلها چنديِ ها. پر اصل ۾ هُن کي چگي طرح خبر هئي ته ڪراسس جي زندگيءَ جو هڪڙو دؤر هِن آخري ويڑهاڪ جي مرڻ سان گڏ ئي ختم ٿي ويندو. ڪراسس کي رڳو دولت جي ڪري ياد ڪونه ٿي ڪيو ويو، پر اُن لاءِ به ياد ڪيو ويو ٿي ته ڪراسس اهو شخص هو، جنهن غلامن جي بغاوت کُچلي ڇڏي هئي.

اِها ڳالهه چوڻ ته بنهه سولي آهي پر ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي. جيستائين هُو جيئرو رهيو، تيستائين پاڻ کي غلامن جي جنگ جي يادگيرين کان آجو ڪري نه سگهيو. هُو انهن ئي يادگيرين جي سهاري جِي رهيو هو، انهن ئي يادن سان گڏ اتندو هو ۽ انهن سان ئي سمهندو هو. جيستائين ڪراسس مري نه ويو، تيستائين اهو اسپارٽيڪس کي وساري نه سگهيو. تنهن ڪري هاڻي ڪراسس وري اُن شخص کي ڏسڻ آيو هو، جيڪو سندس دشمن سان گڏ زندگي گذاري رهيو هو.

انهيءَ واري (شِفٽ) وارو اڳواڻ هڪ نئون مهندار هو. هُو به ڪاپوا جي بين ماڻهن وانگر جنرل کي سڃاڻندو هو. هُن جنرل سان ذاتي دوستي وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش پئي ڪئي. هُن اِن ڳالهه جي به پئي معافي طلبي ته ويڑهاڪ کي مرندو ڏسڻ لاءِ تورڙا ماڻهو چو وڃي ٻچيا آهن."

"هوُ هاڻي تيزيءَ سان مري رهيو آهي." هُن چيو "هيءَ ته حيرت جهڙي ڳالهه آهي. هُو ڏسڻ ۾ ڏاڍو سخت جان پئي نظر آيو. هُو ٽن ڏينهن تائين جيئرو رهي سگهيو ٿي. پر هاڻي ته لڳي ٿو ته صبح ٿيڻ کان اڳ ئي مري ويندو."

"تون اِها ڳالهه ڪيئن ٿو چئي سگهين؟" ڪراسس پڇيس.

"مون ڪيترائي صليب ڏٺا آهن ۽ انهن سيني جي موت جو نمونو هڪجهڙو ئي آهي. شرط رڳو هي آهي ته ڪِلي کا وڏي نَس نه وڌي وجهي ۽ گهٽو رت وهڻ سبب موت جلدي نه ٿي پوي. توڙي جو هن شخص جو رت گهٽو ڪونه پيو وهي پر اصل ڳالهه هيءَ آهي ته هي شخص وڌيڪ زنده رهڻ ئي نٿو چاهي ۽ جڏهن ائين ٿي وڃي ٿو تڏهن هُو شخص جلد مري وڃي ٿو. توهان کي حيرت ته ڪاڻ پيئي ٿئي؟"

"آءٌ ڪنهن به شيءِ تي حيران ڪونه ٿيندو آهيان." ڪراسس چيو.

"منهنجو به اِهوئي اندازو آهي، چاڪاڻ ته توهان به تمام گهڻن موتن جو شاهدو....."

انهيءَ دوران سپاهين پوڙهيءَ مائيءَ کي مارڻ شروع ڪري ڏنو هو ۽ مائي پنهنجي بچاءَ ۾ رڙيون پئي ڪيون، سي جنرل به ٻڌيون. ڪراسس اُن طرف وڃڻ

لڳو ۽ سڄي منظر کي هڪ نظر سان ڏٺائين ۽ پوءِ ڪڙڪ آواز ۾ سپاهين کي چيائين:

"توهان کيڏا نه بهادر آهيو. ڇڏي ڏيو پوڙهي مائيءَ کي."

سندس آواز جي گهرائي هن کي حڪم جي تعميل ڪ ۽ تي مجبور ڪري وڌو. هن مائيءَ کي ڇڏي ڏنو. انهن ماڻ هڪڙي ڪراسس کي سڃاڻي ورتو ۽ ٻين کي ڪن ۾ ٻڌايائين. پوءِ اڳواڻ آيو. هُن هِن منظر جي باري ۾ معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو. هُن پڇيو.

"توهان کي ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪونهي؟"

"هيءَ مائي وڏي گستاخ ۽ وات ڦاٽي آهي

ويجهو بيٺل هڪ ماڻهوءَ وڏو ٿهڪ ڏنو.

"پري ٿيو، پڄي وڃو هِتان!" اڳواڻ بيڪار بيٺل تماشائين کي چيو. اُهي ماڻهو ٻه ٽي قدم پري هٽيا پر گهٽو پري ڪونہ ويا. پوڙهي مائيءَ ڪراسس کي چيو.

"اوهہ، عظيم جنرل مون کي بچائيندڙ آهي."

"تون ڪير اهين؟" ڪراسس پڇيو.

"اي عظيم شخص! مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آءٌ تنهنجي آڏو سجدو ڪريان يا تنهنجي منهن تي ٿڪ ڪڍي هٽان؟"

"توهان ڏسو پيا؟ مون چيو ڪونہ هو تہ مائي وڏي وات ڦاٽي آهي." سپاهيءَ رڙ ڪري چيو.

"ها ها، ٺيڪ آهي. پوڙهي، توکي ڇا گهرجي؟" ڪراسس پڇيو.

"آءٌ رڳو ايترو ٿي چاهيان تہ مون کي اڪيلو ڇڏيو وڃي. آءٌ هتي هڪڙي بهترين انسان کي مرندي ڏسڻ آئي آهيان. ڪيس بنهہ اڪيلو نہ مرڻ گهرجي. هائي، جيئن تہ هُو مري رهيو آهي، آءٌ هتي ويهي ڪيس ڏسندیس. آءٌ ڪيس پنهنجو پيار ۽ قرب پيش ڪندیس. آءٌ ڪيس ٻڌائيندیس تہ هُو ڪڏهن بہ ڪونہ مرندہ اسپارٽيڪس بہ ڪڏهن ڪونہ مئو آهي. اسپارٽيڪس زنده آهي."

"پوڙهي تون ڇا ٻڌي چوين؟"

"مارڪوس ليسيٽيس ڪراسس! ڇا توکي خبر ڪانهي تہ آءٌ ڇا ٻڌي چوان؟ آءٌ اسپارٽيڪس جي باري ۾ ٻيئي ڳالهايان. ها، مون کي خبر آهي تہ تون هتي ڇا لاءِ آيو آهين؟ ٻڌي ڪنهن کي خبر ڪانهي پر توکي ۽ مون کي خبر آهي. ڪيئن آهي نہ ائين؟"

اڳواڻ سپاهين کي حڪم ڏنو تہ پوڙهيءَ کي گهلي باهر ڪڍي وڃن. جو تہ

هوءَ غليظ ۽ گندين ڳالهيون ڪري رهي هئي. پر ڪراسس غصي مان سپاهين کي پري هٽي وڃڻ جو اشارو ڪيو.

"هِن کي اڪيلو ڇڏي ڏيو. مون کي اِهو نه ڏيکاريو ته توهان ڪيترا بهادر آهيو. آءٌ پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري ڄاڻان ٿو. آءٌ هڪ هٿين خالي عورت کان پنهنجو بچاءُ ڪري سگهان ٿو."

"تون ڊنل ٿو لڳين." پوڙهي عورت مسڪرائيندي چيو.

"آءٌ ڪنهن کان ڊنل آهيان؟"

"اسان کان. اِن قسم جو خوف توهان سڀني جي دلين ۾ موجود آهي، تنهن ڪري تون هتي آيو آهين. تون هِن کي مرندو ڏسڻ آيو آهين. اِها يقين ڪرڻ ته آخري شخص به مري ويو. ٽورڙن غلامن توهان کي اِن حد تائين پهچائي ڇڏيو آهي جو تون ايترا تائين ڊنل آهين. ۽ جڏهن هي مري ويندو تڏهن توهان جو ڪهڙو خيال آهي ته چا اِهو آخري هوندو؟ انهيءَ راند جي پيچاڙي ڪڏهن به ڪانه ٿيندي."

"پوڙهي تون ڪير آهين؟"

"آءٌ هڪڙي غلام آهيان." هُن جواب ڏنو. هاڻي هوءَ بلڪل اٻوجهه، هراسيل ۽ نندڙي ٻار لڳي رهي هئي. "آءٌ هتي پنهنجي قوم جي هن فرد جو ساٿ ڏيڻ ۽ ڪيس ڪجهه سکون پهچائڻ آئي آهيان. ٻيا غلام هتي اچڻ کان ڊڄن ٿا. ڪاپوا شهر منهنجي قوم جي ماڻهن سان پريو پيو آهي، پر اهي سمورا ڊنل آهن. اسپارٽيڪس اسان کي چيو هو ته اٿي ڪڙا ٿيو ۽ آزادي حاصل ڪريو. پر اسين ڊڄون ٿا. اسين تمام گهٽا طاقتور آهيون پر پوءِ به اسين اڪيون جهڪائي ۽ رين رين ڪري روئندا ويجي وجون ٿا." هاڻي سندس ڏرا ڏيئي ويل پوڙهي اکين ۾ لڙڪ تري آيا هئا. "تون مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪندين؟"

"ڪجهه به نه. پوڙهي مائي، تون جيڪڏهن هِتي ويهي روئڻ چاهين ٿي ته بيشڪ ويهي روءِ." هُن مائيءَ ڏانهن هڪ سِڪو اڇلايو ۽ فڪر ۾ غرق اتان هليو ويو. هُو صليب تائين ويو ۽ مرندڙ ويڑهاڪ کي ڏسڻ لڳو. پوڙهي مائيءَ جون ڳالهيون سندس دماغ ۾ ڦري رهيون هُيون.

[8]

ويڑهاڪ جي زندگيءَ جا چار ڏور هئا. بالڪپڻ، بي سمجهيءَ جو خوشين وارو ڏور ۽ جواني علم، ڏکن ۽ نفرتن سان پريل ڏور. اُميد جو ڏور اُهو هو جڏهن هُو اسپارٽيڪس جي ساٿيءَ جي حيثيت ۾ لڙائيءَ ۾ شامل ٿيو هو ۽ مايوسي ۽

چڪتاءَ جو دؤر اِهو هو جڏهن هيءَ حقيقت ظاهر ٿي هئي تہ سنڊن مقصد کي شڪست آئي آهي. هاڻي اُن نراسائيءَ جي دؤر جو بہ تہ خاتمو هو، جو تہ هُو مري رهيو هو.

جاکوڙ تہ سنڊس هنڊ وڇاڻ هو، پر هاڻي هُو وڌيڪ کابہ جدوجهد ڪونہ ڪري رهيو هو. زندگي هُن لاءِ مزاحمت ۽ غصي جي وحشت هئي، زندگي هڪ انسان جو ٻئي ،نسان سان تعلق جي حق ۾ هڪ اُپ ڏار چيخ هئي. ڪي ماڻهو اُن کي تسليم ڪندا هئا تہ ڪن ماڻهن ان کي تسليم نٿي ڪيو. اسپارٽيڪس سان ملاقات ٽيڻ کان اڳ ۾ هُو بہ اُن حقيقت کي ڪونہ مڃندو هو. پر پوءِ هُن اهو تسليم ڪيو تہ انسان جي زندگي هڪ اَملهہ خزانو هوندي آهي. اسپارٽيڪس جي زندگي هڪ انمول خزانو هئي، اها هڪ مقدس شيءِ هئي. سنڊس ساٿين جون زندگيون بہ مقدس هُيون. پر صليب تي مرندي مرندي بہ ايڏا تائين هُو پڇي رهيو هو تہ اسين ناڪام ڇو ٿياسين. اُهو سوال ايڏا تائين موجود هو ۽ جنهنجو جواب هن جي سمجهہ ۾ نٿي آيو.

جنهن وقت ڪرڪسس جي مرڻ جي خبر آئي هئي، تڏهن هُو اسپارٽيڪس سان گڏ هو. ڪرڪسس جو موت ڪرڪسس جي زندگيءَ جو جواز هو. ڪرڪسس هڪ خواب سان جُڙيل هو. اسپارٽيڪس سمجهي ويو تہ خواب ختم ٿي ويو، خواب اڃ ٽيٽين ۾ شامل ٿي ويو. ڪرڪسس جو خواب ۽ عمل هي هو تہ روم کي تباهہ ڪيو وڃي، پر اُها گهڙي اچي ويئي جڏهن اسپارٽيڪس کي احساس ٿيو تہ هو روم کي تباهہ نٿا ڪري سگهن، پر روم کين تباهہ ڪري ڇڏيندو. اُها شروعات هئي، پيڙي اُها هئي جڏهن ڪرڪسس ٻارهن هزارن غلامن جي اڳواڻي ڪندو هليو ويو هو ۽ هاڻي ڪرڪسس هارجي چڪو آهي ۽ سنڊس فوج تباهہ ٿي چڪي آهي. ڪرڪسس مارجي چڪو آهي ۽ سنڊس ساٿي بہ مارجي چڪا آهن. ويڙهُو ۽ ٽلهو متارو ڳاڙهن وارن وارو گال هاڻي وڌيڪ ڪِلي نہ سگهندو، وڌيڪ رڙيون ڪري نہ سگهندو. هُو مري چڪو آهي.

(ديوَدِ اسپارٽيڪس سان گڏ آهي، جڏهن اِها خبر پهچي ٿي. هڪڙو خابرو، جيئرو بچي ويل هڪ غلام اِها خبر آڻي ٿو. خابرو موت جو اِهو پيغام سيني کي ٻڌائي ٿو. اسپارٽيڪس ٻڌي ٿو ۽ ديوَدِ ڏانهن مڙي ٿو.

("ڇا تو اِها خبر ٻڌي؟" هُو ڪانئس پڇي ٿو.

("ها مون ٻڌي آهي."

("ڇا تو ٻڌو تہ ڪرڪسس مري چڪو آهي ۽ سنڊس سموري فوج بہ مارجي چڪي آهي؟"

("ها، مون ٻڌو آهي."

("ڇا دنيا ۾ ايترو موت موجود آهي؟ آهي موجود؟"

("دنيا موت سان پري پيئي آهي. توکي سڃاڻڻ کان اڳ ۾ دنيا ۾ رڳو موت ئي موت هو."

("موت ته دنيا ۾ هاڻي حڪمراني ڪندو." اسپارٽيڪس چوي ٿو. هُو بدلجي وڃي ٿو، بدلجي ويو، هُو هاڻي اهڙو ڪونهي جهڙو هو. هُو هاڻي زندگيءَ سان قيمتي لاڳاپو ڪونه رکندو، جنهن سان هُو هيستائين ٻڌل هو، جنهن سان هُو نوبيا جي سون جي کاڻين ۾ به ٻڌل هو، جنهن سان هُو آڪاڙي ۾ نه ٻڌل رهيو هو. هُن جي سامهون هاڻي موت زندگيءَ کي مات ڏيئي ڇڏي هئي. هاڻي هو جذبن کان خالي ڇهري سان ٻيٺو آهي. سنڊس اکيون 'ڪجهه ڪونهي' سان ڀريل آهن ۽ پوءِ 'ڪجهه ڪونهي' مان لڙڪ لارون ڪري وهن ٿا ۽ سنڊس ويڪرن ٻُورن ٻَلن تان ڳڙن ٿا. ڪيس روئندو ڏسي ڊيوڊ کي دهشت ونئي ويئي. هُو سوچي ٿو ته هي آهي اسپارٽيڪس جيڪو اڄ روئي رهيو آهي. هُو حيران آهي.

(اسپارٽيڪس جي چهري تي ته ڪنهن به قسم جا تاثرات ڪونه هوندا هئا. توهان ڪانهس نهاري ڪوبه اندازو لڳائي سگهيا ٿي. توهان کي فقط سنڊس ڳل تي ڏسڻ ۾ ايندو، سنڊس ويڪرو مُنهن، ٻُوري چمڙي ۽ دوربين جهڙيون اکيون نظر ايندیون. توهان کي سنڊس باري ۾ ڪيئن خبر پوندي؟ هُو هڪڙو نئون انسان آهي. ماڻهو چون ٿا ته هُو قديم زماني جي هيرن جهڙو هيرو آهي. پر پراڻي زماني جي هيرن سان اسپارٽيڪس جي ڪهڙي ڳالهه هڪجهڙائي رکي ٿي؟ ڇا هڪڙي اهڙي پيءُ جو پٽ هيرو ٿي سگهي ٿو، جيڪو پاڻ به غلام جو اولاد هجي؟ ۽ ٻيو ته هي شخص آيو ڪٿان آهي؟ هي شخص نفرت ۽ حسد کان سواءِ جيئرو ڪيئن رهي سگهي ٿو؟ توهان ڪنهن شخص کي سنڊس تکي لهجي مان سڃاڻي سگهندا، پر هي شخص ته ٻاڙو ٻولڻ کان پاڪ آهي. هُو هڪڙو مقدس انسان آهي. هي هڪڙو اهڙو شخص آهي جنهن پنهنجي سڄي جمار ۾ ڪوبه ٻيڙو ڪم ڪونه ڪيو آهي. هُو توهان کان ته مختلف آهي ئي، پر اسان کان به مختلف آهي. اسين جيڪو ڪجهه بنجڻ جي لاءِ شروعات پيا ڪريون، اُهو ته هُو اڳ ۾ ئي آهي. هُو اسان کان تمام گهڻو اڳيان، تمام گهڻو اڳيان آهي ۽ هاڻي هُو روئي ٿو.

(" تون چو ٿو روئين؟" ڊيوڊ پڇي ٿو. "تنهنجي روئڻ سان اسان جا هيانءَ جهُري ٿا پون. تون چو ٿو روئين؟ هو اسان کي تيستائين آرام سان ويهڻ ڪونه ڏيندا جيستائين اسان سيني کي ماري نه ڇڏين."

("ڇا تون ڪڏهن به ڪونه روئندو آهين؟" اسپارٽيڪس پڇي ٿو.

("جڏهن هن منهنجي پيءُ کي صليب تي چاڙهي ڪوڪا ٿوڪيا هٿا تڏهن آءٌ رُنو هوس. تنهن کان پوءِ ڪڏهن به ڪونہ رُنو آهيان."

("تون رڳو پنهنجي پيءُ لاءِ ڪونہ رُنو هوئين، ۽ آءٌ به رڳو ڪرڪسس لاءِ ڪونہ پيو روئان. آءٌ سيني علائقن جي سيني مارجي ويلن لاءِ پيو روئان. ائين چو ٿيو؟ اسان ڪٽي غلطي ڪئي هئي؟ شروع ۾ ته مون کي ڪٽي به شڪ ڪونہ هو. منهنجي سڄي زندگي انهيءَ ٽي گهڙيءَ لاءِ ته وقف هئي ته غلامن وٽ قوت هجي ۽ سندن هٿن ۾ هٿيار هجن. ۽ جڏهن ائين ٿيو تڏهن مون کي ذري جيترو به شڪ نہ رهيو هو. مون سمجهيو هو ته هاڻي چهبڪن ۽ ڪوڙن جو دؤر ختم ٿي ويو. موت سڄي دنيا جي غاصبن جي مٿن مٽان لامارا ڏيئي رهيو هو. پوءِ به اسين ناڪام ڇو ٿياسين؟ اسان شڪست ڇو کاڌي؟ اوهہ ڪرڪسس، منهنجا ساٿي، تون ڇو مري وئين؟ ڇو تون سرڪش ۽ وحشتناڪ هوئين؟ هاڻي تون ۽ري چڪو آهين، ۽ تنهنجا سمورا بهادر ۽ سدا سهٽا ساٿي مارجي چڪا آهن."

(يهودي چوي ٿو "مرڻ وارا مري ويا، هليا ويا. تون روئڻ بند ڪر."

(پر اسپارٽيڪس زمين تي ڪِري پوي ٿو. سندس مُنهن منّيءَ سان پرجي وجي ٿو. منّيءَ هاڻي چهري سان سندس پُڪار بلند ٿئي ٿي "ورينيا کي مون وٽ پهچايو. ڪيس ٻڌايو ته آءٌ ڊڄي پيو آهيان ۽ موت مون کي چٽي طرفن کان گهيريو پيئو آهي.")

[9]

ويڑهاڪ جي موت کان اڳ جي هڪڙي گهڙي سندس مڪمل هوش ۽ حواس ۾ هجڻ جي گهڙي هئي. هن پنهنجون اکيون کوليون. ڪيس سڀ شيءِ صاف ۽ چٽي پٽي نظر آئي، ۽ هڪڙي مختصر ساعت لاءِ ڪيس ايذاءُ جو ٿورڙو به احساس نہ ٿيو. هُو پنهنجي چوطرف جي منظر کي چٽيءَ طرح ڏسي رهيو هو. هڪ طرف روم جي عظيم ايمپئين شاهراهہ هئي، جيڪا روم جي مڪيہ سڙڪ هئي ۽ روم جي خوشحاليءَ جو باعث پڻ هئي، ٻئي طرف شهر جي ديوار ۽ ايمپئين دروازو هٿا. دروازي وٽ پهريدار جٽي جو اڳواڻ هڪ خوبصورت جوانڙيءَ سان عشق ڪري رهيو هو. مٽيري جاءِ تي ڪجهہ بيمار، سُست ۽ بيڪار ماڻهو وينا هٿا. رستي تي آمدرفت جاري هئي. رستي جي ٻئي پر پريان هن کي هڪ سمنڊ جو گمان ٿيو. سمنڊ وٽان ٽڏي هوا لڳي جنهن سندس چهري کي ائين چُهيو جيئن ڪا محبوبا پنهنجو ٽڏو هٺ پنهنجي حبيب جي ڳل تي رکندي هجي.

هن ٽهريءَ جو نيرو آسمان ڏٺو. آسمان جهڙوڪر لاحاصل جدائيءَ جو ابدي

درد هُجي. هن پنهنجون اکيون جهڪائي چڏيون. صليب کان چند والن جي فاصلي تي هُن کي هڪڙي پوڙهي ٿُونڊڙي ٽي وينل نظر آئي. هوءَ لڳاتار ڏانهس ڏسي رهي هئي ۽ روئي رهي هئي.

"هوءَ منهنجي لاءِ چو پئي روئي؟" ويڙهاڪ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو. "پوڙهي جيجل! ٿون ڪير آهين؟ اُتي ويهي مون کان روئڻ واري ڪِجندڙ امڙ، تون ڪير آهين؟

هن کي خبر هئي ته هائي سندس پڇائي آهي. سندس ذهن صاف هو. هن کي خبر هئي ته هُو مري پيو ۽ اِن ڳالهه تي هُو خوش هو ته جلد ئي نہ ايندءِ رهندو ۽ نہ ياد رهندي، رڳو اُها نند رهندي، جنهن جي لاءِ سمورا انسان مڪمل يقين سان اوسيئڙو پيا ڪندا آهن. ڪيس هائي موت جي خلاف وڙيڪ جدوجهد يا مزاحمت ڪرڻ جي ڪابه خواهش ڪانه هئي. هُن محسوس ڪيو ته جيئن ئي هُو اکيون بند ڪندو تيئن زندگي آسانيءَ ۽ تيزيءَ سان منجهائنس باهر نڪري ويندي.

۽ هُن گراسس کي ڏٺو. هن کي ڏٺائين ۽ سڃاڻي ورتائينس. سندس اکيون پاڻ ۾ مليون. رومي جرنيل هڪ بُت وانگر خاموش ۽ ماڻ ۾ ٻيٺو هو. سفيد چوغي ڪيس مٿي کان وٺي پيرن تائين ڍڪي چڏيو هو. هن جو خوبصورت مٿو، جنهن تي سج جي روشني پٽجي رهي هئي، روم جي قوت، خوشحالي ۽ عظمت جو نمونو لڳي رهيو هو.

"ته تون مون کي مرندو ڏسڻ آيو آهين." ويڙهاڪ سوچيو "تون غلامن جي آخري ماڻوءَ کي صليب تي مرندو ڏسڻ آيو آهين. اُن جو مقصد هي ٽيو ته جڏهن هڪ غلام مري ٿو ۽ جيڪا شيءِ هُو آخر ۾ ڏسي ٿو، سو دنيا جو اميرترين شخص آهي."

پوءِ ويڙهاڪ کي اُهو وقت ياد اچي ٿو، جڏهن هُن گراسس کي پهريون پيرو ڏٺو هو. کيس وري اسپارٽيڪس ياد آيو. هُن کي ياد آيو ته هن کي پٽو پٽجي ويو هو ته هائي سندن خاتمي جو وقت اچي ويو آهي. هن جاتو ئي ته هائي سندن ڪم ختم ٿي چڪو آهي. هن کي خبر هئي ته اُهو سندن آخري معرڪو آهي. اسپارٽيڪس ورينيا کي الله واهي چيو. ورينيا جي سمورين التجائن جي باوجود، سائس گڏ رهڻ جي سمورين منٽن جي باوجود هُن هُن کان موڪلايو ۽ کيس وڃڻ لاءِ مجبور ڪري ڏنو. هوءَ اُن وقت پيٽ سان هئي ۽ اسپارٽيڪس کي پڪي اميد هئي ته جيستائين ڪين رومي فوج ڪناري وٽ گهيري ونندي، تيستائين هار جمي پوندو ۽ هُو کيس ڏسي سگهندو. پر هار اڃا ڪونہ جائو هو تيستائين هُو ورينيا کان جدا ٿي ويو اوڏيءَ مهل هُن ديوءِ کي چيو هو:

"آءٌ پنهنجي هار کي، پنهنجي يار ۽ ساٿيءَ کي ڪڏهن به، ڪونہ ڏسي سگهندس. مون کي اِن ڳالهہ جو ڏک رهندو. صرف اِن ڳالهہ جو ارمان رهندو."

جڏهن هو جنگ لاءِ تيار ٿيا، تڏهن هو اسپارٽيڪس لاءِ هڪ سفيد گهوڙو وٺي آيا. اُهو ڏاڍو خوبصورت گهوڙو هو. اِهو پارس جو جنگي گهوڙو، برف جهڙو سفيد ۽ بهادر گهوڙو اسپارٽيڪس جي ئي شان وٽان هو. اسپارٽيڪس غم کان بي نياز هو. اِها بي نيازي رڳو ڏيکاءَ جي ڪانہ هئي. هُو واقعي خوش هو. جيتوڻيڪ گذريل ڇهن مهينن ۾ سندس وار ايڏا ٿي ويا هئا، پر پوءِ به سندس چهرو نوجوانن جهڙو ڪِلندڙ هو. اهو بدصورت چهرو به خوب صورت چهرو هو. سيني کي اِهو چهرو خوبصورت لڳندو هو. ماڻهو ڏانهس ڏسي گهر سمر ٿي ويندا هئا. تڏهن تہ هنن هُن لاءِ سفيد گهوڙو آندو هو.

"پيارا ساٿيو! آءٌ دل جي انتهائي گهرائين سان اوهانجو شڪر گذار آهيان." پوءِ هن ميڙ مان تلور ڪڍي ۽ بجليءَ وانگر ڦڙتائيءَ سان گهوڙي جي سيني ۾ وهائي ڪڍي. گهوڙي هٽڪار ڪئي، تڙپيو، گوڏن پر ويهي رهيو، ڦٽڪيو ۽ مري ويو. هُن هنن ڏانهن نهاريو. تلوار مان رت ٽمي رهيو هو. هو هِن ڏانهن خوف ۽ دلچسپيءَ سان ڏسي رهيا هئا.

"هڪڙو گهوڙو مري ويو آهي." هن چيو "ڇا توهين هڪ گهوڙي جي موت تي ويهي روئندا؟ اسين وحشي جانورن جي زندگي لاءِ نہ پر انسان جي زندگيءَ لاءِ وڙهون ٿا. روم جا ماڻهو گهوڙن سان تہ دل وندرائين ٿا پر انسانن جي لاءِ سندن دل ۾ سواءِ رُسوائي ۽ ذلت جي ٻيو ڪجهہ ڪونہ هوندو آهي. هاڻي اسين ڏسنداسين تہ هي معرڪو ڪير ٿو ڪٽي، اسين يا رومن! آءٌ اوهان جو اوهانجي تحفي لاءِ ٿورائتو آهيان. انهيءَ سوڪڙيءَ اِهو ظاهر ڪيو آهي تہ اوهين مون سان ڪيترو پيار ڪريو ٿا. پر مون کي اهڙي تحفي جي ضرورت ڪانهي. منهنجي دل اوهان جي محبتن ۽ قربتن سان پري پيئي آهي. سڄي دنيا جي هولين ۾ اهڙا لفظ ڪونهن جيڪي اِهو اظهار ڪري سگهن تہ مون کي توهان سان ڪيتري محبت آهي. منهنجا ساٿيو، اسان جون حياتيون گڏيل هيون. اڄ جيڪڏهن اسين هارائي به وجون تڏهن به اسين هڪ اهڙو ڪارنامو سرانجام ڪري چڪا آهيون جو انسانيت اُن کي هميشہ لاءِ ياد رکندي. اسين رومين سان چئن سالن تائين وڙهندا رهيا آهيون. طويل چئن سالن تائين. اسان رومي فوجن کي اڄ ڏينهن تائين پُٺ ڪانہ ڏيکاري آهي. اسين ڪڏهن به ميدان ڇڏي پڳا ڪونہ آهيون. اسين اڄ به جنگ جي ميدان مان پجنداسون ڪونہ. ڇا توهان مون کي هڪ گهوڙي تي وڙهندي ڏسڻ چاهيو ٿي؟ گهوڙن کي رومين وٽ رهڻ ڏيو. اسين پيادل وڙهنداسين، آءٌ به پيادل وڙهندس، پنهنجي پائرن سان گڏ ڪلهو ڪلهي ۾

ملائي. جيڪڏهن اسين اڄ جنگ کٽون ٿا ته پوءِ اسان وٽ تمام گهڻا گهوڙا هوندا. اسين انهن کي گاڏين ۾ نه پر هَرَنِ ۾ جوٽيندا سين ۽ پر جي اسين اڄ هارائي وڃون.... ۽ جيڪڏهن اسين هارائي وڃون ته پوءِ اسان کي گهوڙن جي ضرورت کانه پوندي. اسان کي گهوڙن تي چڙهي ڀڄڻو ناهي!"

پوءِ هُن سيني کي پاکر وڌا. هُو هر پرائي ساٿيءَ کي پاکر پائيندو، چپن تي چمي ڏيندو رهيو ۽ جڏهن ڊيوَڊ وٽ آيو تڏهن هُن چيو:

"آهه، منهنجا دوست. عظيم ويڙهاڪ. ڇا اڄ به تون مون سان گڏ رهندين؟"

"هميشه."

۽ جڏهن هُو صليب تي ٽنگيل هو ۽ ڪراسس، کي ڏسي رهيو هو تڏهن هن سوچيو "هڪڙو ماڻهو ڪيترو ڪجهه ڪري سگهي ٿو؟"

هاڻي هُن کي ڪوبه افسوس ڪونه هو. هُو اسپارٽيڪس سان گڏگڏ وڙهيو هو. هُو ان جاءِ تي وڙهيو هو جڏهن اُن شخص (جيڪو هينئر ڏانهس نهاري رهيو هو) پنهنجي گهوڙي کي اڙي لڳائي هئي ۽ غلامن جي صفن کي ڪچلي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڊيوَڊ اسپارٽيڪس سان آواز ملائي هڪل ڪئي هئي ـ

"ڪراسس اسان ڏانهن اڄ. اڄ ۽ اسان جي استقبال جو مزو وٺ."

هُو ان وقت تائين وڙهيو هو جيستائين نه هڪ زور سان اچليل پٿر کيس ڪيرائي وڌو. هُو تمام سٺو وڙهيو هو. هُو اُن ڳالهه تي تمام گهڻو خوش هو جو هُن اسپارٽيڪس کي مرندي ڏٺو هو. هُو اُن ڳالهه تي به تمام گهڻو خوش هو ته اسپارٽيڪس جي بدران پاڻ خود صليب جي ذلت آميز ۽ هيڻي سزا پوڳي رهيو هو. کيس هاڻي ڪابه ندامت، ڪوبه ارمان ۽ ڪابه خلش دل ۾ باقي ڪانه رهي هئي. کيس اسپارٽيڪس جي آخري خوشيءَ جي ڳالهه به سمجهه ۾ اچي ويئي. هُو به اسپارٽيڪس وانگر هو. چاڪاڻ ته هُو زندگيءَ جي اُن آخري راز ۾ حصيدار هو جنهنجي اسپارٽيڪس کي خبر هئي. هُن ڪراسس کي بڌائڻ پئي چاهيو. هُن ڳالهائڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي. هُن پنهنجي چپن کي چرپر ۾ آندو ۽ ڪراسس صليب جي ويجهو هليو آيو. ڪراسس اتي بيهي، پنهنجي مٿان مرندڙ ماڻهوءَ کي ڏسي رهيو هو. پر ويڙهاڪ جي وات مان ڪوبه آواز نڪري نه سگهيو. پوءِ ويڙهاڪ جو مٿو اڳئين طرف هيٺ جهڪي ويو. سندس ٽنگن مان آخري قوت نڪري چڪي هئي ۽ هُو مري چڪو هو.

ڪراسس اتي بينو رهيو، ايستائين جو پوڙهي مائي به اتي اچي ويئي. "هاڻي هُو مري چڪو آهي." پوڙهي مائيءَ چيو.

"مون کي خبر آهي." ڪراسس چيو.
پوءِ هُو دروازي ڏانءِ هليو ويو.

[10]

اُن رات ڪراسس اڪيلائيءَ ۾ ماني کاڌي. هُن ڪنهن سان به ملڻ نٿي چاهيو. سندس غلامن هُن جي مايوس طبيعت پرکي ورتي هئي، تنهن ڪري هو ماڻ مِٺيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيا هئا. هُو ماني کائڻ کان اڳ ۾ ٿي شراب جي شيشي جو ڇپل حصو پي ويو هو ۽ باقي رهيل حصو مانيءَ کائڻ دوران پي ڇڏيائين. ماني کائڻ کان پوءِ هُن هڪ ٻيو شيشو کوليو، جيڪو مصر ۾ تيار ٿيل برانديءَ جو هو. هُن تمام گهڻو پيتو هو ۽ هُو نشي ۾ مدهوش ٿي چڪو هو. اڪيلائي، ڀاڻ کان نفرت ۽ نشو، ٽيئي ڀاڻ ۾ اهڙي طرح ملي ويا هئا جو هُو مشڪل سان رڳو هلي ٿي سگهيو. هُو ٽڙندو ٽاپڙندو پنهنجي ڪمري تائين پهتو، جتي غلامن کيس کٽ تي ليٽائي ڇڏيو.

هُو گهري ننڊ ۾ سمهي رهيو. صبح جو سوير هُو کي قدر ٺيڪ ناڪ هو. سندس منڊي ۾ سور ڪونه هو ۽ نه ٿي هن کي ڪي اهڙا خواب ياد هئا جن سندس ننڊ خراب ڪئي هجي. سندس عادت هئي ته هُو ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا وهنجندو هو. هڪ ڀيرو صبح جو ۽ ٻيو ڀيرو شام جو ماني کائڻ کان ٽورو اڳ ۾. روم جي ٻين امير ۽ انگر هُو به هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا پبلڪ حمامن وارو سياسي ڪرتب ضرور ڪندو هو. ڪاپوا ۾ به هُن جو هڪ ذاتي غسلخانو هو جنهن ۾ چمڪندڙ گلن واريون سرون لڳل هيون. اُن غسلخاني ۾ ٽڏو ۽ گرم پاڻي ملندو هو. هُو ڪٽي به رهندو هو پر کيس وهنجڻ جي وڏي مقدار ۾ سهوليت جو فڪر رهندو هو.

وهنجڻ کان پوءِ سندس ذاتي حجام سندس ڏاڙهي ناهي، کيس ڏاڙهي نهرائيندي ڏاڍو مزو ايندو هو. سندس گلن ٽي پاڪي ڦرندي کيس هارڻ جهڙي خوشي ٿيندي هئي. پاڪي خطري ۽ اعتماد جو ميلاپ هوندو آهي. ڏاڙهي نهرائڻ کان پوءِ گرم ٽوال سان سندس بدن جي مالش ۽ ان کان پوءِ سندس منڊي جي مالش. کيس پنهنجي وارن ٽي تمام گهڻو غرور هو ۽ هاڻي جڏهن سندس وار ڇٽي رهيا هئا، تڏهن کيس سخت پريشاني ٿي رهي هئي.

هن گهرو نيرو چوغو پاتو، جنهنجي ڪنارن ٽي چاندي جڙيل هئي. هن پنهنجي پسند جو گوڏن تائين ڊگهو بوٽ پاتو جيڪو هڻڻ جي نرم ۽ ايڏي ڪل جو ٺهيل هو. جيئن ته ان بوٽ کي چڱي طرح صاف رکي ڪونه پيو سگهجي ۽ ٽي چار

ڏينهن پائڻ سان ان تي منڊيءَ جو تهه جميو ٿي ويو. تنهن ڪري ڪراسس بوٽن ناهڻ جو سامان پاڻ سان گڏ رکندو هو. هڪڙي نگران جي نظرداريءَ هيٺ چار غلام سندس بوٽ ناهيندا هئا. هن ميوي سان نيرن ڪئي ۽ هڪ ڏولي گهرائي اُن گهر ڏانهن روانو ٿيو جتي ٽي نوجوان رهيل هئا. هُو تمام گهڻو سهڻو لڳي رهيو هو. هُن انهن سان واعدو ڪيوهو ته هُو ڪاپوا ۾ سندن خدمت ڪندو.

هُو اُن گهر ۾ ٽي پيرا پهرين ۾ آيو هو، تنهن ڪري دروازي تي بينل غلام تمام گهڻي گرمجوشيءَ سان سندس آترياڻ ڪئي ۽ ڪيس سڏو اُن هنڌ وئي ويو جتي گهر جو خاندان ۽ انهن جا مهمان نيرن ڪري رهيا هئا. جڏهين مٽس هيلينا جي نظر پيئي تڏهن هوءَ سجي ڳاڙهي ٿي ويئي، ڪائيس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس چاچو ۽ چاچي اِن ڳالهه تي ڏاڍا ٽوراڻتا پئي نظر آيا جو هڪ عظيم جنرل سندس گهر اچي وڃي رهيو هو. رڳو ڪلاڊيا هن ڏانهن ڏاڍي مڪاري ۽ ساڙ سان ڏٺو.

"جيڪڏهن اوهان اڄ ڪو پروگرام اڳواٽ ٿي ڪونه ناهيو آهي."

ڪراسس چيو "ته پوءِ عطر جي ڪارخاني ۾ آءُ اوهان جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. چاڪاڻ ته اِها ڳالهه ڏاڍي عجيب ٿيندي ته ڪاپوا ۾ اچڻ ۽ خوشبو تيار ڪندڙ ڪارخاني ۾ نه وڃجي. خاص ڪري اُن موقعي تي جڏهن هِن وپاري شهر ۾ ويڙهاڪ ۽ خوشبوءَ پاڻ ۾ ملي ويا هجن."

"هڪڙي عجيب ملاوٽ آهي." ڪلاڊيا مسڪرايو.

"اسان جو ٻيو ڪوبه پروگرام ڪونهي." هيلينا جلديءَ ۾ جواب ڏنو.

"هيلينا جو مطلب آهي ته اسان جا ٻيا پروگرام ته آهن پر انهن کي ملتوي ڪري توهان سان گڏ هلڻ ۾ وڌيڪ خوشي ٿيندي."

ڪائيس ڪاوڙ مان پنهنجي ٻيڻ ڏانهن گهوريو. هُن بزرگن کان موڪلايو، چاڪاڻ ته خوشبوءَ ناهڻ واري ڪارخاني ۾ وڃڻ انهن بزرگن جي شان وٽان ڪونه هو ۽ پي ڳالهه ته ٻڌڻيءَ عورت چيو ته گهڻي خوشبوءَ سونگهڻ سان سندس منڊي ۾ سور ٿي پوي ٿو.

سندن ڏوليون ڪاپوا جي قديم حصن مان لنگهي رهيون هُيون. گهٽيون سوڙهيون هُيون، رهائشي جايون هارڙن جي راندیڪن وانگر ننديون قد واريون هُيون. جيتوڻيڪ اڃا صبح هو ۽ آسمان صاف هو، پر هي گهٽيون اوندهه ۾ ٻڏل هُيون. هتي گندگي تمام گهڻي هئي. گهرن مان گند ڪچرو ٻاهر اڇليو ويندو هو ۽ اتي ئي سڙي ڳري ويندو هو. انهيءَ گند ڪچري جي ڍڦ، پگهر ۽ بدبودار تيل سان ملي ڏاڍو بي چين ڪري رهي هئي.

"توهان ڏسو پيا ته اسان جا ڪارخانا هتي جو آهن؟ خوشبوءَ هِن علاقي لاءِ

ڪهڙي نه سڻي شيءِ آهي." ڪراسس چيو.

انهن گهٽين ۾ شهر جي سڻن علاقن جهڙا بهترين لباس ۽ ٿهيل جڙيل گهريلو غلام ڪونه هٿا ۽ نه ئي ڪي ڏوليون گهٽي تعداد ۾ هيون. انهن گندين گهٽين ۾ اڌ اگهاڙا ٻار راند ڪڏي رهيا هٿا. چنل ڦاٽل ڪپڙا پاتل عورتون ڪاڏي پيتي جي شين جي ڏيتي ليتي ڪري رهيون هيون، يا پنهنجن پنهنجن گهرن اڳيان ويهي پنهنجن ٻارڙن کي آياري رهيون هيون. اتي گوڙ گهمسان تمام گهٽو هو ۽ گهرن جي درين مان عجيب قسم جي ڪاڏن پچائڻ جي بوءِ اچي رهي هئي.

"ڪيتري نه گندگي آهي هتي!" هيلينا چيو. "ڇا توهان واقعي سنجيدگي سان چئو پيا ته خوشبوءَ هن ئي گندي علاقي ۾ تيار ٿئي ٿي؟"

"ها ها، سچ پچ. دنيا جي ڪنهن به شهر ڪان بهترين ۽ عمدو عطر هتي ئي ٺهي ٿو. باقي جيستائين هنن ماڻهن جو تعلق آهي ته انهن ۾ گهٽا مصري، شامي ۽ ڪجهه يهودي ۽ يوناني آهن. اسان پنهنجن ڪارخانن کي غلامن هٿان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ائين نه ٿي سگهيو. توهان غلام کي ڪم ڪرڻ تي مجبور ته ڪري سگهو ٿا پر توهان هُن کي هن ڳالهه تي مجبور نٿا ڪري سگهو ته هُو جيڪو ڪجهه ٺاهي تنهن کي تباهه نه ڪري. هو اُن پاسي ڌانهن نٿا ڏسن. غلام کي هڪڙو هَر ڏيو، يا هڪڙو ڌانٽو ڏيو، يا هڪڙو بيلچو يا مترڪو ڏيو. توهين ڏسندا ته هُو انهن جي به ستياناس ڪري ڇڏيندو. اهي اوزار سخت ٽيندا آهن ۽ کين تباهه ڪرڻ به سولو ڪونه هوندو آهي. پر جيڪڏهن توهان کين ريشم ڏيو ۽ کين ان کي اڻ لاءِ چئو ته پوءِ اها ڳالهه بقيني آهي ته هو اُن جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏيندا. هو عطر جي ڪارخاني کي ٽوڙي ڦوڙي تباهه ڪريو ڇڏين. کين ڏٽڪا هڻڻ سان به ڪو فائدو نٿو ٿئي. هو پوءِ به ڪم کي تباهه ڪري ڇڏيندا. جيسـ-ائين اسانجن پنهنجن غريب ماڻهن جو تعلق آهي ته انهن کي ڪم ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هر ڪم لاءِ ڏهه ڏهه مزور رکيا وڃن ٿا. پوءِ پلا هڪڙو ڇو ڪم ڪري جڏهن ته باقي نوَ ڇٽا آرام سان زندگي گذارين ٿا ۽ جوا کڏن ٿا يا آکاڙي ۾ تماشو ڏسڻ يا ته وري حمامن ۾ پنهنجو ڏينهن گذارڻ وڃن ٿا؟ هو فوج ۾ وڃن ٿا ڇو ته اُتي حڪڏهن قسمت ساٿ ڏي ته امير بنجي وڃڻ جا موقعا موجود هوندا آهن. پر فوج لاءِ به اسان کي بنهه وحشي قومن جي ضرورت پوي ٿي. پر اُهي بهرحال انهيءَ معاوضي تي ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن جيڪي معاوضا اسين کين ڏيون ٿا. اسان انهن جون جماعتون يا يونينون تباهه ڪري ڇڏيون، چاڪاڻ ته اسان کي يا ته سندن يونينون تباهه ڪرڻيون هُيون ۽ يا ته ڪارخانا بند ڪرڻا ٿي پيا. تنهن ڪري هاڻي اسين شامين، مصرين ۽ يونانين کي پرتي ڪندا آهيون. اهي به فقط ٽيستائين ڪم صحيح

ڪن ٽا جيستائين ڪنهن نہ ڪنهن دولتمند ماڻهوءَجي معرفت شهرت حاصل نٿا ڪري ونن. مون کي خبر ناهي تہ اِن صورتحال جي پيچاڙي ڪهڙي ٿيندي؟ پر تہ نوان ڪارخانا ڪلھ بدران پرانا ڪارخانا بہ بند پيا ٿين."

هاڻي هو ڪارخاني تي پهچي ويا هئا. هيءَ ڪاٺ جي هڪڙي ننڍي قد واري بدصورت عمارت هئي، جيڪا رهائشي گهرن جي وچ ۾ گهيريل هئي ۽ ڏيڍ سؤ هم چورس فوٽن جي ايراضيءَ تي مشتمل هئي. اُن جو ڪاٺ سُري ڪاڌل هو ۽ هتان هُتان تختا غائب هئا. چمنين مان دونهہ جا ڪڪر بلند ٿي رهيا هئا. هڪ طرف مال ستڻ لاءِ هڪڙو ٽلهو هو جتي ڪيتريون هٽ گاڏيون موجود هُيون.

ڪراسس ڏولين کي ڪارخاني جي سامهون واري حصي ۾ رکڻ جو حڪم ڏنو. ڪاٺ جا وڏا دروازا کوليا ويا ۽ ڪائيس، هيلينا ۽ ڪلاڊيا کي پهريون پيرو اهو احساس ٿيو تہ هو عطر جي ڪنهن ڪارخاني ۾ اچي ويا آهن. عمارت هڪ وڏو چاپرو هئي جت جو وڏو حصو پڄي ٿئي چڪو هو. ڪُورا سڄي اڳڻ کي گرم ۽ روشن ڪريو بيٺا هئا. وڏين وڏين ميزن تي سَوَن جي تعداد ۾ ٽانوَ رکيا هئا ۽ عطر ڪشيد ڪرڻ وارن ٽانوَن مان مختلف نلين جا چڪا نڪتل هئا. هتان عطر ناهڻ واري تيل جي اُٺي آليندڙ بدبوءِ اچي رهي هئي.

سَوَن جي ڳاڙيٽي ۾ مزور ڪم ڪري رهيا هئا. ننڍا، پوڙا، ڏاڙهين وارا ۽ رڳو چيلهہ وٽ ايرو سيرو ڪپڙو ويڙهيل ڪانسواءِ باقي اڳهاڙا ماڻهو! اُهي ماڻهو عطر ڪشيد ڪرڻ وارن اوزارن جي نگراني ڪندا هئا، ڪُورن ۾ اڳار وجهندا هئا، ڪٽڻ وارين ميزن تي بيهي ميون ۽ ڪلن کي ڪٽيندا هئا يا چانديءَ جي ٽيوبن کي عطر جي ڏڙي ڏڙي سان پريندا هئا ۽ پوءِ هر هڪ ٽيوب کي گرم مين سان سيل مهر ڪري بند ڪري ڇڏيندا هئا.

اوالس نامي رومي مٿنيجر جنرل ۽ اُن جي مهمانن جو بنهہ منافقيءَ واري نهٺائيءَ، لالچ ۽ احتياط جهڙن مليل جُليل جذبن سان آڏرياءُ ڪيو. ڪراسس طرفان ڪيس مليل چند سِڪن کيس وڌيڪ چاپلوسي ۽ خوش اخلاقي ڏيکارڻ تي مجبور ڪري وڌو. هُو هڪڙي جاءِ ڪان ٻي جاءِ تائين سندن رهنمائي ڪرڻ لڳو. مزور پنهنجو ڪم ڪندا رهيا. انهن جا چهرا سخت، بند ۽ تلخ هئا. جڏهن هن آڏي اک سان مهمانن کي ڏنو ٿي، تڏهن بہ سندن چهرا ڪنهن بہ قسم جي تاثرات کان خالي هئا. ڪائيس، ڪلاڊيا ۽ هيلينا کي اُن ڪارخاني ۾ سيني کان عجيب شيءِ مزور ٿي لڳا. هُن اهڙا ماڻهو ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺا هئا. هو مختلف ۽ ڊيجاريندڙ لڳي رهيا هئا. هُو غلام ڪونہ هئا، نہ ٿي هو رومي هئا ۽ نہ ٿي وري اُهي هاري هئا. هي بنهہ مختلف ماڻهو هئا ۽ سندن بنهہ جداگانہ حيثيت ڏاڍي

پريشان ڪندڙ هئي.

"هتي اسين ڪشيدڪاري جو ڪم ڪندا آهيون." ڪراسس بڌائڻ لڳو. "جنهن جي لاءِ اسان کي مصرين کي منٽ ميڙ ڪرڻي ٿي پوي. پر هو هِن عمل کي وڏي پيماني جي عمل ۾ بدلائڻ کان هميشه قاصر رهيا آهن. ڪنهن به شيءِ کي منظم ڪرڻ ته رڳو روم جي ئي صفت آهي."

"پر ڇا هيءَ ڪا مختلف شيءِ آهي؟" ڪائيس پڇيو.

"ها، بلڪل. پراڻي زماني ۾ ماڻهن کي عطر جي قدرتي پيدائش تي ياڙڻو پوندو هو. ڪافور، لوبان وغيره تي. اِهي سموريون شيون ڪنڌ مان نهن ٽيون، جيڪو وٽن جي ڪلن مان ڪڍيو وڃي ٿو. موم ٻڌو آهي ته مشرق ۾ ماڻهو اُن قسم جي وٽن جا باغ لڳائن ٿا. اُهي وڻ جي ڪل کي ٽورو زخم ڏيئي پوءِ اُن مان ڪنڌ فصل وانگر گڏ ڪن ٿا. پهريائين عطر اهڙيءَ طرح نهندو هو. پوءِ وري مصرين عطر کي ڪشيد ڪرڻ جو اوزار ٺاهيو. ان مان اسان کي نه رڳو برانديءَ ۽ شراب ملي ٿو پر عطر به ملي ٿو.

هُو هُن کي ڪَنڊ واري ميز تي وٺي ويو جتي هڪ مزور ليمي کي سنهڙن ڳٽرن ۾ وڍي رهيو هو. ڪراسس هڪڙو ڳٽرو کنيو ۽ روشنيءَ جي سامهون جهلي ٻيٺو.

"جيڪڏهن توهان هن کي غور ۽ احتياط سان ڏسندا ته توهان کي هن ۾ موجود تيل جون ٽيلهيون نظر ايندیون، ۽ اِها ته توهان کي خبر آهي ته هِن جي خوشبوءَ ڪيتري نه وٺندڙ آهي. نه رڳو ليمون پر سوين ٻيا ميوا ۽ ڪلون آهن جيڪي خوشبوءَ جا پنڌار آهن. اچو ته اڳيان هلون....."

هاڻي هوُ هن کي هڪ ڪوري وٽ وٺي ويو، جتي هڪ وڏيءَ ڪڙهائيءَ ۾ ڳترا اُبارڻا پئي ويا. ڪڙاهيءَ تي لوهه جو ڍڪڻ مضبوطيءَ سان رکيو ويو هو. جست جي هڪڙي نلي ور وڪڙ ڪائيندي پاڻيءَ جي ڦوهاري هيٺان لنگهي رهي هئي. نليءَ جو ٻيو ڇيڙو هڪ ٻئي ٽانوَ ۾ مليو پيو هو.

"هيءَ آهي ڪشيد ڪاريءَ جو اوزار." ڪراسس چيو. "اسين ڪچين شين کي اُباريون ٿا، پوءِ ڇاهي اُهي ڪلون هجن، پن هجن يا ميوي جا ڳترا. اسين انهن کي تيستائين ٽهڪايون ٿا جيستائين نه تيل جون ٽيلهيون الڳ ٿي وڃن. پوءِ اهو تيل ڀاڻ بنجي ٿو وڃي. اسين ان ڀاڻ کي نليءَ وسيلي پاڻيءَ جي ڦوهاري هيٺان گذاريون ٿا." هو هن کي هڪ ٻئي ڪوُري وٽ وٺي ويو. "ڏسو هتي پاڻي اچي پيو. جڏهن هي ٽانوَ نليءَ مان ايندڙ پاڻيءَ سان پرجي وڃي ٿو، تڏهن اسين اُن کي ڏڪو ڪريون ٿا، پوءِ

تيل پائيءَ مٽان تري ٿو ۽ اِهوئي تيل اصل شيءِ آهي، جنهن کي انتهائي احتياط سان گڏ ڪيو وڃي ٿو ۽ چانديءَ جي ٽيوبن ۾ بند ڪيو وڃي ٿو. وڏي ٽانوَ ۾ صرف عمدو ۽ مزيدار پائي رهجي وڃي ٿو جيڪو اڇلهه نيرن تي پيتو وڃي ٿو."

"توهان جو مطلب آهي ته اسان اِهو ئي پائي نيرن تي پيئون ٿا." ڪلابيا وڏي رڙ ڪئي.

"جي ها. نيرن ۾ اڇلهه اِهو پائي پيئڻ جو رواج آهي. هي ڏاڍو صحت بخش پائي هوندو آهي. اُن ۾ ٽورڙو عام پائي ۾ ملايو ويندو آهي. جهڙي طرح تيل جي هڪڙي قسم کي ٻئي سان ملائي عطر جا مختلف قسم تيار ڪيا ويندا آهن. پائي ته وهنجڻ خاني ۾ به استعمال ٿئي ٿو."

هن ڏنو ته هيلينا مسڪرايو پئي. هُن پڇيو "توهان جو ڪهڙو خيال آهي. ڇا اڄ توهان کي سچ ڪوڙ پيو ٻڌايان؟"

"نه نه، اِها ڳالهه ناهي. مون کي ته اهڙي جاڻ کان بنهه ڇُٽي ٿي اچي. مون کي پنهنجي زندگيءَ جو اهو وقت ياد اچي ٿو جڏهن مون ٻڌو هو ته ڪهڙي شيءِ ڪهڙي طرح نهي ٿي!"

"پر هيءَ معلومات ته منهنجو ڪاروبار آهي." ڪراسس جواب ڏنو." اڄ تمام وڏو دولتمند شخص آهيان، جنهن تي مون کي ڪاب شرمندگي ڪانهي. تمام گهڻا مائهو مون کي حقارت ۽ نفرت سان ڏسن ٿا. ڇاڪاڻ ته مون پاڻ کي پٺسا گڏ ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. پر مون کي اِن ڳالهه جي ڪاب پريشاني ڪانه ٿي ٿئي. اڄ پنهنجي دولت مان خوب مزا وٺندو آهيان. پر پنهنجي سائين وانگر اڄ باغات کي دولت گڏ ڪرڻ جو ذريعو ڪرڻ ٿو سمجهان. هن مون کي هڪڙي جنگ وڙهڻ لاءِ ڏني پر هن مون کي ڪنهن به شهر کي فتح ڪرڻ لاءِ ڪونه چيو، جهڙي طرح هن اِهو فرض پومپيءَ کي سونپيو هو. پر اُن جي برعڪس هن مون کي غلامن جي جنگ ڏيئي ڇڏي. جنهن مان بنهه گهٽ نفعو ٿيو. تنهن ڪري مون وٽ پنهنجا کي ننڍا ننڍا ذريعا آهن ۽ هي ڪارخانو انهن منجهان هڪڙو آهي. چانديءَ جي انهن نلين مان هر هڪ قسم پنهنجي وزن کان ڏهوڻي وزن جيتري سون کان به وڌيڪ قيمتي آهي. هڪڙو غلام توهان جي رڳو ماني کائي ٿو ۽ مريو وڃي، پر مزور پائي کي سون ۾ بدلايو ڇڏي. وڏي ڳالهه ته سندن کاڌي خوراڪ ۽ رهڻ جو ڏمو به مون تي ڪونهي."

"پر پوءِ به اُهي ائين ڪري سگهن ٿا، جيئن اسپارٽيڪس ڪيو هو." ڪائيس اندازو لڳائيندي چيو.

"مزورن جي بغاوت؟" ڪراسس مسڪرائيندي ڪنڌ لوڏيو. "نه، ائين

ڪڏهن به نٽو ٿي سگهي. هي غلام ڪونهن. هي آزاد انسان آهن، پنهنجي مرضيءَ سان اچي سگهن ٿا ۽ وڃي سگهن ٿا. هي آزاد ماڻهو آهن. پوءِ ڀلا هي ماڻهو ڪيئن بغاوت ڪندا؟" ڪراسس ڇاپري ۾ چٽن ئي طرفن نگاهه ڊوڙائي. "نه، غلامن جي جنگ جي دوران، سمورو عرصو اسان پنهنجا ڪوُرا بند ڪونه ڪيا هئا. هتن ماڻهن ۽ غلامن ۾ ڪوبه رابطو ڪونهي."

پر پوءِ به هو جڏهن هِن جاءِ کان روانا ٿيا تڏهن ڪائيس ڏاڍو بيچين هو. انهن عجيب، خاموش ۽ ڏاڙهيءَ وارن ماڻهن هُن ۾ خوف ۽ بي اعتمادي پيري ڇڏي هئي.

باب ستون

جھڙي طرح ڪائيس ۽ ڪراسس چوڪرين سان گڏ ڏکڻ طرف ڪاپوا وڃي رهيا هئا، تهڙي طرح سائيسيرو ۽ گراڪس اتر طرف روم وڃي رهيا هئا. سلاريا محل جيئن ته شهر کان فقط هڪڙي ڏينهن ٻڌي پنڌ تي هو، تنهن ڪري سائيسيرو ۽ گراڪس کي ڪا ايتري گهٽي تڪڙ نه ڪانه هئي. سندن ڏوليون گڏوگڏ هُيون. سائيسيرو گراڪس جي اڳيان معزز ۽ اعليٰ ظرف وارو انسان بنجڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيوهو. گراڪس شهر جي تمام گهٽي ڇڇ وارن ماڻهن مان هڪڙو هو ۽ سندس سياسي وقار کان ڪوبه ماڻهو لاتعلق رهي نٿي سگهيو.

جڏهن ڪو ماڻهو عوام جي دل وٺڻ ۽ انهن جي دشمنيءَ کان پاسو ڪرڻ لاءِ پنهنجي حياتي وقف ڪري ٿو ڇڏي، تڏهن متس لازمي ٿي ٿو پوي ته هُو پاڻ ۾ ملٹساريءَ جي وصف پيدا ڪري. ۽ گراڪس سان شايد ئي ڪڏهن ڪو اهڙو واقعو ٿيو هُجي جو هُو ڪنهنجو دل گهريو ۽ وٽندڙ شخص ثابت ٿيڻ ۾ ناڪام ويو هجي. سائيسيرو وري ڪو گهٽو مقبول ماڻهو ڪونه هو. هُو انهن چالاڪ نوجوانن مان هو جيڪي ڪاميابيءَ جي راهه ۾ اصول کي رندڪ بنجڻ نٿا ڏين. جيتوڻيڪ گراڪس به اوتروئي موقعي پرست هو، پر هُو سائيسيرو کان رڳو ان ڪري مختلف هو، جو هوُ اصولن جو قدر ڪندو هو. هُو ٿوري گهڻي تڪليف سهڻ تي پس و پيش ڪونه ڪندو هو. سائيسيرو پاڻ کي مادي پرست ظاهر ڪندو هو. هُو ڪنهن به انسان ۾ تقدير جي هڪڙي به جزي جي موجودگيءَ کي ڪونه مڃندو هو. اِهوئي سبب هو جو هُو گراڪس جي پيٺ ۾ گهٽ حقيقت پسند هو. هُو اُن پوڙهي ۽ ٽلهي شخص جي مڪاريءَ تي ڏاڍو پيو ڪڙهندو هو.

گراڪس جي دل ۾ سائيسيرو جي خلاف ايتري نفرت موجود ڪانه هئي، جيتري هجڻ کپندي هئي. سائيسيرو ڪنهن حد تائين ڪيس پريشان به ڪندو هو. دنيا بدلجي رهي هئي. گراڪس کي به خبر هئي ته خود سندس زندگيءَ ۾ گهٽو ڪجهه بدلجي چڪو آهي. اهي تبديليون رڳو روم ۾ ڪونه اچي رهيون هيون، پر

نوجوان نسل مان هو. گراڪس ۾ بي رحم هو، پر سندس بي رحميءَ ۾، معمولي ئي سهي، پر ڏک جي سچائپ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ترس جو هڪڙو احساس ضرور موجود هو. پر هي نوجوان ته نه ترس جو ڪو احساس رکن ٿا ۽ نه ڪو ڏک جو. انهن ته جڙ هڪڙي اهڙي زرهه پائي ڇڏي آهي جيڪا انهن سمورن جذبن ۽ احساسن کان محفوظ هجي. هتي هڪڙو سماجي رشڪ ۾ موجود هو. سائيسيرو تمام گهٽو پڙهيل ڪڙهيل هو، جنهن تي گراڪس رشڪ ڪندو هو.

ڪيس پاڻ سمجهه ۾ نٿي آيو ته چو؟

"چا توهان ستا پيا آهيو؟" سائيسيرو آهستي آهستي پڇيو.

"نه. ڪجهه سوچي رهيو هوس."

"ملڪي معاملن تي؟" سائيسيرو دل ۾ سوچيو ته هي پوڙهو ضرور ڪنهن معصوم سينيٽر جي تباهيءَ جو منصوبو ٺاهي رهيو هوندو.

"ڪا اهم ڳالهه ته ڪانهي. اصل ۾ آءٌ هڪڙي پراڻي واقعي متعلق سوچي رهيو آهيان. هيءَ ڪهاڻي ۽ ٻين پراڻين ڪهاڻين وانگر بيوقوفيءَ واري آهي."

"مهرباني ڪري مون کي ٻڌائي."

"هيءَ ڪهاڻي توهان کي بيزار ڪندي."

"هڪڙو مسافر رڳو پنهنجي آسپاس جي منظرن کان ئي بيزار ٿئي ٿو."

"هيءَ هڪڙي اخلاقي ڪهاڻي آهي ۽ اخلاقي ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ بيزار ڪندڙ بي ڪابه شيءِ ڪانه هوندي آهي. سائيسيرو، چا توهان جي خيال ۾ اسان جي زندگين ۾ اخلاقي ڪهاڻين جي اڃا ۽ ڪا گنجائش باقي آهي؟"

"اِهي نندڻ بارڻ لاءِ سٽيون هوندیون آهن. مون کي پهرين ڪهاڻي پنهنجي دؤر جي هڪڙي مائٽ ٻڌائي هئي."

"پنهنجي ته ڪا مٽي مائٽي ئي ڪانهي."

"آءٌ اُن وقت صرف ڇهن سالن جو هوس. ستن سالن جي عمر ۾ مون رشتن تي اعتراض ڪيو هو."

"ستن سالن جي عمر ۾ توهان ايترا ته سخت ڪونه هوندا؟" گراڪس مسڪرايو.

"ها ها، آءٌ ايتروئي سخت هوس، گراڪس. مون کي توهان جي اِها خوبي سُٹي ٿي لڳي جو توهان ڪوبه خاندان ناهڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي."

"اڙي، اِها ڪا خوبي ته ڪانهي. اِها ته رڳو ڪفايت شعاري آهي."

"توهان ڪهاڻيءَ جي ڳالهه ڪري رهيا هئا."

"منهنجو خيال آهي تہ توهان جي عمر ڪجهہ گهٽي وڌي ٽي ويئي آهي."

"نہ نہ، توهان ٻڌايو. مون کي توهانجون کهاڻيون ٻڌيون لڳن ٿيون."

"پوءِ يلي اُهي بي مقصد ئي چو نہ هُجن؟"

"اُهي مقصد کان خالي ڪونہ هوندیون آهن. انهن ۾ مقصد ڳولڻ لاءِ عقل خرچ ڪرڻو پوي ٿو."

"تہ چگو، پوءِ آءٌ توهان کي هيءَ کهاڻي ٻڌائيندس." گراڪس ڪلندي چيو. "هيءَ کهاڻي هڪڙيءَ ماڻ جي باري ۾ آهي، جنهن جو فقط هڪڙو پٽ هو. هُو قداور ۽ جاننڙ جوان، ڏاڍو خوبصورت هو. ۽ اها عورت ان سان ايترو پيار ڪندي هئي جيترو هڪڙي ماڻ پنهنجي پٽ سان ڪري سگهي ٿي."

"پر منهنجي پنهنجي ماڻ مون کي هميشہ سندس پيانڪ خواهشن جي راهہ ۾ هڪڙي رندڪ محسوس ڪيو."

"هيءَ تمام پراڻي کهاڻي آهي جڏهن نيڪي ڪرڻ ناممڪن هوندو هو. اُنجي ماڻ کي پنهنجي پٽ سان بيحد پيار هوندو هو. اُن لاءِ سڄ ايرندو هو ۽ اُن لاءِ سڄ لهندو هو. پوءِ چوڪري کي عشق ٿي ويو. هُو هڪڙي اهڙي عورت کي دل ڏيئي وينو جيڪا انتهائي حسين هئي ۽ گڏوگڏ ڏاڍي مڪاري ۾ هئي. بهرحال، هُن چوڪري ڏانهن اک ڪٽي نهاريو ۽ ڪونہ. نہ تہ ڪيس کو اشارو ڪيو ۽ نہ رڳو مٺس مهربان نظر وڌائين."

"آءٌ اهڙين عورتن سان ملي چڪو آهيان." سائيسيرو ڳالهہ قبول ڪئي.

"چوڪرو اُن عورت تي مرندو هو. هڪڙي ڀيري هُن سندس محبوبا کي چئي ڏنو تہ هُو سندس لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هُو هُن لاءِ محل ناهڻ ۽ خزانو کوٽي ڪڍڻ لاءِ ۾ تيار آهي. عورت چيو تہ اِهي سڀ شيون سندس لاءِ بيڪار آهن. هُن انهن شين بدران هڪڙي سادي سوکڙي ڪٽي اڇڻ لاءِ چيو، جيڪا سندس وس ۾ ۾ هئي."

"معمولي تحفو؟" سائيسيرو پڇيو.

"ها هڪڙو معمولي تحفو. هُن اُن نوجوان کي پنهنجي ماڻ جي دل ڪڍي ڪٽي اڇڻ لاءِ چيو. نوجوان اُها دل ڪٽي آيو. هُن چاقو کي پنهنجي ماڻ جي ڇاتيءَ ۾ ٽنبي ڇڏيو ۽ پوءِ سينو چيري دل باهر ڪڍي. هُو ڊڇي پيو ۽ ڊپ کان سندس حوصلا خطا ٿي ويا. هُو جهنگ ڏانهن وڃي پڳو، جتي اُها مڪار ۽ خوبصورت عورت رهندي هئي. ڊوڙندي ڊوڙندي وڻ جي پاڙ جي هڪ ڪُٽ سان سندس پير ٽاپڙجي پيو ۽ هُو ڪري پيو. دل سندس هٿن مان نڪري پري وڃي ڪِري. هُو اُن قيمتي

دل کي کٽڻ لاءِ اٽي ٻوڙيو ۽ جڏهن هوءُ اُن کي کٽڻ لاءِ جهکيو تڏهن دل مان صدا آئي، "منهنجا پيارا پٽ، توکي کو ڏک ته کونہ لڳو؟"

گراکس پنهنجي ڏولي‌ءَ ۾ ٽيڪ ڏيئي، هٿن جي آڱرين کي پاڻ ۾ ٽکرائڻ لڳو. هُو گهري سوچ ۾ ٻڏو پيو هو.

"چگو، پوءِ چا ٿيو؟" سائيسيرو پڇيو.

"بس، قصو ختم ٿيو. مون توهان کي ٻڌايو هو نہ ته هيءَ هڪڙي اخلاقي ۽ درگذر ڪرڻ واري ڪهاڻي آهي."

"درگذر؟ هيءَ رومي ڪهاڻي ڪانهي. اسان رومين ۾ درگذر ڪرڻ جي نالي واري ڪابہ شيءِ ڪانهي."

"درگذر نہ، محبت."

"اوهہ."

"توهان ته محبت تي يقين ٿي کونہ ٿا رکو. ڪيئن آهي نہ ائين؟"

"آءٌ انهن شين کان پاڪ آهيان. آءٌ هر شيءِ کان پري آهيان. هي ڪهاڻي رومن ڪانهي."

"خدا جي واسطي سائيسيرو، بس ڪر. چا تون روءِ زمين تي موجود هر منڊس شيءِ کي رومن يا غير رومن ۾ ورهائي سگهين ٿو؟"

"ها، گهڻين شين جي درجابندي ٿي سگهي ٿي." سائيسيرو چيو.

"هي شخص انسانيت کان وانجهيل آهي." گراکس سوچيو. "هي فقط اوڏي‌ءَ مهل ڪلي ٿو جيڏي مهل سمجهي ٿو ته هي موقعو ڪٽ لاءِ سڻو آهي." هن وڏي واکي چيو.

"آءٌ توهان کي نصيحت ڪرڻ وارو هوس ته توهان سياست ڇڏي ڏيو."

"چو ٻلا؟"

"بهرحال، مون کي يقين آهي ته منهنجي نصيحت توهان تي کوبہ اثر ڪانہ ڪندي."

"توهان جي خيال ۾ آءٌ سياست ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب کونہ ٿي سگهندس. آهي نہ؟"

"نہ، آءٌ ائين ته کونہ ٿو چوان. چا توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته سياست ٽيندي چا آهي؟"

"منهنجي خيال ۾ سياست گهڻين شين جو مجموعو آهي. انهن شين مان ڪابہ هڪڙي شيءِ خالص ۽ صاف ستري ڪانہ هوندي آهي."

"اُهي شيون ڪنهن ٻئي شعبي جي شين وانگر ئي خالص يا غليظ هونديون آهن." گراڪس چيو. "مون پنهنجي زندگي سياست ۾ گذاري آهي."

"مون ٻڌو آهي ته توهان جي سپ ڪان وڏي خوبي هيءَ آهي ته توهان کي ماڻهن جا نالا ياد هوندا آهن. ڇا اِها ڳالهه صحيح آهي ته توهان کي هزارين ماڻهن جا نالا ياد آهن؟" سائيسيرو پڇيو.

"اِهو به سياست جو هڪڙو ڪرشمو آهي. مون کي هزارين ماڻهن جا نه پر صرف چند ماڻهن جا نالا ياد آهن."

"مون ٻڌو آهي ته هيني بال کي سنڊس فوج ۾ موجود هر شخص جو نالو ياد هو."

"ها، ۽ هاڻي اسين اسپارٽيڪس کي به اهڙي صلاحيت جو مالڪ بنائي ڇڏينداسين. پر توهان تاريخ جي ننڊين ۽ وڏين ڪوڙي ڳالهين ۾ ايتري دلچسپي ڇو ٿا وٺو؟"

"ڇا اُهي سپ ڪوڙيون آهن؟"

"انهن مان گهڻيون ڪوڙيون آهن." گراڪس گجيو. "تاريخ لالچ ۽ عياريءَ جو داستان آهي. اهو بيان ڪڏهن به ايماندارانه ڪونه هوندو آهي. تنهن ڪري مون توهان کان سياست جي باري ۾ پڇيو. سلاريا محل ۾ اُتي ڪنهن چيو هو ته اسپارٽيڪس جي فوج ۾ ڪابه سياست ڪانه هئي. حالانڪ ائين ٿي ئي نٿو سگهي."

"جيئن ته توهان سياستدان آهيو، تنهن ڪري مون کي ٻڌايو ته سياستدان ڇا ٿيندو آهي؟" سائيسيرو مسڪرائيندي پڇيو.

"هڪڙو دغاباز." گراڪس مختصر جواب ڏنو.

"گهٽ ۾ گهٽ توهان صاف گو شخص ته آهيو!"

"اِها آهي منهنجي خاصيت. ۽ هيءَ صلاحيت تمام قيمتي آهي. منهنجي انهيءَ صاف گوئيءَ کي ماڻهو ديانتداري سمجهن ٿا. توهان کي خبر آهي ته اسين هڪڙي جمهوري ملڪ ۾ رهون ٿا، جتي هڪڙو وڏو ڳاٽيٽو اهڙن ماڻهن جو آهي جن وٽ ڪجهه به ڪونهي ۽ ڪن ماڻهن وٽ تمام گهڻو ڪجهه آهي ۽ جن مُٺ جيترن ماڻهن وٽ گهڻو ڪجهه آهي انهن کي هر حال ۾ اُدو گهڻو ڪجهه انهن ماڻهن کان بچائڻو آهي جن وٽ ڪجهه به ڪونهي. ته رڳو ايترو پر اُهي ماڻهو جن وٽ گهڻو ڪجهه آهي، انهن کي هر صورت ۾ پنهنجي جائيداد بچائڻي آهي. تنهن ڪري جن ماڻهن وٽ ڪجهه به ڪونهي اُهي پڪ سان توهان جي، منهنجي ۽ اسان جي ميزبان

انتونئيس جهڙن ماڻهن جي جائيداد خاطر سپ کجهه ڪرڻ لاءِ تيار هوندا. تنهن ڪري اسان جهڙن ماڻهن وٽ تمام گهٽا غلام آهن. اِهي غلام اسان کي قطعي پسند نٿا ڪن. اسان کي انهيءَ غلط فهميءَ ۾ نه رهڻ گهرجي ته هو پنهنجي مالڪ کي پسند ڪن ٿا. ائين هرگز ڪونهي ۽ تنهن ڪري ئي غلام اسان کي غلامن کان ڪونه بچائيندا. تنهن ڪري اُهي سپ ماڻهو جن وٽ غلام ڪونهن، اِن ڳالهه لاءِ سپ کجهه ڪرڻ لاءِ تيار هوندا ته اسين پنهنجا غلام رکي سگهون. روم وٽ ايائي لک فوج آهي. اهي سپاهي غير ملکي سرزمين تي وڃن، مارچ ڪندي ڪندي پنهنجا پير گسائي ڇڏن، گندگي ۽ غلاظت ۾ رهڻ ۽ رت جي راند کيڏڻ جا خواهش مند آهن ته جيئن اسين محفوظ ۽ خوشحال رهي سگهون ۽ پنهنجي ذاتي ملکيت ۾ واڌارو ڪري سگهون. جڏهن اُهي سپاهي اسپارٽيڪس سان وڙهڻ ويا تڏهن هو اسان جي غلامن جو ئي بچاءُ ڪرڻ لڳا. پوءِ به هو غلامن سان لڙندي لڙندي هزارن جي تعداد ۾ مري ويا. ڳالهه رڳو اِتي ختم ڪانه ٿي ٿئي. غلامن سان وڙهندي جيڪي هاري مٽا هٽا، اُهي ويڙهه ۾ اڳيان اڳيان هٽا. ڇاڪاڻ ته جاڳيردارن انهن کي پنهنجي زمينن تان بيدخل ڪري ڇڏيو هو. غلام اُهي زمينون بي زمين هارين ۾ ورهائين ٿا، تنهن ڪري اُهي هاري انهن زمينن جي بچاءُ لاءِ وڙهن ٿا. سائيسيرو صاحب، ٽورو سوچيو ته سهي! جيڪڏهن غلام ڪامياب ٿي وڃن ٿا ته روم جي سپاهين کي ڪهڙو نقصان ٿو ٿئي؟ غلامن کي ته انهن فوجين جي ضرورت هوندي ڇاڪاڻ ته زمينون آباد ڪرڻ لاءِ غلام گهٽي تعداد ۾ موجود ڪونهن. زمين تمام گهٽي آهي ۽ سيني کي ملندي ۽ اسان جي فوجين کي به انهيءَ زمين مان ٽوري ٽُڪري ۽ هڪڙي گهر جي ضرورت آهي. پر پوءِ به هو پنهنجن خوابن کي پاڻ تباهه ڪرڻ لاءِ هليا وڃن ٿا."

"منهنجو خيال آهي ته جيڪو ڪجهه توهان چيو، سو جيڪڏهن ڪو عام ماڻهو ائين وڌي واکي اِها ڳالهه چئي وجهي ته ڪر اسين کيس صليب تي چاڑهي ڇڏيون."

"سائيسيرو، سائيسيرو!" گراڪس کلي ٻيو. "چا اِها ڏمڪي آهي؟ آءٌ تمام ٿلهو ماڻهو آهيان. ڳرو ۽ پوڙهو ماڻهو. تنهن ڪري صليب تي ڪونه چاڑهيو ويندس ۽ پر توهان سچ کان ايترا پريشان چو آهيو؟ پين سان ڪوڙ ڳالهائڻ ته ضروري آهي. پر چا اهو به ضروري آهي ته اسان پنهنجي ڪوڙ تي اعتبار به ڪريون؟"

"جيئن توهان جي مرضي. توهان اصل ڳالهه ته وساري ڇڏي آهي. چا هر شخص ٻئي شخص جهڙو آهي؟ توهان جي مختصر تقرير مان ته اِهوئي اندازو ٿو ٿئي ته توهان انهيءَ ڳالهه کي آخري سمجهو ٿا ته ماڻهو ڦرهيءَ اندر مٽر جي دائن وانگر

هڪجهڙا ٿين ٿا. آءُ ائين ڪونہ ٿو سمجهان. روم ۾ امير ماڻهو موجود آهن، جيڪي برتر انسان آهن. آءُ انهيءَ بحث ۾ پوڻ نٿو چاهيان تہ انهن کي ديوتائن برتر بنايو آهي يا حالتن. پر حڪمراني ڪرڻ لاءِ اُهي ئي ماڻهو موزون آهن. ۽ جيئن تہ اهي ماڻهو حڪمرانيءَ لاءِ موزون آهن، تنهن ڪري اُهي حڪمراني ڪن ٿا ۽ جيئن تہ ٻيا ماڻهو حاڪمن جهڙا ناهن تنهن ڪري اُهي حرڪتون بہ جانورن جهڙيون ڪن ٿا. ڪنهن شيءِ جي وضاحت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. توهان سماجي تصوير جو هڪرُخ پيش ڪري رهيا آهيو. پر جيڪڏهن سچ اوهان جي تصوير وانگر غير منطقي هجي تہ پوءِ سمورو ڍانچو هڪ ڏينهن ۾ زمين ۾ دفن ٿي وڃي. توهان اُن غير منطقي مونجهاري کي قائم رکڻ واري شيءِ جي وضاحت ڪرڻ ۾ ناڪام رهندا آهيو."

"انهيءَ کي آءُ قائم رکان ٿو. آءُ." گراڪس چيو.

"توهان؟ اڪيلا ئي اڪيلا؟"

"سائيسيرو، ڇا توهان واقعي سوچيو ٿا تہ آءُ احمق آهيان؟ مون هڪ ڏکڻي ۽ خطرناڪ زندگي گذاري آهي. ۽ آءُ اڄ بہ بلند ترين مقام تي آهيان. توهان پهرين مون کان پڇيو تہ سياستدان ڇا ٿيندو آهي؟ سياستدان اُن گهر جو ٿيندو آهي. اميرن جو طبقو هي ڪم اڪيلي سر نٿو ڪري سگهي. پهريائين پهريائين تہ هُو بہ توهان وانگر سوچي ٿو. پي ڳالهہ هيءَ آهي تہ روم جي شهرين کي اها ڳالهہ بنهہ پسند ڪانهي تہ ڪين ڏور ڏيڳا چيو وڃي. اُهي جانور ڪونهن. اِها ڳالهہ توهان ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن سمجهي ويندا. تنهن ڪانسواءِ اميرن جو طبقو شهرين جي باري ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو ڄاڻي. جيڪڏهن سڀ ڪجهہ اُن طبقي تي ڇڏيو وڃي تہ هڪڙي ڏينهن ۾ ئي سڄو ڍانچو نا ڪري اچي پَٽ پوندو. تنهن ڪري اُهي مون جهڙن ماڻهن وٽ اچن ٿا. اُهي اسان کان سواءِ زنده نٿا رهي سگهن. اسين لوفر ۽ بيهودي کي مناسب شڪل ڏيون ٿا. اسين ماڻهن کي قائل ڪريون ٿا تہ زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ۽ اعليٰ مرتبو اِهو آهي تہ اميرن لاءِ جان قربان ڪئي وڃي. اسين اميرن کي قائل ڪريون ٿا تہ کين پنهنجي دولت بچائڻ لاءِ ان جو ڪجهہ حصو خرچ ڪرڻو پوندو. اسين جادوگر آهيون. اسين هڪڙو شوشو تيار ڪندا آهيون ۽ اِهو شوشو ماڻهن کي بيوقوف بنائيندو رهندو آهي. اسين ماڻهن کي چئون ٿا تہ اقتدار جو سرچشمو عوام آهي. توهان جو ووٽ ئي روم جي طاقت ۽ عظمت آهي. توهان ئي سموريءَ دنيا ۾ آزاد انسان آهيو.توهان جي آزاديءَ کان وڌيڪ دنيا جي ٻي ڪا بہ قيمتي شيءِ نٿي سگهي. توهان جي تهذيب کان وڌيڪ واڪاڻ جوڳي ٻي ڪا بہ شيءِ ڪانهي ۽ توهان ئي هِن ملڪ جا مالڪ آهيو. توهان ئي قوت آهيو ۽ تڏهن هو اسان جي اميدوارن کي ووٽ ڏين ٿا. اُهي اسان جي شڪست تي روئن ٿا ۽ اسان جي فتح تي خوشيءَ ۾

نچن ٿا. هو پاڻ کي اتر ۾ اعليٰ محسوس ڪن ٿا، اُن ڪري جو هو غلام ڪونهن. هيءَ ڳالهه ڪانهي ته هو ڪيترا اونها ہڏل آهن. چاهي اُهي گٽر اندر ستل ڇو نه هجن، سڄوڏينهن آکاڙي يا گهوڙي ڊوڙ جي ميدان ۾ ويٺل هجن، پنهنجي ہارن کي جمندي ٿي گهٽو ڏيئي مارندا هجن، پنڻي ٽڪر تي پيٽ پاليندا هجن ۽ جمڙ کان وٺي مرڻ تائين ڪوبہ ڪم نہ ڪندا هجن. پر پوءِ بہ اُهي غلام ڪونهن. اُهي پاڻ نيچ آهن پر جڏهن بہ ڪنهن غلام کي ڏسن ٿا ته آکڙ مان سندن ڪنڌ سڌا ٿيو وڃن ۽ هو پاڻ کي طاقت ۽ فخر سان محسوس ڪن ٿا ۽ پوءِ ڪين اهو بہ معلوم آهي ته پاڻ روم جا شهري آهن ۽ ساري دنيا سندن دشمن آهي. اِهو آهي منهنجو مخصوص فن سائيسيرو. سياست کي ڪڏهن حقير متان سمجهين."

[2]

پر انهن سمورين ڳالهين سائيسيرو جي دل ۾ گراڪس جي لاءِ کابہ عزت ۽ احترام پيدا نہ ڪيو ۽ جڏهن هو نيٺ پهرئين صليب تائين پهتا (جيڪو روم جي ديوارن کان چند ميل پري ڪوڙيو ويو هو) تڏهن سائيسيرو اُن ٽلهي شخص ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو بيزاريءَ ۾ صليب وٽ ويٺو اوہاسيون ڏيئي رهيو هو. "ڏسڻ ۾ هُو هڪ سياستدان لڳي ٿو."

"ظاهر آهي. هُو حقيقت ۾ منهنجو پراڻو دوست آهي." گراڪس ڏولين روڪرايون ۽ پاڻ مشڪل سان ڏولين کان ٻاهر نڪتو. سائيسيرو بہ لهي آيو. هُن کي پنهنجون ٽنگون ڊگهيون ڪندي خوشي پئي ٿي. هاڻي شام جو وقت هو ۽ اتر کان ڪارا ڪڪر آسمان تي چانڻجي رهيا هئا. سائيسيرو انهن ڪڪرن کي ڏسي رهيو هو.

"جيڪڏهن توهان وڃڻ چاهيو ٿا ته پلي وڃو." گراڪس چيو. ڪيس هاڻي سائيسيرو سان وڌيڪ عشق ڪرڻ جي کابہ خواهش ڪانہ هئي. سندس قوت برداشت هاڻي جواب ڏيئي چڪي هئي. سلاريا محل ۾ چند ڏينهن رهڻ ڪري سندس طبيعت خراب ٿي پيئي هئي. ڪيس پاڻ خبر ڪانہ ٿي پئي ته ائين ڇو آهي؟ ڇا هُو پوڙهو ٽيندو پئي ويو؟ يا غير محفوظ؟"

"آءٌ ترسان ٿو." سائيسيرو چيو ۽ ڏولين وٽ وڃي بہ هي گراڪس کي ٽلهي ماڻهوءَ ڏانهن ويندو ڏسي رهيو هو. ظاهر آهي ته هو هڪٻئي کي سڃاڻندا هئا. پڪ سان هيءَ سياستدانن جي وچ ۾ طئي ٿيڻ واري عجيب جمهوريت هئي، جيڪا پنهنجو پاڻ ۾ هڪڙي دنيا هئي "اڄ رات." سائيسيرو گراڪس کي چوندي ہڏو.

ٽلهي ماڻهوءَ ڪنڌ لوڏيو.

"سيڪسٽس؟" گراڪس ڪاوڙ مان چيو "آءٌ سيڪسٽس کي ڪابہ شيءِ نٿو سمجهان. مون توکي پنهنجي پيشڪش ٻڌائي چڏي آهي. تون يا تہ اهوئي ڪجهہ ڪندين جيڪو آءٌ ٿو چوان. نہ تہ جيستائين آءٌ جيئرو هوندس يا جيستائين تون زنده هوندين، آءٌ توسان ڪوبہ ڳالهائيندس، ۽ نہ وري تنهنجي شڪل ڏسندس، ۽ تنهنجي حياتي هن لاش هيٺان ويهندي ڪا گهٽي ڪانہ هوندي."

"مون کي افسوس آهي گراڪس."

"مون کي نہ ٻڌائي تہ توکي افسوس آهي. ائين ئي ڪر جيئن آءٌ ٿو چوان."

پوءِ گراڪس پنهنجي ڏولي وٽ آيو ۽ ان ۾ ويهي رهيو. سائيسيرو کانئس اُن گفتگو جي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ پڇيو. پر جڏهن هو شهر جي دروازي جي ويجهو اچي پهتا، تڏهن هُن ڏينهن واري گراڪس جي ٻڌايل ڪهاڻي ڪيس ياد ڏياري. اُن ماءُ جي ڪهاڻي جنهن کي پنهنجي پٽ سان تمام گهڻو پيار هو.

"اِها هڪڙي دلچسپ ڪهاڻي هئي."

"سائيسيرو، ڇا توهان کڏهن محبت ڪئي آهي؟"

"اهڙي طرح تہ نہ، جهڙي طرح شاعر ماڻهو ڪن ٿا. پر اُها ڪهاڻي...؟"

"ڪهاڻي؟ مون کي ياد ڪونهي تہ مون اُها ڪهاڻي ڇو ٻڌائي هئي. منهنجو خيال آهي تہ ڪا ڳالهہ ضرور هئي، پر هينئر مون کي دل تان لهي ويئي آهي."

شهر اندر هو هڪٻئي کان جدا ٿي ويا ۽ گراڪس پنهنجي گهر هليو ويو. شام ٿي چڪي هئي. ڪيس ڏيئي جي سوجهري ۾ وهنجڻو پيو. پوءِ هن پنهنجي نوڪريائيءَ کي چيو تہ "آءٌ ماني ٽورو دير سان ڪائينداس. مون کي هڪڙي مهمان اچڻ جو انتظار آهي." گراڪس پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ هليو ويو. هُو ليٽي پيو ۽ اونداهيءَ ۾ اڌن وانگر ائين بي مقصد نهارڻ لڳو. ڪيس ليٽندي ليٽندي موت ياد اچي رهيو هو. اونداهيءَ جي باري ۾ هڪڙو قديم لاطيني قول هو تہ "جيستائين ڪو ماڻهو پنهنجي محبوبا ڪانسواءِ ائين ليٽيو پيو هوندو، تيستائين سندس موت جو گس ڪُليل هوندو." پر هُن ائين ڪونہ ڪيو هو. هُن محبت ڪانہ ڪئي هئي. هُن مارڪيٽ مان عورتون خريد ڪري رکيون هُيون. نہ تہ جيڪر اُن مڪار ۽ پوڙهي گراڪس وٽ خوشيءَ ۽ رضا سان ڪڏهن ڪا عورت اچي ها؟ هُو پنهنجي خريد ڪيل عورتن کي سُريت طور استعمال ڪندو هو. پر هُن ڪڏهن بہ محبت ڪانہ ڪئي هئي.

هاڻي ڪيس اوڀاسيئس جو هڪ حصو ياد پئي آيو، جتي اوڀي سيئس شاديءَ جي کوڙن دعويدارن کي قتل ڪري پنهنجو بدلو ورتي ٿو. گراڪس کي

ڪلاسيڪي ادب سيکارڻ لاءِ ننڍي هوندي ڪنهن يوناني استاد کان فيض حاصل ڪرڻ جو موقعو ڪونہ مليو هو. هُن پاڻ ادب پڙهيو هو. هُن کي همیشه اوڍي سيئس جي غير انساني ۽ وحشي نفرت تي حيرت ٿيندي هئي، جيڪا هُو پنهنجي انهن غلام عورتن سان روا رکندو هو، جيڪي شاديءَ لاءِ پنهنجي پنهنجي درخواست ڪندڙن سان گڏ سمهي چُڪيون هُيون. ڪيس ياد آيو تہ ڪهڙي طرح اوڍي سيئيس انهن ٻارنهن عورتن کي مجبور ڪيو هو تہ هو پنهنجي محبوبن جي لاشن کي باغ تائين کڻي وڃن ۽ دعوت واري هال جي فرش تان سندن محبوبن جي رت کي ڪُرڙي صاف ڪن. پوءِ هُن کين موت جي سزا ڏني ۽ پنهنجي پٽ کي سزا تي عمل ڪرائڻ لاءِ مقرر ڪيو. پٽ پيءُ جي حڪم جي تعميل ڪري ٿو. اهو "ٽيلي ماڪس" هو جنهن هڪ ئي رسي مان ٻارنهن ڏندا ٺاهيا ۽ انهن سيني کي يڪو لٽڪايو، اهڙي طرح جيئن ڪُنڊ ۽ ڪَل لٽل ڪڙ قطار ۾ ٽنگيا آهن.

"اهڙي نفرت چو؟" گراڪس حيران ٿيندو هو. "اهڙي وحشت ۽ دهشتناڪ نفرت چو؟ (حالانڪ گراڪس وانگر اوڍي سيئيس بہ اُن هر هڪ غلام سان سمهندو هو) تنهن ڪري اُن گهر ۾ پنجاهہ عورتون سُريتن جي حيثيت ۾ موجود هُيون. انهيءَ ڳالهہ لاءِ تہ صبر ڪرڻ وارو 'پي ني لوپيا' انتظار ڪندو رهيو.

جيتوڻيڪ گراڪس بہ اِهوئي ڪجهہ ڪندو هو، البت هو شايد وڌيڪ مهذب هو تنهن ڪري هُو ڪنهن غلام عورت کي قتل ڪونہ ڪندو هو، جيڪا ٻئي ڪنهن سان سُتي هجي. مگر عورتن سان تعلقاتن ۾ ڪجهہ بہ فرق ڪونہ هو. پنهنجي سڄي جمار ۾ هُن ڪڏهن بہ پاڻ کي اِن ڳالهہ تي پريشان نہ ڪيو تہ عورت چا ٿيندي آهي؟ هُن سائيسيرو اڳيان مڙيئي ڏيکارڻ لاءِ ائين ظاهر ڪيو هو تہ هُو شين جي لازمي سڄائيءَ کي سڃاڻڻ لاءِ خوفزده نہ هو. پر دنيا ۾ عورت جي حقيقت هڪڙي اهڙي حقيقت هئي جنهن کي مُنهن ڏيڻ جي منجهس جرئت ڪانہ هئي. ۽ هاڻي آخرڪار، هن هڪ عورت ڳولي ورتي هئي جيڪا تمام سٹي هئي. پر مسئلو هي هو تہ ايا ڪيس اُها عورت هٽ ڪرڻي هئي.

هڪڙي غلام آهستي آهستي دروازي تي هٽ سان ٽڪ ٽڪ ڪئي ۽ جڏهن گراڪس ڪيس جواب ڏنو تہ هُن ٻڌايو تہ مهمان پهچي ويو آهي.

"آءُ اجهو اچان ٿو. تيستائين مهمان کي آرام سان ويهاريو. هُو صفا اڪلو ۽ گدلو آهي پر ڪنهن بہ جيڪڏهن ڪيس حقارت سان ڏنو تہ آءُ اُن جي ڪوڙن سان ڪل لاهي ڇڏيندس. ڪيس هٽ مُنهن ڏوئڻ لاءِ گرم پاڻي ڏيو ۽ پوءِ ڪيس هڪڙو صاف سٽرو چوغو ڏجو تہ جيئن هُو پاڻ کي ڏکي سگهي. سندس نالو فليوئيس مارڪوس آهي ۽ ڪيس فضيلت سان نالو وٺي سڏجوس."

ظاهر آهي ته حڪم جي تعميل ٿي، چاڪاڻ ته جيڏي مهل گراڪس مهمان خاني ۾ داخل ٿيو تڏهن اُهو ٽلهو ماڻهو گاديلي تي ويٺو هو ۽ صاف ستڙو ۽ معزز لڳي رهيو هو. البت سندس ڏاڙهي وڌيل هئي. جڏهن گراڪس اندر آيو تڏهن هُن پنهنجي ڏاڙهيءَ کي کنهيو. "جيڪڏهن توهان ۾ انتظامن سان گڏ منهنجي ڏاڙهي ڪُوڙڻ جو به بندوبست ڪري چڏيو ها...."

"فليوئس! مون کي بک لڳي آهي، تنهن ڪري اڄ ته ماني کائون. تون رات ۾ ئي ٽِڪي پئو. صبح جو منهنجو حجام تنهنجي ڏاڙهي ٺاهي چڏيندو. آءُ هڪ ٻيو به صاف ستڙو چوغو ۽ بهترين جُتو به توکي ڏيندس. اسان جو قدبت هڪجهڙو آهي، تنهن ڪري منهنجا ڪپڑا توکي پورا ٿيندا."

هو ٻئي هڪڙي ئي قدبت جا هئا ۽ ڏاڍا ملندڙ جلندڙ هئا. ٻنهي جو پاڻ ۾ پائر هجڻ جو شڪ ٿيندو هو.

"پر شرط اِهو آهي ته توکي اِن ڳالهه جو ڊپ نه ٿئي ته سيڪسٽس توکي موچڑا هڻندو ته تو هُن جي هڪڙي واهيات نوڪري چڏي آهي ۽ منهنجو هڪڙو معمولي ڪم ڪندين."

"ها، توهان جي لاءِ اِها ڳالهه ڪرڻ سولي آهي" فليوئس روئڻ جهڙي آواز ۾ چيو. "گراڪس تون ڏاڍو پاڻڳن وارو ماڻهو آهين. دولت، آرام، عزت، اقتدار ۽ وقار سڀ ڪجهه تو وٽ موجود آهن. تنهنجي لاءِ زندگي مڪڻ جهڙي آهي. پر منهنجو معاملو ٻيو آهي. ڪو ماڻهو هڪڙي سڙيل ڳريل لاش هيٺان ويهي ڪوڙ فضول اُن لاءِ هڏي ته من ڪو راهگير سندس ڏِگهاريل هٿ تي ٻه ٽي پئسا رکي. چا اُهو ماڻهو ڪو وقار يا فخر محسوس ڪري سگهي ٿو؟ پينو فقير ٽيڻ ڏاڍو چهَڪ ڏيندڙ ۽ شرمناڪ هوندو آهي. پر پوءِ به جڏهن آءُ ذلت جي بنهه اونهي گهراين ۾ ٻڏي ويو هوس تڏهن سيڪسٽس مون کي ڪجهه ته سهارو ڏنو. هاڻي جڏهن ٻيهر آءُ هُن وٽ ويندس ته هُو چوندو ـ 'آهه، توکي هاڻي منهنجي ضرورت ڪانهي. پنهنجي دوست ۽ همدرد گراڪس وٽ وڃ.' هُو ته هاڻي ائين ئي چوندو. هُو توکان نفرت ٿو ڪري ۽ هُو هاڻي مون کان به نفرت ڪندو."

"ڪرڻ ڏيئنس نفرت" گراڪس چيو "تون اُهو ئي ڪر جيڪو آءُ ٿو چوان، ۽ آءُ توکي شهر جي ڪا ايري سيري نوڪري وٺي ڏيندس. منشي گيري يا ان قسم جي ڪا بي نوڪري ته جيئن تون ڪجهه پئسا بچائي به سگهين ۽ هڪڙي فضيلت واري زندگي گذاري سگهين. توکي ٻيهر گسڪي گسڪي سيڪسٽس وٽ وڃڻ جي ضرورت ڪانه پوندي."

"ڪنهن زماني ۾ منهنجا ڪوڙ سارا دوست هوندا هئا ۽ اُن وقت آءُ انهن لاءِ

ڪارائتو هوس. هاڻي مون کي گندگيءَ جي ڊيرن ۾ مرڻو آهي...."

"تون اڃا تائين منهنجي لاءِ ڪارائتو آهين." گراڪس هُن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪاٽيندي چيو. "هاڻي ماڻي ڪائي وڃ ۽ روئڻ ڏوئڻ بند ڪر. حد ٿي ويئي. خوش قسمتي آهي سا تنهنجي مٿي تي پيئي ڦيرا ڏي ۽ تون اُن جو رڳو آڏرياءُ ڪرڻ کان ٻه ڏينهن ٿو. خبر ڪانهي ته تون ڏينهن ڪهڙي ڳالهه کان ٿو؟"

ڪاڏي ۽ شراب فليوئيس کي توانائي ۽ تازگي عطا ڪئي. گراڪس وٽ هڪڙي بهترين مصري بورچيائي هئي جيڪا نهايت لذيذ ڪاڏا تيار ڪندي هئي. خاص ڪري پڪيءَ ۾ نيزا ۽ عمدا جَوَ پري چڏيندي هئي ۽ ان کي براندي ۽ انجير جي شربت سان گڏ آهستي آهستي پچائيندي هئي. اِهو ڪاڏو هُوءَ آندن اندر پڪل زبان ۽ ميوي سان گڏ ڪٽي پيش ڪندي هئي. اُن عورت جو تيار ڪيل ڪاڏو تمام گهڻو مشهور هو. سڀ کان پهريائين چانهي آندي ويئي. تنهن کان پوءِ مٺيان ۽ طعام، پوءِ گهانگهٽن جو قيمو چٽني سان گڏ پيش ڪيو ويو. تنهن کان پوءِ انگورن ۽ کجور جي مٺي پڊنگ پيش ڪئي ويئي، جنهن جي پاسي کان سوئر جي گوشت جون پڪل ٻوٽيون رکيل هيون. پوءِ مڇيءَ سان گڏ ڪُنبيءَ جو پڳو آيو ۽ آخر ۾ مٺي طور تي بادامين پيل هڪڙي پيسٽري پيش ڪئي ويئي. گرم گرم سفيد ماني ۽ ڳاڙهو شراب انهن کانسواءِ هو. جڏهن هنن ماني کائي ورتي، تڏهن فليوئيس مُسڪرائيندي گاديلي تي ڊگهو ٿي ليٽي رهيو. سندس وڏو پيٽ آهستي آهستي ڦندندو ۽ سُسندو رهيو. هُن چيو.

"گراڪس مون کي اِن قسم جي ڪاڏي کائيندي پنج سال ٿي ويا آهن. سڄو ڪاڏو دنيا جي بهترين نعمت هوندي آهي. تون هر رات هِن قسم جا مزا ماڻين ٿو. ها، گراڪس تون هوشيار ماڻهو آهين ۽ آءٌ پوڙهو بيوقوف. منهنجو خيال آهي ته تون اُن جو حقدار ٻه آهين. مون کي حسد نه ڪر ڪپي. ها، هاڻي چئو، ڪهڙو ڪم آهي؟ آءٌ اڃا تائين ڪجهه ماڻهن کي سڃاڻان ٿو. ڪجهه غندن، چاقو بازن، ڪجهه ڏاڙيلن، پڙوَن ۽ ڪجهه حسين عورتن کي سڃاڻان ٿو. خبر ناهي آءٌ اهڙو ڪهڙو ڪم ڪري سگهان ٿو جيڪو تون نٿو ڪري سگهين يا مون کان وڌيڪ بهتر ٻي ڪنهن کان نٿو ڪرائي سگهين؟ بهرحال، آءٌ تيار آهيان."

گراڪس براندي جا ٻه گلاس پريا. هڪڙو هن کي ڏنائين ۽ ٻيو پنهنجي سامهون رکي چڏيائين ۽ چوڻ لڳو، "منهنجي خيال ۾ فليوئيس تو ۾ ڪي خوبيون آهن. هونئن ته مون کي اهڙا ماڻهو ملي سگهن ٿا جيڪي روم جي هر اُن شخص کي سڃاڻندا هُجن جيڪو جسمن، روحن ۽ ڏکن سودو ڪندو هُجي. پر آءٌ هِن ڪم لاءِ ڪنهن اهڙي شخص کي نٿو آڻي سگهان جيڪو پوءِ ٻيهي پڙو ڏي. آءٌ هي ڪم

خاموشيءَ ۾ ماڻ ملهيءَ ۾ ڪرائڻ چاهيان ٿو."

"آءٌ پنهنجو وات بند رکي سگهان ٿو." فليوئيس چيو.

"مون کي خبر آهي، تڏهن ته آءٌ توسان ڳالهائي رهيو آهيان. آءٌ چاهيان ٿو ته منهنجي لاءِ هڪڙي عورت ڳولي اڇ. هڪڙي غلام عورت. آءٌ چاهيان ٿو ته تون ان کي تلاش ڪري هر قيمت تي خريد ڪري اڇ. قيمت جي پرواهه نه ڪر، ۽ اِن سلسلي ۾ جيترو به خرچ ٿيندو، آءٌ پريندس."

"ڪهڙي قسم جي عورت؟ مارڪيٽ ۾ غلام عورتون جام آهن. غلامن جي جنگ جي خاتمي کان پوءِ انهن عورتن جي پيڙ لڳي پيئي آهي ۽ انهن جي قيمت به ڪا خاص ڪانهي. منهنجو خيال آهي ته جنهن به قسم جي عورت توکي کپي ــ آءٌ ڳولي سگهان ٿو. ڪاري، سفيد، هيڊي يا پُوري، ڪنواري يا هليل، نوجوان يا پوڙهي، خوبصورت يا بدصورت، ڳوري، اولهه يورپ جي سانوري عورت، ڳاڙهن وارن واري عورت... مطلب ته جهڙي قسم جي عورت تون چاهيندين آءٌ ڳولي ايندس."

"مون کي هڪ خاص عورت گهرجي." گراڪس آهستگيءَ سان چيو.

"اُها آهي غلام؟"

"ها."

"ڪير آهي اُها؟"

"سنڊس نالو ورينيا آهي. هوءَ اسپارٽيڪس جي زال هئي."

"آهه.... فليوئيس حيرت مان گراڪس ڏانهن ڏٺو. پوءِ هُن برانڊي جو ڊُڪ پريو ۽ ٻيهر گراڪس ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"هوءَ ڪٿي آهي؟" هُن آهستگيءَ سان پڇيو.

"مون کي خبر ڪانهي."

"پر ڇا تون هُن کي سڃاڻين ٿو؟"

"آءٌ سڃاڻان به ٿو ۽ ڪونه به سڃاڻان. مون اُن کي ڪڏهن به ڏٺو ڪونهي."

"آهه...."

"اها آهه... آهه... بند ڪر. ڪم جي ڳالهه ڪر."

"آءٌ عقل جي ڳالهه سوچيان پيو."

"آءٌ توکي هڪڙي دلال جي حيثيت ۾ ياڙي تي پيو ونان ۽ نه کي ڪنهن ٽوٽڪا ٻڌائي دل خوش ڪرڻ واري جي حيثيت ۾." گراڪس گرجيو "توکي خبر آهي ته آءٌ توکان ڇا ڪرائڻ وارو آهيان."

"تون مون کان هڪڙي عورت تلاش ڪرائڻ چاهين ٿو پر توکي اِها خبر

ڪانهي ته اُها ڪٽي آهي. تو اُن کي ڏئو به ڪونهي. چا توکي خبر آهي ته سندس پار پتا ڪهڙا آهن؟"

"ها، هوءَ چگي خاصي ڏکهي عورت آهي، صحتمند آهي، اُپريل سينو اٽس ۽ پريل چاتيون. هوءَ جرمن نسل جي آهي. سندس پورا جرمن وار آهن ۽ نيريون اکيون. ننڍا ننڍا ڪن اٽس ۽ پيشاني ويڪري اٽس. سڏو نڪ، خوبصورت اکيون، سڏا ملوڪڙا گلاب جي پتين جهڙا گلابي چپ. هُوءَ معمولي لاطيني بولي جاڻي ٿي، پر ٿي سگهي ٿو ته هوءَ اهو ظاهر ڪري ته هوءَ لاطيني بولي نٿي جاڻي. يوناني بولي چگيءَ طرح ڀالهائي سگهي ٿي. لهجو ٿورڙو ٽربشين جهڙو اٽس. هُن کي گذريل بن مهينن ۾ ٻار جائو هوندو. پر ٿي سگهي ٿو ته اهو ٻار مري ويو هجي. پر جيڪڏهن ٻار مري ۽ ويو هوندو ته ۽ سندس ٻُڌن ۾ ٽڇ اچا هوندي. ڪيئن هوندي نه؟"

"اِهو ضروري ته ڪونهي. سندس عمر ڪيتري ٽيندي؟"

"آءُ يقين سان ته چئي نٿو سگهان، پر گهٽ ۾ گهٽ ٽيويهه سال هوندي. ٿي سگهي ٿو ته وڌيڪ هجي. ستاويهه سالن تائين هجي. بهرحال، مون کي پڪي خاطري ڪانهي."

"ٿي سگهي ٿو ته هوءَ مري ويئي هجي."

"اِهو ۽ ممڪن آهي. اِها جاڻ تون حاصل ڪندين. جيڪڏهن هوءَ مري ويئي آهي ته سندس ثبوت ڪٽي اڇ. پر منهنجو خيال آهي ته هوءَ اچا مُئي ڪانهي. هوءَ خودڪشي ڪرڻ واري عورت ڪانهي ۽ اُن جهڙي عورت کي قتل ۽ نٿو ڪري سگهجي."

"تون اِهو ڪيئن ٿو چئي سگهين ته هوءَ خودڪشي ڪانه ڪندي؟"

"مون کي خبر آهي، پر ان جي وضاحت نٿو ڪري سگهان."

"جڏهن اسپارٽيڪس کي شڪست ملي." فليوئيس چيو "تڏهن چا هُن اسپارٽيڪس جي ڪيمپ تي قبضو ڪري ورتو هو، جتي ڏهه هزار عورتون ۽ ٻار رهيل هٿا؟"

"اُتي ٻاويهه هزار عورتون ۽ ٻار هٿا. ٻارنهن هزار گهرن جي ملڪيت لٽي ويئي. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اِن قسم جو غليظ واقعو ڪونه ٻڌو. ڪراسس اِن واقعي جي ٽيڪ ڪري رهيو هو. هُن غنيمت جي مال مان پنهنجو حصو خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو. اِها هُن جي لاءِ ڪا وڏي قرباني ڪانه هئي چو ته سندس حصي جي قيمت بنهه گهٽ هئي. هُن پاڻ وٽ ڪوبه غلام نه رکي ڪا وڏي قرباني ڪانه ڏني هئي. ڪيس خبر هئي ته ماركيٽ ۾ غلامن جي قيمت ڪيتري هوندي."

"چا ورينيا انهن عورتن ۾ هئي؟"

"تي سگھي ٿو ته هجي ۽ نه به هجي. هوءَ انهن جي ريراهه جي زال هئي. اُن جي حفاظت لاءِ انهن کو خاص بندوبست کيو هوندو."

"خبر ناهي. غلامن برابري ۽ هڪجهڙائيءَ کي مذهبي فرض وانگر پاڻ سان لاڳو کيو هو."

گراڪس پنهنجو سجو گلاس ڏوکي ويو ۽ وري ٻيو گلاس پرڻ لڳو.

"تون هي ڪم ڪرڻ چاهين ٿو يا نه؟ تون اُن کي حل ڪرڻ لاءِ رڳو پنهنجي تجويز نه ڏي."

"تون مون کي ڪيتري مهلت ڏيندين؟"

"تي هفتا."

"آهه... نه نه." فليوئيس حيرت مان پنهنجو هٿ پکيڙيو "اِهو مدو ته بنهه ٿورو آهي.تي سگھي ٿو ته هوءَ هينئر روم ۾ ئي نه هجي ته. ته پوءِ مون کي پنهنجا ماڻهو ڪاپوا، سِسلي ۽ شايد اسپين يا آفريڪا موڪلڻا پون. ڪجهه مناسب ڳالهه ڪر."

"آءٌ جيترو مناسب ٿي سگھي ٿو، اوتري ڳالهه پيو ڪريان. توکي ڪم نه ڪرڻو هجي ته اُتي پڄ. وڃ، وڃي سيڪسٽس کان خيرات پن."

"نيڪ آهي گراڪس. ڪاوڙ نه ڪر. پر فرض ڪر ته مون کي الاجي ڪيترين عورتون خريد ڪرڻيون پون. ڇو ته خبر ناهي ته ڪيترين جرمن عورتون هوبهو اهڙيون هُجن، جهڙا پار پتيڪار تو ٻڌايا آهن؟"

"تمام گھڻيون اهڙيون عورتون هونديون. پر مون کي رڳو اهڙي عورت نه گھرجي جنهن جي شڪل صورت ورينيا جهڙي هجي. مون کي ورينيا ڪپي."

"۽ جيڪڏهن آءٌ هُن کي ڳولي وڃان ته ڪيس خريد ڪرڻ لاءِ ڪيترا پئسا ڏئي سگھان ٿو؟"

"جيڪا به قيمت ڏيڻي پوي، ڏيئي اڇج. توکي اختيار آهي."

"نيڪ آهي. گراڪس مون کي منظور آهي. مون کي انهيءَ بهترين برانديءَ جو هڪڙو ٻيو به گلاس پيار." ڪيس برانديءَ جو گلاس پري ڏنو ويو. فليوئيس پنهنجي گاديلي تي ڍگھو ليٽيو شراب جا ڍڪ ڀري رهيو هو. هُن گراڪس کان پڇيو "گراڪس تنهنجو ڇا خيال آهي، مون ۾ ايڏا ڏاڍي صلاحيتون موجود آهن؟"

"پڪ سان، آهن."

"پر پوءِ به آءٌ غريب آهيان. پوءِ به آءٌ ناڪام آهيان. خير، گراڪس آءٌ توکان آخري سوال پڇڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن تون جواب نه ڏيڻ چاهين ته نه ڏجاءِ پر رڳو ڪاوڙ نه ڪجاءِ."

"ڇو؟"

"تون اُن عورت کي ڇو ٿو چاهين؟"

"مون کي تنهنجي سوال تي ڪاوڙ ڪانهي. پر منهنجو خيال آهي ته هاڻ پاڻ کي سمهي رهڻ گهرجي. هاڻي پاڻ ايترا جوان ڪونہ رهيا آهيون جيترا هوندا هئاسين."

[3]

مگر اُن زماني ۾ نہ ته دنيا اڄوڪي دنيا وانگر وسيع هئي ۽ نہ ايتري مُنجهيل ۽ ڏنل مدت يعني ٽن هفتن کان اڳ ۾ ئي فليوئيس گراڪس جي گهر پهچي ويو ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيائين. پٺسو بنهہ نرم ۽ نازڪ ڪل واري شيءِ آهي ۽ جيڪي ڪيس استعمال ڪن ٿا، انهن جي هٿن ۾ هي غلام بنجيو وڃي ٿو. فليوئيس اڃ بي شيءِ پٽي لڳو. صاف ستڙو لباس پاتل، ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ پاڻ تي بنهہ گهٽو مطمئن. هُن هڪ مشڪل مسئلو حل ڪري ورتو هو! هُو گراڪس سان گڏ ويهي شراب پي رهيو هو ۽ پنهنجي علم ۽ عقل جو ٻيڙو ٻوڙي رهيو هو ۽ گراڪس پنهنجي بي صبريءَ تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

"مون انهن عملدارن جي آفيسن تائين پهچڻ جو ڏکيو ڪم شروع ڪري ڏنو، جن غنيمت جي مال ۾ حصو پتي ورتو هو." فليوئيس تفصيل ٻڌائڻ شروع ڪيو. "منهنجو خيال هو ته جيئن ته ورينيا بنهہ سهڻي هئي، تنهن ڪري سپ کان پهريائين ڪيس ٿي چونديو ويو هوندو. پر چاڪاڻ ته غلامن کي ملڪيت بنائڻ غير قانوني عمل هو ۽ جيئن ته پنج ڇهہ سؤ عملدار اُن ٽرلٽ ۾ شامل هئا. ۽ انهن مان تمام گهٽ ان باري ۾ زبان کولڻ لاءِ تيار هئا، تنهن ڪري ڪم ايترو سولو ڪونہ هو. پر قسمت منهنجو ساٿ ڏنو. ماٿهن کي ياد هو ته ورينيا کي غلامن جي شڪست جي خبر اوڏيءَ مهل ملي هئي جيڈي مهل ڪيس وِيَرَ جا سور ٿي رهيا هئا. ماٿهن کي اُها عورت ياد هئي جيڪا پنهنجي تازي جاول ٻار کان الڳ نٿي ٿي سگهي. انهن کي اِها ته خبر ڪانہ هئي ته ڪو سندس نالو ورينيا هو ۽ هوءَ اسپارٽيڪس جي زال هئي. ڪراسس جنگ ختم ٿيڻ کان هڪدم پوءِ گهوڙي سوارن جو هڪ دستو غلامن جي ڳوٺ، ڪيمپ يا شهر (جيڪو به اُن کي چيو وڃي) ڏانهن موڪليو هو. تنهن کان پوءِ پيادل فوج ويئي. اتي موجود عورتن، ٻارن ۽ تيرهن چوڏهن سالن جي ڇوڪرن کا وڏي ويڑهہ ڪانہ ڪئي. انهن تي حيرت چانيل هئي ڇو ته انهن غلامن جي شڪست جي خبر اڃهو اوڏيءَ مهل ٻڌي هئي.پر توهان کي ته خبر آهي ته اهڙن موقعن تي فوجين جي ڪهڑي حالت هوندي آهي ۽ منهنجو خيال آهي ته غلامن سان

ويڑهه کا تفريح ته ڪانهي. اُهي....."

"مون کي سپاهين جي طبيعت سان ڪوبه واسطو ڪونهي. مون اصل ڳالهه ٻڌائي." گراڪس چيو.

"آءٌ ته صرف صورتحال بيان ڪري رهيو هوس. منهنجو مطلب آهي ته پهريائين ته انهن بيشمار ماڻهن کي خواهه مخواهه قتل ڪرڻ شروع ڪيو ڇاڪاڻ جو اسان جا سپاهي ڪاوڙ ۾ هئا. ورينيا تازو تازو ٻار جڻي چڪي هئي. مون کي سندس باري ۾ هڪڙو قصو معلوم ٿيو. اُهو هي ته هڪڙي سپاهيءَ ٻارڙي کي ٽنگ مان جهلي متي ڪنيو ۽ تنبوءَ جي چَڙَ کي هٽي مارڻ ٿي چاهيو، جتي جيڪڏهن هُو وڃي لڳي ها ته جيڪر سندس مغز ڏريون ٿي وڃي ها. ڪراسس پاڻ اُن کي بچائي ورتو. هُن نه رڳو ٻارڙي کي بچائي ورتو پر اُن سپاهيءَ کي به پنهنجي هٿن سان ماري ماري اڌ مُئو ڪري ڇڏيائين. ڪراسس جي باري ۾ ائين سوچي به نٿو سگهجي. آهي نه ائين؟"

"مون کي اِن ڳالهه سان ڪابه دلچسپي ڪانهي ته ڪراسس جي باري ۾ ڇا سوچي سگهجي ٿو ۽ ڇا نه. فليوئيس، تون اجائي بکواس ڪرڻ ٿي ڪيترو نه هِريل آهين. تون رڳو اِهو ٻڌائي ته توکي ورينيا ملي يا نه؟ تو اُن کي خريد ڪيو يا نه؟"

"آءٌ اُن کي خريد نه ڪري سگهيس؟"

"چو؟" گراڪس وڏي رڙ ڪئي. هُو ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويو ۽ اُتي بيهي رهيو. هُو فليوئيس ڏانهن وڌيو ۽ ڪيس ڳٽڙ کان جهلي لوڏا ڏيڻ لڳو. هُن ڪيس گهوگهو ڏيندي، دانهن ڪندي پڇيو:

"چو؟ ٽُلها مردار چو؟ بيڪار، آواره، ذليل چو؟ ڇا هوءَ مري ڇُڪي آهي؟ ۽ جيڪڏهن تو نهيل ڪم به ڏنائي ڇڏيو هوندو ته ياد رک منهنجو قول آهي ته آءٌ توکي گونهه جي دِڳ ۾ اُڇلائي ڇڏيندس، حقارت جي ذليل ڪڏ ۾. بڌِءِ!"

"هوءَ مُئي ڪانهي."

"ڇُهرا، سوئر! تون اصل ڳالهه چو نٿو ڪرين. هِتي هُتي جي بکواس چو ٿو ڪرين؟ تو هن کي چو ڪونه خريد ڪيو؟" هُن فليوئيس جي ڳٽڙ مان هٿ ڪڍي ڇڏيا. پر اُتي ئي سندس سِرَ تي اُپو ٿيو ٻيٽو رهيو.

"توهان پنهنجي جذبات کي تورو ٽڏوڪريو." فليوئيس اوچتو پر زور سان چيو "تو مون کي هڪڙو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو هو، سو مون ڪيو آهي. شايد آءٌ تو وانگر امير ڪونه آهيان، هي به صحيح آهي ته آءٌ ڏکاريل ماڻهن مان هڪ آهيان. پر ان جو اِهو مطلب هرگز ڪونهي ته تون مون سان اِنهيءَ لهجي ۾ ڳالهائين. آءٌ تنهنجو

غلام ڪونہ آهيان. آءُ ذليل ماڻهو آهيان. مون کي وڌيڪ ذليل ڪرڻ جو اختيار تو کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪونهي."

"مون کي معاف ڪجانءِ، آئون ڏاڍو شرمسار آهيان."

"مون اُن کي اُن ڪري ڪونہ خريد ڪيو جو هوءَ وڪري جو مال ڪانهي. بس اِهائي ڳالهہ آهي."

"قيمت؟"

"قيمت ڪانهيس. هُن جي ڪابہ قيمت ڪانهي. هوءَ ڪراسس جي ملڪيت آهي. هوءَ سندس گهر ۾ رهي ٿي. تنهنجي خيال ۾ مون ڪوشش ۾ وَسان گهٽايو هوندو؟ هوءَ وڪڻ لاءِ ڪانهي. ڪراسس ڪاپوا ويل هو. تنهن ڪري مون سندس دلالن سان ڳالهايو هو. پر ٻيو مڙئي ٿيو خير. ڪابہ ڳالهہ بڏڻ لاءِ ڪير تيار ٿي ڪونهي. جيئن ٿي ورينيا جو ذڪر ٿيو ٿي تہ سندن چپ جڻ سُٻجيو ٿي ويا. هنن ڪيس سچائيءَ کان ٿي انڪار ڪري ٿي ڇڏيو. هو قيمت جي تہ ڳالهہ بڏڻ لاءِ ٿي تيار ڪونہ هئا. مون پئسن جا ڊِڳ سندن اڳيان پکيڙي ڇڏيا، پر پئسو ڪنهن بہ ڪم ڪونہ آيو. ها، جيڪڏهن آءُ ڪراسس جو حجام، بورچي يا گهر جي نوڪرياڻي خريد ڪرڻ چاهيان ها تہ اُهي ملي سگهيا ٿا. ايتريقدر جو اُهي هڪڙي انتهائي حسين شامي عورت جو سودو ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويا هئا، جنهن کي ڪراسس اڃا تازو ئي گذريل سال خريد ڪيو هو پر ورينيا جي باري ۾ هنن رڳو چپ ئي ڪونہ ٿي چوريا."

"تہ پوءِ توکي ڪيئن خبر پيئي تہ اُها ورينيا آهي؟"

"مون اُها جاڻ ڪيڙن جي ڪٻٽ واري نوڪر کان خريد ڪئي هئي. پر ائين بہ متان سمجهين تہ ڪراسس جو گهراڻو ڪو خوشحال آهي. سندس هڪڙو پٽ آهي، جيڪو ڪائنس شديد نفرت ڪري ٿو. هڪڙي زال اٽس جيڪا وٽس ڪانہ ٿي رهي ۽ رڳو وجهہ پيئي ڳولي تہ جيئن سُتي ئي سندس سسي ڏڙ ڪان ڏار ڪري ڇڏي. تنهن ڪانسواءِ اُتي ايتريون تہ سازشون ٿين ٿيون، جيتريون دمشق ۾ ٿين ٿيون. مون اِها سموري جاڻ تہ خريد ڪري ورتي، پر ورينيا کي خريد ڪري نٿي سگهيس."

"چا تو اِهو معلوم ڪيو تہ هُو ورينيا کي چو وٺي آيو آهي؟ هُو ڪيس چو پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو؟"

فليوئيس ڪِي ڪِي ڪري کلڻ لڳو. "ها ها. مون اِها بہ خبر ورتي هئي. ڪراسس سائس محبت ڪري ٿو."

"چا؟"

"جي ها. عظيم ڪراسس محبت ۾ گرفتار آهي."

پوءِ گراڪس جائي ٻجهي بنهه آهستي چيو، "فليوٽيس! خدا توکي غرق ڪري. تون اِهي ٻالهيون ڪنهن سان به نه ڪندين. ۽ جيڪڏهن مون کي خبر پيئي ته تو اِها ٻالهه ڪنهن ٻئي کي چئي آهي ته آءٌ توکي صليب تي ٽنگاڻهي ڇڏيندس."

"انهيءَ لهجي ۾ ٻالهائڻ جي کابه ضرورت ڪانهي. گراڪس، تون خدا ڪونه آهين."

"نه نه. منهنجو خدا يا خدائن سان کوبه تعلق ڪونهي. بلڪل نه. پر آءٌ خدا کي ايترو ويجهو آهيان جو روم ۾ ٻيو کوبه ايترو ويجهو ڪونهي. آءٌ خدائن کي ايترو ويجهو آهيان جو توکي مزو چکائي سگهان ٿو ۽ توکي صليب ڏيکاري سگهان ٿو. جيڪڏهن اِها ٻالهه ٻاهر نڪتي ته منهنجو قول ياد رکجانءِ."

[4]

ٻئي ڏينهن ٽپهريءَ جو گراڪس حمام ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. اِهو عمل سياسي مقصدن جي پوئيواري ڪرڻ هو ۽ اُن جا کيترا ئي فائدا هئا. عوامي حمام روزبروز سياسي ۽ ثقافتي مرڪز بنجندا ٿي ويا. حمامن ۾ سينيٽر ۽ مئجسٽريٽ مقرر ڪيا ۽ ڪڍيا ٿي ويا. اُتي ئي سياسي ڪلبون هُيون ۽ اتي ئي استاڪ ايڪسچينج به هو. تنهن ڪري اتي ٽوري ٽوري وقت کان پوءِ چڪر لڳائڻ هڪڙي مجبوري بنجي ويئي هئي. گراڪس ٽن وڏن ۽ خوبصورت حمامن جي سرپرستي ڪندو هو. انهن مان هڪڙو بنهه نئون هو ۽ به نسبتاً پراڻا پر خوبصورت هئا. باوجود اُن جي ته سيني شهرين کي انهن ۾ وڃڻ جي اجازت ڪانه هئي، پر پوءِ به داخلا في تمام گهٽ هئي. فقط سماجي حيثيت ئي هيٺئين طبقي کي اوڏانهن وڃڻ کان روڪيندي هئي.

جڏهن موسم خوشگوار هوندي هئي تڏهن سجو روم ٽپهريءَ جو گهرن مان نڪري پوندو هو. ايتريقدر جو روم جي مزورن جو رهيل معمولي ڳاٽيٽو به. ٽپهري آزاد ماڻهن جو وقت هو. غلام محنت ڪندا هئا ۽ روم جا شهري آرام ڪندا هئا.

بهرحال، گراڪس کي راندين ۾ گهٽ دلچسپي هئي. هُو گهوڙن جي ڊوڙ ۾ به ڪڏهن ڪڏهن ويندو هو. پنهنجي ساٿين کان هُو ڪجهه مختلف هو. هُو ڏڻن مُڻن اگهاڙن ماڻهن جي ويڑهه ڏسي ڪونه سگهندو هو، جنهن ۾ هر هڪ کي هٿ ۾ ڇاڪاڻ ڏنو وڃي ٿو ته جيئن هو هڪٻئي کي تيستائين چيريندا ڦاڙيندا رهن جيستائين هو وهندڙ رت ۽ لڙڪندڙ گوشت جي ٻيرن جا مجموعا بنجي نه وڃن. ڪيس اُن ٻُل ڏيندڙ

ماڻهوءَ کي ڏسڻ ۾ کاڌ خوشي کانءِ ٿيندي هئي جيڪو جاريءَ ۾ قائل هجي ۽ سنس اکيون ڪيڏيون ويون هجن ۽ هڪ ٽڻ انگين واري ڪائيءَ سان سندس پيٽ ڦاڙيو ويو هجي. ڪڏهن ڪڏهن هُو ڪنهن ٽپهريءَ جو گهوڙن جي ڊوڙ ۾ ويندو هو.پر اڇڪلهه وري ٽانگن جي ڊوڙ مقبول ٿيندي پئي ويئي. اِها ڊوڙ روز بروز مخالف درائيورن ۾ هڪڙي جسماني مقابلي جي حيثيت اختيار ڪندي پئي ويئي ۽ تماشائي تيستائين تہ خوش ٿيندا ئي ڪونہ هئا جيستائين ڪنهنجو مٿو نہ ڦاٽي يا ڪنهن جي جسم جا عضوا نہ الڳ ٿي وڃن. انهيءَ راند ۾ گراڪس کي مزو ڪونہ ايندو هو. اِها ڳالهہ ڪانہ هئي تہ ڪو هُو ٻين کان نرم دل هو، پر صرف اِها ڳالهہ ضرور هئي تہ هو بيوقوفيءَ وارين حرڪتن کان نفرت ڪندو هو ۽ سندس نظر ۾ اِها راند بيوقوفيءَ واري راند هئي. ٿيٽر تہ سندس سمجهہ ۾ ئي ڪونہ ايندو هو. ۽ هُو فقط افتتاح ڪرڻ واري رسم ۾ ئي ويندو هو جتي ڪيس اعزاز سان نوازيو ويندو هو.

ٽپهريءَ جو ڪيس وڏي ۾ وڏي خوشي حمام ڏانهن وڃڻ ۾ ٿيندي هئي. هُو پنهنجي محبوب شهر جي گدلين ۽ ورن وڪڙن وارين ڊگهي گهٽين مان ٿيندو حمامن ڏانهن ويندو هو. روم سان هُو هميشه محبت ڪندو هو. روم سندس ماءُ هو. هُو اڪثر پنهنجو پاڻ کي چوندو هو تہ سندس ماءُ هڪڙي رنڊي آهي ۽ ڪيس پنهنجي ماءُ جي هنج مان بيدخل ڪري غلاظت سان پريل گهٽيءَ ۾ اڇلايو ويو هو. پر پوءِ ايڏا تائين هُو پنهنجي ماءُ سان پيار ڪندو هو ۽ سندس ماءُ سائس پيار ڪندي هئي. هُو سائيسيرو سان پلا ڪهڙي وضاحت ڪري تہ اُن پراڻي قصي دهرائڻ مان سندس مطلب ڇا هو؟ سائيسيرو کي پهرين روم سان محبت ڪرڻي هئي ۽ اُن محبت کي اُن شهر جي برائيءَ ۽ گندگيءَ سان ڳنڍيڻو هو.

اُن برائيءَ ۽ گندگيءَ کي گراڪس چگي طرح سمجهندو هو.

"آءٌ ٿيٽر ڇاجي لاءِ وڃان؟" هُن هڪڙي پيري پنهنجي هڪ دانشور دوست کان پڇيو هو. "ڇا اُهي هڪڙو اهڙو اسٽيج سجائي سگهن ٿا جيڪو آءٌ شهر جي بلڪل اندر گهٽين ۾ڏسندو آهيان؟" هي گهٽيون ڏسڻ لائق آهن. اڄ هُن مسرت ۽ خوشيءَ سان دل کولي اهي گهٽيون ڏٺيون.

پهرين پهرين هُو مارڪيٽ ويو. انهن گهٽين ۾ وڃڻ لاءِ تيز هلندڙ عورتن کي ڌڪي پري ڪري گس ڪڍڻو ٿو پوي. پر هُو آهستي آهستي وڃي رهيو هو. هُو پنهنجي سفيد چوغي ۾ ائين پئي لڳو جيئن هلڪي هوا تي جنگي بحري جهاز هلندو هجي. روم جي سموري خوراڪ هتي ئي موجود هئي. هتي پنير مٽن جي حساب ۾ موجود هو. گول پنير، چورس پنير، ڪارو، ڳاڙهو ۽ اڇو پنير. هتي ميڻي ۽ هنج پکي ٽنگيا پيا هئا. ڪُنڊل سوئر هئا، ڳڻون جون رانون هُيون، ميڻيءَ جا مختلف قسم

۽ سانڊائي جا ڏهٻا پريا پٽا هٿا، جن جي خوشبوءَ تيز ۽ وٽندڙ هئي. هتي ئي گال مان آندل هڙ جون رانون هُيون ۽ هر جاءِ تي اوجهريون ٽنگيون پيون هُيون.

پوءِ هُو پاڇين واري پاسي نڪري آيو. ڪيس اُهو زمانو ياد آيو جڏهن ٻهراڙيءَ ۾ ويهن ويهن ميلن تائين هر هاريءَ کي سبزيءَ جو باغ هوندو هو، ۽ جڏهن سڄو شهر پاڇيءَ جا مختلف قسم کائيندو هو. پر هاڻي ته جاڳيرن جا مالڪ ڪٽڪ يا جَوَن جهڙن روکڙ ڏينڊڙ فيصلن ۾ دلچسپي رکن ٿا. تنهن ڪري پاڇين جي قيمت ايتري ته وڌي ويئي آهي جو فقط حڪمران طبقو ئي خريد ڪري سگهي ٿو. پر پوءِ به اتي موري ۽ گهوگهڙو جا انبار لڳا پيا هوندا آهن. پنجن قسمن جي پالڪ، مسور، گوبي، ميها، ڪُنيي، افريقي ليمون، ڳاڙهَا ڳاڙهَا ڏاڙهون، عرب جا صوف، ناشپاتي، انجير، ڪجور ۽ مصر جي انگورن ۽ چاهين جا انبار رکيا هئا.

"رڳو انهن کي ڏسندي ئي مزو ٿو اچي." هُن سوچيو. هُو هلندو رهيو ـ ۽ هاڻي شهر جي يهودي آبادي جي حصي مان گذري رهيو هو. هڪ سياستدان جي حيثيت سان سندس ڪڏهن ڪڏهن يهودين سان واسطو پوندو هو. اُهي ڪيتربقدر نہ عجيب ماڻهو هئا. ڪيتري عرصي کان روم ۾ آباد هئا پر پوءِ به پنهنجي هولي ڳالهائيندا هئا ۽ پنهنجي خدا جي عبادت ڪندا هئا. ڏاڙهي رکندا هئا ۽ چاهي موسم کهڙي به هجي، هو ليڪدار ڍڳهو چوغو پائيندا هئا. راندين ۾ ڪيل تماشن ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا هئا. مهذب، مغرور ۽ سپني کان الڳ.

"اِهي ڪارٿيج کان وڌيڪ روم جو رت چوُسيندا." گراڪس انهن ڪي ڏسي اڪثر سوچيندو هو.

هو هڪڙي سڏيءَ گهٽيءَ ۾ آيو ۽ هڪڙي دوڪان وٽ بيهي رهيو جاڪاڻ ته هڪ شهري دستو بيند وڄائيندو ۽ دهل ڪُٽيندو گذري رهيو هو. عوامي جلسي گاهہ ۾ داوَ لڳائڻ وارا اڳ ۾ ئي موجود هئا. روم ۾ جُوا جي وبا پکڙجي ويئي هئي ۽ چڪو جُوا جي هڪڙي بدترين شڪل هئي. هر ٽپهريءَ جو جلسہ گاهہ ۾ جوارين جا ميڙ اچي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ چڪو اڇلينداهئا. چڪي کي منڊون ڪندا هئا. چڪي سان ڳالهيون ڪندا هئا. سندن پنهنجي هولي هوندي هئي. لوفر ۽ ديوٽيءَ تان چٽي ڪندڙ سپاهي موجود هئا ۽ چوڏهن پندرهن سالن جون چوڪريون به. (هي چوڪريون شهر جي هر علائقي ۾ موجود هيون.) رنڊي بازيءَ جي جاءِ لاءِ شهر جون سموريون گهٽيون موجود هيون. هُن ہڏو هو ته انهن چوڪرين مان گهٽيون چوڪريون رڳو شراب جي هڪڙي گلاس جي عيوض ڪنهن به مرد سان هڪڙو پيرو سمهڻ لاءِ تيار هوندیون هيون. هڪڙي پيري ته هُن ۽ بين ڪيترن ماڻهن به انهيءَ عمل کي خوفناڪ ۽ وحشتناڪ فعل ڄاڻايو هو. پر انهن ڏينهن ۾، جڏهن شادي

شده امير ماڻهو به هارهن هارنهن، پندرهن پندرهن غلام چوڪريون پاڻ سان سمهارڻ لاءِ رکندا هئا، ته پوءِ هائي اِها ڳالهه ڪا اهم ڳالهه ته رهي ڪانه هئي.

"آهستي آهستي." گراڪس سوچيو. "هڪڙي سڄي ساري دنيا ختم ٿئي ٿي، پر اسان اُن تي تعجب ڪرڻ بند نٿا ڪريون. پر اسين ڪري به ڪيئن ٿا سگهون؟ هي ڪم تمام آهستگيءَ سان ٿئي ٿو ۽ انسان جي عمر تمام مختصر ٿئي ٿي."

هن هِتي هُتي ڇڪي جي راند ڏٺي. ڪيس سندس ننڊپڻ ۾ لڙڪندڙ ڇڪا ياد آيا. اُن وقت خيرات ڪانه پني ويندي هئي. ماڻهو خوددار هوندا هئا. چاهي هو بک وگهي مري وڃن پر ڪنهن جي اڳيان هٿ ڪونه ٽنگيندا هئا.

هائي هُو حمام ڏانهن هلڻ لڳو. هُن اُن جو منصوبو اٽڪل سان بنايو هو. اُن ڳالهه جو قوي امڪان هو ته ڪراسس به حمام ۾ هوندو ۽ ان جي پهچڻ جو وقت به اِهو ئي هو. ۽ ٽيو به ائين. ته جيڏي مهل گراڪس ڪپڙن بدلائڻ واري ڪمري ۾ گهڙيو ته ڪراسس اُتي پهرين موجود هو. هُن جا ڪپڙا لٽل هئا ۽ هُو پنهنجي ناهوڪڙي جسم کي آرسيءَ ۾ واکاڙ جوڳين نگاهن سان ڏسي رهيو هو. ڪمرو ماڻهن مان پرجندو پئي ويو. اِها سياسي ميل ميلاپ جي جاءِ هُئي. اُن جاءِ تي اعليٰ خاندانن سان تعلق رکندڙ چند بيڪار ماڻهو به اچي نڪرندا هئا. حقيقت ۾ هتي ڪم وارا ماڻهو ايندا هئا. مثال طور طاقتور سياستدان، بينڪر، واپاري، غلامن جو واپار ڪندڙ، ووٽن جا مالڪ، مزور ٽولين جا اڳواڻ، هڪڙي ٻن آکاڙن جا مالڪ، سينيٽ، اندروني اقتداري گروپ جي ڪا شخصيت، ٽن اڳوٽن سفيرن جو ٽولو، هڪڙو مئجسٽريٽ، هڪڙو به اداڪار ۽ بزن ڪن اعليٰ فوجي شخصيتون. انهن ۾ هِتي هُتي جا ٻيا به ڪيترائي ماڻهو هئا، جن جو حمامن جي جمهوريت ۾ ڪوبه ڪردار ڪونه هو. روم حمامن جي جمهوريت تي پئي هليو. مشرقي ملڪن جا حڪمران ۽ بادشاهه اُن حقيقت کي سمجهڻ کان قاصر هئا ته روم جا حڪمران (جنهن جو مطلب هو سڄي دنيا جا حڪمران) شهر جي عام ماڻهن سان ائين رِلي ملي ٿا وڃن ۽ شهر جي گهٽين ۾ ائين عام پيا گهمن.

ڪراسس تي نظر وجهندي گراڪس هڪڙي ٻينچ تي ويهي رهيو ۽ هڪڙو غلام سندس بوٽ لاهڻ لڳو. انهيءَ دوران ڪيس مٽي جي اشارن، مسڪراهٽن ۽ هِتان هُتان سلام ۽ دعا جا پيغام مليا. جڏهن ڪانئس ڪنهن معاملي جي باري ۾ پڇيو ٿي ويو ته هُن بنهه مختصر ۽ فيصلي واري انداز ۾ جواب ٿي ڏنو يا مشورو ٿي ڏنو. جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته هُن اسپين جي مسئلي، آفريڪا جي صورتحال، مصر جي غير جانبداريءَ جي اهميت، ۽ فلسطين ۾ يهودين جي مسلسل اشتعال جي

مسئلي تي حڪمت عملي جي باري ۾ پنهنجي مختصر ۽ آخري راءِ ڏني. هُن غلامن جي واپارين کي دلداري ڏني، جيڪي اُن ڳالهه جو روئڻو روئي رهيا هئا ته غلامن جا اڳهه بنهه ڪِري پيا آهن. هُن اُن افواهه جو به مڪمل تجزيو ڪيو جنهن مطابق گال جي فوج بغاوت ڪرڻ جو منصوبو ناهي رهي آهي. پر اُن سڄي عرصي دوران هُو ڪراسس کي مسلسل ڏسندو رهيو. اُن وقت تائين به، جيستائين اُن لڪاپتيءَ، جيڪو اڃا تائين اڳهاڙو هو ۽ پنهنجي متوازن جسم جي نمائش ڪري رهيو هو، آهستي آهستي اڇ وڇ شروع ڪري ڏني. جڏهن گراڪس کڻڙا لاتا، تڏهن ڪراسس به اُتي موجود هو. جڏهن غلامن سندس چوغو لاٿو ته هڪڙو جبل جيڏو ماڻهو نڪري نروار ٿيو، جيڪو متاثر ڪندڙ هو. پر جڏهن سندس باقي رهيل کڻڙا لاتا ويا تڏهن اهو ٻُلهو شخص ڏاڍو بي ڊولو نظر آيو. اوڏيءَ مهل گراڪس کي پنهنجي بدن تي ڏاڍو شرم محسوس ٿيو.

هو ٻئي گڏجي حمام جي آرام گاهه تائين ويا. اُتي گلم وڇايل هئا ۽ بينچون پيل هيون ته جيئن ننگ ڌڳهي ڪري آرام ڪري سگهجي. پر ماڻهو عام طرح ترڻ جي وڇ واري وقفي ۾ هتي اڇ وڇ پيا ڪندا هئا. اُن ڌڳهي ۽ وسيع خوبصورت گيلريءَ مان (جتي سنگ مرمر لڳل هو ۽ جيڪا تصويرن ۽ ڊزائينن سان سينگاريل هئي) باهرئين تلاءَ، گرم پاڻي جي ڪمرن، باٿ جي ڪمرن ۽ مالش ۽ ورزش جي ڪمرن ڏانهن رستو ويو ٿي ۽ پوءِ باغ، لائبريري ۽ ويهڻ وارن ڪمرن ڏانهن به رستو ويو ٿي. اِهو سمورو انتظام انهن ماڻهن لاءِ هو جن وٽ حمام ۾ گذارڻ لاءِ ڪيترائي ڪلاڪ واندڪائي هوندي هئي. گراڪس عام طرح ٽڏي پاڻيءَ ۾ غوطو لڳائي، باٿ واري ڪمري ۾ اڌ ڪلاڪ ڪن گذاري پوءِ مالش ڪرائي مطمئن ٿي ويندو هو.

پر هاڻي هُو ڪراسس سان دوستي وڌائڻ لاءِ ٽڏو ٿي ويو هو. هُن سخت لفظ ۽ تکو لهجو وساري ڇڏيو هو. اڳهاڙو، ٽلهو، بي ڊولو گراڪس دلڪش ۽ خوبصورت جنرل سان گڏ هلي رهيو هو.

"پُليون جُڙن پيون." ماڻهو هنن کي ڏسي تبصرا ڪرڻ لڳا. اُهي اِن ڳالهه تي حيران هئا ته هي نئون سياسي اتحاد ڪهي رهيو هو، حالانڪ گراڪس ۽ ڪراسس جي وچ ۾ ڪابه دوستي ڪانه هئي. ڪراسس ڏاڍيءَ صبر سان انتظار ڪري رهيو هو ته آخر گراڪس چا ٿو چاهي. ڪيس يقين هو ته گراڪس پنهنجي مطلب جو اظهار ضرور ڪندو. هن سياستدان کان پڇيو.

"توهان مصر جي باري ۾ ته تمام گهڻو ڪجهه ڄاڻو ٿا. چا توهان ٻين ڳالهين جي به مڪمل ڄاڻ رکو ٿا؟"

"توهان جو اشارو انهن ڳالهين ڏانهن آهي، جيڪي مون ٿوري دير اڳ ۾

ڪيون هُيون. ها، ڪجهہ عام لفظ اهڙا آهن جيڪي خالي جاين کي پرين ٿا. اِها ته شهرت جي ڀُالهہ آهي." هي واقعي هڪڙو نئون گراڪس ڀُالهائي رهيو هو. "ڇا توهان مصر ويا آهيو؟"

"نہ. نہ رڳو اِهو ته آءٌ مصر ڪونہ ويو آهيان، پر آءٌ مصر جي باري ۾ ڪا اڳڪٿي بہ ڪونہ ٿو ڪريان."

"ڏاڍو سٺو، ڏاڍو سٺو. ڪراسس، مون کي اِها خبر ڪانہ هئي. اسين هڪٻئي تي ڏند ڪيڪر ڪندا آهيون، هڪ ٻئي تي گند اڇلايون ٿا. پر اسين دوست بہ ته ٿي سگهون ٿا. اسان مان هر هڪ شخص دوستي ڪرڻ جو اهل بہ آهي."

"منهنجو بہ اِهوئي خيال آهي. بس آءٌ ته هڪ پورالو آهيان. پر دوستيءَ جي هڪڙي قيمت ٿئي ٿي."

"ڪيئن ڀلا؟"

"ها، پڪ سان. خبر ناهي ته مون وٽ اهڙي ڪهڙي شيءِ موجود آهي جو توهان کي مون سان دوستي رکڻي پئجي ويئي آهي؟ پئسو؟ پئسو ته توهان وٽ بہ ڪوڙ آهي؟"

"مونکي پئسن جي پرواهہ ڪانهي."

"مون کي ته آهي. ته پوءِ توهان کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي؟"

"آءٌ توهان کان هڪڙو غلام خريد ڪرڻ چاهيان ٿو." گراڪس آخرڪار ڪليل لفظن ۾ ڀُالهہ ڪري ڏني.

"پڪ سان منهنجو بورچي توهان کي ڪپندو هوندو.... جيڪڏهن توهان ٻني مٿي تي وار هجن ها ته پوءِ آءٌ چئي سگهيس ٿي ته توهان کي منهنجي حجام جي ضرورت آهي. ٿي سگهي ٿو ته توهان کي ڏولي کڻندڙ غلام ڪپن يا ممڪن آهي ته ڪا عورت ڪپي. ۽ مون ہڏو آهي ته توهان پنهنجي گهرو ڪم ڪار لاءِ عورتن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ رکيو آهي."

"چڏ انهن ڀُالهين کي. ڇا توهان کي خبر آهي ته مون کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي؟ مون کي ورينيا ڪپي." گراڪس رڙ ڪندي چيو.

"ڪير؟"

"ورينيا. اسان کي هڪٻئي کي ڳجهارتون نہ ڏيئ ڪپن."

"گراڪس، منهنجا عزيز دوست. ڳجهارتون ته توهان ڏيئي رهيا آهيو. توهان کي هي غلط اطلاع ڪير ٿو پهچائي؟"

"مون کي سڄي خبر هوندي آهي." ٽلهو شخص مات ڪري رهيو ۽

ڪراسس کي ڏسڻ لڳو. "ڏسو، ڏسو ڪراسس. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون نہ ڪريو. ماڻاڻا نہ ڪريو. لهواريون اوپاريون چڏيو. مون توهان سان سنئين سُٻتي ڳالهہ ڪئي آهي. آءٌ توهان کي اڄ ڏينهن تائين روم ۾ وڪجندڙ مهانگي کان مهانگي غلام جيتري رقم ڏينندس. آءٌ توهان کي ڏهہ لک سسٽرس (سڪو) ڏينندس. آءٌ اِها رقم سون جي سِڪن ۾ ادا ڪندس ۽ آءٌ اِها رقم هڪدم ادا ڪندس، جيڪڏهن توهان مون کي ورينيا ڏيندا نہ."

ڪراسس پنهنجا ٻئي هٿ ڪچن ۾ هنيا ۽ آهستي آهستي سينڊ وڃائڻ لڳو. "اِها ٽي هڪڙي قيمت. اِها تمام وڏي بلڪ زبردست قيمت آهي. ماڻهو ايڏي وڏي رقم جو ٻڌي شاعري ڪرڻ لڳندا. جبڪڏهن اڄ ڪوبہ ماڻهو مارڪيٽ ۾ هليو وڃي تہ اتان تمام خوبصورت، انتهائي حسين ۽ پريل ٻُڌن واري بنهہ نوجوان حسينا فقط هڪ هزار سيسٽرس ۾ وڻي اچي سگهي ٿو. توهان هڪڙي سنهڙي جرمن عورت لاءِ اِن قيمت کان هزار ڀيرا وڌيڪ رقم ڏيڻ لاءِ تيار آهيو. اِها وڏي ڳالهہ آهي. پر آءٌ ايڏي وڏي رقم ڪيئن ٿو وڻي سگهان؟ ماڻهو چا چوندا؟ اِهوئي تہ ڪراسس هڪڙو ذليل چور آهي."

"مون سان ڪيڏڻ چڏي ڏيو."

"توهان سان ڪيڏڻ؟ گراڪس، مسخري تہ توهان مون سان ڪري رهيا آهيو. مون وٽ ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانهي جيڪا توهان خريد ڪري سگهو."

"مون بنهہ هڪڙي سنجيده پيشڪش ڪئي آهي."

"۽ مون سنجيدگيءَ سان ان جو جواب ڏنو آهي."

"آءٌ رقم ٻيٽي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ويهہ لک." گراڪس رڙ ڪئي.

"مون کي خبر ڪانہ هئي تہ سياست ۾ ايترو گهٽو پئسو هوندو آهي."

"ويهہ لک وٺو يا چڏي ڏيو."

"توهان مون کي بيزار ڪري رهيا آهيو." ڪراسس چيو ۽ هليو ويو.

[5]

"ورينيا! او ورينيا. هاڻي توکي لباس پائڻ گهرجي. اسين توکي ڪپڑا پهرائيندينوسين، چاکاڻ تہ هاڻي مالڪ گهر اچڻ وارو آهي ۽ توکي ساڻس گڏ ويهڻو آهي، ماني گڏ کائڻي آهي. تون چو اسان جي لاءِ مشڪلاتون پيدا ٿي ڪرينءُ؟"

"آءٌ توهان جي لاءِ ڪابہ مشڪلات پيدا ڪرڻ نٿي چاهيان."

"پر تون اسان جي لاءِ تمام گهڻيون مشڪلاتون پيدا ڪرينءُ ٿي. ورينيا،

تون اسان کي ٻڌائين ٿي ته تون هڪ ڏکاريل آهين، غلام آهين ۽ تون نٿي چاهين ته تنهنجي خدمت لاءِ چار نوڪرياڻيون هجن. توکي خبر آهي غلام چا ٿيندو آهي؟ اُن وقت تون هڪڙي راڻي هُئين، ڪيئن آهي نه ائين ورينيا....؟"

"بس ڪريو، خدا جي واسطي بس ڪريو. مون کڏهن به پاڻ کي توهان کان الڳ ڪونه سمجهيو آهي؟"

"توکي ائين ڪرڻ جي ضرورت به ڪانهي ورينيا. مالڪ توکي اسان کان جدا رکي ٿو. جڏهن هُو بيزار هوندو آهي تڏهن اسان کي سائس سمهڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن کي پيش ڪرڻو پوندو آهي. هڪڙي، به يا ٽي. پر ورينيا، هُو توسان محبت ڪري ٿو، تنهن ڪري اسان جي لاءِ مسئلا پيدا ٿين ٿا. جيڪڏهن تو ڪپڙا نه پاتا ته هُو اسان کي ڪوڙا هڻندو. ڪوڙا توکي نه پر اسان کي لڳندا."

"هُو پلي مون کي ڪوڙا هڻي."

"پلي هڻي. چو هڻڻ ڏيونس. هُو توکي چو پلا ڪوڙا هڻي؟"

"چگو چگو. آءٌ پنهنجي بارڙي کي ٽڃ پياري رهي آهيان. تنهن کان پوءِ آءٌ ڪپڙا پائيندیس. توهان بهرحال مون کي ڪپڙا پائڻ چاهيو ٿيون ته آءٌ توهان لاءِ ڪو مسئلر پيدا ڪانه ڪنديس. بس مون کي هار کي ٽڃ ڏيڻ ڏيو."

"گهٽي دير نٻگنديءِ"

"هي گهٽي دير تائين ٽڃ ڪونه پيٽندو آهي. اڳ هر ٽي سنڊس رفتار گهٽجي ويئي آهي. اڌ ڪلاڪ هر تيار ٽي ويندیس. آءٌ واعدو ٽي ڪريان ته جيئن توهان چونديون تيئن ڪنديس."

تنهن ڪري هن ٿوري دير لاءِ ڪيس اڪيلو ڇڏي ڏنو. انهن هر ٽي چوڪريون اسپين جون هُيون ۽ چوٽئين سائبيا جي هئي. اُن جي ماءُ ڪيس قرض هر وڪيو هو. ورينيا اِها ڳالهه سمجهي سگهي ٿي. خود پنهنجي قوم جي هٽان وڪجڻ ڏاڍي تلخ ڳالهه هوندي آهي ۽ اُها تلخي زندگي ير گڏ هوندي آهي. هِن گهر هر تلخي، حسد ۽ دشمني پري پيئي آهي. سڄو گهر تلخ هو.

هُن پنهنجي چوڪري کي ٽڃ پياري ۽ آهستي آهستي لولي ڏيڻ لڳي:

"سمهي پئو منهنجا ٻچڙا سمهي پئو منهنجا پيارا
تنهنجو پيءُ ويو آهي جهنگل ڏانهن
جتي هُو ارڙ بلا ۾ لينڊو
پوءِ اُن کي نيزو هڻندو
رات پوندي ته هُو موٽي ايندو

کل سميت ارڙ بلا ڪٽي ايندو.
زمستان جي ٺڏي هوا، ڪڏهن
نہ منهنجي ٻچڙي کي ڇُهي...."

ٽڇ پيئڻ ۾ گهٽتائي اچي ويئي هئي. هُن پنهنجي ٻُڌن تي ڏٻاءُ جو سُست پوڻ محسوس ڪري ورتو. جڏهن بک جي ڪري هُو تکڙو ۽ مضبوطيءَ سان ٽڇ ڏائيندو هو تہ ورينيا جي سڄي بدن ۾ هڪڙي تيز لهر ڊوڙي ويندي هئي ۽ پوءِ جيئن جيئن سندس پيٽ پرجندو ويندو هو، تيئن تيئن أها لهر گهٽبي ويندي هئي. هڪڙي ٻار کي ٽڇ پيارڻ ۾ عجيب عمل آهي.

هُن کيس ٻيو ٻُڌو ڏنو تہ شايد کيس وڌيڪ ضرورت هجي. پوءِ هن کيس ڳلن تي ٽهڪي ڏني تہ جيئن هو ٻيهر ٽڇ ڏائڻ شروع ڪري. پر هُو ڏڍ ڪري چڪو هو. سندس اکيون بند ٿي چڪيون هُيون، ۽ ڏڍ ڪندڙ ٻارن جهڙي لاتعلقي اختيار ڪئي هئي. هُن ڪجهہ دير تائين کيس پنهنجي گرم اگهاڙي ٻُبي سان چهٽائي رکيو. پوءِ هُن کيس سندس ننڍڙي پينگهي ۾ رکيو ۽ پنهنجي چولي جون اڳيون حصو بند ڪري ڇڏيو.

پنهنجي پٽ وٽ ٻيهي هوءَ سوچي رهي هئي تہ اِهو ڪيترو نہ سهڻو ٻار آهي. ٽلهو، گول گول ۽ صحتمند. سندس وار ڪارا، ريشم جهڙا نرم هئا ۽ سندس اکيون گهريون نيريون هُيون. أهي اکيون پوءِ ڪاريون ٿي ويندیون، جهڙي طرح سندس پيءُ جون هُيون. پر وارن جي باري ۾ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. جڏهن جمڻ وارا ڪارا وار ڪِرندا تڏهن ٿي سگهي ٿو تہ ٻيهر ڪارا گهنڊيدار وار پيدا ٿين يا ٿي سگهي ٿو تہ سُنهري سڌ وار ٿين.

هُو جلدي سمهي پيو. سندس صحت بنهہ درست ۽ ٺيڪ هئي. سندس دنيا زندگيءَ جي دنيا هئي، جنهن تي زندگيءَ جي پنهنجي مادي قانونن جي حڪمراني هئي. أهي قانون جيڪي ايترا منجهيل ڪونہ هئا ۽ ڪين چيڙيو ۽ ڪونہ ويو هو. سندس دنيا أها دنيا هئي جيڪا ٻين سمورين دنيائن کان وڌيڪ پائيدار ۽ بقادار هئي.

هائي هُن هُن کي چڏي ڏنو ۽ اوڏانهن وڃڻ لڳي، جتي کيس کڻڻا پائڻا هئا. چار غلام کيس پنهنجي مالڪ سان گڏ رات جي ماني کائڻ لاءِ کڻڻا پهرائڻ لاءِ منتظر هئا. هُوءَ چٽيڪار نموني ۾ بيٺي رهي ۽ هُن سندس کڻڻا لاٽا ۽ سندس اگهاڙي بدن کي اسپنج جي ذريعي ڏوتائون. اِهو بدن ايڏا تائين انتهائي خوبصورت بدن هو. ڏگهيون ٽنگون ۽ ٽڇ سان پريل ٻُڌن کيس وڌيڪ خوبصورت بنائي ڇڏيو هو. هُن کيس هڪڙي چادر ڍڪائي ڇڏي، ۽ هوءَ هڪڙي گاديلي تي ليٽي پيئي تہ جيئن

سندس چهري ۽ هانهن کي تيار ڪري سگهن.

پهريائين سنهڙو پاڻوبر هنيو ويو ۽ پوءِ سرخي. سندس ڳلن، هانهن چهري جي هر هڪ حصي لاءِ مختلف ميڪ اپ ڪيو ويو. سندس چپن تي پورائڻ مائل گهري سرخي لڳائي ويئي. جڏهن اهو سڀ ڪجهہ ٿي ويو تڏهن هوءَ اُٿي ويٺي ۽ هن سندس وار سنوارڻ سروع ڪيا. نرم ۽ سڌن زرد وارن کي انتهائي احتياط سان گهنڊيدار بنايو ويو ۽ انهن تي خوشبوءَ لڳائي ويئي ۽ پوءِ ننڍيون ريبنون لڳايون ويون.

پوءِ زيور پائڻ جو وارو آيو. هوءَ اگهاڙي بيٺي هئي. مٽانئس چادر هٽائي ويئي هئي. هوءَ بنا ڪنهن دلچسپيءَ جي هڪ چٽيڪار وانگر بيٺي هئي. سندس وارن ۾ هڪ تاج سجايو ويو. پوءِ ڪن ۾ سونيون واليون پاتيون ويون ۽ ڪيس هڪڙو هار پارايو ويو جنهن ۾ نيلم جڙيل هو. ساڳئي رنگ جا ننڍڙا هار هانهن جي ڪراين ۾ پارايا ويا ۽ پوءِ سندس چيچ ۾ هيري جي مُندي پارائي ويئي. ڪيس ڏاڍي خوبصورتي ۽ شان سان سجايو پئي ويو، بلڪل اهڙي طرح، جهڙي طرح روم جو امير ترين گهوٽ پنهنجي ڪنوار کي سينگاريندو آهي، ۽ نہ ڪي ڪنهن غلام کي. اِها ڪا حيرت جي ڳالهہ ڪانہ هئي تہ سندس خدمت لاءِ مقرر ٽيل غلام مٽس کوبہ ترس کونہ ڪري رهيا هئا. اُها جيڪا هڪڙي سلطنت جي دولت زيورن جي صورت ۾ پايو بيٺي هئي، اُن تي پلا ترس ڪيئن ٿو ڪائي سگهجي؟

اُن زماني ۾ روم ۾ سڀ کان قيمتي ڪپڙو ريشمي ڪونہ هوندو هو پر هندستان ۾ ڏهيل حيرت انگيز ۽ نفيس سوٽي ڪپڙو هوندو هو، ۽ اُهو ايترو تہ سنهڙو هوندو هو جو ڪوبہ ريشم ان جو مقابلو ڪري نہ سگهندو هو. هاڻي هن ڪيس هڪڙو لباس ڇڪيءَ مان پهرائي ڇڏيو. اِها هڪڙي ڊگهي ۽ سادگيءَ سان ڪٽيل پوشاڪ هئي جنهن کي چيلهہ وٽ اڇٽ ٻڌي سوڙهو ڪبو هو. پوشاڪ تي فقط هڪڙوئي پرت ٽيل هو جيڪو گوٽي تي سون جو ڏورو هو. باقي پوشاڪ کي ڪنهن پرت جي ڪا ضرورت بہ ڪانہ هئي. اُهو هونئن ئي ڏاڍو وٽندڙ ۽ دلڪش لڳي رهيو هو. پر ورينيا اِن حقيقت کان بي خبر ڪانہ هئي تہ اُن پوشاڪ سان سندس انگ انگ ليڪا پائي رهيو هو. هيءَ اگهاڙپ هئي، بلڪل واهيات اگهاڙپ، جنهن جو مطلب هڪ خوفناڪ بي عزتي هو. ۽ هُن ٻُڌن مان ڇڙندڙ ٽڄ جو آترياءُ ڪيو جنهن اڇيان وارو پاسو پُسائي سجي منظر جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي هئي.

اُن پوشاڪ مٽان هڪڙي وڏي زرد رنگ جي شال هئي جنهن کي ورينيا چوڻي وانگر پائي ڇڏيو هو. هُن اُن سان پنهنجي اگهاڙو ڪندڙ لباس کي ڍڪي ڇڏيو هو. هُو جڏهن بہ رات جي ماني کائڻ لاءِ ظاهر ٿيندي هئي، تڏهن ڪراسس چوندو هو: "منهنجي منڙي! تون اهڙيءَ طرح پنهنجو حسين بدن چو ٿي لڪائين؟ اِن

شال کان هيڻان تو جيڪا پوشاڪ پاتي آهي، تنهن جي قيمت ڏهه هزار سيسٽرس آهي. گهٽ ۾ گهٽ مون کي اُن وڳي جي ڏسڻ جي خوشيءَ کان محروم ته نه ڪر." جڏهن اڄ هوءَ ڪاڏي جي ڪمري ۾ داخل ٿي ته ڪراسس وري به ساڳئي ڳالهه چئي ۽ ورنيا سندس چيو ڪندي شال هيٺ ڪيرائي ڇڏي.

"تون مون کي بنهه بدحواس ڪريو ٿي ڇڏيئين." ڪراسس چيو. "تون مون کي بنهه پاڳل ڪريو ٿي ڇڏيئين. مون توکي پهرين به ٻڌايو هو ته گال جي علائقي ۾ مون کي پنهنجي ڪيمپ ۾ باتياتس سان هڪڙي شام گذارڻ جو موقعو مليو هو. هُن توکي هڪڙي جهنگلي ٻلي چيو هو. اِهو لفظ هڪڙي اهڙي عورت جي نشاندهي ڪري ٿو، جنهن کي گس تي آڻي نٿو سگهجي. حالانڪ مون کي ته ائين لڳي ٿو ته تون غير معمولي طور تي چئيڪار آهين."

"ها."

"آءٌ حيران آهيان ته ڪهڙي شيءِ تو ۾ اِها تبديلي آندي آهي. منهنجو خيال آهي ته تون مون کي ٻڌائڻ جي پرواهه ئي نٿي ڪريئين. آهي نه؟"

"مون کي خبر ناهي. آءٌ توهان کي نٿي ٻڌائي سگهان ته مون ۾ اِها تبديلي ڪيئن پيدا ٿي آهي."

"تون اڄ ته غضب جي ناهوڪڙي پيئي لڳين. تنهنجا وار به ڏاڍا پيارا ٿا لڳن. آهي نه ائين؟"

"مون کي خبر ناهي؟"

"توکي خبر ڪانهي! يا ڏکهي ڳالهه تون نٿي ڪري سگهين؟ مون کي تنهنجيءَ انهيءَ هون، ها کان نفرت آهي. آءٌ چاهيان ٿو ته تون مون کي محبت ڏي، پيار ڏي. گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي رات مون کي پنهنجي محبت جي خيرات ڏي. هڪڙي رات مون سان گڏ سُمهه. يا تون ائين ڪري سگهين ٿي؟"

"جيڪا توهان جي مرضي. توهان منهنجا مالڪ آهيو."

"ورنيا، آءٌ تنهنجو مالڪ بنجڻ نٿو چاهيان. دراصل آءٌ تنهنجو نه پر تون منهنجي مالڪياڻي آهين. آءٌ توکي ائين رکڻ ٿو چاهيان جيئن هڪ مڙس پنهنجي زال کي رکندو آهي."

"آءٌ توهان کي روڪي ڪانه ٿي سگهان. بلڪل ائين، جيئن توهان جي گهر ۾ ٻيو ڪو غلام توهان کي روڪي نٿو سگهي."

"هي تو چا چيو؟"

"چو؟ مون ڪا غلط ڳالهه چئي وڌي؟"

"ورينيا آءُ توسان زبردستي زنا ڪرڻ نٿو چاهيان. آءُ توسان اهڙو سلوڪ ڪرڻ نٿو چاهيان جيڪو آءُ پنهنجيءَ ڪنهن غلام عورت سان ڪندو رهندو آهيان. مون کي ياد ڪونهي ته آءُ ڪيترين عورتن سان سمهي چڪو آهيان. عورتن سان به ته مردن سان به. آءُ توکان ڪجهه لڪائڻ نٿو چاهيان. آءُ چاهيان ٿو ته تون منهنجي باري ۾ سڀ ڪجهه ڄاڻي سگهين. چاڪاڻ ته جيڪڏهن تون مون سان محبت ڪرڻ لڳين ته آءُ هڪدم بدلجي ويندس، نئون ٿي پوندس، نيڪ ٿي ويندس. او منهنجا مولي! ڇا توکي خبر آهي ته ماڻهو مون کي دنيا جو امير ترين شخص سمجهن ٿا؟ ٿي سگهي ٿو ته آءُ امير ترين شخص نه به هُجان. پر تون جيڪڏهن مون سان گڏ آهين ته اسان سڄي دنيا تي حڪمراني ڪري سگهون ٿا."

"مون کي دنيا جي حڪمراني نه ڪپي." ورينيا چيو. سندس آواز هڪجهڙو هو. ان ۾ ڪابه لاٽ واڌ ڪانه هئي. بنهه بيڄان آواز وانگر. هُوءَ ساڻس ڳالهائڻ مهل اِهو ئي لهجو اختيار ڪندي هئي.

"ڇا توکي پڪ ڪانه ٿي ٿئي ته جيڪڏهن تو مون سان محبت ڪئي ته آءُ بنهه بدلجي ويندس؟"

"مون کي خبر ناهي ۽ مون کي اِن ڳالهه جي پرواهه به ناهي."

"پر توکي پرواهه ڪرڻي پوندي جيڪڏهن معاملو تنهنجي ٻار جو ٿيندو ته. پر تون اُن جي لاءِ ڪير پيارڻ واري هڪڙي نوڪرياڻي ڇو نٿي رکين؟ خواهه مخواهه اتي وڃي ٻُڌن مان ٽڇ وهائي رهي آهين...."

"تون هميشه مون کي ٻار جي ڏمڪي ڇو ٿو ڏين؟ ٻار به تنهنجي ملڪيت آهي ۽ آءُ به تنهنجي ملڪيت آهيان. ڇا تنهنجو خيال آهي ته ٻار کي قتل ڪرڻ جي ڏمڪي ڏيئي تون مون کي پاڻ سان محبت ڪرڻ تي مجبور ڪندين؟"

"مون تنهنجي ٻار کي قتل ڪرڻ جي ڏمڪي ڪانه ڏني آهي."

"تون....."

"مون کي معاف ڪجانءِ ورينيا. اسين هميشه انهيءَ دائري ۾ گفتگو ڪندا آهيون. مهرباني ڪري ماني کاءِ. مون کان جيتري ٿي سگهي ٿي، تنهنجي خدمت ڪريان ٿو ۽ هِن طرح جو ڪاڏو مهيا ڪريان ٿو. مون کي اِهو نه ٻڌائي ته توکي انهيءَ جي پرواهه ڪانهي. انهيءَ هڪڙي ڪاڏي جي عيوض هڪڙو سڄو سارو محل خريد ڪري سگهجي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ اِهو ڪاڏو ٿورو کاءِ ته سهي. ٿورڙو چکي ته ڏس. ٻڌ. آءُ توکي اڄ پيش آيل هڪڙي دلچسپ ڪهاڻي ٻڌايان ٿو. گهٽ ۾ گهٽ اِها ڪهاڻي توکي دلچسپ لڳندي. تون ٿورڙو کاءِ ته سهي."

"آءٌ ايترو ئي ڪائيندي آهيان جيتري مونکي ضرورت هوندي آهي." ورينيا چيو.

هڪڙو غلام اندر داخل ٿيو ۽ هڪڙو پڪل پکي ٽالهيءَ ۾ رکي هليو ويو. ٻئي غلام اُن کي ڪٽي ٽڪرا ٽڪرا ڪري رکيو.

"چگو، اِهو پکي کاءِ. انهيءَ کي ڪڙي برانديءَ ۾ ڪٽاءِ لڳائي پچايو ويو آهي."

"اِهو تمام سٺو آهي." ورينيا چيو.

"ها، ته.... آءٌ توکي اڄ پيش آيل عجيب واقعي جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هوس. حمام ۾ گراڪس داخل ٿيو هو. هُو مون کان ايتري ته نفرت ڪري ٿو جو لکائيندي به لکائي نٿو سگهي. پر عجيب ڳالهه اِها آهي ته آءٌ ڪانئس نفرت ڪرڻ ٿو ڪريان. اڙي. مون کي اِهو ته ياد ئي ڪونہ رهيو ته تون ته هُن کي سڃاڻين به ڪونہ. هُو سينيٽر آهي ۽ روم ۾ هڪڙي عظيم سياسي قوت آهي.... يا هو. اڇڪلهه سندس قوت ٿوري ڪمزور ٿي ويئي آهي. هُو انهن ماڻهن مان هڪڙو آهي، جيڪي ذلت جي اونهي ڪاهين مان باهر نڪري ووٽن جي فنڪاريءَ ذريعي پنهنجي قسمت بنائي چڪا آهن. هُو هڪڙو ٽلهو سوئر آهي. نہ ته منجهس ڪو وقار آهي ۽ نہ ئي ڪا شخصيت ۽ نہ وري ڪو احساس يا دانش. مون کي اوڏيءَ مهل ئي اندازو ٿيو ته هوءُ مون کان ڪا شيءِ گهرڻ چاهي ٿو. هُو دهل جهڙو پيٽ ڪٽي مون سان گڏ هلندو ۽ پاڻ تان ماڻهو ڪلائيندو رهيو. آخرڪار هُن پنهنجي دل جي ڳالهه چئي ڏني. هُو توکي خريد ڪرڻ چاهي ٿو. هُن تمام وڏي رقم جي آڇ ڪئي ۽ جڏهن مون ڪيس جهڙپ ڪيو ته هُن قيمت ٻيڻي ڪري ڇڏي هُو ڏاڍو ضد ڪري رهيو هو. مون سندس ڏاڍي بيعزتي ڪئي پر هُن تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو."

"توهان مون کي ڇو وڪڻي ڪونہ ڇڏيو؟" ورينيا پڇيو.

"هُن کي ڏيئي ڇڏيان؟ منهنجي منڙي، توکي هُن گول گپي جهڙي بيبدولي لاش کي هڪڙو پيرو هلندو ڏسڻ گهرجي. توکي شايد اِن ڳالهه جي بہ پرواهہ ڪانهي."

"مون کي ڪابہ پرواهہ ڪانهي." ورينيا چيو.

ڪراسس پنهنجي ٽالهي پريان ڌڪي ڇڏي ۽ هُو هُن کي گهوري ڏسڻ لڳو. هُن هڪڙي ئي گيت ۾ پنهنجو شراب جو پيالو خالي ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ٻيو پيالو پريائين ۽ غصي ۾ اوچتو گلاس کي فرش تي ڪٽي اڇلايائين. هُن پاڻ تي ضبط ڪندي چيو:

"تون مون کان ايتريقدر نفرت ڇو ٿي ڪرئين؟"

"ڇا مون کي توسان محبت ڪرڻ گهرجي؟"

"ها، اُن ڪري جو مون توکي ايترو ڏنو آهي، جنهن جو اسپارٽيڪس سان گڏ رهي تو ڪڏهن سوچيو ته ڪونه هو."

"نه." هُن چيو.

"چو؟ چو نه؟ هُو هو چا؟ چا هُو هڪ ديوتا هو؟"

"هُو ديوتا ڪونه هو." ورينيا چيو. "هُو هڪڙو عام ماڻهو هو. بنهه سادو. هُو هڪڙو غلام هو. چا توکي خبر ڪانهي ته اُن جو مطلب چا هوندو آهي؟ تو ۽ سڄي زندگي غلامن جي وچ ۾ گذاري چڏي آهي."

"۽ جيڪڏهن آءٌ توکي ٻهراڙيءَ ۾ وڻي وڃي ڪنهن هاريءَ جي حوالي ڪري چڏيان ها ته چا تون اُن سان رهي سگهين ها؟ چا تون اُن سان محبت ڪري سگهئين ٿي؟"

"آءٌ رڳو ۽ رڳو اسپارٽيڪس سان ئي محبت ڪري سگهان ٿي. ٻئي ڪنهن سان ۽ هرگز محبت ڪري نٿي سگهان. پر آءٌ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن ۽ غلام سان رهي سگهان ٿي. هُو ڪنهن حد تائين اسپارٽيڪس جهڙو هوندو آهي. حالانڪ اسپارٽيڪس معدني ڪائين ۾ ڪم ڪندڙ غلام هو. تون مون کي بنهه ابوجهه سمجهين ٿو. ها، آءٌ بنهه ابوجهه آهيان ۽ بيوقوف ۽. ڪڏهن ڪڏهن ته آءٌ بنهه سمجهي ۽ ڪاڻ سگهندي آهيان ته تون چا پيو چوين؟ پر اسپارٽيڪس مون کان ۽ وڌيڪ ابوجهه هو. تنهنجي مقابلي ۾ ته هُو بنهه هڪڙي ننڍڙي ٻارڙي جهڙو هو ۽ بلڪل نج ۽ خالص هو.

"خالص مان تنهنجي چا مراد آهي؟" ڪراسس پاڻ تي ضبط ڪندي پڇيو.

"مون هيءَ ٻڪواس توکان گهٽا ڀيرا ٻڌي آهي. اسپارٽيڪس سماج جو قانون ٽوڙيندڙ دشمن هو. هُو هڪڙو ڪاروباري ڪاسائي هو جيڪو پوءِ قانون ٽوڙيندڙ قاتل بنجي ويو ۽ روم جي ناهيل هر سُني، بهترين ۽ قابلِ احترام شيءِ جو دشمن بنجي ويو. روم سڄي دنيا لاءِ امن ۽ تمدن آندو ۽ هي هڪڙو غليظ غلام فقط تباهي ڪرڻ ۽ ٻاهه لڳائڻ ڄاڻندو هو. ڪيترا سارا محل هُن ينجهوءَ جو جو ڏڳ ڪري چڏيا! اُن ڪري جو غلامن کي نه تهذيب جي خبر هئي ۽ نه تمدن جي. انهن چا ڪيو؟ چئن سالن تائين رومَ سان وڙهي هُنن ڪهڙا ڪَرَهَا ماريا؟ ڪيترا هزار ماڻهو غلامن جي بغاوت جو ڪاڇ ٿي ويا؟ هِن حد تائين ڏک ۽ تڪليفون رڳو اُن ڪري مڙهجي ويون جو هُن غلاظت (اسپارٽيڪس) آزاديءَ جو خواب ڏٺو هو، جنهن جو مطلب هو تباهي ۽ بربادي برپا ڪرڻ جي آزاديءَ جو خواب!"

هُوءَ ڪنڌ جهڪايو، نگاهون هيٺ ڪريو ماڻ ۾ ويني رهي.

"تون جواب چو نٿي ڏيئين؟"

"مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته توکي کهڙو جواب ڏيان." هُن آهستي آهستي ورندي ڏني. "مون کي خبر ناهي ته انهن سوالن جا کهڙا جواب ڏيان؟"

"مون توکان اُهي ڳالهيون ٻڌيون آهن، جيڪي سموريءَ روءِ زمين تي ڪنهن ٻئي کان ٻڌڻ برداشت نٿو ڪري سگهان. تون مون کي جواب چو نٿي ڏيئين؟ تون اسپارٽيڪس کي خالص چيو هو، تنهن جي مراد ڇا آهي؟ ڇا آءٌ گهٽ خالص آهيان؟"

"آءٌ توکي ته چگيءَ طرح ڪانه ٿي سُجاڻان." ورينيا چيو. "آءٌ توکي سمجهي ڪانه ٿي سگهان. آءٌ رومين کي سمجهي ڪانه سگهي آهيان. آءٌ رڳو اسپارٽيڪس کي ئي سُجاڻان ٿي."

"هُو خالص ڪيئن هو؟"

"مون کي خبر ناهي. ڇا تون اِهو ڪوٺ ٿو سوچين ته مون پاڻ کان اهو سوال ڪونه پڇيو هوندو؟ ٿي سگهي ٿو ته سبب اِهو هجي ته هُو هڪڙو غلام هو. ٿي سگهي ٿو ته سبب اِهو هُجي ته هُن ڏک ڏاکڙا ۽ مصيبتون تمام گهڻيون سٺيون هيون، جنهن ڪري جون مصيبتون هڪڙو غلام پوڳيندو آهي. تون اِن ڳالهه کي ڪيئن سمجهي سگهندين؟ ڇاڪاڻ ته تون ڪڏهن به غلام ڪونه رهيو آهين."

"پر خالص. تو هُن کي خالص چيو هو."

"منهنجي لاءِ هُو خالص هو. هُو ڪوبه خراب ڪم ڪونه ڪندو هو."

"تنهنجو ڇا خيال آهي ته هِن بغاوت کي ايارڻ ۽ دنيا جي اڌ حصي کي باهيون لڳائڻ نيڪيءَ جو ڪم هو؟"

"اسان دنيا کي ڪابه باهه ڪانه لڳائي هئي. اسان صرف پنهنجي آزادي گهري ٿي. اسان فقط امن ۽ سڪون سان زنده رهڻ گهريو ٿي. مون کي تو وانگر ڳالهائڻ ڪونه ٿو اچي. آءٌ پڙهيل ڪانه آهيان. آءٌ ته تنهنجي ٻولي ٻه چگي طرح ڳالهائي نٿي سگهان. جڏهن تون مون سان ڳالهائيندو آهين تڏهن آءٌ سڄي هيسجي ويندي آهيان. پر اسپارٽيڪس سان گڏ رهندي مون سان ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيو هو. مون کي خبر هئي ته اسين ڇا ٿا چاهيون. اسان آزاد ٿيڻ ٿي گهُريو."

"پر توهين ته غلام هئا."

"ها."

"۽ ڪنهن کي غلام ۽ ڪنهن کي آزاد چو ٿيڻ گهرجي؟" ڪراسس وڌيڪ نرم لهجي ۾ چيو "ورينيا تون رومَ ۾ زندگي گذاريندي رهي آهين. آءٌ توکي پنهنجي ڏولي۽ ۾ شهر وٽي وڃي چڪو آهيان. تو رومَ جي طاقت ڏسي ورتي. رومَ جون فوجون تهذيب جي سرحدن تي تيار بيٺيون آهن. روم جي بي انت ۽ ناقابل شڪست

قوت تو پنهنجي اکين سان ڏٺي آهي. روم جون فوجون انڊيري جي قوتن کي پسپا ڪنديون رهيون آهن. پاپائي روم جي اقتدار جي لٽ ڏسندي ٿي قومون ڏکي ويندیون آهن. جتي جتي پاڻي آهي، اتي روم جون بحري فوجون حڪمران آهن. تو ڏٺو ته غلام اسان جي فوج جي ڪجهه حصي کي تباهه ته ڪيو پر هتي، هن شهر ۾ اُن سڄيءَ ڪارروائيءَ جو رڳو سيڪ به نه محسوس ڪيو ويو. ڇا تون رڳو اهو تصور به ڪري سگهين ٿي ته ٽورڙا باغي غلام دنيا جي عظيم ترين قوت جو تختو اونڌو ڪري سگهيا ٿي، هڪڙي اهڙي قوت جو، جنهن جو مثال گذريل سمورين سلطنتن ۾ ڪٿي به ڪونهي؟ ڇا تون اِهو نٿي سمجهي سگهين ته روم لافاني آهي؟ رومين جو اختيار ڪيل زندگيءَ گذارڻ جو طريقو انسان جي اختيار ڪيل سمورن طريقن کان اُتم ۽ اعليٰ آهي ۽ اِهو هميشه لاءِ جاري رهندو. آءٌ اِهائي ڳالهه توکي سمجهائڻ چاهيان ٿو. اسپارٽيڪس لاءِ نه روءُ. تاريخ اسپارٽيڪس سان حساب ڪتاب ڪري چڪي آهي. تنهنجي گذارڻ لاءِ تنهنجي پنهنجي زندگي موجود آهي."

"آءٌ اسپارٽيڪس لاءِ ڪانه ٿي روڻان. اسپارٽيڪس لاءِ ڪير به ڪونه روئندو. پر ماڻهو اسپارٽيڪس کي وساريندا به ڪونه."

"آهه، ورينيا! ورينيا! تون ڪيتري نه بيوقوف آهين. اسپارٽيڪس پهرين ٿي مري پوت بنجي ويو هو، ۽ سياڻي اُهو پوت به ختم ٿي ويندو. اڄ کان ڏهه سال پوءِ سندس نالو به ڪنهن کي ياد ڪونه هوندو. ڪير ڪيس ياد ڪري به ڇو؟ ڇا غلامن جي جنگ جي ڪا تاريخ آهي؟ اسپارٽيڪس ڪجهه ناهيو ڪونه، رڳو ڦٽايو هو. تاريخ ناهڻ وارن کي ياد ڪندي آهي، ڦٽائڻ وارن کي نه."

"هُن اُميد جي تعمير ڪئي هئي."

"ورينيا تون ڳالهين کي هڪڙي ننڍڙي ہارڙيءَ وانگر ڏهرائين ٿي. هُن اميد جي تعمير ڪئي، پر ڪنهن جي لاءِ؟ ۽ اُهي اُميدون اڄ آهن ڪٿي؟ اڏامي ويون، جهڙي طرح ڦلهيار ۽ ڏوڙ اڏامي ويندي آهي. تون ڏسين نٿي ته دنيا ۾ ٻيو ڪو طريقو ٿي ڪونهي. ٻيو ڪو رستو ٿي ٿي نٿو سگهي، سواءِ هن طريقي جي ته ڏاڍو هيٺي تي حڪمراني ڪري! ورينيا آءٌ توسان محبت ڪريان ٿو. ان لاءِ نه ته تون هڪڙي غلام آهين، پر اُن حقيقت جي باوجود به..... مگر اسپارٽيڪس خالص هو." هُن تلخيءَ سان چيو.

"ها. اسپارٽيڪس خالص هو."

"مون کي ٻڌائي. ٻڌائي ته هُو خالص ڪيئن هو؟"

"آءٌ توکي نٿي ٻڌائي سگهان. آءٌ توکي نٿي ٻڌائي سگهان. آءٌ توکي انهن ڳالهين جي باري ۾ نٿي ٻڌائي سگهان، جن کي تون نٿو سمجهي سگهين."

"آءٌ سمجهڻ چاهيان ٿو. آءٌ اُن کي سمجهڻ چاهيان ٿو، اُن سان وڙهڻ چاهيان ٿو. آءٌ اُن سان تڏهن به وڙهيو هوس جڏهن هُو زنده هو، ۽ آءٌ سائس اڄ به وڙهندس، جڏهن ته هُو مري ويل آهي."

ورينيا پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. "تون ائين منهنجي پويان چو پئجي ويندو آهين؟ تون مون کي وڪڻي چو نٿو چڏيئين؟ تون مون سان اُهو سلوڪ چو نٿو ڪريئين جيڪو تون چاهئين ٿو؟ تون مون کي اڪيلو چو نٿو چڏيئين؟"

"ورينيا. مون توکي هڪڙي معمولي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ چيو آهي. ڇا اسپارٽيڪس جهڙو ڪو ٻيو ماڻهو ٽيو آهي؟ مون کي اُن جي باري ۾ ڪير ٻڌائي چو نٿو؟"

"مون توکي ٻڌائي چڏيو آهي...." هُوءَ رُڪجي ويئي.

"ها ها. ٻڌائي ورينيا. آءٌ تنهنجو بنجڻ چاهيان ٿو. آءٌ نٿو چاهيان ته تون مون سان ڳالهائيندي گهبرائين."

"مون کي ڪاب گهبراهٽ ڪانهي. مون اسپارٽيڪس کي سمجهي ونڊ ڪان پوءِ ڪڏهن به گهبرايو ڪونهي. پر سندس باري ۾ ڳالهه ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. تون هُن کي هڪڙو قاتل ۽ ڪاسائي چوين ٿو پر هُو سموري بني نوع انسان ۾ سڀني ڪان بهترين ۽ مقدس ترين ماڻهو هو." ورينيا چيو.

"ڪيئن ٻلا... مون کي ٻڌائي ته ڪيئن؟ آءٌ سمجهڻ چاهيان ٿو. مون کي ٻڌائي ته هُو ڪهڙي طرح مقدس ترين ماڻهو هو؟ آءٌ سمجهڻ چاهيان ٿو ته هُن ڪهڙو اهڙو عمل ڪيو آهي جنهن توکي اِن طرح سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي؟ جيڪڏهن مون کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي ته ٽي سگهي ٿو ته آءٌ اسپارٽيڪس جهڙو بنجي وڃان." هو ڪجهه ڪائڻ بنا شراب پيئندو رهيو. "ٽي سگهي ٿو ته آءٌ اسپارٽيڪس جهڙو ٽي وڃان."

"تون مون کي ان باري ۾ ڳالهائڻ تي مجبور ته ڪرين ٿو، پر آءٌ ڪيئن وضاحت ڪريان؟ توهان ماڻهن وانگر غلامن جي اندر مرد ۽ عورت ۾ ڪو فرق ڪونه رکيو ويندو آهي. غلامن ۾ هڪ مرد ۽ هڪ عورت برابر هوندا آهن. اسين ساڳئي قسم جا ڪم ڪندا آهيون، ساڳي طرح اسان تي چهڪ وسن ٿا. اسين ساڳئي طرح مرون ٿا ۽ ساڳي طرح بنا نالي وارين قبرن ۾ هليا ويندا آهيون. ۽ شروع ۾ اسان نيزا ۽ تلوارون سنياليون هُيون ۽ پنهنجي مردن سان گڏوگڏ وڙهيونسين. اسپارٽيڪس منهنجو ساٿي هو. اسين ٻئي هڪ هئاسين. اسين ٻئي هيڪاندا جُڙيا پيا هئاسين. هُن کي جتي به زخم ايندو هو، مون کي رڳو اهو زخم ڇهڻو پوندو هو پوءِ ان زخم جو ايذاءُ مون کي ٽيندو هو ۽ اُهو زخم منهنجو زخم

بنجي ويندو هو ۽ همیشه اسان برابر هٹاسين. جڏهن هُن جو بهترين دوست ڪرڪس مري ويو تڏهن هن پنهنجو مٿو منهنجي هنج ۾ رکيو هو ۽ هڪڙي ننڍڙي بار وانگر اوچنگارون ڏيئي رنو ۽ رڙيو هو. ۽ جڏهن منهنجو پهريون بار چهين مهيني ۾ ڪري پيو هو تڏهن آءٌ به ساڳئي طرح رُني هُيس ۽ رڙيون ڪيون هُيم. هُن مون کي سنياليو هو. هُن پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ مون کان سواءِ بيءَ ڪنهن عورت سان محبت ڪانه ڪئي ۽ چاهي چا به ٿي پوي پر آءٌ به ڪنهن ٻئي مرد سان محبت ڪانه ڪنديس. جڏهن آءٌ پهريون پيرو سندس ٻانهن ۾ ليئي هيس. تڏهن مون کي تمام گهٽو ڊپ ٿيو هو. پوءِ هڪڙو حيران ڪندڙ احساس مون تي چانئجي ويو. مون کي خبر پئجي ويئي ته آءٌ ڪڏهن به ڪانه مرنديس. منهنجي محبت لافاني آهي. مون کي ٻيهر ڪابه شيءِ تڪليف نٿي پهچائي سگهي. آءٌ هُن جهڙي ٿي ويس ۽ منهنجو خيال آهيي ته هُو به ڪجهه ڪجهه مون جهڙو ٿي ويو هو. اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪابه شيءِ لڪل ڪانه رهي هئي. پهرين پهرين مون کي ڊپ هو ته هو منهنجي جسم تي موجود داغن ۽ چٽن کي ڏسي نه ونئي. پوءِ مون کي خبر پيئي ته ڪو داغ به خالص ٽئي ٿو. هُو مون کي ڏاڍو پائيندو هو. پر آءٌ توکي اُن جي باري ۾ چا ٿي ٻڌائي سگهان؟ ماڻهو ڪيس هڪڙو ديوتا بنائڻ ٿا چاهين. پر هُو ديوتا ڪونه هو. هُو هڪڙو عام ماڻهو هو. هُو شريف ماڻهو هو، سٺو هو ۽ محبت ۽ پيار سان پريل ڪاڻ هو. هُو پنهنجي ساٿين سان پيار ڪندو هو. هُو هڪٻئي کي پاڪر پائي ڳراٽڙيون پائيندا هئا. هُو جڏهن به گڏبا هئا تڏهن هڪٻئي کي چپن تي چميون ڏيندا هئا. مون توهان رومين کي پاڪر پائيندي ۽ چُمندي ڪڏهن به ڪونه ڏٺو آهي. پر هتي ته مرد مرد سان ائين سمهندو آهي جيئن مڙس زال سان سمهندو آهي. اسپارٽيڪس جڏهن به مون سان ڪا ڳالهه ڪندو هو ته آءٌ ان جو مطلب سمجهي ويندي هُيس. پر مون کي ڪابه خبر ڪانه ٿي پوي ته تون ڪهڙيون ڳالهيون ڪندو آهين. مون کي خبر ناهي ته رومي جيڪي ڳالهيون ڪندا آهن ته انهن جو مطلب چا هوندو آهي. جڏهن غلام پاڻ ۾ وڙهي پوندا هئا ته اسپارٽيڪس پاڻ وٽ گهرائيندو هو ۽ پوءِ هو واري واري سان سيئي ڳالهائيندا هئا ۽ آخر ۾ هُو پاڻ ڳالهائيندو هو ته ٻيا سڀ ويهي ٻڌندا هئا. هو خراب حرڪتون ته ڪندا هئا پر سٺو بنجڻ جي منجهن خواهش موجود هئي. هو اڪيلا ڪونه هئا. هو ڪنهن شيءِ جو حصو هئا. اُهي هڪٻئي جو به حصو هئا. پهرين اُهي غنيمت جي مال مان به چوري ڪندا هئا. اسپارٽيڪس مون کي ٻڌايو هو ته هو ڪهڙي طرح چوريءَ کان باز اچي سگهن ٿا. اُتي گڏيل دوڪان کي ڪڏهن به ڪلف ڪونه لڳايو ويندو هو ۽ نه ڪو ڪو پهريدار مقرر ڪيو ويندو هو. ۽ جڏهن هنن ڏٺو ته هو چوريءَ ڪرڻ ڪانسواءِ ٿي پنهنجي ضرورت جي هر شيءِ حاصل ڪري

سگهن ٿا. تڏهن هن چوري ڪرڻ بند ڪري ڇڏي. غريب ۽ بکيو رهڻ جو سندن ڊپ گهٽ ٿي ويو. اسپارٽيڪس مون کي سيکاريو هو ته ماڻهو سموريون بچڙايون رڳو اُن ڪري ڪن ٿا جو اُهي ڏنل هوندا آهن. هُن مون کي ٻڌايو هو ته جيڪڏهن انسان پائيچاري ۽ رهن ۽ جيڪو ڪجهه وٽن آهي سو سيني جو هجي ته اهو ماحول کيترو نه عمدو ٿي وڃي ٿو. ۽ اِهو سڀ ڪجهه مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو هو ۽ آءٌ انهيءَ ماحول ۾ زنده رهي هُيس. اهڙو هو، منهنجو مڙس. اهوئي سبب هو جو هُو انهن سيني جي رهنمائي ڪندو هو ۽ اهوئي سبب هو جو اُهي سيئي هُن جي ڀَالهه ٻڌندا هئا. هو رڳو قاتل ۽ ڪاسائي ڪونه هئا، پر هو اهڙي قسم جا ماڻهو هئا جو دنيا اِن کان اڳ ۾ ڪڏهن به ڪونه ڏٺا هئا. انهن جي ٿي پيروي ڪري سگهجي ٿي. اهوئي سبب آهي جو تون مون کي تڪليفون نڏو ڏيئي سگهين ۽ اِهو ئي سبب آهي جو آءٌ توسان محبت نٿي ڪري سگهان."

"ٽري وڃ هِتان." ڪراسس کيس چيو. "منهنجي مانڊاڻ پري ٿي وڃ، خدا توکي ڪٿي غرق ڪري."

[6]

گراڪس فليوئيس کي ٻيهر گهرائي ورتو. ٻئي ماڻهو ساڳي منزل جا مسافر هئا. اُهي ٻئي ٽلها ۽ وڏي عمر جا، پاڻ ۾ همیشه پائر لڳندا هئا. هو ٻئي ويڙا هڪٻئي ڏانهن نهاري رهيا هئا. گراڪس کي فليوئيس جي بدنصيبيءَ جو احساس هو. فليوئيس ٻين ڪامياب ماڻهن وانگر بنجڻ لاءِ همیشه ڪوششون ڪيون هيون. پر هُو اهڙو ڪڏهن به ٿي ڪونه سگهيو. هُو هن جو نقل ته ڪندو هو پر پِچاڑيءَ ۾ اهو نقل صرف نقل ٿي رهجي ويندو هو. فليوئيس ڪڏهن نڪ به ته ٿي ڪونه سگهيو. هُو فقط نڪن جو به نقل ڪندڙ رهيو. فليوئيس گراڪس ڏانهن نهاريو ۽ محسوس ڪيو ته پوڙهي گراڪس جو قصو بس هاڻي ختم ٿيڻ وارو ٿي آهي، ۽ اِهو ته گراڪس ٻيهر گراڪس نٿي بنجي سگهيو. جيڪا ٻيڙي حالت گراڪس سان پيش اچي چڪي هئي، اُن جي باري ۾ هُو رڳو مٿس ترس ٿي ڪري سگهيو ٿي، مگر اهو ترس ئي ڪوڙ هو. هِتي هُن هڪڙو بچاءُ ڪندڙ ڳوليو هو ۽ اهو بچاءُ ڪندڙ سندس وڏيڪ حفاظت نٿي ڪري سگهيو. مستقبل ۾ اِهائي حقيقت پيش اچڻ واري هئي.

"توکي ڇا گهرجي؟" فليوئيس پڇيو. "مون کان ٻيهر نه پڇج. اُها عورت ورينيا ئيَ آهي. مون سورنهن آنا پڪ ڪئي آهي. اُها ورينيا ئي آهي، اسپارٽيڪس جي زال ورينيا. توکي ٻيو ڇا گهرجي."

"تون ايترو دٻل چو آهين، توکي کهڙي ڀالهه کان ايترو ڊپ ٿئي ٿو؟"

"مون کي توکان ڊپ ٿئي ٿو." فليوئيس ڏاڍي ڏک مان چيو. "آءٌ انهيءَ ڪم کان دٻل آهيان، جيکو تون مون کان ڪرائڻ چاهين ٿو. جيڪڏهن تون چاهين ته فوجي دستا به گهرائي سگهين ٿو. تنهن کان سواءِ تو وٽ ذاتي غنڊا ۽ بدمعاش قسم جا ماڻهو به موجود آهن. تون هن شهر ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ کان پنهنجو ڪم ڪرائي سگهين ٿو، ته پوءِ تون ائين چو نه ڪيو؟ تون مون جهڙي بڊي وٽ چو ٿو اچين؟ آءٌ ڪڏهن به ڪو اهم شخص ڪونه رهيو آهيان. تون پنهنجي دوستن وٽ چو نه ٿو وڃين؟"

"آءٌ انهن وٽ نٿو وڃي سگهان." گراڪس چيو "انهيءَ معاملي ۾ آءٌ انهن کان مدد نٿو وٺي سگهان."

"چو؟"

"چا توکي خبر ڪانهي؟ آءٌ اُن عورت کي چاهيان ٿو. آءٌ ورينيا کي چاهيان ٿو. مون کيس خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ڪراسس کي ڏهه لک سسٽرس آڇيا هئا. پوءِ مون ويهه لک به آڇيا هئا. پر هُن منهنجي بي عزتي ڪري، مون تان مسخري ڪئي ۽ مون کي ڏڪاري ڇڏيو."

"ويهه لک! نه نه. ويهه لک!" فليوئيس ايڏي ساري رقم جي تصور کان ئي ڏڪي ويو. هُن پنهنجا ڏند ڪرٽيا، ۽ پنهنجي هٿن کي پکوڙيو ۽ وري ڪوليو "ويهه لک! هيءَ ته سڄي ڪائنات آهي. سڄي دنيا رقم جي انهيءَ ننڍڙيءَ ٿيلهيءَ ۾ اچي سگهي ٿي. تو وٽ اِها ٿيلهي آهي ۽ اهڙي طرح سڄي دنيا تو وٽ آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه تو هڪڙي عورت جي لاءِ پيش ڪري ڇڏيو. او منهنجا خدا! گراڪس.... تون هُن کي چو ٿو چاهيئين؟ آءٌ تنهنجي ڳجهن جي اُپٽار ڪونه ٿو ڪرڻ چاهيان. تنهنجي مرضي آهي ته آءٌ تنهنجي لاءِ ڪجهه ڪريان. پر جيڪڏهن تون مون کي ڪونه ٻڌائيندين ته آءٌ هينئر ئي هِتان هليو ٿو وڃان. مون کي اها خبر هجڻ کپي ته تون هُن کي چو ٿو چاهئين؟"

"آءٌ هُن سان محبت ڪريان ٿو." گراڪس مرڪيل لهجي ۾ چيو.

"چا؟"

گراڪس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو. هاڻ هُن وٽ وقار نالي ڪابه شيءِ ڪانه رهي هئي. هُن ها ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ سندس لڙکن سان پريل اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هُيون.

"مون کي ته سمجهه ۾ نٿو اچي. محبت؟ ڪهڙي محبت؟ تو ته ڪڏهن شادي به ڪانه ڪئي. ڪابه عورت تنهنجي زندگيءَ جي ساٿي بنجي ڪانه سگهي ۽

هاڻي تون چوين ٿو تہ هڪڙي غلام چوڪريءَ سان توکي ايتريقدر محبت ٿي ويئي آهي جو تون ان لاءِ ويهہ لک سيسٽرس ڏيئ لاءِ تيار ٿي ويئين. منهنجي سمجهہ ۾ تہ کجهہ بہ نٿو اچي."

"توکي سمجهڻ جي کهڙي ضرورت آهي؟" سياستدان گرجيو.

"تنهنجي سمجهہ ۾ کجهہ کونہ ايندو. تون مون کي ڏسين ٿو. آءٌ پوڙهو ۽ ٽلهو آهيان ۽ تو هميشه ائين سمجهيو آهي تہ آءٌ کدڙو آهيان. تون جيکو کپئي سو سوچ، پر مون کي تہ کڏهن کا اهڙي عورت ئي کانہ ملي جيکا انسان هجي. اسان جي عورتن ۾ گهٽيون اهڙيون عورتون هونديون جيکي انسان هجن؟ مون کي انهن کان هميشه ڊپ ٿيو ۽ انهن سان مون هميشه نفرت ڪئي. ٿي سگهي ٿوتہ انهن کي اهڙو بہ اسان ئي بنايو هجي، پر مون کي خبر ناهي. آءٌ پيٽ ۾ گسکي گسکي بہ ان عورت تائين پهچڻ چاهيان ٿو. آءٌ چاهيان ٿو تہ هوءَ هکرو پيرو مون ڏانهن نهاري ۽ مون کي چوي تہ آءٌ هُن لاءِ بي معنيٰ کونہ آهيان. مون کي خبر ناهي تہ هوءَ ڪراسس کي چا ٿي سمجهي؟ پر مون کي خبر آهي تہ ڪراسس لاءِ هوءَ کهڙي شيءِ آهي. مون کي اِها خبر آهي. مگر سنڊس لاءِ ڪراسس چا آهي؟ هي اُهوئي شخص آهي، جنهن سنڊس مڙس کي ماري ڇڏيو. هي اهوئي شخص آهي، جنهن اسپارٽيڪس جو صفايو ڪيو هو. هوءَ ڪيس نفرت ڪانسواءِ بي کهڙي نظر سان ڏسي سگهي ٿي؟"

"عورت ائين ڪري سگهي ٿي." فليوئيس چيو "ڪراسس اُن جي قيمت بي انتهائي وڌائي سگهي ٿو. تون حيران ٿي ويندين."

"اڙي نہ. تون پُليو آهين. ٽلها احمق، بيوقوف!"

"ڏس گراڪس، توکي وري ڪاوڙ اچي ويئي نہ."

"تہ پوءِ بيوقوفن جهڙيون ڳالهيون نہ ڪر نہ. مون کي اِها عورت گهرجي. توکي سنڊس قيمت جي خبر آهي."

"تنهنجو مطلب آهي تہ تون....."

"ها."

"توکي انهيءَ جي نتيجن جي خبر آهي،" فليوئيس محتاط ٿيندي چيو. منهنجي لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي. جيڪڏهن آءٌ هن کي اُٽيندس تہ اُن جي قيمت وصول ڪندس ۽ مصر وڃي هڪڙو محل خريد ڪندس ۽ اسڪندريہ ۾ کجهہ غلام چوڪريون خريد ڪري وٺندس ۽ باقي پنهنجي زندگي هڪڙي نواب وانگر گذاريندس. آءٌ ائين ڪري سگهان ٿو. پر گراڪس، تون ائين نٿو ڪري سگهين.

تون گراڪس آهين، هڪڙو سينيٽر آهين، ۽ هن وقت روم ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور قوت آهين. تون پڇي نٿو سگهين. تون هُن سان ڪيئن وڙهندين؟"

"مون ان باري ۾ اڃا تائين ڪجهه ڪونهي سوچيو."

"هان؟ توکي خبر آهي ته ڪراسس ڇا ڪندو؟ اڄ تائين ڪراسس کي ڪير به شڪست ڏيئي نه سگهيو آهي. اڄ تائين ڪراسس ڪنهن کان ڪابه شيءِ گهري ڪانه ورتي آهي. ڇا تون ڪراسس سان وڙهي سگهندين؟ ڇا تون ان جهڙي دولتمند سان وڙهي سگهندين؟ هُو توکي تباهه ڪري ڇڏيندو گراڪس! قتل ڪري ڇڏيندءِ. هُو توکي برباد ڪندو ۽ قتل ڪري ڇڏيندو."

"تنهنجي خيال ۾ ڇا هُو ايڏو وڏو ماڻهو آهي؟" گراڪس نرميءَ مان پڇيو.

"تون سچ ڄاڻڻ چاهين ٿو؟ ويهه لک ايتري وڏي رقم آهي جنهن جي باري ۾ مون خواب ۾ به ڪونه سوچيو آهي. پر سچ اِهو آهي ته ها، هُو ايڏو ئي وڏو ماڻهو آهي. هُو ائين ڪري سگهي ٿو ۽ هُو ائين ئي ڪندو."

"آءٌ پنهنجي قسمت آزمائيندس." گراڪس چيو.

"قسمت آزمائڻ کان پوءِ تون ڇا ڪندين؟" فليوئيس پڇيو.

"ويهه لک تمام وڏي رقم هوندي آهي. آءٌ اهي پئسا ڏيئي ڪيس گهران ڪٽائي هتي آڻي به سگهان ٿو. اِهو ڪو مشڪل ڪم ڪونهي. پر تون اِهو ڪيئن ٿو چوين نه هوءَ منهنجي مُنهن تي ٿُڪندي به ڪونه."

"ڪراسس اسپارٽيڪس کي تباهه ڪري ڇڏيو، پر ڪراسس کان ائين ڪرايو ڪنهن؟ ڪيس اِهو ڪم سونپڻ جي پس پرده ڪوشش ڪنهن ڪئي؟ ڪيس فوج ڪنهن ڏني ۽ ڪيس آفيسر ڪنهن بنايو؟" فليوئيس پڇيو.

"مون." گراڪس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"صحيح آهي. ته پوءِ توکي ڇا ملندو؟"

"هوءَ..... چوڪري....."

"تون اُن چوڪريءَ کي ڇا ٿو ڏيئي سگهين؟ هڪڙو غلام فقط هڪڙي ڇالهه جي خواهش ڪندوآهي. ڇا تون هُن چوڪريءَ کي اُها شيءِ ڏيئي سگهين ٿو؟"

"ڇا؟"

"۽ توکي خبر آهي ته اُها ڪهڙي شيءِ آهي؟" فليوئيس چيو "تون اُن ڇالهه کان لهرائين چو ٿو؟ مُنهن چو نٿو ڏيئين؟"

"تنهنجو مطلب آهي آزادي." گراڪس پرسڪون انداز ۾ چيو.

"توسان گڏ نه. هُن جي آزادي توکانسواءِ. اُن جو مطلب آهي ته روم کان

باهر جي آزادي. ان جو مطلب آهي ته ڪراسس جي پهچ کان باهر هُن جي آزادي."

"تنهنجي خيال ۾ هوءَ پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ هڪڙي رات مون کي عنايت ڪندي؟"

"ڪهڙي شيءَ جي لاءِ رات؟"

"محبت.... نه، محبت نه. وقار، عزت، پرواهه. نه... نه، اهو سڀ ڪجهه نه. احسان. ها احسان جي هڪڙي رات."

"تون ڪيڏو نه بيوقوف آهين؟" فليوئيس چيو.

"تون ائين چئي سگهين ٿو." گراڪس ها ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيو. "شايد آءٌ بيوقوف آهيان يا شايد ڪونه به آهيان. آءٌ ڪراسس سان قسمت آزمائي ڪندس. توکي اُن چوڪريءَ کي قائل ڪرڻو پوندو ته آءٌ پنهنجو قول ڪڍهن به ڪونه ٽوڙيندو آهيان. آءٌ پنهنجي قول جو پڪو آهيان. سڄي روم کي اِن ڳالهه جي خبر آهي. پر ڇا تون هُن کي هِن ڳالهه تي قائل ڪري سگهندين؟"

فليوئيس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"اُن کان پوءِ هُن جي روم مان نڪري وڃڻ جا انتظام به تون ڪندين. ڇا تون ائين ڪري سگهندين؟"

فليوئيس ٻيهر ها ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"ڪٽي ڇڏي ايندين؟"

"گهٽ ۾ گهٽ ڪال تائين. اُتي هوءَ محفوظ رهي سگهي ٿي. شايد ساموندي ڪنارن جي نظرداري ڪئي وڃي ۽ سائڪي طرح اُتر طرف رستن جي به. منهنجو خيال آهي ته هوءَ ڏکڻ طرف ڪال تائين هلي وڃي ته محفوظ رهندي. هوءَ جرمن چوڪري آهي. جيڪڏهن هوءَ چاهي ته اتان هوءَ جرمني تائين به پهچي سگهي ٿي."

"تون ڪيس ڪراسس جي گهر مان ڪهڙي طرح باهر ڪيندين؟"

"اهو ڪو مسئلو ڪونهي. هُو هفتي ۾ ٽي ڏينهن بهرائيءَ ۾ گذاريندو آهي. ٽورڙي رقم خرچ ڪري چوڪريءَ کي اتان باهر ڪڍي سگهجي ٿو. شرط صرف اِهو آهي ته چوڪري وڃڻ چاهي ته."

"ها. اِها ڳالهه آهي." فليوئيس چيو.

"۽ منهنجو خيال آهي ته هوءَ هار کي گڏ ڪٽڻ چاهيندي. ٺيڪ آهي. آءٌ هار کي هتي آرام سان رکندس."

"ها."

"توکي ويهه لک اڳواٽ ڪپن. ائين نه؟"

"منهنجو خيال آهي ته مون کي اِها رقم اڳواٽ ونڻ گهرجي." فليوئيس کي قدر غمگين انداز ۾ چيو.

"اِها رقم توکي هينئر ملي ٿي. پٽسا هتي موجود آهن. تون اُهي روڪڙا به کڻي سگهين ٿو ۽ اسڪندريه ۾ منهنجي بينڪرن کان برافٽ جي ذريعي به."

"آءٌ روڪڙا وٺندس." فليوئيس چيو.

"ها.... منهنجو خيال آهي ته تون ٺيڪ ٿو چوين. فليوئيس مون کي دغا ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ. جيڪڏهن تو مونسان ائين ڪيو ته بهرحال، تنهنجي خبر ته آءٌ وٺي رهندس."

"ڇڏ انهن ڳالهين گراڪس. منهنجو قول به ايترو پڪو آهي جيترو تنهنجو."

"ٺيڪ آهي. تمام سٺو."

"مون کي رڳو اِها خبر نٿي پوي ته تون ائين چو پيو ڪرئين؟ ديوتائن جو قسم ته مون کي اِها خبر ڪانهي ته تون ائين چو پيو ڪرئين. جيڪڏهن تون سوچي رهيو آهين ته ڪراسس آرام سان مان ڪري ويهي رهندو ته پوءِ تون شايد ڪيس سجائين ڪونه ٿو."

"آءٌ ڪراسس کي چڱي طرح سجاڻان ٿو."

"پوءِ ته الله ئي تنهنجي حفاظت ڪري گراڪس. ڪاش آءٌ ائين نه سوچيان. پر منهنجو خيال اِهوئي آهي."

[7]

ورينيا خواب ڏٺو. هن خواب ڏٺو ته ڪيس سينيٽ جي اڳيان پيش ڪيو ويو هو. اُهي وينا هئا. اُهي جيڪي دنيا تي حڪمراني ڪري رهيا هئا. هو پنهنجي سفيد چوغن ۾ پنهنجي عظيم جاين تي وينا هئا. انهن مان هر هڪ جو چهرو ڪراسس جهڙو ڊگهو، خوبصورت ۽ تيز هو. انهن جي هر شيءِ..... سندن ويهڻ جو انداز، اڳيان جهُڪيل، کاڏي هٽن جي سهاري جهليندي، سندن چهرن جا تاثرات ايتريقدر سنجيده، ايتريقدر پُراعتماد، سندن پختو يقين،.... مطلب ته سندن هر شيءِ اقتدار جي مجموعي ۾ شامل هئي. اُهي قوت هئا، طاقت ۽ اقتدار هئا. انهن جي سامهون سڄي دنيا بيوس ۽ هيچ هئي. هو سينيٽ جي عظيم محرابي هال ۾ پنهنجي سفيد پٽر جي ٺهيل جاين تي وينا هئا ۽ کين ڏسندي ئي خوف ۽ رعب جي ڪيفيت طاري ٿي ويئي.

ورينيا خواب ۾ ڏٺو ته هوءَ سندن سامهون بيٺي آهي ۽ ڪيس اسپارٽيڪس

جي خلاف شاهدي ڏيڻي آهي. هوءَ سندن اڳيان هڪ معمولي سوتي لباس ۾ بيٺي آهي ۽ ڪيس اِن ڳالهه جو دردناڪ احساس هو ته سندس ٻُڌن مان وهندڙ ٿڄ سندس چولو خراب ڪري رهي هئي. هن ڪانئس سوال پڇڻ شروع ڪيا.

"اسپارٽيڪس ڪير هو؟"

هن جواب ڏيڻ شروع ڪيا. پر اُن کان اڳ جو هوءَ هڪڙو جواب ڏيڻي وئي، مٽان ٻيو سوال اڇي ٽي ڪڙڪيو.

"هُن روم کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ڪئي؟"

هن ٻيهر جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر وري اڳيون سوال.

"جيڪو به سندس سامهون ٿي آيو، هن قتل ڪري ٽي ڇڏيو. ڇو؟ ڇا ڪيس خبر ڪانه هئي ته اسان جو قانون قتل ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏي؟"

هُن اِن ڳالهه جي تردید ڪرڻ چاهي، پر ان کان پهرين جو هوءَ تردیدي جملا چئي سگهي، هڪڙو نئون سوال اڇي ويو.

"هُو ڇو هر سڀ شيءِ کان نفرت ۽ هر بُري شيءِ سان محبت ڪندو هو؟"

هُن وري ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هڪڙو سينيٽر اٿي بيٺو ۽ سندس ٻُڌن ڏانهن اشارو ڪندي پڇيائين.

"اهوڇا آهي؟"

"ٿڄ"

هاڻي هر ڪنهن جي چهري تي ناراضگي ڄاڻجي ويئي. هڪڙي خوفناڪ ناراضگي. هوءَ تمام گهڻو ڊڄي ويئي ۽ پوءِ بنا ڪنهن سبب جي سندس ڊپ لهي ويو. خواب ۾ هُن پنهنجو پاڻ کي چيو ته "اُن جو سبب هي ٽي سگهي ٿو ته اسپارٽيڪس مون سان گڏ آهي."

پوءِ هُن ڪنڌ ڦيرايو ۽ ڏٺو ته واقعي اسپارٽيڪس سندس پاسي ۾ بيٺو هو. هُن اُهي ئي ڪپڙا پاتا هئا جيڪي هُو اڪثر جدوجهد دوران پائيندو هو. هُن چمڙي جا وڌا بوٽ پاتا هئا. هُن سليٽي رنگ جو هڪڙو سادو چوغو پاتو هو ۽ پنهنجي متي تي هڪڙي ٽوپي پاتي هئي. هُو بي هٿيار هو، ڇاڪاڻ ته هوُ هميشه تيستائين هٿيار نه کڻندو هو، جيستائين ڪيس کا جنگ نه وڙهڻي پوي. ڪيس کوبه زيور، کا مندي يا کو ٻانهونٽو پاتل ڪونه هو. سندس ڏاڙهي مڇيون ڪوڙيل هُيون ۽ سندس گهنديدار وار ننديا ڪيل هئا.

خواب ۾ هُن جي موجودگي ورينيا جي لاءِ ايتريقدر اطمينان جو سبب هئي جهڙوڪر خواب ۾ نه پر حقيقي دنيا ۾ ٽيندو هو. جڏهن به هوءَ ڪيس ڏسندي

هئي، خوش ٿي ويندي هئي. مثال طور هڪڙو دائرو هجي ۽ جڏهن هُو ظاهر ٿئي ته دائرو پاڻمرادو بند ٿي وڃي ۽ اهڙي طرح دائرو مڪمل ٿي وڃي. هڪڙي پيري هوءَ موجود هئي ۽ اتي گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه ڇٽا پيا به هٿا. اسپارٽيڪس جو انتظار ڪري رهيا هٿا. نيٺ هُو اچي ويو. هوءَ هڪڙي پاسي بيٺي هئي ته جيئن هُو منتظر ماڻهن سان ڳالهائي وٺي. هوءَ رڳو ڪيس ڏسندي رهي ۽ سندس خوشي وڌندي رهي. ۽ جيڪا ڳالهه هُو ڪندو هو، جيڪا حرڪت هُو ڪندو هو، مسرت جي اُن عمل جو حصو هئي. هڪڙو پل اهڙو آيو جو هُوءَ اُن خوشيءَ ۾ واڌارو برداشت ڪري نه سگهي ۽ ڪيس باهر وڃڻو پئجي ويو. هوءَ باهر هلي ويئي. اڪيلي ۽ تنها جاءِ تي وڃي بيٺي.

هائي هوءَ پنهنجي خواب ۾ هِن طرح جي جذبات ۾ گهيريل هئي.

"جاني، تون اِتي چا پئي ڪرئين؟" اسپارٽيڪس کانئس پڇي ٿو.

"هو مون کان سوال پيا پڇن."

"ڪير؟"

"هي." هُن سينيٽرن ڏانهن اشارو ڪيو. "اِهي مون کي ڊيڄارين پيا." ۽ هائي هُن ڏانو ته سينيٽرن تي جهڙوڪر مينهن پئجي ويو هجي ۽ اُهي اٿين هوائي توائي ۽ بنهه خاموش ٿي ويا هٿا.

"پر هي ته پاڻ ڊپ کان ڏڪي رهيا آهن." اسپارٽيڪس چيو. اِها سندس مخصوص عادت هوندي هئي. هُو کا شيءِ ڏسندو هو ته اٿين سادگيءَ سان بيان ڪري ڇڏيندو هو. پوءِ هوءَ پاڻ حيران ٿي ويئي ته هُن اِهو خيال ڇو ڪونه ڪيو ته اُهي خود ڊنل آهن.

"ورينيا! هليا ته هلون." اسپارٽيڪس مُسڪرايو. هُن هُنَ جي چيلهه جي چوڌاريءَ ٻانهن ڦيرائي ۽ موٽ ۾ ورينيا به پنهنجي ٻانهن سندس چيلهه جي چوڌاريءَ ڦيرائي. هو هال مان ٻاهر نڪري روم جي گهٽين ڏانهن هليا ويا. هُو قرب وندبيندڙ جوڙو هو. هو روم جي گهٽين ۾ هلندا رهيا، هلندا رهيا ۽ ڪنهن به کين ڪونه چيڙيو. ڪنهن به کين ڪونه روڪيو. خواب ۾ اسپارٽيڪس کيس چيو "آءٌ هميشه توسان گڏ آهيان، هر وقت آءٌ توسان گڏ آهيان، پر پوءِ به منهنجي دل تومان نٽي پرجي. آهه، تون ڪيتري نه مون کي وٺين ٿي. آءٌ تنهنجي لاءِ مريو ٿو پوان."

"جيڏي مهل به تون مون کي چاهئين ٿو تيڏي مهل آءٌ اچيو حاضر ٿيان."

"مون کي خبر آهي..... خبر آهي مون کي. پر ياد ڪرڻ مشڪل آهي. آءٌ پاڻ کي توکي چاهڻ بنا روڪي نٿو سگهان. آءٌ توکي گهٽي کان گهٽو يانيان ٿو. چا

تون به مون کي ساڳي طرح پائٽين ٿي؟"

"ها، بلڪل ساڳي طرح."

"جڏهن به مون ڏسندي آهين؟"

"ها."

"مون کي به ائين ٿو لڳي، جڏهن به توکي ڏسندو آهيان." هو ڪجهه پريرو ويا. پوءِ وري اسپارٽيڪس چيو. "مون کي ڪيڏانهن وڃڻ گهرجي. اسان کي ڪيڏانهن هلڻ گهرجي ۽ گڏ ليڻ گهرجي."

"مون کي هڪڙي جاءِ جي خبر آهي." ورينيا خواب ۾جواب ڏنو.

"ڪٿي آهي؟"

"اهو ڪراسس نالي هڪ شخص جو گهر آهي، جتي آءٌ رهندي آهيان."

هُو بيهي رهيو. هن پنهنجي ٻانهن پري ڪري ورتي. هُو سندس سامهون ٿي بيٺو ۽ سندس اکين ۾ ڏسڻ لڳو. پوءِ هُن سندس ڪپڙن تي ٽچ ڏني.

"هي ڇا آهي؟" هُن چيو. هُو اوچتو ڊجي ويو، پوئتي هٽيو ۽ پوءِ هُو اُتي ڪونه هو. تڏهن خواب ختم ٿي ويو. ورينيا جاڳي پيئي. ۽ اتي سواءِ اونڌهه جي ٻيو ڪجهه به ڪونه هو، جيڪا سندس چوطرف گهيرو ڪريو بيٺي هئي.

[8]

ٻئي ڏينهن ڪراسس ٻهراڙيءَ طرف هليو ويو ۽ جڏهن شام ٿي، تڏهن فليوئيس ورينيا کي گراڪس وٽ وٺي آيو. بنهه ساڳئي نموني ۾، جنهن طرح هُن قول ڪيو هو. هو اُن وقت گراڪس جي گهر پهتا، جيڏي مهل هُو رات جي مانيءَ تي اڪيلو ويٺو هو. هڪڙو غلام گراڪس وٽ آيو ۽ کيس ٻڌايو ته ٻاهر ٻه ماڻهو بيٺا آهن. هڪڙو فليوئيس آهي ۽ ساٿس گڏ هڪڙي عورت آهي ۽ عورت جي هنج ۾ هڪڙو ٻارڙو آهي.

"ها." گراڪس چيو. "مون کي خبر آهي. ٻار لاءِ به جاءِ جو بندوبست ٽيل آهي. تون کين اندر وٺ اڃ." هُن وري چيو "نه نه. تون نه. آءٌ پاڻ انهن کي اندر وٺي ايندس." هُو مهمانن واري ڪمري جي پرسان ڊوڙندو دروازي ڏانهن ويو. هُن هن لاءِ پاڻ دروازو کوليو. هُو انتهائي ملنساريءَ جو مظاهرو ڪري رهيو هو. تمام گهٽو رلٽو ملٽو. هُن اهڙي طرح هن جي آجيان ڪئي جهڙي طرح ڪنهن بنهه معزز مهمان جي آجيان ڪبي آهي.

عورت هڪڙي ڊگهي چوغي ۾ هئي ۽ اونڌهه ۾ گراڪس سندس چهري

جا تاثرات ڏسي ڪونہ پئي سگھيو. پر هاڻي هُو ڪيس ڏسڻ جو انتظار ڪري سگھيو ٿي. هُو هن کي اندر وٺي ويو ۽ هُن عورت کي چيو تہ ہارڙو ڪيس ڏي يا پاڻ اُن کي پينگھي ۾ سمھاري اچي. هن چيو "مون هِن جي ضرورت جي هر شيءِ جو انتظام ڪيو آهي. مون وٽ هڪڙو ننڍڙو پينگھو آهي ۽ ٻيو سڀ ڪجھ آهي جنهن جي توهان کي ضرورت ٿي سگھي ٿي. ہارڙو بنھ آرام ۽ حفاظت سان رهندو."

"هِن کي گھٽين شين جي ضرورت ڪانہ ٿي پوي." ورينيا چيو.

پھريون پيرو گراڪس سندس آواز ٻڌو. اِهو آواز نرم مگر گھرو، وٺندڙ، خوش ڪندڙ ۽ دلڪش آواز هو. هاڻي هُن پنهنجو چوغو پنڌيان ڪيرائي ڇڏيو ۽ تڏهن هُن سندس چهرو ڏٺو. سندس ڏڳها ۽ پورا وار پنڌيان ويڑهيل هئا. هن جي چهري تي ڪوبہ سينگار ٽيل ڪونہ هو، جنهن جي ڪري سندس چهري جا آرڪائا نمايان ٿي ڪيس وڌيڪ حسين بنائي رهيا هئا.

جيڏي مهل گراڪس جي نگاهہ ورينيا تي ڪُپيل هئي تيڏي مهل فليوئيس جي نگاهہ گراڪس تي جميل هئي. فليوئيس پريشان ۽ اداس هڪ طرف ٻينو رهيو. هُو اتي ٻيچين لڳي رهيو هو ۽ جيئن ئي ڪيس ڳالهائڻ جو موقعو مليو تہ هن چيو؛

"گراڪس، مون کي ٻيا بہ انتظام ڪرڻا آهن. آءٌ صبح جو پرهہ ڦٽيءَ مهل ايندس. مون کي اميد آهي تہ توهان اوڏي مهل تيار هوندا."

"آءٌ تيار هوندس." گراڪس چيو.

پوءِ فليوئيس هليو ويو. ۽ گراڪس ورينيا کي ہار لاءِ تيار ڪيل ڪمري تائين وٺي ويو. اُتي هڪڙي غلام عورت ويٺي هئي. ۽ گراڪس عورت ڏانهن اشارو ڪندي چيو "هوءَ سڄي رات ويٺي هوندي ۽ ہارڙي تان هڪ سيڪنڊ لاءِ بہ نظر ڪانہ هٽائيندي. تنهن ڪري توهين بلڪل گھٻرايو نہ، ہار کي ڪجھہ بہ ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن ہارڙو روئندو تہ هيءَ هڪدم توکي سڏي وٺندي. پريشانيءَ جي بلڪل ڪابہ ڳالهہ ڪانهي."

"ہار سمهي رهندو." ورينيا چيو. "توهان تمام گھڻو مهربان آهيو پر ہار ائين ئي سمهي رهندو."

"پر توهان کي ہار جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ لاءِ ڪن ڏيڻو ڪونہ پوندو. جڏهن بہ هُو روئندو تہ هيءَ توهان کي سڏي وٺندي. ڇا توهان کي بک لڳي آهي؟ ڇا توهان ماني ڪاڌي آهي؟"

"مون ماني تہ ڪانہ ڪاڌي آهي، پر مون کي بک بہ ڪانہ لڳي آهي." ورينيا ہار کي پينگھي ۾ وجهندي چيو. "منهنجي خواهش آهي تہ ڪاش مون کي بک لڳي

ها. مون کي ائين پيو لڳي جڏ تہ آءُ کو خواب پئي ڏسان. پهرين تہ مون کي هن شخص تي اعتبار ڪونہ پئي آيو، پر هاڻي مون کي مٿس اعتبار اچي ويو آهي. مون کي خبر ڪانهي تہ توهان منهنجي لاءِ هي سڀ ڪجهہ چو پيا ڪريو؟ مون کي ائين پيو لڳي جڏ تہ آءُ کو خواب پيئي ڏسان ۽ ڪنهن بہ پل اک کلي پوندي."

"آءُ ماني ڪائيندس ۽ توهين منهنجي پاسي ۾ ويهندیون ۽ اهڙي طرح تي سگهي ٿو تہ توهان جي دل بہ ڪائڻ تي راضي تي وڃي."

"ها، آءُ ائين ڪندیس."

هو وري ڪائڻ جي ڪمري ۾ موٽي آيا ۽ ورينيا گراڪس جي سامهون واري جاءِ تي تي ويٺي. هُو ٽيڪ ڏيئي ٽٽي ويهي سگهيو. تنهن ڪري هُو اڃ ڪُڙين ويٺو هو. هُن جي نگاهہ هڪڙي لمحي لاءِ بہ ورينيا جي چهري تان نٽي هٽي. ڪيس لڳو پئي تہ هُو بنهہ مطمئن تي ويو آهي ۽ ڪيس هڪڙي عظيم ۽ آملهہ مسرت جو احساس تي رهيو آهي. اهڙي مسرت، جيڪا هُن سڃيءَ ڄمار ۾ ڪانہ ڏٺي هئي. هي صبر ۽ شڪر جو معاملو هو. هُن پنهنجي سموريءَ زندگيءَ ۾ صبر ۽ شڪر جو اهڙو مزو ڪڏهن بہ ڪونہ چکيو هو. هن ائين محسوس ڪيو جڏ هُو دنيا ۾ مطمئن آهي ۽ دنيا جي دردناڪ اوچتي پيڙاهہ ۽ سمورو عذاب ختم تي چڪو آهي. هُو پنهنجي حسين شهر جي هِن گهر ۾ بنهہ مطمئن هو ۽ سندس دل هِن عورت جي محبت ۽ قرب سان ڪنن تائين چڪار پري پيئي هئي، جيڪا سندس سامهون ويٺي هئي. هُو سڃي عمر ڪنهن بہ عورت سان محبت نہ ڪئي ۽ پوءِ اسپارٽيڪس جي زال سان محبت ڪئي جي معمي کي حل ڪئي جي ڪابہ ڪوشش ڪونہ ڪري رهيو هو.

هن ڪاڏي پيتي جي باري ۾ ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو. "مون کي خدشو آهي تہ تون ڪراسس جي ميز تي ڪاڏن جي قسمن کي ڏسي منهنجي مانيءَ کي بنهہ سادي سمجهنديئين. آءُ هميشہ ميوو، سادو گوشت ۽ مڇي ڪائيندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن کو مخصوص ڪاڏو ڪائيندو آهيان. اڄ رات لاءِ تازا سانا آهن، جيڪي ڏاڍا مزيدار آهن، مون وٽ سفيد شراب بہ آهي جيڪو آءُ عام شراب جي جاءِ تي پيئندو آهيان...."

هوءَ سندس ڳالهيون ڪانہ ٻڌي رهي هئي. هُن غير معموليءَ پريشانيءَ مان ورينيا کان پڇيو، "توهان کي اوڏي مهل ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ ايندي هوندي، جيڏي مهل اسين رومي ماڻهو خوراڪ جي باري ۾ ڳالهائيندا آهيون. ڪيئن! آهي نہ ائين؟"

"نہ." هُن قبول ڪيو.

"مون کي خبر آهي تہ توهان چو نٽيون سمجهو. اسين هيءَ ڳالهہ ڪڏهن بہ

ڪونہ ٿا چئون تہ ڪو اسان جون زندگيون ايتريقدر خالي آهن. اِهو اِن لاءِ تہ اسين پنهنجون زندگيون پرڻ لاءِ ايترو وقت خرچ ڪندا آهيون. اسان وحشي قومن وانگر ڪائڻ، پيئڻ، جنسي ميلاپ ڪرڻ ۽ ڪلڻ کي پنهنجي زندگي گذارڻ جو عقيدو بنائي چڏيو آهي. اسان کي وڌيڪ بک ڪاڻ ٿي لڳي. اسين بک جي باري ۾ ڳالهيون ڪندا آهيون پر اسان کي ان جو تجربو بنهہ ڪونهي. اسين اُڄ جي باري ۾ ڳالهيون تہ ڪندا آهيون پر اسين ڪڏهن بہ اُجيا ڪونہ رهيا آهيون. اسين محبت جون ڳالهيون تہ ڪندا آهيون پر محبت ڪونہ ڪندا آهيون ۽ اسين پنهنجين بي انت نين برائين بچڑائين کي اُن جو نعم البدل بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اسان وٽ خوشيءَ جي جاءِ تفريح اچي والاري آهي ۽ جيئن ئي هڪڙي تفريح غير دلچسپ ٿي وڃي ٿي تہ اسين هڪڙي بي تفريح تلاش ڪري ونون ٿا، جيڪا اڳوڻيءَ کان وڌيڪ پُرجوش هجي، وڌيڪ، وڌيڪ ۽ اڃان بہ وڌيڪ. اسان پاڻ کي اُن حد تائين ظالم بنائي وڌو آهي جو اسين جيڪو ڪجهہ بہ ڪريون ٿا تنهن جو اسان کي احساس ئي ڪونہ ٿو ٿئي ۽ اِها بي حسي وڌندي پيئي وڃي. توهين سمجهو پيون نہ؟"

"ها. ڪجهہ ڪجهہ سمجهان پيئي."

"۽ ورينيا، مون کي بهرحال، ڪنهن بہ صورت ۾ توهان کي سمجهڻو آهي. مون کي بهرحال اِهو سمجهڻو آهي تہ توهان کي اسان کان ايترو ڊپ ڇو آهي جو توهين اسان جي باري ۾ خواب پيون ڏسو. ڪراسس تہ توهان جي تمام گهڻي خدمت ڪئي هوندي. منهنجو خيال آهي تہ جيڪڏهن تون چاهيئين ها تہ هُو توسان شادي بہ ڪري وڃي ها. ڪراسس هڪ تمام وڏو ماڻهو آهي هُو روم جي تمام وڏن ماڻهن مان هڪڙو آهي ۽ سنس قوت ۽ سندس اثر ناقابلِ يقين حد تائين تمام گهڻو آهي. ڇا توهان کي خبر آهي تہ مصر جو فِرعون ڇا ٿيندو آهي؟"

"ها مون کي خبر آهي."

"ها، ڏاڍو سٺو. ڪراسس مصر جي ڪنهن بہ فرعون کان وڌيڪ طاقتور آهي، ۽ توهان مصر جي ڪنهن بہ راڻيءَ کان گهٽ نہ هجو ها. ڇا توهين هُن سان خوش ڪونہ هجو ها؟"

"اُن شخص سان، جنهن اسپارٽيڪس کي قتل ڪيو هو؟"

"آهہ، پر ٽورو غور تہ ڪريو. هُن پاڻ پنهنجي سر تہ ائين نہ ڪيو هو. هُو اسپارٽيڪس کي تہ سڃاڻندو بہ ڪونہ هو ۽ نہ ئي هن جي ساڻس ڪا ذاتي دشمني هئي. آءٌ بہ انهيءَ ڏوهہ ۾ هڪجهڙو گناهگار آهيان. روم اسپارٽيڪس کي تباهہ ڪيو آهي. پر هاڻي تہ اسپارٽيڪس مري چڪو آهي ۽ توهين زنده آهيو. ڇا توهان کي ڪراسس جون نعمتون نہ کپن؟"

"نہ." ورينيا جواب ڏنو.

"تہ پوءِ توهان کا ڇا گهرجي؟"

"آءُ آزاد ٿيڻ چاهيان ٿي. آءُ روم کان ٻاهر وڃڻ چاهيان ٿي، ۽ وري ڪڏهن ب روم کي ڏسڻ ب نٿي چاهيان. آءُ چاهيان ٿي تہ منهنجو پٽ آزاد فضا ۾ جوان ٿئي."

"ڇا آزادي واقعي ايڏي وڏي نعمت هوندي آهي؟" گراڪس سچ پچ بدحواس ٿيندي پڇيو. "ڪهڙي شيءِ کان آزادي؟ ڇا بکيو رهڻ جي آزادي؟، بي گهر هجڻ جي آزادي، ٻنين ۾ هارين وانگر سخت پورهيو ڪرڻ جي آزادي؟"

"آءُ توهان کي اِن باري ۾ ٻڌائي نٿي سگهان. مون ڪراسس کي ب ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر مون کي خبر ڪانہ هئي تہ ڪيس ڪيئن ٻڌايان. مون کي خبر ڪانهي تہ توهان کي ڪيئن ٻڌايان."

"۽ توهين روم کان نفرت ڪريو ٿيون ورينيا. آءُ روم سان محبت ڪريان ٿو. روم منهنجو رت آهي، منهنجي زندگي آهي، منهنجي ماءُ آهي، منهنجو پيءُ آهي. روم هڪڙي رنڊي آهي، پر جيڪڏهن مون کي روم چڏڻو پوي تہ آءُ مري ويندس. مون کي پنهنجو شهر ڏاڍو وٺندو آهي. پر توهين ان کان نفرت ڪريو ٿيون. آءُ حيران آهيان تہ توهين روم کان نفرت چو ٿيون ڪريو؟ ڇا اسپارٽيڪس ب روم کان نفرت ڪندو هو؟"

"هُو روم جي خلاف هو ۽ روم هُن جي خلاف، اِها ڳالهہ توهان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي."

"پر جڏهن هُو روم کي تباهہ ڪري چڏي ها، تہ پوءِ اُن جي بدران ڇا تعمير ڪري ها؟"

"هُن هڪڙي اهڙي دنيا جوڙڻ ٿي چاهي، جتي نہ ڪو غلام هجي ها ۽ نہ ئي ڪو مالڪ. جتي فقط عوام رهن ها، امن، يائيچاري ۽ قرب سان. هن چيو هو تہ اسين روم جي هر ڪا سٹي شيءِ ۽ خوبصورت شيءِ پاڻ سان ڪٹنداسين. اسين اهڙو شهر اڏينداسين جنهن جون وڏيون وڏيون ديوارون ڪونہ هونديون، ۽ سمورا انسان امن ۽ يائيچاري ۾ رهندا ۽ جتي وڏيڪ بي ڪابہ جنگ ڪانہ ٿيندي، ڪا مصيبت نہ هوندي، ڪي ب ڏک ڏاکڙا ڪونہ هوندا."

گراڪس هاڻي مانڪو ويٺو هو ۽ ورينيا کيس بي ڊپائي ۽ حيرانگيءَ سان ڏسي رهي هئي. عظيم قدبت وارو ٽلهو ۽ بي ڊولو هجڻ جي باوجود هُو هڪ اهڙو شخص هو جنهن تي هُن اعتبار ڪرڻ پئي چاهيو. هُو انهن سمورن ماڻهن کان مختلف هو، جن سان هوءَ هيستائين ملي چڪي هئي. هُن ۾ هڪڙي مخصوص ديانتداري

ڏسڻ ۾ پئي آئي. هُن ۾ هڪڙي سُڻائي هئي جنهن مان ڪيس ڪنهن نه ڪنهن طرح اسپارٽيڪس جا اوساڻ اڇي رهيا هئا. هوءَ ڪنهن خاص شيءِ ڏانهن اشارو ته نٿي ڪري سگهي ۽ نه ئي طبعي طور تي اهڙي ڪا شيءِ موجود هئي... رڳو ڪڏهن ڪڏهن... هُو اهڙي ڳالهه چئي ويندو هو جڏ ته اسپارٽيڪس ۾ شايد ائين چئي ها.

پوءِ ڪا ڳالهه چوڻ کان اڳ هو گهڻي دير تائين خاموش رهيو ۽ پوءِ هُن ورينيا جي چيل ڳالهه تي تبصرو شروع ڪيو. جهڙوڪر هُن اِها ڳالهه ٻنهه هينئر هينئر چئي هجي.

"ته اِهو هو اسپارٽيڪس جو خواب." هُن چيو. "هڪڙي اهڙي دنيا جي اڏاوت جتي نه ڪوڙو هجي ۽ نه ڪوڙو کائڻ وارو... جتي نه ڪو محل هجي ۽ نه ڪا ڪکائين جهوپڙي. ڪهڙي خبر ورينيا! ائين ممڪن ۾ ٿي سگهي ٿو! خير، تو پنهنجي پٽ جو نالو ڇا رکيو آهي؟"

"اسپارٽيڪس. ٻيو پلا ڪهڙو نالو رکندیس؟"

"چگو ڪيئه جو اسپارٽيڪس نالو رکيئه. بلڪل نيڪ. هُو قداور ٿيندو، ڊگهو ڏاڍومڙو، صحتمند ۽ فخر سان پريل. ڇا تون ڪيس پٽس جي باري ۾ ٻڌائيندينئين؟"

"ها آءٌ ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائيندیس."

"ڪيئن؟ ڪهڙي ريت ٻڌائيندينئين؟ هُو هڪڙي اهڙي دنيا ۾ پلبو نپائيبو جتي اسپارٽيڪس جهڙو ڪوبه ماڻهو ڪونه هوندو، ته پوءِ تون ڪهڙي طرح ٻڌائيندينئين ته سندس پيءُ ڇاجي ڪري پاڪ ۽ مقدس بنجي ويو هو؟"

"توهان کي ڪيئن خبر پيئي ته اسپارٽيڪس پاڪ ۽ مقدس هو؟" ورينيا هن کان پڇيو.

"ڇا اِها ڳالهه سمجهڻ ايڏي ڏکي آهي؟" گراڪس حيران هو.

"اِها ڳالهه سمجهڻ ڪن ماڻهن لاءِ واقعي مشڪل آهي. ڇا توهان کي خبر آهي ته آءٌ پنهنجي پُٽ کي ڇا ٻڌائيندیس؟ منهنجو خيال آهي ته توهان منهنجي ڳالهه سمجهندؤ، آءٌ ڪيس هڪڙي ٻنهه سادي ڳالهه ٻڌائيندیس. آءٌ ڪيس ٻڌائيندیس ته اسپارٽيڪس ان ڪري پاڪ ۽ اشراف هو جو هُن بچڑائيءَ کان مُنهن ڦيريو هو ۽ برائيءَ سان مقابلو ڪيو هو. هُو بچڑائيءَ جي خلاف لڑيو ۽ پنهنجي سموري زندگي اُن شيءِ جي خلاف وڙهندو رهيو جنهن شيءِ کي هُن غلط سمجهيو هو."

"ته ڇا اِن ڳالهه هُن کي خالص بڻائي ڇڏيو هو؟"

"آءٌ ڪا گهڻي عقل واري ته ڪانه آهيان، پر منهنجي خيال ۾ اها ڳالهه

ڪنهن به ماڻهوءَ کي خالص بنائي ڇڏيندي آهي." ورينيا چيو.

"۽ اسپارٽيڪس کي ڪيئن خبر پيئي ته فلاڻي شيءِ صحيح آهي ۽ فلاڻي غلط؟"

"جيڪا شيءِ سندس ماڻهن لاءِ سڀي هئي سا صحيح هئي ۽ جنهن شيءِ مان انهن کي نقصان ٿي پهتو سا غلط."

"ٺيڪ. اسپارٽيڪس جو خواب ۽ اسپارٽيڪس جي راهه، ورينيا، آءٌ خوابن ڏسڻ جي عمر کان چڙهي ويو آهيان. جيڪڏهن نوجوان هجان ها ته آءٌ به اِن شيءِ جي باري ۾ خواب ڏسان ها، جنهن جي لاءِ مون پنهنجي سڄي زندگي ڪم ڪيو. زندگي.... هيءَ ڪيتري نه مختصر، ڪيتري نه بي معنيٰ ۽ بي مقصد لڳي ٿي. اِها هڪڙي پَلَ وانگر آهي. ماڻهو جائو، ماڻهو مئو. بنا ڪنهن سبب جي ۽ بنا ڪنهن طريقي جي. ۽ آءٌ هينئر هتي پنهنجي ٽلهي، بي ڊولي ۽ بدصورت جسم سان ويٺو آهيان. چا اسپارٽيڪس بنهه ناهوڪڙو جوان هو؟"

هوءَ جڏهن کان سندس گهر آئي هئي، هينئر پهريون پيرو هُن مسڪرايو هو. هُن مسڪرايو ۽ پوءِ کلڻ لڳي ۽ پوءِ اُڌا کل لڙڪن ۾ بدلجي ويئي ۽ هُن پنهنجو چهرو ميز تي رکيو ۽ هوءَ روئندي رهي.

"ورينيا، ورينيا. چا مون کا غلط ڳالهه چئي وڌي چا؟"

"نه. نه..." هوءَ اٿي ويئي ۽ رومال سان پنهنجو چهرو صاف ڪيائين. "توهان ته ڪجهه ڪونه چيو. توهان ڪجهه ڪونه چيو. اِها ته اسپارٽيڪس لاءِ منهنجي محبت هئي. هُو توهان روملين وانگر نه هو. هُو منهنجي قبيلي جي ماڻهن جهڙو به ڪونه هو. هُو هڪ ٽريشين هو. هن جو چهرو ڪليل ۽ ويڪرو هو. هڪڙي پيري جڏهن ڪيس هڪڙي اوور سيئر ماريو هو تڏهن سندس نڪ جي هڏي ڀڄي پيئي هئي. ماڻهو چوندا هٿا ته اُن ڪري سندس چهرو هڪڙي بگهڙ جهڙو ٿي پيو هو. پر منهنجي لاءِ هو اهڙوئي هو جهڙو ڪيس هجڻ گهرجي."

هن جي وچ مان سموريون رڪاوٽون ختم ٿي چڪيون هُيون. گراڪس هن جي ويجهو آيو ۽ سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتائين. هُن پنهنجي سموريءَ جمار ۾ پاڻ کي ڪنهن عورت جي ايترو ويجهو ڪونه ڏٺو هو، هڪڙيءَ عورت تي ايترو اعتبار ڪونه ڪيو هو. "منهنجي منڙي، منهنجي منڙي!" هُن چيو "چا توهان کي خبر آهي ته مون چا چيو؟ سڀ کان پهريائين، مون پاڻ کي ٻڌايو ته آءٌ توهان سان محبت جي هڪڙي رات گذارڻ چاهيان ٿو. پوءِ مون خود ان کي مسترد ڪري ڇڏيو. پوءِ مون وقار ۽ عزت واري هڪڙي رات چاهي. اُن کي به مون پاڻ رد ڪري ڇڏيو. اُن کان پوءِ مون صرف احسان جي هڪڙي رات طلبي. پر احسان کان وڌيڪ

بہ کا شيءِ آهي ورينيا! آهي نہ؟"

"ها. آهي." هُن بنا حجاب جي چيو. گراڪس کي اُن وقت اندازو ٿيو تہ ورينيا ۾ ڪابہ بهروپيت ۽ فنڪاري ڪانهي. هُوءَ اِن طريقي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن نموني ۾ پنهنجي دل جي ڳالهہ نٿي ڪري سگهي. هُن سندس هٿ مٿي ڪنيو ۽ چُميو. ورينيا پنهنجو هٿ پوئتي ڪونہ هٽايو.

"آءٌ بس اِهوئي چاهيان ٿو." هُن چيو. "مون وٽ صبح تائين جو وقت آهي. چا توهان اِهو وقت مون سان گڏ ويهندیون؟ ۽ مون سان ڳالهيون ڪنديون؟ ۽ ٿورڙو شراب پيئنديون ۽ ٿورڙو کاڌو کائيندیون؟ مون کي توهان سان تمام گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن ۽ تمام گهڻيون ڳالهيون ٻڌڻيون آهن. چا توهان صبح تائين مون سان گڏ ويهندیون؟ ۽ پوءِ فليوٽيس گهوڙا ڪاهي ايندو ۽ توهان هميشه لاءِ روم مان روانيون ٿي ويندیون. چا توهين منهنجي لاءِ ائين ڪنديون؟"

"آءٌ پنهنجو پاڻ لاءِ بہ ائين ڪرڻ چاهيان ٿي." هن چيو.

"آءٌ توهان جو ٿورو مڃڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪندس. چاڪاڻ تہ مون کي اهڙو ڪوبہ طريقو معلوم ڪونهي جنهن سان توهان جو ٿورو مڃي سگهان."

"منهنجو ٿورو مڃڻ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي." ورينيا چيو. "توهان مون کي خوش رکڻ جي ڪوشش پيا ڪريو، مون تہ سوچيو بہ ڪونہ هو تہ آءٌ ٻيهر ايترو خوش ٿيندیس. مون اِهو ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيو هو تہ اسپارٽيڪس جي موت کان پوءِ بہ ڪڏهن مسڪرائيندیس. منهنجو خيال هو تہ هاڻ منهنجي زندگي هميشہ هڪ صحرا وانگر رهندي. پوءِ بہ هُو مون کي ٻڌائيندو رهندو هو تہ زندگي ۾ سمورين شين کان افضل آهي. مون کي ان ڳالهہ جو مطلب اڄ کان اڳ ڪڏهن بہ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو هو. هاڻي آءٌ ڪلڻ چاهيان ٿي. آءٌ سمجهان ٿي تہ ڇو؟ هاڻي آءٌ ڪِلڻ چاهيان ٿي."

[9]

جڏهن فليوٽيس واپس آيو تڏهن ايڏا پرهہ ڦٽيءَ کان هڪڙو ڪلاڪ اڳ پهتو هو. اِهو ڪلاڪ سليٽي رنگ جو هڪڙو اڪيلو ڪلاڪ هوندو آهي جڏهن زندگي گهٽجندي گهٽجندي ختم ٿئي ٿي ۽ شيون ٻيهر شروع ٿيڻ کان اڳ پنهنجي عميق ترين حد تائين پهچي وڃن ٿيون. گهر جو نوڪر ڪيس گراڪس ۽ ورينيا وٽ وٺي آيو. گراڪس پاڻ کي هڪڙي ڪُرسيءَ تي پکيڙيو پيو هو. هُو ٽڪل ٿي لڳو. سندس چهرو زرد هو پر ناخوش ڪونہ هو. ورينيا هڪ صوفي تي ويٺي پنهنجي ٻارڙي کي ٽڃ پياري رهي هئي. هوءَ بہ ٽڪل ٿي لڳي. پر پوءِ بہ هوءَ پنهنجي

صحتمند ۽ گلابي گل جهڙي ٻارڙي کي پنهنجي ٻُبي مان ٽج ڏارائيندي ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي. جڏهن گراڪس فليوئيس کي ڏٺو تڏهن پنهنجي چپن تي آڱر کڻي رکيائين ۽ فليوئيس ماڻ ۾ بيهي انتظار ڪرڻ لڳو. هُو اُن عورت جي حسن ۾ کوڙجي ويو هو. هوءَ اتي هلکي روشنيءَ ۾ ويهي ٻار کي ٽج پياريندي ائين پئي لڳي جهڙي ڪر هوءَ گهٽو گهٽو عرصو پهرين روم جي يادگارن مان ٻاهر نڪري آئي هجي.

جڏهن ٻارڙي ٽج ڏائي ورتي تڏهن هُن پنهنجو ٻُبو ڏيکي چڏيو ۽ ستل ٻار کي ڪمبل ۾ ويڙهي چڏيائين. گراڪس اٽيو ۽ هن جي ويجهو وڃي بيهي رهيو ۽ هڪ ڏڪهي لمحي تائين ورنيا هُن کي پنهنجي نگاهن جو مرڪز بنائي ڏسندي رهي.

"گهوڙي گاڏي تيار آهي." فليوئيس چيو. هڪڙي گاڏيءَ کي مون سَوَڙن ۽ ڪمبلن سان پري چڏيو آهي ته جيئن توهان چگهيءَ طرح آرام سان ويهي سگهيو.... پر اسان کي هڪدم نڪرڻ ڪپي. تمام گهٽي دير ٿي ويئي آهي."

ائين پئي لڳو جڻ هُنن هِن جي ڀالهه ئي ڪانه ٻڌي. هنن جون نگاهون هڪٻئي تي جمي ويون هيون. هڪڙي اسپارٽيڪس جي حسين زال هئي ۽ ٻيو ٽلهو، بيدولو رومي سياستدان گراڪس هو. پوءِ ورنيا گهر جي نوڪرياڻي ڏانهن مڙي ۽ ڪيس چيو:

"تون هڪ پل لاءِ منهنجي ٻار کي ڪٽنديئين؟"

نوڪرياڻيءَ ٻار کي هنج ۾ ڪنيو ۽ ورنيا گراڪس وٽ ويئي. هُن گراڪس جي هٿن کي جهليو ۽ سندس چهري ڏانهن جهُڪي. هُو ٽورو اڇيان جهڪيو ۽ ورنيا کي چُمي ڏني.

"آءٌ توهان جي ٽورائتي آهيان جو توهان مون سان تمام سٺي نموني ۾ پيش آيا آهيو. جيڪڏهن توهان مون سان گڏ هلندؤ ته آءٌ ٻه توهان سان تمام سٺي نموني ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪنديس... آءٌ توهان سان ايترو ئي سنو برتاءُ اختيار ڪنديس جيترو آءٌ ڪنهن ٻه مرد سان اختيار ڪري سگهان ٿي." ورنيا چيو.

"منهنجي پياري، تنهنجي مهرباني."

"گراڪس، ڇا توهين مون سان گڏ هلندؤ؟"

"اوهه، منهنجي پياري، تنهنجي وڏي مهرباني. آءٌ تنهنجو تمام گهڻو احسان مند آهيان. آءٌ توسان محبت ڪريان ٿو. پر آءٌ روم کان پري ٿي ڪٿي جو ڪونه ٿيندس. روم منهنجي ماءُ آهي. توڙي جو منهنجي ماءُ رنڊي آهي پر توڪانسواءِ روم اُها واحد عورت آهي، جنهن سان مون محبت ڪئي آهي. آءٌ بي وفا ڪونه آهيان. آءٌ

هڪڙو ٽلهو پوڙهو ماڻهو آهيان. تون پلي وڃ، منهنجي منڙي. تون پلي وڃ."

"اسان کي دير پيئي ٿئي." فليوئيس ڏاڍي بي صبريءَ سان چيو. "هيستائين پنجاهه ماڻهن کي هن ڳالهه جي خبر پئجي چڪي هوندي. چا توهانجو خيال آهي ته هن راز کي کير ۾ ظاهر ڪرڻ ڪندو؟"

"هِن جو چڱي طرح خيال رکجانءِ." گراڪس چيو. "فليوئيس، هاڻي تون هڪڙو اميرِ ماڻهو ٿي ويندين. هاڻي تون آرام سان رهندين. تنهن ڪري منهنجي ڪاڻ هي آخري ڪم ڪجانءِ. هن جو ۽ سندس ٻار جو تمام گهٽو خيال رکجانءِ. هنن کي ڏکڻ طرف وڃي وڃ، تيستائين، جيستائين توهين آلپس جبل جي وادين ۾ نه پهچو. گال جا هاري اتي نندڙن نندڙن ڳوٺن ۾ رهن ٿا. اهي تمام شريف، سادا ۽ محنتي ماڻهو آهن. هيءَ اتي انهن وٽ ڪاڻ ڪا جاءِ ڳولي ونندي. پر هن کي تيستائين وڃو پيو وڃجانءِ، جيستائين توهان کي آلپس جا آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جبل نظر نه اچن ۽ سفر ۾ تيزيءَ سان ڪرڻو آهي. گهوڙن کي زور زور سان چهبڪ هڻجانءِ، پر جي پوءِ ۾ ٽِڪا نه پڃن ته اِنهن کي ماري وري ٻيا نوان گهوڙا وٺجانءِ. پر ٻيهجانءِ نه. فليوئيس تون منهنجي خاطر ائين ڪندين نه؟"

"مون هيستائين توسان ڪيل ڪو واعدو ڪونه ٽوڙيو آهي."

"ها. تون قول جو سچو آهين. چڱو، الله واهي."

هُو دروازي تائين ساڻن گڏ آيو. ورينيا ٻارڙي کي کنيو. هو دروازي تي بيهي رهيو ۽ صبح جي هلڪي سوجهري ۾ ڪين گاڏين ۾ چڙهندي ڏٺو. گهوڙا بي چين ۽ هوشيار هٿا. هو پڪي رستي تي روانا ٿي ويا.

"الله واهي ورينيا." هن وڏي آواز ۾ ورينيا کان موڪلائي ڪئي.

ورينيا ڏانهس نهاري هٿ لوڏيو ۽ پوءِ گاڏي نگاهن کان غائب ٿي ويئي....

گراڪس هاڻي پنهنجي آفيس ۾ ويو ۽ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هو ڏاڍو ٽڪل هو ۽ هُن هڪ پل لاءِ پنهنجون اکيون بند ڪري چڏيون پر هُو سُتو ڪونه. سندس اطمينان ختم ڪونه ٿيو هو. هُن پنهنجون اکيون بند ڪري ڪيترين ئي ڳالهين جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. هُن پنهنجي پيءُ جي باري ۾ سوچيو جيڪو هڪڙو غريب موچي هو. هُن اُن وقت کي ياد ڪيو جڏهن رومي محنت ۽ پورهيو ڪندا هٿا ۽ پنهنجي محنت تي فخر ڪندا هٿا. هن گهٽين ۾ شروع ڪيل پنهنجي سياست جي شروعات کي ياد ڪيو. غنداگردي ۽ ووٽن جي پٺسن تي ڏي وٺ جي سڪيا، هجومن کي استعمال ڪرڻ ۽ اقتدار جي چاڙهيءَ تي پنهنجي چڙهڻ جي مرحلن کي ياد ڪيو. اقتدار، جيڪو ڪڏهن به ڪافي نٿو ٿئي، پٺسو، جيڪو ڪڏهن ڪافي نٿو ٿئي. انهن ڏينهن ۾ اڃا تائين اهڙا رومي موجود هٿا، جيڪي ملڪ

لاءِ، ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهندا هئا ۽ هارين کي بيدخل ڪرڻ ۽ زرعي غلاميءَ کي قائم ڪرڻ جي ناانصافيءَ جي خلاف سينو تاڻي بيهندا هئا. ظلم جي خلاف بهادريءَ سان تقريرون ڪندا هئا ۽ دانهون ڪُوڪون ڪندا هئا. گراڪس انهن کي چڱي طرح سمجهندو هو. اِها هُن جي عظيم خوبي هئي جو هُو ڪين سمجهندو هو ۽ سندن مقصد جي سچائيءَ کي قبول ڪندو هو. پر هُن کي اِها خبر هئي ته سندن مقصد ناڪام مقصد آهي. تاريخ جي گهڙيال جي ڪانٽي کي ڪڏهن به پنڌيان نٽو ڏِکي سگهجي. اِهو ڪانٽو هميشه اڳيان هلندو رهندو آهي ۽ گراڪس انهن ماڻهن جو ساٿ ڏنو جيڪي سلطنت جي قائم ڪرڻ جا حامي هئا. هُن پنهنجن ڏُکڻ کي انهن ماڻهن کي تباهه ڪرڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو، جيڪي قديم آزادين جي ڀَالهه ڪندا هئا. هُن انصاف پسند ۽ اصول پرست ماڻهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو.

هُو هاڻي اُن جي باري ۾ سوچي رهيو هو. ڪيس کابه پشيماني يا ندامت ڪانه پئي ٿي. هُو ته رڳو سمجهڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو ماضي ياد ڪري رهيو هو. اُهي ماڻهو قديم آزادين جي لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا هئا. اُهي سندس دشمن هئا. پر ڇا آزادي به قديم ٿيندي آهي؟ هينئر هينئر هِتان، سندس گهر مان هڪڙي عورت ويئي آهي ۽ اُن جي دل ۾ آزادي باهه وانگر پڙڪا ڪائي رهي هئي. هن پنهنجي پٽ جو نالو اسپارٽيڪس رکيو هو ۽ پوءِ اِهوئي اسپارٽيڪس پنهنجي پٽ جو نالو اسپارٽيڪس رکندو ۽ غلامن کي آخر ڪيستائين غلام رکي سگهبو؟ اُن سوال جو وٽس ڪوبه جواب ڪونه هو. ان مسئلي جو وٽس ڪوبه حل ڪونه هو. پر اُن ڀَالهه جي به ڪيس کا پشيماني ڪانه پئي ٿي. اوڏيءَ مهل ڪيس تاريخ جو احساس ٿي رهيو هو. وقت جي تيز رفتاريءَ ۾ پاڻ ته فقط هڪڙو پُل هو. سندس محبوب شهر سدائين قائم ۽ دائم رهندو، هميشه تائين. جيڪڏهن وري به اسپارٽيڪس واپس آيو ۽ ديوارن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيائين (ته جيئن ماڻهو بي ڊپا ٿي رهي سگهن) تڏهن هُو سمجهي ويندو ته گراڪس جهڙا ماڻهو به موجود هئا جيڪي پنهنجي شهر جي برائين کي سمجهندي به اُن سان محبت ڪندا هئا.

هُو هاڻي اسپارٽيڪس جي خواب جي باري ۾ سوچي رهيو هو. ڇا اِهو خواب حقيقت بنجي سگهندو؟ ڇا اِهو خواب قائم ۽ دائم رهي سگهندو؟ ڇا ورينيا جي چيل ڀَالهه سچي هئي ته بُرائيءَ جي خلاف وڙهندي ماڻهو بي غرض ۽ خالص بنجي وڃي ٿو؟ هُن ته ڪڏهن به اهڙا ماڻهو ڪونه ڏٺا هئا، پر هُن ته اسپارٽيڪس کي به ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو... پر هُو ورينيا کي سڃاڻندو هو. اسپارٽيڪس وڃي چڪو هو ۽ ورينيا به وڃي چڪي هئي. هاڻي ته سڀ ڪجهه هڪ خواب پئي لڳو. هُن ورينيا جي عِلم جي فقط ڪنارن کي ڇهيو هو. پر ورينيا جو مقصد رائج نٽي ٿي سگهيو.

سندس گهريلو نوڪرياڻي اندر آئي. هُن ڏانهس عجيب انداز ۾ نهاريو.

"پوڙهي مائي، چا ڳالهه آهي؟" هن آهستي آهستي پڇيو.

"مالڪ، اوهان جي وهنجڻ جو سامان تيار آهي."

"پر اڄ آءٌ ڪونه وهنجندس." هُن چيو ۽ غلام جي حيرت ۽ اچرج ۾ پوڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو. "پوڙهي مائي، اڄ هر شيءِ مختلف آهي. ڏس ته سهي،" هي چوندو رهيو "ميز تي ٽيلهن جي قطار آهي. هر ٽيلهي ۾ منهنجي هر غلام جي لاءِ آزاد ٽيڻ جو تصديق نامو آهي، هر ٽيلهي ۾ ويهه ويهه هزار سيسٽرس (روم جو سڪو) موجود آهن. آءٌ چاهيان ٿو ته تون اِهي ٽيلها غلامن کي ڏيئي ڇڏ ۽ انهن کي چئو ته اهي هاڻ آزاد آهن ۽ منهنجي گهر مان هليا وڃن. پوڙهي مائي، اِهو ڪم هينئر جو هينئر ڪر."

"مون کي ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي." هُن چيو.

"چو؟ تون منهنجي ڳالهه چو نٿي سمجهين؟ مون چٽن لفظن ۾ پنهنجي ڳالهه چئي ڇڏي آهي. آءٌ چاهيان ٿو ته توهين سيئي هتان هليا وڃو. توهين آزاد آهيو ۽ توهان وٽ ڪجهه روڪڙ به آهي. چا مون پهرين ڪڏهن توکي حڪم نه ڏيڻ جي اجازت ڏني آهي؟"

"پر اوهان جي لاءِ ماني ڪير تيار ڪندو، اوهان جو خيال ڪير رکندو؟"

"پوڙهي مائي! مون سان سوال جواب نه ڪر. جيئن آءٌ چوان ٿو تيئن ڪر."

جڏهن هو سيئي هليا ويا تڏهن گراڪس کي پنهنجو گهر عجيب طرح ۾ خاموش لڳو. هيءَ هڪڙي نئين قسم جي ماڻ هئي. صبح جو سج ايري رهيو هو. گهٽيون زندگيءَ سان ٽمٽار ٿي چڪيون هُيون. هر طرف آواز هٿا، شور هو پر گراڪس جو گهر بنهه خاموش ۽ گهري ماڻ ۾ گهيريل هو.

هُو واپس پنهنجي آفيس ۾ آيو. هڪڙي ڪٻٽ وٽ ويو ۽ ان جو ڪلف کوليائين. اتان هُن هڪڙي تلوار ڪڍي. اِها هسپانوي تلوار ڊگهي ڪانه هئي پر انتهائي خوبصورتيءَ سان ناهيل هئي. اها سون ۽ چانديءَ جي چٽسالييءَ سان ٺهيل ميان ۾ رکيل هئي. اِها تلوار ڪيترا سال اڳ ڪيس هڪڙي جشن جي موقعي تي ڏني ويئي هئي. ڪيس اهو موقعو ياد ڪونه هو. ڪيتري نه دلچسپ ڳالهه آهي جو ڪيس هٿيارن کان سخت نفرت هئي. پر اِها ڳالهه به حيران ڪندڙ هئي ته جڏهن هُن سوچيو ته اُهو واحد هٿيار جنهن تي هو پروسو ڪري سگهيو ٿي، اُهو خود به سندس ئي صلاحيت هئي. هن ميان مان تلوار ڪڍي ۽ سندس تيزائي ۽ نوڪ کي ڇُهي ڏٺائي. اِها تمام تيز هئي. پوءِ هُو ٻيهر پنهنجي ڪرسيءَ ڏانهن ويو ۽ ان تي

ويهي رهيو. هُن پنهنجو پاڻ کي قتل ڪرڻ واري خيال تي مسڪرايو. انهيءَ عمل ۾ ڪوبہ وقار ڪونہ هو. اِها حرڪت بنهہ واهيات هُئي ۽ ڪيس شڪ هو تہ متان هوُ تلوار پاڻ اندر ڪُپائي نہ سگهي. ڪيس يقين ڪانہ هئي تہ هُو پاڻ کي قتل ڪرڻ بدران ائين نہ ٽئي جو هو رڳو متّين چربي ڪاٽي ۽ رت کي ڏسي وائڙو ٿي وڃي ۽ رڙيون ڪري روئي مدد لاءِ ماڻهن کي سڏ ڪري. هُن پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ رڳو هڪڙي ڪڙ بہ ڪانہ ماري هئي.

پوءِ هُو سمجهي ويو تہ اِهو دل جو معاملو ڪونهي. هُو سموري جمار موت کان بنهہ گهٽ ڏنو هو. ننڍي هوندي کان ئي هو ديوتائن جي واهيات کهائين تان مسخري ڪندو رهيو پئي آيو. هُو هميشہ پنهنجي طبقي جي پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جي اُن نقطہءنظر کي قبول ڪندو هو تہ ديوتائن جو ڪوبہ وجود ڪونهي ۽ مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ٿيڻ جو تصور غلط آهي. هن پاڻ کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪري ورتو. هن کي رڳو اِهو خدشو هو تہ متان نہ هُو پاڻ کي وقار سان قتل ڪري نہ سگهي.

انهن خيالن ۾ ئي کوٽجي سندس اک لڳي ويئي. ٻاهريئين دروازي تي زوردار ٽک ٽک سان هُو جاڳي پيو. هُن پنهنجي سُستي تڙي ڪڍي ۽ ٻڌڻ لڳو.

"آهہ، ڪيڏي نہ ڪاوڙ آهي." هن سوچيو. "ڪراسس، توکي ڪيڏي نہ ڪاوڙ پيئي اچي. تنهنجي خوفناڪ ڪاوڙ بنهہ صحيح بہ آهي جو پوڙهي بيوقوف توکي هڪڙي آڳر تي نچايو آهي، ۽ تنهنجي جنگ جي بيش بها غنيمت توکان ڦري ورتي اٿس. پر ڪراسس! توکي سائس محبت تہ ڪانہ هئي. تو اسپارٽيڪس کي صليب تي ٽوڪڻ چاهيو ٿي ۽ جڏهن هُو توکي ملي نہ سگهيو تڏهن تو سندس زال حاصل ڪئي. تو چاهيو پئي تہ هوءَ توسان محبت ڪري، تنهنجي سامهون گوڏا ڪوڙي هلي. او ڪراسس! تون ڪيڏو نہ بيوقوف آهين. احمق آهين، گڏهہ آهين. پر پوءِ بہ توهان جهڙا ماڻهو هن عهد جا عظيم ماڻهو ليکيا وڃن ٿا، اُن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي."

هن تلوار ڳولهي پر ڪيس تلوار ڪانہ پئي ملي سگهي. پوءِ هُو گوڏن پر ويهي رهيو ۽ تلوار پنهنجي ڪرسيءَ ۾ ٽنبي چڏي. هن تلوار کي پنهنجي هٿن ۾ جهليو ۽ پوءِ پنهنجي ارادي کي مضبوط ڪري هُن اُن کي پنهنجي سيني جي پار ڪري چڏيو. ايڏاءِ ايڏو تہ شديد هو جو هُن کان رڙ نڪري ويئي. پر تلوار اندر وڃي چڪي هئي ۽ پوءِ هُو اُن تي اڳئين طرف ڪريو ۽ تلوار جو باقي بچيل حصو بہ اندر هليو ويو.

هُو انهيءَ حالت ۾ پيو هو، جڏهن ڪراسس دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿيو. جنرل کي گراڪس جو پاسو بدلائڻ ۾ پنهنجي سموري قوت استعمال ڪرڻي پيئي.

تڏهن جنرل ڏٺو ته سياستدان جو چهرو هڪ روٺندڙ صورت ۾، هڪڙي ٻنل ڪل جي صورت ۾ خاموش هو....

ڪراسس غصي ۾ ڪاوڙ ۾ پريو واپس پنهنجي گهر آيو. هُن پنهنجي سڄي عمر ۾ ڪنهن به شيءِ کان ايتري نفرت ڪانه ڪئي هئي، جيتري نفرت ڪيس مٿل گراڪس کان ٿي رهي هئي. مگر گراڪس ته مري چڪو هو ۽ ڪراسس سندس ڪوبہ نقصان نٿي ڪري سگهيو.

جڏهن ڪراسس گهر اندر داخل ٿيو ته ڪيس خبر پيئي ته سندس هڪ مهمان آيو آهي. نوجوان ڪائيس سندس انتظار ۾ ويٺو هو. ڪائيس کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي ته ڪهڙو واقعو ٿي چڪو آهي. تنهن ڪري هُن هڪدم ٻڌايو ته هُو ڪاپوا ۾ موڪلون گذارڻ کان پوءِ اڃهو هاڻي موٽيو آهي ۽ سڌو پنهنجي عاشق ڪراسس سان ملڻ آيو آهي. هُو ڪراسس وٽ ويو ۽ ڪيس پاڪر وجهي زور ڏنائين ۽ تڏهن ڪراسس ڪيس پري ڏکي فرش تي ڪيرائي ڇڏيو.

ڪراسس تکڙو تکڙو پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ هڪڙو ڇهڪ ڪڍي واپس وريو. ڪائيس اڃا فرش تان اٿي مس رهيو هو، (سندس نڪ مان رت وهي رهيو هو، سندس چهرو حيرت، ڏک، ايذاءُ ۽ بي عزتيءَ جو مجموعو بنجي ويو هو) ته ڪراسس مٿس ڇهڪ وسائڻ لڳو.

ڪائيس وٺي رڙيون ڪيون. هن وري وٺي گهوڙا گهوڙا ڪئي، پر ڪراسس مٿس ڇهڪ وسائيندو رهيو. ڪراسس کي نيٺ سندس پنهنجن غلامن پڪڑي وڌو ۽ پوءِ ڪائيس ٽڙندو ٽاپڙندو، ڏکا ڪائيندو ڀڄي ويو. هُو ڇهڪن جي ڪري نندڙي ٻار وانگر اوچنگارون ڏيئي زور زور سان روئي رهيو هو.

باب انــون

فليوئيس گراڪس سان ڪيل واعدو پورو ڪيو. گراڪس جي صحيح ڪيل راهدارين سان هُو گاڏين کي پهريائين ڏکڻ طرف ۽ پوءِ وري اوير طرف يڪي پڙ ۾ ڊوڙائيندو رهيو. ورينيا کي سفر جي باري ۾ ڪوبہ تفصيل ياد ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ پهرئين ڏينهن جي سفر جي وڏي حصي تائين هوءَ سُتي پيئي هئي. رستو تمام سٺو هو. اڌ ڏينهن تائين گاڏڑن گهوڙن کي بي ترسيءَ سان ڊوڙايو هو. ٻن پهرن جو ٻيا گهوڙا گاڏين ۾ جوٽيا ويا ۽ ڏينهن جو باقي حصو انهن نون گهوڙن تي هو چهڪ وسائيندا رهيا. رات ٽيڻ تائين هو روم کان ڏکڻ طرف هڪ سؤ ميلن جيترو سفر ڪري چڪا هئا. اونداهيءَ ٽيڻ سان ئي هنن گهوڙا بدلايا ۽ اُهي گهوڙا چاندوڪيءَ ۾ سڄي رات ڊوڙندا رهيا.

ڪيترا پيرا ڪين گشت وارا فوجي ڦري آيا پر وٽن گراڪس وٽان مليل سينيٽ جي عطا ڪيل حڪم نامن جي موجودگيءَ آجو ٿي ڪرايو. سڄي رات ورينيا گاڏيءَ ۾ ويٺي رهي. ننڍڙو ٻارڙو ڪمبلن ۾ ويڙهيو نرم گاديلن جي وچ ۾ حفاظت سان پيو هو. هوءَ ٻهراڙيءَ جي علاقن کي چاندوڪيءَ ۾ ڏسندي رهي. سندس آسپاس جون شيون تيزيءَ سان پوئتي پڃنديون رهيون. سڄي دنيا ستي پيئي هئي ۽ هو تيزيءَ سان سفر ڪري رهيا هئا. صبح ٽيڻ کان ٽورو پهريائين جڏهن چند لهي ويو تڏهن هو رستي تان لهي ڪجهہ پنڌ تي هڪ ساوڪ واري ٽڪري تي ترسيا. هنن گهوڙن کي ڪوليو ۽ ڪين ڏاڻ وجهي چڏيائون ۽ پوءِ نڙ ٽڪڙ ۾ ماني کاڏائون، ٽورڙو شراب پيتائون ۽ ڪمبل وڇائي سمهي رهيا. ورينيا کي مشڪل ڪا ننڊ آئي، باقي گاڏيءَ وارن کي تہ هڪدم ننڊ وٺي ويئي. ورينيا کي ائين لڳو جڻ هُن اڃا اک پوري ٿي مس هئي تہ فليوئيس ڪيس جاڳايو. جيستائين هنن گهوڙن کي آهستي آهستي ۽ بد دليءَ سان جوٽيو (جهڙي طرح ماڻهو پنهنجي ٽڪاوٽ تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي)، تيستائين هوءَ ٻارڙي کي ڇڃ پيارينديِ رهي. ۽ پوءِ صبح جي جهڪي روشنيءَ ۾ هو وري رستي تي پهچي ويا ۽ ڏکڻ طرف گهوڙن کي ڀڄائيندا رهيا. جڏهن سج ايري رهيو هو تڏهن هو هڪڙي جاءِ تي ترسيا تہ جيئن

ٽنگون ساٽاري سگهن ۽ گهوڙا بدلائي سگهن. ڪجهه دير کان پوءِ هو هڪڙي اوچي ڪوٽ واري شهر وٽان لنگهيا. اهو سڄو ڏينهن گاڏين وارا گهوڙن تي چهبڪ وسائيندا رهيا ۽ مٽن گارگند ڪندا رهيا. ورينيا تي هائي سفر جا آثار ظاهر ٿي رهيا هٿا. هن ڪيترا پيرا التي ڪري وڌي ۽ ڪيس هر وقت اهو ڪنڪو ٽيندو رهيو ته متان نه سندس ٻُڌن مان ٽڄ ختر ٿي وڃي. پر شام جو فليوٽيس هڪڙي هاريءَ کان تازو کير ۽ ٻکريءَ جو پنير (سُڪل لسي) ونڊي آيو، جنهن سان ورينيا جي بدن ۾ جڙ ته ساهه پٽجي ويو. رات جو جيئن ته آسمان تي ڪڪر چانيل هٿا، تنهن ڪري اُهي سڄي رات سُتا رهيا.

هو وري صبح جو سوير اڳي سفر تي روانا ٿي ويا. ٻنهڙن جو اُهي اهڙي جاءِ تي پهتا جتي هڪ ٻيو وڏو رستو سندن رستي وٽان ڪراس ڪي رهيو هو. هائي اُهي ڏکڻ اولهه طرف هلڻ لڳا ۽ جڏهن سج لهي رهيو هو تڏهن ورينيا کي پهريون پيرو پري کان آلپس جون برف سان چانيل چوٽيون ڏسڻ ۾ آيون. چاندوڪي رات هئي، تنهن ڪري هنن ٻنهنجو سفر جاري رکيو. اُهي گهوڙن کي آخري پيرو بدلائڻ لاءِ ترسيا ۽ صبح مهل هنن وڏو رستو ڇڏي هڪڙي ڪچي رستي تي اوير طرف هلڻ شروع ڪيو. اهو ڪچو رستو هڪڙي واديءَ ڏانهن ويو ٿي. جڏهن سج ايريو تڏهن ورينيا کي پري پري تائين وادي ڏسڻ ۾ آئي. هڪڙو دريا واديءَ جي وچان وهيو پئي ۽ واديءَ جي چوڌطرف ٽڪريون هُيون. آلپس جا جبل هائي ويجها ٿي ويا هٿا.

هائي هو تڪڙو هلي ڪونه ٿي سگهيا، چو جو رستو خراب هو تنهن ڪري گاڏيون ڏڪا ڪائيندیون آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيون هيون. ورينيا ٻنهنجي بارڙي کي هنج ۾ ڪٽيو ويٺي هئي. هن کاڻ جي پل ذريعي دريا پار ڪيو ۽ ٽڪرين ڏانهن هلندا رهيا. اهو سڄو ڏينهن ڏکيو سفر ڪندي گذريو. گال هاري انهن کي ڏسي ٻنهنجو ڪم ڇڏيو ٻيهيو ٿي رهيا ۽ ٻن عظيم الشان گاڏين ۽ ٽلهن متارن گهوڙن کي ڏسڻ ۾ محو ٿي ٿي ويا. گهٽو ڪري اٽين پٽي ٽيو جو ننڍڙا بار ڍوڙيو سندن ويجهو ٿي آيا ۽ ٻنهنجي ڪليل اکين سان کين ڏسي رهيا هٿا.

پوياڙيءَ مهل جڏهن رستو ڦري رڳو وڃي هڪڙي واٽ بچي هئي، تڏهن اُهي ٽڪرين وٽان لنگهيا جتي هڪڙي وسيع ۽ خوبصورت وادي سندن سامهون پکڙيل هئي. ان وسيع واديءَ ۾ ورينيا کي ڪٽي ڪٽي ڪو ننڍڙو ڳوٺ نظر ٿي آيو ۽ ڪٽي هارين جون جهوپڙيون، جهنگل جا ننڍڙا ننڍڙا قلعا، ننڍيون ننڍيون ندیون ۽ پري کان ڪنهن شهر جو وڏو ڪوٽ نظر اچي رهيو هو. اهو شهر سندن اولهه طرف هو. اُهي ڏکڻ طرف هيٺاهين ڏانهن وڌندا رهيا. آلپس جا جبل ايا گهٽو پري هٿا.

لاهيءَ ۾ لهڻ؛ چڙهائيءَ تي چڙهڻ کان وڌيڪ ڏکيو هوندو آهي. تنهن

ڪري ڳهوڙن کي جهلي جهلي هلائڻو ٿي پيو ۽ رستو به ورن وڪڙن وارو هو. جيستائين هو وادي۽ جي تر تائين پهتا تيستائين اونداهي چانڇجي ويئي هئي. هو آرام ڪرڻ ۽ چند نڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لاءِ ترسي پيا. هن چانڊوڪي۽ ۾ ٿورو گهٽو سفر ڪيو ۽ ٻيهر آرام ڪرڻ لاءِ ترسي پيا. ٻئي ڏينهن صبح جو سوجهرو ٿيڻ شرط ئي هو ٻيهر هلڻ لڳا. ان علاقي ۾ سمورا رستا خراب هئا، پر هو هلندا رهيا ۽ آخرڪار هو انهن ٽڪرين وٽ پهچي ويا جتان آلپس جبل شروع ٿئي ٿو.

هتان فليوئيس ورينيا کان جدا ٿيو. صبح سويري جووقت هو ۽ آسپاس ٻنين ۽ وڻن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نٿي آيو. رستي تي ورينيا کي فليوئيس چيو:

"ورينيا، الله واهي. مون گراڪس سان ڪيل واعدي مطابق پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي ۽ منهنجو خيال آهي ته عيوضي ۾ مليل سندس رقم هاڻي منهنجي لاءِ حلال آهي. مون کي اميد آهي ته نه تون ۽ نه ئي آءٌ ٻيهر روم کي ڏسنداسين. تنهن ڪري اڄ کان پوءِ پاڻ ٻنهي لاءِ اهو شهر مناسب شهر ڪونه رهيو آهي. آءٌ تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي هِن ننڍڙي ٻارڙي لاءِ خوش بختي ۽ خوشحاليء جي دعا ڪريان ٿو. هِتان کان هڪڙي ميل جي پنڌ تي هارين جو هڪڙو ڳوٺ آهي. تنهن ڪري بهتر آهي ته اُهي توکي گاڏي تي ايندي نه ڏسن. هِن ٽيلهيء ۾ تنهنجي لاءِ هڪ هزار سيسٽرس پيل آهن، جيڪي هڪ سال تائين تنهنجي ڪاڏي پيتي ۽ ڪپڙي گندي لاءِ ڪوڙ آهن. هاري ويچارا سادا ماڻهو آهن. ۽ جيڪڏهن تون جبل جي هُن پار پنهنجي اباڻي وطن وڃڻ چاهين ته هو تنهنجي مدد ڪندا. پر آءٌ توکي ائين ڪرڻ جي صلاح ڪونه ڏينداس. انهن جبلن تي رهندڙ ماڻهو وحشي آهن ۽ اڻواقف ماڻهن کان نفرت ڪن ٿا ۽ وري پي ڳالهه هيء آهي ته اُتي توکي تنهنجو قبيلو بنهه ڪونه ملي سگهندو. جرمن قبيلا جهنگل ۾ هيڏانهن هوڏانهن لڏپلاڻ ڪندا رهن ٿا. تنهن ڪري ڪنهن قبيلي کي ڳولي لهڻ ناممڪن هوندو آهي. پي ڳالهه هيء ته مون ٻڌو آهي ته آلپس جي هُن پار وارو جهنگل هڪڙي ٻار جي پرورش لاءِ تمام غير مناسب جاءِ آهي. هتي ڪٿي آباد ٿي وڃ. هيء جاءِ مون کي ته ڪانه ٿي وڻي پر اِها تنهنجي پنهنجي خواهش هئي."

"ها، منهنجي اِهائي خواهش هئي." ورينيا چيو. "فليوئيس، آءٌ تنهنجي انتهائي ٿوراڻتي آهيان."

پوءِ هن گاڏيون واپس پوئتي موڙيون ۽ ورينيا اتيئي ٻيني ٻارڙي کي ٻانهن ۾ ڪنيو ڪين ويندو ڏسي رهي هئي. هوءَ هن کي تيستائين ويندو ڏسندي رهي جيستائين نه هو نظرن کان غائب ٿي ويا.

پوءِ هوءَ رستي تي ويهي رهي ۽ ٻارڙي کي ڇڃ پيارڻ لڳي. ان کان پوءِ هوءَ

رستو وٺي هلڻ لڳي. اهو گرم موسم جو هڪڙو خوبصورت ۽ ٺڏو صبح هو. سج صاف ۽ شفاف آسمان تي ظاهر ٿي رهيو هو. پکي پکڙ لاتيون لنوي رهيا هئا. ماکيءَ جون مکيون پون پون ڪنديون هڪڙي گل کان ٻئي گل جو رس چوسي رهيون هيون.

ورينيا تمام گهٽي خوش هئي. اِها خوشي اهڙي خوشي هئي جيڪا هن اسپارٽيڪس سان گڏ ڪانه ڏٺي هئي، پر هُن زندگيءَ جو علم ۽ زنده رهڻ جون خوبيون هِن جي لاءِ ورثي ۾ ڇڏيون هيون. هوءَ زنده هئي ۽ آزاد هئي ۽ سندس ٻار جيئرو ۽ آزاد هو. تنهنڪري هوءَ خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ ڪانه پٽي مايي ۽ اميد ۽ نيڪ خواهشن سان مستقبل کي ڏسي رهي هئي.

[2]

هيءَ هئي ورينيا جي ڪهاڻي. ڪوبه ماڻهو اڪيلو نٿو رهي سگهي، ۽ جنهن ڳوٺ ۾ هوءَ آئي هئي، اُهو گال جي هارين جو هو. هن هڪڙي ماڻهوءَ وٽ مٿو لڪائڻ جيتري جاءِ ڳولي ڪڍي، جنهن جي زال ٻار ڄمڻ وقت گذاري ويئي هئي. شايد ماڻهن کي خبر هئي ته ورينيا هڪڙي ٻڪل غلام آهي. پر اُن ڳالهه جي ڪابه اهميت ڪانه هئي. سندس ٻُڌا ٽج سان پريل هئا ۽ هُن انهن ماڻهن جي هڪڙي ٻار کي ٽج پياري زندگي ڏني. هوءَ هڪڙي بهترين عورت هئي ۽ ماڻهو سندس سادگيءَ ۽ مضبوطيءَ جي ڪري کيس گهٽو پائيندا هئا.

هوءَ جنهن ماڻهوءَ جي گهر آئي هئي، سو هڪڙو عام هاري هو ۽ لکڻ پڙهڻ ڪونه ڄاڻندو هو ۽ کيس رڳو محنت ڪرڻ ٿي ايندي هئي. هُو اسپارٽيڪس ته ڪونه هو، پر اسپارٽيڪس کان بنهه مختلف به ڪونه هو. کيس زندگيءَ سان محبت هئي، هنکي ڪاوڙ تمام دير سان ايندي هئي. هُو پنهنجي ٻارن سان تمام گهٽو پيار ڪندو هو. (سندس ته هڪڙو ٻار هو، ٻيو اُهو جيڪو ورينيا پاڻ سان گڏ آندو هو.)

هو ورينيا سان محبت ڪندو هو، ڇاڪاڻ ته هوءَ ٻاهران سندس لاءِ آئي هئي ۽ ٻيو هي ته هوءَ پاڻ سان زندگي کڻي آئي هئي. آهستي آهستي وقت گذرڻ سان گڏ ورينيا به هُن جي حال محرم ٿي ويئي ۽ سندس احساسن جو جواب ڏيڻ لڳي. هن سندن ٻولي آرام سان سکي ورتي. اُن ٻوليءَ جو بنياد لاطيني ٻولي هئي ۽ اُن ۾ ڪيترائي گال لفظ ملي ويا هئا. هن هٿ جا رسمون ۽ رواج سکي ورتا، جيڪي سندس قبيلي جي رسمن رواجن کان گهڻو ڪو مختلف ڪونه هئا. هو ٻنيون آباد ڪندا هئا. هو فصل جو ڪجهه حصو پنهنجي ڳوٺ جي ديوتائن کي ڏيندا هئا ۽ ڪجهه حصو ڊل وصول ڪندڙ کي ڏيندا هئا ۽ ڪجهه حصو روم کي ڏيندا هئا. هو

زنده هٿا، مري ويندا هٿا، نچندا هٿا، ڳائيندا هٿا، روئندا هٿا ۽ شاديون ڪندا هٿا. سندن زندگيون موسمن جي لحاظ سان گڏوگڏ گذرنديون هيون.

دنيا ۾ عظيم تبديليون ظاهر ٿي رهيون هُيون، پر انهن وٽ اهي تبديليون انتهائي سست رفتاريءَ سان پهچي رهيون هيون. اٿين پٿي لڳو جڻ دنيا ۾ ڪجهه ٿئي ئي ڪونه پيو.

ورينيا سکي ستابي هئي. هر سال هڪڙو هار جڙي رهي هئي. اُن شخص مان ڪيس ست هار ٿيا. ان کان پوءِ سندس عمر اُن حد کي پهچي ويئي جنهن کان پوءِ عورت وڌيڪ هار ڪونه جڙيندي آهي. ننڍڙو اسپارٽيڪس انهن هارن سان گڏ وڏو ٿي رهيو هو. هو ڊگهو، مضبوط ۽ سڏو چوڪرو هو. جڏهن هُو ستن سالن جي عمر کي پهتو تڏهن هُن پهريون پيرو ڪيس ٻڌايو ته سندس پيءُ ڪير هو ۽ هُن ڇا ڪجهه ڪيو هو. هوءَ حيران هئي ته ننڍڙو هار ڪيترينقدر نه سمجهدار هو. اُن ڳوٺ ۾ اسپارٽيڪس جو نالو ڪنهن به ڪونه ٻڌو هو. عظيم واقعا، جن کان قرتي ڏهيو ٿي ويئي، پر انهن جو هِن ڳوٺ تي ڪو خاص اثر ڪونه ٿي پيو. ۽ جڏهن پيا هار به (چار چوڪرا ۽ ٽي چوڪريون) وڏا ٿي ويا تڏهن ورينيا انهن کي به ڪيترا ييرا اسپارٽيڪس جو قصو ٻڌايو هو. هن هنن کي ٻڌايو ته ڪهڙي طرح هڪڙو عام ماڻهوءَ، جيڪو هڪڙو غلام هو، ظلم ۽ جبر جي خلاف اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪهڙي طرح چٽن سالن تائين عظيم الشان روم سندس نالو ٻڌي ڏڪي ويندو هو. هُن هنن کي انهن غمگين معدني کاڻين جي باري ۾ به ٻڌايو جتي اسپارٽيڪس پورهيو ڪندو هو ۽ کين ٻڌايو ته هُو ڪهڙي طرح هٿ ۾ چاقو ڪٽي رومين جي آکاڙي ۾ وڙهيو هو. هن هنن کي ٻڌايو ته هو ڪيترينقدر سٺو، شريف ۽ مهربان هو. هن ڪڏهن به اسپارٽيڪس کي انهن ماڻهن کان پري نه رکيو جن جي وچ ۾ هوءَ رهندي هئي. بيشڪ جڏهن هن اسپارٽيڪس جي ساٿين جي باري ۾ کين ٻڌايو ته هوءَ انهن جي مشابهت ڳوٺ جي ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪري ٻڌائيندي هئي، ۽ جنهن وقت هوءَ قصا ٻڌائيندي هئي تڏهن سندس مڙس رشڪ ۽ حيرت مان ٻڌندو هو.

[3]

ورينيا جي زندگي ايتري سولي به ڪانه هئي. هوءَ صبح کان وٺي شام تائين محنت ڪندي هئي. هوءَ گاهه ويندي هئي، ڪُريءَ سان گڏ ڪندي هئي. ٽانوَ ٻهارو ڪندي هئي، چرخو هلائيندي هئي ۽ سلائيءَ جو ڪم ڪندي هئي. سندس ڳوريءَ چمڙيءَ کي سج جلائي ۽ ڪاڙهي ڪارو ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس خوبصورتي غائب ٿي چڪي هئي. پر سندس خوبصورتي ڪڏهن به سندس لاءِ اهم

ڪانڌ هئي. جڏهن به هوءَ ماضي جي باري سوچڻ بند ڪندي هئي تڏهن هوءَ زندگيءَ جو ٽورو مڃيندي هئي، جنهن کيس گهٽو ڪجهه عطا ڪيو هو. هُن اسپارٽيڪس جو ماتم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو هو. اسپارٽيڪس سان گڏ گذاريل زندگي هاڻ رڳو هڪڙو خواب بنجي ويو هو.

جڏهن سندس پهريون چوڪرو ويهن سالن جو ٿيو هو، تڏهن کيس بخار ٿي پيو هو ۽ هوءَ تن ڏينهن کان پوءِ مري ويئي. سندس موت ڏاڍو تکڙو ٿيو ۽ ڪو گهٽو دردناڪ ڪونه هو ۽ جڏهن سندس مڙس، پٽ ۽ ڏيئرن روئي پٽي واندا ٿيا تڏهن کيس ڪفن ۾ ويڙهي زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيائون.

اُن جي موت کان پوءِ اُن هنڌ تي تبديليون اچڻ لڳيون. محصول وڌڻ لڳا ۽ انهيءَ واڌ جو ڪو انت ڪونه هو. هڪڙو ته برساتن نه پوڻ سبب فصل جو گهٽو حصو تباهه ٿي ويو هو، پيو وري مٿان رومي سپاهي اچي پهتا. جيڪي ڪٽنب محصول ڏيڻ جي لائق ڪونه هئا، تن کي گهرن ۽ ٻنين مان تڙي ڪڍيو ويو، ڳڇيءَ ۾ نيٽر پهرائي کين وڪڻڻ لاءِ روم نيو ويو.

مگر اتي جي سيني رهواسين اِهو عمل قبول ڪونه ڪيو هو. اسپارٽيڪس ۽ پائر پينرون ۽ ٻيا ڳوٺاڻا ڏکڻ طرف جهنگل ۾ ڀڄي ويا. اُهي جهنگل آلپس جي وحشتن ۾ موجود هئا. اتي هو شاهه بلوط جي ميوي، وڻن ٻوٽن جي پاڙن ۽ معمولي شڪار تي گذر سفر ڪرڻ لڳا ۽ هڪڙي غريب دربدر زندگي گذارڻ لڳا ۽ جڏهن اُن زمين تي هڪڙو عظيم محل نهڻ لڳو، جيڪا ڪنهن زماني ۾ سندن پنهنجي هئي، تڏهن هو هيٺ لهي آيا ۽ اُن محل کي ڦري لُٽي پڇاڙيءَ ۾ ويندي ويندي باهه ڏيئي ساڙي رک ڪري ڇڏيائون.

پوءِ سپاهي جهنگ ۾ آيا ۽ هاري جابلو قبيلن سان گڏجي سپاهين سان جنگ ڪرڻ لڳا. پڄي نڪرندڙ غلام به اچي انهن سان مليا ۽ پوءِ سال بسال انهن بي ثمرن جي جنگ شديد تر ٿيندي ويئي. ڪڏهن ڪڏهن سپاهي انهن جي قوت کي تباهه ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن باغين جي قوت ايتري ته وڌي ويندي هئي جو اُهي ميدان تي يلغار ڪندا هئا ۽ سڀ ڪجهه تباهه ۽ برباد ڪري باهه لڳائي ڇڏيندا هئا.

زندگيءَ جي اهڙي راهه تي هلندي اسپارٽيڪس جو پٽ اسپارٽيڪس زنده رهيو ۽ مري ويو. پنهنجي پيءُ وانگر آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندي جنگ ۾ ماريو ويو. اُهي ڪهاڻيون جيڪي هُن پنهنجي اولاد کي ٻڌايون هيون سي گهٽ ڇڻيون ۽ گهٽ صاف هيون. حقيقت تي مبني گهٽ ٿي لڳيون. قصا داستان بنجي چڪا هئا ۽ داستان علامتون ٿي ويون هيون. پر حاڪمن جي خلاف محڪومن جي لڙائي جاري

رهي. هي هڪڙو اهڙو شعلو هو جيڪو ڪڏهن تيز نه ڪڏهن جهڪو جلندو رهيو پر ڪڏهن به وسامیو کونہ ۽ اسپارٽيڪس جو نالوڪڏهن به گم نہ ٿيو. هي ورثو رت جي ذريعي جو نہ هو پر گڏيل جدوجهد جي ذريعي جو ورثو هو.

هڪڙو وقت اچڻو هو، جڏهن روم کي چيري ڦاڙي رکڻو هو. رڳو غلامن جي هٿان نہ پر غلامن، زرعي غلامن، هارين ۽ انهن سان اچي ملندڙن آزاد ماڻهن جي هٿان اِهو کارنامو سرانجام ٿيڻو هو.

۽ جيستائين انسان محنت کندو رهندو ۽ ٻيو انسان اُن جي محنت جو ثمر ۽ نفعو ڦرندو رهندو، تيستائين اسپارٽيڪس جو نالو ياد رکيو ويندو، ڪڏهن چُڻ ٻڻ ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن صاف ۽ وڏي واکي ٿيندڙ رڙين سان.

کتاب مان کنيل ٽکرا:

ـــ جڏهن انسان غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندو آهي، تڏهن هو بنهه گهٽ سوچيندو آهي ۽ هو هميشه ان کان وڌيڪ ڪونه سوچيندو آهي ته ڪيس ٻيهر ڪاڏو ڪيڏي مهل ملندو؟.....

ـــ دنيا جي هر ذلت برداشت ڪري سگهجي ٿي، پر هيءَ ڳالهه ناقابل برداشت آهي ته ماڻهوءَ کي پنهنجو انگ وڪڻ لاءِ به ڪپڙي جو ٽڪر نصيب نه ٿئي. پوءِ اسان ۽ ۽ جانورن ۾ ڪهڙو فرق ٿو رهي.....

ـــ ۽ تڏهين هوءَ اسپارٽيڪس جي اڳيان بنهه الف اگهاڙي بيٺي هئي ـ هن پنهنجي هٿن يا ٻانهن سان پنهنجي اوگهڙ لڪائڻ جي ڪابه ڪوشش ڪانه ڪئي، پر بلڪل سادگيءَ ۽ فخر سان ڪنڌ مٿي ڪريو بيٺي رهي. ڪنهن به بي عزتيءَ ۽ پيڙاهه جو اظهار ڪونه ڪيائين.....

ـــ هڪ قاتل جي حيثيت ۾ چوندڙ جهڙي بي عزتيءَ کان وڌيڪ دنيا ۾ بي ڪابه بي عزتي ڪانه ٿي ٿئي.

ـــ "جيئين ته توهان هڪ سياستدان آهيو، تنهن ڪري مون کي ٻڌايو ته هڪ سياستدان ڇا هوندو آهي؟"
"هڪ دغاباز" مختصر جواب مليو.

ـــ صليب تي صرف ۽ شيون موجود هونديون آهن: هڪ درد ۽ پيڙاهه ۽ ٻيو نه ڪنڊڙ وقت. ماڻهو چون ٿا ته آءٌ فقط چوويهه ڪلاڪ ئي صليب تي ٽنگيل هئس، پر آءٌ ته ان وقت کان وٺي صليب تي ٽنگيل هئس جڏهن هيءَ دنيا به اڃا ڪانه ٺهي هئي! جيڪڏهن وقت نه هجي ته پوءِ هر گهڙي "هميشه" هوندي آهي.

ـــ خدا فقط اميرن جون ئي دعائون ٻڌندو آهي ـــ تنهن ڪري هُن خدا کي ڪونه ٻاڏايو. اميرماڻهن کي صليب تي ڪونه چاڙهيو ويندو آهي، جڏهن ته هُن جي سموري زندگي صليب تي ٽنگجي گذري هئي ۽ سندس هٿن جي ترين ۾ ڪوڪا ازل کان عبد تائين ٺوڪيا پيا هئا.

ـــ ڪرسي ڪڏهن به ڪافي نه هوندي آهي. دولت ڪڏهن به ڪافي نه هوندي آهي، ڪرسيءَ ۽ دولت مان ماڻهو ڏاپندو ئي ڪونهي.....

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.